
معارف

سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لُواريءَ وارو

(1125هـ- 1188ھ = 1713ع - 1775ع)

مولف ۽ شارح: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي

(1130ھ، 1618ع_ 1192 ھ)



سنڌي ترجمو: مولانا حافظ محمد رمضان

تحقيق: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو،

ڇاپو: 2018ع

فهرست

ڪاتب طرفان لکيل عبارت (ص 500)

ڪلمات قدسيه (يعني ارشادات سلطان الاولياء خواجه محمد زمان رحمة الله،

1125- 1188 ه،/ 1713- 1775ع

عربيءَ ۾ مولف ۽ شارح شيخ محمد عابد سيوهاڻي، سنڌي مدني، ولادت 1192 مطابق 1778ع، وفات 1257ھ 1841ع

سال تاليف 1247ھ، 1832ع

ضميمو ب ”الورد المحمدي“ يعني ”فتح الفضل“ جي فارسي ترجمي ۾ مترجم طرفان ڪيل اضافا ۽ سمجهاڻيون

فارسي مترجم ۽ شارح سيد نور علي شاھ بن سيد پير محمد لکوي (فارسي ترجمي ۽ تاليف جو سال 1239ھ مطابق 1823ع

3 . ڏسٽيون (فهرستون)

فهرست : متن ۾ آيل قرآن جون آيتون (757)

فهرست: متن ۾ آيل ڪتاب

ڪتابيات: عربي

ڪتابيات فارسي

ڪتابيات سنڌي

ڪتابيات انگريزي (795)

ڇپائيندڙ پاران

سنڌ کي صوفين جي سرزمين سڏيو ويو آهي ۽ ان جو ثبوت سنڌ جا وڏا صوفي بزرگ ۽ درويش، عالم ۽ شاعر آهن. جيستائين سنڌ جي وڏن صوفي شاعرن جو تعلق آهي جهڙوڪ: قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه لطف الله قادري، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، عبدالرحيم گرهوڙي، سچل سرمست، عبدالقادر بيدل، روحل ۽ حمل فقير وغيره ته انهن جو پيغام سندن شاعري يا ڪلام ذريعي هر وقت سنڌ جي عوام تائين شايع ٿي پهچندو رهيو آهي ۽ اِن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو، ته اهو ڪلام سنڌي سماج جي شعور ۽ صوفيانه مزاج جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو.

ليڪن جيستائين سنڌ جي صوفي بزرگن ۽ عالمن جي نثري تصنيفات جو تعلق آهي، ته اِن ڏَس ۾ گذريل ڪجهه سالن ۾ چڱي خاصي پيش رفت ٿي آهي ۽ ان جو سهرو سنڌ جي محقق جناب ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب جي سِر تي آهي، جنهن ڪافي سال اڳ ’سنڌ ۾ تصوف جا اهم فڪري ماخذ‘ مقالو لکي ان راهه جي نشاندهي ڪئي.

هيءُ ڪتاب جيڪو سنڌ جي وڏي صوفي بزرگ ۽ عالم سلطان الاوليا خواجه محمد زمان لواريءَ واري جي اقوالن تي مشتمل آهي، انهن جو عربيءَ ۾ مؤلف ۽ شارح سنڌ جو ٻيو وڏو صوفي عالم ۽ شاعر شيخ عبدالرحيم گرهوڙي آهي. هن عربي

ڪتاب جو مڪمل سنڌي ترجمو جديد تحقيقي انداز ۾ پهريون دفعو شايع ٿي رهيو آهي.

محمد زمان لواريءَ وارو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ننڍو معاصر هو ۽ عام روايت موجب شاهه عبداللطيفرحه جي ساڻس ملاقات ٿي هئي. هو سنڌي زبان جو شاعر به هو ۽ خاص طور تصوف جي علمي دنيا ۾ سندس چوراسي عارفانه بيت وڏي اهميت رکن ٿا. وري عبدالرحيم گرهوڙي سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ پهريون وڏو عالم ۽ صوفي به آهي، ته سنڌي ٻوليءَ جو شاعر به آهي، جيئن سندس ڪلام مان واضح ٿئي ٿو. هن ڪتاب ۾ سلطان الاولياء جا ٻيا مقولات يا اقوال ‘ڪلمات قدسيه’ جي نالي سان پڻ شامل آهن، جن جو مؤلف شيخ عابد سنڌيءَ جهڙو عالم ۽ فقيه آهي.

سنڌي ادبي بورڊ ڊاڪٽر سومري صاحب جي سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ جي هڪ اهم ڪڙيءَ کي وڏي مانَ ۽ شانَ سان شايع ڪري رهيو آهي. آئنده به اسان اهڙين علمي تحقيقن ۽ ڪاوشن کي شايع ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي روح روان عاليجناب مخدوم جميل الزمان صاحب ۽ معزز ميمبر صاحبان جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن جي هر وقت رهنمائي ۽ دلچسپيءَ سبب بورڊ ڪيترائي نوان تحقيقي ڪتاب شايع ڪرايا آهن.

اميد ته اسان جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي علمي حلقن ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺي ويندي.

25 رجب المرجب 1439ھ

الھڏتو وگھيو

سيڪريٽري

12- اپريل

2018ع

مقدمو

(ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو)

(الف) نقشبندي سلسلو ۽ ان جي هند ۾ آمد ۽ عروج

سنڌ هند ۾ تاريخي لحاظ کان قادري، چشتي ۽ سهروردي سلسلا آڳاٽا آهن جيڪي ڇهين ۽ ستين صديءَ کان پنهنجي سڃاڻپ رکن ٿا. نقشبندي سلسلي جو آغاز اٺين صديءَ ۾ خواجه بهاءُالدين محمد نقشبند (718- 791) کان ٿئي ٿو جنهن جو تعلق وچ ايشيا جي مشهور شهر بُخارا (ازبڪستان) سان هو. حسب نسب جي لحاظ کان هو امام جعفر صادق رضي الله عنہ جي اولاد مان آهي. بُخارا پهرين صديءَ کان وٺي اسلامي علوم ۽ تهذيب جو وڏو مرڪز هو جتي ٽين صدي هجريءَ ۾ حديث جي وڏي عالم ۽ صحيح بخاري جي مصنف امام اسماعيل بخاريءَ جنم ورتو ۽ هينئر به سندس مزار بُخارا جي پسگردائيءَ ۾ موجود آهي.

جيتوڻيڪ هن سلسلي جو نقشبندي نالو خواجه بهاءُالدين نقشبند جي ڪري عام ٿيو پر اصل ۾ خواجه نقشبند کان مٿي اهو سلسلو "خواجگان" سڏجي ٿو. ڇو ته خواجه نقشبند پاڻ خواجه امير ڪلال (وفات:772ھ) کان ۽ خواجه امير ڪلال وري خواجه محمد بابا سماسي (وفات: 755ھ) کان بيعت ٿيل هو. اهڙيءَ طرح اهو وري خواجه عزيزان علي راميتني (وفات:721ھ) کان، ۽ اهو وري خواجه محمود ابوالخير فغنوي

(وفات:715ھ) کان، ۽ اهو وري خواجه محمد عارف ريوگري (وفات:616ھ) کان، ۽ اهو وري خواجه عبدالخالق غجدواني (وفات:575ھ) ۽ اهو وري خواجه ابو يوسف همداني (وفات:535ھ) کان دست بيعت هو.

خواجه ابو يوسف همدانيءَ کان مٿي هي سلسلو خواجه ابوعلي فارمدي (وفات : 477 ھ) ۽ تنهن کان مٿي خواجه ابوالحسن خرقاني (وفات:425ھ) ۽ تنهن کان مٿي خواجه بايزيد بسطامي (وفات:261ھ) تائين پهچي ٿو. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته خواجه بايزيد بسطامي ۽ خواجه ابوالحسن خرقانيءَ جي وچ ۾ هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصو حائل آهي. اهوئي سبب آهي جو نقشبندين جي مشهور روايت آهي ته خواجه ابوالحسن خرقانيءَ کي خواجه بايزيد بسطاميءَ کان فيض اويسي طريقي سان مليو آهي.

اهڙيءَ طرح بايزيد بسطامي وري پاڻ امام جعفر صادق رضي الله عنہ کان اويسي طريقت جي نسبت رکي ٿو. ڇو ته امام جعفر صادق رضي الله عنہ جي وفات ۽ خواجه بايزيد جي جنم ۾ ويهن سالن جي وٿي آهي. جنهن ڪري ظاهري صحبت ملاقات جي صورت ۾ ثابت ناهي ۽ ان لاءِ پڻ اويسي نسبت ٻڌائي وڃي ٿي.

امام جعفر صادق رضي الله عنہ حضرت قاسم بن محمد بن ابوبڪر رضي الله عنہ کان ۽ اهو وري حضرت سلمان فارسي رضي الله عنہ کان ۽ اهو وري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله

عنهٔ کان طريقت جي شجري ۾ ذڪاريل آهي ۽ ائين نقشبندي سلسلو آخر ۾ رسول الله ﷺ تائين پهچي ٿو.

هندستان ۾ نقشبندي سلسلو خواجه باقي بالله (971 - 1011) جي ذريعي ڦهليو. هن جو اصلي نالو محمد باقي هو ۽ ڪابل ۾ ڄائو هو سندس خاندان جو تعلق وچ ايشيا سان هو. علم جي تحصيل واسطي ڪجهه وقت سمرقند ۾ رهيو. جوانيءَ کان سندس لاڙو تصوف جي طرف هو شروع ۾ هو خواجه عبيد ڪابليءَ کان بيعت ٿيو. ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ امير عبدالله بلخيءَ کان ذڪر ورتائين، ۽ ٻه سال نقشبندي سلسلي جو ذڪر ۽ مراقبو ڪندو رهيو. اهو 994 ھ جو زمانو هيو جو خواجه صاحب جو لاهور ۾ اچڻ ٿيو. اڪبر بادشاھ پڻ انهيءَ سالن ۾ لاهور ۾ ترسيل هو. اڪبر بادشاھ جي خاص معتمد شيخ فريد بخاري سان ويجهڙائپ پيدا ٿيڻ ڪري هو لاهور ۾ رهڻ لڳو. سال 1002ھ جي آخر ڌاري دهلي آيو، جتي چشتي بزرگ قطب عالم وٽ رهڻ لڳو. هڪ سال بعد شروعات ۾ امڪنه جي شهر ۾ پهتو، جتي حضرت مولانا خواجه امڪنگي سان بيعت ڪري فيضياب ٿيو، جنهن ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ کيس هندستان واپس وڃڻ جو حڪم ڪيو. اندازو آهي ته واپسيءَ ۾ هڪ سال جو عرصو لاهور ۾ ترسڻ بعد سال 1006ھ ۾ دهليءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين.
خواجه امڪنگيءَ جي طريقت جو سلسلو خواجه بهاءُالدين نقشبند تائين هن ريت پهچي ٿو:

خواجه علاؤالدين عطار خواجه بهاءُالدين نقشبند جو وڏو خليفو هو جنهن کان وري خواجه يعقوب چرخي فيض حاصل ڪيو هو. جيتوڻيڪ خواجه يعقوب چرخي پاڻ خواجه بهاءُالدين نقشبند جي صحبت پڻ پرائي هئي. خواجه يعقوب چرخيءَ جو مشهور خليفو خواجه عبيدالله احرار هو، جنهن جو خاص عقيدتمند فارسيءَ جو باڪمال شاعر ۽ عالم مولانا جامي آهي. خواجه احرار جي خليفن مان مولانا محمد زاهد سلوڪ ۾ وڏو نالي وارو ٿيو ۽ کانئس پوءِ ان جو پاٽيجو خواجه درويش محمد ٿيو. خواجه محمد امڪنگي سندس پٽ ۽ خليفو هو. خواجه باقي بالله نقشبندي سلسلي ۾ کانئس بيعت ٿيو.

تاريخي روايتن موجب دهليءَ ۾ رهائش دوران خواجه باقي بالله کي اڪبري دربار جي نهايت با اثر شيخ فريد بخاريءَ جي پوري حمايت حاصل رهي، جنهن پاڻ کي سندس وڏو معتقد ثابت ڪيو. اهو خواجه صاحب جي روحاني شخصيت جو ڪمال هو جو وقت جا وڏا عالم به ڏانهس رجوع ٿيڻ لڳا. شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ جهڙو عالم فاضل شخص، جيڪو قادري سلسلي سان وابسته هو، سو پڻ خواجه صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ نقشبندي ذڪر جي تلقين ورتائين. مڪتوبات شيخ عبدالحق ۾ اهڙا ست مڪتوب موجود آهن جيڪي خواجه باقي بالله ڏانهن لکيل آهن.

اهوئي زمانو هيو جڏهن مغل شهنشاهه اڪبر(1556/963 کان 1605/1014) جو ستارو عروج تي هيو ۽ مغل سلطنت هر

لحاظ کان مستحڪم ۽ ترقي پذير هئي. اڪبر جيئن ته شروعاتي تعليم حاصل نه ڪئي هئي ۽ شاهي دربار ۾ هر قسم جي عالمن کي رسائي مليل هئي، ان ڪري اڳتي هلي هو علمي بحث مباحثن ۾ وڌي دلچسپي وٺڻ لڳو هو. جيتوڻيڪ بذاتِ خود اها ڪا بري ڳالهه نه هئي ۽ علمي ۽ عقلي بحثن ذريعي اعتدال پسند روشن خياليءَ (Enlightenment) جي پيدا ٿيڻ جي اميد هئي، پر ان جي بجاءِ ان جو نتيجو اڪبر طرفان ”دين الاهي“ جي نئين شڪل ۾ مذهب کي چيڙڻ جي صورت ۾ نڪتو. جنهن سان خيال ۽ فڪر جي آزاديءَ جي بجاءِ وڌيڪ ذهني غلاميءَ ۽ انتشار جو آغاز ٿي ويو. اها هڪ اهڙي صورتحال هئي جنهن سان مذهبي حلقن ۾ سخت تشويش ۽ مخالفت جي لهر ڇانئجي وئي.

شيخ احمد سرهندي (1564/971 = 1624/1034) هڪ نوجوان عالم جي حيثيت ۾ ڪجهه وقت لاءِ هندستان جي تختگاه ”آگره“ ۾ اچي رهيو. جتي سندس واسطو ابوالفضل جهڙن عالمن سان پيو، پر جلد ئي هو فتنه انگيز ماحول کان تنگ ٿي پنهنجي ڳوٺ سرهند واپس هليو آيو. جتي سندس والد 1007ھ ۾ وفات ڪئي. هو ڪجهه وقت کان پوءِ حج جي ارادي سان دهليءَ پهتو، جتي سندس گهاٽي دوست مولانا حسن ڪشميريءَ خواجه باقي بالله سان ملاقات لاءِ آماده ڪيو. پهرين ملاقات ئي وڏي روحاني انقلاب جو پيش خيمو ثابت ٿي ۽ شيخ احمد پاڻ کي هميشہ لاءِ نقشبندي طريقي سان وابسته ڪري ڇڏيو.

ياد رکڻ گهرجي ته شيخ احمد جو والد شيخ عبدالاحد فاروقي چشتي سلسلي سان تعلق رکندڙ هو ۽ شيخ احمد کي به اهڙي تربيت ڏني هئائين. شيخ احمد پنهنجي مرشد خواجه باقي بالله سان 1012ھ ۾ سندس وفات تائين صرف ٽي دفعا ملاقات ڪئي. ليڪن مرشد ڏانهن لکيل مکتوبات مان خبر پوي ٿي ته هن روحاني تعلق منجهس نئين قسم جي فڪري ۽ ذهني تبديلي آڻي ڇڏي هئي. شيخ احمد جي انهن مشاهدن ۽ روحاني وارداتن جو مختصر احوال سندس مختصر تصنيف ’مبداء معاد‘ ۾ ملي ٿو. ساڳي قسم جي مشاهدن ۽ پنهنجي روحاني مقامات ۽ عروج جو احوال ٻين رسالن ’مڪاشفات عينيه‘ توڙي ’معارف لدنيه‘ ۾ پڻ ڪري ٿو.

بهرحال شيخ احمد جو اصل ڪارنامو سندس مکتوبات آهن جن جو ڪل تعداد پنج سئو ڇوٽيهه آهي ۽ اهي ٽن دفترن جي صورت ۾ موجود آهن. هن اهي مکتوب يا ٻگها خط جيڪي سندس فڪر کي واضح ڪن ٿا، اڪبري دربار جي با اثر شخصيتن توڙي وقت جي ٻين عالمن ۽ مشائخن ڏانهن لکيا. اها حقيقت آهي ته هو انهن خطن ذريعي پنهنجي اصلاحي پيغام ۾ ڪامياب ويو. هڪ ڳڻپ موجب ستر خط اهڙا آهن جيڪي وقت جي اهم سياسي شخصيتن ڏانهن لکيل آهن جن ۾ اوڻويهه خط فقط شيخ فريد بخاريءَ ڏانهن آهن. جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو ته فريد بخاريءَ کي اڪبر جي دربار ۾ وڏو اثر رسوخ حاصل هو. بلڪ

اهو ساڳيو فريد بخاري هو جيڪو شيخ احمد جي مرشد خواجه باقي بالله جو وڏو معتقد ۽ حمايتي هو.

شيخ احمد جا اهي خط جتي دقيق فارسي نثر جا شاهڪار آهن اتي هو تصوف جي بنيادي تصورات جهڙوڪ ‘توحيد وجودي’ وغيره جي نئين تشريح ۽ تعبير ڪري ٿو ۽ تصوف جي پوري تاريخ کي زيرِ بحث آڻيندي پنهنجي ‘توحيد شهودي’ جي تصور کي اجاگر ڪري ٿو. هو ‘توحيد وجودي’ واري نظريي کي بلڪل رد نه ٿو ڪري پر چوي ٿو ته اهو سالڪ جي ابتدائي ڪيفيت يعني مشاهدي جي حالت آهي. اسان هن کان اڳ پنهنجي ڪتاب ‘مڪمل شرح ابيات سنڌي’ ۾ ‘وحدت الوجود’ ۽ ‘وحدت الشهود’ جي عنوان تحت تفصيلي بحث ڪري چڪا آهيون.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو لڳي ته وحدت الوجود جي اها عام قسم جي تشريح ئي هئي جيڪا هڪ لحاظ سان عام ماڻهن جي گمراهيءَ جو سبب بنجي رهي هئي چو ته ان جي هڪ طرفي تعبير سان هدايت ۽ گمراهيءَ جو تصور باقي نه ٿي بچيو ۽ نه وري خدا ۽ غير خدا جي تفريق ئي قائم رهي پئي سگهي. شيخ احمد طرفان وحدت الوجود جي اها سمجهاڻي وقت جي اهم ضروروت هئي ۽ اهو فرق اثرائتي نموني ۾ بيان ڪرڻ ئي سندس وڏي ڪاميابي هئي. اهو ان ڪاميابيءَ جو نتيجو هو جو تاريخ اڄ تائين کيس ”مجدد الف ثاني“ يعني ٻئي هزار سال جي مجدد جي لقب سان ياد ڪري ٿي.

اڪبر بادشاھ جي سال 1014ھ/1605ع ۾ وفات ڪان پوءِ جڏھن جھانگير تخت نشين ٿيو ته ھن مذھب جي باري ۾ گھڻو محتاط ۽ مثبت رويو اختيار ڪيو، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ مصلحت آميز پڻ ھيو، بلڪ ان سان اڪبر جي ڪيترين اوڻاين جو ازالو ڪيو ويو. ايتريقدر جو مجدد الف ثاني مڪتوبات ۾ ھڪ ٻن ھنڌن تي جھانگير بادشاھ جي انھيءَ روش جي تعريف ڪئي آھي. ھوڏانھن مجدد الف ثاني مڪتوبات ذريعي پنھنجي صوفيانه ۽ اصلاحي فڪر کي وڌيڪ ڦھلائيندو رھيو. آخر سال 1616ع ۾ جڏھن مڪتوبات جو پھريون دفتر جنھن ۾ ٽي سئو تيرھن مڪتوبات ھيا، منظر عام تي آيو ته ان جو پڙاڏو جھانگير جي ڪنن تائين پھتو. 'توزڪ جھانگيريءَ' مان پتو پوي ٿو ته جھانگير مشاھدي ۽ مطالعي جو شوقين ھو ۽ مڪتوبات جي ھڪ عبارت بابت کيس گھڻو بدظن ڪيو ويو. جھانگير جي پنھنجي لکڻ مان وڌيڪ معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت تائين ھندستان جي ڪيترن وڏن شھرن ۾ مجدد جا خليفا چڱو اثر رسوخ قائم ڪري چڪا ھئا. جھانگير جي تخت نشينيءَ جو اھو چوڏھون سال ھو جو جھانگير مجدد الف ثانيءَ کي دربار ۾ گھرايو ۽ ساڻس سوال و جواب ڪيائين. جھانگير توزڪ ۾ لکي ٿو ته "ھو مون کي سوالن جا اطمينان جوڳا جواب نه ڏئي سگھيو جنھن ڪري مون کيس قلعي گواليار ۾ قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنو".

سوانح نگارن جي لکڻ موجب مجدد الف ثاني لڳ ڀڳ ھڪ سال قيد ۾ رھيو جنھن کان پوءِ کيس آزاد ڪيو ويو. معلوم ٿئي ٿو

ته رهائي بعد جهانگير جي رويي ۾ وڏي تبديلي آئي ۽ هاڻي هو شيخ احمد جي وڏي عزت ڪرڻ لڳو. آزاد ٿيڻ سان کيس خلعت ۽ هڪ هزار رپين جي نوازش ڪيائين ۽ کيس اختيار ڏنائين ته هو پنهنجي گهر واپس وڃي يا بادشاهي لشڪر سان گڏ رهي. شيخ احمد پوئين صورتحال جو انتخاب ڪيو ۽ هو ٽي سال شاهي لشڪر سان گڏ رهيو. هڪ دفعي جهانگير شيخ احمد جي وعظ ۽ نصيحت کي چڱيءَ طرح غور سان ويهي ٻڌو. هڪ ٻئي موقعي تي پنهنجي سالگره جي ڏينهن شيخ احمد کي ٻه هزار رپين جي انعام سان نوازيائين. اهڙيءَ طرح 1032ھ تائين يعني پنهنجي وفات کان ٻه سال اڳ تائين شيخ احمد شاهي لشڪر سان گڏ رهيو، جيڪا هڪ لحاظ سان سندس وڏي ڪاميابي هئي.

هڪ ٻي تاريخي روايت موجب جهانگير جي پٽن مان شهزادو خرم يعني شاهجهان مجدد الف ثانيءَ جي خيالات کان گهڻو متاثر هو جنهن ڪري شاهي دربار جو ماحول گهڻو موافقت وارو ٿي چڪو هو. مجدد الف ثاني 1034ھ/1624ع ۾ وفات ڪئي ۽ جهانگير ٽي سال پوءِ 1037ھ/1627ع ۾ فوت ٿيو. جهانگير کان پوءِ شاهجهان تخت نشين ٿيو. هو نوجوانيءَ کان مذهبي خيالن وارو هو ۽ نماز روزي جي پابندي ڪندڙ هو. هن سلطنت ۾ ڪافي اهڙا حڪمناما جاري ڪيا جن مان سندس مذهبي رجحان جي عڪاسي ٿي رهي هئي. اندازو آهي ته اهڙين ڳالهين جي ڪري نقشبندي سلسلي کي وڌيڪ فروغ حاصل ٿيو. شاهجهان پاڻ درويشن ۽ بزرگن سان وڃي ملاقاتون ڪندو هو.

ميان مير سيوهاڻيءَ سان لاهور ۾ هڪ اهڙي تاريخي ملاقات جو ذڪر ملي ٿو جڏهن شاهجهان پنهنجي پٽ دارا شڪوه سان گڏ وٽس حاضر ٿيو هو.

شاهجهان کان پوءِ اورنگزيب جي وقت ۾ نقشبندي سلسلو وڏيڪ اثر رسوخ حاصل ڪري ويو، چو ته اورنگزيب جي مجدد الف ثانيءَ جي پٽن سان وڏي عقيدت هئي، بلڪ ڪن سوانح نگارن کيس خواجه معصوم جو باقاعدي مريد ڄاڻايو آهي. ليڪن اها حقيقت آهي ته اورنگزيب جي ساڻن خط وڪتابت هئي ۽ مجدد الف ثانيءَ جي وڏي پٽ خواجه محمد سعيد (1005ھ - 1070ھ) جا خط اورنگزيب ڏانهن موجود آهن جيڪي 'مڪتوبات سعيديه' ۾ ملن ٿا جن جو تعداد نو آهي. اهڙيءَ طرح 'مڪتوبات معصوميه' ۾ ڇهه خط ڏانهس لکيل موجود آهن.

نقشبندي حضرات جي تذڪرن موجب اورنگزيب خواجه محمد معصوم عروة الوثقيٰ (1007ھ -1079ھ) کان باقاعده بيعت هو ۽ ڪيئي دفعا سرهند ۾ پڻ حاضر ٿيو هو. بلڪ تذڪرن ۾ ائين به آهي ته اورنگزيب جي تخت نشينيءَ ۾ خواجه محمد معصوم جي دعائن کي به گهڻو دخل آهي. مشهور تذڪره 'روضة القيومية' موجب اورنگزيب جي درخواست تي پهريائين خواجه محمد سعيد ڪجهه وقت لاءِ دهليءَ ۾ اچي رهيو، پر آخري بيماريءَ کان اڳ سرهند واپس هليو ويو.

اهڙيءَ طرح پوءِ وري خواجه محمد معصوم پنهنجي پٽ خواجه سيف الدين (1049ھ -1095ھ) کي شاهجهان آباد ڏياري

موڪليو، جتي اورنگزيب پاڻ سندس وڏو استقبال ڪيو. ڪجھ وقت کان پوءِ اورنگزيب جا پٽ ۽ اورنگزيب جي پيڻ شهزادي روشن آرا بيگم خواجه سيف الدين جا دست بيعت مريد ٿيا.

”مآثرعالمگيري“ موجب اورنگزيب وقت بوقت خواجه سيف الدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هو، ۽ پنهنجي روحاني ذڪر اذڪار جي باري ۾ هدايتون حاصل ڪندو هو. ’مڪتوبات سيفيہ‘ ۾ اورنگزيب ڏانهن گهٽ ۾ گهٽ سورهن مڪتوب موجود آهن، جيڪي اورنگزيب جي روحاني ڪيفيات بابت آهن. اهڙيءَ طرح يارهن خط شهزادي روشن آرا بيگم ڏانهن، ۽ پنج خط اورنگزيب جي پٽ شهزادي معظم ڏانهن لکيل ملن ٿا.

اورنگزيب جي ڌيءَ شهزادي زيب النساءَ لاءِ پڻ چيو وڃي ٿو ته هوءَ مجددي نقشبندي سلسلي سان وابسته هئي، ۽ خواجه معصوم جي پٽ خواجه محمد نقشبند کان بيعت هئي. اهڙي شاهدي خواجه محمد نقشبند جي هڪ مڪتوب مان ملي ٿي، جيڪو پڻ زيب النساءَ ڏانهن لکيل آهي. خواجه محمد نقشبند جي وفات کان پوءِ وري شهزاديءَ خواجه محمد سعيد جي پٽ خواجه عبدالاحد وحدت (وفات:1127ھ) ڏانهن رجوع ڪيو. ان جو ثبوت اهي به خط آهن جيڪي شهزاديءَ ڏانهن خواجه وحدت 1109ھ ۾ حج کان واپسيءَ بعد لکيا جڏهن شهزاديءَ جي عمر ايڪهٽ سال هئي. اهي خط خواجه عبدالاحد جي ’مڪتوبات گلشنِ وحدت‘ ۾ موجود آهن.

(ب)
سنڌ ۾ مجدد الف ثانيءَ جي اولاد جي آمد
(تيرهين صدي)

اورنگزيب عالمگير جي وفات (1118/1707) سان گڏ مغل سلطنت جو زوال شروع ٿي ويو. نادر شاهه جي 1152/1739 ۾ دهليءَ تي حملي ان زوال کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو. مغل سلطنت جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي هڪ طرف پنجاب ۾ سکن ظلم ۽ بربريت جي انتها ڪري ڇڏي، ته ٻئي طرف مرهٽن ايترو زور ورتو جو 1760 ۾ دهليءَ تي قبضو ڪري ورتائون. انهن حالتن ۾ افغانستان جي بادشاهه احمد شاهه ابدالي شاهه ولي الله جهڙن عالمن جي دعوت تي هندستان جو رخ رکيو ۽ 1761 ۾ پاڻيپٽ جي ٽين لڙائي ۾ مرهٽن کي دهليءَ جي تخت کان هميشه لاءِ محروم ڪري ڇڏيائون. انهيءَ کان فقط چار سال اڳ 1757 ۾ پنهنجن جي غداريءَ سبب انگريزن سراج الدوله کان بنگال کسي ورتو. مغل شهزادن جي نااهليءَ جو اهو حال هو جو احمد شاهه ابدالي دهلي فتح ڪرڻ بعد مغل سلطنت جي وارث شاهه عالم ثانيءَ کي سندس ماءُ زينت محل کان خط لکرايو ته اچي تخت سنڀالي، پر هو بهار مان اچڻ جي همت نه ڪري سگهيو. آخر ابدالي سندس ننڍي پٽ جوان بخت کي تخت تي ويهاري پاڻ واپس قنڌار هليو ويو.

احمد شاه ابداليءَ جي وڃڻ کان پوءِ سکن مغلن جي ڪمزوريءَ جو پاڻ وڏيڪ فائدو ورتو ايتريقدر جو 1764 ۾ لاهور تي قابض ٿي ويا. انهيءَ دوران سکن سرهند کي پنهنجو خاص نشانو بنايو. ان جو سبب سندن نظر ۾ اهو هيو ته هو سکن جي گُروءَ جي مغلن هٿان قتل لاءِ مجدد الف ثانيءَ جي پونيرن کي ذميوار سمجهندا هئا، ڇو ته گرو گوبند سنگهه ۽ ان جي پٽن کي بغاوت جي الزام ۾ سرهند ۾ ئي قتل ڪيو ويو هو.

تاريخي لحاظ کان سکن گهٽ ۾ گهٽ چار دفعا منظم حملا ڪري سرهند کي تاراج ڪيو، ۽ آخر 1764ع ۾ پوريءَ ريت قبضو ڪري ورتو، جنهن ڪري گهڻي ڀاڱي مسلمانن، ۽ خاص طور مجدد الف ثانيءَ جي پونيرن لاءِ سرهند ۾ رهڻ ناممڪن ٿي پيو. سرهند ۽ ان جي پسگردائي ۾ حالتون ايتريون خراب ٿي چُڪيون هيون جو ڪيترن هنڌن تي مزارن کي کوٽي، لاشن کي ٻاهر ڪڍي، انهن جي بي حرمتي ڪئي وئي. مشهور نقشبندي بزرگ مظهر جان جانان (وفات:1781/1699) جي مڪتوبن ۾ سکن ۽ مرهٽن جي ظلمن بابت گهڻو ڪجهه ملي ٿو.

انهن حالتن سبب 1177ھ ۾ سرهندي خاندان ۽ سندن ٻين افراد کي سرهند مان هجرت ڪرڻي پئي، پر جيئن ته پشاور ۽ افغانستان جي ڪن علائقن ۾ مجدد الف ثانيءَ جا خليفا اڳيئي موجود هئا، تنهنڪري شاهه غلام محمد جيڪو خواجه معصوم جو پڙ پوٽو هو ۽ مجدد الف ثانيءَ جو تڙ پوٽو هو، سرهند ڇڏي پشاور ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي، جتي هن هڪ سال کان پوءِ وفات

ڪئي ۽ پشاور ۾ مدفون ٿيو. اهڙيءَ طرح هن جي ڀين ڀڻ پائرن عزت الله ۽ خواجه صفي الله به سرهند مان هجرت ڪئي. خواجه صفي الله 1154ھ ۾ ڄائو هو، گويا ٻاويهن سالن جي عمر ۾ اچي ڪابل جي شور بازار ۾ سڪونت پذير ٿيو. شاهه غلام محمد جي پٽ شاهه غلام حسين پشاور ۾ 1204ھ ۾ وفات ڪئي، ليڪن ان جو پٽ غلام نبي پشاور تي سکن جي وڌندڙ قبضي جي پيش نظر قنڌار ۾ اچي رهيو. جتي سندس چاچو شاهه غلام حسين اڳئي رهائش پذير هو. غلام نبي جنهن مختصر مثنوي 'لذت الارواح' لکي آهي، تنهن 1226ھ ۾ قنڌار ۾ وفات ڪئي. سندس ڪوشش سان قنڌار ۾ ان جي پسگردائيءَ ۾ نقشبندي سلسلي کي چڱو فروغ حاصل ٿيو.

شاهه غلام نبيءَ کي به پٽ شاهه فضل الله ۽ شاهه ضياءَالحق ۽ هڪ ڌيءَ جو اولاد ٿيو. شاهه فضل الله 1184ھ ۾ قنڌار ۾ ڄائو ۽ 1238ھ ۾ اتي وفات ڪيائين. ليڪن شاهه ضياءُ الحق ڪابل کان پري فرخ شاهه جي علائقي ۾ هيو جو اتي 1256ھ ۾ ڌهين محرم تي کيس شهيد ڪيو ويو، ۽ اتي ئي دفن ٿيو. افغانستان جي حڪمران احمد شاهه ابداليءَ جو پٽ تيمور شاهه خواجه صفي الله سان عقيدت رکندڙ هو. اها ڳالھ تاريخي حيثيت رکي ٿي ته جڏهن عبدالنبي ڪلهوڙي جي خلاف ميرن جو وفد قيصر خان نظاماڻيءَ جي سرڪردگيءَ ۾ ڪابل پهتو ته سندن ڪا شُنوائي نه ٿي رهي هئي. آخر شاهه صفي الله جيڪو سنڌ ۾ ايندو رهندو هو، ان جي سفارش سان تيمور شاهه وٽ کين باريابي ٿي. اهو انهيءَ سفارت ڪاريءَ جو

نتيجو هو جو مير فتح علي خان جي نالي تي سنڌ جو پروانو جاري ٿيو.

شاهه صفي الله (1212-1156) مجددي ڪابل ۽ ٻين علائقن ۾ نقشبندي سلسلي کي ڏاڍو زور ورتو. ايتريقدر جو خلق کيس ”قيوم جهان“ جي لقب سان ياد ڪرڻ لڳي. وڏي عالم هجڻ سان گڏ وڏو شاعر به هو ۽ سندس تخلص ”صفي“ هو. اهو شاهه صفي الله ئي هو جيڪو ٻه دفعا حج ڪرڻ جي ارادي سان سنڌ ۽ بلوچستان مان گذريو ته وقت جا ڪيترا وڏا ديني عالم ڪانئس دست بيعت ٿيا جن ۾ مخدوم عبدالواحد سيوستاني (وفات:1809/1224)، ميان عبدالڪريم ٺٽوي، قاضي محمد نصرپوري، ميان عبدالله نصرپوري، ميان ڪاظم شڪارپوري وغيره شامل هئا. اهڙيءَ طرح مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو پوٽو مخدوم محمد ابراهيم مڏئي وارو به ڪانئس خاص طور فيض يافته ٿيو. شاهه صفي الله کان سندس خاندان منجهان شاهه فضل الله توڙي شاهه ضياءَالحق شهيد به روحاني طور مستفيد ٿيا. خاص طور شاهه فضل الله گهڻو وقت ساڻس گڏ رهيو. ياد رهي ته انهن جي ماءُ، يعني شاهه غلام نبيءَ جي گهر واري، شاهه صفي الله جي ڀاڻيجي هئي. شاهه فضل الله شاهه صفي الله جي روحاني ڪمالات کان ايترو متاثر هو جو سندس سوانح ۽ روحاني ڪمالات کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ جامع تذڪره ’عمدة المقامات‘ جي نالي سان فارسيءَ ۾ سال 1233ھ ۾ مڪمل ڪيائين. هن تذڪري ۾ هو نقشبندي سلسلي جي مڪمل تاريخ بيان ڪري ٿو. هڪ طرف هو ان کي رسول الله ﷺ کان شروع ڪري ٿو ۽ سلسلئه خواجگان جو

ذڪر ڪندي مجدد الف ثانيءَ تائين پهچي ٿو ۽ ان کان پوءِ هو خاص طور مجدد الف ثانيءَ جي اولاد ۽ انهن جي ڪيل خدمتن کي بيان ڪري ٿو، ۽ آخر ۾ ان جي پڇاڙي پنهنجي روحاني رهبر شاهه صفي الله تي ڪري ٿو، جنهن جو ذڪر نهايت تفصيل سان ڪري ٿو جنهن ۾ سندس حج جو احوال به شامل آهي. سرهندين جا اهي قافلا سنڌ ۽ بلوچستان جي حدن مان گذري ڪراچي بندر کان اڳتي مسقط ۽ عدن کان گذري حرمين پهچندا هئا.

شاهه صفي الله جي آخري حج جو احوال بيان ڪندي ”عمدة المقامات“ جو مؤلف، جيڪو ساڻس گڏ هو، لکي ٿو ته کين حج تي وڃڻ جو تمام گهڻو شوق دامنگير هو، جيتوڻيڪ جوانيءَ ۾ حج ڪري چڪا هئا. ڪابل مان نڪري منزل ڪندي، قلات ۾ اچي مير نصيرخان وٽ ترسيا. مون کين عرض ڪيو ته سنڌ مان گذرندا هلون، ليڪن پاڻ بلوچستان جي دشت جو رستو پسند ڪيائون ته جيئن حج لاءِ جلد پهچي سگهجي. رستي ۾ ڪيترن مڪاشفن جو ذڪر ڪندا رهيا، جن ۾ اهل مماتيءَ وارن سان ملاقاتن ڏانهن اشارا هيا. ڪراچيءَ پهچي گوادر جي لاءِ ڪشتي ۾ سوار ٿيا، پر اهڙو سامونڊي طوفان اچي ڪڙڪيو جو ٽي ڏينهن ڪا خبر نٿي پئي. آخر مسقط اچي پهتاسون جتي اربق جي وستيءَ ۾ لهي پياسون. مخدوم ابراهيم مڏئي وارو جيڪو پاڻ اتي ترسيل هو، سندن گهڻي خدمت ڪئي. اتي ئي کين ڏندن جي سخت تڪليف ٿي ۽ پاڻ نهايت ڪمزور ٿي ويا، پر پوءِ به جهڙي تهڙي حال سان اَچي مخہ بندر پهتاسون. ليڪن پيڙيءَ ۾ سندن روح پرواز

ڪري ويو، ۽ اتان خشڪيءَ رستي يمن لاءِ روانا ٿي آخر اچي حديده پهتاسون. منهنجي ماءُ يعني سندن پاڻيجي به ان سفر ۾ گڏ هئي. حضرت بيبي صاحبه ڪوشش ڪئي ته سندن لاش کي ٻيڙيءَ رستي جدي کڻائي هلي حرمين ۾ دفن ڪرائجي، ليڪن ٻيڙيءَ وارن جواب ڏيئي ڇڏيو ته اسين اڳتي نه بلڪ حديده کڻي هلڻ لاءِ تيار آهيون. آخر حديده ۾ اچي کين غسل ڏيئي دفن ڪيو ويو، ۽ انهيءَ وقت مخدوم ابراهيم ۽ سندس خليفو احمد خان نظاماڻي موجود هئا. تاريخ وفات 6 ذوالقعد 1212ھ آهي. مخدوم ابراهيم سندن وفات تي عربيءَ ۾ هڪ طويل نظم لکيو، جيڪو ‘عمدة المقامات’ ۾ ڏنل آهي. اهڙيءَ طرح احمد خان نظاماڻي فارسي نظم ۾ تاريخ ڪڍي آهي.

”عمدة المقامات“ جي مؤلف شاه صفي الله جي اٺن تصنيفن جا نالا ڏنا آهن. ان کانسواءِ سندس تصرفات ۽ خرقِ عادات جو به تفصيل ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح سندس شاعريءَ جو انتخاب به موجود آهي. هڪ مختصر مثنوي ‘چهار جوئي’ ۾ چئن سلسلن بابت چوي ٿو:

نقشبنديه، قادريه، سهرورديه، چشتيه
جوي شير، و جوي عسل، و جوي آب، و جوي خمر

[يعني:نقشبندي کير جي نهر، قادري ماکيءَ جي نهر، سهروردي پاڻيءَ جي نهر ۽ چشتي شراب جي نهر آهي.]

شاه صفي الله کي اٺن پٽن جو اولاد هو، ليڪن انهن مان ننڍي ۾ ننڍي خواجه عبدالباقي جو سنڌ سان گهڻو ۽ گهاٽو تعلق

رهيو. ’تڪمله مقالات الشعراءَ‘ جو مؤلف محمد ابراهيم خليل ٺٽوي سندس تفصيلي احوال ڏنو آهي. هو لکي ٿو ته منهنجي والد مخدوم عبدالڪريم ڪانئس فيض حاصل ڪيو، ۽ جڏهن خواجه عبدالباقي شڪارپور آيو هو ته هو ساڍس مهينو کن گڏ رهيو. آخري حج ڪرڻ وقت جڏهن خواجه صاحب لسٻيلي ۾ رهيل هو ته آءُ ابراهيم خليل پنهنجي والد سان سندن خدمت ۾ حاضر هوس. مون تي گهڻو توجهه ۽ شفقت ڪيائون ۽ نقشبندي شغل جي ’مخزن انوار صفي احمدي‘ موجب تلقين ڏنائون. آءُ کين پنهنجا ٺاهيل شعر ڏيکاريندو هوس. پاڻ مون تي ڏاڍو مهربان هو. ابراهيم خليل تڪمله ۾ سندس ڪيترا فارسي غزل ۽ شعر ڏنا آهن. خواجه عبدالباقي (1200ھ - 1287ھ) ڪابل ۾ وفات ڪئي.

’عمدة المقامات‘ واري شاهه صفي الله جي اٺاويهن خليفن جا نالا ڏنا آهن جن مان سنڌ وارن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو. بلوچستان مان عبدالحڪيم بابي قلاتيءَ جو نالو ڪڍي ٿو، جيڪو حج تي روانگيءَ وقت ڪافي فاصلي تائين ساڻن هم رڪاب رهيو. هن جي مزار قلات ۾ آهي. تڪمله ۾ هن جو احوال به موجود آهي. شاهه فضل الله پنهنجي والده لاءِ لکي ٿو ته اسان ذري گهٽ هڪ سال يعني ٻئي حج تائين مڪي پاڪ ۾ رهڻ بعد واپسيءَ ۾ حديده ۾ پهچي شاهه صفي الله جي مزار جي تعمير جو بندوبست ڪري، پوءِ سنڌ رستي واپس ٿياسين، پر جڏهن مٺياري واري تاريخي شهر ۾ پهتاسون ته اتي اسان جي ٻارهن سالن جي پيڻ گذاري وئي، جنهن جي تدفين اتي ئي ڪئي وئي. اهو 1214ھ جو سال هو.

ڪابل پهچڻ ڪان پوءِ وڏي بيبي مجدد الف ثانيءَ جي مزار جي زيارت لاءِ سرهند ۽ ان ڪان پوءِ وري خواجه بهاءُالدين نقشبند جي مزار جي زيارت لاءِ بُخارا جو سفر ڪيو.

شاهه فضل الله لکي ٿو ته اتي اسان ٻئي ڀائر جڏهن سندس خدمت ۾ هئاسون ته هڪ ڏينهن چيائين زندگيءَ جا ڏينهن ٿورا آهن پر توکي پٽ جي خوشخبري ڏيان ٿي، جنهن جو نالو عبدالقيوم رکجانءِ. شاهه فضل الله جي لکڻ موجب بيبي صاحبه 12 ربيع الاول 1218ھ ۾ بلخ ۾ وفات ڪئي.

شاهه فضل الله 'عمدة المقامات' جو اختتام انهيءَ احوال تي ڪري ٿو ۽ تڪميل جي تاريخ ۽ مقام هن ريت ڄاڻائي ٿو:

"قد فرغت من شوي هٰذه الرسالہ الميمونۃ بعون الله سبحانہ في يوم الاثنين تاسع وعشرين (29) من شهر رمضان المبارڪ سنتہ ثلث وثلثين بعد الف و مائتين (1233) من الهجرۃ الخاتمہ عليہ وعلیٰ الٰہ الف الف صلواة وتحية في ٺٽبه محمد خان من توابع السنده."

[يعني: مان الله تعالیٰ جي مهربانيءَ سان هن ڪتاب جي تحرير کان سومر ڏينهن 29 رمضان المبارڪ سال 1233 هجري ۾ فارغ ٿيس، هزارين درود ۽ سلام (نبي پاڪ) ﷺ تي هجن، شهر ٺٽبو محمد خان، سنڌ.]

هن ترقيمي مان اندازو ٿئي ٿو ته شاهه صفي الله جي 1212ھ ۾ حديده ۾ تدفين کان پوءِ به شاهه فضل الله جو سنڌ ۾ حج جي سفر سانگي يا هوندئن ئي اچڻ وڃڻ قائم رهيو.

تاريخ ‘گنجنئه جهان نما’ ۽ ‘تذڪره مخادم کهڙا’ موجب مخدوم عبدالخالق شاهه فضل الله کان نقشبندي نسبت حاصل ڪئي هئي. ان کان اڳ مخدوم عاقل ثالث کي پڻ شاهه صفي الله کان نقشبندي طريقي ۾ اجازت مليل هئي.

شاهه فضل الله سنڌ سان ايتريقدر مانوس هو جو ‘تڪمله مقالات الشعراءِ’ جو مصنف ابراهيم خليل سندس ذڪر ڪرڻ لازم سمجهي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته شاهه فضل الله فارسيءَ جو بهترين شاعر هو. شاهه فضل الله جي شاعري جا ڪيترائي عمدا مثال سندس تصنيف ‘عمدة المقامات’ ۾ ملن ٿا. شاهه فضل الله (1184-1238) کي پنجن پٽن جو اولاد ٿيو. پهريون پٽ عبدالقيوم قنڌار ۾ 1220هه ۾ ڄائو. ظاهري تعليم اتي ئي ورتائين ۽ باطني فيض کيس والد کان مليو. اڳتي هلي خواجه عبدالقيوم جو سنڌ سان وڏو تعلق پيدا ٿيو جو سندس عقيدتمندن ۾ سيد ميران محمد شاهه اول ٽکڙائي، اميد علي سها هالائي ۽ محمد بچل انور هالائي جهڙا دانشمند ۽ شاعر شامل ٿيا.

اميد علي هالائي خواجه عبدالقيوم جي سوانح ۽ ملفوظات کي ‘قدسيات قيومي’ جي نالي سان ترتيب ڏنو، جنهن ۾ مثنوي روميءَ جا ڪيترا بيت آندل آهن. بلڪ هڪ دفعي ڪنهن عقيدتمند کي ٻڌايائون ته جيڪڏهن حديث جو ڪتاب مطالعو ڪرڻو اٿوَ ته مشڪواة شريف پڙهو، سلوڪ جي شاعري پڙهڻي اٿوَ ته مثنوي رومي کي پڙهو، معرفت جي فهم خاطر مڪتوبات

امام رباني ۾ ختم شريف لاءِ ختم خواجگان اختيار ڪريو. خواجه عبدالقيوم سال 1271ھ ۾ قنڌار ۾ وفات ڪئي.

خواجه عبدالقيوم جي گهر قنڌار ۾ سال 1244ھ ۾ عبدالرحمٰن نالي نينگر جنم ورتو. هن پنهنجي والد ۾ ملا حبيب الله قنڌاريءَ کان ظاهري علم پرايو. تيرهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ افغانستان ۾ خانه جنگيءَ واريون حالتون زور وٺي ويون، جنهن ڪري اتي سرهندي خاندان وارن جو رهڻ ناممڪن ٿي پيو هو. انهيءَ پس منظر ۾ سيد ميران محمد شاهه اول پنهنجي خانداني مرشد کي سنڌ بلڪ پنهنجي ڳوٺ ٽکڙ ۾ اچي رهڻ جي درخواست ڪئي. اهو سال 1297ھ هو، جو خواجه عبدالرحمٰن اهل عيال سميت افغانستان کي الوداع چئي، سنڌ پهتو، پر هينئر به سندس ارادو هتي رهڻ بجاءِ حرمين شريفين جو هو. ٽکڙ ۾ سال کن رهڻ کان پوءِ هو عربستان روانو ٿي ويو، جتي ٿي سال رهڻ کان پوءِ واپس اچي ٽکڙ ۾ رهڻ لڳو، جتي سال 1315ھ ۾ وفات ڪيائين.

خواجه عبدالرحمٰن جي اولاد مان خواجه محمد حسن جان پيدا ٿيو، جيڪو 1278 ۾ قنڌار ۾ ڄائو، هن اڳتي هلي علمي لحاظ کان وڏو نالو پيدا ڪيو. هو ڪيترن ڪتابن جو مصنف آهي. سندس علمي ڪارنامن ۾ پنهنجي پڙ ڏاڏي شاهه فضل الله جي سرهندي خاندان بابت لکيل تذڪري ’عمدة المقامات‘ کي ايڊٽ ڪرڻ آهي، جيڪو لاهور مان شايع ٿيو. سندس ٻين ڇپيل ڪتابن ۾’انيس المريدين‘ به قابل ذڪر آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي والد

خواجه عبدالرحمٰن جي زندگيءَ جي حالات، تصرفات، قنڌار کي ڇڏڻ، حج تي روانگي، سنڌ ۾ آمد، ٽکڙ ۾ ٿنڊي سائينداد ۾ سڪونت جو ذڪر ڪري ٿو. ڪتاب ۾ خواجه عبدالرحمٰن جي هڪ پڻ مڪتوبات ۽ سندس عربي نعت وغيره به ڏنل آهي. خواجه حسن جان جو ٿيون ڪتاب ’انساب الانجاب‘ ان لحاظ کان خاص طور قابل ذڪر آهي جو ’عمدة المقامات‘ ۾ امام ربانيءَ جي اولاد جو ذڪر تيرهين صديءَ جي شروع يعني خود شاهه فضل الله تائين ملي ٿو ۽ ان کان پوءِ ابوالخير مڪي ’هديه احمدي‘ وارو تيرهين صديءَ جي آخر تائين امام ربانيءَ جي اولاد جو ذڪر پورو ڪري ٿو. ليڪن حسن جان وري انهن ٻنهي جي تڪميل خاطر اهو سلسلو پنهنجي دؤر يعني انساب جي لکڻ وقت 1334ھ تائين ڪٽي پچائي ٿو. جنهن ۾ هو پوري هند سنڌ ۽ افغانستان ۾ امام ربانيءَ جي ڦهليل اولاد امجاد جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو سندس وڏو ڪارنامو آهي.

اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو ته ڪابل ۽ قنڌار ۾ سرهندين جي سڪونت پذير ٿيڻ بعد حج جي خاطر سندن اچ وڃ سنڌ مان ٿيڻ لڳي. هن سلسلي ۾ شاهه صفي الله جو سنڌ مان ڪيترا دفعا حج تي وڃڻ جو ذڪر ملي ٿو. آخري دفعي پاڻ رستي ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس حديده ۾ دفن ڪيو ويو. ان قافلي ۾ شاهه فضل الله ۽ شاهه ضياءَالحق ۽ سندن ماءُ ۽ ڀيڻ به شامل هئا. چوٿين حج تان واپسي وقت شاهه ضياءَالحق پنهنجي ٻئي پٽ عبدالرحيم کي سنڌ ۾ رهڻ جي لاءِ چيو. سال 1254ھ ۾ شاهه عبدالرحيم سنڌ ۾ ئي هو جو سندس والد شاهه ضياءَالحق جيڪو

دره فرخشاه جي علائقي ۾ هو ته شهيد ٿي ويو. ان واقعي بعد شاهه عبدالرحيم واپس ڪابل هليو ويو ۽ اتي رهڻ لڳو. ليڪن سال 1294 ڌاري جڏهن افغانستان ۾ خانه جنگيءَ واريون حالتون پيدا ٿي پيون ته سيني سرهندين کي اهو ملڪ ڇڏڻو پيو. اهڙيءَ طرح ٻائيتاليهه سال قنڌار ۾ رهڻ کان پوءِ شاهه عبدالرحيم مستقل طور مٽياري سنڌ ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي، جتي اڳئي سندس پڦيءَ جي قبر هئي. سنڌ ۾ ڪل ارڙهن سال فيض پکيڙڻ بعد سال 1314ھ ۾ رحلت ڪيائين. سندس پٽ آغا عبدالحليم سال 1319ھ ۾ قبر مٿان عاليشان قبو تعمير ڪرايو جيڪو اڄ تائين مٽياريءَ ۾ قائم آهي.

شاهه عبدالرحيم جي فيض يافتن ۾ مولوي هدايت الله مشتاق متعلوي، فضل الله متعلوي، عبدالواحد متعلوي جهڙا عالم فاضل ۽ شاعر شامل آهن. شاهه عبدالرحيم جي رحلت تي سنڌ جي ڪيترن عالمن قطع تاريخ لکيا جن مان ڪيترا قبي جي اندر ديوارن تي خطاطي ۾ لکيل آهن. انهن عالمن ۾ درگاهه لُواري شريف جو مسند نشين خواجه محمد سعيد جهڙو وڏو عالم ۽ عارف به آهي. شاهه عبدالرحيم کي چئن مشهور صوفي سلسلن ۾ اجازت مليل هئي اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي پٽ شاهه عبدالحليم کي به اهڙو اجازت نامو ڏنائين جنهن ۾ نقشبندي قادري، سهروردي ۽ چشتي سلسلا شامل آهن.

شاهه ضياءَالحق کي ڇهن پٽن جو اولاد ٿيو جن مان وڏو شاهه عبدالڪريم هو ۽ ٻيو شاهه آغا يعني شاهه عبدالرحيم مٽياري وارو هو، جنهن جو ذڪر مٿي گذري آيو. شاهه عبدالڪريم جڏهن سال

1259ھ ۾ حج تان پيڙيءَ ۾ سفر ڪندي ڪراچي جي نزديڪ پهتو ته پيڙي ٽٽي پوڻ ڪري سندس انتقال ٿي ويو، جنهن ڪري ڪيس ڪراچيءَ جي ميوه شاهه قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. افغانستان جي هلندڙ خانه جنگيءَ سبب شاهه عبدالڪريم جي ٻن فرزندن عبدالعزيز ۽ محمد قاسم تيرهين صديءَ جي آخر ۾ ڪراچي اچي ترڪ مسجد لڳ قيام ڪيو، جيڪا بابي قوم جي ماڻهن جي ٺهرايل هئي جن جو واسطو عبدالڪريم بابي نقشبندي قلاتيءَ سان هو. عبدالعزيز جو هڪ فرزند ضيا احمد ٿيو، جنهن ملير ۾ پير ڳوٺ قائم ڪري اتي رهائش اختيار ڪئي جتي هينئر به سندس اولاد موجود آهي. شاهه ضياءَالحق جو آخري پٽ ۽ شاهه عبدالرحيم جو ننڍي ۾ ننڍو ڀاءُ شاهه فضل معصوم جيڪو والد جي شهادت واري ڏينهن پيدا ٿيو، پالن پور گجرات ۾ وڃي مقيم ٿيو جتي هن نقشبندي طريقي جو بنياد رکيو. هن ننڍي ڄمار ۾ فقط اوڻيتاليه سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ اتي مدفون ٿيو. سندس قبر مٿان اتان جي نواب مقبرو ٺهرايو.

سرهندين جي ٽين شاخ جنهن جي تيرهين صديءَ اندر سنڌ ۾ آمد ٿي، ان جو سربراه خواجه نظام الدين مجددي آهي ۽ هن جي ولادت پشاور ۾ ٿي. سندس تربيت ڏاڏي خواجه محمد صادق ڪئي. جيڪو خواجه غلام محي الدين جو پٽ هو. خواجه غلام محي الدين حج جي ارادي سان جڏهن سنڌ ۾ وارد ٿيو ته ساڻس ٻئي فرزند خواجه نظام الدين ۽ فدا محي الدين گڏ هئا. شڪارپور

جو حاڪم مولا داد خان تيمور شاھ والي افغانستان جو نمائندو هو، تنهن خواجه صاحب جي قافلي جو استقبال ڪيو.

”تذڪره مشاهير سنڌ“ موجب جڏهن اهو قافلو حيدرآباد ۾ پهتو ته شهر ۾ اها خبر گهڻي مشهور هئي ته مير ڪرم علي (وفات: 1244ھ) سنڌ جو حاڪم جيڪو تازو گذاري ويو هو، ان جي قبر مان باھ جو دونهون نڪري رهيو آهي. مير صاحبان جي منٿ ميڙ تي خواجه صاحب قبر تي اچي مراقبو ڪيو، ۽ پنهنجي لاءِ به پرسان قبر جي جاءِ نهرائي ڇڏيائين. قدرت خدا جي جو ٿن ڏينهن کان پوءِ خواجه صاحب پاڻ به وفات ڪري ويو، ۽ کيس انهيءَ جاءِ تي دفن ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ چون ٿا ته دونهون نڪرڻ بند ٿي ويو. خواجه محي الدين سال 1244ھ ۾ وفات ڪئي. ميرن شڪريه ادائگيءَ طور خواجه محي الدين جي پٽن خواجه نظام الدين ۽ فدا محي الدين کي ڪيترا هزار ايڪڙ زمين جاگير ڪري ڏني، هوڏانهن مولاداد کين شڪارپور ۾ آڻي رهايو جتي هنن مستقل سڪونت اختيار ڪئي ۽ فقير الله علوي جي پونيرن سان جيڪي پڻ نقشبندي طريقي سان منسلڪ هئا، خصوصي راھ رسم رکيائون.

خواجه نظام الدين جي تاليفات ۾ ”اسرار و رموز نقشبنديه“ جو ذڪر ملي ٿو. هن 1273ھ ۾ وفات ڪئي ۽ لکي دروازي پرسان دفن آهي. خواجه نظام الدين جي نون پٽن مان خواجه امام الدين سجادگيءَ تي ويٺو جنهن نقشبندي سلسلي کي اڳتي وڌايو. هن 1292ھ ۾ حج جو ارادو ڪيو ۽ پنهنجن ٻن پٽن سميت اٽالي

سان حرمين روانو ٿيو. واپسيءَ ۾ درياھ رستي ٻيڙي ۾ سفر ڪندي لڪي وٽ پهچڻ سان رحلت ڪري ويو. اهو سال 1294ھ هو. سندس لاش کي شڪارپور ۾ آڻي والد جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.

(ج) سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جي آمد ۽ فروغ

ٻارهين ۽ تيرهين صدي

سنڌ مان پهريون بزرگ جيڪو نقشبندي سلسلي سان باقاعدي وابسته ٿيو ۽ صاحبِ ارشاد بڻيو، اهو مخدوم آدم نقشبندي ٺٽوي آهي. سندس والد جو نالو عبدالاحد هو ۽ سندس نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تائين پهچي ٿو. هو پنهنجي وقت جو وڏو ديني عالم هو. اهوئي سبب هو جو اورنگزيب عالمگير جي زماني (1069 - 1118) ۾ عالمن جي قدردانيءَ جو ٻُڌي، هو دهليءَ لاءِ روانو ٿيو. ليڪن رستي ۾ جڏهن سرهند پهتو ته سندس ملاقات مجدد الف ثانيءَ جي پٽ خواجه محمد معصوم سان ٿي. جيڪو سندس علمي فضيلت کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ کيس پاڻ وٽ رهڻ جي صلاح ڪيائين ته جيئن سندس اولاد کي تعليم ڏئي. مخدوم آدم اها آڇ قبول ڪئي ۽ اٽڪل ست سال سرهند ۾ رهيو. انهيءَ دوران هو خواجه محمد معصوم جي صحبت کان فيضياب ٿي نقشبندي سلسلي سان وابسته ٿي ويو. جنهن کيس خلافت سان نوازيو ۽ کيس هدايت ڪئي ته سنڌ ۾ وڃي ان سلسلي کي اڳتي وڌائي. مخدوم آدم واپس اچي سنڌ جي تختگاهه ٺٽي ۾ رهائش اختيار ڪئي. مخدوم آدم جي علمي ۽ روحاني شخصيت جو اندازو انهن چئن خطن مان به ٿئي ٿو جيڪي خواجه معصوم

سرهنديءَ ڏانهس وقت بوقت لکيا ۽ جيڪي ”مڪتوبات معصوميه“ ۾ موجود آهن. جڏهن خواجه معصوم سال 1079/1668 ۾ وفات ڪئي ته مخدوم آدم وري سرهند وڃي خواجه معصوم جي پٽ خواجه سيف الدين (1095/1049) کان تجديدي بيعت ڪئي. خواجه سيف الدين جي مڪتوبات ۾ پڻ مخدوم آدم ڏانهن هڪ خط ملي ٿو جنهن ۾ سنڌ مان ڪن ٻين بزرگن جي نقشبندي سلسلي سان وابستگيءَ جي خبر پوي ٿي. انهن جا نالا هن ريت آهن:

1. شيخ ميان انس،
2. سيد فتح محمد،
3. شيخ ابوالحسن،
4. شيخ عنايت الله.

خواجه سيف الدين جي هڪ خط ۾ شيخ انس جي روحاني مقامات جي باري ۾ چڱي روشني وڌي وئي آهي. مخدوم آدم جي مريدن ۾ شيخ ابراهيم روهڙي وارو، مخدوم صابر ولهاري، حافظ عبدالرؤف ٺٽوي ۽ شيخ عبدالخالق ٺٽوي جا نالا به ”معيار السالڪان طريقت“ ۾ ملن ٿا. مخدوم آدم نقشبندي جي وفات جو سال نٿو ملي، پر اندازو آهي ته هن 1081/1670ھ کان پوءِ وفات ڪئي ۽ کانئس پوءِ سندس ٻن پٽن مخدوم فيض الله ۽ مخدوم اشرف نقشبندي سلسلي کي وڌايو، بلڪ اهي ٻئي پڻ سرهند مان بيعت سان سرفراز ٿي موٽيا، پر جلدي گذاري ويا.

مخدوم آدم جي خليفن مان مخدوم ابوالقاسم نقشبندي تمام گهڻو مشهور ٿيو. سندس والد جو نالو ابراهيم درس هو. جيڪو ملتان جي سهروردي سلسلي سان وابسته هو. مخدوم ابوالقاسم مخدوم آدم جي جيئري سندس هدايت تحت پاڻ سرهند ويو، جتي هو خواجه معصوم جي فرزند خواجه سيف الدين کان بيعت ٿيو جنهن کيس گهڻو قرب ڏنو ۽ اڪثر پاڻ سان گڏ رکندو هوس. بلڪ مرشد کيس "**نور الحق**" جي لقب سان پڻ نوازيو.

خواجه سيف الدين جي مڪتوبات ۾ عبدالرئوف ٺٽويءَ جو نالو ملي ٿو جنهن کي پڻ نقشبندي طريقي ۾ بيعت جي اجازت مليل هئي. اهو ساڳيو عبدالرئوف ڪجھ وقت کان پوءِ مڪي پاڪ هليو ويو جتي وفات ڪيائين. اتي ئي شيخ محمد مراد کانئس فيض حاصل ڪيو جنهن اڳتي هلي "مڪتوبات امام رباني" جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو ڪتاب پهريون دفعو 1891/1316 ۾ شايع ٿيو.

مخدوم ابوالقاسم جي ذريعي نقشبندي مجددي سلسلي کي سنڌ ۾ گهڻو فروغ مليو. وقت جا وڏا عالم مخدوم معين ٺٽوي، مخدوم ضياءُالدين ٺٽوي، مخدوم ميئڏنو نصرپوري، عبدالرحيم سومرو ۽ ٻيا ڪيترا کانئس بيعت ٿيا. مير علي شير قانع 'طومار سلاسل' ۾ اهڙن ويهن بزرگن جا نالا ڄاڻائي ٿو جيڪي مخدوم ابوالقاسم کان فيض يافته هئا.

"تڪمله مقالات الشعراءَ" جي مؤلف ابراهيم خليل جي لکت موجب سنڌ کان ٻاهر سورت ۾ به ابوالقاسم جا ارادتمند موجود هئا

۽ عام طور ڪيس حضرت نقشبندي صاحب جي لقب سان ياد ڪندا هئا. مؤلف ابراهيم خليل وڌيڪ لکي ٿو ته سنڌ مان جيڪي حضرات سرهند خط و ڪتابت ڪندا هئا ته ڪين اهو ئي جواب ملندو هو ته سنڌ ۾ مخدوم ابوالقاسم ڏانهن رجوع ڪيو. مخدوم ابوالقاسم جي پونيرن مان سندس به پٽ ميان ابراهيم ۽ ميان فيض احمد ٿي گذريا.

مخدوم ابوالقاسم کان پوءِ وري مخدوم آدم ٺٽويءَ جي پوٽي يعني شيخ محمد اشرف جي پٽ شيخ محمد عرف خواجه ابوالمساڪين نقشبندي سلسلي جي ترويج ۾ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جو نالو روشن ڪيو. هڪ روايت موجب شيخ محمد جي ولادت ۽ بزرگيءَ جي پيشنگوئي مخدوم آدم پنهنجي خليفي ابوالقاسم کي پاڻ ٻڌائي هئي. اهو ئي سبب هو جو شيخ محمد جي تعليم ۽ تربيت مخدوم ابوالقاسم پاڻ وڏي محبت ۽ شفقت سان ڪئي. بلڪ اڳتي هلي کيس پنهنجو نياڻو بنايائين. اها به روايت آهي ته جڏهن مخدوم ابوالقاسم جي وفات جو وقت ويجهو آيو ته پاڻ شيخ محمد کي گهڻو ياد ڪرڻ لڳا. دوست احباب جيڪي حاضر هئا سي سندن پٽ شيخ ابراهيم کي اڳتي ڪرڻ لڳا پر پاڻ هر پيري شيخ محمد کي ياد ڪرڻ لڳا. آخر پنهنجي وصال کان اڳ چيائون ته جيئن شيخ محمد ٺٽي شهر ۾ واپس اچي ته منهنجي مزار تي ضرور اچي. مطلب هو ته پاڻ پنهنجي پٽ جي بجاءِ شيخ محمد کي پنهنجو گادي نشين بنائي ويا.

خواجه ابوالقاسم ستين شعبان 1138ھ/1735ع تي وفات ڪئي ۽ سندس مزار تي هي ڪتبو لکيل آهي:

بسال وصل او هاتف بفرمود

<u>‘ابوالقاسم سراسر نور حق بود’</u> 1138ھ

‘مرغوب الاحباب’ موجب شيخ محمد جي سرهند جي سفر جو واقعو هن ريت آهي ته انهيءَ زماني ۾ شاهه محمد زڪي الله (وفات:1143ھ) ابن خواجه محمد حنيف جيڪو مجدد الف ثانيءَ جو تڙ پوٽو هو، پيو دفعو حج ڪرڻ جي ارادي سان لاهور ۽ ملتان کان ٿيندو ٺٽي پهتو. اتي ڪافي ماڻهو سندس زيارت ۽ فيض حاصل ڪرڻ واسطي حاضر ٿيا پر پاڻ شاهه زڪي الله شيخ محمد بابت پڇا ڪئي جيڪو ان وقت اتي موجود هو. شاهه زڪي الله حج تي اُسهڻ کان اڳ شيخ محمد کي چيو ته حج تان واپسيءَ بعد توهان اسان سان گڏ سرهند هلجو. شاهه زڪي الله جي حج تان واپسي سنڌ بجاءِ سورت بندر تان ٿي تنهنڪري اتان شيخ محمد کي نياپو ڏياري موڪليائين ته توهان سڌو سرهند هليا اچو. بهرحال شاهه زڪي الله جي سرهند پهچڻ کان اڳ شيخ محمد سرهند پهچي ويو ڪجهه عرصو قيام ڪرڻ بعد شاهه زڪي الله کيس سنڌ واپس وڃڻ جي تلقين سان روانو ڪيو. بلڪ اهو به چيو ته واپسيءَ ۾ دهلي کان گذرڻ وقت خواجه محمد زبير يعني خواجه محمد معصوم جي پڙ پوٽي سان ملاقات ڪجو. شيخ محمد اڳتي هلي ‘‘**خواجه ابوالمساڪين**’’ جي لقب سان مشهور ٿيو.

هڪ ڏينهن جڏهن مغل شهنشاهه جي شاهي سواري گذري رهي هئي ته شيخ محمد مرشد جي خدمت ۾ حاضر هيو ته خواجه محمد زبير (وفات:1152ھ) کيس شاهي سواريءَ جي نظاري ڪرڻ لاءِ چيو پر پاڻ چيائين ته آءٌ جنهن بادشاهه جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ آيو آهيان، اتي ويٺو آهيان، ٻئي ڪنهن بادشاهه جي حاجت نه اٿم. سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد شيخ محمد کي حج تي وڃڻ جو شوق دامنگير ٿيو پر حج تي اُسهڻ کان اڳ پاڻ سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لُواريءَ واري کي پنهنجي مسند حوالي ڪري مريدن خادمن کي سندس بيعت جو حڪم ڪيائون.

”فردوس العارفين“ جي روايت موجب موسم سٺائو نه هجڻ سبب خواجه ابوالمساڪين کي ڪافي وقت سورت بندر تي ترسڻو پيو ۽ ٻئي سال سندس حج لاءِ روانگي ٿي. حرمين ۾ ٻه سال رهڻ کان پوءِ واپس نٿي آيو، پر هاڻي خانقاهه ۾ تمام گهڻ اچڻ لڳو. آخر هڪ ڏينهن زير تربيت نوجوان خواجه محمد زمان کي چئي ڏنائين ته اسين صرف تنهنجي تربيت جي تڪميل خاطر هتي آيا آهيون. نٿي ۾ ڪجهه وقت ترسڻ بعد پوري اهل عيال سميت حرمين شريفين لاءِ روانا ٿي ويا ۽ پنهنجي دستخط سان سلطان الاولياء خواجه محمدزمان کي نقشبندي طريقي ۾ خلافت ۽ اجازت نامو لکي ڏنائين.

اهڙيءَ طرح خواجه ابوالمساڪين حرمين مان جيڪي خط سلطان الاولياء خواجه محمدزمان ڏانهن لکيا تن مان پنج خط ”فردوس العارفين“ ۾ محفوظ آهن. خواجه ابوالمساڪين حرمين

پهچڻ کان پوءِ جلد وفات ڪئي. ’مرغوب الاحباب‘ موجب سندس وفات جي تاريخ نائين ذوالحج 1149ھ آهي ۽ کيس جنت المعليٰ ۾ دفن ڪيو ويو.

لُواري بابت تذڪرن موجب خواجه ابوالمساڪين کان پوءِ خواجه محمدزمان گهڻو وقت نتي ۾ ترسي نه سگهيو، جنهن جو سبب وقت جي با اثر عالمن جي رقابت ۽ حسد بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر شيخ محمد زمان پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ ئي بدين ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ لُواريءَ ۾ اچي رهڻ لڳو. پر جڏهن اهو علائقو ڪلراٺو ٿي ويو ته اهو هنڌ ڇڏي اَچي موجوده ’لواري شريف‘ ۾ پنهنجي خانقاھ قائم ڪيائين، جتي سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهران عام توڙي خواص جي وڏي رجوعات ٿيڻ لڳي ۽ پاڻ ”**سلطان الاولياء**“ جي لقب سان مشهور ٿيا.

ليڪن ٻارهين/ ارڙهين صديءَ جي حوالي سان لُواري درگاھ جي نسبت سان جنهن ٻي علمي ۽ روحاني شخصيت جو احوال ضروري آهي، اهو **قاضي احمد دمائي** آهي. هن جو تعلق اصل ۾ ضلع دادو جي ڳوٺ ٿلتي سان هو. هن هڪ علمي گهراڻي ۾ 1703/1117 ڌاري جنم ورتو. علم جي تحصيل سيوهڻ ۾ ڪيائين. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪمرانيءَ واري عرصي ۾ هو قاضيءَ جي عهدي تي فائز رهيو ۽ لاڪاڻ پرڳڻو (موجوده سڪرنڊ ۽ دولتپور وارو حصو) سندس حوالي هو جتي پاڻ ديھ ’دم‘ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ان ڪري اڳتي هلي

“قاضي احمد دمائي” جي نالي سان مشهور ٿيو جتي پوءِ هڪ درسگاهه پڻ قائم ڪيائين.

قاضي احمد عالم فاضل شخص هو. هڪ دفعي جڏهن حج جي ارادي سان نڪتو ته لُواري شريف ۾ آيو، جتي سلطان الاولياء خواجه محمدزمان سان سندس ملاقات ٿي. ان مختصر ملاقات ۾ ايڏو متاثر ٿيو جو حج تي وڃڻ کان اڳ دست بيعت ٿيو ۽ ڪجھ ڏينهن لُواريءَ ۾ ترسي پيو.

قاضي احمد جا انٿيه فارسي مڪتوب دستياب ٿيا آهن، جيڪي ڊاڪٽر محمد مسعود احمد نقشبنديءَ جي تحقيق سان شايع ٿيا آهن. انهن مڪتوبات مان سندس علمي فضيلت اجاگر ٿئي ٿي جن ۾ اڪثر مڪتوبات امام ربانيءَ جا حوالا ملن ٿا. هڪ مڪتوب ۾ گرهوڙيءَ جي هن مصرع جي سمجھاڻي ڏيندي نظر اچي ٿو:

“هر دم حج پڙهن، ڪعبو پسن نه ڪاپڙي”

قاضي احمد جي ٻي تصنيف ‘**شوق نامه**’ دستياب ٿي آهي. اهو هڪ نهايت مختصر رسالو آهي جنهن ۾ در اصل حج ۽ روضي رسول اللهﷺ جي حاضريءَ دوران چيل ڪجھ فارسي ۽ عربيءَ ۾ اشعار ۽ افڪار ملن ٿا، جن ۾ والهانه عشق جو اظهار آهي. بلڪ انهن کي ترتيب ۽ تاليف جي صورت سندس پٽ خواجه محمد صالح قريشي ڏني آهي. هن رسالي ۾ نقشبندي فڪر جي اعليٰ مقامات تائين رسائي جي نئين تشريح ملي ٿي ۽ ان لاءِ هڪ هنڌ ‘فتح الفضل’ جو حوالو پڻ ملي ٿو. مؤلف پنهنجي طرفان تشريح

ڪي ’اقول‘ سان واضح ڪري ٿو ۽ مشڪل مقامات جي سمجهاڻي لاءِ وڏيڪ چوي ٿو ته مڪتوبات امام رباني ءَ جو مطالعو ڪريو. قاضي احمد وڏي ڄمار ۾ سورهين ذوالقعد 1223ھ مطابق ٿين جنوري 1809ع تي وفات ڪئي، سندس وفات تي ڪيترن ئي بزرگن قطعه تاريخ لکيا آهن، جن مان ڪي سندس مقبري تي لکيل آهن. انهن مان هڪ هي آهي:

”شاھ شمس جهان بود سايه فردوس“ 1223ھ

اهو قاضي احمد دمائي جو روحاني ڪمال هو جو پنجاب جي ڏورانهين علائقي ضلع گرداسپور هندستان ۾ رتڙ ڇتڙ جو رهواسي شاھ حسين مڪان شريف (وفات: 1242ھ/ 1824) جيڪو مرشد ڪامل جي تلاش ۾ هو، جڏهن 1209ھ ۾ وٽس پهتو ته روحانيت جي دنيا سان مالامال ٿي ويو ۽ دست بيعت ڪري وڃي پنهنجي علائقي ۾ نقشبندي خانقاھ قائم ڪيائين. بلڪ اتان اهو سلسلو هندستان جي ٻين علائقن تائين پڻ پهچي ويو. مڪتوبات قاضي احمد جو مرتب ڊاڪٽر مسعود احمد پاڻ پنهنجي وڏن مفتي محمد مسعود دهلي ءَ واري ڪي هن سلسلي سان وابسته ڄاڻائي ٿو. اهڙيءَ طرح هن ڪل ارڙهن درگاهن جا نالا ڏنا آهن جيڪي پاڪ وهند ۾ قاضي احمد دمائي جي فيض وسيلي نقشبندي سلسلي سان وابسته ڄاڻايل آهن. هن ۾ شرقپوري ۽ الوري خانقاهن جا نالا به اچي وڃن ٿا. هن جو وڌيڪ تفصيل ’اولياءِ نقشبند‘ ۾ پڻ ڏنل آهي.

سنڌ ۾ قاضي احمد جا **ٽي وڏا خليفا** قابل ذڪر آهن جن مان **سيد نور محمد شاهه ڪنڊائي** ۽ مخدوم عبدالوالي درٻيلائي ضلع نوشهري فيروز سان تعلق رکن ٿا. ان کان سواءِ **ميان عبدالڪريم ڪٽي پينگهاري تعلقه هالا جو ۽ مخدوم ميان پير محمد ڏيپارجن** جو جيڪو قاضي احمد جو پاٽيجو هو جنهن ڏانهن اڪثر مڪتوب ملن ٿا. هڪ خط ۾ گرهوڙي صاحب جي مصرع "هر دم حج پڙهن ڪعبو پسن نه ڪاپڙي" جي سمجهاڻيءَ بابت عرض ڪيو اٿس. ياد رهي ته اهو ساڳيو ميان پير محمد آهي جنهن ڏانهن پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي مڪتوبات ۾ پڻ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن خط ملن ٿا ۽ هڪڙي مڪتوب ۾ پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي گرهوڙي صاحب جي ان مصرع جي سمجهاڻي پڻ ملي ٿي.

سنڌ ۾ قاضي احمد جي خليفن مان **سيد نور محمد شاهه ڪنڊائي** علمي لحاظ کان وڏي حيثيت وارو هو. هو نوشهروفيروز جي ڳوٺڙي ڪنڊا ڪاهيءَ جو هو. شروعاتي تعليم کهڙن جي مدرسي ۾ ورتائين. **فارسيءَ ۾ سندس مثنوي "تڪميل المعرفت"** موجود آهي جنهن ۾ پنهنجي نقشبندي نسبت جو هينئن اظهار ڪري ٿو:

حمد خدا که نسخئه "تڪميل معرفت"

هر نقشبند معرفت را ز خاطر است

هيءَ مثنوي مصنف جي فارسي زبان تي ڪامل دسترس ۽ سندس فڪري اڏام جي شاهد آهي جنهن ۾ نقشبندي فڪر کي نئين نموني سان پيش ڪري ٿو.

سيد نور محمد ڪنڊائي جو **ٻيو ڪتاب ”برهان المعرفت‘ يا ’قوائد المعرفت“** آهي، جيڪو سنڌي نظم ۾ ننڍو رسالو آهي. سندس ٽيون ڪتاب رساله ”گوهر شب چراغ“ آهي جيڪو پڻ مختصر منظوميه آهي. ازانسواءِ سندس مڪتوبات فارسي ۽ سنڌي ۾ پڻ ملن ٿا. سندس فارسي مڪتوبات جو تعداد پنجويھ آهي. ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ ٻاهٺ منظوم مڪاتيب آهن جن ۾ مخاطب هڪ مائي صاحبه آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها مائي بصريٰ نالي عورت هئي ۽ اهو بياض ان جي پونيرن وٽ موجود آهي. هي خط ان ڪري قابل توجھ آهن جو انهن ۾ سولي طريقي سان نقشبندي اصطلاحن ۽ طريقي جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي ۽ هڪ عورت ڏانهن مخاطب ٿي لکيا ويا آهن. جنهن مان ان وقت جي علمي ماحول جي خبر پوي ٿي.

چند ورقن تي مشتمل سنڌيءَ ۾ ٻيو رسالو ’معرفت نفس‘ ۾ پڻ مائي صاحبه کي خطاب آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ مناسب آهي ته نقشبندي حضرات وٽ عورتن ڏانهن لکيل مڪتوب ملن ٿا. بلڪ مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ پڻ ڪي اهڙا مڪتوب آهن. اهڙيءَ طرح پوءِ مغل شهزادين روشن آرا بيگم ۽ زيب النساءِ ڏانهن مڪتوب ملن ٿا. جن جو حوالو مٿي گذري آيو.

سيد نور محمد شاهه ڪنڊائي جي وفات 21 ربيع الثاني 1270ھ ۾ ٿي. سندس وفات جي تاريخ مخدوم فضل الله ٻاڻائي

جهڙي عالم فاضل شخص لکي، جنهن جو هڪ شعر هن ريت آهي:

گفتم اي هاتف بگو سال وصال

گفت ”شمس معرفت بالله بود“ 1270ھ

تيرهين صديءَ ۾ لُواري نقشبندي سلسلي سان وابسته نهايت فاضل شخصيت **قاضي عزيزالله مٽياري** واري جي آهي. هو پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ عارف ڪامل هو جنهن جو خاندان ڪلهوڙن جي دور کان علمي قابليت ۽ شهرت رکندڙ هو. سندن خاندان قضا جي منصب تي فائز هو. خانداني روايت موجب قاضي عزيزالله جي پيءُ قاضي محمد ذاڪر سلطان الاولياء خواجه محمد زمان کان بيعت ڪئي هئي. لُواريءَ سلسلي جي چوٿين سجاده نشين خواجه محمد سعيد جي تصنيف ‘صقال الضمائر’ مان خبر پوي ٿي ته قاضي عزيزالله ڪافي وقت لُواريءَ جي درسگاھ ۾ درس وتدريس جا فرائض انجام ڏنا. آخر غوث عالم خواجه محمدزمان ثاني (1199-1247) جي زماني ۾ سندن هٿ تي بيعت ڪري نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيو، ۽ چوٿين گادي نشين شاھ مدني خواجه محمد حسن (1235ھ -1298ھ) جو دؤر پڻ پاڻ اکين سان ڏٺائين.

قاضي عزيزالله عربي فارسي زبانن جو گوهر هو. سندس وڏي ۾ وڏو علمي ڪارنامو قرآن شريف جو پهريون مڪمل سنڌي ترجمو آهي، جيڪو پهريون پيرو 1287ھ/1870ع ۾ مطبع محمدي بمبئي مان ڇپيو هو. قاضي صاحب جي ڪن ٻين تصنيفات جو به پتو پيو آهي. هو فارسي زبان جو اعليٰ شاعر هو. فقط اٺن

سڄي پوري نقشبندي سلسلي کي پنهنجي مرشد تائين هيئن بيان ڪري ويو آهي:

احمد و بوبڪر سلمان قاسم و از جعفر آمد بايزيد
ابوالحسن و فاريمدي و يوسف آمد غجد و انيس مريد
عارف و محمود علي رامتيني بابا گلال کل کش
از بهاءَالدين يعقوب و عبيدالله زاهد درويش
امڪنگي باقي مجدد احمد و محمد سعيد عبد احد
و ز حنيف آمد زڪي و محمد و محمد زمان صاحب مهد
گل محمد ريخت درکام زمان زو شد حسن صاحب عهد
نقشبندي سلسله گرديد ز ايشان اي ”عزيزالله“ شهد.

قاضي عزيز الله 7 شعبان 1273ھ/1857ع تي وفات ڪئي ۽ اتي ئي لُواري درگاھ جي احاطي ۾ مدفون ٿيو. سندس وفات تي ڪنهن شاعر مرثيو لکيو آهي، جنهن جو آخري مصرع هيءَ آهي:

هاتف از سر حسرت تاريخ وصال او بخواند
طوطي آن گويائي اسرار اعليٰ ساکت ماند 1273ھ

سنڌ جي ٽالپر حڪمران خاندان مان پڻ ڪي مير درگاھ لُواري شريف سان وابسته رهيا آهن. جن ۾ محموداڻي ميرن جو وڏو ۽ حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود جو باني مير محمود جيڪو مير بهرام جو پٽ يعني مير بجار جو پاءُ خاص طور قابل ذڪر آهي. بلڪ جڏهن مدد خان سنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ حالتون گهڻيون خراب ٿي ويون ته محبوب الصمد خواجه گل محمد لُواري ڇڏي وڃي سندس جاگير ”پنيا هڏي“ ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي ۽ بعد

۾ ٿيون گادي نشين غوث عالم خواجه محمدزمان مير ڪرم علي ٽالپر جي دؤر (1812 - 1828) ۾ پڻ ڇهه مهينا ان جاگير ۾ وڃي رهيو هو. ‘مرغوب الاحباب’ جي روايت موجب جڏهن سيد احمد بريلوي سکن سان جهاد لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ ميرن کان مدد گهري هئائين، تڏهن هڪ ڏينهن مير محمود پنهنجي مرشد غوث عالم خواجه محمدزمان ثانيءَ ڏانهن هن سلسلي ۾ رجوع ڪيو هو.

ٽنڊي محمد خان جي شاهواڻي ميرن جو به لُواري درگاه سان تعلق هو جن مان وري مير سلطان علي بن مير سعيد خان بن مير شاهو خان به لُواري شريف سان وابسته هو، جو اصل ۾ سندس ڏاڏو مير شاهو، سلطان الاولياء خواجه محمد زمان کان دست بيعت هو ۽ مير سلطان علي ننڍو هو جو سلطان الاولياء جي زيارت کان مشرف ٿيو. بهرحال پوءِ جوانيءَ ۾ محبوب الصمد خواجه گل محمد جو دست بيعت مريد ٿيو.

مولانا دين محمد وفائي جي لکڻ موجب مير سلطان علي عربي ۽ فارسيءَ جو وڏو عالم ۽ نقشبندي طريقي جو وڏو صوفي هو. ان کان سواءِ هو علم طب ۽ هيئت ۾ به ماهر هو جو سنڌ جي جاگرافيائي حالتن کي مدنظر رکي ‘زيچ سلطان علي خاني’ 1219ھ /1804ع مرتب ڪئي هئائين، جنهن ۾ هو هندي تقويم کي سامهون رکي ٿو. سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ جڏهن مشهور انگريز سياح هينري پاٽنجر سنڌ ۾ آيو ته هو ٽنڊي محمد خان مان مير سلطان علي جو ذڪر ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته مير هندستان ۾ پلن گهوڙن جو وڏو واپاري آهي ڇو ته هو ايران مان گهوڙا

گهرائي انهن جو واپار ڪري ٿو. مير سلطان علي فارسي جو سٺو شاعر به هو. مولانا جاميءَ جي خواجه بهاءُالدين نقشبند جي تعريف ۾ چيل شعرن کي لُواري خانقاه جي شان ۾ هن ريت تضمين ڪري ٿو:

سکه که يثرب بطحا زدند
نوبت آخر به بخارا زدند
هرچه به آن شاه بخارا رسيد
باز ذکر به لُواري رسيد

[معنيٰ:اهو سڪو جيڪو مڪي ۽ مديني شريف مان جاري ٿيو، اهو آخر وري بُخارا مان جاري ٿيو. ليڪن جيڪو ڪجهه (فيض) بُخارا جي بادشاهه (خواجه بهاءُالدين نقشبند) وٽ رسيو، اهو ذڪر (فيض وارو) وري لُواري اچي پهتو.]

مير سلطان علي 1817/1233 ۾ وفات ڪئي. مير غلام علي مائل سندس وفات جي تاريخ هن مصرع مان ڪڍي آهي:

”صدر جنت را بود سلطان علي“ 1233ھ

تيرهين صديءَ ۾ لُواري نقشبندي سلسلي سان منسلڪ حمل فقير لّغاري جو ذڪر ڪرڻ ان ڪري ضروري آهي جو هو سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو نه رڳو وڏو شاعر هو، بلڪ نقشبندي ۽ قادري طريقي جي تعليمات کان پوري ريت واقف هو. سندس ڪمال اهو آهي جو نقشبندي سلسلي جي اڪابرين کي پنهنجي مرشد سوڌو هڪ طرف نظم جي لڙهيءَ ۾ پوئي ڏيکاريائين ٻئي طرف نقشبندي طريقي جي بنيادي اصولن ۽ اصطلاحن کي پڙ

شعر ۾ سمجهايو اٿس جنهن کي هو ’’معرفت نامو‘ ۽ ’’صحيفه اول“ سڏي ٿو. هو چوي ٿو:

صحي صحيفو جوڙ تون ساري سنڌي واءِ

سولي سنڌي سوکڙي سمجهڻ سڀني لاءِ

تنهن ۾ طريقي نقشبنديءَ جو ڪر تون بيانا

۽ ڪر تون بيان لطيفن جو ۽ تن جو مقاما

اڳتي نظم ۾ هو توحيد وجودي ۽ شهودي جي فرق کي پڻ آسان لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. امام ربانيءَ جي فڪر جي روشنيءَ ۾ حقيقت محمدي ۽ حقيقت احمديءَ جي اُپٽار به ڪري ٿو. ان سان گڏ مختلف قسم جي مراقبن جي نوعيت ۽ اهميت کي به نظم ۾ سمجهائي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻين مختلف دائرن جي وضاحت پڻ پيش ڪري ٿو.

معلوم ٿئي ٿو ته نقشبندي طريقي بابت هي نظم حمل فقير جڏهن پنهنجي مرشد خواجه محمد حسن مدنيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪيو ته کيس داد تحسين مليو. بلڪ مرشد کيس چيو ته هاڻي انهيءَ نموني ۾ قادري طريقي جو پڻ نظم ۾ بيان ڪر. جنهن کي پوءِ هن ‘صحيفه ثاني’ جو نالو ڏنو. جيڪو هن 1277ھ ۾ لکيو، جيئن هڪ مصرع ۾ اها وضاحت ڪري ڇڏي اٿس. هن نظم ۾ وري هو **حضرات خمس يا تعينات** جي سمجهاڻي پڻ پيش ڪري ٿو. يعني **تعين پهريون احديت، تعين ٻيو وحدت، تعين ٽيون روح، تعين چوٿون مثال ۽ تعين پنجون عالم حس يا عالم شهادت** آهي.

هن ڪان پوءِ هو **لاهوت، جبروت، ملڪوت ۽ ناسوت** جي سمجهاڻي ڏيندي هينئن چوي ٿو:

احديت آهي سا لاهوت - وحدت آهي سا جبروت

واحديت کي ملڪوت سڃاڻج - عالم کي ناسوت ڄاڻج

ٻارهين صدي سنڌ جو ممتاز نقشبندي صوفي ۽ جيد عالم **شاهه فقيرالله علوي** آهي جيڪو افغانستان جي شهر روتاس ۾ 1100 هجري ۾ پيدا ٿيو ۽ 1150 ڌاري قنڌار مان شڪارپور ۾ اچي مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. هو عربي فارسيءَ جو ممتاز عالم هو. سندس سترهن تصنيفن جو پتو پيو آهي جن مان اڪثر شايع ٿيل ناهن. هو نقشبندي سلسلي سان شيخ محمد مسعود دائم پشاوريءَ جي ذريعي وابسته ٿيو، جيڪو شيخ محمد سعيد لاهوريءَ جو مريد هو جيڪو پاڻ اسدالله وزيرآباديءَ جو ۽ اهو شيخ آدم بنوريءَ جو فيض يافته هو، ۽ شيخ آدم بنوري مجدد الف ثانيءَ جو وڏو خليفو هو. در اصل مجدد الف ثانيءَ جي وفات کان پوءِ نقشبندي مجددي سلسلو ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويو.

- پهريون نقشبنديه مجدديه معصوميه يعني مجدد الف ثانيءَ جي پٽ خواجه محمد معصوم جي نالي سان مشهور ٿيو
- ۽ ٻيو شيخ آدم بنوري جي ذريعي ڦهليو.

اهو شيخ آدم بنوري هو جنهن مجدد الف ثانيءَ جي لطائف واري تشريح کي نئين تعبير سان پيش ڪيو.

فقيرالله جا پنجاسي مڪتوبات کان علاوه 'قطب الارشاد' ۽ 'طريق الارشاد' ڇپيل آهن. مڪتوبات توڻي 'قطب الارشاد' ۾ هو پاڻ کي

نقشبندي طريقي کان علاوه ٻين ڪل ٽيٽيهه سلسلن سان وابسته ڄاڻائي ٿو ۽ هر سلسلي جي مڪمل سند پڻ بيان ڪري ٿو. نقشبندي سلسلي ۾ شيخ آدم بنوري کان علاوه هو محمد هاشم ٺٽويءَ جي وساطت سان شيخ عبدالقادر مڪي کان سند بيان ڪري ٿو ۽ محمد هاشم ٺٽويءَ جي ٻي سند سان پاڻ کي سهروردي ۽ قادري طريقن سان وابسته ٻڌائي ٿو.

'قطب الارشاد' مان پتو پوي ٿو ته هن کي سڀني سلسلن جي پوري ڄاڻ ۽ دسترس هئي جو انهن جا ذڪر اذڪار ۽ امتيازي خصوصيتون بيان ڪري ٿو. ڪجهه مڪتوبات ۾ پڻ هو اها ساڳي سمجهاڻي ۽ تشريح ڪندي نظر اچي ٿو. 'طريق الارشاد' ۾ هو ''همہ اوست'' ۽ ''همہ ازاوست'' جي باري ۾ نهايت اعليٰ درجي جو علمي ۽ فڪري بحث ڪري ٿو تاهم سندس اُٿل ''همہ از اوست'' طرف آهي.

فقيرالله علوي ڪتابن جو وڏو عاشق هو تنهن ڪري سندس ڪتب خانو هزارين ناياب ڪتابن تي مشتمل هو. افغانستان جو بادشاهه احمد شاهه ابدالي جنهن هندستان فتح ڪيو، فقيرالله سان عقيدت رکندڙ هو ۽ کيس ڪيترا قيمتي ڪتاب تحفي طور ڏيندو هو. اهڙو هڪ ڪتاب 'هداية الفقہ' آهي جنهن جو نالو گرهوڙي صاحب 'فتح الفضل' ۾ ورتو آهي.

فقيرالله علوي جي شاگردن ۾ **پير محمد راشد روضي ڌڻي** ۽ **سيد محمد وفا لڪوي** جهڙا عالم ۽ روحانيت جا صاحب شامل آهن. پاڻ ڪيترا ناياب قلمي ڪتاب پير محمد راشد کي تحفي طور ڏنا

اٿن جن مان ڪي پير ڳوٺ جي ڪتب خاني ۾ موجود هئا ته ڪي زماني جي دست برد ٿي ويا، جيئن اسان حاشيي ۾ هڪ اهڙي ناياب ڪتاب ’هداية الفقہ‘ جي باري ۾ نشاندهي ڪئي آهي.

فقيرالله پنهنجي هڪ تحرير ۾ اولاد تي زور ڏيئي واضح ڪيو آهي ته سلوڪ جي تڪميل ذاتي محنت ۽ فنا بقا حاصل ڪرڻ تي منحصر آهي، اها موروثي هرگز ناهي. هو پنهنجي حياتيءَ ۾ ’قطب الارشاد‘ ۾ پنهنجي اولاد توڙي سپني اهل دل مسلمانن کي جيڪي سندس زندگيءَ ۾ موجود هئا سپني ڪتابن ۽ سلسلن جي عام اجازت ڏئي ويو آهي.

فقيرالله جي 1195ھ ۾ وفات بعد سندس وڏو پٽ سراج الدين گادي نشين ٿيو، ليڪن هو ڪجھ وقت کان پوءِ پنهنجي ياءُ حفظ لله جي حق ۾ دستبردار ٿيو ان کان پوءِ فخرالدين علوي (وفات: 1854/1270) ۽ پوءِ مير علي نواز علوي گادي نشين ٿيا.

ٻارهين صديءَ جو پيو وڏو نقشبندي صوفي بزرگ، عالم، عارف ۽ شاعر **مولانا ابوالحسن ڏاهري** آهي. هو 1114ھ ۾ دولت پور جي پرسان هڪ ننيڙي ڳوٺ ۾ ڄائو. علم جي ابتدائي تحصيل هالاڻيءَ جي مدرسي ۾ مولانا ابوبڪر وٽ ڪيائين. ان کان پوءِ نوجوانيءَ ۾ گجرات جي شهر سورت ۽ ڪوتيانه احمد آباد هليو ويو، جتي هن کي مولانا نورالدين (وفات:1155) ۽ مرزا محمد خليل بدخشانيءَ جي علمي صحبت نصيب ٿي. احمد آباد ۾ ئي هو جو شيخ عبدالرسول صديقي (وفات:1148) کيس نقشبندي سلسلي ۾ خلافت جو خرقو پارايو.

شيخ ابوالحسن ڏاهريءَ جي تصنيفات ۾ ‘ينابيع الحياة الابدية’ ٽن جلدن تي مشتمل ضخيم تصنيف آهي جنهن ۾ هو تصوف جي بنيادي تصورات جي سمجهاڻي ڏني ٿو ۽ تصوف جي نالي ۾ جيڪي غلط عقيدا داخل ٿي ويا آهن انهن تي ڀرپور تنقيد ڪري ٿو. اهو ڪتاب راقم الحروف جي تحقيق ۽ مقدمي سان تازو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو آهي. ابوالحسن ڏاهريءَ کي فارسي نثر سان گڏ نظم تي به مڪمل دسترس هئي، جنهن جو ثبوت ٻه ٻيون تصنيفات ‘سراج المصلي’ ۽ ‘ڪچڪول نامه’ آهي.

ٻهريون ڪتاب نماز جي مسئلن بابت نهايت تفصلي تحرير آهي جنهن جي تحقيق ۽ ان جو ترجمو ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهريءَ ڪيو آهي. ‘ڪچڪول نامه’ عقائد ۽ علم ڪلام متعلق مختصر مگر جامع نظم آهي، جيڪو علامه قاسمي صاحب جي تحقيق سان شايع ٿيل آهي.

شيخ ابوالحسن ڏاهريءَ جو پنهنجي وقت جي عالمن خاص طور مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي وغيره سان ذاتي تعلقات هئا جو انهن جا نالا ڪٿي اهڙا حوالا ڏني ٿو. هن سال 1181هه ۾ وفات ڪئي ۽ کيس اباڻي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.
شاهه فقير الله علوي کان سواءِ ٻارهين صدي سنڌ ۾ **شيخ آدم بنوريءَ** جي ذريعي نقشبندي سلسلي سان وابسته ٻيو بزرگ **مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو** آهي، جيڪو ذات جو جوٽيجو هو. هو ظاهري علمن جو وڏو عالم هو ته باطني ۽ روحاني معارف به کيس حاصل هئا. سندس طريقت جو سلسلو

شيخ آدم بنوريءَ تائين هن ريت آهي: ”محمد اسماعيل پاڻ مريد ٿيو جمال الله پريان لوءَ واري جو جيڪو مريد هو حافظ ايوب سنڌيءَ جو ۽ هو وري شيخ محمد سعيد لاهوري (وفات:1152) جو مريد هو ۽ اُهو سيد آدم بنوري کان بيعت هو جيڪو وري مجدد الف ثانيءَ جو خليفو هو.“

مخدوم محمد اسماعيل جي فيض يافته بزرگن ۾ **سيد محمد بقا** (1135- 1198) شهيد شامل آهي جيڪو راشدي خاندان جو باني مباني آهي. اهو سيد محمد بقا ئي هيو جنهن پنهنجي وڏي نينگر محمد راشد کي ان وقت جي چوٽيءَ جي عالم شاه فقيرالله علوي نقشبنديءَ جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو. ’مجمع الفيوضات‘ جي هڪ نقل موجب سيد محمد راشد چوي ٿو ته اسين ٻئي ڀائر (ٻيو ڀاءُ علي مرتضيٰ شاه) جڏهن ڪوٽڙي ڪبير جي مدرسي ۾ پڙهندا هئاسون تڏهن هڪ ڏينهن والد صاحب اتي آيو ۽ اسان کي نقشبندي طريقي ۾ داخل فرمايائون. ٻئي دفعي جڏهن وري اتي آيا ته نقشبندي ذڪر جي اثرات بابت پڇيائون. مون عرض ڪيو ته مون کي ڪو اثر معلوم نه ٿي سگهيو آهي. تڏهن مون کي قادري طريقي ۾ جهري ذڪر سان مشغول فرمايائون. ياد رهي ته سيد محمد بقا شاه پوءِ عبدالقادر آخرين (1110- 1190) کان قادري طريقي ۾ تلقين حاصل ڪئي هئي جڏهن هو هڪ دفعي سير سفر ڪندي روهڙيءَ ۾ آيل هو. شاه عبدالقادر جي مزار پير ڪوٽ سڌانا چناه شريف ضلع جهنگ پنجاب ۾ آهي.

جيتوڻيڪ سيد محمد بقا شاهه لڪياري جي زندگيءَ ۾ پير محمد راشد (1171هه-1234هه) روضي ڌڻي پنهنجي لاءِ قادري طريقو اختيار ڪيو پر سندس مڪتوبات ۽ ملفوظات ۾ نقشبندي طريقي جو به گهڻو ذڪر ملي ٿو.

خليفي محمود نظاماڻي جو چوڻ آهي ته مون کي پير روضي ڌڻي قادري ۽ نقشبندي ٻنهي طريقن ۾ اجازت ڏني هئي. پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي تصنيفات ۾ فارسيءَ جي شاهڪار لغت ‘المجمع الجوامع’ آهي، جيڪا ڪيترن جلدن تي مشتمل آهي ان کان علاوه سندس مڪتوبات جن جو تعداد چائيتاليهه آهي ۽ ملفوظات جا به ضخيم جلد آهن. مڪتوبات توڙي ملفوظات جو مرتب سندس خاص **خليفو محمود ڪڙيي گهنور** وارو (1189-1267) آهي جيڪو پاڻ وڏي علمي ۽ روحاني شخصيت هو.

خليفي محمود جي تصنيفات ۾**‘محبوبية المحمودية’** خاص اهميت واري آهي جنهن ۾ هو قادري سلسلن جي حوالي سان ذڪر ۽ ٻين شغلن تي تفصيلي روشني وجهي ٿو ۽ ان کان پوءِ وري نقشبندي سلسلي جي لطائف جي سمجهاڻي ڏئي ٿو. اڳتي هلي هو سيد آدم بنوريءَ جي مشهور تصنيف ‘خلاصة المعارف’ جي حوالي سان اهو واضح ڪري ٿو ته هو مجدد الف ثانيءَ سان لطائف جي باري ۾ ڪهڙو اختلاف رکي ٿو. اهڙيءَ طرح هو اهو پڻ ٻُڌائي ٿو ته آدم بنوريءَ جو مؤقف وجودي موقف جي ڪيئن ۽ ڪيترو ويجهو هو. انهيءَ ساڳئي ڪتاب ۾ هو گرهوڙي صاحب جي تصنيف ‘فتح الفضل’ مان ڪي حوالا سند طور اختيار ڪري

ٿو. مطلب ته خليفي محمود جو هي ڪتاب تصوف جي دنيا ۾ علمي حيثيت رکي ٿو ۽ سنڌ جي تصوف جي تاريخ جو اهم باب آهي.

خليفي محمود جي اها علمي حيثيت ئي هئي جو سندس ملفوظات کي وري **خليفي گل محمد هالائي** (1226- 1273) جهڙي عالم فاضل ۽ شاعر 'ڪنوزالمعرفت' (يعني معرفت جا خزانا) جي نالي سان مرتب ڪيو. ان ڪتاب ۾ اها روايت ملي ٿي ته خليفو محمود پهرين نقشبندي طريقي ۾ مخدوم ابراهيم ٺٽويءَ کان بيعت ٿيو هو، پر پوءِ پير محمد راشد روضي ڌڻي کان قادري طريقت ۾ اجازت مليس. ليڪن سندس تصنيفات مان پتو پوي ٿو ته ڪيس ٻنهي طريقن تي مڪمل عبور هو. 'ڪنوزالمعرفت' بظاهر خليفي محمود جي ملفوظات آهي پر ان ۾ جيڪي نقل يا ڳالهيون آيل آهن اهي گهڻي ڀاڱي پير محمد راشد جون آهن ۽ اهي خليفو گل محمد پنهنجي علمي انداز ۾ تحرير ڪري ٿو.

خليفي محمود جي ٻي ملفوظات سندس ٻئي مريد **محمد ملوڪ چانڊيي** 'سراج العاشقين' جي نالي سان 1252ھ ۾ مڪمل ڪئي جنهن ۾ پڻ ساڳئي قسم جو انداز آهي. بهرحال ٻنهي ڪتابن منجهان خليفي محمود جي علمي ۽ فڪري بصيرت، تصوف جي ڳوڙهي مطالعي ۽ سندس روحاني تجربن ۽ مشاهدن بابت گهڻو مواد ملي ٿو. جڏهن به سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ لکي ويندي ته هنن ڪتابن جو ان ۾ وڏو حصو هوندو. اهو ساڳيو خليفو گل محمد سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرئين ديوان 'ديوانِ گل' جو مصنف آهي. اهو ديوان پڻ تصوف جي معارف ۽ حقائق سان ڀرپور آهي.

خليفي محمود جي مڪتوبات توڙي پنهي ملفوظاتن ۾ طريقت ۽ معرفت بابت نهايت اعليٰ علمي ڳالهيون ملن ٿيون. ان جو سبب هي آهي ته هو تصوف جي اعليٰ علمي روايت کان نه رڳو مستفيض ٿيل آهي پر ان جا اڪثر حوالا ڏئي سمجهائي ٿو. فارسيءَ جي سڀني وڏن صوفي شاعرن جهڙوڪ سنائي، عطار، رومي، حافظ، جامي ۽ ٻين شاعرن جا ڪيترا شعر آڻي ٿو. اهڙيءَ طرح نثر ۾ مڪتوبات منيري، مڪتوبات امام رباني ۽ خواجه معصوم توڙي خواجه نظام الدين اولياء جي ‘فوائدالفواد’ ۽ مخدوم جهانيان جهان گشت جي ملفوظات، خواجه بهاءُالدين نقشبند جي ڪلمات قدسيه ۽ خواجه احرار جي ملفوظات مان به هو چڱيءَ طرح واقف ڏسجي ٿو. سنڌ اندر تصوف جي روايت کي هو شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي ملفوظات ‘بيان العارفين’ کان شروع ڪري ٿو، ۽ هن سلسلي ۾ شاهه لطيف، سلطان الاولياء خواجه محمدزمان لواريءَ واري ۽ شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي شاعري ۽ فڪر کي سند طور اختيار ڪري ٿو.

تيرهين صدي سنڌ جو ٻيو وڏو ناليوارو نقشبندي بزرگ ۽ عالم، فقيہ ۽ تصنيف وتاليف جو صاحب **مخدوم محمد ابراهيم ولد مخدوم عبداللطيف ولد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي** آهي. هو 1162ھ ۾ ڄائو. سندس والده ابوالقاسم نقشبنديءَ جي پوٽي هئي. هو شاهه صفي الله سرهنديءَ جي بيعت سان نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيو ۽ خاص خليفن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. شاهه صفي الله جي آخري حج جي موقعي تي هو ساڻس گڏ هو ۽ جڏهن سندس مرشد کي جده

۾ دفن ڪيو ويو تڏهن به هو اتي موجود هو ۽ سندس جنازي نماز پڙهايائين. اهو اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو ته ’عمدة المقامات‘ جو مؤلف شاهه فضل الله جيڪو پاڻ انهيءَ سفر ۾ گڏ هو، تنهن مخدوم صاحب جي علمي ۽ روحاني ڪمالات جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي.

مخدوم ابراهيم جيئن ته ”تڪمله مقالات الشعراءِ“ جي مؤلف ابراهيم خليل جو پڙ نانو ٿئي، تنهنڪري هن پنهنجي تصنيف ۾ مخدوم صاحب جو احوال ۽ ڪارناما چڱي طرح بيان ڪيا آهن. مخدوم صاحب پنهنجي ذاتي وانگر شريعت تي پابنديءَ جو قائل هو ۽ ڪيترن فقهي مسئلن ۾ پنهنجي وقت جي عالمن کان مختلف راءِ جو اظهار ڪيو اٿس. مخدوم ابراهيم جون ڪيتريون ئي تصنيفات آهن جن ۾ گهڻي ڀاڱي فقهي آهن. البت ’هدايت المريدين‘ جيڪا مروج سنڌي نظم ۾ آهي سا نقشبندي سلسلي جي بنيادي اصولن ۽ ان جي سمجهاڻي متعلق آهي جنهن ۾ هو پنهنجي طريقت جي سلسلي کي تفصيل سان بيان ڪري ٿو. اهو رسالو بمبئي مان 1290 ۾ ليٿو تي ڇپيل آهي. ان جي شروعات ۾ نقشبندي طريقي جي فضيلت بابت هيئن چوي ٿو:

اوليائن ۾ الله جي نوري نقشبندي

سارين سنت شفيع جي ۽ متابعت محمدي

شعر رواني وارو ۽ پختو آهي ۽ اهو صرف الف اشباع واري قافيي تي ٻڌل ناهي بلڪ جدا جدا قافين وارو ٻگهو نظم آهي.

مخدوم ابراهيم جي سوانح بابت هڪ مختصر رسالو سندس خاص خليفي احمد خان نظاماڻي جي چوڻ تي محمد امين چتڙائي ‘مناقب مخدومين’ يعني ٻن مخدومن جا مناقب لکيو، جنهن ۾ هو مخدوم ابراهيم سان گڏ سندس پيءُ مخدوم عبداللطيف جو مختصر ذڪر ڪري ٿو. هيءُ رسالو 1227ھ ۾ لکيو ويو آهي. هن رسالي مان اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم ابراهيم 1189ھ ۾ پنهنجي والد مخدوم عبداللطيف جي وفات کان پوءِ ڪلهوڙن طرفان قضا جون ذميواريون سنڀاليون ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي کان وٺي ميان عبدالنبي عباسي جي زماني تائين اُهي فرائض بخوبي ادا ڪيائين ليڪن ڪلهوڙن جي پوئين زماني ۾ جڏهن شڪارپور تي تيمور شاهه ابدالي جا نمائندا حاڪم ٿيڻ لڳا ته مخدوم ابراهيم شڪارپور اچڻ لڳو ۽ اتي ئي هڪ پيري شاهه صفي الله جي بيعت کان مشرف ٿيو.

‘مناقب المخدومين’ مان اندازو ٿئي ٿو ته زندگيءَ جي پوين ڏهاڙن ۾ مخدوم ابراهيم جا وقت جي حاڪمن ميرن سان سٺا تعلقات نه رهيا هئا جو 1224ھ ۾ سنڌ ڇڏي بدين جي شهر نندي مان گذري ڪڇ جي شهر سراءِ ۾ منزل ڪيائين. سندس اهو پورو سفر بيماريءَ جي حالت ۾ گذريو ۽ آخر مڏئي جي شهر ۾ 1225ھ ۾ وفات ڪيائين.

خليفي احمد نظاماڻيءَ جو ذڪر ‘تڪلمه مقالات الشعراءِ’ ۾ ملي ٿو. جتي مؤلف سندس شعر به مثال طور ڏنا آهن. بلڪ ‘عمدة المقامات’ موجب خليفي احمد خان شاهه صفي الله کان به

ڪسب فيض ڪيو هو. احمد خان جي پنهنجي مرشد مخدوم ابراهيم جي نظر ۾ ايتري وقعت هئي جو پنهنجي پٽ عبدالغفور کي چوندا هئا ته جيڪڏهن خدا سان گڏ هجڻ چاهين ٿو ته پوءِ احمد خان سان صحبت ڪر، پر جيڪڏهن گهرين ته خلق جي تو ڏانهن رجوعات ٿئي ته پوءِ وسينءَ واري خليفي وٽ وڃ.
مٽياري جي سرهندين جي خانداني روايت موجب شاهه ضياءَ الحق شهيد جيڪو سرهندي خاندان مان هو ۽ شاهه صفي الله جو نياٽو هو، ان کي جڏهن پنهنجي پٽ شاهه عبدالرحيم جيڪو مٽياريءَ ۾ مدفون آهي، نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو تڏهن کيس چيائين ته توکي خليفي احمد خان نظاماڻيءَ کان بيعت ڪرائيندس. اها روايت به آهي ته شاهه عبدالرحيم جي مٽياريءَ ۾ عاليشان قبي جي تعمير ۾ مخدوم ابراهيم مڏئي واري جي خليفن وڏو بهرو ورتو هو. مٽياري وارن سرهندين جو مخدوم ابراهيم سان خاص تعلق قائم رهيو جو پوءِ سنڌ مان ڪڇ ۾ سندس مزار تي اچ وڃ جو سلسلو قائم رهيو.

تيرهين صديءَ جو بيو وڏو عالم ۽ فقيهه جيڪو نقشبندي سلسلي سان خواجه صفي الله جي واسطي سان وابسته ٿيو. جڏهن هو غالباً پهريون دفعو سنڌ ۾ آيو، اهو **مخدوم عبدالواحد پاٽائي** (1224/1150) آهي، جيڪو ڪلهوڙن توڙي ميرن جي زماني ۾ سيوهڻ سرڪار جو قاضي هو. هو فقهه حنفي ۾ وڏي شهرت رکي ٿو ايتريقدر جو کيس ”نعمان ثاني“ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان جو سبب سندس ’بياض واحدي‘ آهي. مخدوم

عبدالواحد جو تعلق صديقي علمي خاندان سان آهي جن جي نسب جو شجرو **عيسيٰ جندالله پاٽائي** کان ٿيندو **شيخ شهاب الدين سهرورديءَ** سان ملي ٿو.

مخدوم عبدالواحد بابت خانداني روايت توڙي ٻين ڪتابن مان بلڪ 'عمدة المقامات' موجب هو شاهه صفي الله جي وڏن خليفن مان هڪ هو. مخدوم خاندان جي تحريرن ۾ شاهه صفي الله جو مخدوم عبدالواحد کي ڏنل تحريري اجازت نامو موجود آهي، جيڪو 'تذڪره مشاهير سنڌ' ۾ ڏنل آهي. مخدوم صاحب جي تصنيف جو تعداد ويهن کان مٿي آهي.

'بياض واحدي' جيڪو فارسي زبان ۾ فتوائن تي مشتمل آهي، تازو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌيءَ ۾ شايع ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح مختلف موضوعن تي سندس ننڍا وڏا رسائل جن جو تعداد ويهارو کن آهي پڻ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا آهن. انهن مان سندس وسيع علمي مطالعي ۽ چاڻ جو اندازو ٿئي ٿو. هو نقشبندي ادب کان پوريءَ ريت ٻهرور معلوم ٿئي ٿو. هڪ ننڍي رسالي 'بسط المقال في حل الاشڪال' ۾ مڪتوبات امام ربانيءَ جا ڪيترا حوالا ڏئي ٿو ۽ ان سان گڏ 'مڪتوبات معصوميه'، ۽ خواجه احرار جي 'رساله والديه' جو پڻ ذڪر ڪري ٿو. هڪ ٻئي هنڌ ابن عربيءَ جي عينيت واري فڪر جي سولي سمجهاڻي ڏيندي پڻ نظر اچي ٿو.

مخدوم عبدالواحد کان پوءِ سنڌ جو اهو علمي خاندان جيڪو سهروردي سلسلي سان وابسته هو، سو هميشہ لاءِ نقشبندي سلسلي

سان لاڳاپيل رهيو. مخدوم عبدالواحد 1224ھ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات بعد سندس پائٽيو مخدوم محمد عارف ظاهري توڙي باطني مسند سنڀالي جيڪو ڪانئس نقشبندي طريقي ۾ اجازت يافته هو ۽ هن 1258ھ ۾ وفات ڪئي.

مخدوم عارف کان پوءِ هن خاندان ۾ مخدوم فضل الله پاٽائي (1227ھ - 1294ھ) صاحب علم ۽ فضيلت ٿيو. هن جو والد مخدوم عبدالواسع فارسي زبان جو قادر الڪلام شاعر هو. سندس فارسي غزل موجود آهي. هن بزرگ سهروردي ۽ نقشبندي طريقي کان علاوه قادري طريقي ۾ ملتان جي ڪنهن بزرگ کان پڻ خرقو حاصل ڪيو هو.

مخدوم عبدالواسع فارسي ۾ شاعري ڪئي، پر سندس پٽ مخدوم فضل الله وري خالص تصوف، ديني ۽ فقهي معاملن بابت سنڌي شعر ۾ گهڻو مواد ڇڏيو آهي. هن سلسلي ۾ 'وحدت نامو' ۽ 'تصوف نامو' سندس نمايان علمي ڪاوشون آهن جتي هو هڪ طرف ابن عربيءَ جي اعيان ثابته جي سمجهاڻي ڏئي ٿو ته ٻئي طرف نقشبندي طريقي جي مراقبن سر، خفي، اخفيٰ وغيره جي وضاحت به وڻندڙ شاعرانه انداز ۾ ڪري ٿو. هو سنڌ جي صوفيانه شاعري جي روايت سان پڻ ڳنڍيل نظر اچي ٿو جو شاه لطيف جي سر سامونڊي جي ڏه سٽي بيت جي پنهنجي مخصوص انداز ۾ تشريح ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح "زيورنامه" ۾ عورتن جي زيورن جا نالا ڪڍي هر هڪ تي بيتن جي طرز ۾ عورتن لاءِ هدايت ۽ سمجهاڻيءَ جو سامان مهيا ڪري ٿو.

مخدوم فضل الله جو احوال ”تڪملہ مقالات الشعراءَ“ ۾ ملي ٿو جنهن موجب هو قلندر شهباز سان خاص عقيدت رکندڙ هو. ابراهيم خليل فارسي ۾ سندس هڪ اهڙو نظم ڏنو آهي. خانداني روايت موجب مخدوم فضل الله ڪنياري جي مدرسي مان فارغ تحصيل ٿيو ۽ پنهنجي استاد مخدوم محمد يوسف ڪان نقشبندي طريقي ۾ بيعت ٿيو جيڪو پاڻ محمد اسماعيل وسيڻ‌َ واري جو مريد هو ۽ اهو مخدوم ابراهيم مڏئي جي ٽن خاص خليفن مان هو جنهن جو ذڪر تڪلمہ مقالات الشعراءَ ۾ ملي ٿو. مخدوم فضل الله جي شاگردن مان ۽ ساڳئي خاندان مان مخدوم شفيع محمد پاٽائي (1250-1315) عالم فقيہ ۽ شاعر ٿي گذريو. سندس تصنيفات ۾ پهرين پاري الم جو تفسير ۽ قصيده برده جو منظوم سنڌي ترجمو شامل آهن جيڪي ڇپيل آهن.

سيوهڻ جي حوالي سان تيرهين صديءَ جو پيو وڏو عالم ۽ فقيہ نقشبندي سلسلي سان وابسته **شيخ محمد عابد انصاري** (1192-1257) آهي. جنهن سلطان الاولياء خواجه محمدزمان لُواري شريف واري جي ارشادات کي **’ڪلمات قدسيه‘** جي نالي سان عربيءَ ۾ 1240ھ کان 1246ھ جي وچ ۾ مرتب ڪيو. جيئن ته ’ڪلمات قدسيه‘ هن ڪتاب جو حصو آهي، انڪري سندس احوال الڳ ڏنو ويو آهي.

تيرهين صدي اندر نقشبندي سلسلي جو ذڪر ڪهڙن جي مخدوم خاندان کان سواءِ مڪمل نٿو ٿي سگهي. هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين **مخدوم عبدالرحمٰن ڪهڙن واري** جو نالو اچي ٿو جيڪو

ٻارهين صديءَ جي اوائل جو بزرگ آهي هن کي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ 1145هه ۾ مسجد ۾ ٻه سئو ٻاويهه نمازين سان گڏ شهيد ڪيو ويو. هن خاندان جو سلسلو هونئن قادري هو. پر مخدوم عبدالرحمٰن جي ننڍي پٽ مخدوم احمديءَ جي پٽ مخدوم عاقل (ثالث) جي گهر ۾ مخدوم محمد اسماعيل پرياڻيءِ نقشبنديءَ جي ڌيءَ هئي. ليڪن هن خاندان مان پهريون بزرگ مخدوم عبدالخالق چوي ٿو ته آءٌ نوجوان هوس جو مون شاهه صفي الله جي پاٽيجي شاهه فضل الله سرهنديءَ ڏانهن رجوع ڪيو ۽ ڪانئس بيعت حاصل ڪيم. اهو **مخدوم عاقل ثالث** ئي هيو جنهن تاريخ '**آئينه جهان نما**' جهڙو تاريخي پس منظر سان گڏ خانداني تذڪرو ٻن ضخيم جلدن ۾ 1285هه ۾ لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ هن افغانستان جي بادشاهن احمد شاهه ابداليءَ کان وٺي سندس پٽ تيمور شاهه ۽ سندن پونيرن جا شاهي خط پڻ ڏنا آهن. احمد شاهه ابداليءَ کان وٺي سيني حڪمرانن هن خاندان کي هڪ لحاظ سان سنڌ ۾ شريعت جي احڪامن جو اختيار حوالي ڪيو هو ۽ وقت بوقت سندن مدد ڪندا رهندا هئا. تاريخ 'آئينه جهان نما' ۾ اهڙن ڪيترن واقعن جو ذڪر ملي ٿو. چوڏهين صديءَ ۾ لکيل 'تذڪره مخاديم کهڙا' هن تاريخ جو اختصار آهي جنهن ۾ پڻ اها جهلڪ نظر اچي ٿي. تذڪره جي روايت موجب هن خاندان جا افغانستان جي حڪمرانن سان تمام سٺا تعلقات هئا. ايتريقدر جو جڏهن تيمور شاهه جو پوٽو شجاع الملڪ سنڌ تي پهريون دفعو 1219هه ۾ حمله آور ٿيو ۽ سنڌ جا ٽالپر حڪمران جيڪي افغان بادشاهه کي اڳئي ڏن ڏيندا هئا،

ٿڙي پکڙي ويا ۽ ڪنهن ۾ اها طاقت نه هئي جو شجاع الملڪ سان ڳالهائي سگهي. تڏهن محمد عاقل ثالث جي اڳواٽي ۾ سنڌ جي پيرن ۽ مشائخن جي وفد جنهن ۾ پير محمد راشد روضي ڌڻي (وفات 1232) به شامل هو، بکر ۾ شجاع الملڪ سان ملاقات ڪري کيس واپس وڃڻ تي راضي ڪيو هو جنهن جو سال هن تاريخي جملي مان نڪري ٿو:

"از لب درياءَ ز بکر باز گشت" 1219ھ

ليڪن سنڌ جي ٻين عام تاريخن ۾ هن بابت ڪو ذڪر نٿو ملي. شجاع ان کان پوءِ به ڪيترائي ڀيرا سنڌ ۾ آيو، ميرن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي، هو هر دفعي لکن رپين جي اوڳاڙي ڪري واپس ويندو هو. اهو زمانو هو جڏهن مير هڪ طرف رنجيت سنگھ کان ڊنل هئا ته ٻئي طرف انگريز کين مجبور ڪري مٿن پنهنجي مرضيءَ جا عهدناما مسلط ڪري رهيا هئا. آخري ڀيرو شجاع سال 1832/1248 سنڌ ۾ آيو جڏهن هو لڌيانه ۾ انگريزن جو مهمان هو. سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ هو ڪيترو عرصو شڪارپور ۾ ترسي پيو. ميرن گهڻي ڪوشش ڪئي ته کيس ڪيئن به ڪري ٽاريو وڃي پر آخر نوبت لڙائي تائين پهتي. 1834/1249 ۾ ڪرڙي واري لڙائي ٿي جنهن ۾ ميرن جو وڏو نقصان ٿيو. جڏهن صلح جون ڳالهيون ٿيون ته ميرن شڪارپور جي پير نظام الدين ۽ پير محي الدين سرهنديءَ کي پنهنجي طرفان قاصد ڪري موڪليو. آخر شجاع پنج سو اُٺَ ۽ چار لک رپيا وٺي سنڌ جي ڇپر ڇڏي.

ڪھڙن جي مخدومن منجھان **مخدوم عبدالخالق شاھ فضل الله** کان نقشبندي طريقي جي تلقين حاصل ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ ڪھڙن جي مخدومن جو قادري بجاءِ نقشبندي طريقو ٿي ويو. مخدوم عاقل چوٿون جيڪو تاريخ 'آئينه جهان نما' جو مصنف آهي، سندس نقشبندي سلسلي بابت هڪ نهايت عالمانه تحرير **'تلقين السالڪين'** جي صورت ۾ ملي آهي. هو ان ڪتاب جو انتساب خيرپور جي حڪمران مير علي مراد ڏانهن ڪري ٿو، جنهن ڪيس هن ڪتاب لکڻ تي آماده ڪيو ٿو ڏسجي. هن ڪتاب ۾ هو نقشبندي فڪر جو چڱيءَ ريت احاطو ڪري ٿو جتي هو اڪابر نقشبندين جي تصنيفات جهڙوڪ بهاءُالدين نقشبند ۽ خواجه احرار جي تحريرن جا حوالا ڏئي ٿو، اتي هو امام ربانيءَ جي مڪتوبات ۽ 'مبداءمعاد' کان به استفادو ڪندي نظر اچي ٿو. ڪتاب جي شروعات ئي هو نقشبندين جي بنيادي يارهن ڪلمات يا اصطلاحات جي سمجهاڻيءَ سان ڪري ٿو. هو فارسي شاعري جي صوفيانه روايت جي عظيم شاعرن عطار، رومي، سعدي ۽ جاميءَ جا اشعار به آڻي ٿو. هو سنڌ جي وڏي صوفي شاعر شاهه عبداللطيف جي بيت کي پڻ هڪ هنڌ حوالي طور آڻي ٿو. مطلب ته هي ڪتاب سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکي ٿو. مصنف 'تلقين السالڪين' 1279ھ ۾ لکي پورو ڪيو ۽ پاڻ 1293ھ ۾ وفات ڪري ويو. شاھ عبداللطيف کي حضرت مولانا شاھ عبداللطيف رحمة الله عليہ جي لقب سان ياد ڪري ٿو ۽ سندس هي بيت آڻي ٿو:

مس محبت نه ٿئي، پرت پوکي نه جاءِ
بيع ڪيو بازار ۾، وڪڻي ڪين وڪاءِ
هيءَ عنايت آهي، ڪنهن سهاڳڻ سامهون

اها عجيب ڳالهه آهي ته هن علمي تصنيف جو ذڪر ”تذڪره مخادم کهڙا“ ۾ ته ڪونه ٿو ملي پر پوءِ مولانا دين محمد وفائي به ان جو ذڪر نه ڪيو آهي، بلڪ هن خاندان جو نامور فرد مخدوم امير احمد پڻ هن ڪتاب کان باخبر نٿو ڏسجي. ’تلقين السالڪين‘ کان پوءِ مخدوم عاقل ’گنجينہ جهان نما‘ جهڙو ضخيم ڪتاب لکيو جنهن لاءِ پڻ چوي ٿو ته مير علي مراد خيرپور جي حڪمران جي کيس پنيرائي شامل هئي. ڪتاب جي منڍ ۾ لکي ٿو ته مون پهرين صدي هجري کان پنهنجي دؤر 1288ھ تائين جي تاريخي واقعات جو احاطو ڪيو آهي جنهن ۾ هو هر صديءَ جي صوفين ۽ مشاهيرن جو ذڪر خصوصيت سان ڪري ٿو. هن ڪتاب جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ پوري اسلامي دنيا عثمانيه سلطنت سميت وچ ايشيا ايران، خراسان، هند ۽ سنڌ جي اهم واقعن کي سرسري طور سميٽيو ويو آهي، جنهن منجهان مصنف جو عالمانه انداز واضح ٿئي ٿو. اسان کي ’تلقين السالڪين‘ ڪتاب جو هڪ اهڙو نقل مليو آهي جيڪو مؤلف جو هٿ اکري آهي جنهن تي تحقيق هلي رهي آهي.

تيرهين صديءَ ۾ مٽياري ۽ هالا علمي مرڪز طور گهڻو مشهور هئا ۽ ان ڪري اتي نقشبندي اثر به واضح نظر اچي ٿو. **هدايت الله مشتاق متعلويءَ** جهڙي عالم ۽ شاعر جو تعلق به شاهه

عبدالرحيم مٿياريءَ واري سان هو. انهيءَ زماني ۾ آخوند اميد علي سها جيڪو هالن جي سانوڻي علمي خاندان جو فرد هو. ان جو ذڪر وري 'تڪمله مقالات الشعراءَ' جي مؤلف ابراهيم خليل چڱيءَ ريت ڪيو آهي چو ته هو ساڻس گهڻو ويجهو هو.

اميد علي هالائي شاهه فضل الله جي پٽ خواجه عبدالقيوم جو مريد هو. هو عمدو شاعر، نثر نويس ۽ خوش نويس هو. هو مير حسين علي خان ٽالپر حسينيءَ جو ملازم هو. سندس قابلِ ذڪر تصنيفات 'قدسيات قيومه' يعني پنهنجي مرشد جي فارسيءَ ۾ سوانح ۽ ملفوظات ۽ 'قصيده برده' جي فارسي نثر ۽ نظم ۾ سمجهاڻي ملن ٿا. ان کان سواءِ سندس هڪ ديوان ۽ 'سفرنامه ڪلڪته' يادگار تصنيفون آهن. اميد علي جي مرشد خواجه عبدالقيوم قنڌار ۾ 1271هه ۾ وفات ڪئي ته هن سندس وفات جي تاريخ 'بلغ العليٰ' مان ڪڍي. سال 1297هه ۾ امير عبدالرحمٰن جي وقت ۾ افغانستان ۾ سرهندين لاءِ جڏهن حالتون سخت خراب ٿي ويون ته خواجه عبدالقيوم جي پٽ (1244-1315) خواجه عبدالرحمٰن سنڌ جو رخ رکيو جتي اڳئي سندس مائٹ ۽ عقيدتمند موجود هئا. ميران شاهه اول ٽکڙائي جي استدعا تي هو ٽکڙ ۾ سال 1298هه ۾ وارد ٿيو. ليڪن ساڳئي سال حج جي لاءِ روانو ٿي ويو چو ته سندس ارادو حرمين ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جو هو. 1297 ۾ قنڌار مان هجرت ڪرڻ تي اميد علي هالائي نهايت پر سوز نظم لکيو، جيڪو 'انيس المريدين' ۾ ڏنل آهي. اميد علي 'سها' جو بياض جنهن ۾ قصيده برده، غزل، دعائون ۽ عمليات آهن، ڊاڪٽر

بلوچ جي مخطوطات سنڌ آرڪائيوز ۾ محفوظ آهي. البت سندس ٻيا خوشخط لکيل ڪتاب ٺٽو سائينداد جي سرهندين وٽ آهن. اميد علي 'سها' سال 1291ھ ۾ وفات ڪئي.

آخر ۾ **"تڪلمة مقالات الشعراءِ" جي مؤلف مخدوم محمد ابراهيم خليل** جو ذڪر ان ڪري ضروري آهي جو هو تيرهين صديءَ جي ڪيترن نقشبندي صوفين ۽ شاعرن جو احوال ان ڪتاب ۾ ڏئي ٿو. محمد ابراهيم پاڻ کي ڄم ۽ رهائش جي لحاظ کان سنڌي ٺٽوي ڄاڻائي ٿو. هونئن پاڻ کي هراتي، صديقي ۽ نقشبندي ڪوٺي ٿو. پنهنجي پيءُ جو نالو مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم غلام حيدر بن مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم محمدزمان ٻڌائي ٿو ۽ پنهنجي ولادت جو سال 1243ھ بيان ڪري ٿو. هن هڪ علمي خاندان ۽ شهر ۾ اک کولي جيتوڻيڪ اهو ميرن جو زمانو هو پر انگريزن جي آمد جا آثار ظاهر هئا، جو آخر سال 1843/1259 ۾ هو سنڌ تي قابض ٿي ويا.

ابراهيم کي فطري طور شاعريءَ ۽ علم ادب سان لڳاءُ هو جنهن جو ثبوت سندس شاهڪار تصنيف 'تڪمله مقالات الشعراءَ' آهي ۽ جيئن نالي مان ظاهر آهي ته هن اهو ڪتاب مير علي شير قانع جي 'مقالات الشعراءَ' کان متاثر ٿي لکيو. جنهن ۾ هو پنهنجي ويجهڙائي جي زماني جي گويا علمي، ادبي ۽ ثقافتي تاريخ پيش ڪري ٿو. هو جوانيءَ ۾ "مسڪين" تخلص ڪندو هو ۽ پوءِ "خليل" اختيار ڪيائين. سندس چوڻ مطابق پورا ٻه ديوان لکيائين.

هن چوهتر سالن جي ڄمار ۾ 1317ھ ۾ وفات ڪئي ۽ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي احاطي ۾ مدفون ٿيو.

ابراهيم خليل خانداني طور نقشبندي طريقي سان وابسته هو. هو پنهنجي پڙ ڏاڏي مخدوم عبدالڪريم لاءِ ٻڌائي ٿو ته هو شاهه صفي الله کان بيعت هو. اهڙيءَ طرح سندس ڏاڏو ۽ پيءُ به نقشبندي سلسلي سان وابسته رهيا. پنهنجي وڏي ڏاڏي محمد زمان لاءِ ٻڌائي ٿو ته هن جي هڪڙي شادي ابوالقاسم نقشبنديءَ جي پوٽيءَ سان ٿي هئي ۽ ان زماني کان وٺي سندن خاندان نقشبندي فيض سان مستفيض رهيو آهي. ابراهيم خليل پنهنجي پيءُ عبدالڪريم ثاني لاءِ لکي ٿو ته هن جي شادي مخدوم عبداللطيف ولد مخدوم ابراهيم مٽئي واري جي ڌيءَ سان ٿي هئي يعني مخدوم محمد ابراهيم مٽئي وارو سندس سڳو نانو هو.

ابراهيم خليل جو اصل ڪارنامو اهو آهي ته هو تيرهين صديءَ جي مشاهيرن ۽ خاص طور نقشبندي بزرگن ۽ اوليائن بابت مستند معلومات مهيا ڪري ٿو. هو جتي شاهه صفي الله مجددي نقشبندي ۽ سندس پٽ خواجه عبدالباقي جو احوال ڏئي ٿو، اتي شاهه فضل الله ۽ سندس پٽ خواجه عبدالقيوم بابت پڻ ٻڌائي ٿو. تڪمله مان ئي شيخ ابوالقاسم نقشبنديءَ سان سندس ڏاڏي مخدوم عبدالڪريم ۽ مخدوم ابراهيم مٽئي جي مٽي مائٽي جي خبر پوي ٿي. جنهن مطابق هو ٻئي پاڻ ۾ ماسات آهن. شيخ ابوالقاسم مخدوم ابراهيم مٽئي واري جو نانو آهي ۽ ابراهيم خليل جي پڙ ڏاڏي جو پڻ نانو آهي.

مطلب ته ابراهيم خليل ڏاڏنگ توڙي نانڪ ۾ نقشبندي طريقي سان لاڳاپيل هو تنهنڪري پنهنجي خاندان، رشتيدارن ۽ ان زماني جي ڀين نقشبندي بزرگن بابت مختصر مگر مفيد معلومات ڏني اٿس. تڪمله ۾ هيٺين نقشبندي بزرگن ۽ مشاهيرن جو احوال ملي ٿو. محمد هاشم ٺٽويءَ جي اولاد مان سندس پوٽي مخدوم ابراهيم مڏئي وارو، ان جي پٽ عبداللطيف کان سواءِ لُواري درگاهه جي بزرگن مان سلطان الاولياء جي والد ميان عبداللطيف ۽ ميان گل محمد ۽ خواجه محمد سعيد توڙي ان درگاهه جي عقيدتمندن منجهان جهڙوڪ 'فردوس العارفين' جو مصنف بلوچ خان ۽ 'مرغوب الاحباب' جي مؤلف نظر علي ٽالپر بابت پڻ تفصيل ڏنو اٿس.

سرهندي خاندان منجهان خواجه عبدالباقي جي پٽ خواجه عمر توڙي سندس پوٽي ناصرالدين جانان جي مختصر احوال سان گڏ سندس شاعري مان ڪجھ نمونا پيش ڪري ٿو.

تڪمله جي شروعات هو احمد خان نظاماڻيءَ سان ڪري ٿو. جيڪو شاهه صفي الله جو خاص خليفو هو ۽ جنهن جو ذڪر 'عمدة المقامات' ۾ پڻ ملي ٿو. اهڙيءَ طرح هو اميد علي 'سها' هالائي جو تفصيلي احوال ڏي ٿو جيڪو خواجه عبدالقيوم جو مريد هو ۽ مرشد جي ملفوظات 'قدسيات قيومه' مرتب ڪئي اٿس. ابراهيم خليل جو چوڻ آهي ته هن پاڻ ان ملفوظات لکڻ ۾ اميد علي جي مدد ڪئي هئي. تڪمله ۾ سيوهڻ جي پاٽائي خاندان مان مخدوم

فضل الله پاٽائي، شڪارپور مان پير نظام الدين سرهندي جو احوال به ملي ٿو.

جيئن مٿي ذڪر ٿي آيو ته سنڌ ۾ ٻارهين صديءَ اندر نقشبندي سلسلي جي آمد شروع ٿي ۽ پهريائين سنڌ جا عالم ۽ بزرگ دهلي ۽ سرهند وڃي فيضياب ٿي آيا جن جو مثال پهريون نقشبندي صوفي مخدوم آدم نقشبندي ۽ ان ڪان پوءِ مخدوم ابوالقاسم ۽ خواجه ابوالمساڪين آهن جن جو تعلق ٺٽي سان هو. ان ڪان پوءِ سندن ذريعي هي سلسلو ڦهلجڻ (پکڙجڻ) لڳو، ۽ خواجه ابوالمساڪين جيڪو مخدوم آدم نقشبنديءَ جو پوٽو هو. جنهن کان اهو فيض لُواريءَ درگاهه جي باني سلطان الاولياء خواجه محمد زمان کي مليو. ان جو تفصيلي احوال اڳ ۾ گذري آيو.

تيرهين صديءَ ۾ سنڌ اندر نقشبندي سلسلو وڏي پيماني تي ڦهليو (پکڙيو) ۽ ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن سکن جي ظلمن ڪري سرهندي خاندان پشاور، ڪابل ۽ قنڌار ۾ ٽڙي پکڙي ويو، تڏهن وري ان خاندان جا افراد ڪابل ۽ قنڌار مان حج جي ارادي سان سنڌ ۾ اچڻ لڳا. آخر تيرهين صديءَ ۾ ڪيترا خاندان سنڌ اندر مستقل سڪونت اختيار ڪري ويا. جيتوڻيڪ نقشبندي سلسلي جا وڏا بزرگ ٻارهين صديءَ ۾ ٿي گذريا، پر هڪ لحاظ سان تيرهين صديءَ ۾ نقشبندي سلسلو پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۾ ڪن حلقن پاران ان عرصي دوران ڪي علمي اعتراض به اٿڻ لڳا. هن سلسلي ۾ اسان کي اهڙو مواد ملي ٿو. انهن اعتراضن يا سوالن جا علمي جواب لُواري شريف جي

پنجين گادي نشين خواجه محمد سعيد (1264 - 1324ھ) جي هڪ رسالي جي صورت ۾ ملن ٿا. اها هڪ عمدي تحرير آهي، جنهن ۾ هو نهايت عالمانه انداز ۾ بحث ڪري جواب ڏئي ٿو. ان ڪتاب جو نالو آهي '**رفع الظنون السيئة عن الائمة العلية**' يعني عالي مقام بزرگن بابت غلط گمانن جي اصلاح، انهن مان ڪي خاص سوال هن ريت آهن:

1. طريقه عاليه قادريه سيني طريقن کان افضل آهي ڇو ته شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو قول آهي ته ''قدمي هٰذه عليٰ رقبة ڪل ولي'' يعني منهنجو هي قدم هر ولي جي گردن مٿان آهي. ان باري ۾ توهان ڇا ٿا چئو؟
2. نقشبندي بزرگ شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي فضيلت جو اقرار ڇو نٿا ڪن، ۽ پاڻ کي اصحابي سڳورن کان به بهتر ڄاڻائن ٿا، جيئن مجدد الف ثانيءَ جي ڪن مڪتوبات مان اهو گمان نڪري ٿو، ان جي ڪهڙي وضاحت آهي؟
3. نقشبندي زباني ذڪر کان پاسو ڪن ٿا، ۽ چون ٿا ته قلبي ذڪر جو غلبو پوري جسم تي ظاهر ٿيندو آهي، بلڪ جيڪڏهن قلبي ذڪر غالب ٿئي ٿو ته انساني جسم جو هر وار ذڪر ڪندو آهي، ان جو ڪهڙو دليل آهي؟
4. نقشبندي قول ۽ فعل ۾ پاڻ کي هر حال ۾ سنت جو پوئلگ ٻڌائن ٿا، پوءِ مجدد الف ثانيءَ جي هن قول جو ڪهڙو شرعي دليل آهي ته آءٌ پيغمبر عليہ الصلواة والسلام جي وجود جي بقايا مان آهيان؟

خواجه محمد سعيد جي مٿين ڪتاب ۾ هنن ٻ پين سوالن جا نهايت علمي انداز ۾ مدلل جواب ڏنل آهن ته انهن الزامن ۾ ڪيتريقدر حقيقت آهي.

ٻي ڳالھ ته هن ڪان اڳ به اهي سوال اٿاريا ويا آهن. هن سلسلي ۾ هو سموري صوفي ادب جي چنڊ ڇاڻ ڪري پنهنجو نقطئه نظر واضح ڪري ٿو جيڪو پڙهڻ وٽان آهي.

اهڙيءَ طرح انهن سوالن جا مختصر جواب ۽ سمجهاڻي مخدوم فضل الله پاٽائي جي طرفان پڻ هڪ ننڍي عربي فارسي رسالي ۾ ملن ٿا. هن ڳالھ ڪرڻ جو مقصد هو ته جيڪڏهن نقشبندي طريقي جي مٿان ڪي علمي اعتراض يا سوال اٿاريا ويا ته انهن طرفان تسلي بخش وضاحت پڻ پيش ڪئي وئي جو اهو معاملو اڳتي نه وڌيو، جنهن ڪري نقشبندي طريقو جيڪو ٻين سڀني طريقن ڪان بعد ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيو، اهو ان ريت پنهنجي لاءِ خاص مقام ۽ جڳهه پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. بلڪ اسان کي ڪيترا اهڙا بزرگ نظر اچن ٿا جيڪي قادري، سهروردي توڻي نقشبندي طريقت ۾ نه صرف بيعت ٿيل هئا بلڪ هو ساڳئي وقت انهن ٽنهي سلسلن ۾ يا ان کان به وڌيڪ سلسلن ۾ بيعت ڪندا هئا. مطلب ته جيئن مٿي جائزي ۾ ڏنو ويو ته ڪيترا نقشبندي صوفي اجازت يافته هئا ۽ اهڙي اجازت به ڏيندا هئا.

(د) سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لُواريءَ واري جي سوانح حيات

سنڌ جي عظيم عارف ۽ روحاني پيشوا سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي ولادت 21 رمضان المبارڪ 1125ھ / 1713ع تي شيخ عبداللطيف جي گهر ۾ ٿي ۽ اها جڳهه موجوده لُواري شريف کان ڀه ميل ڏکڻ طرف هئي. سندن نسب ٿيهين پيڙهيءَ ۾ پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان ملي ٿو. 'لطيفة التحقيق' موجب سندن وڏا عباسي خليفن جي دؤر ۾ عربستان کان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ ٺٽي جي پرسان سڪونت اختيار ڪيائون. چون ٿا ته سومرن جي آخري دؤر ۾ حالتن جي ناسازگار هجڻ سبب هي خاندان سنڌ ڇڏي ڪڇ طرف هجرت ڪري ويو، ليڪن ساڳئي خاندان مان شيخ عبداللطيف وڏو سال 910ھ/ 1504ع ڌاري موٽي سنڌ آيو. مستند روايت موجب هن خاندان جو پهريائين سهروردي سلسلو هو، ليڪن خواجه محمد زمان جو والد شيخ عبداللطيف مخدوم آدم نقشبندي ٺٽويءَ جي پٽ شيخ فيض الله جي هٿ تي بيعت ڪري نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيو.

خواجه محمد زمان جي تعليم ۽ تربيت ٺٽي ۾ ٿي ۽ سندس استادن ۾ نمايان نالو شيخ محمد صادق نقشبندي جو آهي، جيڪو

پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم فاضل شخص هو ۽ مخدوم آدم نقشبنديءَ جي پٽ محمد اشرف جو نياڻو هو. اهو ساڳيو محمد صادق نقشبندي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو وڏو معتقد هو.

خواجه محمد زمان نوجوانيءَ ۾ هو ته شيخ محمد عرف خواجه ابوالمساڪين جيڪو مخدوم آدم نقشبنديءَ جو پوٽو ۽ سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو اڳواڻ هو، ان جي بابرڪت صحبت هيٺ نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ خواجه ابوالمساڪين نوجوان خواجه محمد زمان کي پنهنجي خانداني مسند حوالي ڪري پاڻ حرمين جي زيارت لاءِ روانو ٿيو. چون ٿا ته ان وقت خواجه محمد زمان جي عمر فقط چوويهه سال هئي. خواجه ابوالمساڪين حرمين ۾ رهائش دوران، خواجه محمد زمان ڏانهن خط لکي سندس رهنمائي ڪندو رهيو. اهي خط ’فردوس العارفين‘ ۾ موجود آهن، جيڪو خواجه محمد زمان جي هڪ معتقد مير بلوچ خان 1201ھ يعني پنهنجي مرشد جي وفات ڪان رڳو ٻارهن سال پوءِ مرتب ڪيو.

’فردوس العارفين‘ جي لکڻ موجب ٻن سالن بعد خواجه ابوالمساڪين موٽي ٺٽي آيو، پر ڪجهه وقت ڪان پوءِ اهل عيال سميت هميشه لاءِ حرمين شريفين روانو ٿي ويو. جتي 9 ذوالحج 1149ھ ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس جنت المعليٰ ۾ دفن ڪيو ويو. ’فردوس العارفين‘ واري لکيو آهي ته خواجه ابوالمساڪين حرمين شريفين ڏانهن وڃڻ ڪان اڳ خواجه محمد زمان کي پنهنجي

دستخط سان خلافت ۽ ارشاد ڪرڻ جي اجازت هن ريت لکي ڏنائين:

”يقول الشيخ محمد لما کان الاخ في الله محمد زمان سلک في الارادة وصحب مع المسکين صحبة کثيرة اجزته لتعليم الطريقة و شرط الاستقامة علي الشريعة والطريقة.“

[ترجمو:- شيخ محمد چوي ٿو ته، جيئن ته الله جي راھ ۾ ڀاءُ محمد زمان مريديءَ جي لڙھيءَ ۾ شامل ٿيو آهي ۽ هن مسڪين جي صحبت ۾ گھڻو وقت گهاريو اٿس. انهيءَ ڪري کيس طريقت جي تعليم جي اجازت ڏنم ۽ انهيءَ شرط سان ته شريعت ۽ طريقت تي محڪم رهندو.]

‘فردوس العارفين’ ۾ خواجه ابوالمساڪين جا حرمين شريفين مان لکيل پنج خط موجود آهن، هڪ خط ۾ خواجه محمد زمان سان محبت جو اظهار ڪندي لکن ٿا.

”الله سندس خواهشون پوريون ڪري، طريقت جا ڀاءُ سهڻي راھ جا رفيق صاحب ڪمال ميان محمد زمان ڪيترو عرصو ٿي ويو آهي ۽ ڪيتري وٿي پئجي وئي آهي جو هن نيڪ عادتن واري دوست جي طرفان ڪا خبر نه ملي آهي، ظاهر آهي ته جدائي ۽ بي رخي اختيار ڪئي اٿائين.

هر کہ عاشق شد اگرچہ نازنين عالم است
نازکي که راست آيد بار مي بايد کشيد

[معنيٰ: جيڪو عاشق ٿئي ٿو پوءِ توڙي جو اهو ڪيترو به جهان ۾ حسين هجي، هن کي نازڪ ٿيڻ نه گهرجي، بلڪ هن کي بار کڻڻو پوندو.]

هيءُ درويش توهان جي باري ۾ سوچي رهيو هو ته ڪي معاملا جيڪي ڪنهن بنده نوازي سبب هن بيڪار بدڪردار متعلق آهن، توهان کي ٻڌائي ڇڏي ها، توهان جي ڪناره ڪشي هرگز نٿي سونهي ڇو ته اهو سڀ سؤڻ ڪونه ٿيو پر چوندا آهن:

هر کس مصلحت خويش نکو ميداند

[يعني: هر ڪو پنهنجي مصلحت بهتر ڄاڻي ٿو.]

مطلب ته جيئن چيو اٿن:

اندکي پيش تو گفتم غم دل، ترسيدم

کہ دل آزرده شوي ورنه سخن بيسار است

[معنيٰ: تنهنجي آڏو ٿورڙو دل جو غم بيان ڪيو اٿم، پئو اٿم ته ڪٿي تنهنجي دل کي رنج نه رسي، نه ته ڳالهيون گهڻيون آهن.“]

ڇئي نٿو سگهجي ته خواجه ابوالمساڪين جي حرمين شريفين مستقل هجرت کان پوءِ خواجه محمد زمان نٿي ۾ ڪيترو وقت ترسيو، ڇو ته ‘فردوس العارفين’ جي روايت موجب نٿي ۾ سندن ڪيترا حاسد پيدا ٿي چڪا هئا، جن ۾ نٿي جا ڪي اثر و رسوخ وارا مشائخ يا درگاهن وارا ڏانهس خلق جي رجوعات ڏسي حسد واري روش اختيار ڪئي هئي. بهرحال ايترو پڪ سان ڇئي سگهجي ٿو ته اجا سندن والد حال حيات هو، جو نٿو ڇڏي اچي پنهنجو اصلوڪو اباڻو ماڳ لُواري وسايائون، جتي سندن والد

1149ھ ۾ وفات ڪئي. پر چون ٿا ڪجھ عرصي بعد ان ماڳ جو پاڻي ڪارو ٿي ويو جنھنڪري ڪجھ فاصلي تي نئون ڳوٺ اچي ٻڌايائون ۽ ان جو نالو به لُواري رکيائون. نئين لُواري شريف کي آباد ڪرڻ جو سال 1150 ھ / 1737ع ٻُڌايو وڃي ٿو.

لُواري شريف ۾ رھائش دوران اڪثر پاڻ استغراق ۽ محويت، مجاھدي ۽ مراقبي جي ڪيفيت ۾ گذاريندا ھئا. اھوئي زمانو ھو جڏھن خلق جي رجوعات ۾ پڻ اضافو ٿيڻ لڳو ۽ سندن نالو سنڌ کان ٻاھر خاص طور ڪڇ ڀڄ جي ايراضيءَ تائين پھتو.

مير علي شير قانع سنڌ جو مشھور مؤرخ ۽ خواجه محمد زمان جو همعصر پنھنجي مشھور تصنيف ‘تحفة الڪرام’ جيڪو ھن 1180 ھ ڌاري لکڻ شروع ڪيو ان ۾ لکي ٿو:

“ميان محمد زمان اڄ ڪالھ جو مرشد ۽ ميان ابوالقاسم ۽ ميان محمد نقشبندي (خواجه ابوالمساڪين) جي مريدن مان آھي ڏايو ھدايت وارو آھي. نقشبندي سلسلي جي مريدن جو مرجع ۽ وڏين ڪرامتن جو صاحب آھي. ھن وقت بدين جي ويجھو لُواريءَ جي ڳوٺ ۾ رھي ٿو، ھڪ دنيا کي فيض جي درياھ مان سيراب ڪري رھيو آھي. گھڻن ماڻھن جو اعتقاد آھي ته ھن وقت سندس وجود بينظير آھي. ڪنھن به پيدائش نه ھوندي، وٽس عام مھمان خانو ھلي ٿو. عجب ھي آھي ته ھڪ ٿولو حقيقت کي سمجھڻ کان سواءِ رڳو ظاھر تي مٿس طعنه زني ۾

مشغول آهي. هنن ڏينهن ۾ الاهيءَ قضا کي پهتو آهي يعني سنه 1188ھ جي پڇاڙيءَ ۾ گذاري ويو آهي.

جيئن مير علي شير قانع لکيو آهي تيئن لُواريءَ ۾ اقامت کان پوءِ خواجه محمد زمان جي روحاني فيض جو چرچو گهڻو ڦهلجي ويو. انهيءَ زماني ۾ سندس جهڙو ارشاد جو صاحب سنڌ ۾ ڪونه هو، گهڻي ئي بزرگ سندس خدمت ۾ فيض جي طلب لاءِ حاضر ٿيا.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي لکڻ موجب سنڌ جو حڪمران ميان غلام شاه ڪلهوڙو جيڪو 1170ھ ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ اڳي ئي اهڙن برگزيده شخصيتن جو قدردان هو، سو پڻ سندن ڏانهن متوجه ٿيو ۽ کين جاگير ڏيڻ جي آڇ ڪيائين جيڪا پاڻ قبول نه ڪيائون. ميان غلام شاه جي 1186ھ ۾ وفات کان پوءِ ميان سرفراز پاڻ وڏي عقيدت ظاهر ڪئي جو سنڌ جي حڪمراني حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ دفعو دعا واسطي حاضر ٿيو هو.

مشهور روايت موجب جنهن ڏانهن ’فردوس العارفين‘ جي مصنف مير بلوچ خان پڻ اشارو ڪيو آهي ته شاه عبداللطيف ڀٽائي هڪ دفعي لُواري شريف آيو، جتي خواجه محمد زمان سان ملاقات ڪيائين. البته شاه عبداللطيف ۽ خواجه صاحب وچ ۾ جيڪي بيت نقل ڪيا وڃن ٿا، اهي ’مرغوب الاحباب‘ واري ڏنا آهن. جيڪو سال 1262ھ ۾ مرتب ڪيو ويو. علامه دائود پوٽي اُهي بيت نقل ڪيا آهن ۽ اهو پڻ لکيو اٿس ته شاه عبداللطيف ان ملاقات کان پوءِ خواجه صاحب جي شان ۾ هي بيت چيو هو:

سي مون ڏنا ماءِ، جنين ڏنو پرينءَ کي
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگھان ڳالھڙي

”فردوس العارفين“ وارو لکي ٿو ته خواجه صاحب عمر جي پوين سالن ۾ خاص طور 1187ھ ۾ گھڻو بيمار رهڻ لڳا، ايتري قدر جو چوڻ لڳا ته هاڻي اسان جي هلڻ جو وقت اچي ويو آهي، انهن ڏهاڙن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هي بيت سندن زبان تي هوندو هو:

اوڏڻ اوڏي آءُ، توکي لاکي ڪوٺئو
تان لهي تو مٿاءُ، سندو مِٺيءَ مامرو

آخر پاڻ ٽيهٺ ورهين جي عمر ۾ چوٿين ذوالقعد 1188ھ/ 1775ع ۾ چنچر ڏينهن هن فاني دنيا کي ڇڏي دارالبقا ڏي راهي ٿيا. سندن وفات تي قطعه تاريخ بابت ڪيترن شاعرن ۽ عقيدتمندن تاريخون لکيون آهن، ’فردوس العارفين‘ واري سيد غلام مهتديٰ شاه لکوي جو هيٺيون قطعو ڏنو آهي:

قطب الاقطاب فرد يزداني
نقشبند است نقش نوراني
شه محمد زمان حبيب خدا
مرشد است و مجدد ثاني
بود مظهر ز نور ذات الله
آمده در لباس انساني
باز خواهش ز اصل خويش نمود
زانکه او بود نور سبحاني
ماه ذي قعد را چهارم بود

خواست نزع لباس جسماني

آمده هاتف ز غيب پديد

گفت اي شاه جان جاناني

هر دو عالم شده است عرض بتو

کن قبول از يکي که به داني

گفت او را جواب و هم تاريخ

''به ز هٰذا وصل عرياني''

1188ھ

مهتديٰ سائل است بر در تو

از حصول مقام عرفاني

هڪ ٻي تاريخ نظر علي 'مرغوب الاحباب' واري لکي آهي جنهن جا آخري ٽي بيت هن ريت آهن:

بوقت چاشت چهارم ماه ذي قعد

ازين دار فاني شد انتقالش

ندائي ''خلوت ما با حق'' آمده 1188ھ

چومي بنوشت تاريخ وصالش

علي کو خاک بوس درگه او است

نظر باشد کند روزي به حالش

ڪجھ ٻيون تاريخون هن ريت آهن:

''ورضي لہ قولاً'' 1188ھ

''محمد زمان شيخ قطب الله'' 1188ھ

اهڙي طرح ٻين ڪيترن شاعرن ۽ عالمن تاريخون لکيون آهن، جيڪي هتي طوالت سبب پيش نه ٿيون ڪجن.

سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جا فيض يافته خليفا ۽ مريد گهڻا ئي ٿيا پر انهن مان هيٺيان زياده مشهور آهن:

1. شيخ عبدالرحيم گرهوڙي
2. شيخ حاجي ابوطالب اگهمي
3. شيخ حاجي محمد صالح کڙائي
4. حافظ هدايت الله
5. قاضي احمد دمائي

جن جو تفصيلوار احوال ”فردوس العارفين“، ”جواهر البدائع“، ”مرغوب الاحباب“، ”آئينه الاولياء“ ۽ ”سچڻ ڏٺو جن“ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

”فردوس العارفين“ جي مصنف مير بلوچ خان متعلق هتي ايترو ٻڌائڻ ضروري آهي ته هو اصل ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي درٻار سان وابسته هو جتي هن سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي روحاني فيض جي هاڪ ٻڌي، آخر سال 1182ھ ۾ يعني خواجه صاحب جي وفات کان ڇهه سال اڳ لُواريءَ ۾ اچي دست بيعت مريد ٿيو. هن واقعي کي ’فردوس العارفين‘ ۾ هو وڏي محبت جي رنگ ۾ پيش ڪري ٿو جنهن مان سندس عقيدت جو اظهار ٿئي ٿو. مير بلوچ صاحب طرز اديب ۽ فارسي شاعري ۽ عربيءَ ۾ دسترس رکندڙ هو، جنهن جو اظهار هن پنهنجي علمي انداز واري تحرير ۾ ڪيو آهي جنهن ۾ هن عطار، رومي، حافظ،

جاميءَ ۾ ٻين فارسي شاعرن جا شعر نهايت برمحل انداز ۾ آندا آهن. هو لکي ٿو ته انهيءَ ڪتاب لکڻ وقت هن اهو احوال حافظ هدايت الله جيڪو خواجه محمد زمان جو پراڻو مريد هو ان کان پڇي لکيو آهي. ان کان علاوه هو خواجه گل محمد جيڪو سلطان الاولياء کان پوءِ گادي نشين ٿيو، ان کان پڻ ڪيتريون روايتون نقل ڪري ٿو، جن کي ڪتاب ۾ آڻي ٿو. مطلب ته اوائلي تذڪري جي حيثيت ۾ اهو گهڻي حد تائين معتبر ماخذ آهي. هو خواجه گل محمد ۽ ان جي ڪتاب 'الوردالمحمدي' مان به استفادو ڪري ٿو. هو ٻين نقشبندي بزرگن جي تحريرن کان علاوه مڪتوبات امام ربانيءَ جا حوالا پڻ آڻي ٿو.

سلطان الاولياء جي رحلت کان پوءِ سندن فرزند خواجه گل محمد گادي نشين ٿيو، جنهن جي عمر ان وقت فقط يارهن سال هئي، يعني هو 1177ھ ۾ ڄائو هو. ليڪن اهو ئي سندن جانشين ٿيو ۽ شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ سڀ کان پهريائين سندس بيعت ڪئي، بلڪ ان کان پوءِ هو پورو هڪ سال لُواري شريف ۾ ترسي پيو. غالباً انهيءَ عرصي دوران گرهوڙي صاحب 'شرح ابيات سنڌي'، ''فتح الفضل'' ۽ پنهنجي نئين مرشد خواجه گل محمد جي شان ۾ فارسي نظم 'ڪل نما' لکيو جيڪو اڃا تائين غير مطبوع آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق اهو 'ڪل نما' آهي. ان مثنويءَ ۾ لفظ ڪُل ڪيترا ڀيرا آيو آهي. ليڪن درگاهه لُواريءَ

وارا هن رسالي کي پنهنجي مرشد جي نسبت سان ‘گل نما’ چون ٿا ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي به ائين لکيو آهي.

هن مثنويءَ جي هڪ بند ۾ پنهنجي مرشد ‘خواجه گل محمد’ جو نالو هن ريت آڻي ٿو:

گل محمد در منازلها تمام

غير بلبل اين چه داند خاص و عام

[معنيٰ: گل محمد سڀئي منزلون پوريون ڪيون آهن، ليڪن بلبل کان سواءِ هن ڳالھ کي ٻيو عام خاص ڄاڻي نه سگهندو.]

سموري مثنويءَ ۾ لڳ ڀڳ هڪ سئو کان مٿي بيت آهن، پر انهن جي وچ ۾ ڪيترائي بيت جيئن جو تيئن مثنوي روميءَ مان ورتل آهن جيڪي اولياء الله جي شان ۾ آهن.

خواجه گل محمد جنهن کي ‘محبوب الصمد’ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو، ستاويهين ربيع الآخر 1218ھ/1803ع ۾ وفات ڪئي. سندس علمي ڪارنامو ‘ الورد المحمديه’ نالي فارسيءَ ۾ اها شرح آهي جيڪا هن ‘فتح الفضل’ تي لکي آهي. جنهن جو مختصر سنڌي ترجمو علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ ڪيو، جيڪو سال 1988ع ۾ ڇپيو.

خواجه گل محمد کان بعد سندس وڏو پٽ خواجه محمد زمان ثاني سندس جانشين ٿيو، جنهن کي ”غوث عالم“ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ به حج ڪيائون، پهريون دفعو سال 1228ھ/ 1813ع ۽ ٻيو دفعو 1238ھ/ 1822ع ۾. پهرين دفعي جڏهن يمن ۾ ”مخہ بندر“ تي لٿا ته شيخ محمد عابد سيوهاڻي سنڌي مدني

جيڪو حديث جو وڏو عالم هو، تنهن سندس استقبال ڪيو ۽ پوءِ سندن مريد ٿيو. جنهن جي تصنيف ’طوالع الانوار‘ ڪيترن جلدن تي مشتمل آهي، جيڪا اڻ ڇپيل آهي. شيخ محمد عابد هڪ دفعو لُواري شريف آيو هو ۽ سلطان الاولياء جي پنجهٺ ارشادات جي عربيءَ ۾ شرح ’ڪلمات قدسيه‘ جي نالي سان لکيائين، جنهن جو سنڌي ترجمو ۽ اصل نسخي جو عڪس هن ڪتاب ۾ شامل آهي. خواجه محمد زمان ثانيءَ جو انتقال سترهين صفر المظفر 1247ھ/ 1831 تي ٿيو. مير نظر علي بلوچ سندن مفصل احوال ’مرغوب الاحباب‘ ۾ درج ڪيو آهي.

خواجه محمد زمان ثانيءَ کان پوءِ سندس فرزند خواجه محمد حسن لقب ’شاهه مدني‘ گادي نشين ٿيو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪل ڇهه حج ڪيا جن جو تفصيلي احوال سندس پٽ خواجه محمد سعيد ’صقال الضمائر‘ ڪتاب ۾ ڏنو آهي، جيڪو هن 1303ھ ۾ تاليف ڪيو. آخري حج جي ادائگيءَ بعد مديني منوره ۾ ستين صفر المظفر 1298ھ/ 1881 ۾ سندس انتقال ٿيو ۽ کيس جنت البقيع ۾ مشهور بزرگ خواجه محمد پارسا جي پر ۾ دفن ڪيو ويو.

خواجه محمد سعيد پنهنجي پيءُ کان پوءِ سندس جانشين ٿيو، سندس تصنيفات مان معلوم ٿئي ٿو ته هو وڏي علمي ۽ روحاني شخصيت جو مالڪ هو. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جو شاعر هو. فارسيءَ ۾ سندس ’ديوان سعيد‘ موجود آهي جيڪو به دفعا ڇپيو آهي. اسلامي تصوف جي بنيادي تصنيفات خاص طور ابن عربي

۾ مثنوي مولانا روميءَ سان ڪيس وڏو انس ۽ چاهه هو. پاڻ پنهنجي والد جي فرمائش تي مثنوي رومي جي ابتدائي بيتن جي تشريح ۽ تتبع تي شعر لکيائين ۽ سندس عربي اشعار به ملن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ عشقِ رسول خاص موضوع آهي. پاڻ ڪل ڇهه حج ڪيائون جن مان ٽي پنهنجي والد صاحب سان گڏجي ڪيائين. آخري حج اهل عيال سميت 1323ھ ۾ ڪيائين. جتي ٻين محرم الحرام 1324ھ/ 1906 تي وفات ڪيائين، جنهنڪري ڪيس جنت المعلىٰ ۾ دفن ڪيو ويو.

خواجه محمد سعيد جي لاڏاڻي کان پوءِ سندس پٽ خواجه احمد زمان جانشين ٿيو. درگاهه لُواريءَ جي جهنڊي ”ڪل“ کي هن جماعت جي نشان طور رواج ڏنو ۽ سندس ڏينهن ۾ ”اجتماع لواري“ کي مخالف مولوين ’حج لواري‘ جو نالو ڏئي متنازع مسئلو کڙو ڪيو، جنهن جي ڪري پهريون ڀيرو 1938 ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر لواري شريف ۾ نائين ۽ ڏهين ذوالحج تي ڪنهن به قسم جي اجتماع تي بندش وجهي ڇڏي. خواجه احمد زمان اٽڪل اٺ سال 1341ھ کان 1349ھ تائين پنجاب جي شهر امرتسر ۾ تبليغ خاطر قيام ڪيو. سندس ڏينهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجو مشهور ڪتاب ’لواريءَ جا لال‘ لکيو جنهن جي تقريظ سال 1352ھ ۾ پاڻ لکيائون. سندس انتقال 1357ھ/ 1938 ۾ ٿيو. خواجه احمد زمان کان پوءِ سندس پٽ خواجه گل حسن گادي نشين ٿيو. پير گل حسن پهرين گهرواريءَ جي وفات کان پوءِ ٻيون ٽي

شاديون ڪيون پر ڪيس ڪو به نرينو اولاد نه ٿيو. سال 1402ھ / 1982ع ڪراچيءَ ۾ سندس انتقال ٿيو.

پير گل حسن وفات کان اڳ هڪ وصيت موجب درگاھ قاضي احمد دمائي جي ستين جانشين پير فيض محمد کي درگاھ لُواريءَ جو پڙ سجاده نشين مقرر ڪري ويا. پير فيض محمد نقشبندي جو انتقال 1416ھ / 1995 ع ٿيو. جنھن کان پوءِ سندس نوجوان پٽ پير محمد صادق قريشي نقشبندي لُواري درگاھ جو گادي نشين ليکجي ٿو.

(ھ) شيخ عبدالرحيم گرھوڙيءَ جي زندگيءَ جو احوال ۽ ان وقت جون سياسي حالتون

شيخ عبدالرحيم گرھوڙي ٻارھين صديءَ اندر سنڌ جو ھڪ وڏو عالم، فقيہ، صوفي ۽ شاعر ٿي گذريو آھي. سندس ڄم ۽ نِنڍپڻ بابت پوري خبر نہ پئجي سگھي آھي. عام روايت موجب 1192ھ ۾ شھادت وقت سندس عمر فقط چاليھ سال ھئي. تنھنڪري گمان آھي تہ 1152ھ ۾ ڄائو ھوندو. ليڪن جديد تحقيق جي نقطئہ نظر موجب ۽ ھمعصر شاھدين جي آثار تي سندس جنم جو سال 1618/1130 جي لڳ ڀڳ بيھي ٿو. اھڙيءَ طرح ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق شيخ عبدالرحيم مڱريو تعلقي ڪپري جي ننڍڙي ڳوٺ واڙ ۾ ڄائو، جيڪا ڳالھ وڌيڪ قرين قياس آھي. اھا ھن ڪري تہ مڱريا قوم تاريخي طور عمرڪوٽ کان وٺي ڪپري تائين آباد رھي آھي ۽ اڄا تائين سندن اڪثريت انھيءَ ايراضيءَ ۾ آھي. ھڪ ٻي روايت موجب گرھوڙيءَ علم جي تحصيل بہ انھيءَ علائقي جي مشھور علمي درسگاھ چوٽيارين مان ڪئي جتي سندس استاد محمد مبين جھڙو عالم شخص ھو. اڳتي ھلي ميرپور پراڻي ۾ مدرسي جو قائم ڪرڻ ۽ گرھوڙ کي مستقل رھائش طور اختيار ڪرڻ مان بہ انھيءَ ڳالھ جي وڌيڪ پٺڀرائي ٿئي ٿي. گرھوڙيءَ جو واسطو ھن علائقي سان ھو. ڊاڪٽر بلوچ ھڪ

روايت جو ذڪر ڪيو آهي جنهن موجب شاهه عبداللطيف جو درسگاهه چوٿيارين ۾ ميين محمد مبين وٽ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. جنهن ڪري هن ڳالهه تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو ته نوجوانيءَ ۾ گرهوڙي صاحب جي شاهه لطيف سان ملاقات ٿي هجي يا ڪيس ڏٺو هجي. ياد رهي ته شاهه عبداللطيف 14 صفر 1752/1165 تي وفات ڪئي.

هي جو ڪلام گرهوڙيءَ ۾ شاهه عبداللطيف جا ڪيترا بيت جيئن جو تيئن ملن ٿا يا ڪيترن بيتن جون اڌ يا سڄيون مصراعون ساڳئي جو ساڳيون آهن. ان جو سبب اهو ئي ٿي سگهي ٿو ته گرهوڙيءَ ننڍپڻ ۽ نوجوانيءَ ۾ شاهه لطيف جا بيت گهڻا ٻڌا ۽ ياد ڪيا هوندا. جنهنڪري اهي سندس سنڌي بيتن ۾ گڏجي سڏجي ويا آهن. ياد رهي ته شاهه لطيف جي رسالي يا شاعريءَ جو اهڙو ڪو به مجموعو نه مليو آهي، جيڪو گرهوڙيءَ جي زماني يا ٻارهين صديءَ جي آخر جو هجي، جيتوڻيڪ شاهه لطيف 1165هه ۾ وفات ڪئي. شاهه لطيف جي وفات کان ٻائيتاليهه سال بعد بيتن جو پهريون مجموعو گنج 1207هه جو لکيل آهي. جنهن جو مطلب آهي ته ان کان اڳ شاهه لطيف جا بيت سالڪن ۽ سگهڙن کي زباني ياد هئا جن کان گرهوڙي صاحب اهي بيت ٻڌا هوندا.

گرهوڙيءَ جي ڄمار يا جنم جي باري ۾ هيءَ روايت قابل غور آهي ته ملفوظات پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ (1171-1234هه) ۾ هڪ نقل آهي جنهن جو راوي محمد عارف ٿيٻو آهي. هو چوي ٿو ته آءٌ ڇوڪرو هوس جو مون شاهه عبداللطيف جو

گهڻو نالو پڌو جو پاڻ اسان جي مائٽن ۾ ايندا هئا. آخر هڪ دفعي جڏهن هو اسان جي ڳوٺ آيا ته آءٌ کين مليو هوس. ڪجھ سالن بعد شاھ صاحب وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ ٿوري وقت اندر مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي اسان جي ٿيبن مائٽن مان شادي ڪئي ۽ هو پڻ مون کي ڏاڍو پيارو لڳندو هو. انهيءَ روايت مان پتو پوي ٿو ته شاھ لطيف جي وفات کان ڪجھ عرصي بعد عبدالرحيم گرهوڙي ايڏي وڏي عمر جو هو جو اها ٿين شادي ٿي ڪيائين، ۽ عارف ٿيبي ٻنهي کي ڏٺو. ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته گرهوڙيءَ جي جنم جو سال 1152ھ نٿو ٿي سگهي، ڇو ته ان لحاظ کان شاھ لطيف جي وفات وقت گرهوڙيءَ جي عمر فقط تيرهن سال بيهي ٿي. جيڪڏهن هن شاديءَ وقت جيڪا ٿين شادي چئي وڃي ٿي، گرهوڙيءَ جي عمر ٽيهن کان پنجٽيھ سال هجي، تڏهن به سندس جنم ڪنهن به صورت ۾ 1130ھ کان بعد ۾ نٿو ٿي سگهي.

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي پنهنجي وقت ۾ ظاهري عالم طور مشهور هو ۽ وقت جي حڪمرانن وٽ به ان حيثيت سان ڄاتل سڃاتل هو. هن ۾ وڏي روحاني تبديلي ڪيئن ۽ ڪڏهن آئي؟ ان سلسلي ۾ هڪ مشهور روايت ملي ٿي جيڪا همعصر تذڪري 'فردوس العارفين' ۾ ڪونه ٿي ملي، ليڪن لُواري درگاھ جي هڪ ٻئي فاضل مريد **نظر علي بلوچ پنهنجي ڪتاب 'مرغوب الاحباب'** ۾ نقل ڪئي آهي. اهو ڪتاب 1262ھ/1845ع ۾ يعني گرهوڙيءَ جي وفات کان ستر سال پوءِ تصنيف ڪيو ويو آهي. نظر علي خانداني طور درگاھ لُواري شريف سان وابسته هو.

پهريائين سندس ڏاڏو شهمير خان ٽالپر سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره جو مريد ۽ خليفو ٿيو جيڪو وري گرهوڙيءَ سان گهرو ۽ گهاٽو هو جو سندس زباني گرهوڙي صاحب جي باري ۾ پڻ ڪي نقل ملن ٿا. اهڙيءَ طرح نظر عليءَ جو والد الطاش پڻ خواجه گل محمد جو مريد ۽ معتقد هو. نظر علي پاڻ فارسيءَ جو سٺو شاعر هو 'خاڪي' تخلص ڪندو هو ۽ سندس شاعري 'مرغوب الاحباب' کان سواءِ 'تڪمله مقالات الشعراءِ' ۾ پڻ ملي ٿي.

'مرغوب الاحباب' جي روايت موجب گرهوڙي هڪ دفعي ڪنهن درويش کي واٽ ويندي ڏٺو جيڪو لُواري شريف وڃي رهيو هو. ان زماني ۾ لُواريءَ جي وڏي هاڪ هئي. ڪجھ دير ڳالھ ٻولھ ڪرڻ کان پوءِ کيس چيائين ته پنهنجي پير کان منهنجي طرفان هي سوال پُڇجانءِ ته

"اها واٽ جنهن تان اسان جو پيغمبرﷺ مٿي آسمان تي معراج لاءِ ويو هو، سا فقط سندس لاءِ مخصوص هئي يا ٻين لاءِ به اهو رستو کليل آهي؟"

لُواري پهچڻ بعد اهو ڏکيو سوال هن درويش جي دل تان لهي ويو. ليڪن جڏهن واپس گهر موٽڻ جو ارادو ڪري مرشد کان اجازت وٺڻ لڳو ته خواجه محمد زمان کانئس پڇيو "فلاڻي توکي واٽ تي ڇا چيو هو"؟

تڏهن ياد پيس ۽ ساري حقيقت بيان ڪري ٻڌايائين.

خواجه صاحب فرمايو، کيس چئج ته

”بغداد جي خليفي لاءِ پل اڏي هئائون جا اجا تائين قائم آهي ۽ سڀ ڪو مڃائنس پيو لنگهي. ساڳيءَ طرح عالم جي سردار لاءِ به گويا هڪ پل نهرائي وئي هئي، سا ڪا ڊهڻ جي آهي؟ البته سندن گذر خاص شان ۽ دستور وٽان هو، باقي ٻين جو اتان لنگهڻ پنهنجي حيثيت مطابق آهي.“

روايت موجب انهيءَ جواب گرهوڙيءَ کي لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ سڀ ڪجهه ڇڏي اچي لُواري شريف ۾ سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي هٿ تي بيعت ڪيائين. ائين هو نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيو ۽ ڪامل مرشد جي رهنمائي هيٺ سلوڪ ۽ طريقت جون منزلون طئي ڪيائين.

هتي سوال آهي ته گرهوڙي لُواريءَ ۾ ڪڏهن آيو ۽ ڪيترو وقت اتي رهيو؟

علامه دائود پوٽي جو اندازو آهي ته لُواري ۾ اچڻ جو واقعو 1766/1180 کان پوءِ ٿيو هوندو، جڏهن ته سلطان الاولياء سال 1774/1188 ۾ رحلت ڪئي آهي. ‘مرغوب الاحباب’ وارو لکي ٿو ته گرهوڙي لُواريءَ ۾ ڪيترائي سال رهيو.

هن سلسلي ۾ سلطان الاولياء جي هڪ ٻئي مريد ميان ابراهيم ساند، جيڪو گرهوڙيءَ جو همعصر ۽ سندس گهاٽو دوست آهي بلڪ جهاد وقت به ساڻس گڏ هو، ان جي فارسيءَ ۾ لکيل ‘رساله ابراهيميه’ مان هڪ اشارو ملي ٿو. هو ان رسالي جي منڍ ۾ پهريائين اهو اعتراف ڪري ٿو ته هن پنهنجي مرشد جي باري ۾ اهي ارشاد ۽ نقل گرهوڙي صاحب جي همتائڻ تي

مرتب ڪيا آهن. آخري نقل بيان ڪندي لکي ٿو ته اهو سنڌ جي حڪمران محمد مراد ياب جي حڪمرانيءَ جو زمانو (1167 کان 1170) هو جو سنڌ ۾ سخت ڏڪار اچي پيو، ۽ ماڻهن ۾ حلال حرام جي تميز نه رهي، ايتريقدر جو اسان جي ڳوٺ جا نوحاڻي چوري جا جانور ڪهي کائيندا هئا، ۽ اسان کان ٿانوَ وٺي استعمال ڪندا هئا. مون اها ڳالھ پنهنجي مرشد سان ڪئي ته آءٌ انهيءَ سبب ڪري اهو ڳوٺ ڇڏڻ ٿو چاهيان، پر پاڻ منع ڪيائون. هن نقل مان اندازو ٿئي ٿو ته درگاھ لُواري شريف تي گرهوڙيءَ جو اچڻ انهن سالن کانپوءِ نه بلڪ اڳ ۾ ئي ٿيو هوندو. انهيءَ حساب سان گرهوڙيءَ جو لُواريءَ ۾ اچي سلطان الاولياء جو مريد ٿيڻ وارو زمانو 1170ھ کان پوءِ جو نٿو ٿي سگهي. مطلب جڏهن گرهوڙيءَ جي عمر چاليھ سالن کان مٿي هوندي.

هن ڳالھ جي تصديق ان مان پڻ ٿئي ٿي ته گرهوڙي لُواري درگاھ سان وابسته ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هڪ دفعي ميرن جي خانپور (تعلقه سامارو) ۾ جتي سندس چاچو رهندو هو، جمعي جو وعظ ڪري رهيو هو ته سندس تقرير کان متاثر ٿي اتان جا مير ٽالپر هميشہ لاءِ لُواري درگاھ جا سچا ۽ سرويچ مريد ٿي ويا. انهن ٽالپرن مان ابوالحسن ٽالپر ۽ حاجي رامڻ ٽالپر جهاد وقت گرهوڙيءَ سان گڏ هئا. شهمير ٽالپر جيڪو گرهوڙيءَ جو همعصر هو ۽ درگاھ لُواريءَ سان خاص تعلق هوس اهو پڻ گرهوڙيءَ جو گهرو گهاٽو دوست بنجي ويو.

گرهوڙيءَ جي زندگيءَ جو هڪ نهايت اهم واقعو چوٿين ذوالقعد 1774/1188 ۾ سندس مرشد سلطان الاولياء جي رحلت آهي، ٿي سگهي ٿو ته هو ان وقت اڳيئي لُواريءَ ۾ موجود هجي، پر جيڪڏهن نه تڏهن به هو جلدي اتي پهچي ويو. ’فردوس العارفين‘ جي مؤلف موجب اهو گرهوڙي هيو جنهن سلطان الاولياء جي سندن حجري ۾ دفن لاءِ راءِ ڏني جنهن تي فوري عمل ڪيو ويو. سلطان الاولياء جي رحلت بعد گاديءَ تي جهڳڙي واري صورتحال پيدا ٿي وئي چو ته ان وقت خواجه گل محمد جي عمر فقط يارهن سال هئي ۽ جماعت جا ڪي با اثر ماڻهو هن جي حق ۾ نه هئا. ليڪن اهو گرهوڙي هيو جنهن سڀ کان پهرين اڳتي وڌي خواجه گل محمد جي بيعت ڪئي ۽ ان کان پوءِ ٻيا شيخ ابوطالب اگهمي، حافظ هدايت الله ۽ حاجي طاهر وغيره شامل ٿي ويا.

’مرغوب الاحباب‘ جو مؤلف لکي ٿو ته خواجه گل محمد جي گادي نشين ٿيڻ کان پوءِ گرهوڙي صاحب پورو هڪ سال لُواري شريف ۾ ئي ترسيل هيو، بلڪ هو ايترو به چوي ٿو ته جڏهن ڪو مريد خواجه صاحب ڏانهن رجوع ڪندو هو ته سندس پويان گرهوڙي ويٺل هوندو هو، ۽ هو پڻ ڪوشش ڪري نئين مريد تي پنهنجو توجهه وجهندو هو.

اسان جو خيال آهي ته سلطان الاولياء جي رحلت بعد لواريءَ ۾ ترسڻ دوران گرهوڙيءَ ٻئي ڪتاب، پهريائين ’شرح ابيات سنڌي‘ ۽ پوءِ موجوده ڪتاب ’فتح الفضل‘، تصنيف ڪيا.

ان جو هڪڙو علمي ڪارڻ اهو آهي ته هنن پنهي ڪتابن ۾ گرهوڙيءَ ڪيترن ئي تمام ناياب علمي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، اهي ڪنهن وڏي عاليشان ڪتب خاني ۾ ئي موجود ٿي سگهن ٿا، ۽ پڪ سان اهو لُواري شريف جو ڪتب خانو هو، جنهن جي هاڪ پوئين زماني تائين پڻ قائم هئي.

ٻيو سبب هي آهي ته هن کان پوءِ گرهوڙي گهڻو وقت زنده نه رهيو، ڇو ته 1192هه ۾ سندس شهادت ٿي آهي. هونئن به اهڙي علمي ڪم ڪرڻ لاءِ سڪون ۽ هڪ هنڌ ويهڻ ضروري هو جيڪو ان وقت گرهوڙيءَ کي اتي ميسر هو.

خواجه گل محمد جي گادي نشين ٿيڻ بعد گرهوڙي صاحب سندس شان ۾ فارسيءَ ۾ هڪ منقبت لکي آهي، جيڪا مثنوي روميءَ جي وزن تي چيل آهي ۽ منجهس ڪيترا بيت مثنوي جا داخل آهن. تاهم ڪافي بيت سندس تصنيف آهن. هڪ بيت ۾ چوي ٿو:

گل محمد دل منازل ها تمام

غير بلبل اين چه داند خاص و عام

[يعني: گل محمد ئي سڀني منزلن جي دل ۽ انتها آهي، پر بلبل (عاشق) کانسواءِ ٻيا عام توڙي خاص ان ڳالھ کي ڇا ڄاڻن!]

مٿين ڪتابن کانسواءِ گرهوڙيءَ جي ڪن متفرق مختصر رسالن جا نالا ملن ٿا، جن مان گهڻا ناپيد آهن. البت سندس سنڌيءَ ۾ ”ڪلام گرهوڙي“ وڏي مقبوليت ماڻي جو ڪيئي دفعا اشاعت

هيٺ آيو آهي، جنهن کي پوري تحقيق سان پهريون دفعو علامه دائود پوٽي 1956ع ۾ شايع ڪرايو.

گرهوڙيءَ جي زندگيءَ جو ٻيو وڏو واقعو جنهن بابت شروع ۾ اشارو ڪيو ويو ۽ جنهن جو سڀني تذڪره نگارن بيان ڪيو آهي، اهو خدا آباد ۾ مذهبي مناظرو آهي. سڀ کان پهرين مير علي شير قانع ان ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته اهو ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ٿي گذريو. ميان سرفراز ڪلهوڙو پنهنجي پيءُ غلام شاهه ڪلهوڙي کان پوءِ تخت نشين ٿيو ۽ سندس حڪمرانيءَ جو عرصو مشڪل سان چار سال، (1186/1772 کان 1189/1775)، آهي. هو فارسي ۽ سنڌيءَ جو سٺو شاعر هو ۽ علمي مذاق رکندڙ هو، ليڪن نا اهل حڪمران ثابت ٿيو. ’مرغوب الاحباب‘ واري انهيءَ مباحثي ۽ مناظري جو جهڙوڪ اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي، پر اهو ڪونه ٻڌايو اٿس ته ان جو اصلي موضوع ڪهڙو هو؟ البته اشارو ڏنو اٿس ته گرهوڙي صاحب تي الزام هو ته هو فقهي مسئلن ۾ تقليد بجاءِ پنهنجي راءِ اختيار ڪري ٿو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ان مباحثي وقت گرهوڙيءَ جو اصرار صرف هڪ ڳالهه تي هو ته امين ڪنهن سيد سڳوري کي ڪيو وڃي ۽ ان ڪري سيد جمال شاهه گهوٽڪيءَ واري کي امين مقرر ڪيو ويو. جيڪو ڪلهوڙن جي ملازمت ۾ هو. آخر ۾ سيد جمال شاهه گرهوڙيءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو ته هو اهڙي ڪابه ڳالهه شريعت جي خلاف ڪونه پيو چوي يا ڪري، جنهنڪري سندس خلاف ڪو قدم کڻي سگهجي.

‘مرغوب الاحباب’ جي وڏيڪ روايت موجب سيد جمال شاهه پاڻ هن واقعي کان پوءِ گرهوڙيءَ جو وڏو معتقد بنجي ويو، ۽ گرهوڙيءَ جي پيشنگوئي مطابق گهوٽڪي پهچڻ کان اڳ رستي ۾ رحلت ڪري ويو. گهوٽڪيءَ وارن سيدن جي شجري مان خبر پوي ٿي ته سيد جمال شاهه 1191ھ ۾ وفات ڪري ويو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هي مناظري وارو واقعو ان سال ۾ ٿيو هوندو. ‘مرغوب الاحباب’ مان پتو پوي ٿو ته لُواري درگاهه سان وابستگي کان اڳ يا پوءِ واري زماني ۾ گرهوڙي جو ميرپور (پراٽي) ۾ مدرسو هو، جتي مير الهيار ۽ مير ٺارو وٽس پڙهندا هئا، جن جو واسطو ميرپور جي ماڻڪاڻي خاندان سان هو. اهو ساڳيو مير الهيار آهي جنهن ٽنڊوالهيار جو شهر 1203ھ ۾ ٻڌرايو. مير الهيار 1231ھ ۽ مير ٺاري 1230ھ ۾ وفات ڪئي. ‘مرغوب الاحباب’ وارو روايت ڪندي لکي ٿو ته جڏهن ميرالهيار مير فتح خان کان پوءِ راڄ سنڀاليو ۽ هڪ ڏينهن مٿي تخت تي چڙهيو ويٺو هو جو گرهوڙي صاحب اتان اچي لنگهيو. چون ٿا ته جيئن ميرالهيار اُٿي گرهوڙي صاحب جي آجيان لاءِ هيٺ لهي آيو ته گرهوڙي کيس ٺڦ وهائي ڪڍي، ان ڪري ته جيئن مير صاحب جي دماغ مان بادشاهيءَ جي هوا نڪري وڃي. چون ٿا ته ان کان پوءِ هو واقعي هڪ درويش صفت انسان بنجي پيو.

جيڪڏهن تاريخي حقيقتن کي ڏند ڪٿا ۽ ڪرامتن واري انداز کان الڳ ڪري ڏسبو ته ٺڦ واري ڳالهه ان وقت جي ٿي سگهي ٿي جڏهن ميرالهيار گرهوڙيءَ جي مدرسي ۾ ميرپور ۾

پڙهندو هو. گرهوڙيءَ جي ان مدرسي جا آثار ميرپور پراڻيءَ ۾ اجا تائين هڪ مٽيءَ جي دڙي جي صورت ۾ موجود آهن جنهن جي پرسان پاڻي ۽ سم سان پريل هڪ تمام پراڻي کڏ موجود آهي. ان جي پرسان اها جاءِ به موجود آهي جنهن کي اتي جا رهندڙ گرهوڙي صاحب ڏانهن منسوب ڪن ٿا. تازو جڏهن اسان جنوري 2016 ۾ ميرپورخاص کان کپري واري روڊ رستي سان اتي پهتاسين ته روڊ تي بيٺل جهوني بڙ وٽ مگريا قوم جي هڪ وڏي عمر جي شخص سان ملاقات ٿي، جنهن پنهنجي وڏن کان ٻڌل اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون جن مان پڻ ميرپور ۾ گرهوڙيءَ جي مدرسي جي آثارن جي تصديق ٿئي ٿي.

علامه دائود پوٽي لکيو آهي ته چئي نٿو سگهجي ته گرهوڙي صاحب ڪڏهن اچي گرهوڙ ۾ رهيو ۽ ته اتان جي سيدن جي مخالفت واري روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته ان کان اڳ اهو هتي رهندڙ ڪونه هو. ’مرغوب الاحباب‘ جي روايت مان پتو پوي ٿو ته ميرپور ۾ رهائش دوران به گرهوڙ سان سندس واسطو هو، تاهم اها ڳالهه ظاهر آهي ته عمر جي آخري حصي ۾ اتي اچي مستقل طور رهڻ لڳو. ’مرغوب الاحباب‘ ۾ آيل هڪ ٻن حڪايتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مصنف جو ڏاڏو شهمير ٽالپر توڙي ابوالحسن ٽالپر گرهوڙيءَ سان ملڻ لاءِ اتي ويندا هئا. گرهوڙ ۾ ئي وٽس ٻي خلق خدا جي رجوعات ٿيڻ لڳي هئي. جيتوڻيڪ پاڻ اڪثر جذب ۽ جوش جي ڪيفيت ۾ گذاريندو هو. جيئن هنن حڪايتن مان ظاهر ٿئي ٿو:

هڪ دفعي حاجي شهمير ٽالپر سندس خبر چار وٺڻ لاءِ گرهوڙ ۾ آيو. گرهوڙيءَ کي ڏٺائين ۽ محسوس ڪيائين ته فقط هڏن جي مُٺ وڃي بچيو آهي. شهمير خان چيس پاڻ کي ايڏي هلاڪيءَ ۾ ڇو وڌو اٿوَ؟ وراڻيائين ''واذڪرالله في ايّام معدودات'' يعني قرآن جي آيت موجب الله جي ذڪر جا چند ڳاڻ ڳڻيا ڏينهن آهن. مطلب گهڻي مهلت ڪونه آهي.

ٻئي دفعي ابوالحسن ٽالپر ڪافي وقت کان پوءِ گرهوڙ ۾ ساڻس ملڻ آيو. ڏٺائين ته گرهوڙي صاحب گودڙيءَ ۾ ويڙهيو سيڙهيو تڏي تي ليٽيو پيو آهي، ۽ ماڻهو سندس چوگرد مراقبي جهڙي حالت ۾ ويٺا آهن. ابوالحسن چوي ٿو ته مان اڃا انهيءَ سوچ ۾ گم هوس ته پاڻ اُٿي ويهي مون کي مخاطب ٿي هي شعر پڙهڻ لڳو:

مکن عيب درويش مدهوش مست

که غرق ست زان ميزند پاء و دست

[معنيٰ: درويش مستن جي عيب گيري نه ڪر ڇو ته هو (عشق ۾) غرق آهي. ان ڪري ته هٿ پير هڻي رهيو آهي.]

هڪ ٻي روايت موجب هڪ دفعي گرهوڙي صاحب پنهنجن ساٿين سان گڏ ڪنهن طرف وڃي رهيو هو ته واٽ تي کين فقيرن جي هڪ اهڙي ٽولي نظر آئي جن کي مٿي تي ڪاريون پڳون، هٿن ۾ وڏيون تسبيحون ۽ بغل ۾ طنبورا هئا. مطلب ته وڏي ٺاٺ سان وڃي رهيا هئا. گرهوڙي صاحب هنن کي ڏسي پنهنجن ساٿين کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته ''عام ماڻهو هنن

ڪي درويش ۽ فقير سمجهن ٿا، مگر اسان هنن کي چور سمجهون ٿا ڇو ته درويشي تسبيح ۽ طنبوري ۾ نه آهي.“ ان موقعي تي هي بيت پڙهيائون:

ڪار درويش دلق و تسبيح و سجاده نيست
در هوائي بربط و طنبور حق را جاده نيست

[معنيٰ: درويشيءَ جو مطلب گودڙي، تسبيح ۽ مصلو ڪڻي هلڻ نه آهي، طنبورن ۽ سازن جي آواز ۾ حق جو رستو ڪونه ملندو.]

هي بيت هڪ لحاظ سان شيخ سعدي جي هن بيت جو عڪس آهي:

طريقت بجز خدمت خلق نيست
به تسبيح سجاده و دلق نيست

[معنيٰ:سلوڪ جي واٽ خدمت خلق کانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي، انهي جو مطلب گودڙي مصلو ۽ تسبيح ناهي.]

عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي زندگي جو آخري واقعو جنهن ۾ هو شهيد ٿي وڃي ٿو تڏهن پيش آيو جڏهن هو گرهوڙ نالي ڳوٺڙي ۾ مستقل طور اچي رهيو. هن واقعي بابت پوري روايت صرف ‘مرغوب الاحباب’ ۾ ملي ٿي جيڪا هن ريت آهي ته

”گرهوڙ کان اتر ڏکڻ ۾ سٺ ميلن جي فاصلي تي هندن جي مهاديو جي نالي ۾ مشهور مڙهي هئي، جنهن بابت ڪيتريون ڏند ڪٿائون هلندڙ هيون. ان زماني ۾ مڙهيءَ جو مهنت وڏو چالاڪ ۽ هوشيار هو جو هندو خواهه مسلمان سندس زيرِ اثر هئا. وڏي ڳالهه ته هو پاڻ وٽ اناج ۽ خوراڪ جو ايترو ذخيرو گڏ ڪري

رکندو هو جو سندس لنگر هميشہ لاءِ جاري رهندو هو. ڪيترا چانيها ۽ گجو ذات جا مسلمان پڻ ان مهاديو جي مڙهيءَ جا عقيدت مند هئا. ٿر جي هڪ دور افتاده مقام تي جتي ڪابه آبادي ڪونه هئي صرف واريءَ جون پٽون ۽ دڙا هجن، اتي ڪاڌي پيتي جو هر وقت انتظام رکڻ ڪنهن ڪرامت کان گهٽ نه هو. پر اها ئي ڳالھ گرهوڙي صاحب جي عقيدن ۽ سوچ جي برخلاف هئي. ويتر جو معلوم ٿيس ته هندن کان وڌيڪ مسلمان انهيءَ بد اعتقاديءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن ته دل ۾ مڙهيءَ خلاف مهم هلائڻ جو پڪو پھ ڪري ڇڏيائين. اهو ارادو دل ۾ ڪري پنهنجي مرشد خواجه گل محمد جي خدمت ۾ هيٺيون بيت نياپي طور ڏياري موڪليائين:

جنهن ڪن ٿوپايا ڪوڏ مان، تنهن کي ڪُڄاڙو

ماڻس ستاڙو، پڻس نالو ڪينڪي.

[مطلب ته جنهن شخص جوڳي بنجڻ لاءِ شوق مان پنهنجا ڪن ٿوپايا (ته جيئن جوڳين وارا والا پائي دنيا کي تياڳ ڏئي) ان جو پوءِ دنيا سان ڪهڙو واسطو جو خبر رکي ته سندس ماڻس پيڪن ۾ ڪڏهن گڏجاڻي لاءِ ويل آهي، بلڪ هو ته پنهنجي پيءُ جي نالي تان به هٿ کڻي ڇڏيندو آهي (فنا ٿي پنهنجي سڃاڻپ ختم ڪري ڇڏيندو آهي)]

‘مرغوب الاحباب’ جي روايت موجب خواجه صاحب گرهوڙيءَ جي هن بيت پڙڻ سان غمگين ٿيا، ۽ فرمايائون ته شايد گرهوڙيءَ جو آخري وقت اچي پهتو آهي. هوڏانهن مقرر ڏينهن تي گرهوڙي صاحب ڪجھ ماڻهو ڪٺا ڪري مڙهيءَ جي طرف

روانو ٿيو. سندس ساٿين جو تعداد ڪن چوڏهن ته ڪن ٻاهتر ٻڌايو آهي. ان ۾ ابراهيم ساند، ابراهيم ٽالپر، ابوالحسن ٽالپر، رامڻ ٽالپر شهمير ٽالپر جو پوٽو جيڪو اڃا ڇوڪراٽ هو ۽ معروف يا مارو ٿيبو شامل هئا. اهو قافلو جڏهن مڙهيءَ وٽ پهتو ته ’مرغوب الاحباب‘ جي روايت موجب گرهوڙي صاحب مهنت سان ڳالهين لاءِ چار شرط پيش ڪيا، جنهن ۾ پهريون شرط (اهو هو) ته :ٻنهي طرفن جا اڳواڻ ويڙهه جي بجاءِ بند ڪوٺيءَ ۾ پاڻ کي چاليهن ڏينهن تائين کاڌ پيئڻ کانسواءِ بند رکن ۽ ان وچ ۾ جيڪو مري وڃي ته ان جو پاسو شڪست کاڌل سمجهبو ۽ ٻي ڌر کي فاتح تسليم ڪبو.

ان زماني جي دستور موجب ٻيا به اهڙي قسم جا شرط هئا. ڪجهه ڏينهن اها حالت رهي پر آخر ويڙهه کان سواءِ نتيجو نه نڪتو. چون ٿا ته جڏهن مڙهيءَ جو سامي پنهنجي گهوڙي تي چڙهي حملي خاطر ميدان ۾ آيو ته رامڻ ٽالپر بندوق ڀري کيس هڻي ڪڍي، جنهن تي سامي زخمي ٿي ڪري پيو. جنهن کان پوءِ ساميءَ جي ساٿين ڀرپور حملو ڪري ڏنو. گرهوڙيءَ جي ساٿين مڙهيءَ ۾ داخل ٿي ڀت ڀڃڻ شروع ڪيا ۽ پوري عمارت کي ساڙي تباهه ڪيائون، ليڪن گرهوڙي صاحب ڪنڊيءَ جي وڻ هيٺان ويهي ”اياڪ نعبد واياڪ نستعين“ جو ورد ڪري رهيو هو. ايتري ۾ دشمنن مان ڪن ماڻهن کيس ترار جا ڌڪ هڻي شهيد ڪري ڇڏيو.

اهو واقعو 17ربيع الاول 1192 مطابق 15 اپريل 1778 تي اربع ڏينهن پيش آيو.

‘مرغوب الاحباب’ جي صاحب سندس شهادت تي قطعه تاريخ چيو آهي، جنهن جو هڪ شعر هي آهي:

چون تاريخ وصالش جستم از دل

جواب آمد ‘بحق خلوت گزيده’ 1192ھ

علامه دائود پوٽي مقامي روايت جي آڌار تي جيڪا ڊاڪٽر بلوچ کيس موڪلي هئي، ٻڌائي ٿو ته اهي ٻه ماڻهو لکانو چانيهو ۽ ستابو گجو هئا، جن گرهوڙي صاحب کي شهيد ڪيو. بلڪ انهيءَ ويڙهه جي وقت مارو ٿيبو به اچي پهتو، جيڪو پڻ گرهوڙيءَ جو بچاءُ ڪندي مارجي ويو.

بهرحال انهيءَ واقعي ۾ مڙهي به پوري ريت تباهه ٿي وئي جو جنهن واريءَ جي دڙي تي اها ٺهيل هئي، اهو ٺيڪرانو اڄ تائين ڦهليل نظر اچي ٿو ۽ سڙيل ڪٺڪ جا داڻا اڄ تائين اتان لڀن ٿا. سال 2015 جي 19 ڊسمبر تي اسان جڏهن اتي پهتاسون ته ڪٺڪ جا سڙيل داڻا پاڻ ڏٺاسون. انهيءَ هنڌ تي ڪنديءَ جو اهو پراڻو وڻ اڃا تائين سائو بيٺل آهي.

ان سانحي بعد گرهوڙي صاحب جي لاش کي کڻائي اچي گرهوڙ ۾ دفن ڪيائون. جتي سندس مزار جو قبو مير احمد خان شاهواڻي ٺهرايو ۽ قبر جي مٿان 1213ھ ۾ عقيدت وچان سلطان الاولياء خواجه محمدزمان جي مزار مبارڪ تان هٿايل پراڻو ڪاٺ جو پڃرو آڻي رکيائون.

علامه دائود پوٽي مڙهيءَ طرف پيش قدمي ڪرڻ کان اڳ گرهوڙي صاحب جي مير بجار سان ملاقات ۽ کانئس مدد گهرڻ جو ذڪر ڪيو آهي، حالانڪ ‘مرغوب الاحباب’ ۾ ان طرف ڪو اشارو ڪونه ٿو ملي. علامه دائود پوٽو هن سلسلي ۾ لکيل هڪ اهڙي خط جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو کيس ڪلام گرهوڙيءَ جي ڪنهن قلمي نسخي پويان نظر آيو هو. اهو خط گرهوڙيءَ طرفان مير بجار ۽ سندس سؤٽ مير فتح خان ڏانهن لکيل آهي. اسان ان خط جو عڪس جيڪو محترم قبولائي مهيا ڪيو آهي هن ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيو آهي.

سنڌ جي ڪلهوڙا دؤر جي مورخ مير علي شير قانع ‘معيار سالڪان طريقت’ ۾ گرهوڙيءَ جو ذڪر ڪندي مير بجار کي گرهوڙيءَ جو وڏو عقيدتمند ڄاڻايو آهي. اهڙيءَ طرح ‘تاريخ بلوچي’ جو مصنف عبدالمجيد جوکيو جيڪو پڻ همعصر تاريخ نويس آهي، اهو وري گرهوڙيءَ طرفان مير بجار سان ملاقات جو ذڪر ڪري ٿو. مير بجار جي گرهوڙيءَ سان ملاقات جيئن علامه دائود پوٽي لکيو آهي ته گهڻو ڪري ميرپور ۾ ٿي هوندي. تاريخ بلوچيءَ وارو لکي ٿو ته مير بجار سان ملاقات وقت گرهوڙيءَ مير بجار کي دلاسو ۽ تسلي ڏني، پر چيائين ته توهان جي فتح هنن ٽن شرطن تي ٻڌل آهي:

- پهريون الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ عدل ۽ انصاف ڪجو ۽ انهن کي ظالمن جي هٿان نقصان کان بچائجو.

- ٻيو غير شرعي ڪمن جو دروازو بند رکجو ۽ ناجائز وصوليون نه ڪجو.
- ٿيون مستحق ماڻهن جي مدد ڪجھ خاص طور سيدن ۽ عالمن سڳورن جي بيت المال مان امداد ڪجو.

هاڻي سوال آهي ته اها ملاقات ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ٿي هوندي، يا اهو خط ڪڏهن لکيو ويو هوندو!

اسان جو خيال آهي ته اها ملاقات لانياري جي لڙائي کان اڳ ٿي آهي، جڏهن ڪلهوڙن جو چاليھ هزارن جو لشڪر ميان غلام نبيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ ميرن جي مرڪز شهدادپور طرف وڌڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو ۽ ميرن جو لشڪر ڪل ڇئن هزارن تي مشتمل هو. اها لڙائي 1191ھ ۾ شهدادپور جي پرسان لانياريءَ جي ميدان تي لڳي هئي جنهن ۾ غلام نبي ڪلهوڙو، سندس فوجي اڳواڻ پيروز پتافي، ۽ ٻيا ڪيترا ساٿي مارجي ويا هئا، ۽ سندن خاص صلاحڪار تاجو ليکي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو.

‘مرغوب الاحباب’ جي مصنف نظر علي هن ملاقات ۽ سموري واقعي کي ڪرامت جي رنگ ۾ بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته جڏهن مير بجار گرهوڙيءَ وٽ دعا لاءِ حاضر ٿيو ته سخت پريشان هو، پر گرهوڙي صاحب کيس مذڪور شرطن جي مڃڻ سان کيس تسلي ڏيندي دعا ڪئي. بلڪ جڏهن مير بجار جي ساٿين مان ڪنهن پيروز پتافيءَ جو نالو ورتو ته گرهوڙي صاحب انهن ساٿين مان هڪ کي ڏاڙهيءَ کان جهلي مير کي چيو ته اجهو هي

اٿئي پيروز پٽافيءَ جو سر! لڙائي کان پوءِ ٿيو به ائين جو انهيءَ سپاهيءَ پيروز پٽافيءَکي قتل ڪيو جنهن لاءِ گرهوڙي پاڻ ائين چيو هو. ’مرغوب الاحباب‘ جي اندازِ بيان مان لڳي ٿو ته ڄڻ گرهوڙي پاڻ انهيءَ لڙائي ۾ شريڪ هو.

تذڪره نويسن عام روايت موجب لانياريءَ ۾ ميرن جي فتح جو ذڪر ان انداز سان ڪيو آهي ڄڻ ته گرهوڙي صاحب ئي ميرن کي ڪلهوڙن کان حڪومت وٺي ڏني.

’آئينه جهان نما‘ جيڪو 1288ھ ۾ لکيو ويو ان جو مصنف مخدوم عاقل کهڙائي به ميرن جي گرهوڙيءَ سان عقيدت جو ذڪر ڪيو آهي. بلڪ هن گرهوڙيءَ طرفان ميرن کي ڏنل پندرهن شرطن يا هدايتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ اهي مٿي ذڪر ڪيل ٽي شرط يا هدايتون به شامل آهن.

وڏي ڳالھ ته ’آئينه جهان نما‘ وارو چوي ٿو لانياري جي لڙائي کان پوءِ يعني 1191ھ ۾ ئي ميرن جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. دراصل مؤلف غلط فهميءَ وچان لانياري جي بجاءِ 1191ھ ۾ هالاڻي جي لڙائي سمجهي ويٺو آهي.

’مرغوب الاحباب‘ ۾ آيل هڪ ٻئي نقل مان پڻ اندازو ٿئي ٿو ته مير بجار جو گرهوڙي صاحب سان گهڻي عقيدت وارو رستو هو. هڪ پيري مير بجار، مير فتح خان، سيد الھ بخش شاھ ۽ گرهوڙي صاحب گڏ ويهي ماني کائي رهيا هئا. اوچتو گرهوڙي صاحب چيو ته اسان چارئي شهيد ٿينداسون. البت سيد الھ بخش شاھ کي حسيني شهادت نصيب ٿيندي جو ٻار ٻچا ساڻ هوندس ۽

پاڻيءَ کي پهچڻ کان اڳ شهيد ٿي ويندو. اڳتي هلي هن سان ائين ئي ٿيو.

مير بجار کي 1193ھ ۾ جوڌپور مان موڪليل راجپوتن اڪيلائي ۾ خط ڏيکارڻ جي بهاني سان اچانڪ خنجر هڻي ماري وڌو. ان کان پوءِ مير بجار جي پٽ مير عبدالله ۽ سندس سؤٽ مير فتح خان ڪلهوڙن سان وڏن جي وفاداريءَ کي قائم رکيو. پر عبدالنبي ڪلهوڙي ٻنهي کي جڏهن اهي درٻار ۾ آيل هئا، وڏي بي رحميءَ سان پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڪري مارائي ڇڏيو.

گرهوڙي صاحب ۽ ميرن جي باهمي تعلقات کي سمجهڻ لاءِ ان وقت جي سياسي پس منظر ۽ ماحول جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.

گرهوڙيءَ جو زمانو خاص طور سندس زندگيءَ جو پويون حصو ڪلهوڙن جو آخري دؤر آهي، بلڪ غلام شاه ڪلهوڙي جهڙي روشن دماغ حڪمران جڏهن 1772/1186 ۾ وفات ڪئي ته سنڌ ۾ افراتفريءَ جو آغاز ٿي ويو. غلام شاه جي مرڻ بعد سندس پٽ ميان سرفراز ڪلهوڙو تخت تي ويٺو، پر راڄي ليکيءَ جهڙي سازشيءَ جي چڪر ۾ اچي ويو. ايتريقدر جو قرآن پاڪ تي يقين دهاني لکي ڏيڻ جي باوجود هڪ ڏينهن مير بهرام جيڪو ڪلهوڙن جو خانداني طور وفادار ۽ فوجي اڳواڻ هو، ان کي سندس پٽ مير صوبدار سميت گهرائي درٻار ۾ ناحق قتل ڪرائي ڇڏيائين. اهو واقعو سال 1775/1189 ۾ ٿي گذريو ۽ تڏهن مير بهرام جو وڏو عقلمند فرزند مير بجار حج تي ويل هو.

تاهم ٻين ميرن مير فتح خان جي اڳواڻيءَ ۾ ڪلهوڙن جي تخت گاهه خدا آباد لڳ ڀراڻا هالا کي اچي گهيرو ڪيو. ميان سرفراز اهڙي حالت ڏسي اتان ٻيڙيءَ رستي ڀڄي اچي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناهه ورتي. ميان سرفراز جي اهڙيءَ ريت ڀڄي وڃڻ بعد حڪومت سندس ڀاءُ محمود خان جي حوالي ٿي.

مير بجار 1190ھ ۾ حج تان موٽڻ بعد حالتن تي نهايت ٿڌي دل ۽ دماغ سان ويچار ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ دوران سازشن جو مرڪزي ڪردار راڄو ليکي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي مري ويو، ڪي چون ٿا ته هو پاڻ زهرکائي مري ويو. بهرحال راڄو ليکي جيئرو هو جو ميان محمود خان کي وڏيڪ حڪمرانيءَ لائق نه سمجهي سندس جاءِ تي ميان غلام نبي ڪلهوڙي کي مسند تي ويهاريو ويو. هوڏانهن راڄي جي مرڻ بعد تاجو ليکي جيڪو پيءُ کان وڌيڪ شرير هو، ساڳي حيثيت اختيار ڪري ويو.

ڪجهه وقت گذرڻ بعد غلام نبي ڪلهوڙو به تاجي جي هٿن ۾ کيڏڻ لڳو ۽ تاجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي غلام نبيءَ کي ميرن جي خلاف برغلائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. آخر غلام نبي تاجوءَ جي مشوري تي وڏو لشڪر تيار ڪري ميرن سان مقابلي لاءِ شهدادپور چڙهي آيو. مير بجار مصلحت کان ڪم وٺندي صلح جي ڪوشش ڪئي چو ته هن ڪنهن به صورت ۾ ڪلهوڙن سان ڦِٽائڻ نٿي چاهيو. هو پيءُ ۽ ڀاءُ جي قتل جي باوجود دل وجان سان ڪلهوڙن جو وفادار هو. انهيءَ ڪري هن پنهنجي چاچي مير

چاڪر خان کي اهڙو پيغام ڏيئي ميان غلام نبيءَ ڏي ڏياري موڪليو پر ڪابه ڪوشش ڪامياب نه ٿي.

مير بجار ۽ سندس ساٿين لاءِ اهو نهايت پريشانيءَ جو وقت هو جو هڪ ته هو ذهني طور لڙائي لاءِ تيار نه هئا ٻيو ته وٽن ايڏو لشڪر به ڪونه هو. بلڪ سندن لشڪر جو تعداد چئن يا ڇهن هزارن کان هرگز مٿي نه هو. وڏي ڳالهه ته ٻهريون دفعو ڪلهوڙن حڪمران جي حيثيت ۾ ميرن خلاف لشڪر ڪشي ڪئي هئي، جنهن ۾ ساڻن ٻيا به ڪيترائي قبيلا شامل هئا ۽ سندن لشڪر جو تعداد ٽيهن کان چاليهه هزار ٻڌايو ويو آهي، ميرن لاءِ اهو نهايت ڏکيو وقت هو. انهيءَ پس منظر ۾ مير بجار جيڪو هونئن به مذهبي ذهن ۽ نيڪ طبيعت وارو انسان هو ۽ جيڪو هن کان اڳ به گرهوڙي صاحب جو معتقد چيو وڃي ٿو، وٽس دعا ۽ غيبي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو. جنهن جو ذڪر 'مرغوب الاحباب' واري روايتي انداز ۾ ڪيو آهي ۽ اهو اڳ ۾ بيان ٿي چڪو.

'تاريخ بلوچيءَ' جي مصنف موجب لانياري جي ميدان تي ميان غلام نبي مرڻيگ حالت ۾ پَٽ تي ڪريو پيو هو ته مير بجار اتي اچي وٽس پهتو ۽ سندس اهڙي حالت تي افسوس ظاهر ڪيائين. ميان غلام نبي مرڻ کان اڳ مير بجار جي رحمدليءَ جو فائدو وٺندي پنهنجي ڀاءُ عبدالنبيءَ کي تخت نشين ڪرڻ جي وصيت ڪئي. هوڏانهن عبدالنبي ڪلهوڙو جيڪو ان وقت حيدرآباد قلعي کي سنڀالي ويٺو هو تنهن غلام نبيءَ جي مرڻ شرط

ميان سرفراز ۽ سندس پٽ محمد خان، چاچي ميان عطر خان ۽ پائيٽي ميان محمود خان کي جيڪي اڳئي قلعي ۾ نظر بند هئا، سڀني کي قتل ڪرائي ڇڏيو، ته جيئن سندس مقابلي ۾ ڪلهوڙن منجهان ڪو به تخت جو وارث باقي نه بچي.

مير بجار اهڙين حالتن جي باوجود ميان غلام نبيءَ سان ڪيل عهد کي پاڙيندي عبدالنبيءَ کي تخت سنڀالڻ جي دعوت ڏني ۽ مخدوم نوح جي مقبري جي احاطي ۾ سندس تاجپوشي ڪرائي ۽ پاڻ مُک وزير جي حيثيت ۾ اختيار سنڀاليو. مير بجار سڀ کان پهرين سنڌ جي سرحد تي جوڌپور جي راجا طرفان خطرو محسوس ڪندي، چاچري جي پرسان ڏاهلي جي ڳوٺ ۾ مير ڳڙهه جو قلعو ٺهرائڻ شروع ڪيو. دراصل هو جوڌپور جي راجا بجي سنگهه پاران عمرڪوٽ جي قلعي بابت غاصبانه ارادن کي سمجهي چڪو هو. بلڪ عمر ڪوٽ جو قلعو ئي ميرن جي پناهه گاهه هو، جتي مير بجار حج کان واپسيءَ بعد اچي رهائش اختيار ڪئي هئي، پر پوءِ اهو خالي ڪرڻو پيو هوس. هڪ لحاظ سان جوڌپور ۽ سنڌ جي سرحد تي مير ڳڙهه جي تعمير ٿي هئي، جنهن ڪري راجا بجي سنگهه اڳتي هلي مير بجار جو ذاتي دشمن بنجي ويو. بهرحال مير بجار ميان عبدالنبيءَ جو پانهن ڀيلي ۽ وفادار ٿي رهيو ۽ جڏهن ميان عزت يارخان افغانين جو لشڪر وٺي ميان عبدالنبيءَ سان مقابلي خاطر شڪارپور ۾ اچي پهتو ته اهو مير بجار ئي هيو جنهن ميان عبدالنبيءَ طرفان وڙهندي افغانين ۽ عزت يار کي 1193هه ۾ شڪست ڏني. ليڪن ميان عبدالنبيءَ کي

ميرن ۽ خاص طور مير بجار جي خلاف جيڪو اندر ۾ زهر پريل هو سو هرگز ختم ٿيڻ وارو نه هو. انهيءَ ڪري هن جوڌپور جي راجا بجي سنگھ سان سازباز ڪري، اتان ڪرايي جا قاتل گهرائي، مير بجار کي وڏي دغا سان قتل ڪرائي ڇڏيو. ڪن تاريخ نويسن مير بجار جي اهڙيءَ طرح شهيد ٿيڻ جو سال 1193ھ ڏنو آهي ته ڪن وري 1194ھ لکيو آهي. اهو پس منظر هو جو ميان عبدالنبي ڳجهه ڳوهه ۾ عمرڪوٽ جو قلعو بجي سنگھ جي حوالي ڪرڻ جو انجام ڪيو هو.

ميان عبدالنبي جيتوڻيڪ مير بجار کي اهڙيءَ طرح جوڌپور جي راجا طرفان موڪليل ٻن راجپوتن هٿان مارائي ڇڏيو، ليڪن ان واقعي بعد هو ايترو ڪمزور ٿي ويو جو پهريائين پنهنجن پٽن کي خزانو ڏيئي بجي سنگھ ڏانهن ڏياري موڪليائين ۽ پوءِ پاڻ به سنڌ مان ڀڄي نڪتو. آخر سندس ڇُرچَ تي جوڌپور جي راجا جي لشڪر عمرڪوٽ تي حملو ڪيو، پر مير بجار جي پٽ مير عبدالله ۽ ٻيا مير جيڪي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ هئا تن کان هار کائي پوئتي موٽي ويو. ٻئي دفعي وري ميان عبدالنبي قلات جي حاڪم مير نصير جي مدد سان سنڌ تي حمله آور ٿيو ۽ لاڙڪاڻي کان لنگهي اچي چالڪ پل وٽ پهتو، جتي وري ميرن سندس مقابلو ڪيو ۽ عبدالنبي هڪ دفعو وري ناڪام ٿي موٽي ويو. ميان عبدالنبي ان کان پوءِ به ماٺ نه ڪئي ۽ آخر 1195ھ ۾ افغان بادشاهه کان وڃي مدد گهريائين، جنهن مدد خان پٺاڻ جهڙي ظالم ۽ لٽيري کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. مدد خان سنڌ ۾ وڏي

تباهي ڪري ڇڏي ۽ عمر ڪوٽ پهچي ميرن سان سامهون ٿيو پر آخر ميرن سان صلح ٿيو ۽ ميرن هڪ دفعو وري ميان عبدالنبيءَ کي سنڌ جو حاڪم تسليم ڪيو. ليڪن ميان عبدالنبيءَ جي اندر ۾ جيڪو گدڙ ويٺل هو، سو ڪڏهن به خاموش نه ٿيو. ميرن سان صلح واري صورتحال جو فائدو وٺندي آخر هڪ ڏينهن هن مير عبدالله ۽ سندس سؤٽ مير فتح خان کي دربار ۾ گهرائي نهايت بيدرديءَ سان کين پنهنجي ماڻهن هٿان 1196ھ ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو.

ڪلهوڙن ۽ ميرن درميان پنجن ڇهن سالن کان هلندڙ خانه جنگيءَ جو خاتمو آخر هالاڻيءَ جي ميدان تي 1199ھ/1784ع ۾ ان فيصله ڪن معرڪي کان پوءِ ٿيو، جنهن ۾ عبدالنبيءَ کي شڪست آئي پر پاڻ جوڌپور طرف ڀڄي ويو جتي کيس راجا پراڻي دوستيءَ جو حق ادا ڪندي پناهه ۽ جاگير ڏني. ميان عبدالنبي پوءِ به ڪافي وقت زنده رهيو جو 1220ھ ۾ وفات ڪري ويو. انهيءَ وچ ۾ ساڻس ۽ سندس پٽن سان ڇا وهيو واپريو اهو تاريخ جو الڳ باب آهي جيڪو ڊاڪٽر بلوچ هڪ تحقيقي مقالي ۾ سال 1968 ۾ انگريزيءَ ۾ ڏنو هو.

هاڻي اسان ان خط طرف اچون ٿا جيڪو چيو وڃي ٿو ته گرهوڙي صاحب مير بجار ۽ مير فتح خان طرف مڙهيءَ ڏانهن پيش رفت ڪرڻ وقت لکيو يا لکرايو هيو.

جيئن ته گرهوڙي صاحب جي شهادت 1192ھ ۾ ٿي آهي. ظاهر آهي ته هي خط ان وقت جو آهي يا اهو لانياري واري لڙائي جيڪا

1191ھ ۾ لڳي هئي ۽ جنهن ۾ مير بجار گرهوڙيءَ جي دعائن سان سرخرو ٿيو هو، ان کان پوءِ جو آهي. مٿي اسان ميرن ۽ ڪلهوڙن درميان هلندڙ ڪشمڪش جو سربستو احوال انهيءَ ڪري ڏنو آهي ته جيئن مير بجار جي ڪردار کي صحيح طور سمجهڻ ۾ مدد ملي. انهيءَ مان اهو چڱيءَ طرح اندازو ٿئي ٿو ته مير بجار هڪ با اصول ۽ باڪردار انسان هو جنهن ڪري سڀ تاريخ نويس مير عظيم الدين 'فتح نامه' وارو، 'تاريخ بلوچي' جو مؤلف عبدالمجيد جوکيو ۽ سيد ثابت علي شاھ سندس وڏي تعريف ڪئي آهي.

مٿي بيان ڪيل سموري تاريخي پس منظر کي سامهون رکندي، علامه دائود پوٽي جي اها ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي جڏهن هو چوي ٿو ته ميرن طرفان گرهوڙيءَ کي ڪو جواب نه مليو ۽ الٽو مڙهيءَ جي ساميءَ کي ميرن طرفان اچي نياپو مليو ته ان لڙائي سان اسان جو ڪو واسطو ڪونهي.

انهيءَ صورتحال کي سمجهڻ خاطر اسان مير بجار جو حج تان واپسيءَ بعد يعني 1190ھ کان سندس شهيد ٿيڻ يعني 1194 تائين تفصيلي احوال ڏنو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو خانه جنگيءَ جي تڪليف ده حالتن سبب وڏين مشڪلاتن کي مڙس ٿي منهن ڏيئي رهيو هو ۽ ڪنهن به مرحلي تي هن ڪردار جي گهٽتائي جو ذري برابر به مظاهرو نه ڪيو.

بهرحال اصل ڳالھ اها آهي ته گرهوڙي صاحب طرفان ان خط جهڙي تحرير جو انڪار نٿو ڪري سگهجي تاهم 'مرغوب

الاحباب’ جهڙي تذڪري توڙي ‘تاريخ بلوچي’ جهڙي تاريخي ماخذ ڪنهن اهڙي تحرير ڏانهن اشارو ڪونه ڪيو آهي. ٻنهي گرهوڙيءَ طرفان انهن شرطن يا هدايتن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي لانياري جي لڙائي تي وڃڻ کان اڳ مير بجار سان ملاقات وقت کين ڏنيون ويون. ‘آئينه جهان نما’ واري پڻ صرف اهڙين هدايتن جو ذڪر ڪيو آهي جن جو تعداد هو وڏائي پندرهن ٻڌائي ٿو. مڪتوب جي عبارت تي وڌيڪ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ ڪابه جواب طلب ڳالهه ڪونه هئي ۽ ان ۾ وڌ ۾ وڌ ڪي هدايتون ۽ نصيحتون ڪيل آهن. اها ئي ڳالهه قرين قياس معلوم ٿئي ٿي، ڇو ته گرهوڙيءَ جهڙو متوڪل انسان پنهنجي ڪنهن به قدم کي ٻين جي امداد سان مشروط نه پئي ڪري سگهيو. ان لحاظ سان هن مڪتوب کي گرهوڙي صاحب جي وصيت ئي سمجهڻ گهرجي، جيڪا هو ميرن کي خاص طور مير بجار جهڙي دانشمند شخص لاءِ ڇڏي وڃڻ پيو گهري.

(و) شيخ محمد عابد سنڌي ۽ سندس تصنيف "ڪلمات قدسيه"

شيخ محمد عابد جا وڏا اصل سيوهڻ جا هئا ۽ هن 1192ھ/1778ع ۾ سيوهڻ جي هڪ وڏي علمي گهراڻي ۾ اک کولي. سندس ڏاڏو شيخ مراد ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ سنڌ مان هجرت ڪري يمن کان ٿيندو حج جي ارادي سان حرمين پهتو ۽ جده ۾ رهائش اختيار ڪيائين، جتي 1198ھ ۾ گذاري ويو. اتي ئي شيخ محمد عابد جي والد شيخ احمد علي 1202ھ/1787ع ۾ وفات ڪئي. جنهن کان پوءِ هن خاندان يمن جي بندر حديده ۾ رهائش اختيار ڪئي. شيخ محمد عابد اتي پنهنجي چاچي محدث شيخ محمد حسين وٽ علم جي تحصيل ڪئي ۽ ان کان حديث جي سند حاصل ڪيائين. انهيءَ زماني ۾ هو يمن جي ٻئي وڏي عالم قاضي محمد بن علي شوڪاني وٽ پڻ علم ڪلام ۽ حڪمت پڙهيو ۽ علم طب وغيره ۾ مهارت حاصل ڪئي.

شيخ محمد عابد ڪجھ وقت لاءِ يمن جي ٻئي وڏي شهر زبيده ۾ پڻ رهائش اختيار ڪئي. يمن ۾ رهائش دوران اتان جي حاڪم سندس علمي شهرت ٻڌي کيس پاڻ وٽ صنعا ۾ گهرايو ۽ وڏي عزت افزائي ڪيائين. جنهن سان سندس اثر رسوخ ۾ اضافو ٿيو.

اهو سهڻو اتفاق چئجي ته حديده ۾ سندس رهائش دوران جڏهن غوث عالم خواجه محمد زمان ثاني (1199ھ - 1247ھ) حج جي ارادي سان مخه بندر تي پهتو ته شيخ محمد عابد پڻ اتي سندس آمد جو ٻڌي اچي حاضر ٿيو. خواجه محمد زمان ثاني سندس ٽي ڏينهن مهمان ٿي رهيو، جنهن دوران کيس خواجه صاحب نقشبندي طريقت ۾ اجازت سان نوازيو.

شيخ محمد عابد کي زندگيءَ جي پوين ڏيهاڙن ۾ حديده ۾ وڏي مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو جو اتي زيدي مذهب زور وٺڻ لڳو، ۽ آخر کيس شهر نيڪالي ڏني وئي. اهوئي عرصو هيو جو سنڌ ۾ آيو ۽ لواريءَ جي درگاهه تي پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هڪ اندازي موجب اهو زمانو 1240ھ کان 1249ھ آهي. شيخ محمد عابد زندگيءَ جا آخري سال مديني منوره ۾ گذاريائين ۽ اتي ئي 1257ھ ۾ وفات ڪيائين، جتي پنهنجا سڀ ڪتاب حرم مڪي جي ڪتب خاني جي حوالي ڪيائين.

شيخ محمد عابد سنڌ ۾ يا لُواري شريف ۾ مختصر عرصو قيام ڪيو پر ظاهر آهي ته اهوئي وقت هيو جنهن دوران هن سلطان الاولياء جي بزرگي ۽ روحانيت جي اعتراف طور سندس فرمودات کي عربي زبان ۾ تحرير ڪيو ۽ نقشبندي روايت مطابق ’ڪلمات قدسيه‘ جو نالو ڏنو. ياد رهي ته نقشبندي سلسلي جي باني خواجه بهاءُالدين نقشبند جي تمام مختصر ارشادات کي جڏهن سندس خاص خليفي خواجه محمد پارسا شرح سان لکي پورو ڪيو ان کي ”ڪلمات قدسيه“ يعني پاڪ گفتا جو نالو ڏنائين. نقشبندي

اڪثر پنهنجي مشائخن جي فرمودات کي ڪلمات قدسيه ڪوٺين ٿا. پوءِ ڪڏهن اهو عنوان ظاهري طور به رکن ٿا ته ڪڏهن وري بيان ڪندي اندر ائين چئي وجن ٿا. هن سلسلي ۾ ٻيو مثال 'حضرات القدس' جو آهي جيڪو امام ربانيءَ جي خاص خليفي بدرالدين سرهنديءَ جي تصنيف آهي. جنهن ۾ هو نقشبندي سلسلي جي سيني اڪابرن ۽ بزرگن جي فرمودات کي سندن سوانح سان گڏ 'قدسيه' جا عنوان ڏئي پيش ڪري ٿو. هتي اهو پڻ واضح ڪجي ته ٻين سلسلن ۾ وري ملفوظات جي روايت آهي، جتي هو ڪنهن واقعي يا نقل کي بيان ڪندي ان سان گڏ مرشد جي زبان مان خاص گفتگو يا اقوالن کي حڪايت جي انداز ۾ بيان ڪن ٿا. هڪ لحاظ سان ڏسجي ته گرهوڙيءَ جي تصنيف ''فتح الفضل'' ۾ به اهوئي انداز ڪارفرما آهي جيڪو خالص علمي ۽ فڪري آهي. هو ڪوبه فرمودو ٻئي ڪنهن جي حوالي سان يا نالو کڻي بيان نٿو ڪري. اهو ساڳيو انداز شيخ محمد عابد جي 'ڪلمات قدسيه' ۾ پڻ نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح هو اسلامي تصوف جي عاليشان روايت جنهن ۾ روميءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. تنهن مان پڻ ڀرپور استفادو ڪندي نظر اچي ٿو. وڏي ڳالهه ته هو سنڌ جي تصوف جي شاندار روايت جنهن جو عروج شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو، ان کان به ڀهرور ڏسجي ٿو جو هو ٻن هنڌن تي سندس بيتن جون سٽون حوالي طور آڻي ٿو. بهرحال هيءَ ڳالهه به قابل غور آهي ته گرهوڙيءَ وانگر هو به ان تصنيف ۾ ڪٿي پنهنجو نالو نٿو کڻي ته اها سندس تصنيف آهي. اسان جي

آڏو سندس ڪتب خاني جو هڪ عڪسي نسخو آهي جنهن جي مٿان ڪاتب طرفان اها تحرير آهي جنهن ۾ سندس نالو چاڙهايل آهي.

شيخ محمد عابد ”ڪلمات قدسيه“ ۾ جتي روميءَ جا اشعار استعمال ڪري ٿو، اتي ”مڪتوبات احمدي“ ڏانهن پڻ ڪيترائي ڀيرا رجوع ڪري ٿو. هو سعدي، حافظ ۽ جاميءَ جا عارفانه اشعار پيش ڪري توضيح ۽ تشريح جو پورو حق ادا ڪري ٿو. نقشبندي سلسلي جي فضيلت جو اصلي سبب بيان ڪندي ٿيويهين فرمودي جي تشريح ۾ لکي ٿو ته ان جو سبب نقشبندي طريقي ۾ پهريون قدم مريد يعني ارادي ڪندڙ جي دل تي توجه وجهڻ آهي ۽ ان جي شروعات اسم ذاتيءَ يعني ”الله“ جي خفي ذڪر ڪرڻ سان آهي. دل يا قلب جي اهميت کي بيان ڪندي هو اها ساڳي حديث بيان ڪري ٿو جيڪا گرهوڙيءَ پڻ ’فتح الفضل‘ جي بلڪل ابتدا ۾ آندي آهي.

”مصحف المؤمن صدره“

[مؤمن جو مصحف (قرآن) سندس سينو آهي.]

مطلب ته دل تي الله جي نقش ويهارڻ سان ئي ڪيفيتن ۽ مقامات جو آغاز ٿئي ٿو، دل ئي مصحف جو ڪم ڏئي ٿي.

نقشبندي سلسلي جي بنيادي تصورات يا شغلن جي سمجهاڻي پڻ خواجه صاحب جي فرمودن ۾ ملي ٿي، جيئن فرمودي ٻائيتاليه ۾ آهي ته ”هوش در دم“ سان ٻيا ڪهڙا شغل حاصل ٿي وڃن ٿا.

شيخ محمد عابد جيئن ته بنيادي طور فقيہ صوفي آهي ۽ عام طور سمجهيو ويندو آهي ته فقيہ صوفي نٿو ٿي سگهي. تنهنڪري اها ڳالهه فرمودي پنجيتاليهه ۾ چڱيءَ طرح واضح ڪري ٿو ته هي جو ڪي صوفي عالم ۽ شاعر عام طرح چون ٿا ته ظاهري علم حقيقت تائين نٿو پهچائي. ان جو مطلب ظاهري علم خاص طور قرآن، حديث ۽ فقہ جي نفي ڪرڻ ناهي. بلڪ سندس پنهنجو نقطئه نظر هي آهي ته اهو علم يعني علم باطن در اصل ظاهري علم جي تحصيل کان مٿڀرو آهي، جنهن لاءِ اهو ظاهري علم بنيادي ڏاڪڻ جي حيثيت رکي ٿو. مطلب ته هو جاهل صوفيءَ جي تصور کي رد ڪري ٿو ۽ اهوئي گرهوڙي جو تصور آهي. جڏهن هو فقہ بابت امام ابوحنيفي رحه جو اهو جامع قول نقل ڪري ٿو:

الفقہ معرفة النفس مالها وما عليها

[يعني فقہ، نفس ۽ مٿس طاري ٿيندڙ ڪيفيتن يا لاڳو ٿيندڙ حالتن کي سمجهڻ جو نالو آهي.]

”ڪلمات قدسيه“ ۾ شاهه عبداللطيف جي عارفانه شاعري ۽ فڪر جي عظمت پڻ نظر اچي ٿي. جنهن مان انداز ٿئي ٿو ته شاهه لطيف جي شاعري نه رڳو سلطان الاولياء کي پسند هئي، بلڪ وڏي ڳالهه ته جڏهن خواجه صاحب صرف بيت جي هڪ سٽ پڙهي چوي ٿو ته کيس ان کان وڌيڪ ياد نه آهي، تڏهن شيخ محمد عابد باقي به سٽون پنهنجي طرفان وجهي بيت مڪمل ڪيو آهي. اها حقيقت فرمودي اٺونجاهين ۾ بيان ٿيل آهي. ان کان

اگِ اٽيتاليهين فرمودي ۾ به شاهه لطيف جي بيت جي هڪ سٽ جو حوالو بغير نالي جي ڏنل آهي.

شيخ محمد عابد گرهوڙي صاحب جي ’فتح الفضل‘ کان واقف هو يا نه؟ چو ته ان طرف ڪو اشارو ڪونه ٿو ملي، تاهم شيخ عابد جي وقف ڪيل ڪتابن ۾ ’القول الفصل‘ جي نالي سان ڪتاب ’فتح الفضل‘ شامل آهي. ليڪن اها حقيقت آهي ته ٻنهي ۾ تمام گهڻي مشابهت ۽ هڪجهڙائي نظر اچي ٿي جنهن مان وري تصديق جو اهو پهلو نمايان ٿئي ٿو ته ٻنهي سلطان الاوليا جي گفتن ۽ ارشادات کي ڪيتري قدر صحيح صورت ۾ جمع ڪيو آهي. بهرحال جتي گرهوڙيءَ جي تصنيف ۾ چار سئو چائيتاليهه فرمودات کي عربيءَ ۾ لکيو ويو آهي، اُتي شيخ محمد عابد صرف پنجهٺ فرمودات کي گڏ ڪيو آهي تاهم ٻنهي جي تشريح ۽ توضيح جي انداز ۾ حيرت انگيز هڪجهڙائي نظر اچي ٿي چو ته ٻنهي جا فڪري ماخذ ساڳيا آهن يعني مثنوي مولانا رومي، سعدي، حافظ ۽ جامي وغيره ۽ ان کان سواءِ نقشبندي سلسلي جي اڪابرن جون ڪي تصنيفون ۽ قرآن، حديث ۽ اصولِ فقه وغيره. ليڪن ايترو ضرور چئبو ته جيترو گرهوڙيءَ جي تحرير جو انداز مشڪل ۽ پيچيده آهي، اوترو شيخ محمد عابد جي تحرير شگفته ۽ آسان آهي ۽ سندس انداز بيان تمام گهڻو سلجهيل ۽ سولو آهي. هڪ ئي وقت ٻنهي جو تقابلي مطالعو اصلي مفهوم ۽ مقصود کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ڪندو.

(ز) فتح الفضل ۽ ڪلمات قدسيه جو علمي ۽ فڪري جائزو

اها حقيقت آهي ته شيخ عبدالرحيم گرهوڙي ٻارهين/ ارڙهين صدي سنڌ جو وڏو عالم ۽ عارف، فقيہ ۽ مجتهد، صوفي ۽ شاعر هو. سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ جي لحاظ سان سندس ٻه تصنيفون ‘شرح ابيات سنڌي’ ۽ ‘فتح الفضل’ تمام گهڻيون مشهور آهن جيڪي سندس حياتيءَ کان پوءِ سنڌ جي اهلِ علم حضرات ۽ صوفين وٽ گهڻو مقبول ٿيون. ايتريقدر جو پوين صوفين جي ملفوظات وغيره ۾ انهن ڪتابن جا حوالا سَنَدَ طور ملن ٿا. اهي ٻئي ڪتاب عربيءَ ۾ لکيا ويا جيڪا پڻ غير معمولي ڳالهه هئي ڇو ته سنڌ ۾ مروج علمي ۽ ادبي زبان فارسي هئي ۽ عربي زبان اڃا مٿي خاص علمي حلقن لاءِ هئي. پر لڳي ٿو ته گرهوڙيءَ وٽ پنهنجي مرشد سلطان الاولياء خواجه محمدزمان لاءِ جيڪو غير معمولي مقام هو، ان لحاظ سان هن اهي ٻئي ڪتاب عربيءَ ۾ لکيا، جيتوڻيڪ انهن ۾ جتي ڪٿي مولانا رومي، حافظ ۽ جامي توڙي ٻين فارسي شاعرن جا شعر حوالي ۽ سمجهاڻيءَ طور آڻي ٿو. اها به عجيب ڳالهه آهي ته ٻنهي ڪتابن ۾ گرهوڙي ڪٿي به پنهنجو نالو نه لکيو ته اهي سندس تصنيف ٿيل آهن، جنهنڪري اڳتي هلي غلط فهميون به پيدا ٿيون.

بهرحال انهن ٻنهي ڪتابن جي باري ۾ نشاندهي سپ ڪان پهرين
’فردوس العارفين‘ جي مصنف ڪئي جيڪو هن سال 1201ھ ۾
تصنيف ڪيو. ياد رهي ته سلطان الاولياء جي سوانح ۽ افڪار
بابت اهوئي پهريون ڪتاب آهي، جنهن جو مصنف بلوچ خان
جهڙو عالم فاضل شخص هو. هو پهريائين غلام شاه ڪلهوڙي
جي حڪومت ۾ وڏي سفارتي عهدي تي مقرر هو ۽ سندس لکڻ
موجب 1182ھ ۾ يعني سلطان الاولياء جي وفات کان ڇهه سال اڳ
۾ اچي بيعت ڪري نقشبندي سلسلي سان وابسته ٿيو. ان ڪتاب ۾
هو سلطان الاولياء جي چئن وڏن خليفن جو ذڪر ڪندي سپ ڪان
پهرين گرهوڙيءَ جو نالو کڻي ٿو. بلوچ خان 1222ھ ۾ وفات
ڪئي ۽ لواري درگاه جي قبرستان ۾ مدفون ٿيو. ’فردوس
العارفين‘ بلوچ خان جي علمي قابليت جو وڏو ثبوت آهي. هو
ڪتاب جي پوئين حصي ۾ سلطان الاولياء جي ارشادات کي
’ڪلمات قدسي‘ تحت بيان ڪري ٿو. جن جو تعداد سٺ کان مٿي
آهي. ’فردوس العارفين‘ ۾ هو ’فتح الفضل‘ سان گڏ ’شرح ابيات
سنڌي‘ ۽ خواجه گل محمد جي تعريف ۾ لکيل فارسي نظم جو
ذڪر ڪري ٿو.

’فردوس العارفين‘ کان پوءِ خواجه گل محمد يعني گرهوڙي
صاحب جي مرشد پاڻ ’فتح الفضل‘ جو فارسيءَ ۾ ’الورد
المحمدي‘ نالي سان ترجمي جو ڪم هٿ ۾ کنيو. خواجه
صاحب تمهيد ۾ ان ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ ڪري چڏي ته اهو ڪتاب
گرهوڙي جي تصنيف آهي. خواجه صاحب ان ڪتاب جو ترجمو

ڪري رهيو ۽ اچا ارشاد 243 تي مس پهتو هو ته سندس 1803/1218 انتقال ٿي ويو. خواجه گل محمد کان پوءِ جڏهن خواجه محمدزمان ثاني (1199 - 1247) مسند نشين ٿيو ۽ سندس ظاهري استاد سيد نور علي لکوي هو ته پاڻ نور علي شاهه کي ’فتح الفضل‘ جي باقي رهجي ويل 203 ارشادات جي فارسي ترجمي ڪرڻ لاءِ چيائين. اهڙيءَ ريت باقي فارسي ترجمو ’تڪمله ورد المحمدي‘ جي نالي سان سندس هٿان 1239ھ ۾ مڪمل ٿيو.

گرهوڙي صاحب جي همعصرن منجهان هيو وڏو عالم قاضي احمد دمائي آهي، جيڪو زندگيءَ جي آخري حصي ۾ اچي سلطان الاولياء کان دست بيعت ٿيو. هن جي مختصر رسالي ”شوق نامه“ ۾ پڻ ”فتح الفضل“ جو حوالو ملي ٿو. قاضي احمد دمائي پاڻ 1223ھ ۽ سندس پٽ خواجه محمد صالح 1232ھ ۾ وفات ڪئي.

”فتح الفضل“ جي وڏندڙ اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته ملفوظات پير محمد راشد روضي ڌڻي (1170-1234) ۾ هڪ نقل مطابق گرهوڙي صاحب جي خاص معتقد رامڻ ٽالپر اهو ڪتاب پير صاحب کي پيش ڪيو. پير صاحب اهو ڪتاب وٺي ان کي هڪ ٻن هنڌن تان مطالعو ڪري فرمايو ته ”اهو ڪتاب مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي ڪمال تي دلالت ڪري ٿو.“ ياد رهي ته رامڻ ٽالپر گرهوڙيءَ جي همعصر شهمير

ٽالپر جو پوٽو هو ۽ گرهوڙيءَ سان مڙهيءَ جي جهاد وقت ساڻس گڏ هو.

بهرحال گرهوڙيءَ جي هن ڪتاب جي اصل اهميت ڪي خليفي محمود (وفات:1267) ڪڙيي گهنور واري سجاتو، جيڪو پنهنجي تصنيفات ’محبوبيہ المحموديه‘ توڙي مڪتوبات ۾ ’فتح الفضل‘ کان پوريءَ ريت مستفيد نظر اچي ٿو. خليفي محمود بعد سندس خليفو گل محمد هالائي وري ’ڪنوز المعرفت‘ نالي ملفوظات ۾ گرهوڙيءَ جي تصنيف ’فتح الفضل‘ جا حوالا ڏئي ٿو.

هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري آهي ته سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي بيتن توڙي گرهوڙيءَ جي بيتن جا حوالا سلوڪ ۽ معرفت جي سمجهاڻيءَ خاطر پڻ پهريائين پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي ملفوظات ۾ ملن ٿا ۽ ان جو مرتب پڻ خليفو محمود ڪڙيي وارو آهي. اهڙيءَ طرح خود خليفي محمود جي ملفوظات ۽ مڪتوبات يا سندس خليفي گل محمد هالائي جي لکيل ملفوظات ۾ پڻ خواجه محمدزمان ۽ گرهوڙيءَ جي شاعريءَ جا ڪيترا حوالا ملن ٿا. بلڪ گرهوڙيءَ جو هي سنڌي بيت:

”هر دم حج پڙهن، ڪعبو پسن نه ڪاپڙي“

سنڌ جي صوفي حلقن ۾ وڏي بحث جو موضوع رهيو آهي. پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي مڪتوبات ۾ پاڻ مخدوم پير محمد طرفان پُڇيل سوال ۾ هن بيت جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي ته هتي ڪاپڙيءَ مان مراد عارف آهن.

قاضي احمد دمائي جي مڪتوبات ۾ پڻ هڪ خط ۾ انهيءَ ساڳي سٽ جي سمجهاڻي ملي ٿي ۽ اهو خط پڻ غالباً ساڳئي پير محمد ڏانهن لکيل آهي جنهن ڏانهن ٻيا به ڪيترا خط ملن ٿا. چون ٿا ته مخدوم پير محمد قاضي احمد دمائي جو پاٽيجو هو ۽ ڏيپارجن جو ويٺل هو.

سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته گرهوڙيءَ جي تحريرن ۽ تصنيفن کي سلوڪ ۽ معرفت جي تشريح ۽ تعبير خاطر وڏ ۾ وڏ خليفي محمود ئي ڪم آندو. ليڪن هتي ان ڳالھ جي نشاندهي ڪرڻ به ضروري آهي ته هو ‘فتح الفضل’ کان ته پوريءَ ريت واقف آهي پر ’’شرح ابيات سنڌي‘‘ جو ڪٿي به نالو نٿو ڪٺي. البت ‘شرح ابيات سنڌي’ ۾ جيڪي سلطان الاولياء خواجه محمدزمان جا بيت آهن، تن کي گرهوڙيءَ جا بيت سمجهي انهن جا حوالا ڏئي ٿو. ان جو هڪڙو ظاهر ظهور سبب اهو ئي آهي ته خواجه صاحب جا اهي بيت گهڻو ڪري ڪلام گرهوڙي سان گڏ لکيل مليا آهن ۽ سنڌ ۾ هن وقت تائين جيڪي به ڪلام گرهوڙيءَ جا نسخا مليا آهن تن ۾ ائين نظر اچي ٿو.

هن سلسلي ۾ اها ڳالھ به قابل ذڪر آهي ته لُواري درگاھ بابت پيو بنيادي تذڪرو ‘مرغوب الاحباب’ آهي جنهن جو مصنف نظر علي بلوچ ‘خاڪي’ آهي ۽ سندس ڏاڏو شهمير ٽالپر سلطان الاولياء خواجه محمدزمان جو مريد ۽ گرهوڙيءَ جو همعصر هو. اهو جڏهن 1262ھ ۾ ‘مرغوب الاحباب’ جهڙو جامع تذڪرو لکي ٿو ته ان ۾ پڻ خواجه محمدزمان جي بيتن کي گرهوڙيءَ جا

بيت سمجهي ٿو، حالانڪ هو ’فتح الفضل‘ کان چڱيءَ طرح واقف لڳي ٿو جنهن جا عربيءَ ۾ حوالا پڻ آڻي ٿو.

تيرهين صديءَ جي آخر ۾ ’فتح الفضل‘ جي اهميت جو اندازو وري تڏهن ٿئي ٿو جڏهن لُواري درگاهه جو پنجون مسندنشين ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ صوفي خواجه محمد سعيد (1264- 1324) ’صقال الضمائر‘ لکندي گهڻي ۾ گهڻي ٽي دفعا ان جا حوالا ڏئي ٿو. خواجه محمد سعيد لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن ٻين ڪتابن جهڙوڪ ’تڪمله وردالمحمدي‘، ’تحقيقات لواريه‘ ۽ ’شرح ابيات سنڌي‘ تي حاشيا لکيا آهن پر انهن مان صرف ’شرح ابيات سنڌي‘ وارو نسخو ئي هن وقت تائين ملي سگهيو آهي، جنهن ۾ به سنڌس نالو ڪٿي لکيل نظر نٿو اچي، ليڪن انهن مختصر حاشين ۾ جيڪي تشريحي نڪتا نروار ٿيل آهن، اهي علمي لحاظ کان سنڌس ئي معلوم ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح سنڌس تحرير جي نموني مان پڻ واضح ٿئي ٿو ته اهي نڪتا سنڌس هٿ اکرين لکيل آهن. اسان ان نسخي جو مڪمل عڪس ’مڪمل شرح ابيات سنڌي‘ سان گڏ ڏئي ڇڏيو آهي.

هن هيڏي ساري پس منظر بيان ڪرڻ جو مقصد اهو ٻڌائڻ هو ته گرهوڙيءَ جي تصنيف ’فتح الفضل‘ کي صوفين جي علمي حلقن ۾ مسلسل غير معمولي مقبوليت حاصل رهي، ليڪن ان جي مقابلي ۾ ’شرح ابيات سنڌي‘ جنهن کي گرهوڙي ’نڪات الصوفيه‘ جي حيثيت ڏني هئي. اهو ڪتاب گهڻو گهڻ مشهور ٿيو. بلڪ جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو ته اهي ’چوراسي عارفانه بيت‘

جيڪي سلطان الاولياء جا چيل هئا ۽ هي ڪتاب انهن جي شرح طور لکيو ويو هو، اهي ڪلام گرهوڙيءَ طور مشهور ٿيا. ايتريقدر جو جڏهن 1930 ۾ بمبئي مان ليٿو تي ڪلام گرهوڙي ڇپيو ته ان ۾ سلطان الاولياء جا چوراسي بيت به گرهوڙيءَ جي ڪلام طور شامل هئا.

بهرحال پهريون دفعو علامه دائود پوٽي اها صراحت ڪئي جڏهن ڪيس ”شرح ابيات سنڌي“ جو اهڙو نسخو پير جهنڊي جي ڪتب خاني مان مليو. پر جيئن ته سندس گهڻو ڌيان سنڌي بيتن طرف هو، تنهن ڪري گرهوڙي صاحب جي عربي شرح کي پوري ريت ترجمو ڪري شامل نه ڪيائين جنهن جو ڪيس احساس هو. اهو ئي سبب هو جو اسان شرح ابيات سنڌيءَ جو مڪمل ترجمو عڪس سميت تحقيق ۽ تخريج ۽ تفصيلي مقدمي سان سال 2008 ۾ سنڌالاجيءَ طرفان شايع ڪرايو.

گرهوڙي صاحب جو ڪتاب ”فتح الفضل“ سنڌ ۾ تصوف جي خالص علمي ۽ فڪري روايت (Sufi Thought: Tradition of) بابت هڪ نهايت اهم تصنيف آهي ۽ اهو ان ڪري جو اهو ڪتاب گرهوڙيءَ جي ٻي تصنيف شرح ابيات سنڌيءَ جو هڪ لحاظ سان تڪمله يا تڪميل آهي. ‘شرح ابيات سنڌي’ سلطان الاولياء جي چوراسي سنڌي بيتن جي عارفانه شرح آهي ته ‘فتح الفضل’ ۾ وري سلطان الاولياء جي ارشادات يا فرمودات، جن کي نقشبندي سلسلي جي اصطلاح ۾ ‘ڪلمات قدسي’ چون ٿا، تن جي اعليٰ عارفانه تشريح ملي ٿي. هڪ لحاظ سان اهي ٻئي ڪتاب

گرهوڙيءَ جي مرشد سلطان الاولياء خواجه محمدزمان جي سلوڪ ۽ معرفت بابت اعليٰ فهم ۽ فڪر تي شاهد آهن ته ٻئي طرف هڪ شارح جي حيثيت ۾ گرهوڙي صاحب جي علمي مقام ۽ مرتبي جو ثبوت فراهم ڪن ٿا. هن ڪان اڳ مڪمل شرح ابيات سنڌي جي تفصيلي مقدمي ۾ اسان انهن ماخذن جي نشاندهي ڪري چڪا آهيون جيڪي هر وقت گرهوڙيءَ جي آڏو هئا، جن ۾ مثنوي روميءَ کي خصوصي اهميت حاصل آهي.

”فتح الفضل“ جي شروعات ۾ ئي ڏسبو ته گرهوڙي ابن عربيءَ جو فڪر، جنهن کي عام طور وجودي فڪر ڪوٺجي ٿو ۽ امام مجدد الف ثاني جي شهودي فڪر، ٻنهي ۾ جيڪو فرق آهي ان جي نهايت مختصر سمجهاڻيءَ سان ڪري ٿو. اهو هڪ تمام ڏکيو ۽ وڏو بحث آهي جنهن کي هو پنهنجي علمي سطح جي لحاظ سان فقط چند سٽن ۾ طئي ڪري اڳتي وڌي وڃي ٿو. هو ٻنهي نظرين ۾ بنيادي فرق واضح ڪندي چوي ٿو ته ابن عربيءَ وٽ حقيقت صورت جو عين آهي. (حقيقت صورت جو عين ڪيئن آهي اهو هڪ طويل بحث آهي) ان جي مقابلي ۾ امام ربانيءَ وٽ حقيقت صورت جو غير آهي (حقيقت صورت جو ڪيئن غير آهي اهو به هڪ طويل بحث آهي). بهرحال انهيءَ چوڻ ۾ ڪو به وڏاءُ ڪونهي ته ابن عربيءَ ۽ امام ربانيءَ جي فڪر جو اهوئي بنيادي نڪتو به آهي ته فرق به آهي. ابن عربيءَ جي انهيءَ فڪر جي سمجهاڻي سندس جڳ مشهور تصنيفات ’فصوص الحڪم‘ ۽ ’فتوحات مڪيه‘ ۾ ملي ٿي. جڏهن ته امام ربانيءَ جو اهو فڪر

سندس مشهور مڪتوبات جي ٽن دفترن جي ڪن مڪتوبات ۾ وضاحت سان ملي ٿو. جيئن ته نقشبندي فڪر ۽ شهودي فڪر جو ماخذ يا سرچشمو مڪتوبات امام رباني آهن، تنهنڪري ’فتح الفضل‘ ۾ گرهوڙي صاحب ’مڪتوبات احمدي‘ جو نالو وٺي انهن ڏانهن بار بار رجوع ڪري ٿو ۽ هن سلسلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهڙا ٽيهه حوالا ملن ٿا.

وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي تفصيلي سمجهاڻي اسان مڪمل شرح ابيات سنڌي جي مقدمي ۾ ڏئي چڪا آهيون ۽ اهو بحث وڌيڪ اتي ڏسڻ گهرجي.

”فتح الفضل“ ۾ مثنوي روميءَ جا مڪتوبات امام ربانيءَ کان به وڌيڪ يعني ڪل ٻه سئو نوي بيت حوالي طور آيل آهن، جيڪي سالڪ جي مختلف مقامات ۽ ڪيفتين جي نشاندهي ڪن ٿا. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مثنوي روميءَ کي جتي هڪ طرف وجودي فڪر وارن پنهنجي استدلال طور پئي ڪم آندو آهي، اتي نقشبندي بزرگن پڻ مثنويءَ مان بي شمار شعر سند طور ڪتب آندا آهن. سڀ کان پهرين نقشبندي سلسلي جي باني خواجه بهاءُالدين نقشبند جي فرمودات يعني ڪلمات کي جڏهن سندس خاص خليفي خواجه محمد پارسا رساله ’قدسيه‘ جي نالي سان مرتب ڪيو، تڏهن ان جي شرح ۾ خواجه فريدالدين عطار ۽ مثنوي روميءَ مان ڪيترا اشعار حوالي طور آندائين. مطلب مثنوي رومي نقشبندين وٽ به فڪر ۽ عرفان جو اهم ذريعو آهي ۽ هو

به ان مان دليل ۽ رهنمائي ونن ٿا. اهڙيءَ طرح حافظ جا چائيتاليه، جاميءَ جا انٺيه ۽ سعديءَ جا سورهن بيت حوالن ۾ ملن ٿا.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته نقشبندي طريقي ۾ فڪر ۾ رساله قدسيه کي بنيادي سرچشمي جي حيثيت حاصل آهي. اهو هڪ مختصر رسالو آهي جنهن ۾ نقشبندي سلسلي جي بنيادي تصورات کي اصولن جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي. مثلاً سير في الله مان مراد ڇا آهي ۽ ان جي انتها سير الي الله مان ڇا مراد آهي؟ سير في الله کي مقام وصول ڇو ٿا چون؟ سير الي الله ۾ عاشق جو سير معشوق ڏانهن ڇو هوندو آهي؟ ۽ سير في الله ۾ معشوق جو سير عاشق ڏانهن ڪيئن هوندو آهي؟ اها سعادت بشري صفتن جي فنا ٿيڻ ۽ حقيقي بي اختياري حاصل ٿيڻ سان ڪيئن ملندي آهي؟ اهو ئي مرحلو هوندو آهي جڏهن سالڪ پنهنجي قلب جي صحبت سبب الله تعاليٰ جي صحبت يا بارگاهه تائين پهچي وڃي ٿو ۽ تڏهن هو الاهي صفتن سان سينگاريل ٿئي ٿو ان صورت ۾ کيس پنهنجي باطني حال تي مڪمل تصرف حاصل هوندو آهي. رساله قدسيه ۾ ان ڪيفيت جي نشاندهي مولانا روميءَ جي هن شعر سان ڪئي وئي آهي.

صوفي ابن الوقت باشد در مثال

ليک صافي فارغ است از امر و حال

[معنيٰ:صوفي (سالڪ) وقت جي سچائيپ ۾ مثالي مظاهرو ڪري ٿو. (وقت هٿان نڻو وڃائي) ليڪن صافي (عارف) انهيءَ حال جي مقام کان مٿي آهن.]

اڳتي هلي ٻڌايو ويو آهي ته سڀني عبادتن جو مقصد يا روح ذڪر خداوندي آهي ۽ اهو مقصد ان کي حاصل ٿيندو جنهن جي دل ۾ الله جي محبت غالب هوندي. ذڪر جي حقيقت اها آهي ته سموري مخلوقات سان تعلق ٽوڙي ڇڏي ۽ الله کانسواءِ ٻيو ڪو معبود سامهون نه رهي بلڪ ڪابه خواهش سندس معبود وانگر نه هجي. هن سلسلي ۾ پير طريقت جي اهميت کي به مثنوي روميءَ جي ڪيترن شعرن سان واضح ڪيو ويو آهي. مثلاً

رو، بجو يار خدائي را تو زود

چون چنين کردي خدا يار تو بود

”رساله قدسيه“ ۾ فنا ۽ بقا جي تعريف ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته اهل معرفت فنا في الله کان پوءِ بقا بالله جي مرتبي ۾ پهچڻ بعد جيڪي ڪجهه ڏسن ٿا اهو پنهنجي اندر ۾ ڏسن ٿا ۽ جيڪي ڪجهه سڃاڻن ٿا يا کين پلئي پوي ٿو، اهو سندن اندر ۾ ئي آهي ۽ حيرت به سندن اندر ۾ ئي آهي. قرآني آيت ”**وفي انفسڪم افلا تبصرون**“ (۽ پوءِ پنهنجي اندر ۾ چو نه ٿا ڏسو؟) توڻي ”**من عرف نفسہ فقد عرف ربّہ**“ (جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي ربّ کي سڃاتو) ۾ اهو ئي مطلب سمايل آهي.

مطلب ته فنا ۽ بقا شهودي آهن وجودي ناهن. هن سلسلي ۾ هي فارسي شعر ڏنل آهي:

کس مي ندهد ز تو نشاني

اينست نشان بي نشاني

[معنيٰ: تنهنجو نشان يا پتو ڪوئي نٿو ڏي، انهيءَ بي نشان (ذات) جو اهوئي نشان آهي.]

انهيءَ مرحلي يا ڪيفيت کي ئي ”فناءَ الفنا“ ڪوٺيو ويو آهي. يعني جڏهن سالڪ پنهنجي مراد بي مراديءَ ۾ ڏسي يا معلوم ڪري هن جي وڌيڪ سمجهاڻي مثنوي روميءَ جي هنن شعرن ذريعي پيش ڪئي وئي آهي:

چيست معراج فلک؟ اين نيستي

عاشقان را مذهب و دين نيستي

هيچ کس را تا نگردد او فنا

نيست ره در بارگاه کبريا

[معنيٰ: اهو آسماني معراج ڪهڙو آهي؟ اها نيستي يا فنا ئي ته آهي. انهيءَ ڪري عاشقن جو مذهب ۽ مسلڪ اها نيستي يا فنا آهي. جيستائين ڪو به پاڻ کي فنا نٿو ڪري اهو مالڪ جي بارگاهه ۾ نٿو پهچي سگهي!]

”رساله قدسيه“ ۾ ئي خواجه عبدالخالق غجدوانيءَ جي چئن اصولن ياد ڪرد، بازگشت، نگهداشت ۽ ياد داشت جي سمجهاڻي ملي ٿي. ان کانسواءِ ٻيا ٽي نوان اصول وقوف زماني، وقوف عددي ۽ وقوف قلبي جي سمجهاڻي خواجه نقشبند جي زباني ملي ٿي جو ته اهي سندس ڪشف جو نتيجو آهن يا کانئس مروج ٿيا آهن. نقشبندي ادب جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته ‘رساله قدسيه’ سموري نقشبندي طريقي جي نشو ونما کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي جنهن جو گهڻي ۾ گهڻو اثر مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

بلڪ ائين چئي سگهجي ٿو ته مڪتوبات دراصل ’رساله قدسيه‘ جي ضخيم تشريح آهن، جنهن ۾ خواجه نقشبند کان پوءِ وارن صوفين خاص طور خواجه محمد پارسا، خواجه عبيدالله احرار، خواجه يعقوب چرخي ۽ خواجه باقي بالله وغيره جو اثر محسوس ڪري سگهجي ٿو. ليڪن رساله قدسيه ۾ ابن عربيءَ جي وجودي فڪر بابت ڪنهن به قسم جي تنقيد يا تنقيح ڪونه ٿي ملي. جڏهن ته امام ربانيءَ کان بعد سنڌ هند ۾ صوفي فڪر ۾ اهو موضوع مستقل موضوع طور اهميت اختيار ڪري وجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شاهه ولي الله جهڙي اڪابر عالم ۽ صوفيءَ کي هن مسئلي کي سلجهائڻ ۽ هن سلسلي ۾ متوازن ۽ معتدل راءِ قائم ڪرڻ خاطر گهڻو ڪجهه تحرير ڪرڻو پيو ۽ آخر پنهنجي راءِ هڪ مختصر رسالي ’مڪتوب مدنيءَ‘ ۾ مطابقت جي انداز ۾ ڏئي ڇڏي ٿو. ”فتح الفضل‘ ۾ به جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو ته گرهوڙي صاحب شروعات ئي ان مسئلي سان ڪري ٿو. اڳتي هلي ارشاد به سئو اٺٽيهه ۾ خواجه صاحب جي راءِ کي هيئن بيان ڪري ٿو:

”التوحيد همه از و ديدن و بيگانه نيافتن“

[يعني: سڀ ڪجهه هن (الله) جي وسيلي ڏسڻ ۽ غير کي نه لهڻ ئي توحيد آهي.]

يا وري جيئن ٿورو اڳتي چوي ٿو:

”و از چون بوئي بيچون شميدن و همه را با او
شناختن لان نور القمر مستفاد من الشمس“

[يعني: هر ظاهر يا مثال مان باطن يا بي مثال جي بوءِ سنگهڻ يا پتو لهڻ، ڇو ته چنڊ جي روشني سج جي روشنيءَ جي ڪري آهي.]

”رساله قدسيه“ ۾ انهيءَ مقام لاءِ چيو ويو آهي ته اتان ئي عالم وحدت ۽ وحدانيت جي شهود جي ابتدا ٿئي ٿي، ڇو ته حق تعاليٰ ڪل ڪي اختيار ڪري ٿو ان ڪري جو هر شيءِ ساڻس موجود آهي ۽ هونئن پنهنجي ليکي معدوم آهي. ”وحدت وجود“ يا ”همہ اوست“ جي باري ۾ سلطان الاولياء جي راءِ کي گرهوڙي صاحب تفصيلي طور ارشاد چار سئو ارڙهن ۾ بيان ڪيو آهي. جڏهن هو پاڻ پنهنجي مرشد کان ابن عربيءَ جي مشهور ڪتاب ’فصوص الحِڪم‘ جي مطالعي ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي باري ۾ پڇي ٿو. تڏهن به اهو نتيجو قائم ڪري ٿو ته ’همہ اوست‘ جو مطلب سڀ ۾ هن جو ظهور آهي يعني هر شيءِ ان جو مظهر آهي باقي شين کي حق تعاليٰ جو وجود سان هرگز منطبق نٿو ڪري سگهجي. پر جيڪڏهن ڪو فاني في الله ائين چوي ٿو ته اها سندس حال جي ڪيفيت آهي ۽ صاحب حال جي نه تابعداري ڪبي آهي ۽ نه انڪار ڪبو آهي. مطلب ته ابن عربيءَ جي وجودي نظريي بابت امام ربانيءَ واري نقطئه نظر کي ئي مقدم رکيو ويو آهي.

”رساله قدسيه“ ۾ جتي ٻيا ڪيترا صوفي اصطلاح آيل آهن اتي ذاتي تجليءَ جي مشاهدي، صفاتي تجليءَ جي مڪاشفي ۽ افعالي تجليءَ جي محاضري بابت به ڄاڻ ملي ٿي جيڪي سالڪ کي مدامي ذڪر جي ڪري نصيب ٿين ٿيون. انهن تجلين جي

باري ۾ مڪتوبات امام رباني؍ ۾ به جتي ڪٿي ذڪر مليو ٿو ته ‘فتح الفضل’ جي ارشاد به سئو نو ۾ پڻ تجلي؍ جي ٽن قسمن صوري، معنوي ۽ ذوقي؍ جي تعريف سلطان الاولياء پاڻ ڪري ٻڌائي آهي.

اهڙي؍ طرح ”فتح الفضل“ مان خبر پوي ٿي ته سلطان الاولياء پاڻ سڌو سنئون ڪيترا پيرا مڪتوبات امام رباني يعني مڪتوبات احمدي جو نالو کڻي ان جي حوالي سان ڪيترا نڪتا بيان ڪيا آهن. مثلاً ارشاد به سئو پنج ۽ به سئو ستر وغيره ۾ ائين ڪيترن فرمودن ۾ مڪتوبات جي نالي کڻڻ بنا ڪنهن نڪتي جي تشريح ڪئي وئي آهي، جيئن ارشاد ٽي سئو اٺاسي ۾ سير في الاشياءِ جي ڏنل سمجهاڻي آهي. ارشاد به سئو ستانوي ۾ وري سلطان الاولياء امام رباني؍ جي حياتي؍ کي مثال طور بيان ڪيو آهي. بهرحال ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي ارشادات ۽ فرمودات ۾ نقشبندي هئڻ جي ناتي وڏ ۾ وڏ اثر مڪتوبات امام رباني؍ جو آهي ۽ انهن جي تشريح ڪندي ڳرهوڙي صاحب پورو حق ادا ڪيو آهي. اسان ڪوشش ڪري انهن سڀني مقامات جي نشاندهي تعليقات ۾ ڪئي آهي.

جيستائين ايران جي صوفي شاعرن جو تعلق آهي ته پاڻ اڪثر رومي ۽ حافظ جا شعر پڙهيا اٿن، ليڪن ان سان گڏ سنائي، سعدي، جامي ۽ عربي؍ ۾ ‘قصيده برده’ مان بيت پڙهندا هئا. هتي اسان صرف هڪ هڪ مثال تي اڪتفا ڪريون ٿا. ارشاد به سئو

ٻڌيه مطابق هڪ دفعي پاڻ قطب ڪير آهن؟ بابت وضاحت ڪندي روميءَ جو هي بيت پڙهيائون:

قطب آن باشد که گرد خود تند

گردش افلاک گرد او بود

[معنٰي: قطب اهو آهي جيڪو پنهنجي چوڌاري ڦري (ٻين جي چوڌاري نه ڦري) انهيءَ ڪري افلاڪ جي گردش به هن جي چوڌاري هوندي آهي.]

قطب بابت اهڙي قسم جا خيال مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ پڻ ملن ٿا.

حافظ شيرازيءَ بابت پنهنجي خاص راءِ ارشاد به سئو نوي ۾ ڏيندي چون ٿا ته هو سڪر وارن جي طريقي مان هو پر سندس نظر اصل مقصد تي هئي. خواجه صاحب حافظ جا ڪيترا شعر پنهنجي زبان سان پاڻ پڙهي ٻڌايا آهن ۽ انهن کي سلوڪ ۽ معرفت جي مقامات جي سمجهاڻيءَ ۾ استعمال ڪيو اٿن. مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ پڻ حافظ جا ڪيترا بيت ان ريت ملن ٿا. بلڪ هي بيت مڪتوبات ۾ به ملي ٿو جيڪو خواجه صاحب جي ارشاد چاهڻ ۾ سندن زبانيءَ ادا ٿيو آهي.

گوئي توفيق سعادت درميان افگنده اند

کس بميدان رو نمي آرد سواران را چه شد

[نيڪي ۽ بزرگيءَ جو کينهون وچ تي اڇلايو اٿن. ليڪن ان ميدان تي ڪو به ظاهر ڪونه ٿو ٿئي، الائجي شهسوارن کي ڇا ٿيو آهي؟]

حافظ جا ٻيا بيت به پڙهيا اٿن. اهڙيءَ طرح سنائي ۽ سعدي جا هي شعر به سندن حوالي سان ارشاد ٿيهٿ ۾ ملن ٿا.

تا بجاروب لا نروبي راه

کي رسي در سرائي الا الله

[معنٰي: جيستائين تون ”لا“ جي ٻُهاري سان رستي کي صاف نه ڪندين، تيستائين ”الاالله“ جي محل ۾ ڪيئن پهچي سگهندين؟]

شيخ سعدي جو بيت هن ريت آهي:

صوفي نشود صافي تا در نکشد جامي

بسيار سفر بايد تا پخته شود خامي

[صوفي (سالڪ) تيستائين صافي (عارف) نٿو ٿي سگهي، جيستائين (معرفت جو) جام نٿو پئي، ائين سيڪڙاٽ پچي پختو نٿو ٿئي، جيستائين گهڻو سفر نٿو ڪري.]

هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري آهي ته سنڌ جا صوفي جتي فارسي زبان جي شاندار صوفيانه روايت کان وڏ ۾ وڏ مستفيد رهيا آهن، اتي هو ڀڳتي تحريڪ جي وڏي شاعر ڪبير کان به متاثر ٿيا آهن. ڪبير جا دوها سڀ کان پهريائين شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري وٽ ملن ٿا. ان کان پوءِ شاهه عبداللطيف جي رسالي ۾ پڻ اهي شامل رهيا آهن. ان لحاظ کان خواجه صاحب پڻ ڀڳت ڪبير جي شاعري کان باخبر نظر اچي ٿو جو ڪبير جو هي بيت ارشاد به سئو اٽيتاليهه ۾ هن ريت ملي ٿو:

اٿڪ فتڪ جو ڪري، پيسي جاوي سو
ڪيلي پاس جو رهي، تنهين پؤ نه ڪو

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو هندي بيت ارشاد چار سئو سورهن ۾ ملي ٿو:

ڪهي آگ پتنگ نون، تج مُجه سي چاءِ
اڙِ اوڙ ڪيون ڪري، سر ڏي سيڏاءِ

هتي اها ڳالھ ۾ قابل توجه آهي ته گرهوڙي صاحب ”فتح الفضل“ جي بلڪل شروعات ۾ پنهنجو ۽ ان کان پوءِ ئي جيڪو ٻيو سنڌي بيت ڏنو آهي، اهو شاھ جي رسالي سر سريراڳ مان ورتل آهي، جيڪو هن ريت آهي:

اٿو پهر اوڙاھ جي، مٿي گُهر گهاري
وس نه ويچاري، ته ڪا ماڳ ڀوئي مڪڙي.

گرهوڙي صاحب هن پوري ڪتاب جي شروع ۾ فقط هڪ سنڌي بيت کان سواءِ پنهنجو ٻيو ڪو بيت نه ڏنو آهي. ليڪن ڪيترن هنڌن تي پنهنجي طرفان فارسيءَ ۾ شعر پيش ڪندي وضاحت ڪري ٿو ته اهي سندس شعر آهن. اسان اهڙن شعرن جي پٽي آخر ۾ الڳ سان پڻ ڏني آهي،جن مان گرهوڙيءَ جي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي شاهدي ملي ٿي. آخر ۾ ايترو چوڻ ضروري آهي ته ’فتح الفضل‘ سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ هڪ نهايت اهم باب جو اضافو ڪري ٿو.

شيخ محمد عابد ”ڪلمات قدسيه“ گرهوڙيءَ جي ”فتح الفضل“ کان گهٽ ۾ گهٽ سٺ ستر سال پوءِ تصنيف ڪيو آهي، جڏهن هو يمن مان 1247ھ ڌاري سنڌ آيو هو ۽ ڪجھ وقت لُواري شريف ۾ ترسيو هو. گهڻو ڪري اُنهيءَ دوران هن خواجه محمد

زمان ثانيءَ کان سلطان الاولياء جا گفتا ۽ قول ٻُڌي انهن کي عربيءَ ۾ پيش ڪيو ۽ انهن جي شرح عربيءَ ۾ ڪيائين. البته شرح ڪندي فارسيءَ جي عظيم صوفي شاعرن شيخ سعدي، مولانا رومي، حافظ ۽ جامي وغيره جي شعرن کي حوالي طور آندائين.

شيخ محمد عابد نقشبندي طريقي جي اصولن ۽ ان جي فڪر کان چڱيءَ طرح واقف ڏسجي ٿو جو سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن نقشبندي روايت موجب پنهنجي مرشد جي ارشادات يا فرمودات کي 'ڪلمات قدسيه' جو نالو ڏنو ڇو ته نقشبندين پنهنجي سلف وارن بزرگن جي اقوالن کي اهو ئي نالو ڏنو آهي.

"فتح الفضل' ۽ 'ڪلمات قدسيه' جي ڪيترن ارشادات ۾ يڪسانيت ملي ٿي جيڪا هڪ لحاظ کان اٽڪر هئي ڪيترا فرمودات بلڪل ساڳيا آهن جنهن مان ٻنهي جي سچائي تي وڏيڪ اعتبار ڪري سگهجي ٿو. شيخ محمد عابد به گرهوڙي صاحب وانگر مڪتوبات امام ربانيءَ کي مڪتوبات احمديه چئي ان جا حوالا ڏئي ٿو، جيئن ارشاد پنجين، چوويهين ۽ پنجاهين ۾ اهڙا حوالا موجود آهن. بهرحال قرآن ۽ حديث جا حوالا به اڪثر ملن ٿا. ارشاد پنجويهين ۾ نقشبندي طريقي جي بنيادي اصول ته هنن وٽ طريقي جي ابتدا اُتان ٿئي ٿي، جتي ٻين طريقن جي اِنتها آهي جي سمجهاڻي ملي ٿي. اهڙيءَ طرح چو ويهين ارشاد ۾ 'وصل عرياني' نقشبندي ڇا کي ٿا چون ان جي سمجهاڻي ڏنل آهي.

بهرحال شيخ محمد عابد به گرهوڙي صاحب وانگر ارشادات يا ڪلمات جي شرح خاطر وڏ ۾ وڏ مولانا روميءَ جي مثنويءَ تي انحصار ڪري ٿو. آخر ۾ هيءَ خاص ڳالهه قابل ذڪر آهي ته شيخ محمد عابد شاهه لطيف جي معرفت واري شاعري کان گهڻو متاثر نظر اچي ٿو جو نه صرف هڪ ٻن هنڌن تي اهي بيت حوالي طور آڻي ٿو، بلڪ انونجاهه فرمودي ۾ خواجه صاحب جي زبان مان شاهه لطيف جي هڪ ٻڌل سٽ جو حوالو ڏئي ٿو ته پاڻ وري ان بيت جون ٻيون به سٽون وڌائي اهو بيت مڪمل ڪري ٿو. پهرين مصرع جيڪا خواجه صاحب پڙهي سا هن ريت آهي:

”وسيلا وسار، ٻڌ توڪل جو ترهو“

شيخ محمد عابد بيت کي هن ريت مڪمل ڪيو:

لنگهائيندي لطيف چئي، پرت تنهن کي پار

تون ڪر ڪيم نهار، ٻُڏن سين ٻاجهون ڪري.

هتان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه لطيف جي بيتن کي شيخ محمد عابد جهڙن عالمن ۽ فقيهن پڻ معرفت ۽ سلوڪ جي لحاظ کان معياري شاعري قرار ڏنو آهي. ليڪن ان جو سهرو عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي سر تي آهي جنهن سڀ کان پهرين شاهه لطيف جي بيتن ڏانهن ان لحاظ کان توجهه ڏنو، ڇو ته هو ’فتح الفضل‘ ۾ پاڻ شاهه لطيف جو هڪ اهڙو بيت آڻي ٿو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو.

”فتح الفضل“ ۽ ’ڪلمات قدسيه‘ کان علاوه سلطان الاولياء جا ارشادات ’فردوس العارفين‘، ’رساله ابراهيميه‘ (مقولات تصوف)، ’جواهر البدائع‘، ’جواهر بلالي‘ ۽ ’مرغوب الاحباب‘

۾ به ملن ٿا. ‘فردوس العارفين’ جو مصنف ارشادات کي ‘ڪلمات قدسيه’ جي عنوان تحت قلمبند ڪري ٿو ۽ انهن جو تعداد ٻه سئو جي لڳ ڀڳ آهي. هن جي تحرير جو انداز به نهايت عالمانه آهي ۽ هو نقشبندي توڙي ٻين صوفين جي تصانيف کان چڱيءَ طرح واقف آهي جو انهن جا نالا کڻي حوالا ڏئي ٿو. ميان ابراهيم ساند گرهوڙيءَ جو همعصر هو ۽ ان جي چوڻ تي ئي پنهنجي مرشد جا اقوال ‘رساله ابراهيميه’ ۾ فارسيءَ ۾ تحرير ڪيا اٿس. جيئن ته اهي سڀئي ڪتاب ۽ تصنيفون سلطان الاولياء جي فرمودات ۽ ارشادات بابت آهن تنهنڪري انهن ۾ ڪافي هڪجهڙائي ملي ٿي، تاهم هر ڪنهن جو انداز جداگانه آهي.

(ح) برهان فقير ۽ سندس ”فتح الفضل“ جو نسخو

برهان فقير بابت سڀ کان پهرين سنڌ جي مؤرخ مير علي شير قانع ’معيار سالڪانِ طريقت‘ ۾ مختصر احوال قلمبند ڪيو آهي، جيڪو چئن سٽن تي مشتمل آهي. هو لکي ٿو ته برهان فقير عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي پهتل مريدن مان آهي. اڪثر مستيءَ واريءَ حالت ۾ گذاري ٿو، ڪن ڳالهين جي ڪري ظاهري عالم سندس خلاف ٿيا هئا ۽ ڪيس تعزير ڏنو هئائون. اجا يعني 1202ھ تائين زنده آهي.

خانداني روايت موجب برهان فقير ميان يعقوب جو پٽ ۽ ذات جو دل هو. هو ميرپورخاص جي پرسان ديهه ڪاڪ جو رهندڙ هو جتي هينئر سندس مزار تي وڏو قبو ٺهيل آهي. برهان فقير سيد محمد صابر سهروردي وٽ شروعاتي تعليم حاصل ڪئي ۽ چون ٿا ته عمليات خاطر ڪيترا سير سفر ڪيائين. آخر ۾ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي ڏانهن رجوع ٿيو ۽ سندس خاص ارادتمندن ۾ شامل ٿي ويو هو. برهان فقير جي روضي تي مٿي مهاڙيءَ ۾ جيڪو ڪلمو پاڪ لکيل آهي ان ۾ ’احمد‘ جو اضافو نظر اچي ٿو. عام روايت موجب هو اهو ڪلمو پڙهندو هو. مير علي شير قانع وري ’معيار سالڪانِ طريقت‘ ۾ ان جو انتساب گرهوڙيءَ ڏانهن ڪيو آهي، جيڪو ظاهر آهي ته غلط فهميءَ تي مبني آهي.

’آئينه جهان نما‘ جو مصنف وري برهان فقير بابت هڪ ٻي نئين روايت لکي آهي ته عمليات سبب جنات سندس مطيع هئي جن تي

هو حڪم هلائيندو هو ۽ انهن جي زور تي هو هڪ ڪٺولي تي اڏامي ڏيکاريندو هو. ڪيترا عام ماڻهو سندس اها ڪرامت ڏسي مريد ٿيا هئا. اها ڳالهه جڏهن کهڙن واري مخدوم احمديءَ جي ڪنن تي پئي ته هو برهان فقير کي شرعي تعزير ڏيڻ لاءِ حيدرآباد ۾ اچي منزل انداز ٿيو. ڇو جو سنڌ ۾ تڏهن شرعي حڪمن جي تعميل جو اهڙو پروانو افغانستان جي بادشاهه تيمور شاهه پاران کيس مليل هو ۽ سنڌ تي احمد شاهه ابداليءَ جي زماني کان وٺي اهڙا حڪم هلندڙ هئا.

'آئينه جهان نما' جي روايت موجب مخدوم احمدي پاڻ، پير سيد جمال شاهه گهوٽڪي وارو ۽ پير محمد راشد (روضي ڌڻي) ڪجهه ٻين عالمن کي ساڻ وٺي حيدرآباد ۾ مير فتح علي خان وٽ هلي آيو ته جيئن برهان فقير جي ٻانهن کيس حوالي ڪئي وڃي. ميرن حاڪمن کي برهان فقير سان همدردي هئي پر مخدوم احمدي آخرڪار فقير کي پاڻ سان وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. برهان فقير کي تعزير ڏنو ويو ۽ کيس کهڙن ۾ وٺي اچي هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيائون ۽ سندس نگراني پير محمد راشد جي سپرد ڪيائون، جيڪو ان زماني ۾ کهڙن ۾ طالبِ علم هو. اهڙيءَ طرح اٽڪل ڇهه مهينا قيد ۾ رهڻ کان پوءِ برهان فقير پير محمد راشد کي جيڪو مٿس نگرانيءَ لاءِ مقرر هو، تنهن کي ڪنهن نموني سان راضي ڪري قيد مان نڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

هن واقعي جي چند چاڻ ۾ هيٺيان نڪتا اهم آهن. مير علي شير قانع 'معيار سالڪان طريقت' 1202ھ ۾ لکيو ۽ ان ۾ ڄاڻايائين ته برهان

فقير کي عالمن تعزير ڏنو هو. ان جو مطلب ته اهو واقعو 1202ھ کان اڳ ٿيو هوندو. ميرن جي خاندان مان پهريون حڪمران مير فتح علي 1199ھ / 1783ع ۾ هالاڻيءَ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ اچي حيدرآباد ۾ سنڌ جو حڪمران ٿيو. هاڻي جيڪڏهن اهو واقعو سال 1200ھ ڌاري ٿيو آهي ته ان وقت پير محمد راشد روضي ڌڻي 29 سالن جو هو ڇو ته سندس جنم جو پڪو پختو سال 1171ھ آهي. وڏي ڳالھ ته پير محمد راشد پنهنجي والد پير محمد بقا جي سال 1198ھ ۾ ڦورن هٿان شهيد ٿي وڃڻ بعد گادي نشين ٿي چڪو هو. ان جو مطلب ته اهو واقعو ان کان گهڻو وقت اڳ ٿي گذريو هوندو.

البت اها ڳالھ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي ته 'آئينه جهان نما' وارو صاحب سنڌ ۾ ميرن جي حڪمرانيءَ کي 1191ھ کان شمار ڪري ٿو. جنهن کي هڪ لحاظ سان ميرن جي حڪومت جو آغاز چئي سگهجي ٿو. گويا هو لانياري واري جنگ جنهن ۾ ميان غلام نبي ڪلهوڙو مارجي ويو هو ان کان وٺي ميرن کي سنڌ جو حاڪم مڃي ٿو.

برهان فقير بابت 'ملفوظات پير روضي ڌڻي' ۾ هڪ نقل ملي ٿو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته برهان فقير جا مريد ۽ عقيدتمند پير صاحب وٽ اڪثر ايندا هئا. هڪ دفعي انهن مان هڪڙي مريد برهان فقير واري ڪلمي جنهن ۾ هو "احمد" جو اضافو ڪندو هو بابت پير صاحب کي عرض ڪيو ته قبلا! ان سلسلي ۾ توهان ڪهڙو حڪم فرمايو. پير صاحب ان وقت نهايت عقلمندي ۽ وڏي فهم وارو جواب ڏيندي کيس چيو ته اسان وٽ انهن ٻنهي 'اسمن' ۾ ڪو فرق

ناهي، توهان کي شڪ آهي ته پاڻ چاڻو. مطلب ته جڏهن ٻئي هڪ آهن ته ٻئي ڪنهن اضافي جي کهڙي ضرورت آهي. هن نقل مان بهرحال اهو واضح ٿئي ٿو ته برهان فقير کي کهڙن جي قيد مان آجي ڪرائڻ ۾ پير محمد راشد روضيِ ڌڻيءَ جو هٿ هو جو هن جا مريد وٺس ايندا هئا ۽ کيس برهان فقير جو همدرد سمجهي رهيا هئا.

'مرغوب الاحباب' وارو برهان فقير کي مجذوب شمار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته هو اڪثر پنهنجي حال کان غير واقف رهندو هو. هوڏانهن ٻي روايت موجب برهان فقير جو ديهه ڪاڪ ۾ مدرسو هو اسان کي هڪ اهڙي تحرير ڏسڻ جو موقعو مليو آهي جنهن تي برهان فقير جي مُهر لڳل آهي ۽ جنهن جي سجع قرآن جي آيت ''قدجآء کم برهان من ربّکم'' لکيل آهي ۽ ان ۾ سال 1217ھ لکيل آهي. اها تحرير ڪنهن عارف نالي شخص قرض خواهه جي ادائگي بابت آهي. اسان جنوري 2016ع تي ميرپور خاص ۾ برهان فقير جي پونيرن سان ملاقات وقت اهڙو قلمي قرآن شريف فارسي ترجمي سان پڻ ڏٺو جيڪو برهان فقير جي مطالعي هيٺ رهيو آهي. ان قرآن شريف ۾ خاص ڳالهه اها نظر آئي جو ان جي حاشين تي قرآن شريف جي هر سورة جي شروعات وقت ان سورة جي اثرات بابت عمليات جو ذڪر ملي ٿو.

'فتح الفضل' جو اهو نسخو جنهن جو اسان هتي عڪس ڏئي رهيا آهيون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان مليو هو. جيئن ان نسخي جي ترقيمي مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو نسخو برهان فقير ٻين ڪيترن ڪاتبن کان سال 1202ھ ۾ پنهنجي لاءِ لکرايو هو، جڏهن گرهوڙيءَ جي شهادت کي اجا ڏهه سال مس ٿيا هئا. ان لحاظ سان

هيءُ نسخو ٻين سڀني نسخن کان جيڪي اسان جي نظر مان گذريا، تن ۾ اوائلي آهي ۽ سڀني ۾ وڌيڪ صحيح ۽ درست لکيل آهي. ترقيمي جي عبارت هن ريت آهي:

بدست کثير من الکاتبين......

ماه ذي الحج 1202ھ مصنف الکتاب مخدوم جامع العلوم، واقف اسرار رباني، کاشف رموز حقاني، رهنمائي شريعت، صاحبِ طريقت، .... شاهدِ معرفت، محققِ حقيقت، مؤسس اساس صدق وسداد باني ومباني، محبت واتحاد مستغرق في البحارالمشاهدة، الفاني بطرق المجاهدة، مرشد صاحبِ الارشاد، صاحبِ فهم السليم مخدوم عبدالرحيم قدس سره نوره الله مرقده.

اين کتاب حق و ملک برهان فقير ولد سعد الله ساڪن سک پور باشد.

جيئن مٿين عبارت مان ظاهر ٿئي ٿو ته برهان فقير پاڻ کي شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو مخلص مريد ڪوٺي ٿو ۽ مرشد کي تمام وڏن لقبن سان ياد ڪري ٿو جيڪي ٻئي ڪنهن هنڌ نظر نٿا اچن. برهان فقير جي پونيرن مان اسان کي ٻه اهڙا فوٽو اسٽيٽ ورق مليا آهن جن مان هڪ تي برهان فقير جو خانداني شجرو ڏنل آهي ته ٻئي تي سندس طريقت جو نقشبندي قادري سلسلو ڄاڻايل آهي، جنهن ۾ گرهوڙيءَ ۽ سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لُواريءَ واري کان مٿي سڀني نقشبندي بزرگن جا نالا ڄاڻايل آهن، انهن جو عڪس هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بهر چه شد بالاتر شیر دو کون بر پدر ... که نور شان دو عالم تابان هو برند ::
پسند نبیند نبات مهر آشکار .. چون ذات ذو الجلال بجنس بجو برند ::

شجرهٔ درویش شاه برهان

بسم الله الرحمن الرحیم الحمد لله الاحد الصمد و الصلوٰة و السلام

علی رسول الاحمد و المحمد لقوله علیه الصلاة و السلام

تمت دور الزمان احمد مجتبی محمد مصطفی علی راس

المائتین بعد الالف . بعد فرغت فی شجرة حضرت الحضرات

ناظر الذات بے صفات شیخ برهان بن یعقوب بن درویش جمال بن جاره

بن جار بن جمعه بن میمن بن ایسب بن محمد بن میمن بن بهروم بن تاجه

بن تاج بن تان بن بریه سعدی بن کاکه بن تدیش بن لغبر بن متین بن میتار بن حکیم

بن دل بن هوبے بن جام شیت بن ائن بن ستمه بن رایدان بن لر بن شمه

بن ائن بن کاکد بن لاکیار بن اذه بن اوذار بن نیرین بن نو تیار بن لین بن

لواکس بن احیال بن مرام بن دنرت بن باکیرت بن ساکیرت بن ممن بن


وکار بن مکه بن یتے بن جادم بن جد بن ابو لهب بن عبد المطلب بن هاشم بن عبد المناف بن

قصے ابن کلاب ابن مره بن کعب ابن لوی ابن غالب و غیره

حاجی یاسر

حکیم ۱۲۰۳
۲ جمادی الاول

برهان فقير جي نسبي شجري جو عکس



اصل بیان الطریقة النقشبندیة والقادریة

از حضرت رسالت پناه احمد محمد رسول الله صلی الله تعالی علیه وسلم

حضرت امیر المؤمنین ابو بکر الصدیق رضی
حضرت سلمان فارسی رضی الله تعالی عنه
حضرت قاسم بن محمد رضی الله تعالی عنه
حضرت امام جعفر الصادق رضی الله تعالی عنه
حضرت شیخ ابو یزید بسطامی قدس سره العزیز
حضرت شیخ ابو الحسن خرقانی قدس سره العزیز
حضرت ابو علی فارمدی قدس سره العزیز
حضرت خواجه یوسف همدانی قدس سره العزیز
حضرت خواجه عبد الخالق غجدوانی قدس سره العزیز
حضرت خواجه عارف ریوگری قدس سره العزیز
حضرت خواجه محمود انجیر فغنوی قدس سره العزیز
حضرت خواجه ابو علی رامیتنی قدس سره العزیز
حضرت خواجه بابا محمد سماسی قدس سره العزیز
حضرت امیر سید کلال قدس سره العزیز
حضرت خواجه بهاء الدین نقشبندی
حضرت مولانا یعقوب چرخی قدس سره
حضرت خواجه شیخ عبید الله احرار قدس سره
حضرت مولانا محمد زاهد قدس سره

حضرت امیر المؤمنین علی کرم الله وجهه حضرت
امیر المؤمنین حسین رضی الله عنه حضرت امام زین العابدین
حضرت امام محمد باقر رضی الله عنه حضرت امام جعفر
صادق رضی الله عنه حضرت امام موسی کاظم رضی الله
حضرت امام علی رضا رضی الله عنه حضرت معروف کرخی
حضرت سری سقطی قدس سره حضرت جنید
حضرت ابو علی رودباری قدس سره حضرت
حضرت ابو عثمان مغربی قدس سره
ابو القاسم گرگانی قدس سره

برهان فقير جي طريقتي شجري جو عڪس



برهان فقير جي مُهر جو عڪس

فتح الفضل

يعني:

ارشادات سلطان الاولياء خواجه محمدزمان رح لُواريءَ وارو

(1125ھ - 1188ھ = 1713ع - 1775ع)

عربيءَ ۾ مؤلف ۽ شارح:

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي

(1129ھ - 1192ھ = 1717ع - 1778ع)

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

والصلواة علي حبيبه الكريم مع آلہِ واصحابہِ الفائزين بالِصراطِ المُستقيم.

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو بيحد مهربان، نهايت ٻاجهارو آهي. صلواتون ۽ سلام سندس حبيب ڪريم ﷺ تي ۽

سندس اولاد ۽ اصحابن تي هجن، جيڪي سندس فيض سان سڌي رستي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

جوڳي پنهنجي جُوءِ وئا، جُهڙ جيئن نيڻ جهمن،

سُـخـن ساميئڙن جـا، هـينئڙي منـجه هُـرن،

سـچـو مـوت مـڱـن، اڌ ڪُـنـا آرام لـئـه.

[معنيٰ: جوڳي پنهنجي اصلي وطن ڏانهن هليا ويا، (مُنهنجون) اکيون جُهڙ وانگر ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن. هنن (ساميئڙن) جا ٻول، دل ۾ پيا ٻُرن، هو اڌ ڪُنا آرام لاءِ سچو موت ٿا گُهرن.][1]

گر بدي جوهري ورائي سُخن

ز آسمان آمدي، بجائي سُخن.

[معنيٰ: جيڪڏهن سخن يا ٻول ڪان مٿي ٻي ڪا شيءِ هجي ها ته ٻول بدران آسمان تان اها شيءِ هيٺ لهي اچي ها.]

حديث شريف ۾ آهي ته:

"مُصحف المؤمن صدره"

[ترجمو: مؤمن جو مُصحف سندس سينو آهي.]

حمد کان پوءِ هي ڳالهيون (ارشادات) جيڪي 'القول الفصل' (حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ آهن) سي وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياءَ خواجه محمدزمان قدس سره) کان ٻُڌل آهن، پر جتي لفظ "قُلت"

[1] يا چئجي ته "اسين جيڪي پيارن ساميئڙن جي فراق ۾ اڳيئي اڌ ڪُٺل آهيون، هاڻي سچو موت ٿا گهرون جيئن پيارن سامين سان ملاقاتون ٿين." (ع.م.چ)

(آئون چوان ٿو) آيو آهي، اُهو منهنجو (گرهوڙيءَ جو) ڪلام آهي.
حضرت وڏي مُرشد سائين جي سنڌي گفتگو ڪي عربي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۾ڪو به حرج نه آهي، جيڪڏهن مقصد ۽ بيان ساڳيو هجي ته مختلف ٻولين جي استعمال سان ڪو فرق نه ٿو پوي. ان جو مثال هي آهي ته جيڪو اڳين صحيفن ۾ آيو آهي، اهو قرآن شريف جي نص سان قرآن آهي. (جڏهن ته هر صحيفي جي ٻولي جدا جدا هئي) مطلب ته اصل مسئلو الله تعاليٰ جي ڪلام جو فروعي صورتن ۾ جاري ٿيڻ جو آهي. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:

ان الڪلام لفي الفؤاد وانما
جعل اللسان علي الفؤاد دليلا

[معنيٰ: بيشڪ ڪلام جو واسطو دل سان آهي، ۽ زبان کي رڳو دل جو بيان ڪندڙ بڻايو ويو آهي.]

هر زمان گر شود لباس بدل
شخص صاحب لباس را چه خلل

[معنيٰ: جيڪڏهن هر گهڙيءَ لباس بدلبو رهي ته ان سان لباس واري شخص تي ڪهڙو فرق پوندو؟]

درحقيقت شيءِ جي ذات ان جي صورت جو غير آهي. جيتوڻيڪ اها صورت [1] عقلي چو نه هجي. جيئن‘جلال’ پنهنجي ڪتاب ‘الزوراء’ ۾ کولي بيان ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح حضرت مجدد احمد (سرهندي قدس سره) وٽ وجود جي لحاظ سان اها صورت، حقيقت جو غير آهي. ليڪن شيخ ابن عربي (قدس سره) وٽ

حقيقت صورت جو عين آهي. مطلب ته شيخ ابن عربي وٽ وجود هڪ ئي آهي. قديم ۾ قديم به آهي، ته حادث (نئين) ۾ حادث (نئون) آهي، پاڻي ۾ پاڻي ۽ گلاب ۾ گلاب آهي. اتي وجود پنهنجي اصل جي ڪري مطلق ۽ هڪ آهي. اها حقيقت حضرت مجدد (الف ثاني) وٽ ڪُلي مُشڪڪ آهي، ڇاڪاڻ ته ٻنهي ۾ قوت ۽ ضعف جي لحاظ سان فرق آهي. سندس اهو قول الله تعاليٰ کي غير جي آميزش کان الڳ رکڻ ۾ ۽ ظاهر شريعت سان موافق هجڻ جي وڌيڪ ويجهو آهي.

"**فالتعينات ظلال الاسماء لاعينها**" يعني تعينات (الله جي) نالن جا پاڇا آهن، عين نه آهن، پر مُسمّيٰ (جا الله جي ذات آهي) جو ڪو به پاڇو نه آهي. انسان، اسم اعظم جو پاڇو آهي، جيڪو "الله" جي نالي جي حقيقت آهي. ان کي مُسمّيٰ (الله جي ذات) جو پاڇو نه سڏبو. اسمن جون حقيقتون سندن صورتن سان گڏ ائين آهن، جيئن (عربي زبان ۾) 'عمرو' جي پويان واو آهي. اهو واو رڳو لکڻ ۾ ايندو آهي، پر پڙهبو نه آهي. اهڙي طرح صورتون 'عمرو' جي واو وانگر اجايون آهن، ۽ انهن حقيقتن جو صورتن سان ڪو به لاڳاپو ڪونهي، رڳو صورتون حقيقت سان سڃاتيون وينديون آهن. ان ڪري جنهن مُسمّيٰ (الله) کي سڃاتو، ان جي زبان، توحيد ۽ تشڪيڪ (ٻنهي) کان گونگي ٿي پوي ٿي. ڇاڪاڻ ته پوءِ ڪو"تعين" رهي ئي نه ٿو جنهن تي حڪم جو دارومدار هوندو آهي. (مطلب ته جيڪو ذات کي پهچي ويو، ان جي دل ۾ توحيد

جو يقين هوندو آهي، جنهنڪري ڪيس دليل جي ضرورت نه پوندي آهي)

“ياد داشت” (الله تعاليٰ جي ذات جو هردم حضور) نقشبندين جي طريقي جي ابتدا يا شروعات آهي. هيءُ بيت ٻنهي نظرين (وحدت وجودي ۽ وحدت شهودي) جو خلاصو آهي:

حقيقت تعين بهر عين او

ز احمد تعين ظل اسمش بگو

[معنيٰ: حقيقت (ابن عربيءَ موجب) تعين جي ڪري ان جو عين آهي، احمد (مجدد الف ثاني) موجب تعين اسم جوظل يا پاڇو چئبو.]

مطلب ته ڪلام جي حقيقت ٻئي ڪي سمجهائڻ آهي ۽ زبان اُن جو وسيلو ۽ ذريعو آهي. ذريعن ۽ وسيلن جي انگ وڌڻ سان حقيقت جو تعداد ڪونه وڌندو.

اهڙيءَ طرح ڪتاب ‘تلويح’ ۽ ‘هدايه’ ۾ آهي ته جڏهن مقصد ماڻڻ جا مختلف طريقا هٿ اچن ته پوءِ هڪ ئي واٽ سان مقصد تائين پهچڻ ڪي (لازم سمجهڻ) اجايو آهي.

نظر ما بمقصود و ني راه او

دل تشنه را آب ني چاه او

[معنيٰ: اسان جي نگاهہ مقصد تي آهي، ان جي رستي ۾ نه آهي. اُڃايل دل ڪي پاڻي گهرجي،کوهہ نه کپي.]

حقيقت شناسا نجويد صور

و گر جست صورت بمعنش نظر

[معنيٰ: حقيقت شناس صورتون ڪونه ڳوليندو آهي پر جيڪڏهن صورت ڏنائين، تڏهن به ان جي نظر معنيٰ تي ئي هوندي آهي.]

"ونيتي [2] ان من اخذ بهٰذا القول الفصل (فتح الفضل) فقد اخذ بالشرع المحمدي والاحمدي كليهما علي الوجہ الاكمل"

[منهنجوخيال آهي ته جنهن به هن (ڪتاب) 'القول الفصل' (حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ ٻولن) کي (پڙهي) ورتو، تنهن گويا "شريعت مُحمدي ۽ احمدي" ٻنهي کي ڪامل طريقي سان (حاصل ڪري) ورتو، (جيئن حديث شريف ۾ آهي) :

"ولِڪُلّ امرئ ما نويٰ"

[ترجمو: هر ماڻهوءَ کي اها ئي شيءِ ملندي آهي، جنهن جي هو نيت ڪري ٿو.]

مشتاق آفتابِ جمال محمديم

ما بندهء مُحمّد وآلِ محمديم.

[معنيٰ: اسين مُحمد ﷺ جي جمال واري سج جا مُشتاق آهيون. اسين مُحمّد ﷺ ۽ سندس اولاد جا غلام آهيون.]

كتاب جي عربي متن جو سنڌي ترجمو

[ارشادات ۽ سمجهاڻي]

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ لاءِ ڪنهن به شرط ڪي نه ڏسو ۽ ذڪر کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي اصل واجب نه سمجهو. ڇاڪاڻ ته، (ذڪر جو) مقصود صرف ''الله'' آهي. ذڪر ڪندڙ ئي فرمانبردار ٻانهو چئبو، پوءِ ڀلي سندس نمازون ۽ روزا گهٽ ڇونه هجن. جيڪو ذڪر نه ٿو ڪري سو غافل آهي، پوءِ ڀلي ان جون نمازون ۽ روزا زياده ڇو نه هجن.

سلطان الاولياء فرمايو: الله (جي معرفت) ڪو افسانو يا قصو نه آهي، جيڪو طالب کي بيان ڪري ٻڌائجي. مگر هن طرح ياد ڪرڻ لازمي آهي ته اهو (ربّ) بنا ڪنهن عرض (رنگ ۽ بوءِ وغيره) ۽ ڪيفيت جي موجود ۽ حاضر آهي.

آئون چوان ٿو ته: هن گفتار مان مراد ۽ مطلب اهو آهي ته ناقص ماڻهن جي قصن ڪهاڻين کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي ظاهر بين آهن يا وري باطن وارن مان آهن (پر اڃا منزل کي نه پهتا آهن) ڇاڪاڻ ته دين ۾ آساني آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

منم موجود اي طالب ڪجائي

چرا در حضرت ما مي نيائي.

[معنيٰ: اي طالب! آئون موجود آهيان، پر تون ڪٿي آهين؟ تون منهنجي حضور ۾ چو نه ٿو اچين!]

ڪتاب ”الزبور“ ۾ (وري هن ريت) آهي:

انا الموجود فاطلبني تجدني

فان تطلب سوائي لم تجدني.

https://www.naseemalsham.com/subjects/view/55279

[معنيٰ: اي طالب! آئون موجود آهيان، مون کي ڳولھ ته مونکي حاصل ڪري سگهين پر جيڪڏهن مون کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي ڳوليندين ته مون کي نه لهندين.]

عاقبت جوينده يا بنده بود (مولانا رومي)

[معنيٰ : جيڪو ڳوليندڙ آهي، سو نيٺ ان کي لهندو.]

آئون چوان ٿو ته: جنهن غير الله جي طلب ۾ پنهنجي نفس کي گم ڪيو، تنهن چڻ

پنهنجي ربّ تعاليٰ کي وڃايو. پر جيڪو ائين نه آهي (يعني غير الله جي طلب ۾ محو نه آهي) سو الله کان غافل به نه آهي. چوڻ جوڳي ڳالھ جنهن کي ظاهر ڪرڻ مُمڪن آهي ته بيشڪ اصل مقصد ‘محبت’ آهي. پوءِ جيترو محبت کي مقيد ڪبو، اوترو ئي حجاب آڏو ايندو. تنهنڪري تون معين محبوب کان سواءِ عاشق ٿيءُ.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مَا جَعَلَ عَلَيكُم فِي الدِّينِ مِنْ حَرَجٍ (78:22:17)

[ترجمو:الله تعاليٰ توهان تي دين ۾ ڪابه تنگي نه رکي آهي.]

پوءِ ڪنهن کهڙو نه سٺو چيو آهي: "**الخدا خانه يغما**" [الله تعاليٰ غنيمت جو گهر آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪا شيءِ الله جي ذڪر ۾ مددگار نه بنجي، ان کي ڇڏڻ گهرجي. ڪنهن به ڪتاب جو مطالعو رکڻو هن لاءِ ڪيو وڃي ته ذڪر ۾ جيڪي خدشا رنڊڪ وجهندڙ آهن، اُهي پري ٿين. ڇو جو اُهي مطالعي کان سواءِ دور نٿا ٿين.[3]

سلطان الاولياء فرمايو: موت جي وقت ذڪر ۽ حضور جي ملڪي کانسواءِ، ٻيو ڪو به علم فائدو نه ڏيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: ذڪر جي ملڪي جي معنيٰ اها آهي جنهن طرف شيخ سعدي

پنهنجي ديوان ۾ اشارو ڪيو آهي:

سعدي مبر انديشه که در کام نهنگان
چون در نظر دوست نشيني همہ کام است

[معنيٰ: اي سعدي! جيڪڏهن تون واڳُن جي وات ۾ هجين ته به ڊپ نه ڪر، (ڇو ته) جڏهن دوست جي نظرِ (حضور) هيٺ آهين ته پوءِ سڀ ڪم هن جي حوالي آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو اسان (اوليائن) سان جهگڙو ڪندو، اهو هدايت وارو نه ٿيندو. الله جي معرفت اهو ماڻيندو، جيڪو اسان (الله وارن) جي تابعداري ڪندو.

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب 'مڪتوبات زڪيه' ۾ آهي ته پنهنجي مُرشد جي هلت چلت مان ئي دين جي ڄاڻ ۽ سمجه حاصل ٿئي ٿي.

هن مسڪين (گرهوڙيءَ) هي بيت چيا آهن:

هر که او تابعش بشرع رسد

او اصول الفقہ و راه رشد

[معنيٰ: جيڪو اُن (مرشد) جو تابع ٿيو، اهو شريعت تي پهتو.

(چوته) فِقه جا اصول ۽ سنئين واٽ سندس ذات آهي.]

اصل الفقہ چيست راه نما

شاه آن مرشد ست راه نما

[معنيٰ: فقه جو بنياد ڇا آهي؟ رستو ڏيکاريندڙ ۽ رهنمائي ڪندڙ

اهو مُرشد ئي ان راه جو اڳواڻ آهي.]

مرد جامع رسيد بالاجماع

در ذلالت رسيد جهل و نزاع

[معنيٰ: اجماع ۽ اتفاق آهي ته مرد ڪي جامع پهتل بنائي ٿو، باقي

جهيڙوجهٽو گمراهيءَ ۾ پهچائي ٿو.]

نفس چون نيست در درون باقي

جمله اش جمله را شود ساقي

[معنيٰ: جڏهن نفساني خواهشون باقي نه رهن، تڏهن هو سڀني

جو سڀني لاءِ ساقي ٿئي ٿو.]

قبط را خون و سبط را صافي

همچو قرآن مضلّ شود هادي

[معنيٰ: هو قبطيءَ لاءِ رت ۽ سبطيءَ لاءِ صاف (پاڻي) آهي.

قرآن شريف وانگر گمراهن کي هدايت ڪندڙ بنائي ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو:

نفي کن اثبات هر موجود را

تا به بيني هستي معبود را

[معنيٰ: هر هڪ موجود (شيءِ) جي اثبات کي نفي ڪر ته جيئن پنهنجي معبود حقيقي (الله) جي هستي کي ڏسي سگهين.]

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي ته عرب جي (شاعر لبيدُ جي) ڪلام ۾(سڀ کان) وڌيڪ سچي ڳالهه هيءَ آهي ته: "**اَلاَ ڪلُّ شيءِ ما خل الله باطل**"

[ترجمو: خبردار! هر اها شيءِ جيڪا الله کان سواءِ آهي سا باطل آهي.]

عارفن مان ڪنهن چيو آهي ته: "**الڪفر اول الطريق**" يعني (سالڪ جي) پهرين واٽ "ڪفرُ" (نفي) آهي، ۽ (طالب جي) پهرين طلب الله کان سواءِ ٻي هر شيءِ جي نفي ڪرڻ آهي. پوءِ الله جي ذريعي ئي شين کي ثابت ڪيو وڃي. (هن جو مثال ائين آهي) جيئن پاڻي جو ڦوٽو يا ڪکُ پَنُ ترندڙ هوندو آهي.

و ما هي الا ان تجلت بمظاهره[4]

فظنوا سواها و هي فيها تجلت

[معنيٰ: اهو ڪير آهي؟ جنهن مختلف مظهرن ۾ جلوو ڪيو آهي. انهن تجلين کي ڪا ٻي شيءِ نه سمجهو، بلڪ اها ذات انهيءَ صورتن ۾ جلوه گر ٿي آهي.]

مولوي رومي چوي ٿو:

ان فضل الله غيمً هاطِلّ

ڪُلّ شيءِ ما خلا الله باطل.

[معنيٰ: بيشڪ الله تعاليٰ جي فضل ۽ مهربانيءَ جو ڪڪر

ماڪ (وانگر) آهي، الله کان سواءِ ٻي هر شيءِ باطل آهي.]

اهي مظاهر (۽ صورتون) نالا آهن ۽ اهو مُسمّيٰ (الله) آهي يا اهي جسم آهن ۽ الله انهن جو روح آهي. جيڪو انهن مظهرن کي الله سمجهي يا الله جو حصو سمجهي، (سو) "وحدت الوجود" توڙي "وحدت الشهود" (صوفين جي ٻنهي مسلڪن وٽ) ان ڪفر ڪيو.

سلطان الاولياء فرمايو: سانوري رنگ هوندي به ليليٰ کي اهڙو حسنُ هو، جنهن کي فقط مجنون ئي سُڃاڻي سگهيو.

حسان ما قدر اينا مثلها بشرا

يزيدک وجهہ حسنا اذا ما زدتہ نظرا

[معنيٰ: هن جهڙو سُهڻو ٻيو انسان نٿو ڏسان جيئن مان هن کي گهڻو ڏسان ٿو ته هن کي وڌيڪ حسين سمجهان ٿو.]

آئون چوان ٿو ته: هتي ليليٰ مان مراد "مُرشد" آهي يا ڪلمي پاڪ جو لفظ

"**لاالہٰ الاالله**" مراد آهي يا الله تعاليٰ جي جلال وارو اسم يا مُسمِّيٰ بنا ڪيفيت جي مراد آهي ۽ ماڻهو جن شين سان عشق رکن ٿا (تنهن جا) ڪيترائي اسباب آهن.

سلطان الاولياءَ فرمايو: شين جون ذاتيون، انهن جون ڇاتل سڃاتل صورتون آهن ۽ الله جي ذات انسان جي ذات وانگر آهي. پوءِ جنهن انسان (پاڻ) کي سڃاتو، ان ڄڻ ته الله کي سڃاتو. پر هي عقيدو رکبو ته، **لَيْسَ كَمِثْلِہٖ شَيْءٌ** (11:42:25)

[ترجمو:- ان جهڙي ڪابه شيءِ نه آهي.]
سڪندر جو ايلچي يا سفير ٿي وڃڻ وڏي ڳالھ نه آهي.
آئون چوان ٿو ته: ڦرهيءَ تي چٽيل نقش دل جي ڳالھ ڪي پڌرو ڪري ٿو ۽ اهو
مشهور آهي ته ظاهر، باطن جو عنوان هوندو آهي.
سلطان الاولياء فرمايو: نفس ڪُفر آهي ۽ ربّ اسلام آهي. ڪفر ۽ اسلام کي سمجهڻ ، چڻ ته نفس ۽ ربّ کي ڄاڻڻ آهي.
آئون چوان ٿو ته: ’ڪشف‘ ڪتاب ۾ آهي ته ڪفر جي معنىٰ، حق کي غير حق سان
لڪائڻ آهي. پوءِ اهو غير ڀلي عمل صالح ئي ڇو نه هجي. ليڪن پنهنجي علم ۽ عمل سان غير جي نفي ڪرڻ توحيد آهي. [5] ڪفر ۽ توحيد ٻنهي جي حقيقت ڄاڻڻ گهرجي.

آب مي نوشيم ما از چشمها
موج دريا هر دو مي بينيم ما

[معنىٰ: اسان (فيض ۽ هدايت جي) چشمن جو پاڻي پي رهيا آهيون. (اسلام ۽ ڪفر جي) موج واري درياءَ ٻنهي کي ڏسي رهيا آهيون.]
سلطان الاولياء فرمايو: (اي طالب!) تو تي لازم آهي ته تون پاڻ کي الله جي (قدرت وارن هٿن) آڏو اُڇلاءِ ۽ جيڪي هو ڪري ان تي راضي رھ.

وكلت امري الي الحبيب كلها
فان شاءَ احياني وان شاءَ اتلفا

[معنيٰ: مون پنهنجا سڀ ڪم انهيءَ دوست جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ جيڪڏهن مون کي جياري ته به سندس مرضي ۽ ماري ته به سندس مرضي.]

هوئ لہ فرض تعطف ام جفا

و مشربه عذب تكدر ام صفا

[معنيٰ: هن سان محبت ۽ دوستي مون لاءِ فرض آهي پوءِ سندس مرضي مهرباني ڪري يا رنجُ رسائي. سندس (فيض جو) چشمو مِٺو آهي، پوءِ پلي ظاهر ۾ اهو ميرو هجي يا صاف هجي.]

سلطان الاولياء فرمايو: اسان تقدير تي هلڻ وارا آهيون ۽ تدبير کي ڇڏي ڏنو اٿئون، (ڇو ته) اُهي ٻئي جنت ۽ جهنم آهن.

اٺو پهر آڙاهه جي، مٿي گهُر گهاري،

وس نه ويچاري، ڪا ماڳ ڍوئي مڪڙي.

[معنيٰ: ٻيڙي اٺئي پهر (ڏينهن رات) اونهي پاڻيءَ تي پئي هلي پر اها بيوس آهي ته منزل تي سلامتيءَ سان وڃي پهچي.]

آئون چوان ٿو ته: هن ٻول ”**القول الفِصل**“ جو نالو ”**فتح الفضل**“ رکجي ٿو.

حافظ چيو آهي ته:

برو زاهدا خورده بر ما مگير

كه كارِ خدائي نه كاريست خورد

[معنيٰ: اي زاهد! هليو وڃ، اسان جا عيب ۽ خطائون نه پڪڙ، ڇو ته اهو ننڍڙو ڪم ناهي، پرالله جو ڪم آهي.]

مطلب ته اسان الله پاڪ جي خواهش تي هلون ٿا، زاهد وانگر پنهنجي خواهش تي نٿا هلون.
هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو هڪ بيت آهي:

بنده با تدبير را بيرون ز دنيا راه نيست
سوزن عيسيٰ حجاب است جز مجرد شاه نيست

[معنيٰ: تدبير تي هلندڙ ٻانهي لاءِ دنيا کان ٻاهر ٻي ڪابه واٽ نه آهي، عيسيٰ واري سُئي هڪ حجاب آهي، ان کان ٻاهر فقط اهو بادشاهه آهي.]
صائب چوي ٿو ته :

قدم ز دائره اختيار بيرون نہ
که سود هر دو جهان زين سفر تواني يافت

[معنيٰ: جڏهن پنهنجي اختيار جي دائري کان پير ٻاهر رکندين، تڏهن ئي هن سفر مان ٻنهي جهانن جو فائدو ماڻي سگهندين.]
عارف احمد بن عطاء شاذلي هن مضمون بابت هڪ ڪتاب نالي 'التنوير في اسقاط التدبير' لکيو آهي.
سلطان الاولياء فرمايو: دنيا وارن ۽ فنا وارن (ٻنهي) جي وچ ۾ هن کان سواءِ ٻيو ڪو به فرق نه آهي ته، پنهنجي خواهش تي راضي رهڻ يا الله جي خواهش تي راضي هجڻ. [6] پوءِ جنهن پنهنجي خواهش کي ترڪ ڪيو ۽ جو ڪجهه ان لاءِ الله حڪيم ۽ ڪريم نصيب ۾ رکيو آهي تنهن تي راضي رهيو ته ان پنهنجي نيڪي ۽ سلوڪ کي مڪمل ڪيو. چاڪاڻ ته پنهنجي سڌ کي ڇڏڻ چڻ ته تمام آرزوئن جو مول متو آهي. نفس جي خواهش رڳو

ان جي سڌ آهي، هن معنيٰ ۾ الله جي عبادت ۽ تڪليف رڳو پنهنجي غرض ۽ خواهش کي ڇڏڻ جو 0نالو آهي. جڏهن تو پنهنجي نفس کي ڇڏيو ته پوءِ الله کان سواءِ ٻي ڪا حاجت ۽ ضرورت نه ٿي رهي. جيئن نظامي چيو آهي:

سپردم بتو مايه خويش را

تو داني حساب کم و بيش را (شرف نامه)

[معنيٰ: مون سڀ ڪجھ تنهنجي حوالي ڪيو، هاڻي منهنجي گهٽ وڌ جي حساب کي تون ئي ڄاڻين ٿو.]

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ‘محصول الاصول’ ۾ آهي ته فساد ۽ صلح جو بنياد مڪلف (انسان) جو اختيار ئي آهي. بيشڪ اهو الله جو طريقو آهي ته هو ڪنهن به شيءِ کي ان ماڻهو جي چوڻ مطابق پيدا ڪندو آهي، جنهن لاءِ اها شيءِ پيدا ڪئي وئي آهي. حديث شريف ۾ آهي: **”لِڪُلّ امرِي مَّا نَويٰ“**

[ترجمو: هر ماڻهوءَ کي اها شيءِ ملندي آهي، جنهن جي هن نيت ڪئي آهي.]

پوءِ مصلحت انهيءَ ۾ آهي ته (انسان) ٻنهي (پنهنجي توڙي ڪنهن ٻئي جي) اختيار کان آزاد ٿي وڃي ۽ ٻنهي جهانن جي مالڪ جي اختيار کي پسند ڪري. اهو ئي قضا تي راضي رهڻ آهي ۽ الله جي عين ذات جي طلب مان به اها ئي مراد آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪيترن وڏن عالمن، شارحن ۽ مفسرن علمي نُقطي کي ڪجھ به نه ڄاتو آهي، (۽ اهو نقطو آهي الله جي

وحدانيت) پوءِ اهڙا ماڻهو ”**ناجي جماعت**“ جي لقب تي ڪيئن ٺا پورا اچي سگهن؟

مولوي رومي چوي ٿو:

از خليل آموز اين راه اي پسر
کو شده بيزار اول از پدر

[معنيٰ: اي پٽ! حضرت ابراهيم خليل الله کان (وحدت جي) واٽ سِکُ، جو هو پهرين پنهنجي پيءُ کان بيزار ٿيو.]

تا نخواني لا و الا الله را
در نيابي منهج اين راه را

[معنيٰ: جيستائين تون غير الله جو انڪار نه ڪندين، تيستائين هن مطلب جي واٽ کي نه لهي سگهندين.]

معنيٰ لا الٰہ الاهو اين است اي پناه
که نمايد مہ ترا ديگ سياه

[معنيٰ: اي الله جي پناهه گهرندڙ! ڪلمي طيبه ”**لاالٰہ الاالله**“ جي معنيٰ هيءَ آهي ته تو کي (لله جي پيٽ ۾) چنڊ (جهڙو سهڻو به) ڪارو نظر اچي.]

سلطان الاولياء فرمايو: انسان جي ڪهڙي ”لطيفي“ سان مناسبت آهي ان جي ڄاڻ ضروري آهي ۽ ان لطيفي جو فيض انسان جي علم ۾ ڄاڻ جو واڌارو ڪندو آهي. [7]

آئون چوان ٿو ته: (سلوڪ جي) طالب کي گهرجي ته طريقت ۾ شغل رکي ۽ ان کوجنا ۾ نه رهي ته ڪهڙي مقام تي پهتو آهي. ڄاڪاڻ ته ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته:

"خربوزه بخور ترا بفاليزه چه كار"

[معنيٰ: تون گدرو کاءُ، (گدري جي) واڙيءَ سان تنهنجو ڪهڙو ڪم!]

امام غزالي جي ڪتاب 'احياءُ العلوم' ۾ آهي ته عارف جي واٽ آهي سائي پاڇي ڪائڻ، ۽ زمين جي سوال کان پاسو ڪرڻ، پر عالم ان جي ابتڙ آهي، جيڪو الله جي رؤيت ۽ ديدار بابت بحث ڪندو آهي ته اهو ديدار دل سان ٿيندو آهي يا اکين سان. پوءِ ڄاڻڻ گهرجي ته هر لطيفو "اولي العزم" نبين مان ڪنهن نبيءَ جو مقام آهي، اهي پنج مشهور نبي آهن ۽ انهن لطيفن جا نالا هي آهن:

- پهريون"قلب" (دل)،
- ٻيو" قدم"،
- ٽيون "مقام"،
- چوٿون "ولايت"
- ۽ پنجون "نور".

الله تعالىٰ فرمايو آهي:

قُلْ ڪُل يَعْمَلُ عَلَىٰ شَاكِلَتِهِ (84:17:15)

[ترجمو: اي پيغمبر ﷺ) چئو ته هر هڪ پنهنجي نموني تي ڪم ڪندو آهي.]

حديث شريف ۾ آهي ته: **لِكُلّ امرِي مَّا نَوَىٰ**

[ترجمو: هر ماڻهوءَ کي اها ئي شيءِ ملندي آهي، جنهن جي هو نيت ڪري ٿو.]

ولين جي مرتبن ۾ تفاوت گهڻو ڪري (انهن پنجن) لطيفن جي فرق جي ڪري ٿيندو آهي. (جيئن مولوي جامي جي) هن بيت ۾ آهي:

نهي صد دسته ريحان پيش بلبل

نخواهد خاطرش جز نکهت گل (يوسف زليخا،)[2]

[معنيٰ: جيڪڏهن تون سوين نازبوءِ جا گل بُلبل جي اڳيان رکندين، تڏهن به ان جي دل گلاب جي گل کان سواءِ ٻيو نه گهرندي.]

"نبض عاشق جز بنامِ يار نايد در طپش"

[معنيٰ: عاشق جي نبض رڳو يار جي نالي ٻُڌڻ سان ئي حرارت ۾ ايندي آهي.]

لفظ "لطيفي" جي لغت ۾ معنيٰ آهي سُهڻو يا سُٺو. جيئن ڪتاب 'ڪشف اللغات' ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: تاري لاءِ بُرج (منزلون) آهن ۽ **"والنهاية الرجوع الي البداية"** يعني سندس انتها اها آهي ته وري شروعات ڏانهن موٽ ڪائي ۽ تنهنجي جاءِ اها آهي جيڪا تنهنجي لاءِ ظاهر ٿئي.

سلطان الاولياء فرمايو: مراقبي جو طريقو ٻليءَ کان سکڻ گهُرجي، جڏهن ڪُئي جي ٻِرَ تي جوهه ماري ويهي انتظار ڪندي

---

[2] جامي، يوسف و زليخا، خش ٢٨ ـ عمر گذرانيدن زليخا در مفارقت يوسف عليه السلام و تلهف و تأسف وى بر آن مدى الليالى و الايام

آهي. انسان جيِ دل جيڪا ڪبي پاسي آهي، سا مقصود لاءِ آڪيرو آهي ۽ اها جامع حقيقت آهي.

آئون چوان ٿو ته: مراقبي جي انهيءَ طريقي ڏانهن ڪنهن وڏي مشائخ هن طرح اشارو ڪيو: آهي:

عليٰ بيض قلبک کن کانک طائر

فمن ذلک الاحوال فيک تولد

[معنيٰ: تون پنهنجي دل جي آني تي ان پکيءَ وانگر ويهه، جيڪو آني مان ٻچي نڪرڻ جي انتظار ۾ آهي. تڏهن تو ۾ (معرفت جون) مختلف حالتون ۽ احوال پيدا ٿيندا.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪڏهن تون ذاتِ الاهي جو نمونو ڏسڻ گهرين ته پوءِ اها ذات عام ماڻهن وٽ ڪنهن معنيٰ وانگر نه آهي. جيئن عارف جو بدن جيڪو (ظاهري ۽ باطني) خواهشن کان پاڪ هوندو آهي.(سو ئي ذات جو نمونو آهي) چو ته ظاهر ۾ عارف کي تون پٽر وانگر ۽ ڌيان جوڳو نه سمجهندو آهين ۽ اهو ظاهر ۾ بي فائدو ڏسڻ هن ڪري هوندو آهي جو عارف جون معنائون ۽ لطيفا معنيٰ جي سمنڊ ۾ فنا ٿيل هوندا آهن. اها معنيٰ بيان ڪرڻ يا لکڻ، جسم ۽ جوهر جي نالي کان پاڪ آهي.

آئون چوان ٿو ته: پوءِ پيو ڪو به مقصد نه آهي، جنهن جو عام ماڻهو (ظاهري علم وارا) قصد ۽ ارادو نه ڪندا آهن ۽ اهو مقصد آهي الله جي غير کي نيست ۽ نابود چاڻڻ.

مولوي رومي چيو آهي:

تا ز لا لا مي گريزي وصل نيست

ز انکه لا لا را ز شاهد فصل نيست

[معنيٰ: جيستائين تون (محبوب جي) خدمتگار (رقيب) کان پاسو ڪندين، تيستائين تون محبوب سان ڪونه ملندين، چو ته محبوب هن کان پري ناهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: عالمِ خلق، عالمِ امر کان افضل آهي، ڇاڪاڻ ته ظهورو عالمِ خلق ۾ ئي آهي.

آئون چوان ٿو ته: اهو انهيءَ ڪري جو روشني هميشہ اونداهيءَ واري جاءِ تي ظاهر ٿيندي آهي.

جيئن مولوي رومي چوي ٿو:

بانگ مي آيد که اي طالب کجا

جود محتاج گدايان چون گدا[8]

[معنيٰ: آواز پيو اچي ته اي طالب! تون ڪٿي آهين؟ چو ته سخا پاڻ پنڻ وارن فقيرن وانگر محتاج آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد، مريد واسطي هڪ نصيحت واري بيت يا آيت جو نمونو آهي، پوءِ جيڪڏهن مُريد ۾ سمجھ هوندي ته ان مان مريد کي اصل جي ڄاڻ ملندي.

ان جو مثال هي بيت آهي:

دلا تاکي درين کاخ مجازي

کني مانند طفلان خاکبازي.

[معنيٰ: اي دل! تون هن مجازي ماڙيءَ (دنيا) ۾ ڪيستائين ٻارن وانگر مٽيءَ سان راند ڪندي رهندينءَ!]

توئي آن دست پرور مرغ گستاخ
که بودت آشيان بيرون از اين کاخ
[معنيٰ: تون ته اهو هٿ جو پاليل گستاخ پکي آهين، جنهنجو
آکيرو هن ماڙيءَ کان ٻاهر هو.]

بيشڪ اهي بيت اصلي وطن ڏانهن خبردار ڪن ٿا ۽ ان ڏانهن موٽڻ ۽ هن ڌارئي وطن (دنيا) کي ڇڏڻ تي زور ڏين ٿا.

آئون چوان ٿو ته: امام غزاليءَ جو قول آهي ته جنهن ٿوري مان فائدو نه ورتو ته گهڻو ان جي گمراهي ۽ جهالت جو سبب ٿيندو.

سلطان الاولياء فرمايو: معرفت وارا مُئل ماڻهن جي ڳالهه ٻُڌندا ۽ کين ڏسندا آهن. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ جو ديدار جائز ۽ ممڪن آهي ۽ ائين ٿيو به آهي. جيتوڻيڪ اهو ڏسڻ سجاڳيءَ واري حالت ۾ چو نه هجي (تڏهن به جائز آهي) ۽ وڏي مانائتي نالي جو وچ ۾ اچڻ ڪوڙ کي روڪي ٿو، پوءِ اهو ڪهڙي به صورت ۾ چو نه هجي.

آئون چوان ٿو ته: مُلا علي قاري ‘مشڪاة جي شرح (مرقات)’ ۾ چيو آهي ته صحيح قول مطابق مُئل ماڻهوءَ سان ڳالهائي سگهجي ٿو.

مرشد جي مُرشد (خواجه ابوالمساڪين شيخ محمد ٺٽوي قدس سره) جن (حضرت سلطان الاولياءَ) ڏانهن (هڪ خط ۾) لکيو آهي ته سندس ڏاڏي مخدوم آدم ٺٽوي (قدس سره) کي سندس مزار تي سلام پهچايو وڃي. حُليي ۽ صورت کي شرط نه سمجهڻ دل کي گهڻو

فائدو ۽ شفا ڏيندڙ آهي. هن سلسلي ۾ عالمن ۾ اختلاف آهي. محققن ان راءِ کي ترجيح ڏني آهي، جيڪا منهنجي وڏي مرشد سائين (سلطان الاولياء قدس سره) جي آهي. (ته حليي ۽ صورت جي موافقت شرط نه آهي.) ڪتاب ’مڪتوباتِ احمدي‘ ۾ انهن ٻنهي قولن مان ڪنهن کي به ترجيح نه ڏني وئي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: موليٰ جو طالب جيڪڏهن توڪل جي طاقت رکي ته پوءِ ڪم ڪار نه ڪري پر جيڪڏهن اهڙي طاقت نٿو رکي ته پوءِ ڀلي ڪم ڪار ڪري. باقي توڪل جي طاقت نه هوندي ڪم نه ڪرڻ، مخلوق تي اجايو بار پوڻ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: انسان انهيءَ جسم جو نالو آهي، جنهن جي طرف اشارو ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ليڪن انسان جي حقيقت ”انسانيت“ آهي. جيڪا وڏيڪ معنيٰ واري آهي. انهن ٻنهي حرفن ۾ هڪ حرف ”ي“ ۽ ٻيو ”ت“ جي وڌڻ سبب معنيٰ به وڌي ويندي. جن جا ابجد جي حساب سان عدد چار سئو ڏهه ٿين ٿا. (مطلب ته انسانيت، انسان کان چار سئو ڏهه ڀيرا وڏيڪ آهي، انسان ۽ انسانيت جي) حقيقت جي ڳولا رڳو ڪو سمجھه وارو ماڻهو ئي ڪري سگهي ٿو، جيڪو (ٻنهي انسان ۽ انسانيت جي) حقيقت کي سمجهڻ جي صلاحيت رکندڙ هجي.

سلطان الاولياء فرمايو: مريد جي ذڪر جو علاج پنهنجي مُرشد جي صورت کي (دل ۾) حاضر ڪرڻ آهي. پوءِ اهو ذڪر ڪنهن خطري جو هجي يا ڪنهن ٻي صورت جو ذڪر هجي.

آئون چوان ٿو ته: حافظ شيرازي چيو آهي:

در آن روزي که کس کس را نه پرسد

من از پير مغان منت پذيرم

[معنيٰ: ان ڏينهن (قيامت ۾) جڏهن ڪو ڪنهن کان ڪونه پڇندو، آئون پنهنجي پير جي ٿوري ۾ احسان هيٺ هوندس.]

سلطان الاولياء فرمايو: معراج جي رات سواءِ انسانيت جي، ٻيو ڪو پردو ڪونه رهيو.

سلطان الاولياء فرمايو: اهو نالو جيڪو مطلوب آهي سو اسم ذاتي (الله) آهي.[9] اسين (ڪنهن به ماڻهوءَ کان) ان نالي متعلق بُخل نه ڪندا آهيون پر انهيءَ معرفت جو قدر اڻلڀ آهي ۽ علم جو نقطو اهو (يعني الله جي طلب) آهي.

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي:

إِذَا دُعِيَ اللَّهُ وَحْدَهُ كَفَرْتُمْ وَإِن يُشْرَكْ بِهِ تُؤْمِنُوا (12:40:24)

[ترجمو: جڏهن الله کي اڪيلو سڏيو وڃي ٿو ته ڪفر ڪريو ٿا ۽ جڏهن اُن سان شريڪ ڪيو وڃي ٿو ته اوهان ايمان آڻيو ٿا.]

۽ ٻي آيت مبارڪ ۾ آهي: **إِذَا قِيلَ لَهُمْ لَا إِلَـٰهَ إِلَّا اللَّهُ يَسْتَكْبِرُونَ** (35:37:23)

[ترجمو: جڏهن هنن کي چيو ويو ته عبادت لائق فقط هڪ الله ئي آهي تڏهن اهي ان جي طلب کان وڏائي ٿا ڪن.]

”يستڪبرون“ ۾”سين“ (علم نحو موجب) طلب ۽ گهُر لاءِ آهي. پوءِ اُها ڳالهه سمجهه! انڪار ڪندڙ توحيد جي ڪلمي کي گهٽ سمجهندو آهي ۽ وري وڏي علم جي طلب ڪندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: (دل جو) خيال يا خطرو ايمان ۾ رنڊڪ نه ٿو وجهي پر اهو پاڻ ايمان جو ڪمال آهي.

آئون چوان ٿو ته: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته خراب خطرو سيڪڙاٽ ۽ وچولي شاگرد لاءِ زهر هوندو آهي، باقي انتها واري لاءِ اهو نقصانڪار نه آهي. ڇو ته انوارن جو اصلن ڏانهن عروج الله سان وصال جي ڪري قلب ۽ بدن ۾ ڪدورتون ظاهر ڪرڻ کي لازم ڪري ڇڏيندو آهي، ان ڪري جيترو اندر اجرو ٿيندو، اوترو ٻاهر ميرو ٿيندو.

مولوي رومي چيو آهي:

اين نجاسه ظاهر از آبي رود
و آن نجاسه باطن افزون مي شود

[معنيٰ: اها ظاهري پليتي جيڪا بدن تي آهي سا پاڻي سان هٽي ٿي وڃي پر اندر واري پليتي وڌيڪ ظاهرٿي پوي ٿي.]

وڏو مُرشد سائين (سلطان الاولياء قدس سره) هن بيت کي ڏاڍو پسند فرمائيندا هئا. مطلب ته سڀ شيءِ الله کان آهي ۽ ان (جي حڪم) سان بيٺل آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽندڙ آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **أَلَا إِلَى اللَّهِ تَصِيرُ الْأُمُورُ** (53:42:25)

[ترجمو: خبردار! توهان جا سيئي ڪم الله ڏانهن ئي موٽن ٿا.]

وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) جو اهو (مٿيون) فرمان ٿورڙن لفظن وارو آهي پر ان ۾ وڏي معنيٰ سمايل آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

صورت از بي صورتي آمد برون

باز شد كه انا اليہ راجعون

[معنيٰ: ظاهري صورت، بي صورت (الله تعاليٰ) کان ٻاهر آئي آهي، وري اها صورت، بي صورت ڏانهن واپس ويندي. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي ته ”**اِنّا اِلَيهِ رَاجِعُونَ**“ (اسان الله ڏانهن ئي موٽي ويندا سون).]

راجع آن باشد كه باز آيد بشهر

سوئي وحدة آيد از تفريق دهر

[معنيٰ: موٽندڙ ائين هوندو آهي، جيئن ڪو پنهنجي شهر ڏانهن موٽي اچي، زماني جي جدائي کان الله جي وحدت ڏانهن واپس اچي.]

از درخت برگ حس افشان كنم

زين جهان خود را دمي پنهان كنم

[معنيٰ: (وحدت جي) وڻ مان (غير الله جي) سمجھ جا پن ڇاڻيان ٿو ۽ هن فاني جهان مان (پنهنجي نفي ڪريان ٿو ته) هڪ گھڙي لاءِ لِڪل رهان ٿو.]

چشم بندم خويش تسليمش كنم

اندران شهر كهن زينسان رسم.

[معنيٰ: آئون پنهنجي اک کي بند ڪريان ٿو ۽ پاڻ کي ڏٺيءَ جي حوالي ڪريان ٿو ۽ اهڙيءَ طرح پراڻي شهر (اصلي وطن ۾) پهچان ٿو.]

شرط تسليم است نه كار دراز
باتو گفتم اي پسر كن چشم باز

[معنيٰ: الله جي تابعداري شرط آهي، اجائي ڊيگهہ نه پؤ! اي پُٽ! توکي توحيد جي ڳالھ چوان ٿو تون اکيون کول.]

سلطان الاولياء فرمايو: شرڪ کان سواءِ ايمان ورلي لڀندو.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُم بِاللَّهِ إِلَّا وَهُم مُّشْرِكُونَ (106:12:13)

[ترجمو: ۽ انهن مان گهڻا ماڻهو الله تعاليٰ تي ايمان نٿا آڻين پر سواءِ هن جي جو اهي شرڪ ٿا ڪن.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن مخلوق کان مدد گهُري ۽ اهو ائين به چئي ٿو ته مون لاءِ الله کان سواءِ ڪو به نه آهي، تنهن وڏي بزرگيءَ واري کي گهٽ چاتو، جيڪو ٻين سڀني شين کان ڪفايت ڪندڙ آهي.

الله تعالي فرمايو آهي: **أَلَيْسَ اللَّهُ بِكَافٍ عَبْدَهُ** (36:39:24)

[ترجمو: ڇا الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهي لاءِ ڪافي نه آهي.][10]

آئون چوان ٿو ته: جنهن اڄ (هن دنيا ۾) سڀ کان وڏي (الله پاڪ) کي نه ڏٺو، سو سڀاڻي (قيامت ڏينهن) ان کي ڪيئن ڏسندو؟ (هن کي سمجهڻ لاءِ مثال هي آهي ته) اُٺ رڳو انڌي ماڻهوءَ کان گاهہ ملڪي سگهندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَمَن كَانَ فِي هَٰذِهِ أَعْمَىٰ فَهُوَ فِي الْآخِرَةِ أَعْمَىٰ (72:17:15)

[ترجمو: جيڪو شخص هن دنيا ۾ (الله کي ڏسڻ کان) انڌو هوندو ته اهو آخرت ۾ به (الله جي ڏسڻ کان) انڌو ئي رهندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: مجنون کان پُڇيو ويو ته تو قرآن پڙهيو آهين؟ مجنون وراڻيو ته آئون (عشق جو) حافظ آهيان!. (پوءِ هيءَ آيت پڙهيائين، جنهن ۾ "ليليٰ" جو اکر آهي.)

سُبْحَانَ الَّذِي أَسْرَىٰ بِعَبْدِهِ لَيْلًا (1:17:15)

[ترجمو: الله لاءِ ئي پاڪائي آهي، جنهن پنهنجي ٻانهي کي رات جو سير ڪرايو.]

مطلب ته عاشق اهو آهي جنهن لاءِ معشوق جو نالوئي ڪافي ۽ بس آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو: ڪنهن به صفت جي لحاظ کان سواءِ علم ذاتي فقط الله لاءِ رکيل آهي. ائين نه آهي جيئن ڪن جو خيال آهي ته اهو ذات لاءِ سڀني (انهن صفتن) سميت اسم ذاتي بنايو ويو آهي. البت جنهن جو خيال ذات لاءِ ڪمال کي پهتو، ان کي ڪابه صفت آڏو نه ايندي ۽ اهو صفت کان سواءِ ذات جوخيال ئي ڪمال توحيد آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو: توحيد شيءِ کي ان جي سڃاڻڻ کان پري رکڻ جو نالو آهي هن ريت جو توحيد وارو ان کي پروڙي ۽ ڄاڻي پر ان کي ڪا ٻي وصف نه لڳائي. (مطلب ته) ان جي ڪُنهه (حقيقت) کي نه ڄاڻي. عارفن جي هن قول جو به اهو ئي مطلب آهي ته "**التوحيد اسقاط الاضافات**" يعني نسبتن کي ڪيرائي ڇڏڻ جو نالو توحيد آهي.

آئون چوان ٿو ته: ان مطلب ڏانهن حافظ (هن بيت ۾) اشارو ڪيو آهي:

چون صبا مجموعه گل را بآب لطف شست

کج دلم خوان گر نظر بر صفحـــه دفتر کنم

[معنيٰ: جڏهن باد صبا گُلن کي فضل جي پاڻي سان ڌوئي ڇڏيو ۽ پوءِ به آئون ڪتاب وينو پڙهان ته مون کي بگڙيل دل وارو چئو.]

سلطان الاولياءَ فرمايو: عام ماڻهو (شين کي) ڏسندا آهن پر انهن جي منشاء (ظهور واري جاءِ) کي نه ڏسندا آهن. عارف شين کي به ڏسندو آهي ۽ انهن جي منشاء کي به ڏسندو آهي. اهو "**ادراڪ بسيط**" ۽ "**ادراڪ مرڪب**" آهي. پهريون قسم غفلت آهي ۽ ٻيو قسم ذڪر آهي. شيءِ جي ظاهر ٿيڻ جي جاءِ کي ڏسڻ انهن ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي، جيڪي حيرت ۾ هوندا آهن. انهيءَ ڪري فلسفي اسباب جي بيان ۽ تعين ۾ غلطي ڪندا آهن يا منشاءَ جو انڪار ڪندا آهن. منشاء (علت) جو صحيح ڏسڻ اهل الله لاءِ آهي، جيڪي شين جي نسبت پهرين منشاء ڏانهن ڪندا آهن جيڪا الله جي ذات آهي، ان کان سواءِ ٻي ڪابه منشاءَ ۽ علت نه آهي. تڏهن ڪڪر، مينهن ۽ انبلث وغيره جو ڏسڻ خطا آهي پر اهو خطا تي نه آهي جيڪو هي اعتقاد رکي ٿو ته اهي دنيا جا اسباب آهن. جيئن مينهن، اَنَ ۽ گاهه ڦٽڻ جو سبب آهي. اهو سڀ الله تعاليٰ جو فعل آهي، جنهن جا ڪم دنيوي غرضن کان پاڪ آهن.

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب 'محصول الاصول' ۾ آهي ته مناظري ۽ تحقيق جو مطلب هي آهي ته حڪم جي ماخذ کي ظاهر ڪجي.

هتي ماخذ کي پڙرو ڪرڻ جو مطلب آهي ته سندس منشاء کي لهڻ، جنهن جو ٻيو نالو نسبت ۽ لاڳاپي جو لهڻ به آهي.

”برو علم من اين قلنا بيار“

[معنيٰ: علم کي اُتان وٺي اچ، جتان اسان چيو آهي.] [11]

فاضل چلپيءَ ‘بيضاوي جي حاشيي’ ۾ لکيو آهي ته، اهلِ حق جو اهو عقيدو آهي ته شين ۾ ڪابه علت ۽ سببيت نه آهي پر سڀ شيون الله ڏانهن منسوب آهن. اسان جي وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) جو ڪلام هن عقيدي جو شرح آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِندِ اللَّهِ** (78:4:5)

[ترجمو: اي نبي ﷺ! فرماءِ ته هر ڪا شئ الله جي طرف کان آهي.]

هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللَّهِ (3:35:22)

[ترجمو:- ڇا الله کان سواءِ ڪو ٻيو به اهڙو خالق آهي؟]

لا يُسْأَلُ عَمَّا يَفْعَلُ (23:21:17)

[ترجمو: ۽ جيڪي رب ڪري ٿو تنهن بابت ان کان ڪير پڇڻ وارو نه آهي!]

(مطلب ته الله جيڪي ڪري ٿو ان کان پُڇا نه ٿيندي.)

۽ حديث شريف ۾ آهي: **ان الله صانع کل صانع وصنعته**

[ترجمو: تحقيق الله تعاليٰ هر ٺاهيندڙ (ڪاريگر) ۽ سندس ڪاريگريءَ جو صانع (ڪاريگر) آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حديث جي قبوليت لاءِ سند (جو هئڻ) شرط آهي.

آئون چوان ٿو ته: هتي حديث مان مراد ڪلام آهي ۽ سند جو مطلب آهي ته شرعي اصول ان سان ٺهڪندڙ هجن ۽ ڪا معارضي (اڻ ٺهڪندڙ) ڳالهه به نه هجي. اُهي (شرعي اصول) فقيهن وٽ چار آهن. (قرآن، حديث، اجماع ۽ قياس) ۽ محدثن وٽ ٽي آهن، چو ته هو قياس کي نٿا مڃين. ليڪن صوفين وٽ هڪڙو ئي اصول آهي، جنهن کي دل جو يقين ۽ اطمينان سڏجي ٿو.

چاڪاڻ ته حديث ۾ آهي: **الصدق طمانية**

[ترجمو: سچ دل جو يقين آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

با تواتر نيست قانع جان ما

از درونِ دل رسد ايقان ما

[معنيٰ: لاڳيتو گهڻين سَنَدَنَ تي اسان جي دل کي اطمينان نه آهي، اسان کي دل جي اندران ئي يقين حاصل ٿيندو آهي]

باقي محدثن وٽ حديث رسول الله ﷺ ۽ سندن اصحابن ؓ جي قول ۽ حال جي بيان کي چيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته مجنون وٽ ليليٰ ۽ سندس پاڙيسرين کان سواءِ ٻئي جي ڳالهه فضول آهي، حديث نه آهي. عاشق وٽ معشوق کان سواءِ ٻئي جي ڳالهه اجائي آهي. پوءِ جيڪا حديث رسول الله ﷺ جن کان هوندي ان کي ”مرفوع“ چئبو آهي ۽ صحابيءَ جي ڳالهه کي ”موقوف“ چوندا آهن پر راوي اهڙا هجن، جيڪي عادل، مقبول ۽ معتبر هجن، انهن ۾ ڪو به راوي مجهول ۽ سَند کان ڪِريل نه هجي. محدث، حديث جي سَنَد کان پوءِ ان حديث تي عمل ڪرڻ کان صرف ان وقت رُڪبا آهن،

جڏهن ان حديث جي مقابلي ۾ ڪا ٻي حديث تحقيق جي لحاظ سان قوي ۽ راجح هوندي آهي. علم اصول حديث جو اهو تَتُ آهي، جنهن سان صحيح ۽ ضعيف حديث ۾ فرق ڪيو ويندو آهي.

هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو بيت آهي:

موافق بصادق صدق گفته اند

دگر هرچه باشد لغو ديده اند

[معنيٰ: جيڪو ڪلام سچ سان موافقت رکي، ان کي سچ چيو اٿن، سچ کان سواءِ ٻي هر ڳالھ کي بي فائدو ۽ اجايو ڏسن ٿا.]

فما جاز فتويٰ خلا عن دليل

اتيٰ ملزم الحڪم غير العليل

[معنيٰ: جيڪا شيءِ ڪنهن ڪمال واري جي فتويٰ ڪري جائز هجي، تنهن کي دليل جي گهرج نه آهي. دل واري فتويٰ حڪم کي لازم بنائيندي آهي، ان لاءِ سبب بيان ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.]

چو خواهي که مفتي شوي در ديار

برو علم من اَينَ قُلنا بيار

[معنيٰ: جيڪڏهن تون چاهين ته فتويٰ سان جهان ۾ مفتي هجين، ته وڃ! علم کي اُتان (دل کان) وٺي اچ جتان اسان چيو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

حديث صحيح ۽ ثابت ملي ته ان تي عمل ڪجي، جيستائين ان جي مقابلي ۾ ٻي ڪا اهڙي حديث نه اچي. باقي رڳو گمان صحيح حديث تي عمل (ڪرڻ) کان نه ٿو روڪي سگهي.

آئون چوان ٿو ته: ائين هجي ها ته صحابي سڳورن جيڪي حديثون ٻُڌيون هيون، انهن تي عمل نه ڪن ها ۽ عمل کان اڳ ۾ هر روز ناسخ يا ابتڙ بابت پڇا ڪندا رهن ها، اها ڳالهه صحابين کان منقول نه آهي.[12] روزانو ته ٺهيو پر سال ۾ هڪ ڀيرو به انهن کان اهڙي پڇا منقول نه آهي. (انهن ۾) ڪي صحابي سڳورا ڳوٺن جا رهاڪو هئا، رسول الله ﷺ تي جيڪي (روزانو) نازل ٿيندو هو، ان جي کين خبر ڪونه هوندي هئي پر حديث تي عمل ڪندا رهيا. ان ڳالهه جي تائيد اصولين (اصول فقہ جي عالمن) جي هن قول مان به ٿئي ٿي ته ڪنهن ثابت اصول کي ڪنهن ٽڪرائجندڙ مشڪوڪ دليل جي ڪري ڇڏي نٿو سگهجي.

سلطان الاولياء فرمايو: ماڻهن جي عرف ۽ دستور تي هلندڙ کي ملامت نٿي ڪري سگهجي.

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ’الاشباه والنظائر‘ ۾ آهي ته ماڻهن جي عرف کي شرع جي ڪمن جو درجو ڏنل آهي ۽ ڪتاب ’جامع الرموز‘ ۾ آهي ته عرف ۽ دستور اهو مجبو جنهن کي سليم طبيعتون قبول ڪنديون آهن.

سلطان الاولياَءَ فرمايو: اصحابِ ڪهف جو ڪتو هن لاءِ سَنَدَ آهي ته ڪتو گهر جي سنڀال لاءِ ڌاري سگهجي ٿو.

آئون چوان ٿو ته: فقيهن چيو آهي ته نگهباني يا ٻئي ڪنهن جائز مقصد لاءِ ڪُتو ڌارڻ جائز آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: تفسير جي صحيح يا غلط هئڻ جو دارومدار هن تي آهي ته اهو اصل حقيقت جي موافق آهي يا اڻ موافق.

آئون چوان ٿو ته: اهوسڀ ڪنهن قول لاءِ معيار ۽ ڪسوٽي آهي. چو ته سچ اهو آهي جيڪو اصل حقيقت سان ٺهڪي اچي. قرآن شريف سمورو سچ آهي، تنهنڪري ضروري آهي ته ان جو تفسير به سچ هجي، چو ته تفسير جي مُفسّر (جنهن جو تفسير ڪيو وڃي) سان موافقت هئڻ ضروري آهي.

انهيءَ ڪري قرآن شريف جي هن آيت:

إِنَّ الصَّلاةَ تَنْهَىٰ عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ (45:29:21)

[ترجمو: بيشڪ نماز برائي ۽ بي حيائي کان روڪي ٿي.]

آيت ۾ آيل لفظ ''صلاة'' جو تفسير رسمي نماز سان ڪرڻ صحيح نه آهي. ڇاڪاڻ ته ظاهر ۾ اهڙي نماز بُراين کان نٿي روڪي. (هوڏانهن) نماز جي حقيقت اها آهي ته اها بُراين کي روڪي ٿي. انهيءَ ڪري مٿين آيت ۾''صلاة'' مان مراد اها نماز آهي، جيڪا براين کان روڪي. اها نماز سڀني عبادتن جي جامع هئڻ کپي، تڏهن وڃي ماءُ جو اولاد سان ميلاپ ٿيندو.

حديث شريف ۾ آهي ته: **من لم تنه صلاته عن الفحشاء لم يزدد من الله الابعدا**

[ترجمو: جنهن ماڻهوءَ کي نماز بڇڙاين کان نه روڪيو ته اها نماز کيس الله کان اجا وڌيڪ پري ڪندي-]

ٻي حديث شريف ۾ آهي ته: **الصلاة معراج المؤمنين**

[ترجمو: نماز مؤمن جو معراج آهي

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

إِنَّـهَا لَكَبِيرَةٌ إِلا عَلَى الْخَاشِعِينَ (45:2:1)

[ترجمو: بيشڪ اها نماز ڳري آهي سواءِ انهن جي جيڪي عاجزي ڪندڙ آهن. يعني انهن لاءِ سولي آهي

حافظ چيو آهي:

فردا که پيشگاه حقيقت شود پديد
شرمنده ره روي که عمل بر مجاز کرد

[معنيٰ: سڀاڻي جڏهن (حال جي اصل) حقيقت ظاهر ٿيندي ته اهو (ماڻهو) شرمندو ٿيندو، جنهن حقيقت کي ڇڏي، مجاز تي عمل ڪيو هوندو.]

هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو ڪلام آهي:

اين خلاف ز سلف در تفسير
غالبش از مثال يا تعبير

[معنيٰ: اڳين جو قرآن جي تفسير ۾ جيڪو اختلاف آهي، اهو گهڻو ڪري مثال جو آهي يا بيان ۽ تعبير جو آهي.]

شرح جائز بمرادف وتمثيل
ليک تخصيص خطا جز بدليل

[معنيٰ: ڪلام جي شرح ۾ تعبير ۽ مثال جو اختلاف جائز آهي، باقي ڪنهن خطا جو سمجهڻ (دل جي فراست سان آهي) دليل سان نه هوندو آهي.]

هن ڳالھ جي وڌيڪ تحقيق لاءِ سيوطيءَ جو ڪتاب ‘اتقان’ ڏسڻ گھرجي.

سلطان الاولياء فرمايو: قرآن شريف ۾ سوچ ويچار ان جي تفسير کان بي نياز ڪري ڇڏيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: ساڳيءَ ريت جنهن ماڻهوءَ پنهنجي خواهش کي الله جي محبت ۾

فنا ڪيو، اهو ائين ئي سوچيندو آهي. جيئن شيخ محي الدين ابن عربي چيو آهي:

انا القرآن و السبع المثاني

و روح الروح لا روح الاواني

[معنيٰ: آئون قرآن آهيان ۽ فاتحه جون ست آيتون آهيان ۽ اهو روح آهيان، جنهن سان حيواني روح قائم آهي.]

مطلب ته آئون اهو روح نه آهيان، جيڪو بدن جي بند ۾ آهي پر اهو روح آهيان، جنهن سان روح قائم ۽ بيٺل آهي. [13]

سلطان الاولياء فرمايو: سالڪ قرآن جي آيت کي پنهنجي نموني تي تفسير ڪندا آهن ۽ ظاهري علم وارا ٻئي نموني تي (بيان) ڪندا آهن. سالڪن ۽ ظاهر وارن (عالمن) جي اختلاف کي هن آيت مان سمجهڻ کپي:

لَا يُكَلِّفُ اللَّهُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا (286:2:3)

[ترجمو: الله تعاليٰ ڪنهن به ماڻهوءَ کي سندس طاقت کان وڌيڪ تڪليف نه ڏيندو آهي.]

آئون چوان ٿو ته: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) جي نيڪ خيال مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته قرآن شريف جي نِصوص (عبارت) کي ظاهر تي رکجي ۽ انهن ۾ تاويل نه ڪجي. ڪتاب 'بدرالمنير'، 'تلويح' ۽ 'احياءُالعلوم' ۾ آهي ته قرآن شريف قديم لُغت (ٻوليءَ) ۾ لٿو آهي. جديد اصطلاح تي نه لٿو آهي. ڪتاب 'ڪيمياءِ سعادت' ۾ آهي ته قرآن شريف جي سمجهڻ کان ٽي شيون روڪيندڙ آهن، هڪ ٻوليءَ جي ڄاڻ نه هجڻ، ٻيو لاڳيتو گناهه يا بي فرمانيون ڪرڻ ۽ ٽيون ٻين (شارحن) جي تقليد ڪرڻ.

هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو بيت آهيِ:

تبطن وحشو هر دو کوري بدان

دو خانه و دو کلب سخن عالمان

[معنيٰ: پيٽ پوڄا ڪرڻ ۽ بيڪار ويهڻ، ٻئي حق جي سمجهڻ کان انڌائپ جو ڪارڻ آهن، اُهي ٻنهي گهرن (دنيا ۽ آخرت) ۾ ٻئي ڪتن وانگر آهن. اهو عالمن جو چوڻ آهي.]

هن سڀ جو مثال عالمن جو اهو قول آهي ته مجاز جي عام معنيٰ تي عمل ڪجي. عاقل جي ڪلام کي عمل جوڳو بنائڻ لاءِ حقيقت ۽ مجاز کان سواءِ ڪو به چارو نه آهي. ان ڳالهه کي چڱي طرح سمجهو.

سلطان الاولياء فرمايو: اڳيون پوئين لاءِ شاهد هوندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: حضرت وڏا مرشد سائين (سلطان الاولياء) اهو ان وقت فرمائيندا هئا، جڏهن ڪنهن عبارت جي مراد ۽ مطلب نِص يا اِجتهاد سان واضح نه ٿيندو هو. سندن اهو چوڻ ائين آهي،

جيئن علم اصول وارا چوندا آهن ته اڳ واري ڳالهه جو علم مطلب کي واضح ڪندو آهي. اها ڳالهه مشهور آهي ته وڻ ميوي جي خبر ڏيندو آهي. فقيهن چيو آهي ته جنهن مسئلي جي حڪم جي خبر نه پوي ته ان جهڙن (ٻين مسئلن) کي ڏسي، ان تي انهن وارو حڪم لڳائجي.

ڳالهه جو خلاصو هي آهي ته هر شيءِ جي تَرَ تائين پهچڻ هر هنڌ واٽ ڏيکاريندڙ آهي. چاڪاڻ ته فرع اڳين ڪلام لاءِ شرح آهي، ان (اڳين ڪلام) کي ٿوڙيندڙ نه آهي.

هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو هڪ بيت آهي:

هرچه بيني بشرح موجود است

شرح موجود كشف مقصود است

[معنيٰ: جيڪو تون ڏسين ٿو سو حقيقي موجود جو بيان آهي ۽ حقيقي موجود جي شرح کي ظاهر ڪندڙ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن ٻن شين جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿئي ته اصل تي عمل ڪجي، فرع تي نه ڪجي. اصل تي عمل ڪرڻ وڌيڪ بهتر ۽ حقيقت کي ويجهو آهي.

آئون چوان ٿو ته: اهو علم اصول فقهه جو مشهور مسئلو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: فقير ۽ فقيہ کي سچو تڏهن سمجهبو، جڏهن سندس قول ۽ فعل اصول سان ٺهڪندڙ هجي. مطلب جنهن اهڙي ڳالهه چئي، جنهن جي ڪا سند نه آهي ته سندس اها ڳالهه درست نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي جامي چيو آهي:

هر چه نه آن قال الله وقال الرسول
هست بر اهل فضيلت فضول

[معنيٰ: جيڪا ڳالھ الله ۽ سندس رسول ﷺ نه چئي آهي، سا علم وارن وٽ فضول ۽ بيڪار آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: سخا اهڙي ٿاري آهي، جيڪا سخيءَ کي جنت ۾ پهچائي ٿي ۽ بُخل (اهڙي) ٿاري آهي، جيڪا بخيل کي دوزخ ۾ پهچائي ٿي. اها ڳالھ حديث موجب آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: فقير اهو آهي، جنهن ۾ فقيرن واري خاصيت هجي. پر جيڪو رڳو فقيرن واري ظاهري رسم تي هلي سو فقير نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: ڪنهن ڪيتري نه سٺي ڳالھ چئي آهي:

آدمي را آدميت لازم است
گر ندارد بوي صندل هيزم است.[14]

[معنيٰ: انسان لاءِ انسانيت واري صفت لازمي آهي، جيئن صندل ۾ خوشبوءِ نه هجي ته اها ٻارڻ جي ڪاٺيءَ وانگر آهي.]

وڏي مرشد سائين (سلطان الاولياء) جو اهو ٻول فقيرن ۽ غير فقيرن جي حقيقت سڃاڻڻ لاءِ صحيح ڪسوٽي آهي. فقيهن ڪفالت واري باب ۾ چيو آهي ته ڪلام ۾ معنيٰ کي اعتبار آهي، ظاهري لفظ ۽ صورت کي ڪو اعتبار نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ٻانگي کي ٻئي جي چوڻ تي هلڻ نه گهرجي ته ٻانگ جو وقت ٿي ويو آهي (ٻانگ ڏي) پر جيستائين سندس دل فتويٰ نه ڏئي (تيستائين ٻانگ نه ڏئي). چاڪاڻ ته قيامت

۾ هر هڪ ڪان سندس راءِ جي پُڇا ٿيندي، ٻئي جي راءِ جي پُڇا نه ٿيندي.

آئون چوان ٿو ته: جيئن مولوي رومي چيو آهي:

هنديان را اصطلاح هند مدح

سنديان را اصطلاح سند مدح

[معنيٰ: هندستانين وٽ هندي ٻوليءَ جو اصطلاح پسند پيل آهي ۽ سنڌين وٽ سنڌيءَ جو اصطلاح وڻندڙ آهي]

شافعي مذهب جي ڪتاب ‘شرح البهجة’ ۾ آهي ته امام غزاليءَ اها فتويٰ ڏني آهي ته جيڪڏهن ماڻهو اڪيلو نماز پڙهي ٿو ته خشوع (حضور) سان پڙهي ٿو ۽ جماعت سان خشوع نصيب نٿو ٿئي ته ان لاءِ اڪيلو نماز پڙهڻ بهتر آهي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

ان الله لاينظر الي صورڪم بل اليٰ قلوبڪم

[ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ اوهان جي شڪلين ڪي نه پر دلين کي ڏسي ٿو.]

امام غزالي ڪتاب ‘احياء العلوم’ ۾ لکيو آهي ته اصل ڳالهه هي آهي ته دل کان فتويٰ ورتي وڃي، بيشڪ الله تعاليٰ هميشه کان متڪلم ۽ قديم آهي. جيئن الله قديم آهي تيئن سندس ڪلام به قديم آهي ۽ الله تعاليٰ ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهي. الله تعاليٰ جي ڪلام ٻڌڻ ۽ ساڻس ويجهي ٿيڻ جو حڪم آهي. نقشبندي طريقي جا بزرگ ”ذات احمدي“ جي پيرويءَ ۾ انهيءَ قرب تي رهيا آهن. قرآن شريف جو ٻُڌڻ، پڙهڻ کان وڌيڪ بهتر آهي. جيئن

ڪتاب ’الاشباه والنظائر‘ ۾ آهي ته الله جو ڪلام قديم ۽ نفسي (حرف ۽ آواز کان پاڪ) آهي. ان جو نفسي سماع ان جو ان جي لفظي تلاوت کان بهتر آهي. ان ڳالھ لاءِ سَند ۽ دليل الله تعاليٰ جو هي فرمان آهي:

وَمَا أَرْسَلْنَا مِن رَّسُولٍ إلاّ بِلِسَانِ قَوْمِهِ (4:14:13)

[ترجمو: اسان ڪنهن به نبي کي سندس قوم جي زبان کان سواءِ نه موڪليو آهي]

عالمن چيو آهي ته جيستائين ڪنهن شيءِ کي نه سمجهجي، تيستائين ان جو لِکڻ مناسب نه آهي. وحي جو روح اهڙي ماڻهوءَ کي سمجهائڻ آهي، جيڪو ان کي سمجهي. چاڪاڻ ته الله جو ڪلام ان تي تڏهن حُجت ٿيندو، جڏهن ان کي سمجهي. باقي جيڪو ان شيءِ کي نه ڄاڻي، ان کي ان جو ذميوار نٿو بڻائي سگھجي. انهيءَ ڪري عالمن چيو آهي ته جنهن وٽ جيڪا شيءِ هوندي ته مٿس ان جي تڪليف ڏني ويندي ۽ ان شيءِ جو ان تي بار نه رکيو ويندو، جيڪا الله جي وس آهي. پوءِ نجات ۽ ڇوٽڪاري وارو اهو شخص آهي، جنهن ان تي عمل ڪيو، جيڪي ڄاتائين ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي علم سان مٿس حجت قائم نه ٿيندي. نفعي واري علم جي تفسير ۾ مٿيون ڪلام ڪافي آهي.

اسان جو نبي ﷺ سڀني ماڻهن ڏانهن موڪليل آهي.

جيئن قرآن شريف ۾ آهي: **وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إلاّ كَآفَّةً لِّلنَّاسِ** (28:34:22)

[ترجمو: اسان ته توکي سڀني ماڻهن لاءِ موڪليو آهي.

بلڪ ڪين سڀني جهانن ڏانهن موڪليو ويو آهي. جڏهن پاڻ سڳوراﷺ سڀني جهانن ڏانهن موڪليل آهن ته پوءِ سڀني زبانن جا جامع (گڏ ڪندڙ) پڻ آهن [15] ۽ پاڻ هر قوم لاءِ ان لباس ۾ ظاهر ٿين ٿا، جنهن سان هو ڪين سڃاڻن ۽ هر قوم وٽ سندن نئون نالو آهي.

اللّٰهم صل عليٰ جسد محمد في الاجساد و عليٰ روح محمد في الارواح وعليٰ قبر محمد في القبور

[ترجمو: اي اسان جا الله! محمد ﷺ جي جسم تي رحمت موڪل جو جسمن ۾ آهي ۽ محمد ﷺ جي روح تي رحمت موڪل جيڪو روحن ۾ آهي ۽ محمد ﷺ جي قبر مبارڪ تي رحمت موڪل جيڪو قبرن ۾ آهي.]

حافظ چيو آهي ته:

او را بچشم پاک تو ان دید چون هلال

هر دیده جائي جلوه آن ماه پاره نیست

[معنيٰ: هن پهرين تاريخ جي چنڊ جهڙي محبوب کي صرف پاڪ اک سان ڏسي سگهجي ٿو، هر اک اُن معشوق جو جلوو نٿي ڏسي سگهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو پنهنجي دل ڏانهن پهتو، سو مُجتهد آهي. پوءِ اهڙي مُجتهد تي انهن شين جي تابعداري نه آهي، جن کي ٻين مُجتهدن پنهنجي راءِ، فڪر ۽ خيال سان گڏ ڪيو آهي. اهڙي انسان جي پنهنجي مُرشد سان ڪن جزوي ڳالهين ۾ ڏار هئڻ کي اختلاف نه چئبو پر اهو ڏار هئڻ ته مُرشد جي ان تلقين جو

حصو سمجهڻ گهرجي، جيڪا ان پنهنجي مُريد کي ڪئي هئي. پوءِ جيڪو اهڙي تقليد ۾ رهيو (۽ اجتهاد جي درجي کي نه رسيو) ته اهو ان بيمار پٽ وانگر آهي، جيڪو پنهنجي پيءُ تي بار هجي.

سلطان الاولياء فرمايو: اجازت ۽ منع جي ڪسوٽي دل جي فتويٰ تي آهي. مطلب دلي لاڙي موجب ان ڪم کي الله طرفان حڪم يا روڪ سمجهڻ گهرجي پر جيڪڏهن دل ڪنهن پاسي نه بيهي ته ان ڪم ۾ دير ڪرڻ گهرجي.

آئون چوان ٿو ته: حديث ۾ آهي: **الصدق الطمانية**

[ترجمو: سچ دل جو يقين آهي]

ٻي حديث شريف ۾ آهي:

استفت قلبڪ وان افتاڪ المفتون

[ترجمو: تون پنهنجي دل کان فتويٰ وٺ، جيتوڻيڪ توکي (ٻيا) مفتي فتوائون ڏين.]

هڪ ٻي حديث ۾ آهي:

والا ثم ما حاڪ في الصدر

[ترجمو: گناهه اهو آهي جيڪو دل ۾ کُٽڪي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ماڻهو بُک مٽائڻ لاءِ ضرورت آهر کاڌو کائي، گهڻو نه کائي ته ان کي کو به کاڌو طبيبن وٽ نقصان نه پهچائيندو.

سلطان الاولياء فرمايو: حقيقي معشوق رات جو هلندڙ آهي، سو تو وٽ اهڙي هنڌان ايندو جو تون ان کي ڏسي نه سگهندين.

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ فرمايو آهي: **أَتَاهُمُ اللَّهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوا** (2:59:28)

[ترجمو: انهن وٽ الله اهڙي جاءِ تان ايندو، جنهن جو ڪين ڪو گمان ئي نه هوندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪا شيءِ جنهن جي هٿ (قبضي) ۾ آهي، بس اهو دليل آهي ته اها شيءِ هن جي ملڪيت آهي. ائين جيڪا شيءِ بنا سوال جي توکي ڏني وڃي ته (اها) به تو لاءِ حلال آهي، ان بابت وڌيڪ جاچ جوچ ۽ سختي (سان پُڇڻ) سنت نبويءَ جي خلاف آهي. ڇاڪاڻ ته دين ۾ آساني آهي ۽ دين تي هلڻ به سولو آهي.

آئون چوان ٿو ته: دين نالو آهي نفس جي سنڀال ۽ ان جي خيرخواهي ڪرڻ جو. نفس جي خيرخواهي هي آهي ته ان کي سندس ڪم سان لڳائجي ۽ اُهو ڪم آهي الله جي معرفت ۽ سڃاڻڻ، اُن سان انس ۽ محبت رکڻ. نيڪ بزرگن جي مشهور پنجن لطيفن کي ڄاڻڻ (جن جو بيان اڳ ۾ ٿي گذريو آهي.) ۽ شرعي حڪم جي تقاضا رڳو اها آهي ته عالم خلق جي لطائف کي ياد ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ۽ انهن لطيفن ۾ عبادات، معاملات ۽ سزائن ۾خلل وجهڻ کي حرام سمجهيو وڃي. جڏهن تو اها ڳالهه سمجهي ورتي ته پوءِ تون سمجهدار ۽ فقيه آهين ۽ تون مقبول ۽ مردود شين (سچ ۽ ڪوڙ) کي ڄاڻندڙ بنجي وئين.

خذ الغايات واحذف مباديها

[ترجمو: تون ڪم جي دنگ (نهايت) کي وٺ ۽ شروعاتي ڳالهين کي ڇڏي ڏي.]

اهڙي علم کان سواءِ جيڪو فتويٰ ڏيندو سو غلطي ڪندو.

سلطان الاولياء فرمايو: اجمال (ٿورڙي ڳالهه) گهڻي کان بهتر آهي ۽ ڪلمو پاڪ شريعت، طريقت ۽ حقيقت جو جامع آهي. اهو ٿورو جيڪو پُورائي ڪري ان گهڻي کان ڀلو آهي، جيڪو غفلت ۾ وجهي. مطلب جنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڪم مان قوت گذران هٿ اچي ته ان جو ٻي ڪمائي لاءِ ڪوشش ڪرڻ معرفت واري اصول ۽ سالڪن جي هلت کان ٻاهر نڪرڻ آهي. [16] ڇاڪاڻ ته طالب مقصد تي ڪفايت ڪرڻ کي ئي پسند ڪندا آهن، اهو مقصد ڪيئن به هٿ اچي. سندن نظر ڪم جي پوري ڪرڻ تي هوندي آهي، پوءِ اهو ڪم ڀلي ڏيڍن (ڏونڊ خورن ۽ ٻاليشاهين) هٿان ئي پورو ٿئي.

آئون چوان ٿو ته: هن ڳالهه جي سمجهاڻي ڪتاب جي شروعات ۾ اچي چڪي آهي.

الا يا صاحب السير بواديها

خذ الغايات واحذف مباديها

[اي وادين ۾ سرگردان! تون مقصد وٺ ۽ ابتدائي ڳالهين کي ڇڏي ڏي.]

پوءِ تون پيدا ٿيڻ ۽ ان جي سمجهڻ تي غور ڪر ۽ ان جي صورتن ڏانهن نه ڏس، ڇاڪاڻ ته حقيقت صورت کان ٻيءَ طرح يا ٻاهر آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: شفا (تندرستي) ئي درويشي آهي ۽ درويشي کان سواءِ ٻيو جيڪي آهي سو دل جو مرض (بيماري يعني الله کان غفلت جو ڪارڻ) آهي. درويش ۽ فقير جي عادت اها هئڻ گهرجي ته جيڪو ڪيس ملي سو نه موٽائي ۽ جي نه ملي ته ان لاءِ ضد نه ڪري.

آئون چوان ٿو ته: حقيقي درويشي هيءَ آهي ته دل جو تعلق نعمت عطا ڪندڙ سان قائم هجي، نعمت سان نه هجي. پوءِ جيڪڏهن ظاهري فقيري حقيقي فقيري سان گڏجي وڃي ته اهو پورو ڪمال آهي. ائين 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: رسالت ۽ نبوت هڪ قيد ۽ تعين (پابندي) آهي ۽ فقر وجوب جي مرتبن ۽ قيدن کي ڇڏڻ جو نالو آهي. (انهن) مرتبن ۽ قيدن کي ڇڏڻ کان وڏيڪ ڪابه شيءِ ظاهر ۽ ڳجهي، مشڪل ۽ آسان نه آهي. هن جو لاڳاپو رڳو علم ۽ دل سان آهي.

فهم سخن گرنکند مستمع

قوت طبع از متکلم مجو.

[معنيٰ: جيڪڏهن ٻڌندڙ ۾ سمجهڻ جي طاقت نه آهي ته ڳالهائيندڙ کان طبيعت جي طاقت جي اميد نه رک!]

سلطان الاولياء فرمايو: بُتن بابت قرآن مجيد ۾ جيڪا نفي ڪئي وئي آهي ان مان جيڪڏنهن الله جو اثبات نه ٿيو ته اهو ڇڏڻ يا نفي بُت پرستيءَ وانگر آهي.

آئون چوان ٿو ته: اصول فقہ ۾ آهي ته ظاهري يا باطني عبادت جيڪا خالص الله لاءِ نه آهي ته اها قابلِ ملامت ۽ عذاب واري آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: [مولوي رومي چوي ٿو]:

صد هزاران كيميا حق آفريد

كيميائي همچو صبر كس نديد

[معنيٰ: الله تعاليٰ لکين ڪيميائون پيدا ڪيون آهن پر صبر جهڙي ڪيميا ڪنهن ڪونه ڏٺي آهي.]

آئون چوان ٿو ته: ڪنهن بزرگ پنهنجي مُريد کي ارشاد ۽ توجه ڏيندي هيءُ بيت پڙهيو:

رو قناعت گزين که در عالم

كيميائي بہ از قناعت نيست.

[معنيٰ: وڃ قناعت کي وڃي اختيار ڪر، چاڪاڻ ته سڄي جهان ۾ قناعت کان وڌيڪ ٻي ڪابه ڪيميا نه آهي.]

عالمن چيو آهي ته الله جي ڏنل ۽ مقدر روزي تي راضي رهڻ ئي قناعت آهي.

حافظ چيو آهي ته:

ما آبروئي فقرو قناعت نمي بريم

با بادشه بگو که روزي مقدر است

[معنيٰ: اسين فقر ۽ قناعت جي عزت کي گهٽ نٿا سمجهون، بادشاه کي چئو ته اسان جو رزق مقرر ٿيل آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: [مولوي رومي چوي ٿو]

گفت گوئي عاشقان درکار رب

جوشش عشق است ني ترک ادب

[معنيٰ: رب تعاليٰ جي ڪمن بابت عاشقن جوسوال جواب عشق جي مستيءَ جي ڪري آهي، اها بي ادبي هرگز نه آهي.]

آئون چوان ٿو ته: هيءَ ڳالھ مشهور آهي ته سلوڪ ڪلام ڪي سمجھڻ لاءِ غور ۽ فڪر ڪرڻ جو نالو آهي ۽ شاگرد ڪي استاد (مُرشد) جي اڳيان خاموش ٿي ويهڻ گھرجي. تنهنڪري مٿيون بيت ٻڌائي ٿو ته جيڪو حال جو صاحب نه آهي، ان کي مُرشد جي اڳيان ماٺ ڪري ويهڻ گهرجي.

ابن فارض چيو آهي ته: [17]

اِدِر ذکر من اهويٰ ولو بَمَلام

فَانّ احاديث الحبيب مدام

[معنيٰ: جنهن سان آئون محبت ڪريان ٿو ان جو ذڪر وري وري ڪر، توڙي جو منهنجي ملامت هجي. ڇاڪاڻ ته دوست جون ڳالهيون شراب وانگر وڻندڙ آهن.]

فلي ذکر ها يحلو عليٰ کل صيغة

وان مزجوه عذلي بخصام

[معنيٰ: مون لاءِ هر ڪنهن طريقي سان ان جي پچار مِٺڙي آهي، جيتوڻيڪ منهنجي دشمن ان ۾ گهڻو ڪجھ ملائي ڇڏيو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: اصلي مقصد عدم ۾ رکيل آهي پر خلق وجود جي ڳولا ۾ آهي ۽ اصلي جنت ذات خداوندي آهي، پوءِ توکي حجاب جا سپئي پردا هٽائڻ گهرجن. جنهن جي هيءَ صورت آهي ته ڪنهن به صفت جو خيال نه ڪر ۽ نڪي انهن جي گُهر ڪر.

هائو، جيڪو“ليليٰ” کي پاڪر ۾ ڪندو ته ان کان ليليٰ جا وار ۽ ننهن ڳجها نه رهندا.

آئون چوان ٿو ته: مٿين مطلب کي هي بيت چٽو ڪري ٿو:

حب تا مطلق نباشد قيد تست

چون شود مطلق دو عالم صيد تست

[معنيٰ: محبت جيستائين مطلق (صفتن کان سواءِ ذات) نه هوندي، تيستائين اها تو لاءِ (وصل آڏو) قيد آهي. جڏهن اها مطلق ٿيندي، پوءِ ٻئي جهان تو لاءِ شڪار آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: شاهد ۽ سفارش ڪندڙ ۾ فرق آهي، چاڪاڻ ته سفارش ڪندڙ گهرندڙ آهي ۽ شاهد جيڪي ڄاڻي ٿو ان جي خبر ڏيندڙ آهي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

حق همي خواهد که توشاهد شوي

غرض را به گذاري وشاهد شوي

[معنيٰ: الله تعاليٰ گُهري ٿو ته تون شاهد (حاضر) ٿيءُ، نفس جي خواهش کي ڇڏي، شاهد (ڏسندڙ) ٿيءُ]

ڪتاب ‘برهان الفقہ’ ۾ آهي ته سفارش ڪندڙ گنهگار کي فرمانبردار سان ملائي ٿو. مطلب ته جيئن فرمانبردار لاءِ ڇوٽڪارو آهي، تيئن گنهگار کي به شفاعت سان ڇوٽڪارو ملندو. هيءَ ڳالهه مخفي نه آهي ته (ٻنهي) فرمانبردار ۽ گنهگار کي ملائڻ وارو ڇڻ ته ٻن مخالفن ۽ ضدن کي ملائي ٿو، ۽ اها ڳالهه اهليت واري لاءِ سَوَلي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: (هيءَ آيت قراءت ڪيائون)

إِنَّمَا يَخْشَى اللَّهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ (28:35:22)

[ترجمو: الله تعاليٰ کي پنهنجي ٻانهن مان رڳو (ظاهر پرست) عالمن کان ئي ڊپ آهي.] انهيءَ ڪري عارفن ظاهري علم کي وڏو حجاب چيو آهي.

آئون چوان ٿو ته: حضرت وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) الله جي مٿس رحمت هجي. هن آيت جي توجيهه غير مشهور قراءت تي فرمائي آهي. يعني ”اللهُ“ کي پيش ۽ ”العلماءَ“ کي زبر ڏنائون. (مشهور قراءت حفص جي آهي جنهن ۾ لفظ ”اللهَ“ کي زبر ۽ ”العلماءُ“ کي پيش آهي.) انهن قرائتن (مشهور ۽ غير مشهور) جو خلاصو هي آهي ته علم سان خوف پيدا ٿئي ٿو يا ان کان خوف ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري اي سالڪ! تون مشهور قراءت مطابق ايمان سان ظُلم (شرڪ) جي ملاوت نه ڪر. ڇاڪاڻ ته قرآن جي نص مطابق امن ۽ ڇوٽڪارو رڳو ان ايمان لاءِ آهي، جنهن ۾ شرڪ نه هجي. حديث شريف ۾ ائين آيو آهي. ’سيوطي‘ جي تفسير ’در منثور‘ ۾ آهي ته الله تعاليٰ سان شرڪ ڪرڻ جو اهو مطلب آهي ته تون غير الله سان محبت رکين.!

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن ۾ محبت نه آهي، تنهن ۾ ايمان نه آهي. جنهن ۾ تابعداري نه آهي، تنهن جو ذڪر ڪنهن به ڪم جو نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

امر را و نهي را مي بين مدام

ني قبول انديش و ني رد اي غلام

[معنيٰ: اي پٽ! تون سدائين الله جي ’امر ۽ نهي‘ کي ڏس ۽ سدائين تابعداري ڪندو رهه، ڪنهن به ريت قبول پوڻ يا رد ٿيڻ جو خيال نه ڪر!]

امر حق را کي شناسد هر ولي

امر حق را باز جو از واصلي.

[معنيٰ: الله جي امر کي هر ولي ڪونه ٿو سڃاڻي، الله جي حڪم کي’واصل بالله‘ وٽ ڳولا ڪر.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪا شيءِ ڏني ۽ ڇاتي وڃي، سا انڪار جي لائق آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

”آنچه در انديشه نايد آن خدا است“ [18]

[معنيٰ: جيڪا شيءِ سوچ ۾ نه اچي سگهي اهو الله آهي.]

مطلب ته جيترو ’لا‘ جو ڪلمو اُچاريندو، اوترو دل جي صفائي ۾ الاهي ديدار هٿ ايندو. ڇاڪاڻ ته نفي غير الله جي آلودگي کان دل لاءِ صيقل ۽ روات آهي. (انهن آلودگين کي) ڪٽ ۽ قيد چوندا آهن، پوءِ اُهي ذاتي ڇو نه هجن پر تڏهن به اُهي نفيءَ سان ختم ٿي ويندا. ڇاڪاڻ ته جيڪا شيءِ چمڪندي سا پاڇو هوندي ۽ ان جو انڪار ڪجي. ڇو ته طالب جو مقصد پردن ۽ پاڇن جو انڪار ڪرڻ آهي ته جيئن نفي سان وصل کي حاصل

ڪري سگهي. اهو پڙرو وصل (وصل عرياني) صفتن کي ڇڏي (الله جي) ذات تائين پهچڻ آهي ۽ اها ڳالهه ممڪن ۽ حقيقت آهي.

”معشوق من است آنکه نزديک تو زشت است“

[معنيٰ: منهنجو معشوق اها ذات آهي، جيڪو تو وٽ چڱو نه (صفتن کان سواءِ) آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: نفي دل لاءِ صيقل (روات) آهي.

تا بجاروب ‘لا’ نروبي راه
کي رسي در سرائي الا الله.

[معنيٰ: جيستائين تون ‘لاالـٰہ’ جي ٻهاري سان دل کي غير جي غبار کان صاف نه ڪندين، ايستائين‘الا الله’ جي سراءِ ۾ داخل نه ٿي سگهندين.]

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ‘ڪشف المحجوب’ موجب سالڪن وٽ نفي جو مطلب آهي ته معنيٰ جو اثبات ڪجي ۽ دعويٰ جو انڪار ڪجي يا حادث جو انڪار ڪري قديم جو اثبات ڪجي. جيئن مولوي جامي جي ڪتاب ‘سلسلة الذهب’ ۾ آهي ته دعويٰ جو انڪار‘انانيت’ جو انڪار آهي ۽ ڪتاب ‘ڪشف’ ۾ آهي ته ٻانهي جي ‘خودي’ وهمي آهي ۽ الله جي خودي يقيني آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

اين انا حاجب شده از آن انا
آن انا کي کشف گردد بي فنا

[معنيٰ: هيءَ انا (خودي) وهمي آهي، جيڪا قديم لاءِ حجاب

آهي، اها خودي جيڪا الله جي ذات لاءِ آهي، اها انساني خودي فنا کان سواءِ ڪيئن هٿ ايندي؟]

عاشق و معشوق تو هم ذات تو است
و اين برونيها همہ آفات تو است.

[معنيٰ: عاشق ۽ معشوق ٻئي تنهنجي ذات آهي ۽ هي ٻاهريون سڀ شيون تنهنجي لاءِ مصيبتون آهن.]

ڪتاب ’حديقة سنائي‘ ۾ آهي:

حاضر آنگه شوي که در ما ومن
حاضر دل بوي نه حاضر تن

[معنيٰ: تون اتي تڏهن حاضر ٿيندين، جڏهن وصول واري جاءِ ۾ بغير بدن جي، دل سان حاضر ٿيندين]

دين نيابي گرت غم بدن است
زانکه کابين دين طلاق تن است

[معنيٰ: جيڪڏهن توکي بدن جو غم ۽ ڳڻتي آهي ته تون دين کي نه لهي سگهندين، ڇاڪاڻ ته دين جو ڪابينو (حق مهر) بدن کي طلاق ڏيڻ (۽ فنا ڪرڻ ۾) آهي.]

جيئن’صائب‘ چيو آهي:

نيست غير از چار ديوار وجودي آدمي
آنکه هم گنج است هم مارست هم ويرانه

[معنيٰ: انسان چئن عنصرن کان سواءِ ڪجھ به نه آهي، انسان خزانو به آهي ته نانگ به آهي ۽ ويران (جاءِ) به آهي.]

نفي ۽ اثبات جي شرح ۾ ايترو ڪافي آهي. هن بيان جو خلاصو هي آهي ته خدا جي ذات نفي ڪرڻ سان نفي نه ٿيندي ۽ نڪي اثبات سان ثابت ٿيندي. ڇاڪاڻ ته اُتي ذات ۾ نفي ۽ اثبات جي ڪابه تميز نه آهي. جيئن ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي.

هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو بيت آهي:

محال است حکم برذات عزيز

مگر چون بوجهي بگردد تميز

[معنيٰ: اي پيارا ! نفي ۽ اثبات سان ذات خداوندي بابت فيصلو مشڪل آهي، ها اهڙي نموني ٿي سگهي ٿو جو ذات، صفتن کان تميز رکندڙ هجي.]

سلطان الاولياء فرمايو: روح کي ڪا صورت نه آهي، جنهن سان کيس قيد ڪجي. بلڪ سڀ صورتون اٿس، جنهن ۾ چاهي تنهن ۾ ظاهر ٿئي. انهيءَ ڪري قبرن وارن جي نماز جو انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ۽ انڪار جو ڪو سبب به نه آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **مِنْهَا خَلَقْنَاكُمْ وَفِيهَا نُعِيدُكُمْ وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تارة اُخريٰ** (55:20:16)

[ترجمو: انهيءَ زمين مان ئي اوهان کي پيدا ڪيوسين ۽ انهيءَ زمين ۾ ئي مرڻ کان پوءِ اوهان کي موٽائيندا سين ۽ انهيءَ زمين مان ئي اوهان کي ٻيهر ٻاهر ڪيندا سين.]

جيڪڏهن ڪو چوي ته روح بدن کان مجرد آهي ته پوءِ ان تي اهو اعتراض ٿيندو ته انسان کي جڏهن تڪليف پهچندي آهي، تڏهن

انسان جي روح جو بدن سان تعلق نه هجي ها ته ان کي ايذاء ۽ تڪليف نه پهچي ها.

آئون چوان ٿو ته: ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته جڏهن روح بدن کان ڇوٽڪارو لهندو، تڏهن بدن جي تڪليف ان لاءِ لذت ٿيندي.

مولوي رومي چيو آهي:

آنچه عين لطف باشد برعوام

قهر شد بر عشق کيشان کرام

[معنيٰ: جيڪا شيءِ عام مخلوق جي لاء راحت جو سبب آهي، سا برگزيده عاشقن جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي.]

انهيءِ ڳالھ کي چڱيءَ طرح سمجھڻ گهرجي. ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ آهي ته:

پرتوي حق گر نبودي در وجود

آب وگل را کي ملک کردي سجود

[معنيٰ: جيڪڏهن الله تعاليٰ انسان جي وجود ۾ تجلي نه ڪري ها ته خالي پاڻي ۽ مٽيءَ کي ملائڪ ڪيئن سجدو ڪن ها؟]

جان به امر ايزد آمد در وجود[19]

در عبارت پيش زين نتوان نمود

[معنيٰ: روح الله جي حڪم سان وجود ۾ آيو آهي، لکت ۾ ان کان وڌيڪ چئي نه ٿو سگهجي.]

عارفان را حيرت است ازوي بسي

زانکه نشناسد تحقيقش کسي

[معنيٰ: عارفن کي روح کان گهڻي حيرت آهي، ڇاڪاڻ ته روح کي تحقيقي طور تي ڪنهن نه سڃاتو آهي.]

علم و قدرة دارد وسمع بصر

جز بچشم دل نیاید در نظر

[معنيٰ: علم ۽ قدرت، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ روح ۾ رکيل آهن، انهيءَ ڪري روح کي دل جي اکين کان سواءِ ڏسي نه ٿو سگهجي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مخلوقات جو جوهر انسان آهي ۽ انسان جي ڪري جهان روشن آهي پر جهان پاڻ روشن نه آهي.

نه خدا گویمت اي دوست نه حورونه پري

این همه برتو حجاب اند تو چيزِ دگري.

[معنيٰ: اي دوست! توکي خدا نه چوندس ۽ نڪي توکي حور ۽ پري چوندس، اهي سڀئي وصفون تنهنجي آڏو حجاب آهن، تون ته ڪا ٻي شيءِ آهين.]

شيءِ مان مقصد جوهر هوندو آهي ۽ جسم، جوهر سان بيٺل هوندو آهي. انهيءَ ڪري جسم کي به جوهر يا ان کان وڌيڪ نه چئبو، جيئن ڪن اهڙوخيال ڪيو آهي. انسان جي غير کي بقا نه آهي، ڇاڪاڻ ته اهي انسان جون چوليون آهن. باقي ذات مقدسه جوهر ۽ جسم ٻنهي کان پاڪ ۽ ٻاهر آهي، جيڪا انسان جي علم ۽ ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي سگهي. الله پاڪ پاڻ کي پاڻ سڃاڻي ٿو. الله جي ورائيت (ٻاهر) ويجهڙائي جي ڪري آهي، دوريءَ جي ڪري نه آهي. اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهو. ڇاڪاڻ ته دين ۾ آساني آهي، سختي ۽ تنگي نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: مطلق دوستي، مقيد دوستيءَ کان وڌيڪ آسان آهي ۽ مطلق دوستي جو ئي نالو دين آهي.

عارف ابن فارض چيو آهي:

مالي سوي روحي و باذل نفسہ
في حبّ من يهواه ليس بُمسرف

[معنيٰ: مون وٽ منهنجي روح کان سواءِ ٻيو ڪجھ نه آهي، جنهن کي آئون قربان ڪريان ٿو. هن جي محبت جنهن کي آئون چاهيان ٿو اجايو خرچ نه آهي.]

جيڪڏهن تون پڇين ته روح کي خرچ ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ان جي جواب ۾ اسان چئون ٿا ته روح کي خرچ ڪرڻ جو مطلب آهي پنهنجي محبوب کان سواءِ ٻي ڪنهن کي ياد نه ڪرڻ. ڇاڪاڻ ته يادگيري محبت جو نتيجو آهي، پوءِ جنهن ياد ۽ ذڪر کي خرچ ڪيو، تنهن تحقيق پنهنجي روح کي خرچ ڪيو.

الله تعاليٰ فرمايو آهي**:**

وَاذْكُر رَّبَّكَ إِذَا نَسِيتَ (24:18:15)

[ترجمو: جڏهن تون (پاڻ کي) وسارين، تڏهن پنهنجي پالڻهار کي ياد ڪر.]

حافظ چيو آهي:

نيست بر لوح دلم جز الف قامت دوست
چه کنم حرف دگر ياد نداد استادم.

عنيٰ: منهنجي دل جي پٽيءَ تي دوست جي الف يعني سڌي قد
ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ لکيل نه آهي، آئون ڇا ڪريان! منهنجي
ازل واري استاد مون کي ٻيو حرف ياد نه ڪرايو آهي.]

هن تقرير جو خلاصو هي آهي ته غير خدا کان دل کي پري ڪرڻ گهرجي. محدثن جي هِن قول جو مطلب به ساڳيو ئي آهي ته ”**مدار الفضل قصر الامل**“ يعني بزرگيءَ جو دارومدار اُميد کي گهٽ ڪرڻ تي آهي. عارفن جي هِن قول جو به اهو ئي مطلب آهي ته ”**وصول الذات باسقاط الاضافات**“ يعني ذات باري تعاليٰ تائين پهچڻ تڏهن ٿيندو، جڏهن اضافتن ۽ نسبتن کي ڇڏي ڏبو ۽ عالمن جي هِن ٻول جو به اهوئي مطلب آهي ته “**اصل الكرامات تقليل الحاجات**” اصل ڪرامت ضرورتن کي گهٽائڻ تي آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

چشم را اي چاره جو در لامكان [20]

هين بنہ چون چشم كشته سوئي جان

[معنيٰ: اي علاج جا طالب! پنهنجي اکين کي لامڪان ۾ کپاءِ، جيئن (عشق ۾) ڪُنل جي اک ساھ ڏانهن هوندي آهي.]

لامكاني مسكنت هر جا مكن

نزد عارف اين بود حب الوطن

[معنيٰ: تنهنجو ماڳ لامڪان آهي، جيڪو تنهنجو اصلي وطن آهي، عارفن وٽ وطن سان محبت مان اها مراد آهي.]

در زبان الله و در دل گاؤ و خر

اين چنين اذكار كي دارد اثر

[معنيٰ: زبان تي الله جو ذڪر هجي ۽ دل ۾ ڍڳي ۽ گڏهه (دنيا) جو خيال هجي، دل جي حضور کان سواءِ اهڙو ذڪر ڪهڙو فائدو ڏيندو؟]

'اذکرالله' کار هر اوباش نيست

'ارجعي' بر پائي هر قلاش نيست

[معنيٰ: ''الله کي ياد ڪريو'' اهو هر ڪميڻي جو ڪم نه آهي ۽ (ٻي جاءِ تي آهي ته): ''اي نفس ! پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽ !'' اهو به سڀ ڪنهن جو ڪم نه آهي جو ان طرح موٽ کائي.]

از همہ کار جهان پر دا خته

کو وکو ميگو بجان چون فاخته

[معنيٰ: دنيا جي سڀني ڪمن کان الڳ ٿي، ڳيري وانگر ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهي؟ چوندو رهه.]

گر گذاري انتظاري واصلي

انتظار حق نه ممکن اي ولي

[معنيٰ: اي دوست! جڏهن انتظار کي ڇڏيندين ته واصل بالله آهين. الله تعاليٰ جو انتظار ڪجي، غيرالله جو انتظار نه ڪجي.]

از محبت تلخها شيرين شود

از محبت مِسهّا زرين شود

[معنيٰ: محبت ۾ سڀ ڪڙيون شيون به مِٺيون لڳنديون آهن، محبت ۾ ٽامو به سون ٿي پوندو آهي.]

انتظار چيست محبوبت بتو

ليک در بغداد مي خواهي فتو

[معنيٰ: انتظار ڪنهنجو ٿو ڪرين، محبوب تو وٽ آهي. تون بغداد شهر جي ڳولا ڪيئن پيو ڪرين!]

یک سبد نان ترا بر فرق سر

تو همي جوئي لبِ نان دربدر

[معنيٰ: مانين جو پورو کارو تنهنجي مٿي تي آهي، تون وري ٻاهر (در در تي) مانيءَ جو ڀڳپو ڳولي رهيو آهين.]

غير او جوئي ازان بيني حرج

صبر کن الصبر مفتاح الفرج

[معنيٰ: تون غيرالله کي ڳولين ٿو، ان ڪري توکي تڪليف پهچي رهي آهي. صبر ڪر، (ڇو ته) صبر ئي سُک جي ڪنجي آهي.]

گر زصورت بر شويد اي دوستان

جنت است وگلستان در گلستان

[معنيٰ: اي دوست! جيڪڏهن صورت جي قيد کان ٻاهر اچين ته پوءِ رڳو بهشت آهي ۽ باغ ئي باغ آهي.]

اي کمان و تير ها بر ساخته

صيد نزديک تو دور انداخته

[معنيٰ: تو طلب جي تير ۽ ڪمان کي تيار رکيو آهي، شڪار تنهنجي ويجهو موجود آهي، پر تو تير کي پري اُڇلايو آهي.]

آز مودم عقل دور انديشه را

بعد ازان ديوانه خواهم خويش را

[معنيٰ: مون عقل کي گهڻو ئي آزمايو آهي جيڪو ويجهي کي چڏي، پري جو فڪر ڪري ٿو. ان ڪري آئون پاڻ کي چريو بنائڻ گهران ٿو.]

ويسه ورامي تو هم ذات تست

واين برونيها همہ آفات تست

[معنيٰ: ويسئه (عاشق جو نالو) ۽ رامي (معشوق جو نالو) ٻئي تنهنجي ذات جو اولڙو آهن، اُهي سڀئي ٻاهريون شيون تنهنجي لاءِ آفتون آهن.]

دولت تو هم تو باش اي مجتبيٰ

تا نگر دي وقت رحلت بي نوا

[معنيٰ: اي صدورا! تون پنهنجو خزانو پاڻ آهين، متان هتان وڃڻ مهل خالي هٿين وڃين.!]

هن تحقيق مان توهان کي معلوم ٿيو ته محبت ذات سان هجي. تڏهن "محبت" کي دوست رکندڙ ٿيءُ ۽ مخصوص محبوب کي دوست نه رک. مطلب توحيد هِن مطلق محبت کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نه آهي.

"هر کجا مي نگرم روئي ترامي بينم"

[معنيٰ: جيڏانهن ٿو نگاهه ڪريان تيڏانهن تنهنجو جلوو ٿو پسان.]

هن تحقيق جو نالو"**ارشاد العباد الي المراد**" (ٻانهن کي سندن مراد ۽ مطلب جو ڏس ڏيڻ) رکيو وڃي ته بهتر ٿيندو.

سلطان الاولياء فرمايو: (حافظ شيرازي چوي ٿو.)

گوئي توفيقِ سعادت در ميان افگنده اند

کس بميدان رُو نمي آرد سواران را چه شد

[معنيٰ: سعادت کي هٿ ڪرڻ وارو کينهون وچ ۾ اُڇلايو اٿن پر ڪو به طلب واري ميدان ۾ نه ٿو اچي، عاشقن کي الائجي ڇا ٿيو آهي؟]

آئون چوان ٿو ته:

هر گدائي مرد ميدان کي شود

پشئه آخر سليمان کي شود

[معنيٰ: هر ڪو سوالي بادشاه جو ماڻهو ڪيئن ٿيندو؟ جيڪو مڇر آهي، سو سليمان ؑ ڪيئن ٿيندو؟]

پوءِ جيڪڏهن توهان پُڇو ته ميدان جي معنيٰ ڇا آهي؟ ته ان جي جواب ۾ اسين چونداسون ته ميدان جي معنيٰ آهي الله جي يادگيريءَ ۾ ٻنهي جهانن کي وسارڻ. ڪامل ايمان مان به اها ئي مُراد آهي. [21]

جيئن حديث شريف ۾ آهي: **لن يؤمن احدکم حتيٰ يکون الناس عنده کالا باعر**

[ترجمو: اوهان مان ايستائين ڪو به مؤمن نه ٿو ٿئي، جيستائين اُن وٽ ماڻهو اُٺ جي ڦولڙين وانگر بي فائده نه هجن.]

اهو ٻنهي جهانن کي وسارڻ ٻين لفظن ۾ اسلامي جنون آهي، جيڪو حق کي ظاهر ڪرڻ جو سبب آهي. اهڙي جذبي وارو ثورن خواه گهڻن مخالفن جي پرواه نه ڪندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **وَلا يَخَافُونَ لَوْمَةَ لآئِمٍ** (54:5:6)

[ترجمو: ۽ اهي الله ڪارڻ ڪنهن به ملامت ڪندڙ جي ملامت جي پرواھ نه ڪندا آهن.]

ان (حق جي اظهار ڪرڻ) جو نالو ”سنت صديق اڪبر ؓ“ آهي. چاڪاڻ ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه حق ظاهر ڪيو ۽ ماڻهن جي پرواھ نه ڪيائين. جيئن حضور اڪرم ﷺ جي بُرقعي مٿائڻ واري ڏينهن فرمايائين ته:

”امامن ڪان يعبد الله فان الله حيّ لا يموت ومن ڪان يعبد محمّداً فان مُحَمّداً قدمات“

[ترجمو: جيڪو الله جي عبادت ڪري ٿو ته الله سدائين جيئرو آهي ۽ سدائين زندھ رهندو، جيڪو محمّد ﷺ جي عبادت ڪري ٿو، ان کي ڄاڻڻ گهرجي ته محمد ﷺ بُرقعو مٿائي ويا.]

ٻنهي جهانن کي وسارڻ جو ٻيو نالو ”وصل عرياني“ آهي. جنهن جي سمجهاڻي هي آهي ته حقيقي معبود جو ڪنهن مظهر کان سواءِ ظاهر ٿيڻ وصل عرياني آهي، جيڪو صحابين سڳورن کان پوءِ نهايت اڻ لڀ آهي. توڪل جي نشاني هي آهي.

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَعَلَى اللَّهِ فَتَوَكَّلُوا إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ (23:5:6)

[ترجمو: الله تي ئي ڀروسو ڪريو، جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو.]

‘تفسير مدارڪ’ ۾ آهي ته غير الله کان لاڳاپو ٽوڙڻ ۽ ماڻهن جي چاپلوسي ڇڏڻ جو نالو توڪل آهي ۽ توڪل جو شرط آهي ٻانهو نفساني غرض ۽ خيال ڇڏي ڏي.

الله تعاليٰ جي هن فرمان:

وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ فَهُوَ حَسْبُهُ (3:65:28)

[ترجمو:- جيڪو الله تعاليٰ تي توڪل ڪندو ان لاءِ الله ئي ڪافي آهي.]

هن جو تفسير پڻ هن طرح ڪيو ويو آهي ته جيڪو ماڻهو طمع ۽ تدبير ڇڏي پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪندو، تنهن لاءِ الله ٻنهي جهانن ۾ ڪافي آهي. ڪن محققن چيو آهي ته الله کي وڻڻ ۽ مخلوق کان ناتو ٽوڙڻ ئي توڪل آهي. توڪل جي بيان بابت مولوي جامي جي هنن بيتن جي معنيٰ به سمجھ ۾ اچي ٿي:

شيوه فقر و فنا پرده دري ست
کسب اسباب بود پرده گري ست

[معنيٰ: فقر ۽ فنا جي رسم جو مطلب حجاب کي ٽوڙڻ آهي، دنيا جي اسباب کي گڏ ڪرڻ پردو مضبوط ڪرڻ آهي.]

مرد مي همہ را يکسونه
ور نه از فقر و فنا زن توبه

[معنيٰ: مڙسي ڪر، غير جي سڀني پردن کي هٽاءِ، جيڪڏهن تون پردا نٿو هٽائي سگهين ته پوءِ فقيري ۽ فنا کان پڇي پري ٿيءُ!]

داري هوائي ميكده ترک سبب بگو

زاد طريق اهل ارادت توكل است

[معنيٰ: جيڪڏهن شراب خاني جي خواهش رکين ٿو ته سببن کي ڇڏ، ارادتمندن جي واٽ جو سامان الله تي ڀروسو ڪرڻ آهي.]

مولوي رومي جي هنن بيتن جي معنيٰ به (توڪل بابت) ظاهر ٿي پئي:

[ترجمو:- جيڪو الله تعاليٰ تي توڪل ڪندو ان لاءِ الله ئي ڪافي آهي.]

هن جو تفسير پڻ هن طرح ڪيو ويو آهي ته جيڪو ماڻهو طمع ۽ تدبير ڇڏي پنهنجو ڪم الله جي حوالي ڪندو، تنهن لاءِ الله ٻنهي جهانن ۾ ڪافي آهي. ڪن محققن چيو آهي ته الله کي وٺڻ ۽ مخلوق کان ناتو ٽوڙڻ ئي توڪل آهي. توڪل جي بيان بابت مولوي جامي جي هنن بيتن جي معنيٰ به سمجھ ۾ اچي ٿي:

شيوه فقر و فنا پرده دري ست

کسب اسباب بود پرده گري ست

[معنيٰ: فقر ۽ فنا جي رسم جو مطلب حجاب کي ٽوڙڻ آهي، دنيا جي اسباب کي گڏ ڪرڻ پردو مضبوط ڪرڻ آهي.]

مرد مي همہ را يکسونه

ور نه از فقر و فنا زن توبه

[معنيٰ: مڙسي ڪر، غير جي سڀني پردن کي هٽاءِ، جيڪڏهن تون پردا نٿو هٽائي سگهين ته پوءِ فقيري ۽ فنا کان پڇي پري ٿيءُ!]

داري هوائي ميكده ترک سبب بگو
زاد طريق اهل ارادت توکل است

[معنيٰ: جيڪڏهن شراب خاني جي خواهش رکين ٿو ته سببن کي ڇڏ، ارادتمندن جي واٽ جو سامان الله تي ڀروسو ڪرڻ آهي.]

مولوي رومي جي هنن بيتن جي معنيٰ به (توڪل بابت) ظاهر ٿي پئي:

”لو كنت متخذا خليلا غير ربي لا تخذت ابابكر خليلا“

[ترجمو:جيڪڏهن آئون پنهنجي ربّ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي خليل (دوست) ڪري وٺان ها ته ابوبڪرؓ کي بنايان ها.]

آئون چوان ٿو ته: ان ڪري جيڪو صديقي طريقي جي طلب ڪري ته ان جي واٽ ترڪ (سڀ مال ڇڏڻ ۽ خرچ ڪرڻ) آهي. ڪنهن عارف ڪهڙو نه چڱو چيو آهي ته:

”مقادير النفقة موازين المحبة“

[ترجمو: خرچ ڪرڻ جا انداز محبت جون تارازيون آهن.]

شيخ سعدي چيو آهي:

”مجرد رو و خانه بردار باش“

[معنيٰ: لاڳاپن کان سواءِ وڃ ۽ گهر کي خالي ڪر]

هن (ڳالهه جو) خلاصو هي آهي ته مال روح کي وڻندڙ آهي ۽ مال کي الله جي راهه ۾ اهوئي خرچ ڪندو، جيڪو الله جي دوستيءَ ۾ سچو هوندو. ان ڪري جيڪو ايثار ۾ ڪامل هوندو، سوئي سچو آهي. صدقي کي صدقو هن ڪري چيو وڃي ٿو جو صدقي ڪرڻ وارو الله جي سچي محبت جي خبر ڏيئي رهيو آهي. امام غزالي

ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ چيو آهي ته ٽي سئو خصلتون اهڙيون آهن، جي انهن مان ڪا هڪ خصلت به ماڻهو پاڻ ۾ پيدا ڪندو ته اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو. انهن خصلتن مان سڀ کان پهرين سخا آهي ۽ سخا جو مطلب آهي ته دنياوي غرضن کان سواءِ الله جي راهه ۾ مال خرچ ڪرڻ ۾ لذت محسوس ڪرڻ.

مولوي (رومي) چيو آهي:

ترک لذتها وشهوتها سخا است

عروة الوثقيٰ اين ترک هوا است

[معنيٰ: دنيا جي لذتن ۽ خواهشن کي ڇڏڻ سخا آهي، سخا جي مضبوط ڪڙي دنياوي خواهشن کي ڇڏڻ آهي.]

شيخ سعدي چيو آهي:

بايثار مردان سبق برده اند

نه شب زنده داران که دل مرده اند

[معنيٰ: هنن ايثار (سخا) ۾ اڳرائي ڪئي آهي، اهي انهن وانگر ناهن جيڪي رات جو سجاڳ ته آهن پر سندن دل مئل آهي.]

’مڪتوبات احمدي‘ ۾ انهيءَ مضمون جو هي بيت آهي:

شيوه اهلِ کرم ايثار است

هر کراکرم نيست بيمار است

[معنيٰ: سخي مڙسن جي عادت سخا ڪرڻ آهي، جنهن وٽ سخا نه آهي اهو بيمار آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: نڪاح لاءِ پن طبيعتن ۾ هڪجهڙائي هئڻ ضروري آهي.

آئون چوان ٿو ته:

هن ڳالهه جو اصل الله تعاليٰ جو هي فرمان آهي:

وَلا تُؤْمِنُوا إِلا لِمَن تَبِعَ دِينَكُمْ 73:03:03

[ترجمو: اوهين رڳو ان تي ايمان آڻيو (اعتبار ڪريو) جيڪو اوهان جي دين جو پوئلڳ ٿئي.]

حافظ (شيرازي) چيو آهي:

”روح را صحبت نا جنس عذاب است اليم“

[معنيٰ: روح لاءِ نه وڻندڙ ماڻهوءَ جي صحبت دردناڪ عذاب آهي.]

”صائب“ چيو آهي:

من بدوزخ مي روم زاهد اگر در جنت است

دوزخ ارباب معني صحبت بي نسبت است

[معنيٰ: جيڪڏهن زاهد بهشت ۾ آهي ته آئون دوزخ ڏانهن وڃان ٿو، ڇاڪاڻ ته حقيقت وارن وٽناموافق ماڻهوءَ جي صحبت دوزخ برابر آهي.]

فقه جي ڪتابن، جيئن ’جامع الرموز‘ وغيره ۾ آهي ته اخلاق ۽ عادتن جي اختلاف سبب طلاق ڏيڻ مستحب آهي. ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي ته عارفن وٽ مستحب جو ڇڏڻ ڪبيرو گناهه آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو: انسان خيال تي قائم آهي، جي خيال گم ٿيو ته انسان به گم ٿي ويندو. [23]

آئون چوان ٿو ته: طريقت وارو موت خيال کان لنگهي الله سان بيهڻ جو نالو آهي.

حافظ چيو آهي:

من همان روز ز فرهاد طمع به بريدم
که عنان دل شيدا بکف شيرين داد.

[معنيٰ: مون ان ڏينهن فرهاد عاشق کان آسرو لاهي ڇڏيو، جڏهن اُن پنهنجي پريشان دل جي واڳ شيرين جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي.]

سلطان الاولياءَ فرمايو: دنيا جي شين مان نبي ڪريم ﷺ عورت، خوشبوءِ ۽ نماز کي پسند ڪندا هئا.

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي جي هن بيت ۾ ان ڳالھ ڏانهن لطيف اشارو آهي:

جز نماز و بوئي خوش روئي زن
چيست محبوب نبي در اين چمن

[معنيٰ: نماز، خوشبوءِ ۽ سهڻي عورت کان سواءِ، نبيءَ جو محبوب هن دنيا ۾ ٻيو ڇا آهي؟]

سلطان الاولياء فرمايو: عورتون شيطان جون رسيون آهن.

آئون چوان ٿو ته: وڏي مُرشد سائين جو اهو فرمان حديث شريف جا لفظ آهن ۽ سندن اها راءِ هوندي هئي ته، مُبتديءَ (سيکڙاٽ) لاءِ نڪاح ڪرڻ گناھ آهي. ڇاڪاڻ ته هو شادي کان پوءِ گھر ٻار ۽ روزيءَ جي فڪر ۾ مشغول ٿي ربّ کان غافل ٿي ويندو. (بلڪ) ڪن بزرگن جو چوڻ آهي ته مُبتدي لاءِ شادي ڪرڻ وڏو گناھ آهي.

شيخ سعدي چيو آهي:

غم فرزند ونان وجامئه قوت
بازت آرد ز سيرت ملكوت.

[معنيٰ: اولاد، ماني، ڪپڙي ۽ پيٽ جو فڪر توکي ملڪوتي عادتن کان روڪيندو.]

جڏهن پاڻ (حضرت سلطان اولياء قدس سره جن) اهو (مٿيون ارشاد) فرمايائون، تڏهن هڪ بي سمجهه کانئن هي (سوال) پُڇيو ته سائين! اوهان پاڻ چو شادي ڪئي آهي؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته، مون هن لاءِ شادي ڪئي آهي ته جيئن زال منهنجو سامان سنڀالي رکي.

مطلب ته طريقت جو مُبتدي کونري وانگر هوندو آهي ۽ منتهي درياء وانگر آهي. حضرت رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي ته:

”زوجاتي اعوان علي الطاعة“

[ترجمو: منهنجون گهر واريون منهنجي عبادت ڪرڻ تي منهنجي مدد ڪنديون آهن.]

هن ڳالهه جو خلاصو مولوي رومي جو هي بيت آهي:

تا تو نمرودي در آتش مرو
گرتوخواهي اول ابراهيم شو.

[معنيٰ: جيستائين تون نمرود (ڪافروانگر) آهين ته باهه جي ويجهو نه وڃ، جيڪڏهن تون باهه ۾ وڃڻ گهرين ٿو ته اڳ ۾ حضرت ابراهيم وانگر ٿيءُ.]

(حضرت وڏي مُرشد سائين سلطان الاولياء قدس سره) جي قول ۾ رسين جي شيطان ڏانهن نسبت جا ٻه مطلب آهن. پهرين صورت ۾ مطلب هي ٿيندو ته عورتون اهڙيون رسيون آهن جنهن سان ڪامل انسان، شيطان کي بند ڪندا آهن. ٻي صورت ۾ معنيٰ هيءَ ٿيندي ته مُبتدين لاءِ زالون اُهي رسيون آهن جو انهن سان شيطان سيکڙاٿن کي قيد ڪندو آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

چون بي يسکن اليهاش آفريد

کي تواند آدم از حوّا بريد

[معنيٰ: قرآن شريف موجب آدمؑ مان حوّا کي پيدا ڪيوسون ته ان سان آرام وٺي. ان صورت ۾ آدم حوا کان جدائي ڪيئن ڪري سگهندو؟]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يُفَرِّقُونَ بِهِ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهِ (102:02:01)

[ترجمو: اهي جادوگر مرد ۽ سندس زال جي وچ ۾ جدائي وجهن ٿا.]

مطلب ته جُدائي دشمن جي خواهش آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

تا تواني پا منہ اندر فراق

[معنيٰ: جيستائين تون طاقت رکين ته جدائي ۾ پير نه رک.]

جيئن حديث شريف ۾ آهي:

ابغض الاشياءَ عندي الطلاق

[ترجمو: حلال شين مان وڏ ۾ وڏ خراب شيءِ طلاق ئي آهي. مطلب ته جنهن سان جدائي ٿئي ٿي.]

شريعت ۽ طريقت ٻئي هڪ آهن. جيئن ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي. پوءِ جيڪو ماڻهو اها ڳالهه سمجهي وڃي، تنهن کي هتي يا (هن جهڙن) ٻين موقعن تي وڏيڪ تقرير ڪري سمجهائڻ جي ضرورت نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: خوبصورت عورت کي ڏسڻ نظر کي وڌائيندڙ آهي.

آئون چوان ٿو ته: اها ڏسڻ واري ڳالهه اهڙي عورت لاءِ آهي، جيڪا نڪاح جي ڪري حلال آهي. سهڻي زال مان سهڻي ڪعبي جي حقيقت ڏانهن اشارو آهي. ان ڳالهه جي ڪري ڪيترن عارفن ۽ ناقص ماڻهن جون جماعتون ترِڪي ويون.

ڪنهن عارف چيو آهي:

زنان آئينه نور قديم اند [24]

در آن آئينه حق بينا کريم اند

[معنيٰ: عورتون الله جي نور جي سونهن جو جلوه گاهه آهن، چڱا ۽ نيڪ انسان زالن جي آئيني ۾ حق کي ڏسندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: وليءَ لاءِ ولايت کي لڪائڻ واجب آهي پر جيڪڏهن الله تعاليٰ پڌرو ڪري ته ٻي ڳالهه آهي. جيڪو (پاڻ) ولايت کي ظاهر ڪندو سو ناقص آهي. جيئن ڪو چور هجي، اُن چوريءَ جي تربيت نه ورتي هجي ۽ چوري ظاهر ڪري (ائين نه ٿئي). مطلب ته الله جي مُشاهدي کي غيرن کان مخفي ڪر.

آئون چوان ٿو ته: ڪنهن چيو آهي:

أُبکي الشرق والمنزل للحبيب

بالغرب لئلا يعلم الجيران.

[معنيٰ: آئون اوڀر طرف مُنهن ڪري روئان ٿو، جڏهن ته منهنجي دوست جي جاءِ اولهه طرف آهي. هن ڪري ته جيئن پاڙيسرين کي خبر نه پوي ته هن جو محبوب ڪٿي آهي؟]

سلطان الاولياء فرمايو: نقشبندي طريقي کان سواءِ ٻيا سڀ طريقا مٽجي ويندا. ڇو ته اُهي فيض کان خالي ٿي ويندا. جيڪو طريقو فيض نه پُهچائي، سو ميٽيل ڇاڻڻ گهرجي.

سلطان الاولياء فرمايو: دل جي سلامتي اها آهي ته دل ۾ اهڙو ڪو به وسوسو نه اچي، جيڪو دل جي حضور ۽ جمعيت کي نقصان پهچائي پر جيڪو خطرو دل جي حضور کي نقصان نٿو پهچائي اهو مسافر آهي، اهو سرڪش خيال نه آهي پر تون اهڙي مسافر خيال کي به صلح توڙي ڪاوڙ جي حالت ۾ دل ۾ رهڻ نه ڏي. ڇاڪاڻ ته دل ۾ اهڙي خطري جي رهڻ ڪري دل جي بادشاهه لاءِ بغاوت ۽ سرڪشيءَ جو خطرو آهي. نفس جي سلامتي هن ۾ آهي ته رڳو الله جي رضا طلبي ۽ مُئل وانگر هجي.

آئون چوان ٿو ته: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته شريعت ۾ ڪوڙي ڳالهه کي ڪوڙ چئبو آهي پر طريقت ۽ حقيقت ۾ ڪوڙي وسوسي جو نالو ڪوڙ آهي. خطري جي نفي ڪرڻ طريقت آهي ۽ دل مان خطري کي وڃائڻ حقيقت آهي. دين جي مقامات ۾ هر

جاءِ تي طريقت ۽ حقيقت ۾ اهو ئي فرق آهي، جيئن ذڪر ياد ڪرڻ طريقت آهي ۽ ياد ٿيڻ حقيقت آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: خطري ڪي دل ۾ اچڻ کان روڪيندڙ صرف الاهي اسم آهي، جنهن ڏانهن هر شيءِ موٽي ٿي. ڇاڪاڻ ته اها ان سان وابسته آهي، بلڪ ان جو عين آهي.

ڪنهن عارف چيو آهي:

بهر نقشي که مي بيني هويدا

ظهوري هست اسمي را ز اسما

[معنيٰ: جيڪو به نقش تون ظاهر ڏسين ٿو، اهو الله جي نالن مان هڪ جو ظهور آهي.]

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هر خطري لاءِ ڪونه ڪو علمي جواب آهي، اهو صحيح نه آهي. ڇاڪاڻ ته جهڳڙو (سوال جواب ڪرڻ) سرڪش شيطان کي نه هٽائيندو آهي.

حافظ چيو آهي:

من از بيگانگان هرگز ننالم

که بامن هر چه کرد آن آشنا کرد

[معنيٰ: آئون ڌارين جي ڪڏهن به گلا نه ٿو ڪريان، ڇاڪاڻ ته مون سان جيڪي ڪجهه ڪيو سو دوست ئي ڪيو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڳالهه ڪن ٿا ته (حضرت خواجه) بايزيد بُسطامي هڪ ماڻهوءَ جي کوپري ڏٺي، جنهن جي پيشانيءَ تي هي لفظ لکيل هئا:

خَسِرَ الدُّنْيَا وَالآخِرَةَ (11:22:17)

[ترجمو: هن جي دنيا توڙي آخرت برباد ٿي وئي.]
اهي لفظ ٻُڌي سندس خادم چيو ته ڇا اها ڪافر جي ڪوپري آهي، جنهن جا ٻئي جهان خراب ٿيا؟ (اهو ٻڌي خواجه) بايزيد وراڻيو ته ائين نه آهي، بلڪ هيءُ هڪ صوفيءَ جو مٿو آهي، جنهن ٻنهي جهانن کي جهان جي مالڪ (الله تعاليٰ) لاءِ ڇڏي ڏنو.
آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي:
”مَن كَانَ لِلہِ كَانَ اللہِ لَہ“
[ترجمو: جيڪو الله جو ٿيندو ته الله به ان جوئي ٿي ويندو.] [25]
سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن فقير کي ”حق“ سڏيو وڃي، جيئن (حسين بن) منصور پاڻ لاءِ (انا الحق) چيو هو ته ان جا ٻه مطلب آهن. هڪ ته جيڪڏهن سندس اهو ارادو آهي ته آئون ڪجهه نه آهيان رڳو الله جي ذات آهي ته اها ڳالهه صحيح آهي. ڇاڪاڻ ته ممڪنات جي حقيقت پنهنجي ذات جي ڪري ڪجهه به نه آهي. ممڪنات کي ڏسڻ آسمان ۽ زمين جي نور سان آهي پر جي ائين نٿو سمجهي ته سندس اهو چوڻ دُرست نه آهي. ڇاڪاڻ ته الله کان سواءِ ٻي شيءِ جو وجود ائين آهي، جيئن اڳيان ڏيڊي گهر يا مسجد جي بيڪار هوندي آهي، تيئن مخلوقات جو وجود الله جي هستيءَ اڳيان ڪجهه به نه آهي. پوءِ جنهن اهڙو ارادو ڪيو ته اها سندس غلطي آهي.
آئون چوان ٿو ته: ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ به ائين آهي ۽ ان مڪتوبات ۾ (سالڪن جي) هن سخن:
”اِذَا تَمَّ الفَقْرَ فَهُوَاللہُ“

[يعني جڏهن فقر پچاڻيءَ تي پهچي ته پوءِ اتي الله آهي]

جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي ته فقير ڪجهه به نه آهي، موجود رڳو الله جي ذات ئي آهي.

هن تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿي ته ممڪن جو وجود رڳو الله جي نور سان آهي. مٿيون بحث هن ڳالهه لاءِ ڪافي آهي ته نفس جو سڃاڻڻ ربّ جي معرفت لاءِ آهي. هن شعر جي چوندڙ (قصيده برده جي مصنف) کي الله نيڪي عطا ڪري، جنهن ڪهڙو نه سهڻو شعر چيو آهي:

”ان لہ من قلبہ نسبة مبرورة القسم“

[معنيٰ: بيشڪ ڪامل انسان کي پنهنجي دل سان هڪ نسبت آهي ۽ اها الاهي تقسيم کي قبول ڪندڙ آهي.]

جمله اکوان چو ماه با ما هي

ما محمد رسول ره و راهي

[معنيٰ: سڄي ڪائنات ۾ چنڊ کان وٺي مڇيءَ (ڌرتي جنهن تي بيٺل آهي) تائين، محمّد رسول الله ﷺ ئي اسان جو رهبر ۽ رهنما آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن به محڪوم کي حق نه آهي ته حاڪم وارو ڪم پاڻ ڪري، ڇاڪاڻ ته ان ۾ فتنو آهي. جيئن ڪو ماڻهو حاڪم جي موڪل کان سواءِ (زنا ۽ قتل جي) حد جاري ڪري يا ذمين تي سختي ڪري جنهن جي ڪيس حاڪم جي طرفان اهڙي موڪل نه هجي.

آئون چوان ٿو ته: جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

وَمَن لَّمْ يَحْكُم بِمَا أَنزَلَ اللَّهُ فَأُولَـٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ (45:05:06)

[ترجمو: جيڪو الله جي نازل ڪيل ڪتاب موجب فيصلو نه ڪندو ته اهي ئي ماڻهو ظالم آهن.]

تنهن ڪري پانهي تي بندگي لازم آهي.

بندگي کن ترا بحکم چه کار

[معنيٰ: تون بندگي ڪر، توکي حڪومت هلائڻ سان ڪهڙو ڪم؟]

امام غزالي جي ڪتاب ‘اربعين’ ۾ آهي ته ڪنهن کي نصيحت ڪرڻ ۽ حق ڏانهن سڏڻ رڳو انهيءَ زاهد لاءِ جائز آهي، جيڪو ڪليل دل جو مالڪ هجي ۽ جنهن ڪان پنهنجي زماني ۾ علم شريعت جو پيو وڏو چاڙهو نه هجي.

اها ڳالهه مخفي نه رهي ته جيڪو پنهنجي وقت جي امام کان مجاز آهي، سو انهن شرطن جو محتاج نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: سڀ کان بهترين واٺ رابطو (مرشد کي دل ۾ ياد رکڻ) آهي. اهو هن ڪري بهتر آهي، چاڪاڻ ته الله جي چونديل پانهي جي صورت جو دل ۾ خيال ڪرڻ ئي ذات خداونديءَ جي خيال جو عين آهي. مطلب ته جيڪو جنهن کي به معنيٰ لاءِ ذريعو بنائيندو ته اها معنيٰ ان کي حاصل ٿيندي.

چو ته حديث شريف ۾ آهي: **لِكُلِّ امرِيءٍ مَا نَوّيٰ**

[ترجمو: هر ماڻهو کي اها ئي شيءِ ملندي آهي، جنهن جي هو نيت ڪري ٿو.]

جيئن هڪ عجمي ماڻهو عربي ٻوليءَ ۾ گار جو لفظ ٻُڌي سمجهي ٿو ته اهو قرآن آهي، تنهن ڪي نيت جي درستيءَ جي ڪري قرآن پاڪ جي حقيقت کُلي پوندي.

سلطان الاولياء فرمايو: هيءُ (مشائخن) جو قول آهي ته مُنتهي کي علم نه هوندو آهي، ان جو مطلب آهي ته مُنتهي کي تفصيلي علم نه هوندو آهي. باقي مُجمل علم ضرور هوندو اٿس، جيڪو تفصيلي علم کان گهڻو افضل آهي پر ٻنهي علمن جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن علم نجوم جو مطالعو ڪيو ۽ پوءِ چيائين ته ”سبحان الله“ (الله لاءِ تعريف آهي) آئون هن علم ذريعي انهن شين تي واقف ٿيس، جيڪي آسمان ۾ آهن ته اهو شخص بيوقوف آهي. چاڪاڻ ته علم اهو آهي، جنهن کي دل سان چکجي. ”من لم يذق لم يدر“ يعني جنهن دل سان نه چکيو اُن نه ڄاتو.

سلطان الاولياء فرمايو: فقير جي پيٽ ۾ مال رکڻ (يعني فقيرن تي خرچ ڪرڻ) مال کي ڪاڇي وڃڻ (خراب ٿيڻ) کان بچائڻ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: دل جي نفرت خوفناڪ آهي. چاڪاڻ ته جڏهن دل نفرت ڪندي آهي ته پوءِ وري موٽي الائي نه موٽي.

آئون چوان ٿو ته: دل جي نفرت جو مطلب دل جي قلبي ايمان کان مخالفت آهي.

چاڪاڻ ته ايمان رڳو حق جو حڪم ڪندو آهي، پوءِ جنهن دل جي نافرماني ڪئي، تنهن پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪئي. [26]

حديث شريف ۾ آهي ته:

الدين النصيحة و واعظ الله في قلب كل مومن و المؤمنة من يحب لاخيہ ما يحب لنفسہ

[ترجمو: دين خيرخواهي جو نالو آهي. الله جي نصيحت هر مومن جي دل ۾ موجود آهي. مومن اهو آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ لاءِ اُها ئي شيءِ پسند ڪري، جيڪا پاڻ لاءِ پسند ڪري ٿو.]

مولوي رومي چيو آهي:

هيچ قلبي پيش حق مردود نيست

[معنيٰ: ڪابه دل الله وٽ رد ٿيل نه آهي.]

فقهه جي ڪتابن ۾ آهي ته عاقل بالغ تي ڪابه بندش نه آهي. ڇاڪاڻ ته ان وقت سندس نظر ۽ سوچ ٺيڪ هوندي آهي پر جيڪو بي وارث آهي، بادشاهه ان جو وارث آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **وَفِيكُمْ رَسُولُهُ** (101:3:4)

(ترجمو: ۽ اوهان ۾ الله جو رسول به آهي)

۽ ٻي جاءِ تي ارشاد آهي:

النَّبِيُّ أَوْلَىٰ بِالْمُؤْمِنِينَ مِنْ أَنفُسِهِمْ (6:33:21)

(ترجمو: نبي ڪريم ﷺ مؤمنن تي سندن جانين کان به وڌيڪ حق رکي ٿو.)

'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته هر ٻانهي لاءِ هڪ حقيقت آهي، جيڪا ''حقيقت الحقائق'' (الله) سان ڳنڍيل آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: هر ڳالهه ۾ الله تعاليٰ تي توڪل ۽ ڀروسو ڪريو، (توڙي جو) قرض ادا ڪرڻ يا ڪي ٻيا خرچ هجن.

چاڪاڻ ته قرآن پاڪ ۾ توڪل واريون سڀ آيتون مطلق آهن، ڪنهن به قيد سان مقيد نه آهن.

آئون چوان ٿو ته: سيني ڪمن ۾ توڪل ڪرڻ بابت عقلي دليل هي آهي ته قرضن جي ادائگي ۽ ٻيا خرچ دنيا جي ضرورتن مان آهن، جيڪو ماڻهو پنهنجا سيئي ڪم الله جي حوالي ڪري، سو ئي توڪل وارو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: پاڻيءَ ۾ مئل مڇي جنهن جو پيٽ مٿي هجي هن ڪري حرام آهي جو مڇيءَ جو حلال ٿيڻ ڪنهن معلوم سبب جي ڪري هجي.

آئون چوان ٿو ته: ڪنهن سبب کان سواءِ مرڻ ٻڌائي ٿو ته اها گندي ۽ خراب جاءِ آهي ۽ اها قرب ۽ محبت کان ٻاهر آهي.

حديث شريف ۾ آهي: **ان الله لايقبل الا طيباً**

[ترجمو: الله تعاليٰ پاڪ شيءِ کي قبول ڪندو آهي.]

روح الله جي صفتن سان مانوس آهي چاڪاڻ ته اهو روح الله جي ”امر“ سان پيدا ٿيو آهي، شيطان وانگر الله جي ”نهي“ مان پيدا ڪونه ٿيو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: طالب جو کاڌو اهو آهي، جيڪو فقط سندس بک واري ضرورت کي پورو ڪري.

آئون چوان ٿو ته: وڏي مرشد سائين اهو تڏهن فرمايو جڏهن مون کانئن سوال ڪيو ته ڇا کائجي؟ ۽ فقه جي ڪتابن ۾ آهي ته ضرورت کاڌي جي مباح هجڻ جو دليل آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪي به اذڪار ۽ عبادتون آهن، انهن لاءِ مقرر وقت، موسم ۽ خاص حالت هوندي آهي، جيئن تشهّد جي حالت ۾ فاتحہ پڙهڻ دُرست نہ آهي. حالانڪ فاتحہ ته فضيلت جي ڪري 'اُمّ الڪتاب' آهي. عبادت ۽ ذڪر جو وقت مقرر ڪرڻ مُبتدي لاءِ هوندو آهي. چاڪاڻ ته اهو ''ابن الوقت'' (وقت جو پُٽ) آهي، باقي مُنتهي ''ابو الوقت'' (وقت جو پيءُ) ۽ حاڪم آهي. تنهن کي اختيار آهي (اهو وقت جو پابند نه آهي).

سلطان الاولياء فرمايو: ارادو مُريد جي وصف آهي، مُرشد جي نه آهي. ان ڪري مُريد مُرشد جي رد ڪرڻ سان رد نه ٿيندو، جيستائين مُريد پاڻ ارادي کي ختم نه نڪري.

آئون چوان ٿو ته: ان ڳالهہ جو شاهد حضرت ڪعب ؓ جو واقعو آهي. جنهن وقت حضور اڪرم ﷺ ان کي غزوه تبوڪ ۾ حاضر نه ٿيڻ (واري قصور) ڪري پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو هو ۽ اصحابن سڳورن کي به ان سان سلام ۽ ڪلام ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. ان وقت حضرت ڪعبؓ هن مضمون وارو عربيءَ ۾ بيت پڙهندو رهيو:

گر وصال تو نباشد بفراق تو خوشم

هم فراق تو مرا به ز وصال دگران

[معنيٰ: جيڪڏهن تنهنجو وصال هٿ نٿو اچي ته آئون تنهنجي فراق ۾ به خوش آهيان. تنهنجو فراق مون کي ٻين جي وصال کان ڀلو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: طريقت جي تعليم اهڙي ماڻهوءَ کي ڏجي، جيڪو مُرشد جي اڳيان ان بيمار وانگر هجي، جيڪو طبيب جو محتاج هوندو آهي ۽ پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

آب کم جو تشنگي آوربدست

تا بجوشد آب از بالا و پست

[معنيٰ: (وصل جي) پاڻيءَ جي گهُر گهٽ ڪر، طلب جي اُڃ کي وڌاءِ ته جيئن اهو پاڻي هرطرف هيٺ مٿي کان جوش کائي.]

لذت از جوع است ني از نانها

وصل از شوق است ني از برهانها

[معنيٰ: لذت بُک ۾ رکيل آهي، مانيءَ ۾ نه آهي. (مقصد کي) پهچڻ عشق جي ڪري ممڪن آهي، ٻي ڪنهن ڳالهه جي ڪري نه آهي.]

تانگريد کودکي حلويٰ فروش

بحر بخشايش کجا آيد بجوش[27]

[معنيٰ: جيستائين حلوو وڪڻندڙ ڇوڪرو نه روئيندو، تيستائين هن (احمد خضرويه) جي بخشش جو درياء ڪيئن جوش کائيندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: چاڻي وٺ ته توهان سپاڻي ڪونه هوندا ۽ نڪي اوهان جا دنياوي اسباب هوندا. جيڪڏهن دنيا جون نعمتون ڪنهن سان باقي رهن ها ته انهن کي ڇڏي رسول الله ﷺ رحلت نه فرمائين ها.

لو كانت الدنيا دام نعيمها

لكان رسول الله فيها مخلدا

[معنيٰ: جيڪڏهن دنيا جون نعمتون هميشہ رهن ها ته رسول الله ﷺ هميشہ دنيا ۾ رهي ها.]

* جيڪو ماڻهو دنيا ۾ هڪ ڏينهن جيترو رهيو ۽ ترقي نه ڪيائين، سو نقصان ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: تنهنجي لاءِ خالي بدن آهي، پوءِ تون بدن جي سُک ۽ ان کي نقصان پهچائڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪر!

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

عَلَيْكُمْ أَنفُسَكُمْ (105:05:07)

[ترجمو: پنهنجي نفسن کي سنڀال ۾ رکو!]

ايمان جي طلب به رڳو نفس جي اطمينان لاءِ آهي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي: **ان نفسک مطيئتک فارفق بها**

[ترجمو: بيشڪ تنهنجو نفس تو لاءِ سواري آهي، پوءِ تون ان سان نرمي ڪر!]

نرميءَ جو مطلب نفس کي بکيو رکڻ يا تڪليف پهچائڻ نه آهي. نظر جي روشني وڌائڻ ۽ پنبڙين جا وار ڦُٽائڻ لاءِ اثمد (ڪاري) سرمي جي پائڻ جو حڪم آهي ۽ پاڻي هڪ ساهيءَ ۾ نه پيئجي، پر ٽي ساهيون ڪري پيئڻ گهرجي. چاڪاڻ ته ان طريقي سان طبيعت ۾ خوشگواري ايندي. اهي سڀ ڳالهيون بدن جي تندرستي لاءِ آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ماڻھو پنھنجي طبيعت کان واقف ھوندو آھي، اھو طبيب جي فقط ان وقت تابعداري ڪندو آھي، جڏھن طبيب جو فڪر سندس سوچ جي موافق ھوندو آھي.

آئون چوان ٿو ته: جنھن بيماري ۾ وڏي مُرشد سائين ھن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، ان بيماريءَ ۾ طبيبن جي علاج کي قبول نه ڪرڻ جو اھو ئي سبب ھو. تنھن ڪري پاڻ دوا کي قبول نه ڪيائون، نه ته پاڻ طب کي مڃيندا ھئا. ڪڏھن ڪڏھن پنھنجو ۽ ٻين جو علاج به ڪندا ھئا، پنھنجو علاج جعفر سان ڪندا ھئا. پاڻ علاج جا منڪر نه ھئا، جيئن ڪن ماڻھن جو خيال آھي. مون (گرھوڙيءَ) صاحبزادي ميان گل محمد زاده الله علماً وحلماً (الله سندن علم ۽ حلم کي وڌائي) کان ٻُڌو جن ڏٺو ته پاڻ جعفر سان ماني کائي رھيا ھئا. جعفر ڪُٺي ماکيءَ ۾ ملايائون. اھا دوا پاڻ لقوه (جي مرض) لاءِ کائيندا ھئا، جيڪا بيماري کين ٿي ھئي.

سلطان الاولياء فرمايو: علامت (نشاني) جنھن لاءِ ھوندي آھي، ان جو غير ھوندي آھي.

آئون چوان ٿو ته: انھيءَ ڪري مولوي رومي چيو آھي:

اي بسا ابليس آدم روئي ھست

[معنيٰ:گھڻا ماڻھو شيطان جي صفت، پر ماڻھوءَ جي شڪل ۾ ھوندا آھن.]

مطلب ته سندن ظاھري علامت اندر جي علامت سان موافق نه ھوندي آھي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪامل جي وصف اها آهي ته اهو حقيقي بادشاهه جي سواري هوندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: غير ڪامل جي وصف اها آهي ته جيڪو نيڪيءَ جو طالب هوندو، سو بادشاهه جو گهوڙو هوندو، جيڪڏهن بُڇڙائيءَ جو طالب هوندو ته اهو شيطان جي سواري هوندو.

حيف بود آدم صورت ترا

معنيٰ شيطان شده همدم ترا

[معنيٰ: توکي حيف هجي جو تنهنجي صورت ته آدم واري آهي پر حقيقت ۾ شيطان تنهنجو هم نشين ۽ ساٿي آهي .]

مولوي رومي چوي ٿو:

گر بصورت آدمي انسان بُدي

احمّد و بوجهل خود يکسان بُدي

[معنيٰ: جيڪڏهن ظاهري صورت جي ڪري هر ماڻهو انسان هجي ها ته حضرت احمّد ﷺ ۽ ابوجهل به هڪ جهڙا هجن ها.]

هيءَ ڳالهه ڳجهي نه آهي ته سرڪش گهوڙي کي بادشاهه جي سواريءَ لاءِ رياضت ڪرائبي آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **فَإِن تَابُوا وَأَقَامُوا الصَّلاةَ وَآتَوُا الزَّكَاةَ فَخَلُّوا سَبِيلَهُمْ** (05:09:10)ْ (05:09:10)

[ترجمو: جيڪڏهن اهي توبه تائب ٿين ۽ نماز کي قائم ڪن ۽ زڪاة ڏين ته پوءِ سندن رستو خالي ڪريو.]

چاڪاڻ ته فرمانبردار سان نرمي ڪئي ويندي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ماڻهو ڪم تي اڳتي وڌڻ مهل طبيعت جي موافقت نه ٿو ڏسي ته اهو گهٽو ڪري پشيماني ڏسندو. [28]

سلطان الاولياء فرمايو: سڀ کان بهتر اها شئي آهي، جيڪا اعتدال کي ويجهي هجي. تنهن ڪري پير جي وڻ کي سڀني وڻن جو سردار سڏيو ويو آهي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي ته: **خير الامور اوسطها** [ترجمو: سڀني ڪمن کان بهتر وچٿرو ڪم آهي.]

۽ عارفن چيو آهي ته دل جو صاحب اهو آهي جيڪو مَلڪي ۽ بهيمي ٻنهي (صفتن) جي وچ تي هلندو هجي. جنهن جي ڪسوٽي شريعت جا احڪام آهن. چاڪاڻ ته اهي ٻنهي (ملڪي ۽ حيواني) صفتن کي ملائيندڙ آهن.

(انهيءَ باري ۾) هن مسڪين (گرهوڙيءَ) جو هي بيت آهي:

راه ما چيست راه مسنوني

رابطه چون برائي بيچوني

[معنيٰ: اسان جو رستو پيغمبر ﷺ جي سنت ۽ طريقو آهي ۽ اهو بيچون خدا سان رابطو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مومن ڪشادي گهر کي پسند ڪندو آهي پر منافق ان جي ابتڙ آهي. هو ڪشادي گهر يعني وسعتِ قلبي کي دوست نه رکندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي ته: **المؤمن حلو يحب الحلو**

[ترجمو: مومن منو آهي ۽ مٺي شيءِ کي پسند ڪري ٿو.]

مولوي رومي چيو آهي:

انبياء را تنگ آمد اين جهان

چون شهان رفتند اندر لامکان

[معنيٰ: نبين لاءِ هي جهان تنگ يعني سوڙهو آهي، تنهنڪري هو بادشاهن وانگر لامڪان ۾ هليا ويا.]

سلطان الاولياء فرمايو: طاقت وارو جيڪا شيءِ کڻي سگهندو آهي، سا ڪمزور نه ٿو کڻي سگهي. تنهن ڪري ڪمزور کي مرشد جي صحبت مان جلد فائدو نه پهچندو آهي ۽ طاقتورکي جلدي فائدوحاصل ٿيندو آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته:

: **اَلمُؤمِنُ القَوِيُّ يحِبُ اِلي اللهِ مِّنَ الضَّعِيفِ**

[ترجمو: طاقتور مومن الله کي ڪمزور مومن کان وڌيڪ پيارو آهي.]

موسيٰ زهوش رفت بيک پر تو صفات

تو عين ذات مي نگري در تبسمي

[معنيٰ: حضرت موسيٰ ً هڪ صفاتي تجلي کان بيهوش ٿي ويو، اي پيغمبر ﷺ!) تون عين ذات (الله) کي خوشيءَ وچان ڏسي رهيو آهين.]

سلطان الاولياء فرمايو: عارف ڪابه اهڙي ڳالھ نه چوندو آهي، جيڪا اڳئين دين جي خلاف هجي پر هن جو عمل گهڻو ڪري عادت جي خلاف هوندو آهي ۽ اهو عارف ماڻهن جي مخالفت ۾ ”رند“ هوندو آهي پر بيوقوف نه هوندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ (46:05:06)

[ترجمو: (حضرت عيسيٰؑ) ان کي سچو ڄاڻندڙ هو جيڪو (حضرت موسيٰؑ جو ڪتاب تورات) وٽس موجود هو]

ڪتاب 'طبقات شعرانيه' ۾ آهي ته ولي ڪا نئين شريعت نه آڻيندو آهي، پر نئين سمجھ آڻيندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن ڪو اسلام ۾ اچي ويو پر هن جو ارادو ڪونه هو ته (پوءِ) جنهن هن کي اسلام ۾ آندو ان تي ڪھڙو ڏوھ؟

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَلَهُ أَسْلَمَ مَن فِي السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا (83:03:03)

[ترجمو: الله لاءِ انهن اسلام آندو، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سڀ دل جي خوشيءَ سان يا نا خوشيءَ سان سندس حڪم هيٺ آهن.]

حديث شريف ۾ آهي: **الحرب خدعة**

[ترجمو: جنگ هڪ چال بازي آهي.]

۽ ٻي حديث شريف ۾ آهي: **المؤمن من يحب لاخيه ما يحب لنفسه**

[مؤمن اهو آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ لاءِ به اها ئي شيءِ پسند ڪري، جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.]

اهي سڀ دليل"**لااِڪرَاهَ**" (زور نه پرڻ) لاءِ آهن. ڇاڪاڻ ته دين ۾ زبردستي نه آهي. هدايت ۽ گمراهي واضح ٿي چڪي آهي، پوءِ سمجھ ڪر.

اذا لمرءُ كانت لہ فکرة

ففي كل شيءِ لہ عبرة

[معنيٰ: جيڪڏهن ماڻهوءَ کي سوچ سمجهه آهي ته هر شيءِ ۾ ان لاءِ عبرت موجود آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن پاڻيءَ جي مند گذري ويندي، (تڏهن) سگهوئي زمين سُڪي پٽ ٿي ويندي، ان ڪري تون اڄ ئي درياهه ڏانهن موٽ ڪاءُ![29]

سلطان الاولياء فرمايو: حنفي ۽ غير حنفيءَ کي گهرجي ته حديث ۽ فقهه کي جمع ڪري ۽ ٻنهي تي عمل ڪري ته جيئن ظاهر حديث ۽ باطن حديث تي عمل ڪرڻ سان ڪاميابي ماڻي.

سلطان الاولياء فرمايو: طلب لاءِ ٽن شين جو هجڻ ضروري آهي،

- هڪ محبت،
- ٻيو مُريد جو پاڻ کي مُرشد جي حوالي ڪرڻ،
- ۽ ٽيون مُرشد جي مريد تي نظر ڪرڻ.

سلطان الاولياء فرمايو: عالمن کي پاڻ ۾ اختلاف نه رکڻ گهرجي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي:

انما هلک من قبلکم باختلافهم عليٰ انبيائهم

[ترجمو: اوهان کان اڳيان ماڻهو هن ڪري هلاڪ ٿيا جو انهن پنهنجن پيغمبرن جي مخالفت ڪئي.]

حق تي هوندي به جنهن پنهنجي مراد کي ڇڏيو، تنهن لاءِ جنت ۾ مٿاهون گهر بنايو ويندو.

سلطان الاولياء فرمايو: (حديث قدسي ۾ آهي ته) الله تعاليٰ فرمايو:
عندي شراب لاوليائي اذا شربوا سكروا واذا سكروا طربوا فطلبوا فوجدوا فاتصلوا فلا فرق بيني و بينهم

[ترجمو: مون وٽ منهنجي دوستن لاءِ اهڙو شراب آهي، جڏهن ان کي پيئندا ته بيهوش ٿي ويندا. جڏهن بيهوش ٿيندا، تڏهن خوش ٿيندا. پوءِ جيڪي گهُرندا سو کين ملندو ۽ پوءِ مون سان ملي ويندا، تڏهن منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪا جدائي نه رهندي.]

مطلب ته مهربان ساقي کان جيڪو گهريو وڃي ٿو، سو اهو ئي شراب آهي، جنهن سان پراڻين هڏين کي جياريو ويندو. ان شراب کي عارفن جهڙوڪ حافظ وغيره جي ڪلام ۾ فاني شراب ڪوٺيو ويو آهي. مذهبي مشربن جي عام کي خبر نه آهي ته سندن ڪلام ۾ آيل شراب مان مراد اها ئي آهي، انهن عارفن جي علم کي بصيرت جي نگاهه سان نه ڏٺو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: "اذا تم الفقر فهوالله"

يعني: جڏهن فقر پورو ٿيندو، تڏهن ئي الله حاصل ٿيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: اها ئي حقيقي معبود جي تعريف آهي.

حافظ چيو آهي:

بنده پير خرا باتم که درويشان او
گنج را از بي نيازي خاک برسرمي کنند

[معنيٰ: آئون اهڙي ميخاني جي مالڪ (فاني في الله) جو مريد آهيان، جنهن جا فقير بي نيازي جي ڪري دنيا جي خزاني جي مٽان ڌوڙ وجهندا آهن.]

عارفن چيو آهي ته مرد اهو آهي جنهن جي رکيل شيءِ گم ٿي وڃي ته ڏک نه ڪري. اهو مرد نه آهي، جيڪو جڏهن گهري ته ان کي اها شيءِ ملي، حالانڪ ان اها شيءِ نه رکي هئي. 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته دنيا جي شين جي محبت جو تنهنجي دل مان نڪري وڃڻ ئي اصل مقصود آهي ۽ انهن شين جي چاڻ جو وڃائڻ. انهن شين جي محبت وڃائڻ جو ذريعو آهي. پوءِ جيڪڏهن پهرين شيءِ (دنيا جي شين جي محبت جو گم ٿيڻ) ٻي شيءِ کان سواءِ حاصل ٿئي ته اهو صحابين سڳورن جو طريقو آهي. چاڪاڻ ته انهن نبي ڪريمﷺ جي صحبت جي برڪت سبب اصل سان لاڳاپو رکيو، جيتوڻيڪ کين شين جي چاڻ پڻ هئي. هن ڳالهه جو خلاصو الله تعاليٰ جو هيءُ فرمان آهي:

اللَّهُ الْغَنِيُّ وَأَنتُمُ الْفُقَرَاءُ (38:47:26)

[ترجمو: الله تعاليٰ سڀ کان بي نياز آهي ۽ اوهين ئي (ان جا) محتاج آهيو.]

پر جڏهن ٻانهي کان شين جي محتاجي هلي ويندي، تڏهن اهو بي پرواهي کي پهچندو ۽ ٻانهي جي فقر جو گم ٿيڻ ئي الله بي نياز کي پهچڻ آهي.

انهيءَ ڪري مولوي رومي چيو آهي:

اذا نـفيت الاشياء فهو الله

ومن لم ينف الاشياء بالکل لم يعرف الله

[معنيٰ: جڏهن تون شين جي نفي ڪندين ته اهو الله آهي ۽ جنهن شين جي نفي نه ڪئي تنهن الله کي نه سڃاتو.]

هن مسڪين (گرهوڙي) هن مطلب جي وضاحت ۾ چيو ته:

اذا حصل الفراغ فهو الله

[يعني: جڏهن (دل کي شين جي محبت کان) فراغت ملي ته اهو الله آهي.][30]

معلوم هجڻ گهرجي ته شين مان هتي مراد ڇاتل سُڃاتل شين کان پالهو ٿيڻ آهي. جيئن زمين يا آسمان يا عرش يا لوح يا قلم يا جنّ يا ملڪ يا بهشت يا دوزخ يا حورون يا قصور (ماڙيون) يا انسان يا شيطان. اها فراغت هن طرح آهي جو دل کي انهن سڀني شين سان ڪو به لاڳاپو نه رهي يا انهن مان ڪنهن سان به ڪو واسطو نه رهي، اهو طريقت جو موت آهي، جنهن جو ٻيو نالو''نفي ڪُلي'' آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

در نوا آرم بنفي اين ساز را

چون بميرم مرگ گويد راز را

[معنيٰ: هن ساز کي نفي سان آواز ۾ آڻيان، (ته جيئن) جڏهن آئون مران، تڏهن فنا وحدت جو راز آلاپي.]

تا نميري نيست جان کندن تمام

بي کمال نرد بان نيائي ببام

[معنيٰ: جيستائين تون پاڻ کي فنا نه ڪندين، تيستائين جان جي پوري فنا هٿ نه ايندي. (فنا جي) پوري ڏاڪڻ کان سواءِ ڇت تي نه پهچندين.]

مطلب ته الله تعاليٰ ڏانهن عروج سالڪ جو چاتل شين جي محبت کان نڪرڻ جو نالو آهي ۽ شين جو محبت جي درجي کان بنه ڪِري پوڻ. چاڪاڻ ته هڪ رڍّ جي سنڀال ۽ چارڻ ٻن سوَن رڍن جي چارڻ ۽ سنڀال وانگر آهي.

حديث شريف ۾ آهي: **الترک راحة**

[ترجمو: شين جي ڇڏڻ ۾ ئي راحت آهي.]

مطلب ته فِصل (شين کان جدائي) وِصل (الله کي پهچڻ) آهي ۽ شين جي نفي الله جو اثبات آهي. پر اها دوستي جنهن جو لاڳاپو نامعلوم شيءِ سان هجي، سا جدا نه ٿيندي آهي ۽ شين جي لاڳاپي کان سواءِ واري دوستيءَ جو نالو ”حب ذات احديہ“ رکيو ويو آهي. جيئن مولوي جامي چيو آهي:

زعنقا هست نام پيش مردم

زمرغ من بود آن نام هم گم

[معنيٰ: مردن جي اڳيان عنقا پکيءَ جو نالو مشهور آهي، منهنجو محبوب اهڙو بي مثال آهي جو سندس نالو به معلوم نه آهي.]

حديث شريف ۾ آهي: **حُبّ الشيءِ يُعمي ويصُمُ**

[ترجمو: شين سان محبت انڌو ۽ گونگو بنائيندي آهي.]

نقل: ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڳائيندڙ هڪ بدوي جي دروازي تي اچي هن طرح چوڻ لڳو ته آئون نه مَلڪَ کي، نه حور کي، نه بهشت کي، نه وري دوزخ کي دوست رکان ٿو. اهو ٻُڌي گهر جو مالڪ بدوي ڪاوڙ مان اُٿيو ۽ کيس مارڻ جو ارادو ڪيائين ۽ فقير کي چوڻ لڳو ته اي فقير! تون پنهنجو مقصد چو نه ٿو بيان

ڪرين ته جيئن تون اجائي محنت ۽ تڪليف کان ڇُٽي پوين؟ ڇا تو ڪو اهڙو عقل وارو ماڻهو ڏٺو آهي جنهن جو مقصد رڳو ماني هجي، ۽ اهو چوندو هجي ته مون کي نه زيد، نه عمرو، نه سج، نه چنڊ، نه باهه، نه پاڻي کپي؟ پر عقل وارو سنئون سڌو چوندو ته مونکي ماني کپي.

اها ڳالهه ٻڌي ڳائڻو چوڻ لڳو ته منهنجو پيارو دوست مانيءَ وانگر نه آهي جو سندس نالو وٺان، پر هو اهڙي هستي آهي، جنهن کي ماسوا جي نفيءَ کان سواءِ سڃاڻي نه ٿو سگهجي.

چه گويم باتو از مرغ نشانه

که با عنقا بود هم آشيانه

[معنيٰ: آئون تو کي اهڙي پکيءَ جي ڪهڙي نشاني ٻُڌايان، جنهن جو وطن عنقا سان گڏ هجي.]

اجان عنقا جو ته ڪو نالو آهي، پر سندس رفيق جو ته ڪو نالو ئي نه آهي، رڳو ماڻهو (عنقا کي) ان نالي سان سڏين ٿا. ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته الله جي ذات جو ڪنهن به لفظ سان بيان نه ٿو ڪري سگهجي، ۽ نڪي ذات تي ڪو حڪم ڪري سگهبو. ڇاڪاڻ ته ذات ۾ ڪو تعين نه آهي. توڪي رڳو ذات ۾ اهو ثابت ڪرڻو آهي ته الله کان سواءِ هر شيءِ جي نفي ڪرڻ واجب آهي، توڙي اها اسان جي نبي ڪريم ﷺ جي ڏٺل ڇو نه هجي، ڇاڪاڻ ته جيڪا شيءِ بي ڪيف آهي، ان کي ڪيف سمائي نه ٿو سگهي. [31] جنهن کي انسان ڏسي ٿو سا ڪيف آهي، پوءِ فقر جي پوري ٿيڻ جي معنيٰ ڇاتل شين جي نفي ڪرڻ آهي. (پوءِ)

جنهن کي ان دوست رکيو (تنهن کي) محبوب کان سواءِ دوست جي بقا معلوم آهي ۽ ميت کان سواءِ روئڻ به معلوم آهي.

حديث شريف ۾ آهي:

اذا احب الله عبدا جعل في قلبہ نائحة دائمة

[ترجمو: جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن پانهي کي دوست رکندو آهي تڏهن سندس دل ۾ لاڳيتو روئڻ پيدا ڪندو آهي.]

مطلب ته جڏهن محبت تعين کان خالي ٿيندي، تڏهن اصل وطن کي پهچڻ ٿيندو، ڇاڪاڻ ته حقيقتن جي حقيقت اها ئي محبت آهي ۽ خاص محبت جي نشاني رضا کي حاصل ڪرڻ آهي. خداوندي تقدير لاءِ سيني جي ڪشادگي ۽ شرعي احڪامن ۾ لذت اچڻ، جيڪو مڙس روئي ان کان نااميد ٿيڻ ۽ ان محروميءَ مان اطمينان لهڻ، تنهن جو نالو"**وِصل عُرياني**" آهي.

نظر کردن نامرادي خويش را جام وصال

[معنيٰ: پنهنجي نامرادي تي نظر ڪرڻ ئي وصال جو پيالو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن تون ڪابه شيءِ نه لهين، تڏهن تو مقصد کي لڌو. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

حَتَّىٰ إِذَا جَاءَهُ لَمْ يَجِدْهُ شَيْئًا وَوَجَدَ اللَّهَ عِندَهُ (39:24:18)

[ترجمو: ايستائين اتي ڪيس ڪو به مقصد هٿ نه ايندو، جيستائين هو ڪنهن به شيءِ کي نه لهندو، ان وقت هو اتي الله کي ئي موجود لهندو.]

معشوق من است آنکه بنزديک توزشت است

[معنيٰ: منهنجو معشوق اهو آهي جيڪو (نه لِپڻ جي ڪري) تو وٽ خراب آهي.]

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

علت تنگيست ترکيب وعدد

جانب ترکيب حسها مي کشد

[معنيٰ: ترڪيب ۽ تعداد تنگيءَ جو سبب آهي، حواسن کي ترڪيب ڏانهن ڇڪين ٿيون.]

تنگ تر آمد حسيات از خيال

زانکه دروي بدر مي گردد هلال

[معنيٰ: خيال جي ڪري حواس ڏاڍو تنگ آهن، چاڪاڻ ته خيال ۾ چوڏهين جو چنڊ به پهرين تاريخ وارو چنڊ ٿي ويندو آهي.]

حديث شريف ۾ آهي: **يسروا ولا تعسروا**

[ترجمو: آساني ڪريو ۽ ڏکيائي نه ڪريو]

مطلب ته جيڪڏهن روئو نه ٿا ته روئڻ جهڙو مُنهن ڪريو.

سلطان الاولياء فرمايو: معلوم (يعني خدا جي ذات) لاءِ موهوم (غير خدا) کي، فنا ڪرڻ کي ئي حقيقت چئبو آهي.

آئون چوان ٿو ته: "حقيقت ثابته" سڀني حقيقتن جي جامع آهي ۽ ٻيون حقيقتون جيڪي وجوبي حقيقت سان مشابهت رکن ٿيون سي سڀ عڪس ۽ اولڙا آهن جيڪي نيستيءَ جي آرسيءَ ۾ آهن. انهن شين لاءِ رڳو گمان آهي ته موجود آهن، پر موجود فقط اصل غيب ڪُلي آهي (جيڪا الله جي ذات آهي) هي پاڇا وهم ۾ موجود آهن، حقيقي وجود ڪونه اٿن. جيئن سج جو اولڙو پاڻيءَ

۾ ڏسبو آهي جنهن جو اصل آسمان ۾ آهي ۽ مثال پاڻيءَ تي ظاهر ٿيو آهي.[32] ليڪن سج پاڻ پنهنجي وجود ڪري پاڻيءَ ۾ نه آهي. پر اها تحقيق ڪن اوليائن جي خلاف آهي، ڇاڪاڻ ته انهن وٽ پاڻيءَ ۾ سج جو عڪس جنهن عدم جي آرسيءَ ۾ جلوو ڪيو آهي ان کي الله جي ذات سمجهن ٿا. هوڏانهن اڪثر اوليائن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته عظمت جي آسمان تي سونهن جي سج جو پسڻ ۽ فنا سان ورونهن رکڻ حقيقي سعادت آهي. پاڻيءَ واري سج سان لاڳاپو رکڻ ۽ ظاهري شين مان ورونهن وٺڻ بدبختي آهي. اهو عارف ائين نه آهي، جيڪو حقيقت ثابته سان باقي آهي. اهو ان جي مثالن سان محبت به حقيقت ثابته جي ڪري ئي رکي ٿو، انهن اولڙن جي ذات ڪري نٿو رکي. مطلب ته مظهر سان ظاهر ڪري محبت به رکي ٿو جيڪا الله جي ذات آهي. ظاهر اهو ئي باطن آهي جنهن ۾ ڪو تعين نه آهي. مجنون ڇيو ته آئون ڪارن ڪتن کي ”ليليٰ“ سان ڪاري رنگ ۾ مشابهت جي ڪري محبوب رکان ٿو. انڪري جيڪو ماڻهو حقيقت ثابته جو ارادو ڪري، ان تي لازم آهي ته سڀني شين جو انڪار ڪري، رڳو هڪ موجود ذات تي اڪتفا ڪري، جيڪا وجود ۽ عدم ٻنهي کان بلند آهي ۽ هر تعين ۽ حڪم کان به پاڪ آهي.

سالڪ کي ڪُلي نفي ڪرڻ گهرجي، جي ائين نه ڪري سگهي ته پوءِ شرعي حڪم کي آڏو رکي ته جيئن سندس ڇاڻ پختي ٿئي ۽ شرعي حڪم سان علم ۽ عمل جي لذت ماڻي سگهي. ڇاڪاڻ ته شرعي احڪامن تي عمل ڪرڻ به وصول جي واٽ آهي. هن

ڪري جو هر شرعي حڪم الله جي ذات ثابته تائين پهچائي ٿو. ائين ئي ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي. ڪتاب ’بحر الفقہ‘ ۾ آهي ته جيڪو ماڻهو ڪنهن علم کي محفوظ ڪري ٿو ته اهو علم ٻين علمن ڏانهن کيس رهنمائي ڪندو، مثال طور فقھ جا مسئلا نحو يا صرف جي مسئلن سان معلوم ڪري. هي نادر فائدو آهي، جنهن جو ياد رکڻ ۽ استعمال ڪرڻ واجب آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

گفت پيغمبر که جنت از الـٰہ

گر همي خواهي زکس چيزي مخواه

[معنيٰ: حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪڏهن تون الله کان بهشت گهرين ٿو ته پوءِ ڪنهن به ماڻهوءَ کان ٻي ڪنهن شيءِ جو سوال نه ڪر.]

سلطان الاولياء فرمايو: معرفت هن ڳالھ جو نالو آهي جو تون اها ڳالھ ڄاڻين ته چنڊ جي روشني سج کان ورتل آهي.

”خلق آدم عليٰ صورتہ“

[ترجمو: بيشڪ آدمؑ سندس صورت تي پيدا ڪيو ويو آهي.]

معرفت فاني شدن دروي بود

هر که فاني نيست عارف کي بود.

[معنيٰ: معرفت هي آهي ته الله ۾ فنا ٿجي، جيڪو الله ۾ فاني نه آهي سو عارف ڪيئن ٿيندو؟]

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

معنيٰ لا الٰہ الاھو اين است اي پناه

که نمايد مه ترا ديگ سياه

[معنيٰ: اي پناهہ گهرندڙ! ڪلمي طيبہ **لاالٰہ الاھو** جي معنيٰ اها آهي ته توکي الله جي پيٽ ۾ چنڊ به ڪاري ديگ وانگر نظر اچي.]

گر شود پر نور روزن يا سرا

تو مدان روشن مگر خورشيد را

[معنيٰ: جيتوڻيڪ گهر ۽ دريون روشنيءَ سان پريل هجن، پر تڏهن به تون رڳو سج کي ئي حقيقي روشن سمجهہ.]

مدحها جز مستحق را کي کنند

ليک بر پندار گمره مي شوند

[معنيٰ: ساراهہ جي حقدار کان سواءِ ٻئي جي ساراهہ ڪيئن ٿي سگهندي، پر اهي (پاڻ) پانئڻ جي ڪري گمراهہ ٿين ٿا.]

گرز چاهي عکس ماهي را نمود

مادح ماه است هر که آنرا ستود

[معنيٰ: جيڪو (دنيا جي) کوهہ ۾ حقيقي چنڊ جو جلوو ڏسندو، سو عڪس (اولڙو) جي ساراهہ سان به حقيقي چنڊ جو ساراهيندڙ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

- آرام بي آرامي ۾ آهي،
- سلامتي ملامت ۾ آهي،
- راحت جراحي (يعني زخم کي کولڻ) ۾ آهي،
- موافقت جلڻ (سڙڻ) ۾ آهي،

- ۽ ڳانڍاپو جدائي ۾ آهي.[33]

غرض از عشق توام چاشني درد غم است

ورنه زير فلک اسباب تنعم چه کم است

[تنهنجي عشق ۽ محبت، ڏک ۽ غم مان منهنجو مقصد مزو ماڻڻ آهي، نه ته آسمان هيٺان نعمت جا ڍيا سبب گهٽ نه آهن.]

آئون چوان ٿو ته: ”ما خطر ببالک فهو سوا ذالک“

يعني جيڪو به تنهنجي دل ۾ خيال اچي، تنهن کان الله ٻاهر (ٻِيءَ طرح) آهي، پراهو ڪنهن سبب جي ڪري ائين آهي.

تو ازيک قطره به بيني دجله را

[معنيٰ: تون هڪ ڦڙي مان دجله جي درياء کي ڏسي سگهين ٿو.] جيئن چوڻي آهي ته: ”يک مشت نمونه خروار“ [هڪ مُٺَ مان خرار جو نمونو معلوم ٿي ويندو آهي (ته اَنُ سٺو آهي يا خراب آهي).]

حافظ چيو آهي:

گر مريد راه عشقي فکر بدنامي مکن

شيخ صنعان خرقه رهن خانئه خمار داشت

[معنيٰ: جيڪڏهن تون عشق جي واٽ جو ارادو رکين ٿو ته بدناميءَ کان نه ڊڄ. جيئن شيخ صنعان شراب وڪڻڻ واري وٽ گودڙي گروي رکي هئي.]

‘ڪشف’ ڪتاب ۾ آهي ته خراباتي (مشائخن جو هڪ قسم آهي جنهن) جي وصف اها آهي ته هو پنهنجو تعلق الله سان جوڙيندو آهي ۽ الله ڏانهن لاڙو هوندو اٿس ۽ سڀ ڪجھ الله کان ئي پائيندو

آهي ۽ الله کان غير ڏانهن مُنهن ڦيرڻ کي ڪفر ۽ حق جو لڪائڻ سمجهندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جِهلي سير ڪشفي سير کان ڀلو آهي.

آئون چوان ٿو ته: ان (جِهلي) سير ۾ منزلون طئي ڪرڻ واري کي ڪا رڪاوٽ نه هوندي آهي. ليڪن 'مڪتوبات زڪيه' ۾ آهي ته اهڙو سير بهتر آهي جيڪو علم سان شروع ٿئي پوءِ ڀلي ناداني ءَ سان وڃي مقصود کي رسي. مطلب ان جي شروعات ۽ پڇاڙي بيهوشيءَ سان نه ڪري.

سلطان الاولياء فرمايو: حديث شريف ۾ آهي:

رُبّ قَارِيء القُرآنُ وَهُو يَلعَنُه

[ترجمو: ڪيترائي قاري آهن جيڪي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪن ٿا، هوڏانهن قرآن شريف انهن تي لعنت ڪري ٿو.]

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته نفيءَ کان اڳ ۾ هر عبادت ائين وبال آهي، جيئن خراب مادي واري لاءِ لذيذ کاڌو نقصانڪار آهي.

هر چه گيرد علتي علت شود!

[معنيٰ: جيڪو کاڌو بيمار کائيندو اهو بيماري پيدا ڪندو.]

پر جڏهن نفي هٿ اچي وئي ته اهڙي ماڻهوءَ جو ڪفر به دين ٿي پوندو آهي.

جيئن مولوي رومي ٻيءَ مصرع ۾ چيو آهي:

ڪفر گيرد ڪاملي ملت شود!

[جيڪڏهن ڪو ڪامل (ظاهر ۾) ڪفر کي اختيار ڪندو ته اهو به عين دين جي رسم ٿي پوندو آهي.]

چاڪاڻ ته ڪامل ان وقت هر شيءِ جي نسبت الله ڏانهن ڪندو آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ (31:03:03)

[الله به اوهان سان محبت ڪندو ۽ اوهان کي اوهان جا گناهه معاف ڪندو.]

مطلب هن ڪانسواءِ ٻيو ڪو مقصد ڪونهي ته رڳو امانتون پنهنجي اهل ڏانهن موٽايون وڃن.

سلطان الاولياء فرمايو: امانتن کي انهن جي مالڪن ڏانهن موٽائڻ جو مطلب هي آهي ته تون پاڻ لاءِ ڪنهن به طرح ٻڌڻ، ڏسڻ، چاکڻ ۽ وجود کي نه لهين. بلڪ جيڏانهن به مُنهن ڦيرائين ته اتي الله کي ڏسين ان جو نالو فنا آهي ۽ اهو وجود کان ائين نڪرڻ آهي، جيئن داڻوکوپي يا کَلَ مان نڪرندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: شيخ محي الدين ابن عربي چيو آهي ته جنهن کي هر شيءِ ۾ حق جو جلوو نظر آيو،[34] بيشڪ تنهن کي مقصد حاصل ٿيو. ابن عربي چوي ٿو:

لا آدم في الكون ولا ابليس

لاملک سليمان ولا بلقيس

[معنيٰ: جهان ۾ نڪو آدم آهي نه ابليس، نڪي حضرت سليمان ؑ جو ملڪ ۽ نه بلقيس جو مُلڪ.]

فالكل اشاره و انت المعني

يا من هو للقلوب مقناطيس

[معنيٰ: اُهي سڀ توڏانهن اشارا آهن ۽ تون معنيٰ آهين يا اها ذات جيڪا دلين جي مقناطيس آهي.]

ڪن محققن چيو آهي ته اها شيءِ جنهن سان دلين کي گرفتار ڪيو ويندو آهي سا ان جو غير آهي، جيڪو جمال جي دعويٰ ڪري ٿو. آئون نٿو ڄاڻان ته اها ڪهڙي شيءِ آهي.

مولوي رومي جو بيت آهي:

صورت ظاهر فنا گردد بدان

عالم معنيٰ بماند جاودان

[معنيٰ: ظاهري صورت فنا ٿي وڃي ٿي، معنيٰ وارو جهان (باطني) هميشہ رهندڙ آهي.]

مطلب ته مڃي هڪ حقيقت آهي جيڪا پاڻيءَ ۾ ثابت رهي ٿي ۽ ان جون صورتون موجود ۽ فنا ٿين ٿيون.

سلطان الاولياء فرمايو: اسم الاهي تعين وجوبي آهي جيڪو تعين امڪاني ۽ ذات الاهي جي وچ ۾ هڪ دروازي وانگر آهي.

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ‘ڪشف’ ۾ آهي:

اسم دريا و تعين موج او

اين کسي داند که او از ما بود

[معنيٰ: اسم درياء آهي ۽ (امڪاني) تعين ان جي موج آهي. اها ڳالھ اهو سمجهي سگهي ٿو جيڪو (علم ۽ حال ۾) اسان مان هوندو.]

عارفان كه علم مانند

صفت ذات اسم را خوانند

[معنيٰ: اهي عارف جيڪي اسان جو علم ڄاڻن ٿا، سي اسم کي ذات جي صفت چوندا آهن.]

اسم اعظم جامع اسما بود

صورت او معنيٰ اشيا بود

[معنيٰ: اسم اعظم سڀني اسمن جو جامع آهي، سندس صورت سڀني شين جي معنيٰ آهي.]

جلال الدين دواني چيو آهي:

گر آدمي فهم کن اسما را

معلوم کن حقيقت اشيا را

[معنيٰ: جيڪڏهن تون انسان آهين ته الله جي اسمن کي سمجھ، ان سان تون شين جي حقيقت کي ڄاڻي وٺندين.]

اهل سنت مان علم ڪلام جي عالمن چيو آهي ته اسم مُسمّيٰ جو غير نه آهي ۽ اسم مان اسان جي مراد هي آهي ته جنهن تي نالو رکيو وڃي. مطلب ته اسم جو ذڪر ڪرڻ ۽ مُسميٰ جو ڏس ڏيڻ لفظ ڪري آهي.

شيخ عبدالحق دهلوي چوي ٿو:

در اسمائي حقيقي شد مُسمّيٰ عين هر اسمي

عجب مشکل حديث است اين بگوش هوش اصفا کن

[معنيٰ: حقيقي نالن ۾ هر هڪ اسم مسميٰ جو عين آهي اها ڳالھ ڏاڍي مشڪل آهي، هوش جي ڪن سان ان کي ٻُڌ!]

تحقيق جو خلاصو هي آهي ته هر متعين اهڙي شيءِ جو نالو آهي جنهن ڪي پنهنجي ذات سان ڪو تعين نه آهي ۽ سڀني اسمن ۾ وڏو اسم اهو متعين آهي جيڪو جامع آهي. اسم اعظم جي صورت کي رڳو ''انسان اڪبر'' ئي اُچاري سگهي ٿو يا ''انسان اصغر'' سندس حڪايت ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن اسم نه هجي ها ته مُسميٰ ايجاد ۽ اظهار ڏانهن متوجه [35] ئي نه ٿئي ها. پوءِ جيڪو اسم هن جهان ۾ صالحن ۽ گنهگارن جي رنگن ۾ ظاهر آهي، اهو اسم آخرت ۾ باه، جنت، حور ۽ نهرن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو.

سلطان الاولياء فرمايو: مثال جو جهان، خيال جي جهان جو بيان آهي.

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب 'احياءُ العلوم' ۾ آهي ته انسان ۾ خيال الله جي لوح محفوظ جو نمونو آهن. ان ۾ شيون ائين آهن جيئن ڪنهن حافظ جي حافظي ۾ قرآن شريف جا حرف آهن، ۽ اعمال تنهنجي ان پٽيءَ تي لکيل آهن.

'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته ممڪنات جا جهان ۾ ٽي قسم آهن:

(1) جسم

(2) مثال

(3) روح.

وچ وارو جهان جيڪو عالم مثال آهي، سو احوالن جي علم لاءِ به ڳالهايو ويندو آهي. جنهن جا به طرف آهن:

- عالم اجساد
- ۽ عالم ارواح.

اهي ٻئي جهان اعيان (شين جي عين) لاءِ چيا ويندا آهن.
جيئن صائب چيو آهي:

در عالم خيال بهار است چار فصل
بلبل بچتر گل ندهد زير بال را

[معنيٰ: خيال واري جهان ۾ هڪ بهار جون چار موسمون آهن، بُلبل پنهنجي کنڀن کي ڦهلائڻ (پکيڙڻ، ڦڙڪائڻ) سان گل کي نه ٿي لڪائي سگهي.]

خيال جي صحت جي نشاني هيءَ آهي ته احوال پنهنجي اصلي نموني تي هجن، جن ۾ ڪابه تبديلي ۽ اختلاف نه هجي. جڏهن خيال انتها کي پهچي ٿو ته اهو وصال آهي.
مولوي رومي چيو آهي:

من ز تن بيرون شدم و از خيال
مي خرامم در نهايات الوصال

[معنيٰ: آئون پنهنجي بدن توڙي خيال (جي پردن) کان ٻاهر ٿيو آهيان. انهيءَ ڪري وصال جي انتهائن ۾ اُڏامان ٿو.]

پاڇا رڳو خيال ۾ ظاهر ٿيندا آهن. پوءِ ڇا توکي خبر آهي ته خيال کي پاسي ڪرڻ ئي نادر شيءِ آهي. تنهن ڪري بزرگن فرمايو آهي ته خطرن کان هڪ گهڙي به ٻاهر نڪرڻ وڏي نعمت آهي.
حافظ چيو آهي:

وصال دوست گرت دست مي دهد يکدم
برو که هر چه مراد است در جهان داري.

[معنيٰ: جيڪڏهن دوست جو وصال هڪ گهڙي لاءِ به هٿ اچي وڃي ته پوءِ تون هليو وڃ، سمجھ ته توکي ٻنهي جهانن جي مُراد ملي وئي.]

هن تحقيق مان ظاهر ٿيو ته علم الله کان حجاب ۽ پردو آهي ۽ مُختصر رستو اهوئي آهي، جيڪو نسبتن کي ڪيرائي يا ختم ڪري.

مولوي جامي جو قول آهي:

از او است جمله بد و نيک ليک هرچه بداست

ازآن بداست که از ماست چون از وست نکواست

[معنيٰ: جيڪي بد ۽ خراب آهن،سي هن ڪري خراب آهن جو اُهي سان جي طرفان آهن. پر جڏهن اهو خيال ڪبو ته اُهي الله جي طرفان آهن ته اُهي خراب نه آهن.]

مطلب ته الله جي طرفان شيون حجاب نه آهن، بلڪ انهن جو علم ۽ ڄاڻ حجاب آهي، تنهن ڪري شين جي نه رهڻ جو علم مقصود آهي. صحيح علم اجمالي اهو آهي جنهن جو بيان مٿي ٿي گذريو ۽ تفصيلي علم اهو آهي جيڪو نفي ڪرڻ سان نفي نٿو ٿئي، پوءِ اهڙو علم پورو يقين آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪي عارف الله جي ذات جي طلب کان ڊڄن ٿا پر ان جي صفتن جي طلب کان ڊپ نٿا ڪن. اهڙي هڪ عارف چيو آهي ته جنهن هن جي صورت کي حق جي آئيني ۾ ڏٺو تنهن جو سير پورو ٿيو. ڇاڪاڻ ته آئيني ۾ جيڪا تجلي ٿي ان کان پوءِ رڳو علم ۽ ڄاڻ رهجي وڃي ٿي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **وَيُحَذِّرُكُمُ اللَّهُ نَفْسَهُ** (28:03:03)

[ترجمو: الله اوهان کي پنهنجي نفس کان ڊيڄاري ٿو.]

آئون نه ٿو ڄاڻان ته الله جي ذات جي طلب کان ڪهڙي شيءِ مٿن ڊپ واجب ڪيو آهي ۽ ڪهڙي شيءِ ذات جي طلب کان ڪين روڪي ٿي؟

حافظ چيو آهي:

گير و دار و حاجب ودربان درين درگاه نيست

[معنيٰ: الله جي درگاه تي ڪو به پردو ڪندڙ، دربان ۽ روڪيندڙ نه آهي.]

الله جي ذات جي طلب کان روڪڻ ۽ ڊيڄارڻ لاءِ ڪو به قرآن ۾ دليل موجود نه آهي. بلڪ الله جي طلب لاءِ قرآن ۾ آيت موجود آهي: ففروا الي الله (الذاريٰت 50،51)

[ترجمو: پوءِ توهان الله جي ذات ڏانهن ڊوڙو.]

سلطان الاولياء فرمايو: روح جسم تبديل نه ڪندو آهي جيئن هندن جو عقيدو آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مِنْهَا خَلَقْنَاكُمْ وَفِيهَا نُعِيدُكُمْ وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً أُخْرٰى (55:20:16

[ترجمو: انهيءَ زمين مان ئي اوهان کي پيدا ڪيوسين ۽ انهيءَ زمين ۾ ئي مرڻ کان پوءِ اوهان کي موٽائينداسون ۽ (قيامت ڏينهن) انهيءَ زمين مان ئي اوهان کي ٻيهر ٻاهر ڪينداسون.]

ئون چوان ٿو ته: روح جو تناسخ (جوڻ) هي آهي جو روح هڪ جسم کي ڇڏي ٻئي جسم ۾ داخل ٿئي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد، (ادب ۾) پيغمبر وانگر آهي، بلڪ مُرشد سڀ ڪجھ آهي. ڇاڪاڻ ته مرشد جو پيغمبر سان لاڳاپو هوندو آهي، تنهن مُرشد جو ادب، محبت، فرمانبرداري ۽ دعا به ائين ئي آهي جيئن پيغمبر جي. [36] تنهنڪري طالب کي مُرشد جي ناراضگي ۽ ناپسنديدگي کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ مريد کي گهرجي ته مُرشد جي راضپي ۾ ئي فنا ٿي وڃي. مُرشد کي تڪليف ڏيڻ بدبختي جو بنياد آهي. مرشد کي تڪليف ڏيڻ کان سواءِ ٻئي هر نقصان جو ازالو ٿي سگهي ٿو. اهم ڳالھ هيءَ آهي ته مرشد جو ادب مريد تي لازم آهي ۽ ٻين سڀني پاسن کان مُنهن موڙي رڳو مُرشد ڏانهن ئي رجوع ٿيڻ گهرجي. ڀيو ته سڀ فيض مُرشد کان ئي ڇاڻي، توڙي جو ظاهر ۾ ڪٽي ٻئي ڪنهن کان ملندو هجي ۽ مرشد جي غائب هجڻ ۾ به ان کي غائب نه سمجهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

دست پير از غائبان کوتاه نيست

دست او جز قبضئه الله نيست

[معنيٰ: مرشد جو هٿ پري وارن کان پري نه آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو هٿ الله جي قدرت واري هٿ کان جدا نه آهي.]

وڌيڪ فرمايائون: مرشد جو ادب هي به آهي ته اُن ڏانهن پير ڊگها نه ڪجن، ۽ نڪي اُن ڏانهن ٿُڪ اڇلائجي. اهي ٻئي ڪم مرشد جي حاضر هجڻ يا غائب هجڻ، ٻنهي صورتن ۾ نه ڪرڻ گهرجن. جيڪي ڪم مرشد جي سامهون ڪرڻ مناسب نه آهن، سي پرڀُٺ

به نه ڪري. مطلب ته مريد پنهنجي راضپي کي مرشد جي راضپي اڳيان چڙهي ڏئي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي جامي چيو آهي:

ادبوا النفس ايها الاصحاب

طريق العشق كلها آداب

[معنيٰ: اي مريدؤ! پاڻ کي ادب سيکاريو، عشق ۽ محبت جي سڄي واٽ ادب ئي آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

آن شهي در بندگي پنهان شده

بهر جاسوسي بدنيا آمده

[معنيٰ: اهو (حقيقي) بادشاهه ٻانهي (ڪامل مرشد جي لباس) ۾ ڳجهو ٿيو آهي، سو(طالبن جي) ڳولا لاءِ دنيا ۾ آيو آهي.]

كم كسي ز ابدال حق آگاه شد

جمله عالم زين سبب گمراه شد

[معنيٰ: تمام ٿورا ماڻهو الله جي ابدالن کان واقف ٿيا، انهيءَ سبب (مخفي رهڻ) ڪري سڄو جهان گمراهه ٿيو.]

همسري با انبياء برداشتند

اوليا را همچو خود پنداشتند

[معنيٰ: انهن نبين سان (وجود ۾) همسري ڪئي ۽ ولين کي پاڻ وانگر (الله کان پري) ٿا سمجهن.]

از محقق تا مقلد فرقها است

آن چو داؤد است واين ديگر صدا ست

[معنيٰ: محقق ۽ مقلد ۾ گهڻو فرق آهي، تحقيق وارو حضرت دائود وانگر آهي ۽ هي مقلد صرف آواز جو پڙاڏو آهي.]

حق پديد است درميان ديگران

همچو مه اندر ميان اختران

[معنيٰ: سڀني ماڻهن جي وچ ۾ حق (ڪامل مرد جي لباس ۾) ائين ظاهر آهي، جيئن تارن جي وچ ۾ چنڊ ظاهر آهي.]

رحمت کلي بود مرتام را

رحمت جُزوي بود مرخام را

[معنيٰ: هر قسم جي رحمت ڪامل معرفت واري لاءِ ئي آهي، ٿوري رحمت ڪچي ماڻهوءَ لاءِ آهي.]

مــرد دانـــا رحــمــت للـعــالـمين

اين نشاني علم باشد اي قرين

[معنيٰ: الله جي رازن جو ڄاڻو (درويش) جهان وارن لاءِ رحمت آهي، اي ساٿي! اهو ئي انسان علم جي نشاني آهي.]

متحد جانها است شيران خدا

جان گرگان وسگان هريک جدا

[معنيٰ: جيڪي ماڻهو الله جا (طالب) شينهن آهن، تن جو ساهه (الله جي طلب ۾) هڪ آهي. باقي جيڪي (ماڻهو وصف ۾) بگهڙن ۽ ڪتن جهڙا آهن، تن جو ساهه هڪ ٻئي کان جدا آهي.]

سالڪن جو اهو اتحاد هن ڪري آهي ته جيڪا معنيٰ انهن کي حاصل آهي سا هڪ آهي ۽ صورتون گهڻيون آهن. ڪتاب 'عين العلم' ۽ ان جي شرح (ملا علي قاري) ۾ آهي ته جڏهن اتحاد حاصل ٿيندو ته پوءِ

آداب ڪجي ويندا، ڇاڪاڻ ته دل جي صفائي مقصد آهي ۽ ادب ان جو ظاهري نمونو آهي، پوءِ جڏهن اصل جي ڄاڻ ملي وئي ته نموني جي ڪا ضرورت نه رهندي.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن حق کي سُڃاتو[37] تنهن لاءِ باطل ڳجهو نه رهندو. بلڪ اهو هر غلط مذهب ۽ سندن غلطيءَ جي سبب کي پڻ ڄاڻندو. اهڙيءَ طرح هر فرع کي ڄاڻندو، پوءِ چاهي اها فرع پنهنجي اصل سان ٺهڪندڙ هجي يا نه هجي ۽ اهو عارف قومن جي اختلاف جو سبب ۽ انهن جي خواهشن جو اختلاف به ڄاڻندو آهي نه ته حق هڪ ئي آهي. (جنهن ۾ ڪو به اختلاف ڪونهي.)

سلطان الاولياء فرمايو: محبوب (جي صفت وارو سالڪ) بخشيل آهي، جو اهو صبر ۽ شڪر ڪندڙ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو عين (ذات الله تعاليٰ) کي پُهتل آهي سو ٻنهي حڪمن (نفي ۽ اثبات) کان ماٺ ۾ هوندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: اهو جمع جو مقام آهي جنهن ۾ نفي ۽ اثبات کي گڏ ڪيو ويندو آهي. حديث شريف ۾ آهي : **من صمت نجيٰ** [ترجمو: جنهن ماٺ ڪئي، تنهن ڇوٽڪارو لڌو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن قول تي عمل نه ٿيو هجي سو ضعيف آهي.

آئون چوان ٿو ته: اهو ضعيف هجڻ مشڪل جي دفع ڪرڻ لاءِ آهي. هن جو اصل الله تعاليٰ جو ڪلام آهي:

وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ (199:07:09)

[ترجمو: اي پيغمبر ﷺ! پڏري شيءِ جو حڪم فرماءِ.]

ان جو مثال بلاغت وارن وٽ لفظ غريب جو استعمال آهي. ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته ماڻهن جو ڪنهن مسئلي تي عمل ڪرڻ ان جي جائز هجڻ لاءِ دليل نه آهي. هائو! اهو حجت تڏهن ٿيندو جڏهن سڀني شهرن وارا ان تي عمل ڪن، تڏهن اهو عملي اجماع ٿي پوندو يا نبي ڪريم ﷺ جي زماني ۾ ان تي عمل ڪيو ويو هجي ته ان کي تقديري حجت چئبو. ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ هي به آهي ته جڏهن مصيبت عام ٿئي، تڏهن سڀ کان آسان مسئلي تي فتويٰ ڏجي، پوءِ پلي اهو اسان جي امام جو مذهب نه هجي. ڪتاب ’الاشباه والنظائر‘ ۾ آهي ته مذهب اهو آهي ته عرفِ خاص کي اعتبار نه آهي. مطلب ته ڪنهن شهر يا ڪنهن قوم وٽ ڪنهن مسئلي تي حڪم ڏنو وڃي ته ان تي عمل نه ڪيو وڃي. نص (دليل قرآني) عام ۾ خاص کي ڪيرائي ٿو. جيئن ڪتاب ’فتح القدير‘ ۾ ٻين ڪتابن ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: دل جي فيض کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي تابعداري نه ڪجي.

آئون چوان ٿو ته: اهو مضمون هنن ٻن بيتن ۾ آهي:

ابيدوا الزوائد سفيہ يفنن

اريدوا الفوائد فقيہ يقنن

[معنيٰ: اجاين ڳالهين کان پاسو ڪريو ته بي عقلي فنا ٿيندي، نفعي وارين شين جي طلب سان سمجهہ ۾ اطمينان ايندو.]

خذوا ما يمدكم و تركہ يضلل

مبيد حرام مفيد محلل[38]

[معنيٰ: اهڙي شيءِ کي وٺو جيڪا اوهان کي وڌائي ۽ ان کي ڇڏيو جنهن ۾ گمراهي هجي. هلاڪ ڪندڙ شيءِ حرام آهي، فائدو پهچائيندڙ شيءِ حلال آهي]

مون سنڌ جي قاضي ميان محمد نقشبندي دهلوي (اصل ويٺل نصرپور، جنهن جو مرشد حضرت مرزا جان جانان دهلوي آهي) جو واعظ ٻڌو ته ٽيپهري (عصر) جي نماز کان پوءِ مراقبي ۾ ويهڻ بزرگن وٽ سچي ڏينهن جي روزي وانگر آهي ۽ سندس پاءُ قاضي عبدالله کان کانئس هيءَ مصرع نقل ڪندي ٻُڌم:

آنچه ما درکار دارم اکثري درکار نيست

[معنيٰ: جنهن شيءِ سان اسين رڌل آهيون سا گهڻو ڪري بيڪار آهي]

منهنجي خيال ۾ هن ائين به چيو ته اها مصرع مجدد احمد (امام رباني) ڏانهن منسوب آهي قناعت جي قانون ۾ اها مصرع ڪافي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُجتهد الله جي ذات تائين پُهتل هجي.

آئون چوان ٿو ته: مُجتهد جي بيان ۾ هي بيت آهن:

مجتهد کيست آنکه بر دعويٰ خويش آرد دليل قابل را

مجتهد کيست آنکه اي دانا ظاهر وباطن حديث ما بينا

[معنيٰ: مجتهد ڪير آهي؟ مُجتهد اهو آهي، جيڪو پنهنجي دعويٰ لاءِ قابلِ قبول دليل آڻي. مُجتهد ڪير آهي؟ مُجتهد اهو آهي، جيڪو حديث جي ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻيندو هجي.]

مُجتهد آنکه او خبير و بصير

با مناط الامر و نهي قدير

[معنيٰ: مُجتهد اهو آهي، جيڪو الله پاڪ جي امر ۽ نهي جي مدار ۽ علت جي خبر رکندڙ ۽ بصيرت وارو هجي.]

علم راجح بضدش درج اين است

علم حجت مدار تمکين است

[معنيٰ: جيڪو علم سچ ڏانهن لاڙو رکي سو پنهنجي ضد سان گڏيل آهي جو ناجائز آهي، علم حجت جو مدار يقين تي آهي.]

هر چه صادق نمود صدق بدان

لا معارض لصدق جز بهتان

[معنيٰ: جيڪو سچائي ڏيکاري تنهن کي سچ سمجھ، بهتان کان سواءِ سچ جي ٻي ڪا رنڊ روڪ نه آهي]

لغت ۾ آهي ته مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو نالو اجتهاد آهي ۽ اصول ۾ آهي ته مُجتهد اهو آهي جيڪو صواب (درست) کي دليل سان ڄاڻي، ڪنهن ٻئي جي تقليد نه ڪري. امام رافعي ڪتاب ’شرح وجيز‘ ۾ هڪ بيت چيو آهي، جيڪو وصول جي طريقي بابت آهي.

اقيما عليٰ باب الکريم اقيما

و لا تينا في ذکره فتهيما

[معنيٰ: ڪريم جي دروازي تي بيهو ۽ ان کي ياد ڪرڻ ۾ سُستي نه ڪريو، پوءِ پِلي ڪٽي سمهي پئو.]

هو الرب من يقرع علي الصدق بابہ
يجده رؤفا بالعباد و رحيما.

[معنيٰ: پالڻهار جي دروازي کي جيڪو سچائي سان ڪڙڪائيندو، سو ان کي ٻانهن تي مهربان ۽ نهايت رحم وارو لهندو]

ڪتاب ’ڪشف اللغات‘ ۾ آهي ته مُجتهد جي لاءِ قرآن شريف ۽ حديث جي ڄاڻ هجڻ شرط آهي. علم اصول ۾ ماهر هجڻ ضروري آهي ۽ مون (گرهوڙي) وٽ انهن شرطن سان گڏوگڏ عقل ۽ بلوغت به آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ائين نه هوندو ته شريعت جو خطاب ئي نه سمجهندو، پوءِ ان کي شريعت جي تڪليف نه ڏني ويندي. مجتهد جي هن ڪان سواءِ ٻي معنيٰ نه آهي ته اهو شريعت جي خطاب کي ڄاڻي. اجتهاد جو مجمل مقصود هي آهي ته نقصان واري شيءِ ڇڏڻ ۽ نفعي کي وٺڻ آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته اجتهاد جو دروازو بند نه ٿيو آهي،[39] پوءِ الله جي هر ٻانهي کي ان جي اجتهاد مطابق اجر ۽ ثواب ملندو. هن ڳالهه کي ملاعلي قاري ’شرح نخبة الفڪر‘ ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو هن ڳالهه جو انڪار ڪندو، تنهن کي ”تجديد“ *واري حديث سان دليل پيش ڪيو ويندو.

سلطان الاولياء فرمايو: بلاغت وارو اهو آهي جيڪو اهڙو ڪلام نه ڳالهائي جنهن کي رد ڪيو وڃي.

آئون چوان ٿو ته: بليغ اهو آهي جنهن جو نالو ”فضيلت مآب“ رکيو ويندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَإِذَا مَرُّوا بِاللَّغْوِ مَرُّوا كِرَامًا (72:25:19)

[ترجمو: جڏهن اهي ڪنهن ناپسنديده ڪم وٽان لنگهندا آهن ته پلارن وانگر لنگهي هليا ٿا وڃن.]

ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪلام جي مقبوليت ئي بلند مرتبو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مرُشد جي وصف اها آهي ته مُرشد جو ڪلام بيمارين لاءِ دوا آهي ۽ سندس نظر شفا آهي.

آئون چوان ٿوته: سلوڪ جي ڪتابن ۾ آيو آهي ته جيڪو پنهنجي قول سان نصيحت ڪري ته اهو سندس قول اجايو آهي، پر جيڪو فعل سان نصيحت ڪري ته ان جو تيرنه گسندو آهي. مطلب ته نصيحت ۽ وعظ اهو آهي جيڪو دلين ۾ حرڪت پيدا ڪري ۽ الله جو شوق ڏياري. (جنهن جي اها صورت آهي جو) الله جي عذاب کان ڊيڄارڻ سان دلين ۾ خوف پيدا ٿئي ۽ خوشخبري ڏيڻ سان دلين ۾ خوشي پيدا ٿئي.

حديث شريف ۾ آهي: **احب العباد اليٰ الله من احببتہ اليهم**

[ترجمو: الله جي وڏيڪ پيارن ٻانهن مان اهي آهن جن کي آئون دوست رکان ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: بيشڪ ڪنهن ڳالھ جي چوندڙ کي ايستائين پڪڙ نه ٿي ڪري سگهجي، جيستائين اهو چوندڙ ان تي عمل نه ٿو ڪري. پوءِ جيڪڏهن سندس عمل نجات ۽ چوٽڪاري جو اهڃاڻ

آهي ته اهو ماڻهو اُن ناموافق ڳالھ کان نجات لهندو. پر جيڪڏهن (غلط ڳالھ چوندڙ) ان تي عمل ڪري ٿو ته ان تي پڪڙ ٿيندي.

آئون چوان ٿو ته: فقھ جي ڪتابن ۾ آهي ته نماز ادا ڪرڻ فعل آهي ۽ نماز جون ڳالهيون نماز لاءِ زينت آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: حبيب ڪريم ﷺ جو رويو هن طرح هوندو هو جو ڪين ماڻهو ڪا شيءِ ڏيندو هو ته پاڻ ﷺ ان کان ائين وٺندا هئا جو چڻ ته ان شيءِ جي ڪين گهرج ۽ ضرورت آهي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي ته:

من لم يشكر الناس لم يشكر الله

[ترجمو: جنهن ماڻهن جو شڪر ادا نه ڪيو تنهن الله جو شڪر ادا نه ڪيو.]

(پوءِ) جنهن کي الله تعاليٰ ائين ڪا شيءِ ڏياري ٿو ۽ هو ان کي موٽائي ٿو ته اهو ان (شيءِ) ڏانهن محتاج ٿيندو ۽ ان کي حاصل نه ڪري سگهندو.

سلطان الاولياء فرمايو: مصيبت دوستن لاءِ ائين آهي جيئن سون لاءِ باھ هوندي آهي.

آئون چوان ٿو ته: هتي مصيبت مان مراد اها قضا ۽ اهو ڪم آهي، جيڪو نفس لاءِ ڪوڙو آهي. ان صورت ۾ مصيبت جي معنيٰ عام ورتي ويندي، جيڪا دوستي جي گهٽائي آهي. جيئن 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي:

ليتک تحلوا والحياة مريرة

ليتک ترضيٰ الانام غضبان

[معنيٰ: هاءِ! اي الله! تون مِٺو هجين ۽ (ٻانهن جي) زندگي ڀلي ڪڙي هجي. هاءِ منهنجا موليٰ! تون راضي هجين، باقي ماڻهو ڀلي ڪاوڙيل هجن.]

مولوي رومي چيو آهي:

ما التصوف غير وجدان الفَرَح[40]

في الفواد عند اِتيَانِ التَرَح

[معنيٰ: تصوف ڇا آهي؟ ڇيائين خوش ٿيڻ يعني ڏکن اچڻ وقت دل ۾ فرحت ۽ خوشي محسوس ڪرڻ.]

بنده هستي نيست هرکه اوصادق است

عشق نان بي نان غذائي عاشق است

[معنيٰ: سچو طالب هن هستيءَ جو غلام نه آهي، مانيءَ جي طلب کان سواءِ مانيءَ جي محبت عاشقن جي خوراڪ آهي.]

اوليائن جي سڄاڻپ لاءِ هي قول ڪافي آهي ته: **الفاقات اعياد المريدين** [بکون ۽ فاقا مريدن جي لاءِ عيدون آهن.] ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ لفظ ”ترح“ جي معنيٰ ”اندو هناڪ شدن“ ٻڌائي وئي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ڪنهن درجي جو طالب آهي ته ان کي آزمائش لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

حافظ چوي ٿو:

فکر معقول بفرما گل بي خارکجا است

[معنيٰ: تون چڱيءَ طرح سوچي ڏس ته ڪنڊن کان سواءِ گل ڪٿي آهي؟]

سلطان الاولياء فرمايو: اصل مقصد نجات (ڇوٽڪارو) آهي، پوءِ اهو ڪهڙي به طريقي سان هٿ اچي. تون رڳو ان ڪي ڏس ۽ ان جو خيال ڪر.

كل علم ليس ينجي في المعاد

فاغسلوا يا قوم من لوح الفواد

[هرڪو اهو علم جيڪو آخرت ۾ ڇوٽڪارو نه ڏياري. اي ماڻهؤ، ان علم کي دل جي ڦرهيءَ تان ميساري ڇڏيو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪي اهڙا شهر آهن جو اتي ڍڳين لاءِ مٽيءَ کان سواءِ ڪو به گاهه نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: نظامي جو هڪ شعر آهي:

سبزه چريدن زير خاک بس

نيشکر سبز تو افلاک بس

[معنيٰ: ڌرتيءَ تي گاهه کائڻ بهتر آهي، تنهنجي لاءِ آسمان جو سائو ڪمند (نظارو) بس آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

يا رضائي دوست بايد يا هوائي خويشتن

[معنيٰ: يا ته دوست جو راضپو هٿ ڪجي يا پنهنجي حرص کي قبول ڪجي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

يا بهائي اتخذ قلبا سواه

فهوما معبوده الا هواه

[معنيٰ: اي بهائي! (بهاؤالدين آملي) جنهن پنهنجي دل ۾ الله کان سواءِ ٻيو قبول ڪيو، تنهن جو معبود سندس حرص ۽ خواهش کان سواءِ ٻيو ڪونه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪپڙن جي سونهن ظاهر ۾ آهي، پر (اصل ۾) مقبول دل جي صفائي آهي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

روز مرگ اين حسن تن باطل شود

حُسن جان باشد که يار دل شود

[معنيٰ: موت واري ڏينهن بدن جو هي حسن بيڪار ٿي ويندو، روح جو حسن هجي جيڪو (ان وقت) دل جو دوست ٿئي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حال جو صاحب ڪنهن به ماڻهوءَ جي پوري ڳالهه نه ٻڌندو آهي، پر ايترو ضرور ٻڌندو آهي جنهن مان مقصد سمجهي وڃي.

آئون چوان ٿو ته :'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته خلوت (اڪيلائي) جو مطلب هي آهي ته جلوت (مجلس) ۾ به پنهنجي روح سان نڪي ڪنهن ڏانهن واجهائي ۽ نه ئي ڪنهن ڏانهن لاڙو ڪري، پوءِ ڀلي ڪٺي مجلس ۾ ويٺو هجي. خلوت هن جو نالو نه آهي ته مجلس ۾ اڪيون بند ڪري ۽ حواس مُعطل ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ ته اهڙي خلوت نقشبندي طريقت جي خلاف آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ذڪر الله جي اطاعت جو نالو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن فقير پنهنجي گهر ۾ انگورن جو ڇُڳو ڏٺو تڏهن فقير چوڻ لڳو ته فقير جي دل کي آرام ڪيئن ايندو؟ [41] جنهن جو گهر سبزي فروشن وانگر شين سان پريل هوندو.

شادي امروز بي انديشئه فردا خوش است

فکر شنبه تلّخ دارد جمعئه اطفال را

[معنيٰ: اڄ جي خوشي سڀاڻي جي فڪر کان پلي آهي. ڇنڇر ڏينهن پڙهڻ وارو خيال ٻارن جي جمعي واري موڪل کي ڪڙو بنائيندو آهي.]

تنهنڪري ضرورت کان وڌيڪ مال ۽ دولت گهر ۾ رکڻ مناسب نه آهي.

آئـون چـوان ٿـو ته: اهـا ئـي نبوي سنت آهي جو پاڻ سڳورا ﷺ جن ڪنهن به شيءِ کي سڀاڻي لاءِ گڏ ڪري نه رکندا هئا ۽ فرمايائون:

لو كان لي مثل أُحد ذهباً لا نفقته قبل ثلاث ليالي

[ترجمو:جيڪڏهن اُحد جبل جيترو سون مون وٽ هجي ها ته رات ختم ٿيڻ کان اڳ ئي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيان ها.]

ڪن روايتن ۾ آهي ته ڏينهن گذرڻ کان اڳ ئي خرچي ڇڏيان ها. (اها ڳالهه قرض کان سواءِ آهي ڇاڪاڻ ته قرض جي ادائيگيءَ لاءِ مال رکندس.

ڪنهن شاعر ڪهڙو نه سُٺو چيو آهي، الله تعاليٰ کيس جزاءِ خير ڏئي:

لا يالف الدرهم المضروب صرتنا

لـٰكن يمر عليها و هو منطلق

[معنيٰ: درهم جو سڪو اسان جي همياڻيءَ ۾ نه ٽڪندو آهي، پر ان تي هلندي لنگهي ويندو آهي.]

قرار درڪف آزاد گان نگيرد مال

[معنيٰ: آزاد ماڻهن جي تريءَ تي مال ۽ دولت نه ترسندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: تعين حقيقت تي زائد (واڌو) آهي، ڇو ته اهو صورت ۽ شُيون جو غير آهي.

آئون چوان ٿو ته: ڪنهن بزرگ چيو آهي ته تعين حقيقت جو عين آهي. ڪن وري ان کي عدمي چيو آهي . ڪتاب ‘محصول’ ۾ آهي ته تعين جي معنيٰ غير خدا جو انڪار ۽ نفي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: سڀني عبادتن ۽ ذڪرن جو مقصد هي آهي ته عابد ۽ ذاڪر ان ۾ گم ٿي وڃن، تڏهن عابد ۽ معبود هڪ ٿي ويندا. هن ڳالھ جو شاهد الله تعاليٰ جو هي فرمان آهي:

حَبَّبَ إِلَيْكُمُ الْإِيمَانَ وَزَيَّنَهُ فِي قُلُوبِكُمْ وَكَرَّهَ إِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوقَ وَالْعِصْيَانَ أُولَـٰئِكَ هُمُ الرَّاشِدُونَ (07:49:26)

[ترجمو: الله تعاليٰ اوهان کي ايمان جي محبت ڏني ۽ اوهان جي اندر ۾ ڪفر، ڪوڙ ۽ بي فرماني لاءِ نفرت وڌي اٿس. اهي ئي ماڻهو واٽ لهندڙ آهن.]

هن آيت مان واٽ لهندڙن لاءِ ڪهڙي شيءِ ثابت ٿي؟

من وتو درميان ڪاري نداريم

بجز بيهود پنداري نداريم

[معنيٰ: مان ۽ تون چوڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ڪونهي، اجائي پاڻ پانئڻ کان سواءِ ڪو ڪم نٿا رکون]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ولين جي ظاهر کي ڏسندو، اهو هميشه واري موت سان گرفتار ٿيندو ۽ جيڪو باطن ڏانهن نظر ڪندو، سو خضرؑ وانگر هميشه واري زندگي ماڻيندو. انهيءَ ڪري ولين جو ظاهر زهر قاتل آهي ۽ سندن اندر آبِ حيات آهي.

طبع نافہ آهو هست اين قوم را

از برون خون واز درون شان مشکها

[معنيٰ: هنن ماڻهن (ولين) جي طبعيت هرڻ جي دُنّ وانگر آهي، جنهن جي ٻاهران ته رت پر انهن جي اندر (دُن) ۾ مشڪ (خوشبوءِ) لِڪل آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: الله جي ذڪر لاءِ مُرشد جي اجازت سيني عبادتن ۽ نيڪين جي اجازت آهي، هن ڳالھ کي سمجھڻ گهرجي.

سلطان الاولياء فرمايو: ذڪر جي پُڇاڻي، هميشہ لاءِ واقف يا خبردار ٿيڻ آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو به شرط نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: مقصد رڳو هميشہ واري چاڻ آهي، ۽ ان جي نشاني الله جي حڪمن جو خيال رکڻ ۽ سيني جي ڪشادگي آهي. ان جو خلاصو ادراڪ (عقل واري قوت) جو ڪنهن به ڪيفيت کان سواءِ هجڻ آهي. ان کي ڪنهن عارف هن طرح سمجهايو آهي ته جڏهن تون الله کي ڄاڻندين ته (ڪائڻ) پيئڻ کان سواءِ ئي توکي ڍؤ ٿي ويندو.

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

آتَيْنَاهُ (رَحْمَةً مِّنْ عِندِنَا وَعَلَّمْنَاهُ) مِن لَّدُنَّا عِلْمًا (65:18:15)

[ترجمو: جنهن کي اسان پنهنجي طرفان خاص (طرح رحمت ڪئي هئي، ان کي پاڻ وٽان) علم عطا ڪيوسون.]
پوءِ جيڪو علم اسان (الله تعاليٰ) وٽان نه هوندو، اهو ڪوڙ ۽ قياس کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ ڏانهن نه موٽندو. ڇاڪاڻ ته [42] ٻانهي جو علم جهل آهي، علم اهو آهي جيڪو الله ٻانهي کي سيکاريو.
آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

علم کان نبود زهو بي واسطه
آن نپايد همچو رنگ ماشطه

[معنيٰ: جيڪو علم الله کان سڌو نڌو حاصل ٿئي، سو پائيدار نه آهي، جيئن ڪنوار جو سينگار لاءِ لڳايل رنگ پائيدار نه آهي.]

همچو موسيٰ علم کي يابد ز جيب
سخره استاد و شاگرد کئيب

[معنيٰ: حضرت موسيٰ عليہ السّلام وانگر دامن مان علم ڪير لهندو؟ جيڪو استاد ۽ وائڙي شاگرد لاءِ مذاق آهي.]
سلطان الاولياء فرمايو: مقصد جي موتيءَ کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪاميابي آهي. (جيڪا) الله تعاليٰ جي هن قول جي تحقيق آهي:

لَهُم مَّا يَشَاءُونَ فِيهَا وَلَدَيْنَا مَزِيدٌ (35:50:26)

[ترجمو: انهن لاءِ ان (واٽ) ۾ اهو ئي موجود آهي جيڪو اُهي گهرن ٿا ۽ اسان وٽ ان کان اڃا وڌيڪ به آهي.]
آئون چوان ٿو ته: جڏهن حرص فنا ٿي ويندو، تڏهن ٻانهو جيڪا به شيءِ گهرندو ته ان شيءِ جو تصور ان وٽ اهڙي صورت

وڻندو جو ان کي لذت ۽ مزو ايندو يا ظاهر ۾ کيس اها شيءِ محسوس ٿيندي، جنهن کي ان فاني شخص کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ڏسندو. اهو ڏسڻ وارو شخص اعليٰ درجي تي پُهتل هوندو آهي. جيئن ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله وٽ پهچڻ جي نشاني اعليٰ اخلاق هجڻ ئي آهي. جيڪڏهن ڪيس ڪو تڪليف پهچائي ته تنگ نه ٿئي. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جهان وارن کان بي پرواه آهي. فقر جي معنيٰ اها آهي ته جهان وارن کان الله بي پرواه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: صحبت طالب جي لاءِ شيطان کان پناه آهي، ڇاڪاڻ ته اڪيلي ويندڙ کي شيطان واٽ تان ٿيڙي ڇڏيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: درويشن سان صحبت جو شرط هي آهي ته مٿن فدا ٿجي ۽ ساڻن ورونهن يا صحبت ڪري.

جيئن ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو الله وٽ پهچڻ سبب مخلوق کان بي نياز ٿيو، سو علمن ۽ عملن کان مفلس ٿيو.

جيئن حافظ چيو آهي:

ز راه ميکده ياران عنان بگرد انيد

چرا که حافظ زين راه رفت مفلس شد

[معنيٰ: اي دوستو! شراب خاني جي واٽ کان واڳ ڦيريو، ڇاڪاڻ ته حافظ! اها واٽ ورتي ته سچو ٿي ويو.]

سلطان الاولياء فرمايو: فقيرن جي علم ڏانهن حافظ جو هي بيت اشارو ڪري ٿو:

چه دوزخي چه بهشتي چه آدمي چه ملک
بمذهب همہ کفر طريقت ست امساک

[معنيٰ: دوزخي هجي يا بهشتي، ماڻهو هجي يا ملائڪ، انهن سڀني وٽ ڪنجوسي طريقت ۾ ڪفر آهي.]

آئون چوان ٿو ته: اِمساڪ (جهلڻ) جي معنيٰ اها آهي جيڪا شيخ ابن عربي جي مرشد ابومدين مغربي بيان ڪئي آهي ته جڏهن تون پنهي جهانن کان فارغ ٿيندين، تڏهن ئي تنهنجي اها فراغت "رحمٰن" جو مشاهدو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَإِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوا (02:05:06)

[ترجمو: جڏهن اوهان حلال ٿيو، ته پوءِ شڪار ڪريو.]

چاڪاڻ ته طالبن جي دلين کي انساني لاڳاپن مان نڪرڻ کان اڳ ۾ شڪار ڪرڻ سنئو نه آهي. جيڪو پاڻ فنا ۽ بقا کي نه پهتو آهي، سو پنهنجي نفس جي لحاظ سان حلال نه ٿيو آهي، تنهن لاءِ ٻيو ڪيئن حلال ٿيندو؟

سلطان الاولياء فرمايو: اخلاق محمّدي ﷺ جي ڄاڻڻ لاءِ هي بيت تمام عمدو ۽ بليغ آهي:

لہ همم لا منتهيٰ لکبار ها
وهمتہ الصغريٰ اجّل من الدهر

[معنيٰ: حضور اڪرم ﷺ لاءِ اهڙيون وڏيون همتون آهن، جوانهن مان ڪنهن جو دنگ نه آهي ۽ سندن سڀ ڪان نئڍي همت به زماني ڪان وڏي آهي.]

آئون چوان ٿو ته: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء قدس سره) جي وڏي ڪوشش طالب ڪي همت ڏيارڻ جي هوندي هئي ته جيئن ڪو به مريد الله جي ذڪر ڪان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نه گهري ۽ مون (گرهوڙي) کي هن بيت جي تلقين ڪئي هئائون:

همت بلند بايد عشاق مست مئي را

مردِ خسيس همت در عاشقان نگنجد

[معنيٰ: شراب جي مست عاشقن کي بُلند همت ٿيڻ گهرجي، گهٽ همت وارو عاشقن ۾ شمار ٿي نه ٿو سگهي.]

منهنجي وڏي مُرشد سائين (حضرت سلطان الاولياءَ قدس سره) مون کي مقصد جي حقيقت بابت 'قصيده بُرده' جي هن بيت سان تنبيه فرمائي:

ڪا البدر في شرف والزهر في ترف

و البحر في ڪرم و الدهر في همم

[معنيٰ: هو بزرگيءَ ۾ چوڏهين جي چنڊ وانگر آهي، تازگيءَ ۾ گل جي مُڪڙيءَ وانگر آهي، سخا ۾ درياء وانگر آهي ۽ زماني ۾ اوللعزم آهي.]

هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته طلب جي رستي لاءِ اها تلقين ڪافي آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

هست اشاراتِ محمد المراد

کل کشاد اندر کشاد اندر کشاد

[معنيٰ: مطلب ته حضور اڪرم ﷺ جي اچڻ جو اشارو ٿيو آهي ته سڀ ڪشادگي ئي ڪشادگيءَ ۾ ڪشادگي آهي.]

گرز مطرب برزند خورشيد سر

عين خورشيد است ني چيزي دگر

[معنيٰ: سج جيڪڏهن اولهه کان ڪني ڪڍي ته اها ڪا ٻي شيءِ نه آهي، پر عين سج آهي.]

در گذر از نام بنگر در صفات

تا صفاتت ره نمايد سوئي ذات

[معنيٰ: اسمن کان لنگهي صفتن ۾ ڏس ته صفتون توکي ذات ڏانهن واٽ ڏيکاريندون.]

شيخ سعدي چيو آهي:

ندارد خرد مند از فقر عار

که باشد نبي را ز فقر افتخار

[معنيٰ: عقل واري کي مسڪينيءَ کان عار نه ڪرڻ کپي، ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم ﷺ جن کي مسڪيني تي فخر آهي.]

ڪنهن عارف چيو آهي:

الفاقات اعياد المريدين

[يعني بکون ۽ فاقا مريدن جي لاءِ عيد برابر آهن.] [43]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو موت کان اڳ ۾ مري ويو ته شيطان ڏانهس رخ نه ڪندو. هن جو روح نه داخل آهي، نه خارج

آهي، نه ڳنڍيل آهي ۽ نه جدا آهي. ان صورت ۾ روح جو فنا واري سالڪ سان ائين تعلق هوندو آهي جيئن الله جو جهان سان آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: هر هڪ ماڻهوءَ کي زماني جي صاحب (قطب الارشاد) کان نصيب ملندو آهي. پر جيڪو منڪر آهي يا جنهن جي پاران زماني جي صاحب جي دل تي بار هوندو آهي تنهن کي ڪو حصو ڪونه ملندو.

سلطان الاولياء فرمايو: والدين ۽ ڀين جي مرڻ تي ڏک نه ڪريو. ڇاڪاڻ ته سڀني جو وارث (الله) زنده آهي.

آئون چوان ٿو ته: وڏي مُرشد سائين جو اهو فرمان حضرت ابوبڪر صديقؓ جي قول

وانگر آهي. جيڪو پاڻ حضور ڪريم ﷺ جي برقعي مٿائڻ وقت فرمايو هو ته: جيڪو الله جي عبادت ڪري ٿو ته الله سدائين جيئرو آهي ۽ ڪڏهن نه ٿو مري ۽ جيڪو محمّد ﷺ جي عبادت ڪري ٿو ته ان کي ڄاڻڻ گهرجي ته محمّد ﷺ برقعو مٿائي ويا آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن الله کي هن طرح سڃاتو ته الله نور آهي، جيئن پيارو پٽ ميان گل محمد چوي ٿو ته ان چوڻ ۾ ڪابه خطا نه آهي. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ فرمايو آهي:

اللَّهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضِ (35:24:18)

[ترجمو: الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جو نور آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪلمي طيبه جو نقش اسان (نقشبندين) وٽ باطن ۾ آهي، ٻاهر نه آهي. جيئن ڪي سالڪ (وڏي آواز سان) ذڪر ڪندا آهن.

آئون چوان ٿو ته: انسان وٽ تصوير جي قوت ۽ نمونن سان هوندي آهي هڪ خيالي ۽ ٻي حسّي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

همچو بت گر از حجر يار تراش

[معنيٰ: يار جي صورت کي پٿر مان بت ٺاهيندڙ وانگر دل ۾ چماءِ.]

'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته طالب کي گهرجي ته الله جو غيب کان سواءِ اثبات نه ڪن، چاڪاڻ ته فقر کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه بيماري آهي.

حافظ شيرازي چيو آهي:

عشق مي ورزم واميد که اين فن شريف

چون هنرهائي دگر موجب حرمان نشود

[معنيٰ: مان عشق بازي ڪريان ٿو ۽ اها اميد رکان ٿو ته اهو شريف هنر ٻين هنرن وانگر محروميءَ جو سبب نه ٿيندو.]

بنده نه شکيبد ز تصوير خوشش

مي کند هر لحظ جان را مفرشش

[معنيٰ: هن جي سهڻي صورت ڏسڻ مان پاڻهو ٿڪجي نٿو هرگهڙي پنهنجي جان کي ان جي اڳيان وڇائي ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪڏهن بزرگيءَ جو دارومدار ظاهري صحبت تي هجي ته اُمهات المؤمنين سڀني صحابين کان افضل هجن ها.

آئون چوان ٿو ته: محدثن چيو آهي ته صحبت سان ڪو به عمل برابري نه ٿو ڪري سگهي. ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته پلائي ۽ فضيلت قرب الاهي جي ڪري آهي. (امام) غزالي ’احياءُ العلوم‘ ۾ لکيو آهي ته بيشڪ فضيلت ۽ پلائي [44] دنياوي مشغولين کان فراغت جي اندازي تي آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

فقر خواهي آن بصحبت قائم است

[معنيٰ: تون جيڪڏهن فقيري گهرين ٿو ته اها صحبت تي ٻڌل آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مون طريقت جو رستو شيخ محمد (خواجه ابوالمساڪين قدس سره ٺٽوي) کان ورتو. آئون اڄ ڏينهن تائين سندن علم بابت حيران آهيان، جنهن جي آءٌ انتها نه ٿو ڏسان. جو پاڻ هيءَ ڳالهه چوندا هئا:

هر لحظه مرا تازه خدائي دگر است

[معنيٰ: هرگهڙيءَ منهنجو خدا نئون يعني ٻيو (نئين شان وارو) آهي.]

اها تجديد (ايمان جو نئون ڪرڻ) نبي ڪريم ﷺ جن جي هن فرمان مطابق آهي:

جدّدوا ايمانكم بقول لااِلٰہ الاالله

[ترجمو:پنهنجي ايمان کي ڪلمي طيبه جي ورد سان نئون بنايو.]

آئون پنهنجي شيخ (خواجه ابوالمساڪين محمد ٺٽوي قدس سره) کي ائين ڏسان ٿو ته سڀ جهان وارا سندن جُتيءَ برابر يا ان کان به گهٽ آهن. پاڻ ماڻهوءَ جي عادت کي هڪ نظر سان بغير غلطيءَ جي ڄاڻي ويندا هئا. سندن ڪلمي طيبه جو ورد روزانو سترهن هزار ڀيرا هوندو هو ۽ هڪ رات ۾ قرآن پاڪ ختم ڪندا هئا. سخا ڪندي پنهنجي فاقي جو ڌپ نه ڪندا هئا. عاجز تي رحم ڪندا هئا، سندن تڪليف کي دور ڪندا هئا. رستي تان ايذاء واري شيءِ پري ڪندا هئا. طالبن ۽ شاگردن کي ڪتاب ڏيڻ ۽ ٻئي خرچ ڏيڻ ۾ مدد ڪندا هئا. جڏهن ڪي جهڳڙي وارا وٽن فيصلي لاءِ ايندا هئا ته مُدعي کي گهران ڏئي جهڳڙو ٽاريندا هئا، ۽ فرمائيندا هئا ته اسين ائين ئي جهڳڙو ٽاريندا آهيون، ايستائين جو هڪ مرد ۽ زال مسجد جي ڪمائي بابت فيصلو ڪٽي آيا، جيئن مسجد وارن جي عادت هوندي آهي، پوءِ پاڻ هڪ جو پنهنجي گهران وظيفو مقرر ڪيائون. (دهليءَ جي) بادشاه کين ڏهه رپيا روزانو ڏيڻ لاءِ پروانو لکي موڪليو. پاڻ اهو ڪاغذ وٺي رکيائون، ڪانئن اهو ڪاغذ وسري ويو. اهل ظاهر مان سندن هڪ همعصر کي ان تي ڏاڍي حيرت لڳي ۽ چوڻ لڳو ته مون کي خبر نه آهي ته ڇا جي ڪري سندن دل ڏهه رپين واري ڪاغذ کي وساري ڇڏيو. ماڻهن جوکوه ۾ دلو ڪري پوندو هو ته پاڻ دل جي خوشيءِ سان کوه ۾ گهڙي دلو ڪيندا هئا.

هڪڙي ذمي (غير مسلم) کان مُنڌي ورتائون، وري ڪيس واپس ڪيائون ۽ پوءِ پنهنجو هٿ احتياط طور ڌوئي ڇڏيائون ته متان اها

ناپاڪ هجي. انهن سڀني ڪماليتن هوندي به پاڻ کي حقير سمجهندا هئا.

هڪ خط ۾ پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي لفظ ”خاڪسار“ ۽ ”روسياه“ لکيائون.

هڪ ظاهر واري سندن حق ۾ چيو ته فلاڻو (خواجه ابوالمساڪين) نماز چڱيءَ طرح نه ٿو پڙهي. [45] پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ ڪڏهن شڪسته دل وارن جي عبادت قبول ڪندو آهي ۽ محڪم دل وارن جي عبادت کي رد ڪندو آهي.

هڪڙو ماڻهو وٽن شڪايت کڻي آيو ته ڪجهه ڏينهن کان سندس دل بند آهي، اهو ٻڌي ان شخص کي پاڻ وٽ ويهاريائون ۽ وري کانئس دل بابت پڇيائون. ان جواب ڏنو ته سائين! هاڻي خطرن کان آزاد ٿي پيس. تڏهن حضرت جن کِلي فرمايو ته سندس دل ۾ شيطان سڪونت لاءِ اچي ويٺو هو، هاڻي اهو شيطان غم ۾ وڃي رهيو آهي.

آئون چوان ٿو ته: شيخ محمد (خواجه ابوالمساڪين قدس سره) مخدوم آدم ٺٽوي (قدس سره) جي اولاد مان آهي. شيخ محمد، شيخ ابوالقاسم ٺٽوي جو مريد ۽ ناٺي هو. شيخ ابوالقاسم جي وفات کان پوءِ شيخ محمد، شيخ محمد زڪي سرهندي جي صحبت اختيار ڪئي، ۽ وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره) جن کي (طريقت جو) هن طرح اجازت نامو لکي ڏنائون:

”ويقول الشيخ محمد لما كان الاخ في الله محمد زمان سلک في سلک الارادة وصحب مع المسکين صحبة کثيرة اجزته لتعليم الطريقة و شرط الاجازة الاستقامت علي الشريعة و الطريقة و السّلام.“

[يعني: شيخ محمد (مُرشد جو مُرشد) چئي ٿو ته جڏهن الله جي واٽ ۾ ڀاءُ محمد زمان (سلطان الاولياء قدس سره) ارادي ۽ اخلاص جي راھ ۾ داخل ٿيو ۽ هن مسڪين (خواجه ابوالمساڪين) سان گهڻي صحبت ڪيائين. پوءِ مون کيس طريقت جي تعليم جي اجازت ڏني. اجازت جو شرط اهو آهي ته شريعت ۽ طريقت تي استقامت رکي، والسلام.]

سلطان الاولياء فرمايو: سخي ماڻهن جي اها عادت آهي ته اهي جيڪي ڏيندا آهن، ان شيءِ کي دل تان لاهي ڇڏيندا آهن. جيئن سچي امام (زين العابدينؓ) کان منقول آهي ته جنهن وقت فرزدق (شاعر) امام کي اهو عطيو واپس ڪرڻ گهريو، جيڪو الله جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ هن امام صاحب جي مدح ڪندي چيو هو. جيئن مولوي جامي چيو آهي:

ابر جوديم در نشيب و فراز
قطره ما سويٰ ما نگردد باز

[معنٰي: اسين هيٺانهين ۽ مٿانهين ۾ سخا جا ڪڪر آهيون. اسان جي پاڻيءَ جو ڪو به ڦڙو اسان ڏانهن واپس نه ايندو آهي.]

آئون چوان ٿو ته: هن ڳالھ ۾ هر ماڻهو لاءِ خوشخبري آهي ته تحفي کي قبول ڪن، رد نه ڪن.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن ماڻهوءَ کي مٿيءَ ۾ مرڻو آهي، ان لاءِ کهڙي بزرگي آهي.

آئون چوان ٿو: هن ۾ انسان جي حقيقت ۽ سندس اصل عدم ڏانهن اشارو آهي. تنهن ڪري وڏائي نه ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته ذري برابر به وڏائي بهشت کان روڪيندڙ آهي. ائين حديث شريف ۾ آهي.

حافظ چيو آهي:[46]

زاهد غرور داشت سلامت نبرد راه

رند از ره نياز بدار السّلام رفت

[معنٰي: زاهد کي تڪبر هو، تنهن ڪري سلامتي سان راهه طئي نه ڪري سگهيو. رند نياز نوڙت ڪري وچي بهشت ۾ پهتو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن ماڻهوءَ کان گناهن جي فنا ٿيڻ جي معنيٰ هي آهي ته ان ماڻهوءَ انساني لاڳاپن کان به جدائي اختيار ڪئي آهي. جنهن کي انساني لاڳاپا نه هوندا ته ان جو ڪو گناهه به نه هوندو. انساني لاڳاپن جو مطلب آهي ته الله کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي وجهه سبب غمگين ٿئي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله جو دل ۾ اچڻ دل جي آرام جو شرط آهي. جنهن کي آرام نصيب نه هوندو ته اتي اچڻ به نه هوندو.

هر لحظه مرا تازه خدائي دگراست

[معنيٰ: هر گهڙيءَ منهنجو خدا نئون ۽ ٻيو (نئين شان وارو) آهي.]

تجدد (سلوڪ ۾ نواڻ ۽ تازگي) مُنتهيءَ جو حال آهي.

آئون چوان ٿو ته: جهان هميشہ نئون آهي جيئن اهل سنت والجماعت وٽ ثابت آهي. ليڪن جهان جي تجديد کي رڳو مُنتهي (نهايت کي پُهتل) ئي ڏسي سگهي ٿو.

مولوي رومي چيو آهي:

دم بدم در تو خزان است وبهار

جان چون آب روان و بي قرار

[معنيٰ: هر گهڙي تو ۾ خزان ۽ بهار آهي، روح پاڻيءَ وانگر هلندڙ ۽ بي آرام آهي.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ** (29:55:27)

[ترجمو: هر ڏينهن (الله تعاليٰ) نرالي شان ۾ هوندو آهي.]

مفسرن چيو آهي ته الله تعاليٰ جو ڪم نئون آهي. هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جهان الله تعاليٰ جو فعل آهي، جيئن چوطرف ڦرندڙ باھ جو شعلو باھ جو فعل آهي. حديث شريف ۾ آهي:

الدنيا ساعة [ترجمو: دنيا هڪ گهڙي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: هن جو انڪار نه ڪريو ته آئون پنهنجي پالڻهار وٽ رات گذاريان، پوءِ هو مون کي کارائي ۽ پياري.

آئون چوان ٿو ته: اهي (مٿيان) چارئي مقولا وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) کان هن دنيا مان لاڏاڻي واري بيماريءَ ۾ نڪتا. مُلا علي قاري 'شرح عين العلم' ۾ لکيو آهي ته الله وٽ کائڻ ۽ پيئڻ مان هيءَ معنيٰ آهي ته بُک ۽ اڃ جي تڪليف نه ٿئي.

مولوي رومي چيو آهي:

معنيٰ آن باشد که برهاند ترا

بي نياز از نقش گرداند ترا

[معنيٰ اها آهي جو توکي پاڻ کان آزاد ڪري ۽ تنهنجي بدن کي بي نياز ڪري.]

مرد قانع را گدا گفتن خطا است

کو غني القلب از داد خدا است

[معنيٰ: قناعت ڪرڻ واري مرد کي پينو سڏڻ گناه آهي، چاڪاڻ ته اهو قناعت ڪندڙ الله جي بخشش سان دل جو غني آهي.]

صوفي از فقر چون در غم شود

عين فقرش دايه مطعم شود

[معنيٰ: صوفي جڏهن ڪجهه نه هجڻ جي ڪري ڏکارو ٿيندو آهي، تڏهن ئي سندس فقيري ان جي خوراڪ بڻبي آهي.]

بنده هستي نيست هر کو صادق است

عشق نان بي نان غذائي عاشق است[47]

[معنيٰ: جيڪو سچو آهي سو هستيءَ ۾ گرفتار نه هوندو آهي، مانيءَ جو عشق مانيءَ کان سواءِ عاشق جي خوراڪ بڻجندو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حج ڪرڻ مردن جي لاءِ آزمائش آهي. جيڪا هر هڪ جي ڳُجهه کي پڌرو ڪندي آهي.

آئون چوان ٿو ته: ڪامل ماڻهن جي ملاقات به سچ ۽ ڪوڙ کي ائين ظاهر ڪرڻ لاءِ آزمائش آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله کان حجاب جو سبب غير ڏانهن توجھ آهي. ان جو علاج هي آهي ته فڪر جي وحدت الله ڏانهن ڪري ۽ فڪر کي ڪنهن ٻئي پاسي متوجھ نه ڪري. جيئن يوناني فلسفين ڪيو آهي. اسان ۽ يوناني فلسفين ۾ هي فرق آهي جو اسين وحدت جا طالب آهيون ۽ يوناني ڪثرت جا ڳولائو آهن. اسان جي ڪوشش اها آهي ته اسين جهان کي ڇڏي، الله ڏانهن اچڻ گهرندا آهيون ۽ يوناني عمارتون ٺاهڻ ۽ جهان وارن کي ڏسڻ گهرندا آهن.

مولوي رومي چيو آهي:

گنجها پيوسته در ويرانها است

[معنيٰ: وصال جا خزانا فنا يعني ويرانيءَ ۾ آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: ظاهري شين جو اصل دل ۾ آهي. جيڪڏهن اهي شيون دل ۾ نه هجن ها ته ظاهر ئي نه ٿين ها. اُهي ائين آهن جيئن ڪوريئڙي جي تاجي سندس پيٽ مان ئي نڪري ٿي، چاڪاڻ ته انهن تاجين جو اصل ڪوريئڙي جو پيٽ ئي آهي.

آئون چوان ٿو ته : مولوي رومي چيو آهي:

گر نبودي اصل هر کس درنهان

نقش بي نقشي درون گشتي عيان

[معنيٰ: جيڪڏهن هر شخص جو اصل ڳجهو نه هجي ها ته منجهس بي نقشيءَ (اصليت) جو نقش پڌرو ٿئي ها.]

اين جهان ظل است وعالم درنهان

عين ثابت اصل و ظل عين روان

[معنيٰ: اصل جهان مخفي آهي ۽ هي جهان ان جو پاڇو آهي، اصل پائيدار اعيان ثابته آهن ۽ هيءُ جهان ان اصل جو جاري چشمو آهي.]

انسان لاءِ ضروري آهي ته اصل سان لاڳاپو رکي ۽ پاڇي کان پاسي ٿئي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مَا عِندَكُمْ يَنفَدُ وَمَا عِندَ اللَّهِ بَاقٍ (96:16:14)

[ترجمو: جيڪو اوهان وٽ آهي اهو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪو الله وٽ آهي سو هميشہ باقي رهندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: طالب کي گهرجي ته عبارتن جو خيال نه ڪري، پر عبارتن جي مقصد تي نظر رکي، اجان به مقصد جي مقصد کي ڏسڻ گهرجي.

آئون چوان ٿو: ڪتاب 'مطول' ۾ آهي ته مقصد جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ عبارت تي اعتراض ڪرڻ تحصيل ڪندڙن جي شان وٽان نه آهي. لغت ۾ تحصيل جي معنيٰ کوپي مان مغز ڪڍڻ آهي. مطلب ته ظاهري علم جي خول مان دل جي جمعيت ۽ حضور جو نقطو ماڻڻ کپي.

ڪتاب 'رشحات' ۾ ڪن اوليائن کان روايت آهي ته جيڪڏهن تون عمل ڪرين ته نصيحت لاءِ هي گفتو ڪافي آهي ته تو کي الله سان مشغول هجڻ گهرجي. جيڪڏهن هن نصيحت تي ڪنهن عمل نه ڪيو ته پوءِ گهڻي علم مان ڪهڙو فائدو؟ هونئن به عمل کان سواءِ علم تو مٿان وبال ۽ مصيبت آهي.[48]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪا ڳالھ اسين ڪري رهيا آهيون، ان جا دليل گهڻا آهن. جيڪو اسان کان (انهن جي) گهر ڪندو ته سندن سوال مطابق کيس ٻڌائينداسون، انڪار ۽ شڪ ختم ڪرڻ لاءِ دليل ڏينداسون.

آئون چوان ٿو: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي:

آنڪس ڪه بقرآن خبر زو نرهي

اين است جوابش ڪه جوابش نه دهي

[معنيٰ: جنهن ماڻهوءَ وٽ قرآن ۽ حديث سان به تون ڪا واٽ نه لهين ته ان جو جواب اهو آهي ته تون جواب ڏيڻ کان ماٺ ڪرين.]

چاڪاڻ ته احمق پنهنجي اندر ۾ پاهر مان جواب نه لهندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا (78:04:05)

[ترجمو: هنن کي ڇا ٿيو آهي جو ڳالھ کي سمجهڻ جي ويجهو ئي نه آهن.]

اصول اهو آهي ته شرعي خطاب سمجه وارن لاءِ خاص آهي. تنهن ڪري چرئي تي شريعت جي ڪابه تڪليف نه آهي، اهو شارع الله جي ذات آهي. جيئن اصول فقه جي ڪتاب 'تلويح توضيح' ۾ اهو مسئلو بيان ڪيو ويو آهي. باقي چرئي تي رڳو حاڪم ۽ سندس سنڀال واري طرفان ڪي پابنديون هونديون آهن.

مولوي جامي چوي ٿو:

ازان گفتند عامي را كا الانعام

كه آگه نيست از آغاز و انجام

[معنيٰ: عام ماڻهوءَ کي هن ڪري جانور سڏيو اٿن جو هو شروع ۽ پڇاڙيءَ جي خبر رکندڙ نه آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

بنده خود خواند احمد در رشاد

جمله عالم را بخوان قل يا عباد

[معنيٰ: حضور ﷺ جن قرآني ارشاد موجب سڀني کي پنهنجو ٻانهو سڏيو آهي. الله پاڪ کيس حڪم ڪيو ته ساري جهان کي تون ”يا عبادي“ اي منهنجا ٻانها! ڪري سڏ ڪر.]

چيست دنيا از خدا غافل بدن

ني قماش و نقره و فرزند و زن

[معنيٰ: دنيا، الله کان غفلت ڪرڻ جو نالو آهي. لباس، چاندي، اولاد ۽ زال جو نالو دنيا نه آهي.]

ڪنهن عارف (مولوي رومي) چيو آهي:

اهل دنيا چون سگ ديوان اند

دور شوز ايشان كه بس بيگانه اند

[معنيٰ: دنيا جا ماڻهو چتي ڪتي وانگر آهن، انهن کان پري ٿي، چاڪاڻ ته اهي ڌاريا آهن.]

حديث شريف ۾ آهي:

كن عالماً اومتعلماً اومستمعاً ولا تكن رابعاً فتهلک

[ترجمو: اي انسان! تون عالم يا شاگرد يا ٻڌندڙ ٿيءُ، چوٿون نه ٿيءُ جو هلاڪ ٿيندين.]

جيئن شيخ سعدي چيو آهي:

بني آدم از علم يا بد كمال

نه از حشمت وجاه مال ومنال

[معنيٰ: انسان علم سان ئي ڪمال حاصل ڪندو آهي، دٻدٻي، مرتبي ۽ مال متاع سان ڪمال هٿ نه ايندو.]

حديث شريف ۾ آهي:

العالم من عقل عن الله واطاعته

[ترجمو:علم اهو آهي جيڪو الله کي ڄاڻي ۽ ان جي تابعداري ڪري.]

امام راغب چيو آهي ته شين کي انهن جي حقيقتن سان ڄاڻڻ جو نالو علم آهي. (امام) غزالي چيو آهي ته حقائق جي معنيٰ مقاصد آهي. پوءِ علم ميزان (جنهن سان مقصدن کي توربو آهي) اهو علم آهي جيڪو انهن کي فائدو پهچائي، ان جي صورت کي علم نه چئبو.

مولوي جامي چيو آهي:

اسم حق پيش صاحب عرفان

نيست الا حقيقت اعيان

[معنيٰ: ڄاڻ وارن وٽ الله جو نالو اعيان (ثابته) جي حقيقت کان سواءِ ڪجھ به نه آهي.]

ڪتاب ‘درالمختار’ ۾ ڪن امامن کان روايت آهي ته [49] جيڪڏهن سڀ ماڻهو منهنجا ٻانها هجن ها ته انهن سڀني کي آزاد ڪريان ها ۽ انهن جي ورثي کان بيزار هجان ها. ڇاڪاڻ ته اهي هدايت جي واٽ نٽا لهن، انهيءَ ڪري کين گمراهيءَ کان شرم ڏياريو ويندو.

شيخ ابن عربي چيو آهي ته جهالت موت آهي. هن ڳالھ کي رڳو اهو ڄاڻي سگهي ٿو جنهن جا انفاس (دم) علم سان وابسته آهن. مطلب هي آهي ته جيڪو انسان الله کي ڄاڻي ٿو، سو ‘‘عبدالله’’ (الله جو ٻانهو) آهي. پر جيڪڏهن الله جي ڄاڻ نه اٿس ۽ ٻئي ماڻهوءَ جي تابعداري ڪري ٿو ته اهو ماڻهو‘‘عبدالانسان’’ (انسان جو ٻانهو) آهي، پر جيڪڏهن هو ڪنهن ڪامل انسان جو به تابعدار نه ٿيو ته پوءِ اهو‘‘عبدالشيطان’’ (شيطان جو ٻانهو) آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

يا نظر در يا نظر در جوئي باش

يا مظفر يا مظفر جوئي باش

[معنيٰ: تون الله جي ذات کي ڏسندڙ بڻج يا جيڪو ذات حق کي ڏسندڙ آهي ان جي تلاش ڪر يا ته تون پاڻ حقيقي مقصد کي حاصل ڪر يا جنهن کي حقيقي فتح حاصل آهي، تنهن کي تلاش ڪر.]

سلطان الاولياء فرمايو: ٻين جي احتساب لاءِ هي شرط آهي ته اهو ڪم (پهريائين پنهنجي) گهر وارن کان شروع ڪجي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي:

كُلُّكُم رَاعٍ وَكُلُّكُم مَسئُول عَن رَعِيَّتِہ

[ترجمو: توهان مان هرهڪ نگهبان آهي ۽ اوهان سڀني کان هر ان شخص بابت پُڇيو ويندو، جنهن تي هو نگهبان آهن.]

پوءِ جيڪو بئي جي رعيت کان حساب گهرندو ته اهو حساب جي حد کان وڌندڙ آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَلا تُطِيعُوا أَمْرَ الْمُسْرِفِينَ (150:26:19)

[ترجمو:جيڪي حد کان لنگهندڙ آهن، انهن جي امر جي پيروي نه ڪريو.]

ائين ڪتاب 'نصاب الاحتساب' ۾ آهي ته حد کان وڌندڙ ۽ سرڪش جو ٻين کان حساب وٺڻ صحيح نه آهي. اهو روڪيندڙ شخص ائين آهي جنهن ۾ اها خرابي پاڻ موجود آهي. مخفي نه رهي ته مفتي، قاضي ۽ واعظي سڀ ائين آهن جو اُهي اهڙي ڳالهه چوندا آهن، جيڪا سندن دلين ۾ ڪونه هوندي آهي.

حافظ چيو آهي:

آنکس که چو ما نيست درين شهر گدائيست

[معنيٰ: جيڪو اسان وانگر الله جو طالب نه آهي سو هن شهر ۾ پينو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حال کان سواءِ ڳالهه ڪرڻ درست نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يَقُولُونَ بِأَفْوَاهم مَّا لَيْسَ فِي قُلُوبِهِمْ (167:03:04)

[ترجمو: پنهنجي زبان سان اهڙي ڳالهه پيا چون، جيڪا سندن دلين ۾ نه آهي]

’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته جنهن کي حال واري ڪيفيت حاصل نه آهي تنهن کي توحيد حالي متعلق ڳالهائڻ مناسب نه آهي. تنهن ڪري ”همہ اوست“ حال وارو ماڻهو چوندو ته ان کي معاف آهي، پر جيڪو صرف ان جي تابعداري ڪندي، ائين چوي ٿو سو ڪافر آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن تون پنهنجي پالڻهار کي هر وقت ڏسندڙ آهين، تڏهن (توکي) ٻئي ڪنهن علم جي ضرورت نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: تفسيرن ۾ آهي ته اصلي فطرت جنهن تي انسان کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي، اها هي آهي ته هو اهو ڄاڻن ته انهن لاءِ الله آهي. اهو حڪم ماڻهن تي ميثاق واري واعدي کي ثابت رکڻ لاءِ واجب آهي، ٻي ڪابه شيءِ واجب نه آهي.

ڪنهن عارف چيو آهي:

چو اول بليٰ گفتي اي پر بلا
همان ياد کن در خلاؤ ملا

[معنيٰ: جڏهن تو ازل ۾ الله جي هن حڪم، ”ڇا مان توهان جو رب نه آهيان“؟ جي جواب ۾ ”هائو“ چيو هو ته ”تون اسان جو رب آهين“ تڏهن هاڻي انهيءَ ازلي حڪم کي جماعت توڙي اڪيلائي ۾ ياد ڪندو رهه.]

عارفن وٽ انهيءَ ڄاڻ جو نالو”نفس جو تزڪيو“ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: اصل ۾ آساني آهي، ذڪيائي رڳو نئين ۽ گهٽائي ڪري آهي. تحقيق رسول الله ﷺ جن وحي جي اچڻ کان اڳ ذڪر ۾ مشغول هوندا هئا، ائين ڪتاب ‘صراط المستقيم’ ۾ آهي. (پوءِ هن مان) معلوم ٿيو ته اصل ذڪر آهي، فڪر نه آهي.)[50]

آئون چوان ٿو ته: ‘مڪتوبات زڪيه’ ۾ آهي ته ذڪر جون پلايون بي حساب آهن.

نظامي چيو آهي:

ياد خدا در زندگي هوش کن

هر چه بجز اوست فراموش کن

[معنيٰ: الله تعاليٰ کي هن زندگيءَ ۾ حوصلي سان ياد ڪندو رهه!

الله کان سواءِ جيڪي آهي ان کي وساري ڇڏ.]

ذڪر ۽ فڪر جي وچ ۾ فرق هي آهي ته ذڪر جو واسطو الله جي ذات سان آهي ۽ فڪر جو واسطو الله جي صفات سان آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: نڪ ۾ ناس ڏيڻ خطا آهي. ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته:

مَن اَحدَثَ فِي اَمرِنَا هٰذَا مَالَيسَ مِنہُ فَهُوَرَد

[ترجمو: جيڪو اسان جي هن دين ۾ ڪا نئين شيءِ پيدا ڪري ٿو جيڪا ان دين مان نه آهي، ته اها مردود آهي.]

آئون چوان ٿو ته: هيءَ حديث نوَن پيدا ٿيندڙ حڪمن بابت جامع حديث آهي. فقه جي ڪتابن ۾ آهي ته ضرورت اجازت جي

علت آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن شيءِ جي ضرورت هوندي اها محتاج جي هڪ جُز وانگر ٿي پوندي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڇريو ٿيءُ ته ماڻهو توتي رحم ڪن.

ديوان باش تا غم تو ديگران خورند

[معنيٰ: ڇريو ٿيءُ ته ٻيا تنهنجي غمخواري ڪن.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو طريقت تي ثابت قدمي ڪندو، سو الله کي پهچندو. موليٰ کي پهچڻ اوليائن ۽ انبيائن کي پُهچڻ کان وڌيڪ (بهتر) آهي. ڇاڪاڻ ته

من لہ الموليٰ فلہ الکل

[ترجمو: جنهن لاءِ موليٰ آهي تنهن لاءِ سڀ ڪجھ آهي.]

سلطان اولياء فرمايو: هر شيءِ جي خوبي ۽ خرابي شرعي آهي، حقيقي نه آهي.

اللهٰم ارنا الاشياء کما هي

[ترجمو: اي الله! مون کي شيون ائين ڏيکار جيئن اُهي حقيقت ۾ آهن.]

آئون چوان ٿو: ڪتاب ‘درالمختار’ وغيره ۾ آهي ته اهل سنت وٽ هر شيءِ ۾ اصل ”توقف“ آهي ۽ هر شيءِ کي مباح سمجهڻ اها معتزلن جي راءِ آهي.

ڇاڻڻ گهرجي ته مباح جي باري ۾ اهل سنت جي ڪيترن ئي عالمن به معتزلن سان موافقت ڪئي آهي. تحقيق هيءَ ڳالھ مشهور آهي ته:

کل شيءِ يرجع اليٰ اصلہ

[ترجمو: هر شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي آهي.]
پوءِ تون به الله جي ذات ڏانهن موٽ، جنهن بابت ڪو حڪم نه ٿو لڳائي سگهجي. جيئن 'مڪتوبات احمدي' واري هن ڳالھ جي وصيت فرمائي آهي ۽ سلوڪ ۾

"النهايت في الرجوع اليٰ البدايت"

يعني نهايت، ابتدا ڏانهن موٽڻ آهي. چاڪاڻ ته ذڪر جو ڪمال شهود ڪان ٻاهر اچڻ جو نالو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن الله کي نه سڃاتو، اهو ان جي حق ۾ ڪلي فرضي آهي، جنهن جو ڪو به فرد موجود نه هوندو آهي. پوءِ رب ان لاءِ آهي، جنهن کي اهو سڃاڻي. پوءِ پڻ ان کي اها ڄاڻ نه هجي ته اهو ڪيس سڃاڻي ٿو.

سلطان اولياء فرمايو: جيئرن طرفان مُئلن واسطي چڱا ڪم بخشڻ، رڳو طلب ڪندڙن کي ئي نفعو ڏيندا آهن. هر ڪنهن ميت لاءِ اهو نفعو نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ننڊ ۾ پيش ايندڙ حالت تي ڪو به اعتبار نه آهي، (ڇو ته) اهو ائين آهي جيئن ڪو ننڊ ۾ بادشاهي ماڻي، حالانڪ اها بادشاهي نه آهي.

آئون چوان ٿو: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته خواب ۾ وجد جهڙا احوال اها خبر ڏين ٿا ته ڏسڻ واري ماڻهوءَ ۾ اهڙي لياقت آهي ۽ ڪيترا اهڙا استعداد آهن، جيڪي قوت ڪان اچا فعليت (وجود) ۾ نه آيا آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: فقير کي سچاڻ لاءِ سڀ کان بهترين طريقو پاڪ مٽيءَ واري سڃاڻپ آهي. جنهن تي جڏهن پاڻي وڌو وڃي ته هٿ يا پير تي ڪو به غبار جو اثر ۽ نقصان نه پهچي.

آئون چوان ٿو ته: هن ڳالھ جو اصل (هيءَ آيت مبارڪ آهي:

إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الإِسْلاَمُ (19:03:03)

[ترجمو: بيشڪ الله وٽ دين اسلام ئي آهي.]

۽ مسلمان جي اها تعريف هن حديث پاڪ ۾ پڻ آهي ته،

اَلمُسلِمُ مَن سَلم اِلمَسلمُون من لِّسَانِہِ وَيَدِہِ

[ترجمو: مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان سلامت رهن.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِم مِّنْ غِلٍّ (43:07:08)

[ترجمو: ۽ سندن سينن ۾ جيڪي دشمني ۽ کوٽ آهي، ان سڀ کي اسان ڪڍي ڇڏينداسون.]

سلطان الاولياء فرمايو: مُدّعي پنهنجي دعويٰ خاطر منع ۽ معارضو (دليل بازي) پيش ڪندو آهي، پر جنهن ماٺ ڪئي تنهن ڇوٽڪارو لڌو.[51]

آئون چوان ٿو: پهرين ڳالھ ته منع ۽ معارضو علم مناظره جو خلاصو آهي ۽ منع تي نقص نه ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ دليل کي رد ڪرڻ سان مُدّعي وري ٻيو دليل هٿ ڪندو آهي. ٻي ڳالھ ته ماٺ ڪرڻ علم حديث جو خلاصو آهي، پوءِ جيڪو تفريق (ٻن مسئلن کي الڳ) ڪندو يا جمع ڪندو ان تي لازم آهي ته ڪنهن

ظاهر حديث جو نقل پيش ڪري يا صحيح دليل آڻي، پر جيڪڏهن ڪو سوال پڇندڙ آهي تنهن کي دڙڪو داب نه ڏيڻ کپي.

بندگي کن ترا بحکم چه کار

[معنيٰ: تون ٻانهپ ڪر، تو کي حڪم هلائڻ سان ڪهڙو ڪم؟]

ڪتاب 'بدرالمنير' ۾ آهي ته احتياط ۽ پختگي ٿوري حڪم هلائڻ ۽ گهڻي عمل ڪرڻ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُبتدي جي طلب ۾ حرص هوندو آهي ۽ نفس جي فنا کان اڳ ۾ جذبو اڻ پورو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو جذبو نفس جي لذت سان مليل آهي ۽ نفس جي لذت جهان جي لذتن مان ئي آهي. فنا جو مقصد دنيا کان ٻاهر جي لذت حاصل ڪرڻ آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

بنده هستي نيست هر که او صادق است

[معنيٰ: جيڪو طلب ۾ سچو آهي سو هن هستيءَ جو ٻانهو نه آهي.]

آئون چوان ٿو: ڪنهن هي شعر ڪهڙو نه سهڻو چيو آهي.

كاذب الفجر يبدو قبل صادقہ

و اوّل الغيث قطر ثم ينسكب

[معنيٰ: ڪوڙو صبح، سچي صبح کان اڳ ۾ ظاهر ٿيندو آهي، مينهن جي شروعات ڦڙين سان ٿيندي آهي پوءِ وڏ ڦڙو وسندو آهي.]

فمثل ذالک ودّ العاشقين هويٰ

بالمزج يب و بالا رمان يلتهب

[معنيٰ: عاشقن جي دوستي به مينهن وانگر آهي، جو شروع ۾ هوس معلوم ٿيندي آهي، پر پوءِ هميشگيءَ سان (باهه وانگر) چنبڙيون هٽندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: نقشبندين جي ڳجهي ذڪر جو دليل قرآن ۽ حديث آهي، پوءِ ان ذڪر جو انڪار معتبر نه آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَاذْكُر رَّبَّكَ إِذَا نَسِيتَ (24:18:15)

[ترجمو: جڏهن تون (پاڻ کي) وسارين تڏهن پنهنجي پالڻهار کي ياد ڪندو ڪر.]

جيڪو بدن جي ويساري کي سڃاڻيندو، سو ڪڏهن به حضور جي خواهش نه رکندو ۽ ويسلا هن ڳالهه کان غافل هوندا آهن. جن پاڻ کي نه وساريو آهي سي بدن واري ويساري کان بي خبر هوندا آهن، هن حضور ۾ (الله کان سواءِ) سڀ شيءِ وسريل هوندي آهي. حضرت ابوبڪر صديقؓ هن ويسر جي خبر رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته هاءِ افسوس! مون کي حضور اڪرم ﷺ وارو ويسارو (غير کان) نصيب ٿئي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن لطيفا پنهنجي اصل ڏانهن مٿي ويندا آهن، تڏهن تون پنهنجي بدن کي پٿر وانگر ڏسندين، جنهن ۾ ڪو نور نه آهي.

خاک شو خاک تا بروید گل
که بجز خاک نیست مظهر گل

[مِٺي ٿيءُ ته جيئن تو مان گُل ڦُٽن، مٺيءَ کان سواءِ گلن جي ظاهر ٿيڻ جي جاءِ نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: پاڪ زندگي وارا صاحب زنده هوندا آهن، انهن کان سواءِ ٻيا مئل ماڻهن وانگر آهن.

آئون چوان ٿوته: پاڪ زندگي، ان شيءِ تي قناعت ڪرڻ جو نالو آهي، جنهن کي الله پاڪ گهريو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ايلچيءَ کي پڪڙيو، اهوئي سڪندر آهي. حقيقي بادشاه وٽ اهو ئي پهچائيندو، جيڪو ان کي شڪ کان سواءِ سُڃاڻيندو. ڇاڪاڻ ته الله (ٻئي ۾ ظهور جو) انڪار ڪيو آهي، پر ان شخص وٽ اقراري آهي جنهن جي دل ۾ سندس موافق نمونو هوندو. هن کي "**مضبوط معرفت**" چئبو آهي.[52]

آئون چوان ٿوته: مولوي رومي چيو آهي:

آن شهي در بندگي پنهان شده

بهر جاسوسي بدنيا آمده

[معنيٰ: اهو (حقيقي) بادشاه ٻانهي (ڪامل مرشد جي لباس) ۾ ڳجهو ٿيو آهي. اهو ان ريت جاسوسيءَ ۽ ڳولا جي لاءِ دنيا ۾ آهي.]

هر ديده جائي جلوه آن ماه پاره نيست

[معنيٰ: هر اک حقيقي معشوق جي جلوه گاه نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: زال سڄي ساري ٻڍي وئي پر بيوقوف ماڻهو سندس پوتي جي پُڇا ڪري رهيو آهي.

آئون چوان ٿو: (حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن) اهو مثال سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي شخص لاءِ ڏيندا هئا. جيڪو الله ۾

فاني آهي. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي وجود ۽ سندس تابع شين جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪونه ڪندو آهي، بلڪ پاڻ کي ذات ۾ گم ڪندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن کي الله تي توڪل آهي، اهو امام حسين ؓ جي شهادت واري واقعي کي الله کان پائيندو.

آئون چوان ٿو: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) جو توڪل مان اهو مطلب آهي ته الله جي قضا ۽ قدر تي راضي رهڻ ئي معرفت آهي. الله جي معرفت کان سواءِ توڪل هڪ ڏوڪو ۽ اٽڇاٽائي آهي. ڇاڪاڻ ته توڪل جو دارومدار الله جي سڃاڻڻ ۽ سندس حڪم کي مڃڻ ۽ دنيا کان منهن موڙڻ تي آهي.

هن ڳالهه جو مطلب هي آهي ته جيڪو بصيرت جو صاحب نه آهي، تنهن جي توڪل ۽ ٻين ڪمن تي ڪو اعتبار نه آهي. تنهن ڪري فقيهن چيو آهي ته مجهول (اڻ ڇاتل) شيءِ کي خريد ڪرڻ جائز نه آهي.

حديث شريف ۾ آهي:

من رضي فله الرضيٰ ومن سخط فله السخط

[ترجمو: جيڪو الله جي رضا تي راضي ٿيو، ان لاءِ الله جو راضپو(ئي ڪافي) آهي ۽ جنهن تقدير تي ناراضگي ڪئي تنهن لاءِ الله جي ڪاوڙ آهي.]

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي :

من احب لقاءَ الله احب لقائه

[ترجمو: جيڪو الله جي ديدار کي پسند ڪندو ته الله به سندس ديدار کي پسند ڪندو.]

پوءِ مقبول ماڻهو اهو آهي جيڪو حق کي قبول ڪري، (چاڪاڻ ته) حق، ڪوڙن ماڻهن کي ڪڙو لڳندو آهي.

معشوق من است آنکه بنزديک توزشت است.

[معنيٰ: منهنجو معشوق اها ذات آهي جيڪو تو وٽ چڱو نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن شيءِ (يعني محبت) جي باري ۾ اسان ڳالهائي رهيا آهيون، ان کي عارف (شيخ شبلي) هن طرح بيان ڪيو آهي:

احبّ قلبي و ما دريٰ بدني

ولو دريٰ ماقام في السمن

[معنيٰ: منهنجي دل الله کي دوست رکي ٿي، پر منهنجي بدن کي ان جي ڪابه خبر نه آهي، جيڪڏهن منهنجو بدن ان محبت کي ڄاڻي ها ته ٿلهو نه ٿئي ها.]

سلطان الاولياء فرمايو: نصوص (قرآني آيتن) جو پاڻ ۾ اختلاف ماڻهن جي پنهنجي مختلف احوالن ڪري آهي، پوءِ ڪنهن آيت ۾ تاويل ڪري ان کي ٻي آيت ڏانهن موٽائڻ ۽ موافقت پيدا ڪرڻ يا هڪ آيت کي ناسخ ۽ ٻي آيت کي منسوخ چوڻ اجائي تڪليف ۽ جهالت آهي.

آئون چوان ٿو: هر مقام لاءِ مناسب گفتگو هوندي آهي ۽ هر علم لاءِ مرد موجود هوندا آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: ماڻهو چون ٿا ته نبي ڪريم ﷺ جن بيماريءَ جي تڪليف ۾ رحلت فرمائي. انهن ماڻهن کي اها خبر نه آهي ته بيماريءَ ۾ حضور اڪرم ﷺ کي ڪيڏو (دل جو) حضور ۽ سرور

حاصل هو، چاڪاڻ ته ڪامل انسان پنهنجي اصلي وطن ڏانهن بنا تڪليف جي ويندو آهي.[53]

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

مرگ شيرين گشت نقلم زين سرا

چون قفس هشتن و پريدن مرغ را

[معنيٰ: هن فاني سراءِ مان لڏڻ وقت موت منهنجي لاءِ لذت وارو ٿي پيو آهي، ان جو مثال پڃري جو پڃڻ ۽ پکيءَ جو اڏامڻ آهي.]

روح دارد بي بدن پس ڪاروبار

مرغ باشد در قفس بس بيقرار

[معنيٰ: روح کي بدن کان ٻاهر به گهڻو ڪاروبار آهي. پکي پڃري ۾ گهڻو بي آرام هوندو آهي.]

آئون چوان ٿو ته: امام نووي پنهنجي رحلت وقت هي شعر پڙهيو هو:

يسائر قلبي في قدومي عليهم

وباليسر يسريٰ يوم اسريٰ اليهم

[معنيٰ: اوڏانهن وڃڻ ۾ منهنجي دل خوش ٿئي ٿي، جڏهن آئون انهن ڏانهن وڃان ٿو ته دل آسانيءَ سان هلي ٿي.]

سلطان الاولياء فرمايو: خاص ماڻهن لاءِ هڪ اڻ ڇاتل قبلو هوندو آهي، جيڪو مُرشد آهي.

آئون چوان ٿو ته: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) اهو تڏهن فرمايائون جڏهن مون کين هڪ ڪتاب جي ڳالهه ٻُڌائي. (اها ڳالهه هيءَ هئي ته هڪ ڏينهن) شيخ نظام الدين اولياءَ (دهلوي)

پنهنجي جاءِ کي صاف ڪري رهيو هو ۽ سندس مٿي تي ٿوپي پاسيري پيل هئي، پاڻ ان وقت هيءَ مصرع پڙهي رهيا هئا:

هر قوم راست رسمي وديني و قبله گاهي

[معنيٰ: هر قوم کي پنهنجي خاص رسم، دين ۽ قبلو هوندو آهي.]

ايتري ۾خاص معتقد امير خسرو کين ڏٺو ۽ سندن اهو ٻول ٻُڌي ورتو، تڏهن هن يڪدم هيءَ مصرع پڙهي:

من قبله راست کردم برسمت کج کلاهي

[معنيٰ: مون پنهنجو قبلو اهڙي شخص ڏانهن ڪري ڇڏيو، جنهن جي مٿي تي پاسيري ٿوپي آهي.]

شيخ نظام الدين، امير خسرو جي هن مصرع کي گهڻو پسند ڪيو ۽ امير خسرو بابت پاڻ مذڪوره قول فرمايائون.

هتي سمجهڻ گهرجي ته (خواجه نظام الدين ۽ امير خسرو جو) هي بيت ڪيترن ئي شرعي علمن جو خلاصو آهي. ڇاڪاڻ ته هي بيت حق ۽ باطل مذهبن جي جاچ لاءِ ڪافي آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **وَاتَّبِعْ سَبِيلَ مَنْ أَنَابَ إِلَيَّ** (15:31:21)

[ترجمو: ۽ تون اهڙي شخص جي پيروي ڪر، جيڪو مون ڏانهن موٽيو آهي.]

پر (انهن) يهودين ۽ عيسائين جي زاهدن جي پيروي نه ڪرڻ (گهرجي، جن) الله جي ربوبيت ۾ شرڪ ڪيو آهي. جيئن قرآن ۾ آهي: جيتوڻيڪ انهن راهبن الله ڪري ڪونه سمجهيو آهي. ائين تفسيرن ۾ آهي. هن ڳالهه جو مطلب هي آهي ته قرآن جي حڪم مطابق انڌي تقليد باطل آهي. قرآن هر انسان تي سوچڻ واجب

ڪيو آهي، تنهن ڪري هر مسئلي جي تحقيق دليل جي گھرج کان سواءِ فرض آهي. جنهن شخص هي چيو آهي ان جو بدلو کيس الله پاڪ ڏيندو ته:

انظروا ما قال ولا تنظروا من قال

[يعني: جيڪو چيو اٿس ان ڏانهن ڏسو (ته چڱو آهي يا خراب) ۽ جنهن چيو آهي ان ڏانهن نه ڏسو.]

علامه عيني 'شرح هدايہ' ۾ لکيو آهي ته، علم جي سموري آفت ٻئي جي تقليد ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: باھ رڳو روشني ۽ جوهر آهي پر اصل جوهر فقط انسان آهي.[54]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪن جو چوڻ آهي ته انسان چئن عناصرن جي گڏجڻ سان ٺهيو آهي. پوءِ اهو انسان اهڙو نالو آهي، جنهن جو مُسمّيٰ خيالي شيءِ آهي ۽ انساني صورت الاهي صورت (جيڪا شڪل کان پاڪ آهي) جو پاچو آهي.

جيئن مولوي جامي چيو آهي:

بحريکي موج هزاران هزار

روئي يکي آئينها بيشمار

[معنيٰ: سمنڊ هڪڙو آهي ۽ ان جون لهريون هزارين لکين آهن، اهڙي طرح چهرو هڪڙو آهي، پر آئينا بيشمار آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ماڻهو شادي شده آهي ۽ طريقت ۾ اچڻ گھري ٿو ته زال کي طلاق ڏيڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. ڇاڪاڻ ته نبي ڪريم ﷺ جن "غار حرا" ۾ پنهنجي پالڻهار سان

خلوت ڪندا هئا ۽ حضرت بي بي خديجه رضه کي طلاق نه ڏنائون. حديثن ۾ آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي بيبين جي گهرن ۾ ايندا هئا ۽ کانئن پڇندا هئا ته اوهان وٽ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ آهي؟ پوءِ جيڪڏهن بيبين وٽ کاڌو هوندو هو ته کائيندا هئا نه ته روزو رکي ڇڏيندا هئا. ۽ اهو ڪنهن به حديث ۾نه آيو آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ کاڌي جي خواهش هوندي ۽ کاڌي جي موجودگيءَ ۾ نه کائين. اها ڳالھ سمجهڻ گهرجي. (ڇاڪاڻ ته) هن ڳالھ جي سمجهڻ ۾ ڪيترن ئي زاهدن کان خطا ٿي آهي، نه ته حضور ڪريم ﷺ جن جي سنت جي تابعداري ۾ ڪو به حرج نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن شيءِ کي گهرندو آهي، تڏهن ان جا اسباب پيدا ڪندو آهي. 'صحيح بخاري' جي حديث آهي ته:

الطاعم الشاكر كا الصائم الصابر

[ترجمو: شڪر ڪري کائڻ وارو ان روزائت وانگر آهي جيڪو (بُک ۽ اڃ تي) صبر ڪندڙ آهي.]

شڪر جو مطلب هي آهي ته نعمت عطا ڪرڻ واري (الله تعاليٰ) جي نعمت جو حق ادا ڪجي ۽ امانتون سندن مالڪن جي حوالي ڪرڻ به شڪر آهي. شڪر جو ضد نعمت جو ڪفر ۽ وڏائي ڪرڻ آهي. جيئن 'احياءَالعلوم' ۾ آهي. ۽ ڪتاب 'منهاج العابدين' ۾ آهي ته عابد لاءِ ست منزلون آهن جن مان آخري منزل شڪر ۽ پهرين منزل علم آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: سج آسمان تي آهي ۽ سندس پاڇو زمين تي آهي. هي بيان ان لاءِ مثال آهي جيڪو "**اصلي ولايت**" ۽ "**ظلي ولايت**" (ٻنهي) ۾ فرق ڪندڙ آهي.[55]

آئون چوان ٿوته: الله جي ذات کي مظهر کانسواءِ ڏسڻ "اصلي ولايت" آهي ۽ مظهرن ۾ ڏسڻ "ظلي ولايت" آهي. پوءِ اُهي مظهر عقلي چو نه هجن.

مولوي رومي چيو آهي:

"مه ببالا دان مدان در آب جو"

[معنيٰ: چنڊ کي آسمان تي سمجھ، پاڻي ۾ نه ڳولھ.]

سلطان الاولياء فرمايو: دل جي سڪون ۽ وسوسي کي ختم ڪرڻ ۽ اُهي فڪر جيڪي دل ڏانهن حرڪت ڪندا آهن، تن کي پري ڪرڻ جونالو جمعيت آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَيُقْذَفُونَ مِن كُلِّ جَانِبٍ (08:37:23)

[ترجمو: ۽ کين تڙڻ لاءِ هرطرف کان اُماڙين سان ڇُنڊيو وڃي.]

آئون چوان ٿو ته: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته اصل تي نگاھ ڪرڻ گهرجي ۽ الله جي ذات جيڪا ڳجهي آهي، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي نه طلب ڪجي ۽ نه وري ٻئي ڪنهن کي ثابت سمجهڻ گهرجي.

سلطان الاولياء فرمايو:

توازان طوطي عالم قدسي

مي زني پر بهوائي مگسي.

[معنيٰ: تون عالم قدس جي پکين مان آهين، پر هيڏ ۾ مک وانگر پر پيو هڻين.]

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي :

آفت اين در هوائي شهوت است
ورنه اين جا شربت اندر شربت است

[معنيٰ: هرڪا آفت لالچ ۽ شهوت ۾ آهي، جيڪڏهن لالچ جي آفت نه هجي ته شربت ئي شربت آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: روئڻ الله کان غافل بنائيندو آهي. تنهن ڪري دل ڏانهن ڌيان ڏيو. چاڪاڻ ته ڌيان دل کي نفعو پهچائيندو آهي ۽ روئڻ ۾ نفعو نه آهي. الله تعاليٰ کي اوهان جي روئڻ جي پرواهه ناهي، اهو جهان وارن کان بي پرواهه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: چريو مرشد ڪونه ٿيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: اهو هن ڪري جو مُرشد "**مجذوب سالڪ**" يا "**سالڪ مجذوب**" هوندو آهي ۽ چريو ائين نه هوندو آهي. اصل (ڳالهه) شريعت ۽ طريقت تي استقامت آهي ۽ چريائي شريعت ۽ طريقت جي خلاف آهي. هن مان معلوم ٿيو ته جنهن چريائيءَ جي بُرائي بيان ڪئي ويئي آهي سا شيطاني چريائي آهي، رحماني نه آهي. چو ته اها ايمان لاءِ شرط آهي.هن جو ثبوت هي حديث آهي:

لن يوء من احدكم حتيٰ يقال انہ مجنون

[ترجمو: اوهان مان ايستائين ڪو مومن نٿو ٿئي، جيستائين ان کي مجنون نه چيو وڃي.]

رحم ڪرڻ واري جنون ۽ مستي کي حماقت ۽ بيوقوفي چوندا آهن، جيڪا ڏاهپ جي ڪمال جو ڏس ڏيندڙ آهي ۽ سلوڪ ۽ جذبي جي جامع آهي.

صائب چيو آهي:

نباشد تا خرد کامل جنون کامل نمي گردد

شراب تلخ از انگور شيرين خوب مي آيد.

[ايستائين ڏاهپ ڪماليت کي نه پهچندي، جيستائين جنون ڪمال کي نٿو پهچي. ڪڙو شراب مٺي انگور کان وڌيڪ عمدو هوندو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيستائين تنهنجي ۽ جهان جي وچ ۾ لاڳاپو آهي، تيستائين (تولاءِ) ڇوٽڪارو نه آهي. ڇاڪاڻ ته جهان وڏو نفس آهي ۽ تنهنجو نفس ان جي ٿاري آهي، پوءِ تون ننڍي ۽ وڏي نفس کان ٻاهر نڪر. ڇو ته رحمان ڪنهن ڪيفيت کان سواءِ عرش تي آهي.

عالمي خواهم ازين عالم بدر[56]

[آئون هن جهان کان ٻاهر هڪ جهان ڳوليان ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: نٿي ۾ هڪ ظاهري عالم منهنجي مُرشد (شيخ محمد قدس سره) جي ملامت ڪندو هو ته هو ڪتابن جو مطالعو نه ٿو ڪري. جيڪڏهن ان ظاهري عالم کي انهن شين جي خبر هجي ها جن تي اسان واري جماعت جي نظر هوندي آهي ته ڪڏهن به منهنجي مرشد کي ملامت نه ڪري ها. ڇاڪاڻ

ته اوليائن جي دل خود لکيل ڪتاب آهي. جيئن ‘تفسير بيضاوي’ ۾ آهي ته لکيل ڪتاب ڪاغذ نه آهي.

آئـون چـوان ٿـو ته: هـر ڪـتاب تـي ڀـروسو ڪـرڻ لاءِ اهـو شـرط آهي ته اهو اصل جي موافق هجي.

مولوي رومي چيو آهي:

دفتر صوفي سواد حرف نيست

جز دل سفيد همچو برف نيست

[معنيٰ: صوفيءَ جو دفتر اکرن سان ڪارو نه آهي، صوفيءَ جو دفتر برف جهڙي دل جي صفائي ۽ اُجرائي ڪانسواءِ ناهي.]

زاد دانشمند آثار قلم

زاد صوفي چيست انوار قدم.

[معنيٰ: عقلمند انسان جو سامان قلم سان لکيل ڪتاب آهن، پر صوفيءَ جو سامان الله تعاليٰ جا انوار آهن.]

عاشقان را شد مدرس حسن دوست

دفتر و درس و سبق شان روئي اوست

[معنيٰ: عاشقن جو استاد معشوق جي سونهن آهي. عاشقن جو دفتر، درس ۽ سبق پڙهڻ معشوق جو چهرو آهي.]

گلشن کز عقل رويد خُودم است

گلشن کز نقل رويد يکدم است

[معنيٰ: اهو باغ جيڪو عقل کان ڦُٽي ٿو سو پلو آهي، اهو باغ جيڪو نقل کان ڦُٽي ٿو سو هڪ گهڙي لاءِ آهي.]

علم نقلي بادم قطب زمان

چون تيمم باوجود آب دان

[معنيٰ: اهو نقلي علم ”قطب زمان“ جي هوندي ائين آهي جيئن پاڻيءَ جي هوندي تيمم ڪرڻ سمجھ!.]

تا قيامت آزمائش دائم است

پس بهر دوري ولي قائم است

[معنيٰ: قيامت تائين اها آزمائش هميشہ رهندي ان ڪري هر دور ۾ هڪ ولي ضرور قائم رهندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: طريقت جي مشغولين بابت گھڻو ڪجھ چيو ويو آهي پر طريقت جي حقيقتن بابت تمام ٿورو آهي.

آئـون چـوان ٿـو تہ: طريقي جي حقيقتن مان مُراد محبت جا اثر ۽ علوم آهن ۽ قرآن ۽ حديث جا اسرار ڄاڻڻ آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

آنچہ ظاهر هست بر اهل شهود

در عبارت شمئہ نتوان نمود

[معنيٰ: جيڪا (حقيقت) ڏسڻ وارن تي ظاهر آهي، عبارت يا لکت ۾ ان جي بوءِ نٿي سنگھي سگھجي.]

درسي نبود هر آنچہ در سينہ بود

[معنيٰ: جيڪي ڪجھ درويشن جي سيني ۾ آهي، اها شيءِ پڙهڻ ۾ نٿي اچي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي تہ ناسخ ۽ منسوخ قرآن ۽ حديث ۾ آهي. پوءِ جنهن ناسخ کي نہ سڃاتو اهو

منسوخ تي عمل ڪندو رهندو. شايد انهيءَ ڪري فقه وارو هڪ عالم ڪي صوفيءَ تي فضيلت ڏيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو قرآن ۽ حديث ۾ ناسخ ۽ منسوخ کي ڄاڻندو آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه نظر انداز ڪجي ته پوءِ صوفي جيڪو اصل آهي سو فقيهه کان وڏيڪ پلو آهي جيڪو فرع آهي.

حديث شريف ۾ آهي:

اذا صلح القلب صلح الجسد

[ترجمو: جڏهن دل سُڌري وئي ته سڄو جسم سڌري ويو.]

پوءِ دل متبوع آهي ۽ جسم تابعداري ڪندڙ آهي.

آئون چوان ٿو: جنهن پنهنجي مذهب ۽ مشرب کي مضبوط ڪيو تنهن لاءِ ناسخ ۽ منسوخ ڪجهه نه رهندو، ۽ اهو الله جو ڪلمو ''لااله الاالله'' گهڻو بُلند آهي. پوءِ جيڪو الله جي توحيد تي قائم هوندو اهو ڪنهن به جاءِ تي ڪڏهن گمراهه نه ٿيندو. ''فقر'' ڪامل ماڻهن جو فخر آهي. پوءِ جيڪڏهن تون فقر تي هوندين ته صحيح واٽ لهندين.[57] ڇاڪاڻ ته فرع جو شرط اهو آهي ته اهو اصل جي خلاف نه هجي. چو ته فرع اصل لاءِ شرح آهي ۽ ان کي ٽوڙيندڙ نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: قران شريف ۾ آهي:

يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِن بَعْدِ مَا قَنَطُوا (28:42:25)

[ترجمو: ماڻهن جي نا اميد ٿيڻ کان پوءِ ئي هو رحمت جي برسات موڪلي ٿو.]

آئون چوان ٿو ته: ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته اسان جي طريقي جي انتها ڪامل

يقين ۽ نه ڄاڻڻ ۽ نه لهڻ تي راضي رهڻ ۾ آهي.

مولوي جامي چوي ٿو:

زعنقا هست نام پيش مردم

زمرغ من بود آن نام هم گم

[معنيٰ: مردن جي اڳيان عنقا پکي جو نالو مشهور آهي، (هو ان کي سڃاڻن ٿا) مگر منهنجو محبوب اهڙو بي مثال آهي جنهن جو نالو به معلوم نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: موت کان اڳ مرڻ جي معنيٰ حالت جي تبديلي آهي. جيئن (حديث ۾) آهي ته:

اميتوها بالطبخ

[ترجمو: ٿوم ۽ بصر جي بوءِ کي پچائڻ سان ختم ڪريو.]

آئون چوان ٿو: لفظ ”اميتوها“ ۾ ”ها“ ضمير منسوب آهي، جيڪو بصر ۽ ٿوم ڏانهن موٽي ٿو. جيئن ڪتاب ’مفاتيح‘ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله جي محبت، صلح ۽ موافقت جو ارادو آهي ۽ صلح جو مطلب الله جي تقدير ۽ حڪم تي راضي رهڻ ئي آهي. وصال جي ارادي کي محبت نه چئبو، ڇاڪاڻ ته اهو هڪ نفسي مطلب آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله جي تجلي جا ٽي قسم آهن:

(1) صوري

(2) معنوي،

۽ (3) ذوقي.

تجلي ذوقي گھڻو اعليٰ ۽ افضل آهي.

(امام)غزالي جو هي قول آهي ته حقيقتن جو مثال رڳو انبيائن جي لاءِ هوندو آهي، پر جنهن شيءِ ۾ انبياءَ ۽ اولياءَ شريڪ آهن، سو خواب ۽ الهام آهي. غزالي جو اهو اشارو تجلي ذوقي ڏانهن آهي. جيئن بيبي مريم عليها السلام کي تجلي ذوقي ٿي هئي.

قرآن شريف ۾ آهي:

فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا (17:19:16)

[ترجمو: پوءِ هن (مريم) جي آڏو هڪ انسان جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو.]

چاڪاڻ ته بي بي مريم عليها السّلام جو حمل ذوقي تجلي جي علامت آهي.

آئون چوان ٿو: ڪنهن صورت ۾ حق جي ظاهر ٿيڻ سان علم جو ظاهر ٿيڻ تجلي آهي. (پوءِ) اهو ظاهر ٿيڻ صوري هجي يا معنوي هجي يا مطلق هجي. پوئين تجلي جيڪا ڪنهن مظهر ۾ نه آهي تنهن جو نالو تجلي ذوقي ۽ برقي آهي ۽ نقشبندين جو مقام اها پوئين تجلي برقي آهي. هن تجلي کي "**مقام محمدي**" به چوندا آهن ۽ اها تجلي"**وصولِ عُرياني**" (ڪنهن پردي کان سواءِ) پهچڻ آهي.[58]

سلطان الاولياء فرمايو: اهلِ ظاهر جو علم عارفن جي علم جو مخالف نه هوندو آهي. ظاهري عالمن جو علم رڳو فرضي ڪُلي هوندو آهي، چاڪاڻ ته اُهي حال جي گفتگو کان قاصر آهن.

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ آهي:

مذڪور طلب چه خواهي از ذڪر

اين است خلاصه همہ فڪر

[معنيٰ: الله جي طلب ڪر! تون ذڪر مان ڇا ٿو طلبين؟ اها طلب سڀني فڪرن جو خلاصو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: طالب جي ڪن احوالن مان پنهنجي مُرشد سان اعتقاد جو فساد ڏسڻ ۾ ايندو آهي، بلڪ ڪن حالتن ۾ (طالب کي) انبيائن جا معاملا پڻ سمجھ ۾ نه ايندا آهن. اهڙي حالت ۾ طالب لاءِ واجب آهي ته ان حال کي الله ڏانهن موٽائي، جيڪو انسان جي ڏسڻ ۽ چاٽڻ کان مٿاهون ۽ پاڪ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ذڪر جي نور کان حجاب ۾ رهڻ جو ڪارڻ نفساني ميراين جو ظهور آهي.

جيئن مولوي رومي چوي ٿو:

جمله قرآن شرح خُبث نفسها است

بنگر اندر مصحف و آن چشمت ڪجا است.

[معنيٰ: سڄو قرآن انساني نفس جي پليتين جي بيان ۾ آهي، قرآن ۾ ڏس، پر توکي ڏسڻ واريون اُهي اکيون ڪٿي آهن؟]

سلطان الاولياء فرمايو: دماغ کي (خطرن کان) پاڪ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته دماغ نفس جي جاءِ آهي.

آئون چوان ٿو ته: دماغ کي پاڪ ڪرڻ مان مراد ذڪر جي نور کان پردو ڪندڙ ڪَدورتن ۽ پَليتين ڏانهن اشارو آهي، جنهن جي وڌيڪ اُپٽار اڳتي ايندي.

سلطان الاولياء فرمايو: ''**حقيقت احمدي**''، ''**حقيقت محمدي**''' کان گهڻو بُلند آهي. احمدي اولياء ٿورا پر وڏيڪ ڪامل آهن. نصارن محمد ﷺجو هن ڪري انڪار ڪيو هو جو پاڻ سڳورا ''احمد'' ﷺ جي نالي سان (نصارن وٽ) مشهور نه هئا، جنهن جي حضرت عيسىٰ ؑ انجيل ۾ خبر ڏني هئي. جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي:

مُبَشِّرًا بِرَسُولٍ يَاتِي مِن بَعْدِي اسمُه اَحمَدُ (06:61:28)

(ترجمو: هڪ اهڙي رسول جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان، جيڪو مون کان پوءِ ايندو، جنهن جو نالو احمد ﷺ هوندو.)

آئون چوان ٿو ته: ''**احمدي ولايت**'' خالص معشوقيت آهي ۽ ''محمدي'' عاشقيت سان مليل آهي. ائين 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي. هن ڳالھ جو خلاصو هي آهي ته دين احمديءَ ۾ دين محمديءَ کان گهڻي آساني آهي. اها ڳالھ سمجهڻ گهرجي.[59]

سلطان الاولياء فرمايو: فنا ۽ بقا جو مثال اٺي ۽ پچائڻ جو آهي. يعني هڪ حال فنا ٿئي ٿو ته ٻيو حال ظاهر ڪري ٿو ۽ عارف اصلي حال کي موجود حال سمجهي ٿو. ڇا تو نه ڏٺو آهي ته ڇيڻي جي خاڪ ڇيڻي جي حالت جي خبر ڏيندي آهي ۽ ڳاھ (چاري) جي خبر لڏ مان ظاهر ٿيندي آهي. پوءِ تون به پنهنجي اصل کي پنهنجي احوالن مان سڃاڻ.!

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪي تو کان فنا ٿئي ٿو، تنهن جو بدلو ضرور ملي ٿو ۽ اهو فنا ٿيل جي جاءِ والاري ٿو، پر عمر جو عيوض الله کان سواءِ ڪو به نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

"حسبي ربي جلّ الله ما في قلبي غير الله"

[ترجمو: مون کي منهنجو پالڻهار ڪافي آهي، منهنجي دل ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪير به نه آهي.]

آئون چوان ٿو ته: مون کي مُنهنجي وڏي مُرشد سائين (سلطان اولياء) فرمايو ته منهنجو پيارو پٽ خواجه گل محمد (قدس سره) اهو ذڪر گهڻو ڪندو آهي ۽ اسين پنهنجي وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء قدس سره) کان "سبحان الله" جو لفظ گهڻو ٻُڌندا هئاسين ۽ اهڙي طرح "هي هي" جو لفظ به گهڻو اُچاريندا هئا، جنهن جي معنيٰ (الله) موجود آهي.

ڪتاب "ڪشف" ۾ آهي ته "اِلـٰہ" الله پاڪ جو ذاتي نالو آهي. هن لحاظ سان ته هو موجود آهي، جيئن "الهوا" اهڙي ذات جو نالو آهي، جيڪا غائب ۽ ناپيد آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو: جڏهن بيماري اچي ته ان جي هٽائڻ جي ڪوشش نه ڪر.

آئون چوان ٿو: حافظ چيو آهي:

قراري ڪرده ام با مئي فروشان
ڪه روزي غم بجز ساغر نگيرم

[معنيٰ: مون شراب پيارڻ وارن سان قول ڪيو آهي ته ڏک جي ڏينهن شراب جي پيالي کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه وٺندس.]

مولوي رومي چيو آهي:

چون فنا را شد سبب بي منتها

پس كدا مين راه را بنديم ما

[معنيٰ: جڏهن فنا ٿيڻ جا اسباب بي انتها آهن، پوءِ اسان ڪهڙي رستي کي بند ڪريون.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَكَفَى اللَّهُ الْمُؤْمِنِينَ الْقِتَالَ (25:33:21)

[ترجمو: الله ئي مؤمن لاءِ جنگ جي وقت ڪافي آهي.]

(ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي)

وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ (80:26:19)

[ترجمو: (حضرت ابراهيمؑ چيو ته) جڏهن آئون بيمار ٿيندو آهيان ته اهو (الله ئي) مون کي شفا ڏئي ٿو]

مِّلَّةَ أَبِيكُمْ إِبْرَاهِيمَ (78:22:17)

[ترجمو: (اها شفا جي طلب) اوهان جي پيءُ ابراهيمؑ جو ئي طريقو آهي.] ۽ الله ئي توفيق ڏيندڙ آهي.

توڪل ئي عزيمت آهي. بيماريءَ کان ڇوٽڪاري ڳولڻ جو ذڪر اڳ ۾ گذريو، اها رُخصت (جواز) آهي. ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته اسان جي (نقشبندي) طريقي جو مدار عزيمت تي آهي جيترو ٿي سگهي ته رُخصت کان پاسو ڪجي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

ان الله يحب ان يؤتي رخصة كما يحب ان يؤتي عزائمة

[ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ رخصت تي عمل ڪرڻ کي پسند ڪري ٿو جيئن عزيمت تي عمل ڪرڻ کي پسند ڪندو آهي.]

هڪ ٻي حديث ۾ آهي ته:

افضل امتي الذين يعملون بالرخص

[ترجمو: منهنجي افضل امت اها آهي جيڪي رُخصت تي عمل ڪري.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يُرِيدُ اللَّهُ بِكُمُ الْيُسْرَ (185:02:02)

[ترجمو: الله اوهان تي آساني جو ارادو ڪري ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: عارف سچو مغز آهي ۽ جهان ڪان حجاب جو سبب ظاهري پردا آهن. الاهي قباء مان مراد اها ئي آهي، جنهن جي هيٺان عام ماڻهن ڪان اوليائن کي ڍڪي ٿو.[60]

آئون چوان ٿو: مولوي رومي چيو آهي:

آدمي ديده است باقي پوست است

ديده آن باشد که ديده دوست است

[معنيٰ: ماڻهو اک (نگاهه) آهي، ٻيون سڀ شيون کَلَ يا پردي وانگر آهن، اک اها آهي جيڪا دوست کي ڏسندڙ هجي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ولي کي وليءُ ئي سڃاڻيندو آهي.

آئون چوان ٿو: ولي الله جو جيتوڻيڪ عين نه آهي، پر ان جو غير به نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: اسان جو طريقو سڀني طريقن ۾ (الله کي وڏيڪ) ويجهو آهي ۽ اهو (ضرور الله پاڪ ڏانهن) پُهچائيندڙ آهي.

آئون چوان ٿو: بزرگن جو اهو طريقو رابطو آهي يعني شيخ ۾ فنا ٿيڻ ۽ اهو شيخ وري ذات ۾ فاني آهي. (پوءِ) اهو شيخ الله جي رنگ

سان رنگ پڪڙي ٿو ۽ پنهنجي مراد کي الله جي اڳيان قربان ڪري ٿو.

چاڪاڻ ته:

اَلشَّيخُ فِي قَوِمہٖ كَالنَّبيِّ فِي اُمَّتِہٖ

[ترجمو: شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين هوندو آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هوندو آهي.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ (31:03:03)

[ترجمو: پوءِ منهنجي پيروي ڪريو ته الله به اوهان سان محبت ڪري.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَادْخُلِي فِي عِبَادِيْ وَادْخُلِي جَنَّتِي (30:89:30 -29)

[ترجمو: پوءِ منهنجي ٻانهن ۾ شامل ٿيءُ ۽ منهنجي بهشت ۾ داخل ٿيءُ.]

مطلب ته انهن الله جي ٻانهن جو اهڙين دلين سان مطالعو ڪريو، جيڪي غير جي دوستيءَ کان خالي هجن ته جيئن اوهين مون کي انهن ۾ ڏسو ۽ جنت جي به اها ئي حقيقت آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

نيست صورت چشم را نيکو بمال
تا به بيني شعشئه نور جلال

[معنيٰ: مرشد جي فقط اها ظاهري صورت نه آهي، اک کي چڱيءَ طرح کول! ته جيئن نور جي جلال جو منجهس شعاع ڏسين.]

تن مبين وجان به بين كان صم و بكم

كذ بوا بالحق لما جآء هم

[معنيٰ: هنن جي ظاهري جسم کي نه ڏس انهن جي ساهه کي ڏس،گونگن ۽ ٻوڙن وانگر نه ٿيءُ ته جڏهن انهن وٽ حق آيو ته ان کي ڪوڙو ڪيائون.]

روغني كو شد فناء گُل به گل

خواه روغن بوي كن خواهي تو گل

[معنيٰ: اهو تيل جيڪو سڀ جو سڀ گلاب جي گل ۾ فنا ٿي ويو، جڏهن ان تيل کي سُنگهندين ته گل جي خوشبوءِ ايندي، جيڪڏهن گل کي سنگهندين ته به گل جي خوشبوءِ ايندي.]

قطره گرچه خورد و كوته پا بود

لطف آبِ بحر زو پيدا بود

[معنيٰ: پاڻيءَ جو ڦڙو پلي ڪيترو به ٿورو هجي، پر درياءَ جي پاڻيءَ جو لطف ان مان ايندو آهي.]

جزو ها برحال كلها شاهد است

تا شفق غماز خورشيد آمده است

[معنيٰ: جيئن جُز (قطرو) درياء تي دليل آهي، تيئن آسمان جي ڪناري جو رنگ (شفق) سج اڀرڻ يا لهڻ جو ڏس ڏيندڙ آهي.]

علم آموزي طريقش قولي است

كسب آموزي طريقش فعلي است

[معنيٰ: علم سکڻ جي واٽ رڳو ٻُڌڻ سان آهي، هنر سکڻ جي واٽ ڪم ڪرڻ سان آهي.]

فقر خواهي آن بصحبت قائم است

ني زبانت كار مي آيد نه دست

[معنيٰ: جيڪڏهن فقيري جو ارادو رکين ٿو ته اهو (اوليائن جي) صحبت سان قائم آهي، فقيريءَ ۾ نه زبان ڪم ايندي آهي ۽ نه هٿ ڪم ايندا.]

مطلب ته قولي ۽ فعلي ٻئي تعليم جا قسم ڪم نه ايندا. هي آخري بيت درويشي جي طريقي جو نچوڙ ۽ خلاصو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: فلسفي روشني جي پکڙجڻ کي ڏسندو آهي ۽ اسان سج گرهڻ (اوندهه) کي ڏسندا آهيون، اسان جو مقصد "عالم اصغر" (ننڍي جهان) ۽ "عالم اڪبر" (وڏي جهان) ٻنهي کان ٻاهر آهي ۽ فلسفين جو مقصد انهن ٻنهي ۾ آهي.

آئون چوان ٿو ته: ان جو مطلب هي آهي ته رڳو الله جي طلب ڪجي، غير جي طلب نه ڪجي.

جيئن مولوي جامي چيو آهي: [61]

لانهنگي است کائنات آشام

از عرش تا فرش کشيده بکام

[ڪلمي ۾ "لا" جو لفظ اهڙي واڳونءَ وانگر آهي، جيڪو سڀ شيءِ کي ڳِهي وڃي ٿو، عرش کان وٺي فرش تائين سڀ کي نفي جي رسي ۾ ڇڪي ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ماني (رزق) تنهنجي مٿي تي رکيل آهي ۽ تون ماني لاءِ درن تي پيو ڌڪا کائين.

آئـون چـوان ٿـو ته: مـون هـڪ مـعـتـبـر مـاڻـهـوءَ کـان ٻُـڌو، جنهن وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) کان ٻُڌو ته اسان جي مريد کي مجال نه آهي جو مخلوق کان رزق (نوڪري) طلب ڪري.]

سلطان الاولياء فرمايو: پلو رنگ سائو آهي ۽ اهو (لطيفي) اخفيٰ جو رنگ آهي.

آئون چوان ٿوته: معراج واري (سواري) رفرف جو رنگ به سائو آهي ۽ حضرت آدمؑ جي جُبي جو رنگ به سائو هو. جيئن ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

هر که يک دم جدا ز مقصود است

او دران دم لعين مطرود است

[معنيٰ: جيڪو هڪ گهڙي (الله جي ذڪر) مقصود کان جدا آهي، اهو ان گهڙيءَ تڙيل ۽ ملعون آهي.]

آئـون چـوان ٿـو ته: وڏا مُرشد سائين (سلطان الاولياء) فرمائيندا هئا ته الله جو ذڪر شرط کان سواءِ مقصود آهي ۽ مقصود جو اهو به مطلب آهي ته اُهي حجاب جيڪي نفساني غرض ۽ خواهشون جيڪي قضا ۽ تقدير تي راضي رهڻ جي منافي آهن، تن کي ڇڏي ڏجي.

هن ڳالهه جو خلاصو هي آهي ته جڏهن هميشگي وارو علم بديهي هٿ ايندو، جيڪو سعادت مطلق آهي، تڏهن الله جي ذات ظاهر ٿيندي، جيتوڻيڪ اها ذات عام (ماڻهن) وٽ ظهور نه ٿي رکي.

جڏهن الله جي ذات حاصل ٿي، تڏهن مقصد هٿ اچي ويو. جنهن ماڻهوءَ طلب ۾ ڪنهن شيءِ کي شرط بنايو ته اهو پنهنجي شرط ۽ گمان سبب الله جي ذات کان حجاب ۽ پردي ۾ رهيو. هيءَ چوٽي کهڙي نه سني آهي ته“ پَٽَ ڪيئون پنهنجي ئي تندن ۾ (ويڙهجي) مري ويندو آهي.”

حافظ چيو آهي:

کبر دار وحاجب و دربان درين درگاه نيست.

[معنيٰ: هن (الله جي) درگاه تي ڪو به روڪيندڙ، پردو ڪندڙ ۽ دربان نه آهي.]

فقيهن نذر جي باب ۾ لکيو آهي ته ٻانهي جو قبول ڪرڻ، الله جي قبول ڪرڻ سان بحال آهي. پوءِ ڪابه شئي ايستائين واجب نه ٿيندي، جيستائين ان کي الله واجب نه ڪري.

سلطان الاولياء فرمايو: حديث (قدسي) ۾ آهي:

“انا عند ظن عبدي بي فليظن بي ماشاءَ”

[ترجمو: آئون پنهجي ٻانهي جي گمان مطابق آهيان، جيڪو مون ۾ رکي ٿو، پوءِ جيڪو مون ۾ گمان رکڻو هجي سو پلي رکي.]

آئون چوان ٿوته: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) وٽ هن حديث کي بيان ڪرڻ جو اهوسبب هو، جو پاڻ مريدن کي توڪل ڪرڻ جي ترغيب ٿي ڏنائون.

هن مسڪين (گرهوڙِي) توڪل بابت هي بيت چيا آهن:

مگو فيض موقوف بر اين و آن

که مانع بود خلق را ظن شان

[معنيٰ: اي انسان! تون ائين نه چئو ته الله جو فيض هِن يا هُن (ڳالھ) تي مدار رکي ٿو چو ته اهو گمان سندس رحمت کي جهان وارن کان روڪيندڙ آهي.]

تصوف رضا با چنين و چنان

که مقصود مطلق نه اطوار آن.[62]

[معنيٰ: سلوڪ هِن ۽ هُن تي راضي ٿيڻ آهي چاڪاڻ ته مطلق مقصود (الله پاڪ جي ذات) آهي، ان جا اطوار نه آهن.]

مولوي رومي چيو آهي:

عاشقم بر لطف و بر قهرش بجد

اي عجب من عاشق اين هر دو ضد

[معنيٰ: آئون الله پاڪ جي صفت لطف ۽ قهر ٻنهي کي دوست رکان ٿو. اهو عجب آهي جو آئون هن ٻن ضد (صفتن) جو عاشق آهيان.]

صوفي از فقر چون در غم شود

عين فقرش دايه و مطعم شود

[معنيٰ: صوفي جڏهن درويشيءَ جي ڪري بک ۽ ڏک ۾ هوندو آهي، تڏهن سندس اها درويشي خدمتگار ۽ کارائيندڙ ٿيندي آهي.]

اي برادر هرکه را ايزد بخواند

از همہ کار جهان بيکار ماند

[معنيٰ: اي ڀاءُ! جنهن کي الله پاڻ ڏانهن سڏي ٿو ته اهو دنيا جي سڀني ڪمن کان فارغ ٿي ويو.]

جامه چاکان را چه فرمائي رفو

تو ز سرمستان قلائو زي مجو

[معنيٰ: جن دنيا جو ڏنل لباس چيهاڙيون ڪري ڇڏيو، تون انهن کي ٽوپي ڏيڻ (ڳنڍڻ) جي فرمائش نه ڪر!، جيڪي مست آهن، تون انهن کان رهنمائي نه گُهر!]

عاشقي که آلوده شد در خير وشر

خير و شر مگر تو در همت نگر

[معنيٰ: جيڪو عاشق خير ۽ شر ۾ ڦاٿو آهي، ان جي چڱي ۽ بچڙي کي نه ڏس، پر سندس همت کي ڏس.]

عشق در دريائي غم غمناک نيست

لعل را گر مهر نبود باک نيس

[معنيٰ: جيڪو عاشق غمن جي درياءَ ۾ غرق آهي، ان کي ڪو به غم نه آهي، لعل کي جيڪڏهن صاف نه ڪجي ته به ڪو خطرو نه آهي.]

پس چه باشد عشق دريائي عدم

که خرد را در شکست آنجا قدم

[معنيٰ: پوءِ عشق ڇا آهي؟ اهو اهڙو عدم جو درياءُ آهي، جتي عقل جو پير منڊو آهي.]

عشق درياءَ آسمان بروي کفي

چون زليخا در هوائي يوسفي

[عشق اهڙو عاليشان درياءُ آهي، جنهن جي اڳيان آسمان سندس ڦيڻ (جهڳ) آهي، جيئن زليخا يوسفؑ جي محبت ۾ گرفتار هئي.]

ذلت و خواري را چون شکر ميخورند

خار غمها را چون اشترمي خورند.

[معنيٰ: عاشق ذلت ۽ خواري کي کنڊ وانگر کائيندا آهن، هو غمن جي ڪنڊن کي اُٺ وانگر دل سان چرن ٿا.]

مولوي جامي چيو آهي:

بداغ نا مرادي شاد مي باش

به شغل بندگي آزاد مي باش

[معنيٰ: نفس جي خواهشن کي الوداع ٿيڻ سان خوش ٿيءُ، الله جي بندگي جي شغل ۾ پنهنجي خواهشن کان آزاد هج!]

حديث شريف ۾ آهي:

”الحمدلله عليٰ کل حال“

[ترجمو: سڀ تعريف هر حال ۾ الله جي لاءِ ئي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: عليّون پري نه آهي، سالڪ عليين ۾ حاضر ٿيندو آهي ۽ سندس رستي ۾ آسمان رنڊڪ نه آهن. سالڪ لاءِ بهشت مان حصو هوندو آهي، حالانڪ اهو (سالڪ) زنده هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سالڪ تعين وجوبي ڏانهن پهچندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: هر هڪ جو حجاب سندس غلط گمان آهي ۽ هو پاڻ تي اها شيءِ واجب ڪندو آهي، جيڪا الله تعاليٰ ميثاق واري ڏينهن مٿس واجب نه ڪئي آهي.

آئون چوان ٿو: پانهي تي عبديت واجب آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

اللَّهُ الْغَنِيُّ وَأَنتُمُ الْفُقَرَاءُ (38:47:26)

[ترجمو: الله سڀ کان بي نياز آهي ۽ اوهين محتاج آهيو.]

حديث شريف ۾ آهي: **"حق الله علي العبد ان لا يشرک بہ وحق العبد عليہ ان لا يعذبہ"**

[ترجمو: ٻانهي تي الله جو اهو حق آهي ته ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪري ۽ ٻانهي جو الله تي اهو حق آهي ته هو ان کي عذاب نه ڪري.] [63]

بوعلي خسته را طاعت بجز توحيد نيست

[معنيٰ: دل ڦٽيل بوعلي کي توحيد کان سواءِ ٻي ڪا عبادت نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: سڀ ڪجھ هن (الله) جي وسيلي ڏسڻ ۽ ڏار نه سمجھڻ توحيد آهي. سفير ۾ سڪندر کي ڳولهي لهڻ، مثال واري شيءِ مان بي مثال جي بوءِ سُنگھڻ ۽ سڀني کي ان سان سڃاڻڻ توحيد آهي. چاڪاڻ ته چنڊ جي روشني بهر صورت سج کان ورتل آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

إِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ (55:03:03)

[ترجمو: اوهان سڀني کي مون ڏانهن ئي موٽڻو آهي.]

عارفن وٽ سڀ ڪجھ الله کان لهڻ جو نالو ورع يا پرهيزگاري آهي.

آئون چوان ٿو: الله تعاليٰ مولوي جامي کي سُٺي جزا ڏئي، جنهن هي بيت چيو آهي:

از او است جمله بد و نيک ليک هرچه بد است

از آن بد است که از ما است چون از او است نکو است

[معنيٰ: جيڪا چڱائي ۽ برائي اُن جي طرفان آهي، سا سڀ هن ڪان آهي، پر جيڪا بُرائي آهي سا ان ڪان پري آهي. چاڪاڻ ته اها اسان جي طرف ڪان آهي. پر جڏهن ان ڪان آهي ته اها چڱي آهي.]

نکو گوئي نکو گفته است در ذات

که التوحيد اسقاط لاضافات

 [معنيٰ: تو چڱو چيو ۽ ٻئي ڪنهن به ذات بابت چڱو چيو آهي ته اضافتن جي ڪيرائڻ جو نالو توحيد آهي.

ٻنهي طرفن ڪان اضافتن ڪيرائڻ مان مراد ”همہ اوست“ آهي. اها معنيٰ اُن وٽ آهي جنهن جي زبان توحيد ڪان گونگي آهي.

 مولوي جامي پنهنجي “ديوان” ۾ چيو آهي:

ترا ز دوست بگويم حکايت بي پوست

همہ از اوست اگر نيک بنگري همہ اوست

[معنيٰ: توکي دوست جي ڳالھ چٽي ڪري ٻُڌايان ٿو، جيڪي ڪجھ هن ڪان آهي، جيڪڏهن ان کي چڱيءَ طرح ڏسندين ته سڀ اهو پاڻ آهي.]

ڪتاب “لوائح” ۾ مولوي جامي چوي ٿو:

همسايه و همنشين و همره همہ اوست

در دلق گدا ۆ اطلس شاه همہ اوست.

[معنيٰ: پاڙيسري، گڏ ويهندڙ ۽ رفيق سڀ ڪجھ اهو پاڻ آهي، پينو فقير ۽ بادشاھ جي پوشاڪ ۾ سڀ اهو پاڻ آهي.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **وَلِكُلٍّ وِجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيهَا** (148:02:02)

[ترجمو: سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جو مُنهن ان طرف آهي جنهن جو وارث الله آهي.]

(ٻي آيت مبارڪ آهي): **وَإِنَّ الَّذِينَ اخْتَلَفُوا فِي الْكِتَابِ لَفِي شِقَاقٍ بَعِيدٍ** (176:02:02)

[ترجمو: تحقيق اهي ماڻهو جن ڪتاب ۾ اختلاف ڪيو، اُهي گھڻي ضد ڪري تمام پري وڃي پيا آهن.]

(ٻئي هنڌ الله تعاليٰ فرمائي ٿو) **فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ** (115:02:01)

[ترجمو: اوهين جيڏانهن به مُنهن ڦيرايو، تيڏانهن الله جي ذات (چهرو) آهي.]

ابيات (رومي):

اي برادر اين خلافات از چه خواست
زانکه کلي گونه گونه جزء هاست

[معنيٰ: اي ڀاءُ! هي اختلافات ڪٿان اُٿيا، چاڪاڻ ته هو پاڻ ڪُلي آهي ۽ هي سڀ رنگارنگيون سندس جُزا آهن.]

اختلاف مؤمن و گبر و يهود
از نظر گاه است اي مغز وجود

[معنيٰ: مومن، پارسي ۽ يهودي جو (مذهبي) اختلاف جلوه گاه جي ڪري آهي، چو ته اهو هر جاءِ تي الڳ الڳ آهي.]

گم شوي در ذات آسائي ز خود

جمله را يک رنگ بيني نيک و بد

[معنيٰ: جيڪڏهن تون الله جي رنگ ۾ گم ٿيندين ته آرام لهندين، هر چڱي شيءِ ۽ بُچڙي شيءِ کي هڪ رنگ ۾ ڏسندين.]

دو مگو و دو مخوان و دو مدان

بنده را در خواجئه خود محو دان.

[معنيٰ: تون ٻه نه چئو، ٻه نه پڙهه ۽ ٻه نه سمجهه، انسان کي الله جي ذات ۾ فاني ڄاڻ.]

عاشق و معشوق هم ذاتِ تو است

و اين برو نيها همہ آفات تو است.

[معنيٰ:عاشق ۽ معشوق ٻئي تنهنجي ذات ۾ آهن، باقي هي ٻاهريون شيون سڀ تو لاءِ مصيبتون آهن.]

هر وجودي کز عدم بنمود سر[64]

بر يکِ زهر است بر ديگر شکر

[معنيٰ: هر وجود جيڪو عدم مان پيدا ٿئي ٿو، هڪ جي لاءِ زهر آهي ته ٻي جي لاءِ مٺاڻ آهي.]

ديدهِ مجنون اگر بودي ترا

جمله عالم بي خطر بودي ترا

[معنيٰ: جيڪڏهن توکي مجنون واريون اکيون هجن ها ته سڄو جهان تو لاءِ ساڳيو بي خطر هجي ها.]

چون محمد پاڪ شد از نار و دود

هر ڪجا رو ڪرد وجهہ الله بود

[معنيٰ: جڏهن محمد ﷺ جي هستي باھ ۽ دونهين کان پاڪ ٿي، تڏهن جيڏانهن به مُنهن ڪيائين اُتي الله کي ڏٺائين.]

او نه اين ست ونه آن اوساده ست

نقش تو در پيش تو بنهاده ست

[معنيٰ: الله تعاليٰ هينئن ۽ هونئن (پيچيده) نه آهي، هو صاف سڌو آهي، تنهنجي صورت تنهنجي اڳيان موجود آهي.]

آئينه بي رنگ شد يا بد بها

که نمايد رنگها را بي خطا

[معنيٰ: آئينو بي رنگي (صفائي) جي ڪري قيمت حاصل ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته بي رنگي (صاف هجڻ) جي ڪري ئي ان ۾ صحيح رنگ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.]

هيچ کس را تا نگردد او فنا

نيست ره دربار گاهِ کبريا

[معنيٰ: جيستائين ڪو ماڻهو فنا نه ٿيندو، تيستائين الله جي درگاھ ۾ هن کي واٽ نه ملندي.]

هيچ قلبي پيش حق مردود نيست

زانکه غرضش از خريدن دور نيست

[معنيٰ: الله وٽ ڪابه دل رد ٿيل نه آهي، ڇاڪاڻ ته انسان جيڪي گهري ٿو سو الله جي قبول ڪرڻ کان پري نه آهن.]

تو مگو مارا بدان شه بار نيست

با كريما كار ها دشوار نيست.

[معنيٰ: اي انسان! تون ائين نه چئو ته مون لاءِ الله جي درگاھ ۾ جاءِ نه آهي، سخين وٽ اُهي ڪم هرگز ڏکيا نه آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: مفتي اهو آهي جو ٻيو مفتي ان کي فتويٰ کان نه روڪي.

آئون چوان ٿوته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلِ اللَّهُ يُفْتِيكُمْ فِي الْكَلَالَةِ (176:04:06)

[ترجمو: اي پيغمبر ﷺ! تون چئو ته الله اوهان کي ان ماڻهو جي ميراث بابت فتويٰ ڏئي ٿو (جيڪو مري وڃي ۽ پويان ماءُ، پيءُ ۽ اولاد نه ڇڏي.)]

بيوقوف ماڻهو پنهنجي ئي جواب سان سچاتو ويندو آهي ۽ اهو جواب ماٺ ڪرڻ آهي، چاڪاڻ ته ماٺ اسلام جو اصل آهي ۽ بهشت ۾ پهچڻ لاءِ چوٽڪاري جو سبب آهي. رند اهو آهي جنهن کان سندس تيزفهميءَ جي ڪري بيوقوفي ٿئي ۽ اهو رند فقيھ کان ڀلو آهي. چاڪاڻ ته استحسان (رند جي تيزفهمي) فقھ جي قياس تي ترجيح رکي ٿي. جيئن اصول ۽ فروع جي ڪتابن ۾ آهي. هن بيان مان معلوم ٿيو ته بيشڪ اجمال تفصيل کان ڀلو آهي.

حديث شريف ۾ آهي: **”خيرالكلام ما قل ودل“**

[ترجمو: سڀ کان ڀلو ڪلام اهو آهي جيڪو لفظن ۾ ٿورو هجي پر ان ۾ گهڻي معنيٰ هجي.]

هن طرح بيان ڪرڻ ته علمن جا نالا انهن جا مسميٰ (ذات) آهن. اهو هڪ اجمالي قاعدو آهي جيڪو پنهنجي ضد (مخالف) کان وڏيڪ ترجيح رکي ٿو. اهو ٻُڏائي ٿو ته علمن جو مسميٰ هڪ مقرر قاعدو آهي، جيڪو ڦيرڦار کان خالي آهي. پهريون قاعدو ان جي اُبتڙ آهي. انهيءَ ڪري ڪتاب 'غنيةالطالبين' جيڪو شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني جي تصنيف آهي. جنهن جي طبيعت ۾ جوش ۽ جولان هو. الله مٿس رحمت ۽ مغفرت ڪري ۽ اسان به سندس رحمت ۾ ساڻس گڏ هجون. هو چوي ٿو ته ڪوڙو امين پنهنجي ڳالهه تي ويهه سال ثابت قدم رهندو آهي ۽ سچو هڪ سال به ثابت رهڻ جي طاقت نه رکندو آهي، سال ڇا بلڪ هڪ ڏينهن ۽ هڪ گهڙي به ثابت رهڻ جي سگهه نه رکندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:[65]

كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ (29:55:27)

[ترجمو: الله تعاليٰ هر ڏينهن نرالي شان ۾ هوندو آهي.]

هر لحظه مرا تازه خدائي دگر است

[معنيٰ: هر گهڙي منهنجو خدا نئين شان وارو آهي]

اين چنين است آن چنان است يار بي پروائي ما

عالم بي قيد را كر دند شان ماوائي ما

[معنيٰ: ڪڏنهن هِن شان ۾ ۽ ڪڏهن هُن شان ۾ آهي اهو منهنجو بي پرواهه دوست آهي. هن اسان جي رهائش واري بي قيد جهان کي اسان لاءِ جاءِ بنايو آهي.]

الله تعاليٰ فرمايو:

أَلا إِلَى اللَّهِ تَصِيرُ الأُمُورُ (53:42:23)

[ترجمو: خبردار! توهان جا سڀئي ڪم الله ڏانهن ئي موٽن ٿا.]

امور تي جيڪو الف ۽ لام آيو آهي سو عام جي لاءِ آهي، جيئن اصول ۾ آهي. ''تصير'' فعل مضارع آهي جيڪو تجدد ۽ نواڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. مطلب ته هرگهڙي اسان جا ڪم ان ڏانهن ئي موٽن ٿا. ''الي الله'' جو لفظ بلاغت جي حساب سان جار ۽ مجرور آهي، تنهن ڪري حصر لاءِ اڳ ۾ آندو ويو آهي، جيئن (مطول) بلاغت جي ڪتابن ۾ آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

أَفَعَيِينَا بِالْخَلْقِ الأَوَّلِ بَلْ هُمْ فِي لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيدٍ (15:50:26)

[ترجمو: ڇا اسين پهرين پيري پيدا ڪرڻ ڪان عاجز ٿي وياسين؟ بلڪ اهي ڪافر ته اصل ۾ نئين سر پيدائش بابت شڪ ۾ پيل آهن.]

گفت پيغمبر كه دنيا ساعت است

پس بهر دم مردن است و رجعت است

[معنيٰ: حضرت محمد ﷺ جن فرمايو آهي ته دنيا هڪ گهڙي آهي. پوءِ هر گهڙي مرڻ ۽ موٽڻ آهي.]

ڪتاب 'هداية الفقه' ۾ آهي ته علم ڪلام موجب: ''**ان العرض لا يبقيٰ زمانين**'' يعني عرض ٻه زمان (گهڙيون) باقي نه رهندو آهي. ان نظريي تي اعتراض ڪندڙن جو چوڻ قرآن جي ظاهر جي برخلاف آهي جنهن ۾ خالي حس تي ڀروسو ڪيو ويو آهي، جيڪو اعتزال جو عين آهي.

‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته نظام معتزلي جو قول مون وٽ معتبر آهي. اهو قول هي آهي ته ”جهان باهمي عرضن جو گڏ ٿيڻ آهي. جنهن ۾ ڪو به جوهر نه آهي.“ نظام جو اهو قول ڪوڙ مان هڪ سچ آهي. مطلب ته نظام جو اهو ڪلام سچ آهي. هونئن وٽس ڪيترائي ڪوڙ سمايل آهن. باقي نظام اها غلطي ڪئي جو انهن جي قيام جي نسبت الله ڏانهن نه ڪيائين ۽ انسان ڪامل کي ان عرض کان ٻاهر نه ڪييائين، چاڪاڻ ته انسان ڪامل جوهر آهي.

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

اللَّهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْض (35:24:18)

[ترجمو: الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جو نور آهي.]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلا وَجْهه (88:28:20)

[ترجمو: الله پاڪ جي ذات کان سواءِ ٻي هر ڪا شيءِ فنا ٿيڻي آهي.]

اهو نور ۽ مُنهن ڪامل انسان جي دل آهي.

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

دل نبا شد غير آن درياء نور

[معنيٰ: دل نور جي درياءَ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نه آهي.]

انهيءَ ڪري ‘مجاهد’ چيو آهي ته آيت ۾ جيڪو لفظ ”وجه“ آيو آهي، اهو رباني عالمن جو علم آهي ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه کان منقول آهي ته: **”ان العلم يبقيٰ لا يزال“**

[علم هميشه رهندو، جنهن کي ڪو زوال نه آهي.]

بني آدم از علم يا بدڪمال

[معنيٰ: ماڻهو علم سان ئي ڪمال حاصل ڪندو آهي.]

علم جا ٻه قسم آهن، هڪ علم مجمل ۽ ٻيو مفصل. پهريون علم اول آهي ۽ ٻيو ان کان پوءِ اچي ٿو، انهيءَ ڪري اصول جو علم مجمل، فروع کان بهتر آهي جيڪو مفصل آهي. جيئن ڪتاب 'تلويح' ۾ آهي. توحيد جو بنياد غير الله کان ڪوتاهي آهي، جيئن نماز جو بنياد ساڪن ٿيڻ تي آهي نه سفر ڪرڻ ۾.

جيئن حديث قدسي ۾ آهي:

"**قِفْ يَا مُحَمَّدُ فَاِنَ اللهُ يُصَلِي**".

[ترجمو: اي محمد ﷺ بيهه! ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ صلواة پڙهي رهيو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: طلب جو مدار مُرشد ۾ ڪامل ايمان رکڻ تي آهي. [66]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَمَن يُؤْمِن بِاللَّهِ يَهْدِ قَلْبَهُ (11:64:28) تغابن، آيت 11

[ترجمو: جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ته ان جي دل کي الله سنئين واٽ لائيندو.]

مولوي جامي چوي ٿو:

لفظ الله صورتي ڪامل

اسم اسم دان پس از و مگسل

[معنيٰ: الله جو لفظ ڪامل جي صورت آهي، اسم فقط ان اسم کي سمجھ، پوءِ انهيءَ کان پاڻ کي جدا نه ڪر!]

جيڪو قرآن شريف کي اول کان آخر تائين سمجھندو، اهوئي انسان جي فضيلت کي ڄاڻندو. ڇاڪاڻ ته لفظ ”بسم“ جيڪو ”بسم الله“ ۾ آهي، ان مان انسان جو فضل مراد آهي. جيئن ڪتاب ’رشحات‘ ۾ آهي. ڪن عارفن کان به اها معنيٰ منقول آهي.

آئون ڇوان ٿوته : مولوي رومي چيو آهي:

چون خدا اندر نيايد درعيان

نائبِ حق اند اين پيغمبران

[معنيٰ: جڏهن الله تعاليٰ ظاهر ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، تڏهن هي پيغمبر الله جا نائب ۽ رسول ٿي آيا آهن.]

ڪتاب ’برهان الفقہ‘ ۾ آهي ته قاضي ظاهري طور جيڪو محسوس ڪري ٿو، ان تي فيصلو ڏيندو آهي، پر جيڪا شيءِ حس کان ٻاهر آهي سا قاضيءَ کان ڳجهي آهي. ان جي قاضيءَ تي تڪليف نه رکي ويندي. باقي الله تعاليٰ لاءِ (قاضي يا ٻين) کي ان جهالت ۾ اڻڄاڻائي کان معذور نه سمجهيو ويندو. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جا دليل ظاهر آهن. (انهيءَ ڪري جهل عُذر نه آهي.)

او را بچشم گرچه نديدند ليکش

از ديدن جمال محمد شناختند

[معنيٰ: الله تعاليٰ کي جيتوڻيڪ ظاهري اکين سان نه ڏٺو اٿن، پر ان کي محمد ﷺ جي سونهن وسيلي سڃاتو اٿن.]

اهڙيءَ طرح ڪتاب ‘اخبار الاخيار ۾ آهي. جيڪو شيخ عبدالحق (محدث) دهلوي جو جوڙيل آهي.
الله تعاليٰ فرمايو آهي.
مَّن يُطِعِ الرَّسُولَ فَقَدْ أَطَاعَ اللَّهَ (80:04:05)
[ترجمو: جنهن رسول جي پيروي ڪئي، ان تحقيق الله تعاليٰ جي پيروي ڪئي.]
ٻي جاءِ تي آهي
وَاعْلَمُوا أَنَّ فِيكُمْ رَسُولَ اللَّهِ (07:49:26)
[ترجمو: اي انسانؤ! سمجهي ڇڏيو ته اوهان ۾ الله جو رسول آهي.]
‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته اي انسان! تون پنهنجي پالڻهار جو نمونو آهين.
”مَن عَرفَ نَفسَہ فَقَد عَرَفَ رَبَّہ“
[ترجمو: جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن پنهنجي پالڻهار کي سڃاتو.]
شيخ سعدي چيو آهي:

حيرتم از خدائي بي چون است
کاين جمال آفريده در بشر است

[معنيٰ: آئون بيمثال خدا جي قدرت ۾ حيران آهيان ته هن پيدا ڪيل انسان ۾ اهو جمال رکيو آهي.]
مولوي رومي چيو آهي:

قطره گرچه خرده کوته پا بود
لطف آبِ بحر زو پيدا بود

[معنيٰ: پاڻيءَ جوڦڙو پلي ڪيڏو به ٿورو هجي، پر درياءَ جي پاڻيءَ جو لطف ان مان ايندو.]

هن بيت مان ظاهر ٿيو ته وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياءَ) جو آيت مان دليل وٺڻ صحيح آهي.

اعد ذكر نعمان لنا فان ذكره

هوالمسک ما كررّته يتضوع

[معنيٰ: اسان لاءِ (محبوب) نعمان جو ذڪر وري وري ڪندو رهه، ڇاڪاڻ ته ان جو ذڪر خوشبوءِ آهي، جيئن دهرائبو تيئن ٻُهڪندو.]

مدح او حيف است با زندانيان

گويم اندر محفلِ روحانيان.

[معنيٰ: جيڪي دنيا ۾ گرفتار آهن، تن سان هن جي ڪهڙي واکاڻ ڪريان؟ ها! البته اهل الله (جيڪي آزاد آهن، تن) جي مجلس ۾ هن جي واکاڻ ڪندس.]

هيچ تلقيني نمي كردِ مرا

غير از آگاهي از كارِ خدا.

[معنيٰ: مون ۾ ڪنهن به هدايت جو اثر نه ٿيو سواءِ تلقين جي، جيڪا الله جي معرفت بابت هئي.]

گفت گر خس شكني دل را ببين

بحر با موج و كل و ميوه قرين.

[معنيٰ: الله تعاليٰ فرمايو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ڪک کي پچندين ته اصل کي ڏسندين، جنهن ۾ وحدت جو درياءَ ڪثرت جي موج سان پريل آهي، جنهن جو ڦل ويجهو آهي.]

جمله تعينات صوفي را

در تعين اول نمود مرا

[معنيٰ: سمورا تعين صوفيءَ کي حاصل آهن، اهي مون کي پهرئين تعين ۾ ڏيکاري چڙهيائون.]

در نفي جمع کرد علم و را

خواه بصري خواه ڪوفي را

[معنيٰ: صوفي لاءِ سڀني علمن کي نفيءَ ۾ گڏ ڪيو اٿن، پوءِ اُهي بصري جا هجن، يا ڪوفي جا هجن.]

جمله اشياءِ باصل راجح ساخت

جمله جنات را ز جنت يافت

[معنيٰ: سڀني شين کي پنهنجي اصل ڏانهن موٽايائين، سڀني شين کي جنت کان لڌائين.]

هرچه جويند خلق در عمران

در فقر مي کشود در ويران.

[معنيٰ: ماڻهو جيڪو مطلب آبادي ۾ ڳولهين ٿا، اهو فقيريءَ ۾ ۽ ويرانيءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.]

ذکر محبوب گفت توشه طريق

دين و دنيا بهاش جمله رفيق

[معنيٰ: محبوب جو ذڪر رستي جو وسيلو آهي، محبوب جي بها ۾ سموري دين ۽ دنيا کي خرچ ڪرڻ گهرجي.]

گر بميدان رسيد مرد لبيب
گفت سلطان جهان ز وصف حبيب

[معنيٰ: جڏهن به طلب جي راهه ۾ ڪو ڏاهو ماڻهو پهتو آهي، (تنهن) جهان جي بادشاهه (الله) دوست جي وصف ٻُڌائي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مولوي رومي چوي ٿو:

قطب آن با شد که گرد خود تند
گردش افلاک گرد او بود[67]

[معنيٰ: قطب اهو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي چوڌاري ڦرندڙ هجي، آسمانن جو ڦِرڻ ان جي چوڌاري هجي.]

آئون چوان ٿو ته: قطب جو پنهنجي چوڌاري ڦرڻ يعني قطب پنهنجي حقيقت ۾ مضبوط آهي. هن جو ڦرڻ پنهنجي دل جي چوڌاري آهي، بلڪ آسمان هن جي چوڌاري ڦري ٿو.

مولوي رومي چيو آهي:

قطب چون روح است و خلق اعضاءِ و تن
بسته روح است تدبير بدن

[معنيٰ: قطب روح وانگر آهي ۽ مخلوق سندس جسم جا عضوا آهن، بدن جي هر تدبير روح سان ٻڌل آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: عالم يا صوفي دل جي جمعيت کان سواءِ ائين آهي، جيئن ڪو شاهوڪار هجي، پر اُن وٽ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ نه هجي.

آن دل آور که قطب عالم است

جانِ جان جان جانِ آدم است.

[معنيٰ: اها دل هٿ ڪر جيڪا جهان جو قطب آهي، اهائي دل ساھ جي ساھ جو ساھ يعني آدم جي جان آهي.]

آن دل که ز آسمانها برتر است

آن دل ابدال يا پيغمبر است

[معنيٰ: اها دل جيڪا آسمانن کان مٿي آهي، سا دل ابدالن يا پيغمبرن جي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ غيور آهي، پنهنجي بادشاهي ۽ وجود کان سواءِ ٻيو ارادو نه ڪندو آهي.

مراد خويش دگر بار من نخواهم خواست.

[معنيٰ: آئون پنهنجي محبوب جي مراد کان سواءِ ٻيو ڪجھ گھرندڙ نه آهيان.]

سلطان الاولياء فرمايو: عارفن چيو آهي ته تنهنجو مال نه ٻُڏندو ۽ نه سڙندو ۽ نه چوري ٿيندو.

آئون چوان ٿو ته: اهو مال دل سان الله جو ذڪر ڪرڻ آهي، جيڪو فنا نٿو ٿئي.

حضرت عليؓ هي بيت چيا آهن:

رضينا قسمت الجبار فينا

لنا علم و لا عداءِ مال

[معنيٰ: اسان الله پاڪ جي ان ورهاست تي راضي آهيون، جو اسان کي علم ڏنائين ۽ دشمنن کي مال ڏنائين.]

فان المال يفني عن قريب

و ان العلم باق لا يزال

[معنيٰ: پوءِ تحقيق مال جلدي ختم ٿي ويندو ۽ علم باقي رهندو بلڪ ڪڏهن به ختم نه ٿيندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن پنهنجي نفس کي گهٽتائي ۽ نه هجڻ سان سڃاتو، اُن تحقيق پنهنجي رب کي ان جي اُبتڙ سڃاتو. سڪندر جو ايلچي ٿيڻ ڇا آهي؟ حقيقي بادشاهه جو ايلچي ٿيڻ وڏيڪ حيرت واري ڳالهه آهي.

حيرتم در چشم بندي خدا

[معنيٰ: الله تعاليٰ جي طرفان چشم بنديءَ (مُندڻ) تي آئون حيران آهيان.]

سلطان الاولياء فرمايو:

سو ماري سو مِرون، سوئي پڳو جاءِ،

اوهي ماري ان کي، اوهي ويٺو کاءِ.

[مطلب ته، اهوئي شڪاري آهي، اهوئي شڪار آهي ۽ اهوئي پڳو ٿو وڃي. اهوئي پاڻ کي شڪار ڪندڙ آهي ۽ اهوئي ويٺو کائي ٿو.]

آئون چوان ٿو ته: هڪ همراهه ذات جو ڦاڙهو هو ۽ ڦاڙهي ڳوٺ جو ويٺل هو، جنهن ٻن ڦاڙهن کي تير هنيو. هڪ ڦاڙهو ڀڄي ويو ۽ ٻئي کي تير لڳو، پوءِ تير لڳل ڦاڙهي کي ڪُهي پچائي کاڌائين. جنهن تي هن شاعر (وحدت وجودي جي لباس ۾) اهو سنڌي بيت چيو. مون (گرهوڙي) اهو بيت صاحبزادي ميان گل

محمد (قدس سره) کان ٻُڌو. الله تعاليٰ سندس علم ۽ حلم کي وڏائي ۽ انهن ٻنهي ۾ ڪيس ڪمال تي پهچائي.!

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو جيئري نٿو مري، تنهن جو موت اجايو ۽ تباهي آهي.

آئون چوان ٿوته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَالسَّلَامُ عَلَىٰ مَنِ اتَّبَعَ الْهُدَىٰ (47:20:16)

[ترجمو: جيڪو هدايت جي پيروي ڪري ان ماڻهوءَ لاءِ سلامتي آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

تا نميري نيست جان ڪندن تمام

[معنيٰ: جيستائين تون پاڻ کي فنا نه ڪندين، تيستائين اصلي موت نه آهي.]

ومعناه الرضي بما مضيٰ

[رضا جي معنيٰ جيڪي گذريو ان تي راضي رهڻ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: عارف جيڪو (پڳت) "ڪبير" جي نالي سان مشهور آهي، تنهن چيو آهي:

اتڪ فتڪ جو ڪري، پِيسي جاوي سو

ڪيلي پاسي جو رهي، تنهين پؤ نه ڪو.

[مطلب ته، جنڊ ۾ جيڪو اَنُّ چئوطرف ڦِرندو آهي سو جلدي پيسبو آهي پر جيڪو داڻو لوهه جي ڪير وٽ هوندو آهي، اهو هڪ جاءِ تي رهندو آهي ان کي پيسجڻ جو ڪو ڊپ نه آهي.]

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي:

لاالـہ الاالله حصي ومن دخلہ امن

[ترجمو: لااِلٰہ الاالله منهنجو ڪوٽ آهي، جيڪو ان ۾ داخل ٿيو تنهن لاءِ امن آهي.]

ڪتاب 'احياءُ العلوم' ۾ آهي ته ڪلمي طيبه جي معنيٰ آهي ته الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو به محبوب نه آهي. پوءِ جنهن به الله ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي جيتري قدر محبوب بنايو، اوتري قدر ان جي دل بيمار آهي. ڪامل اهو[68] آهي جيڪو پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي ۽ دنيا ۾ ان جو الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو به محبوب نه هجي. اهڙي مجاهد لاءِ ٻيو ڪو ثمر نه آهي، فقط اهو آهي ته پاڻ کي ڪلمي جي معنيٰ سان مُتصف ڪري.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو دنياوي بادشاھ جي دستور جو انڪار نه ٿو ڪري، تنهن کي حقيقي مالڪ جي علم جي آدابن جو به انڪار نه ڪرڻ گهرجي. وري جنهن ان کي ڪنهن ظاهري شريعت جي آداب سان منع ڪئي، تنهن شرعي قانون کي نه سڃاتو، جيڪو ''الامر بالمعروف'' (نيڪيءَ جو حڪم ڪرڻ) جو نالو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

أَنَّ الْأَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصَّالِحُونَ (105:21:17)

[ترجمو: بيشڪ زمين جا وارث منهنجا صالح ٻانهان ٿيندا.]

وَاصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِيْ (41:20:16)

[ترجمو: اي انسان! مون توکي (پنهنجي خاص) ڪم لاءِ ٺاهيو آهي.]

أَلَمْ تَرَ إِلَىٰ رَبِّكَ (45:25:19)

[ترجمو: ڇا تو پنهنجي پالڻهار طرف نه نهاريو آهي؟]

لَّا يَسَّمَّعُونَ إِلَى الْمَلَإِ الْأَعْلَىٰ وَيُقْذَفُونَ مِن كُلِّ جَانِبٍ (08:37:23)

[ترجمو: (شيطان) ملائڪن جي هڪ جماعت ڏي ڪن به نٿا ڏئي سگهن ۽ ڪين تڙڻ لاءِ هر طرف کان اُلا اڇلايا وڃن ٿا.]

إِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِينًا (01:48:26)

[ترجمو: تحقيق اسان توکي پڌري فتح ڏني.]

وَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِo وَكَفَىٰ بِاللَّهِ وَكِيلًا (81:04:05)

[ترجمو: الله تي توڪل ڪر ۽ الله ئي ڪافي ڪارساز آهي.]

وَاعْتَصِمُوا بِحَبْلِ اللَّهِ (103:03:04)

[ترجمو: اوهين الله جي رسيءَ کي مضبوط پڪڙيو.]

لَّا تَجْعَلُوا دُعَاءَ الرَّسُولِ بَيْنَكُمْ كَدُعَاءِ بَعْضِكُم بَعْضًا (63:24:18)

[ترجمو: اوهين پاڻ ۾ رسول جي سڏڻ کي هڪ ٻئي جي سڏڻ وانگر نه سمجهو.]

وَالْحَافِظُونَ لِحُدُودِ اللَّهِ (112:09:11)

[ترجمو: ۽ اهي ماڻهو جيڪي الله جي حدن جي سنڀال رکن ٿا.]

إِنَّمَا يَتَقَبَّلُ اللَّهُ مِنَ الْمُتَّقِينَ (27:05:06)

[ترجمو: الله رڳو پرهيزگارن کان ئي قبول ڪري ٿو.]

آئون چوان ٿو ته: هنن مٿين آيتن بابت مُنهنجي وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) مختلف وقتن تي انهن جي معنائن ۾ غور فِڪر ڪرڻ بابت اشارو فرمايو آهي ۽ هنن آيتن جي تحقيق ڏانهن اشارو ڪيو آهي. پاڻ مُريدن کي هنن آيتن پڙهڻ تي زور پريندا

هئا ۽ انهن آيتن جو تفسير قلبي توجه سان فرمائيندا هئا، جيڪو زباني تفسير کان گهڻو بُلند آهي. ڇاڪاڻ ته دل پالڻهار کي وڌيڪ ويجهي آهي ۽ دل جي ڄاڻ وڌيڪ مضبوط آهي. ڇاڪاڻ ته دل جي الله تعاليٰ سان ويجهڙائي آهي. تنهن ڪري زالن جي ڳالهه کي گهرو ڳالهين ۾ ترجيح ڏني اٿن.

وڏا مُرشد سائين (سلطان الاولياءُ) وڌيڪ فرمائيندا هئا ته اي طالب! تون غير کان پرهيز ڪندڙ هُج ۽ الله سان تعلق جو ڳانڍاپو رک. ڇاڪاڻ ته مقبوليت الله جي طرفان آهي. ڪتاب 'ڪشف' ۾ آهي ته قرآن پاڪ ۾ آيل لفظ ''متقي'' جي معنيٰ ''مؤمن'' آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: انسان جي حقيقت هڪ آهي، گهڻائي اعتبارن جي ڪري آهي. اهڙي طرح عالمِ امر ۽ عالمِ خلق جيڪي انسان ۾ آهن، انهن جي لطيفن جي حقيقت ۾ به گهڻائي نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: ڪنهن عارف جو هيءُ بيت آهي:

اعتبار از ميان چون بر خيزد
بيضه مور مهره مار است.

[معنيٰ: جڏهن وچ مان اعتبار ختم ٿي ويندا ته پوءِ مور جو آنو ۽ نانگ جي مڻ هڪ شيءِ آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

گم شوي در ذات آسائي ز خود
جمله را يک رنگ بيني نيک و بد.

[معنيٰ: جڏهن تون الله جي ذات ۾ گم ٿيندين، تڏهن پنهجي هستيءَ کان پالهو ٿي، سڀني شين چڱين خواه بڇڙين کي هڪ ئي رنگ ۾ ڏسندين.]

اصل شيءِ غيرالله جي نسبتن کي ڪيرائي ڇڏڻ (ئي توحيد) آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله جي عارفن جا ٻه قسم آهن، هڪڙا اُهي جيڪي الله کي جهان سان سڃاڻن ۽ ٻيا اُهي جيڪي جهان کي الله سان سڃاڻن.

آئون چوان ٿو ته: بيشڪ وڏي مرشد سائين (سلطان الاولياء) جن جو مطلب هي آهي ته ظاهر، باطن جو نمونو آهي يا ان جي ابتڙ باطن، ظاهر جو نمونو آهي. تحقيق ڪنهن عارف چيو آهي ته بيشڪ اکين وارو عقل واري کان اعليٰ (۽ مٿانهون) آهي.[69] (اهڙيءَ طرح) ٻنهي (ظاهري ۽ باطني) معرفتن وارو، عقل واري ۽ اکين واري کان بهتر آهي. تنهن ڪري اهڙي عارف کي ”امير العارفين“ (عارفن جو اڳواڻ) جو نالو ڏيڻ کپي. ائين ئي ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: حضرت موسيٰ ؑ ٻڪريون چاريندو هو، ٻڪرين جي پٺيان هلي جڏهن ٿڪجي پوندو هو، تڏهن به ٻڪرين کي ماريندو ڪونه هو، بلڪ پنهنجي ڪاوڙ پي ويندو هو. پوءِ الله تعاليٰ سندس حِلم ۽ برد باريءَ تي رحم ڪائيندي، کيس نبّوت سان سرفراز ڪيو.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي:

ڪاد الحليم ان يکون نبياً

[ترجمو: قريب آهي ته حِلم وارو نبي ٿئي.]

۽ ٻي حديث شريف ۾ اچي ٿو:

من كف غضبہ وقيہ الله عذابہ

[ترجمو: جنهن پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيو، الله تعاليٰ اُن کي پنهنجي عذاب کان بچائيندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: سچي فقير کي گهرجي ته (ڪنهن جي آڏو) سوال جو هٿ نه ڊگهيري، ڇاڪاڻ ته ”فقر“ مرتبن جي ڇڏڻ جو نالو آهي.

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَلا تَنسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَمُ (237:02:02)

[ترجمو: ۽ اوهين پاڻ ۾ (هڪ ٻئي تي) احسان ڪرڻ کي(ڪڏهن به) نه وسارجو.]

ڪنهن عارف چيو آهي ته ترجيحن کي ڇڏڻ جو نالو تصوف آهي، ڇاڪاڻ ته ٻئي ۾ خرابيءَ جو حڪم لڳائڻ (جڻ) پاڻ ۾ اهڙي خرابي يا بُرائي جو حڪم لڳائڻ آهي.

بني آدم اعضاء يكد يگرند

[معنيٰ: آدم جو اولاد هڪ ٻئي جا عضوا (ڱنڊيل) آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: سڀ جي طلب ڪرڻ آهي سڀ وڃائڻ.

يکجا همہ جا و همہ جا هيچ جا نہ

[معنيٰ: هڪ جاءِ ئي سڀ جاءِ آهي ۽ جيڪا سڀ جاءِ آهي سا ڪجھ به نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن ڪُلّ جي طلب ڪئي، تنهن کي سڀ ڇڏڻ گهرجي ۽ عدم(نه هجڻ) تي ئي اڪتفا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عدم (نه هجڻ) ئي سڀ ڪجھ آهي.

رخي وجهت وجهي در يکي کُن

کم هر وهم و ترکِ هر شکي کُن

[معنيٰ: تون پنهنجي چهري جو رُخ هڪ (الله) ڏانهن ڪر، هر وهم کي گهٽاءِ ۽ هر شڪ کي ڇڏي ڏي.]

هرکه عارف شد خدائي خويش را

در فنا بيند بقاءِ خويش را

[معنيٰ: جيڪو الله جو عارف ٿيو، اُن فنا ۾ ئي پنهنجي بقا کي ڏٺو.]

آئون چوان ٿو ته: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء قدس سره) جن جو مطلب هي آهي ته بيشڪ اڻ ڇاتل مطلق (ذات حق) سان اُنس ۽ محبت ئي مقصود آهي. الله جي ذڪر ۽ فرمانبرداري مان به اها ئي مراد آهي ۽ ان سان ئي دل کي سڪون ملي ٿو. متڪلمين (علم ڪلام وارن) به اها ئي ڳالھ بيان ڪئي آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

هر چه ازوي شاد گردي در جهان

از فراقي آن بينديش آن زمان

[معنيٰ: هن جهان ۾ توکي جنهن جي ڪري خوشي ملي، ته اُن جي جدائي جي وقت تنهنجي ڪهڙي حالت هوندي، اهو تون سوچ.]

چون ملک تسبيح حق را کن غذا

تا رهي از هر عذاب و از اذا

[معنيٰ: تون ملائڪن وانگر الله تعاليٰ جي تسبيح کي ئي غذا بناءِ، ته جيئن تون هر عذاب ۽ تڪليف کان ڇوٽڪارو لهين.]
مذڪوره مقصد ۾ صرف معلوم شين جو تعلق ئي محبت ۽ اُنس ۾ خلل وجهي ٿو. جيئن 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي.

اين سراؤ باغ تو زندانِ تو

خانمان تو بلائي جان تو

[معنيٰ: هي تنهنجا محل ۽ باغ تولاءِ قيد خانو آهن، هي تنهنجا نوڪر چاڪر تنهنجي جان لاءِ مصيبت آهن.]
اڻ ڇاتل مُطلق اها غيبي ذات آهي، جنهن جو تعين توڙي تميز نه ٿي ڪري سگهجي، جيئن ڪتاب 'رشحات' ۾ آهي.[70]

''آنچه در انديشه نايد آن خدا است'' (رومي)

[معنيٰ: جيڪو سوچ ۾نه اچي سگهي، اهو الله آهي.]
ڪتاب 'ڪشف' ۾ آهي:

سالک از اول که نشناسد مقام

انس او باطاعت و ذکر است مدام

[معنيٰ: سالڪ جيڪو شروع ۾ مقام کي نه سڃاڻيندو آهي، اهوئي هميشہ ذڪر ۽ فرمانبرداريءَ سان اُنس رکندو آهي.]

آنکه او را انس با ذاتِ خدا است

بحر تمکين است غوّاص بقا است

[معنيٰ: جيڪو الله جي ذات سان محبت رکي ٿو، اهو سانتيڪو سمنڊ آهي ان جي ٽوٻي کي بقا آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: پرهيزگاري اِها آهي ته تنهنجي نظر اجنبي (غير) تي نه پوي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي

فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ (115:02:01)

[ترجمو: اوهين جيڏانهن به مُنهن ڪريو، تيڏانهن الله جو چهرو(ذات) آهي.]

مولوي جامي چيو آهي:

مفگن چشم بر بيگانه

ورع اين ستِ ذکر افسانه

[معنيٰ: تقويٰ هيءَ آهي ته تون پنهنجي نظر بيگاني (ڌارئي) تي نه وجهه ۽ سندس افساني کي ڇڏي ڏي.]

آئون چوان ٿوته: اهو توحيد ڏانهن ئي سڌڻ آهي ۽ تحقيق هي آهي ته هر شيءِ جو پنهنجي اصل ڏانهن موٽڻ ۽ پاڻ کي ان تي پابند ڪرڻ ته اهو ئي حق تعاليٰ اڪيلو ۽ بغير تعين ذات مطلق آهي، جيڪو هر شيءِ کان اڳ ۾ آهي.

هر معين بي تعين ديد ني

بحر را از قطره پيدا کردني

[معنيٰ: هر مُعين (شيءِ) کي بنا تعين جي ائين ڏسڻ آهي، جيئن سمنڊ کي ڦڙي مان پيدا ڪرڻ آهي.]

ان ڪري عارف هڪ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن شيءِ کي هن سان گڏ نه ڏسندو آهي، ڇاڪاڻ ته اها ئي ذات عارف جي واسطي اصل جامع منشاء ۽ مبداء آهي.

ڪنهن عارف چيو آهي ته

ڪل شيءِ في ڪل شيءِ

[معنيٰ: ڪُلّ شيءِ (الله جي ذات) ۾ هر شيءِ هوندي آهي.]

بنده را در خواجئه خود محو دان (رومي)

[معنيٰ: ٻانهي کي الله جي ذات ۾ محو يا فاني ڄاڻ.]

سلطان الاولياء فرمايو: عارف پنهنجو وجود فنا کان علحده نه ڏسندو آهي، جيئن مُردا قيامت ڏينهن مٿيءَ ۾ فنا ٿيڻ کان پوءِ اُٿندا.

سلطان الاولياء فرمايو: نفس پنهنجو راز ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ڪندو آهي، جيئن فرعون ۾ ظاهر ڪيائين.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪڏهن نفس کان ڇوٽڪاري جو ارادو ڪرين ته پوءِ

''لَا حَولَ وَلا قُوة اِلاَّ بِاللهِ''

[الله جي طاقت کانسواءِ ڪا طاقت ڪونه آهي.] جي تسبيح پڙهندو ڪر.

آئون چوان ٿو ته: بيشڪ اِها تسبيح جنت جي خزانن جي ڪُنجي آهي، پر هن قول مان مُراد حقيقي قول آهي يعني ڪلمي جي معنيٰ سان موصوف ٿيڻ آهي. ڇاڪاڻ ته ''جهري'' (وڏي آواز سان) ذڪر ڪرڻ ''احمدي طريقي'' (خواجه احمد سرهندي مجدد الف ثاني قدس سره جي سلسلي نقشبندي) ۽ ''حنفي مذهب'' (امام الاعظم ابو حنيفه جي مسلڪ) ۾ پڻ بدعت آهي. باقي ''شريعت محمدي'' ۾ جواز جي گنجائش موجود آهي. ڪنهن شافعي عالم جهري ذڪر

جي جواز ۾ 'نشر الزهر في الذڪر بالجهر' جي نالي سان هڪڙو رسالو لکيو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُراد (وارو شخص) عالم (ظاهري) کان نه ٻُڌندو آهي، پوءِ چو نه اهو حضرت خضر ؑئي هجي، ڇاڪاڻ ته اُهي الله تعاليٰ کان ٻڌن ٿا. پلو مُريد اهو آهي، جيڪو خضر ؑ جو وسيلو ونندڙ هجي، چو ته کيس الله تعاليٰ جي طرفان علم لدني مليل آهي. اُهو مُريدن جو سردار آهي، مُراد وارن جو نه آهي.

هر كرا سلطان بخواهد از در پي در ربود [71]

[معنيٰ: جنهن کي بادشاه چاهيندو آهي، تنهن کي ڇڪي پنهنجي دروازي تي آڻي ٿو.]

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي ته:

وَاعِظ الله فِي قَلبِ كُلِّ مُؤمِنِ

[ترجمو: الله جي نصيحت هر مؤمن جي دل ۾ موجود آهي.]

تنهن ڪري هر مؤمن مُجتهد آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مؤمن جي نشاني هي آهي ته الله کان سواءِ ڪنهن جنّ يا بشر کان نه ڊڄي.

آئون چوان ٿو ته: هي اشارو ۽ ارشاد شرڪ جي نفي ڏانهن آهي.

امید و هراسش نباشد ز کس

برين ستِ بنياد توحيد بس

[معنيٰ: مؤمن کي الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن مان اميد ۽ ڊپ نه ڪرڻ گهرجي، بس اُن تي ئي توحيد جو بنياد آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ کي جُزو چوڻ صحيح نه آهي. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِندِ اللَّهِ (78:04:05)

[ترجمو: اي نبي ﷺ توهان فرمايو ته سڀ ڪجھ الله جي طرف کان آهي.]

هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي. (ڇو ته) ڪُليات ۽ جُزئيات جو مبداء ڪُلُّ آهي. (تنهنڪري) جُزي جو حڪم لڳائڻ صحيح نه آهي. ڇاڪاڻ ته"علم منطق" جي قانون مان (الله جي ذات جي باري ۾) دليل وٺڻ غير مشروع آهي. منطقي چون ٿا ته "زيد" جو لفظ جُزئي آهي. قرار ڏيڻ صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته زيد جي اسم ۾ شرڪت جو تصور ۽ وقوع ٿيو آهي [حالانڪ جُزي ۾شرڪت ناممڪن آهي] ۽ اها ڳالھ بلڪل واضح آهي، ۽ اهڙي زيد جي مسمى ۾ به شرڪت واقع آهي. ڇو ته زيد، سندس مٿي، هٿن ۽ پيرن کي به ڇئي سگهجي ٿو ۽ اهي شيون [هٿ، پير وغيره] اهڙيون مختلف حقيقتون آهن، جيڪي هڪڙي حقيقت (زيد) ڏانهن موٽن ٿيون ۽ اها حقيقت اُنهن سڀني حقيقتن تي سچي اچي ٿي [مطلب ته زيد کي جُزئي نه ٿو ڇئي سگهجي] ۽ جيڪو چوي ته زيد هجڻ انهن شين تي مقيد ۽ صادق آهي ته انهيءَ شخص حمل جي معنى کي نه سمجهيو آهي ۽ اهو چوڻ ته زيد کي جُزي چوڻ جو مقصد محمول عليہ ڪُلي کان جُزئي جي وڏيڪ هجڻ جي نفي آهي، اهو چوڻ به غلط آهي، ڇو ته انسان جي حقيقت ۽ زيد

جي حقيقت ۾ ڪو به فرق نه آهي جو اهي ٻئي حقيقتون پنهنجي فردن تي صادق ۽ محيط آهن.

آئون چوان ٿو ته: ڪُلي غير محصور آهي ۽ زيد محصور آهي. ڇو ته جُزئي جي تعريف آهي، جنهن ۾شرڪت ممنوع هجي ۽ ان جي تعريف حصر نه آهي ۽ ٻي ڳالهه ته زيد غيرمحصور آهي. زيد ڏهن شين جي عبارت جو نالو آهي، جن مان پنج شيون ”عالمِ خلق“ ۽ پنج شيون ”عالمِ امر“ سان تعلق رکن ٿيون. عالمِ امر غير محدود ۽ غير محصور آهي.

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مَا عِندَكُمْ يَنفَدُ وَمَا عِندَ اللَّهِ بَاقٍ (96:16:14)

[ترجمو:جيڪي اوهان وٽ (دنيا ۾) آهي، اهو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو هميشہ باقي رهندو]

۽ ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَإِن مِّن شَيْءٍ إِلَّا عِندَنَا خَزَائِنُهُ (21:15:14)

[ترجمو: (۽ ڏسو) ڪابه اهڙي شيءِ ڪانهي، جنهن جا اسان وٽ خزانا نه هجن، مطلب ته اسان وٽ هر شيءِ جا خزانا آهن.]

پوءِ اهو ڪيئن جُزو ۽ محصور ٿي سگهندو؟

مولوي رومي چيو آهي:

عقل كُلُّ نفس كُلُّ مردي خدا ست

عرش و كرسي را مدان كزوي جداست[72]

[معنيٰ: عقل ڪُلّ ۽ نفس ڪُلُّ الله جا مرد (دوست) آهن، عرش ۽ ڪرسي کي هنن کان جدا نه ڄاڻ.]

'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته حق ڳالھ ھيءَ آهي ته الله تعاليٰ جي ذات موجود آهي، جنهن جي شان ۽ قدرت کي بيان ڪرڻ کان عبارتون قاصر آهن، جيڪڏهن بيان ڪندين ته ڳالھ وڌي ۽ ڏکي آهي. فاضل چلپي 'تفسير بيضاوي' جي حاشيي ۾ چيو آهي ته ڇاڪاڻ ته حقيقتن جو تعين اهلِ سنت وٽ حقيقت ۾ داخل نه آهي، جيئن فلسفين گمان ڪيو آهي. اهو واضح آهي ته جيڪڏهن زيد کي جُزئي بنائجي ته انسان ان جي ڪُلي آهي. اهو فلسفي (منطق) جو چوڻ آهي، جيڪڏهن نه ته تعين زيد جي حقيقت کان خارج آهي. پوءِ زيد جي جزيئت ڪيڏانهن وئي، ڇيائين ته اصل جي هوندي ان جي فرع کي اصل تي محمول نه ڪبو، ڇاڪاڻ ته ان مان ڪو به فائدو نه آهي ۽ اها ڳالھ ظاهر آهي ته جيڪڏهن اصل کي فرع تي حمل ڪبو ته اهو ائين ٿيندو جيئن انسان کي زيد تي حمل ڪجي. پر اصل قانون موجب فرع اصل ڏانهن موٽندو آهي، اصل فرع ڏانهن ڪونه موٽندو آهي. اصل کي فرع ڏانهن موٽائڻ اضافتن جو ثابت ڪرڻ آهي ۽ اهو الله ڏانهن عروج کان روڪيندڙ آهي، جڏهن ته نبي سڳورا الله تعاليٰ ڏانهن سڏيندڙ آهن. هن مان واضح ٿيو ته فلسفين جو بيان ڪيل طريقو ڪثرت وارو آهي، وحدت وارو نه آهي. تنهن ڪري انڌن فلسفين جي ڳالھ کي ڇڏي، توحيد جي واٽ وٺڻ گهرجي.

مولوي رومي چيو آهي:

اي هزاران جبرئيل اندر بشر

صد مسيحائي نهان در جوفِ خر

[معنيٰ: ڪامل انسان جي اندر هزارين جبرائيل لڪل آهن، گڏھ جي پيٽ ۾ سوين مسيحا بند آهن.]

سجده گاهي لا مکاني در مکان

مر بليسان را شده ويران مکان

[معنيٰ: لامڪاني مخلوق (ملائڪن) جو سجدو مڪان (آدم عليه السلام) کي آهي، ابليس شيطان جو مڪان ويران جاءِ بڻجي ويو آهي.]

نيست صورت چشم را نيکو بمال

تا به بيني شعشئه نورِ جمال

[معنيٰ: صورت آهي ئي ڪانه تون پنهنجي اکين کي مهٽي صاف ڪر، (ٻي اندر واري اک ڏار) ته جيئن جمال جي نور جو تجلو پسين.]

گر تو خود پيش وپس داري گمان

بستئه جسمي و محرومي ز جان

[معنيٰ: جيڪڏهن تون پنهنجي لاءِ اڳيان پويان جو سوچين ٿو ته پوءِ تون پنهنجي جسم ۾ قيد آهين ۽ جان (روحاني حالات) کان محروم آهين.]

کيست بيگانه تني، خاک تو

کز برائي او ستِ غمناکي تو

[معنيٰ: تنهنجي لاءِ غير يا ڌاريو ڪير آهي؟ تنهنجو مِٽيءَ وارو بدن! تون پريشان به ان خاڪ ۽ مٽيءَ لاءِ آهين!!]

اين تو کي باشي؟ که تو آن اوحدي،

که خوش و زيبا و سر مست خودي.

[معنيٰ: تون اهو ڪونه آهين (جيئن سمجهين ٿو)؟ بلڪ تون اهڙي وحدت جو مظهر آهين، جيڪو هر وقت سهڻو ۽ سُٺو ۽ پنهنجو عاشق آهين!.]

هر پيغمبر فرد بودي در جهان

صد هزاران عالمش اندر نهان

[معنيٰ: هر پيغمبر جهان جو يڪتا هوندو آهي، جنهن ۾ هزارين جهان لِڪل هوندا آهن.]

صد هزاران مرد پنهان در يکي

صد کمان و تير در جي ناؤ کي

[معنيٰ: هڪڙي (عارف) مرد ۾ هزارين مرد لِڪل هوندا آهن، جيئن تير جي ڪمان واري زه (ڏاڳي) ۾ سوين تير هوندا آهن.]

در بشر روپوش کرده آفتاب

فهم کن والله اعلم بالصواب

[معنيٰ: بشر ۾ (حقيقي) سج اچي لِڪو آهي، سوچ ۽ سمجه ڪر! الله ئي وڌيڪ صحيح ڄاڻڻ وارو آهي.]

اي برادر اصل انکار از چه خواست[73]

ز انکه کلي گونه گونه جزو هاست

[معنيٰ: اي ڀاءُ! اصل انڪار جو سبب سمجه، اهو ان ڪري آهي جو ڪلي (ذات) جا مختلف ۽ ڪيترا جزا ۽ رنگ آهن.]

اختلاف مؤمن وگبر و جهود
از نظر گاهست اي مغز وجود

[معنيٰ: اي عقل وارا! مؤمن، يهودي ۽ عيسائي جو اختلاف ڪوتاھ نظر جي ڪري آهي.]

عقل بفروش و هنر حيرت بخر
زير کي ظن است حيراني نظر

[معنيٰ: عقل کي وڪِڻي ڇڏ ۽ حيرت جو هُنر خريد ڪر، چالاڪي رڳو گمان آهي ۽ حيراني نظر جي لاءِ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن قيامت جي ڏينهن ناقور ۾ صور ڦوڪيو ويندو، ته ان سان ماڻهو حيرت ۽ دهشت ۾ هوندا. خود "ناقور" جو لفظ به حيرت وارو آهي.

آئـون چـوان ٿو ته: جيئن توحيد نالو آهي اضافتن (نسبتن) جي ڪيرائڻ جو ۽ توحيد فروعي به ائين آهي، جيئن توحيد اصولي آهي. پر هدايت حيرت واري کان سواءِ ٻيو ڪو به نه لهندو.

اي بردار جُز تحير راه نيست

[معنيٰ: اي ڀاءُ! حيرت کان سواءِ ٻيو رستو نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: گهٽتائي گهڻائي کان افضل آهي، الله تعالىٰ جي قرب ڪري.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾ آهي ته:

لايؤمن احدكم حتيٰ يكون قلة الشئي احب اليہ من كثرتہ

[ترجمو: اوهان مان ايستائين ڪو به مؤمن نه ٿيندو، جيستائين اُن کي ٿوري شيءِ گهڻي شيءِ کان وڌيڪ پسند نه هجي.]

ائين ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي. الله سائين سڻو بدلو عطا ڪري مُلا علي قاري کي جنهن قناعت جي سمجهاڻي ڪتاب ’شرح عين العلم‘ ۾ حاجتن ۽ ضرورتن جي گهٽائڻ سان ڏني آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: نماز صاحبِ مُنتهي لاءِ شُغل آهي، ۽ اهو صاحب انهيءَ مقام تي پهتو آهي، جنهن جي باري ۾ آهي:

قِفُ يَا مُحَمّدُ! فَاِنَ اللهُ يُصَلِي

[ترجمو: اي محمد ﷺ بيهه! ڇو ته الله تعاليٰ نماز پڙهي رهيو آهي.]

پر غير مُنتهي سڪندڙ شاگرد وانگر آهي، جيڪو انهيءَ مقام کي نه رسيو آهي.

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي:

المنتظر للصّلواة كانہ في الصلواة

[ترجمو: نماز جو انتظار ڪندڙ به ائين ئي آهي جيئن نمازي نماز ۾ هوندو آهي.]

ٻي حديث شريف ۾ آهي:

من تشبه بقوم فهو منهم

[ترجمو: جيڪو شخص ڪنهن قوم سان مُشابهت رکندو آهي، اهو انهيءَ قوم ۾ شامل سمجهيو ويندو آهي.]

ٻي جاءِ تي آهي:

الطواف بالبيت صلواة

[ترجمو:ڪعبة الله شريف جو طواف به نماز وانگر آهي.]

اهڙيءَ طرح ڪتاب ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته ”سير انفسي“ هي آهي ته دل جي چوڌاري طواف ڪرڻ وارو مون سان گڏ آهي

(چاڪاڻ ته) بيشڪ الله تعاليٰ (اهڙي شخص جي دل تي) هميشہ غيبي رحمت جو مينهن وسائيندو آهي، پوءِ انهيءَ کي ٻاهرين سير جي ڪابه ضرورت نه آهي.[74]

”بلا بودي اگر اين هم نبودي“

[معنيٰ: جيڪڏهن عارفن لاءِ ”سير انفسي“ نه هجي ها ته (قبض) واري تڪليف هجي ها.]

مولوي رومي چيو آهي:

نظر کن کز تو نظر آيد بکار

ما بقي تو لحم و شحم بود تار

[معنيٰ: نظر ڪر، جو تو کي (دل جي) نظر ئي ڪم ايندي، ڇاڪاڻ ته دل جي نظر کانسواءِ باقي گوشت ۽ چرٻي (يعني وجود) ڪا شيءِ نه رهندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ”فقر“ سير ۽ سفر کان سواءِ هڪڙي شيءِ کان ٻي شيءِ ڏانهن مُنهن ڦيرائڻ جو نالو آهي.

آئون چوان ٿوته: هتي مُنهن مان مراد دل جو مُنهن آهي ۽ اهو ئي گويا همت ۽ ارادو آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

عاشقي که آلوده شد در خير و شر

منگر اندر خير و شر همت نگر

[معنيٰ: خير ۽ شر ۾ عاشق ڦاٿل آهي، تون خير ۽ شر کي نه ڏس، همت ڏس.]

هن ڳالھ جو خلاصو هي آهي ته اها حرڪت وقتي آهي مڪاني نه آهي. جيئن عبدالغفور لاري ڪتاب ’رشحات‘ ۾ انهيءَ جي تصريح ڪئي آهي. اها تصريح هيءَ ڪئي اٿس ته بشڪ ”آن“ اهو وقت متجدد (نئون) آهي ۽ غير وقت ۾ طلب ڪرڻ باطل آهي. پوءِ انهيءَ لحاظ ڪري صوفي (ٻه قسم آهي) هڪ ”ابن الوقت“ (جيڪو وقت جو تابع) ۽ ٻيو”ابوالوقت“ (جنهن جو وقت تابع) آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: رابطي جي تعليم ”مجنون“ کان وٺڻ گهرجي، جنهن کي هر وقت ”ليليٰ“ جو ئي خيال هوندو هو ۽ ليليٰ جي انسان هجڻ ۾ ڪيس شڪ هو. جنهنڪري هي شعر چوندو هو:

تا الله يا طلييات القاع قُلن لنا

اليليٰ من كنّ ام ليليٰ من البشر

[معنيٰ: اي جهنگ جون هرڻيون! اوهان کي الله جو قسم آهي، مون کي ٻُڌايو ته منهنجي ليليٰ توهان مان آهي يا انسانن مان آهي؟]

آئون چوان ٿوته: هن چوندڙ تي الله تعاليٰ ٻلائي ڪري.

ان تقف الا نام انت منهم

فان المسک بعض دم الغزالي.

[معنيٰ: جيڪڏهن ماڻهو بيهندا ته تون انهن (ماڻهن) ۾ هوندين، ڇاڪاڻ ته ڪٿوري (مُشڪ) ڪن هرڻن جي دُن ۾ هوندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مولوي جامي جو قول آهي:

تهي خمخانها كردند و رفتند

[معنيٰ: مَٽَ خالي ڪري واٽ وٺي هليا ويا.]

اهو قول انهيءَ لاءِ بشارت آهي، جيڪو ان ۾ غور ڪري. چاڪاڻ ته،

”النهايت هو الرجوع الي البدايت“

يعني اهو نهايت (انتها) کان بدايت (شروع) ڏانهن موٽڻ آهي.

معلوم هجڻ گهرجي ته ”اصلي ولايت“ نبين کان صحابين کي پُهتي ۽ صحابين کان تابعين کي ملي ۽ (تنهن کان پوءِ) ”ظلي ولايت“ ظاهر ٿي، جنهن ۾ تجليات، ظهورات، شطحيات ۽ سڪريات آهن. هن ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جڏهن ظل (پاڇو) پنهنجي انتها کي پُهچندو آهي، تڏهن اصل بغير تجلي، ظهور ۽ سُڪر جي ظاهر ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح حديث شريف ۾ آهي ته:

ان الدين سيعود كما بدأ

[ترجمو: بيشڪ دين ائين ئي موٽندو جيئن شروعات ۾ هو.]

حضرت (امام رباني) مُجدد (الف ثاني) سگهوري (قدس سره) ۽ سندس پوئلڳن مولوي جامي جي (مذڪوره قول) جي جواب ۾ هينئن چيو آهي:

هنوز آن ابر نيسان دُر فشان است
خم و خمخانها با مهرو نشان است

[معنيٰ: اجان جُهڙالو ڪڪر (اصلي ولايت سان) موتي وسائي رهيو آهي، مِهر وارن جي مَٽن تي نشان موجود آهن.][75]

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته هزار سالن کان پوءِ ئي ”اصلي ولايت“ ظاهر ٿيندي آهي،

(يعني: مجدد پيدا ٿيندو آهي) پوءِ انهيءَ ڪري هيءَ ڳالهه بعيد (پري) نه آهي ته مولوي جامي "ظل" جي انتها تي عارف ٿيو هجي. ليڪن اصل ڳالهه هي آهي ته حضرت مُجدد (شيخ احمدي سرهندي قدس سره) ۽ سندس پوئلڳن جو ايمان ۽ عرفان (اصلي) دولت آهي.

معشوق من است آنکه بنزديک تو زشت است

[معنيٰ: منهنجو معشوق اهوئي آهي جيڪو تو وٽ سٺو نه آهي.]

گر نبودي اين بزوغ اندر کسوف

ره نه گم کر دند چندين فيلسوف

[معنيٰ: جيڪڏهن سج گرهڻ ۾ اکين جي رُڪاوٽ ۽ خيرهّ ڪرڻ واري ڳالهه نه هجي ها ته ايترا فلسفي هرگز گمراهه نه ٿين ها.]

هن ڳالهه ۾ عجب آهي ته هر ڪم پنهنجي وقت تي ڳِروي ٿيل آهي ۽ هر هڪ علم لاءِ مرد (مقرر) آهن ۽ هر ڳالهه جي مقام لاءِ حد مقرر هوندي آهي. مطلب ته مولوي جامي ظلّي ولايت جي انتها تي پهتو هو ۽ هن جو نصيب بس ايترو پوئتي هو. جيئن حضرت موسيٰ ؑ (الله کي ديدار جو سوال ڪرڻ باوجود) نه ڏسي سگهيو. چاڪاڻ ته اها پوري نعمت بعد ۾ اچڻ وارن لاءِ ئي رکي وئي هئي.

سلطان الاولياء فرمايو: اصل روح هوا وانگر آهي، جيڪو (سيني) شين سان محيط آهي. تنهن ڪري ڪِن گمان ڪيو آهي ته اهو خدا آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَابْتَغُوا إِلَيْهِ الْوَسِيلَةَ (35:05:06)

[ترجمو: ۽ هن تائين (پهچڻ لاءِ) وسيلو ڳوليو.]

اُهو مُرشد ونڻ ڏانهن اشارو آهي.

آئـون چـوان ٿـو ته: تـفسيرن ۾ آهـي ته وسيـلو الله جـي رضا جـو سبب آهـي. ڪـتاب "مڪتوبات زڪيہ" ۾ آهي ته وسيلو ڪاميابي ۽ ڇوٽڪاري جو طريقو آهي، ڇاڪاڻ ته مُرشد جي رضا حاصل ڪرڻ ئي الله تعاليٰ جي رضا جو وسيلو آهي.

حافظ شيرازي چيو آهي:

كليد گنج سعادت قبول اهل دل است

[ترجمو: اهلِ دل (الله وارن) کي قبول ڪرڻ ۽ مڃڻ ئي سعادت جي خزاني جي ڪنجي آهي.]

وَالسَّلَامُ عَلَىٰ مَنِ اتَّبَعَ الْهُدَىٰ (47:20:16)

[ترجمو: جيڪو هدايت جي پيروي ڪري ان ماڻهوءَ لاءِ سلامتي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن تون الله سان آهين ته پوءِ جيڏانهن گهرين تيڏانهن هليو وڃ، ڇاڪاڻ ته ان وقت طرف ۽ مڪان ڪونه هوندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لَّمْ تَكُونُوا بَالِغِيهِ إِلا بِشِقِّ الأَنفُسِ (07:16:14)

[ترجمو: جتي اوهان پاڻ کي سخت تڪليف ۾ وجهڻ کان سواءِ پُهچي نه ٿا سگهو.]

آئـون چـوان ٿـو ته:

"الموت قبل الموت" [76]

[معنيٰ: موت کان اڳ مرڻ آهي.]
جنهن کي روحي ۽ طريقتي موت جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جيڪو روحي موت مري ويو، سو طبعاً جيئرو آهي.
مولوي رومي چيو آهي:

مرگ پيش ازمرگ امن است اي فتيٰ
اين چنين فرمود ما را مصطفيٰ

[معنيٰ: اي جوان! مرڻ کان اڳ مرڻ ۾ ئي سلامتي آهي، اهڙيءَ طرح اسان کي حضرت محمّد ﷺ فرمايو آهي.]
هن ڳالهه جو خلاصو هن حديث جو ياد ڪرڻ آهي: جُفَ القلم [قلم سڪي ويو]
يا قرآن ۾ آهي:

فَلَن تَجِدَ لِسُنَّتِ اللَّهِ تَبْدِيلًا (43:35:22)

[ترجمو: پوءِ تون الله جي دستور ۾ ڪا مٽ سٽ نه ڏسندين.]
سلطان الاولياء فرمايو: هڪڙو طالب ”لاقيدي“ (معنيٰ واري) مرد وٽ ويو (ته جيئن ان وٽان فيض وٺي) لاقيدي انهيءَ طالب کي (هڪ) سال خدمت جو حڪم ڪيو، سال گذرڻ کان پوءِ (هڪ ڏينهن) انهيءَ طالب کي چيائين ته مون کي (پنهنجي) ڪاريگري ڏيکار پر اُن ڪاريگريءَ جو تفصيل سان نالو ڪونه ورتو. طالب ويچاري گهڻي جُستجو ۽ ڳولا ڪري گهڻائي هُنر مُرشد (لاقيدي) کي ڏيکاريا. پر مُرشد چيو ته نه! نيٺ اها شيءِ ڪٽي آيو جنهن سان فقير پنهنجي جاءِ جي صفائي ڪندا آهن (يعني ٻُهارو) پوءِ ان کي مُرشد چيو ته هاڻي تو ٺيڪ ڪيو، اهو

ڪم پاڻ تي لازم ڪر. (مطلب ته جيئن ٻُهاري سان ظاهري صفائي ڪبي آهي، تيئن باطن کي به غير کان ٻهاري ڏئي صاف ڪر.)

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

هيچ اسمي بي مسمّىٰ ديده
يا زگاف و لام گل گل چيده

[معنيٰ: ڇا تو ڪو به نالو، نالي واري شيءِ کان سواءِ ڏٺو؟ (حرف ۽ اکر) يا رڳو گاف ۽ لام ملائڻ سان تو پاڻ گل چونڊيا آهن.]

اسم خواندي رو مسمّىٰ را بجو
مه ببالا دان مدان در آب جو

[معنيٰ: تو نالو پڙهو، (هاڻي) وڃي مسميٰ اصل (نالي واري) کي ڳولھ، چنڊ کي مٿي (آسمان ۾) ڳولھ، پاڻيءَ ۾ (ان جو عڪس) نه ڏس!]

هن مسڪين (ڳرهوڙي) جو بيت آهي:

عشق اشياء را مُقوّم دان
ورنه هر شيءِ مظهر رحمان

[معنيٰ: عشق کي شين جو سهارو ۽ طاقت ڏيندڙ ڄاڻ، ورنه هر شيءِ الله (جي ذات) جو مظهر آهي.]

انهيءَ ”لاقيدي“ جي لفظ ۾ هن ڳالھ ڏانهن اشارو آهي ته لاقيدي اهڙي شخص کي چئبو آهي، جيڪو حق کي مُعين شيءِ مان حاصل ڪري.

ڪنهن عارف چيو آهي:

همہ یک دانه هست این خروار

همہ یک قطره است این درياء

[معنيٰ: هن ڪري جا سڀ داڻا هڪ آهن، هن درياهه جا سڀ ڦڙا هڪ آهن.]

اها شيءِ ٿورن اڪرن واري آهي، پر معنيٰ جي ظاهر ڪرڻ ۾ اعليٰ آهي. ڇاڪاڻ ته حجاب علمي تعين کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جو نالو نه آهي. تسليم واري نظر کان سواءِ هن ڳالھ جي ٻي قيمت نه آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو : مولوي جامي جو قول آهي:

هر يک بميرد بار يک بيچاره جامي بارها [77]

[معنيٰ: هر ماڻهو هڪڙو دفعو مرندو آهي، پر ويچارو جامي بار بار مري ٿو.]

هن ڳالھ جي معنيٰ هي آهي ته نوان نوان احوال وارد ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته ڪامل عارف کي جڏهن نئون احوال پيش ايندو آهي، تڏهن پُراڻو احوال باقي نه رهندو آهي.

هر لحظه مرا تازه خدائي دگر است

[معنيٰ: هر گهڙي منهنجو خدا نئين شان وارو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مڪر وارن جي شر کان ڇوٽڪاري جو طريقو، سُٺي ۽ عمدي ترڪيب واري (الله) کان مدد طلب ڪرڻ ۾ ئي آهي.

آئون چوان ٿو ته: اها نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سڳورا ﷺ جن ڪنهن وقت "توريہ" به ڪندا هئا. توريہ هن

ڪي چئبو آهي ته ڪنهن مصلحت جي ڪري دل جي ڳالھ ڪي ظاهر نه ڪجي.

سلطان الاولياء فرمايو: (حافظ چيو آهي)

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد بعشق

[معنيٰ: اُهي هرگز نه ٿا مرن، جن جون دليون عشق سان زنده ٿين ٿيون.]

آئون چوان ٿـو ته: مون کي وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) شروعات ۾ ذڪر جي تلقين ڪندي اها ڳالھ سيکاري. پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته عشق مان مراد الله تعاليٰ جي ذڪر جو اُنس آهي (اهو ذڪر ايترو ڪجي جو) اڻچاتل مطلق (ذات حق) جي حُسن سبب مُعينّ ۽ معلوم شين جي محبت ختم ٿي وڃي ۽ فقط ان ذات سان اُنس ۽ محبت پيدا ٿئي. بيشڪ محبوب کان جدائي جو نالو موت آهي ۽ جنهن جو ڪو ٻيو محبوب ناهي، سواءِ ان معبود جي جنهن کي موجود مطلق، باطن، حقيقت ۽ ذات غيبيہ چيو ويوآهي ۽ جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اهو مخصوص ۽ معين ٿي پئي ها ته پوءِ اهڙي عاشق کي موت نه ايندوآهي، ڇو ته هو پنهنجي محبوب کان جدا نه ٿيندو آهي.

مولوي جامي چيو آهي:

الم مرگ قطع پيونده است

ز آنچه اکنون دلت بآن بنده است

[معنيٰ: موت جي تڪليف ڳنڍيل عضون جو ڪٽجڻ آهي يعني جنهن سان تنهنجي دل ٻڌل آهي (ان جي ڪٽڻ جو نالو موت آهي.]

ان ڪري دل جي حياتي هن ڳالهه ۾ ئي آهي ته غيرخدا کان دل ٽوڙي الله تعاليٰ سان ئي دل لڳائجي ۽ انهيءَ (دل) جي بيماريءَ جو علاج الله تعاليٰ جي ذڪر سان ڪجي.

جيئن حديث شريف ۾ آهي:

وفي ذكر الله حيّ والغافل ميّت

[ترجمو: الله جي ذڪر ڪرڻ وارو ئي زنده آهي ۽ الله جي ذڪر کان غافل ئي مُئل آهي.]

مُلا علي قاري چوي ٿو ته ذڪر حضورِ ربّ ۽ وجدان قلب جو نالو آهي ۽ اهو ذڪر ئي سهڻن اخلاقن جو بنياد آهي. انهيءَ ڪري جڏهن غزالي ذڪر جي مقام ۾ داخل ٿيو هو، تڏهن چيائين ته، مون پنهنجي عمر جو گهڻو حصو ڪتاب 'وجيز'، 'وسيط' ۽ 'بسيط' ۾ ضايع ڪري ڇڏيو. (اهو وقت ذڪر کي ڏيان ها ته بهتر هو) 'شرح صدور' ۾ آهي ته، مرڻ کان پوءِ جڏهن الله جي هڪ دوست کي غُسل ڏنو پئي ويو. تڏهن مُرڪي رهيو هو. غسل ڏيڻ واري پُڇيو ته موت کان پوءِ به زنده آهي، تڏهن الله جي دوست چيو ته "آئون زنده آهيان ۽ هر الله جو دوست زنده آهي".

مجنون ترم كنون كه شدم آشنائي خويش

[معنيٰ: مان تڏهن وڌيڪ چريو ٿيس، جڏهن پنهنجي حال کان واقف ٿيس.][78]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن شرڪ جي پاڙ پٽجي وئي ته پوءِ جنت کان ڪابه رُڪاوٽ نه آهي، اها ڳالهه حديث جي سنّد سان (ثابت) آهي.

آئون چوان ٿوته: اهڙيءَ طرح قرآن شريف ۾ آهي:
أُولَـٰئِكَ لَهُمُ الأَمْنُ وَهُم مُّهْتَدُونَ (82:6:7)
[ترجمو: انهن جي واسطي ئي امن ۽ سلامتي آهي ۽ اهي ئي هدايت جي رستي تي هلندڙ آهن.]
چاڪاڻ ته صحيح حديث ۾ شرڪ جو تفسير ظُلم سان ڪيو ويو آهي.
سلطان الاوليا فرمايو: حقيقت سان واصل ٿيندڙ کي دنيا ۾ ئي جنت (مقصد ۽ مراد) مان حصو ملي ويندو آهي. چاڪاڻ ته هر اسم الاهي جو سُڃاتل محبوب جي صورت ۾(ظاهر ٿيڻ) شريعت جي زبان ۾ جنت آهي. جيئن 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي.
سلطان الاوليا فرمايو: الله جي لاءِ اباحت (جائز) ڪمال آهي ۽ نفساني خواهشن جي لاءِ گمراهي آهي.
آئون چوان ٿوته: مولوي رومي کي الله تعاليٰ خير عطا ڪندو، جنهن چيو آهي:
ڪفر گيرد ڪاملي ملت شود
[معنيٰ: جيڪڏهن ڪو ڪامل (ظاهر ۾) ڪفر کي اختيار ڪندو ته اهو به هن لاءِ عين دين (جي رسم) ٿي پوندو آهي.]
سلطان الاولياء فرمايو: پسنديده فائدو دين آهي.
آئون چوان ٿو ته: اها ڳالھ تڏهن فرمايائون جڏهن مون (حضرت سلطان اولياء قدس سره جن) کان"علمِ رمّل" بابت سوال پڇيو. (وڏي مرشد سائين جو مطلب هو ته رڳو دين جي فائدي تي ئي نظر ڪر.)

سلطان الاولياء فرمايو: غيرن ۽ ڌارين کان (پري) پڄ، چاڪاڻ ته انهن جو مقصد تنهنجو رت پيئڻ آهي.

آئون چوان ٿو ته: جڏهن ڪو مرد (دل جي) سچائي سان الله ڏانهن متوجه ٿيندو آهي، تڏهن (الله کان سواءِ) ان لاءِ (ٻيو) ڪو به قريب نه رهندو آهي ۽ الله وارن سان ئي سندس تعلق جُڙندو آهي. (۽ دنيا کان ان جي دل خالي ٿي ويندي آهي) چاڪاڻ ته ڪاڏي کان خالي ٿانوَ کي ڪتو به پسند نه ڪندو آهي. عاجز دل ئي الله جي محبت سان ڀريل ۽ دنيا جي ڍونڍ کان خالي هوندي آهي، تنهنڪري ڪُتا ان جي ويجهو ئي نٿا وڃن.

سلطان الاولياء فرمايو: اصل (الله) تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ڪنهن لاءِ به سلامتي نه آهي.

آئون چوان ٿو ته: اهو تڏهن ٿيندو جڏهن هو پاڻ کي بغير تعين ڏسندو يعني جڏهن پاڻ کي ڪا شيءِ نه سمجهندو، ان کي ''فنا في الذات'' چون ٿا ۽ ان جي نشاني اها آهي ته هو مختلف حالتن ۾ فرق ڪرڻ جي اهل نه رهندو آهي.

جيئن مولوي جامي چيو آهي:

پيش او لطف همان قهر همان
نوش داروش همان زهر همان

[معنيٰ: ان جي اڳيان مهرباني ۽ قهر هڪ جهڙا آهن، وٽس، دوا دارون ۽ زهر برابر آهن.]

حافظ چيو آهي:

بيا رباده که در بارگاهِ استغناء

چه پاسبان وچه سلطان چه هوشيار وچه مست.

[معنيٰ: محبت جو شراب آڻ جو بي پرواهه بادشاهه جي درٻار ۾ ڪهڙو چوڪيدار، ڪهڙو امير، ڪهڙو هوشيار ۽ ڪهڙو مست ؟ مطلب ته سندس درگاهه ۾ سڀ برابر آهن.]

مولوي رومي چيو آهي:

هست بي رنگي اصولِ رنگها

صلحها باشد اصول جنگها

[معنيٰ: بي رنگي ئي رنگن جو بنياد آهي، جيئن صلح جو بنياد جنگ آهي.]

چون که بي رنگي رسي کان داشتي

موسيٰ و فرعون اندر آشتي

[معنيٰ: جڏهن تون بي رنگيءَ ۾ پُهچندين، تڏهن موسيٰ عليه السّلام ۽ فرعون کي گڏ صلح ۾ ڏسندين.]

هر که بي من شد همہ ها دروست

باز جمله شد چو خود نيست دوست[79]

[معنيٰ: جيڪو(نفس) آئون (جي وڏائي) کان پاسيِ ٿيو، سڀ اُن ۾ آهي، وري اهو ئي سڀ پاڻ ٿيو، جڏهن پاڻ ڪنهن جو دوست نه آهي.]

تا تو خود را پيش وپس داري گمان

بسته جسمي و محرومي ز جان

[معنيٰ: جيستائين تون پاڻ کي اڳيان پويان هجڻ واروگمان رکين ٿو، تيستائين پنهنجي جسم کي ٻڌل ۽ پاڻ کي جان کان محروم سمجھ.]

زير و بالا پيش و پس وصفِ تن است

بي جهتها ذات جان روشن است

[معنيٰ: هيٺ ۽ مٿي، اڳيان ۽ پويان هجڻ (انساني) بدن جي تعريف آهي، ليڪن طرف کان سواءِ فقط روح روشن آهي.]

هن ڳالھ جو خلاصو هي آهي ته تعين ۽ تميز کان سواءِ ان ڳالھ جو ڇاڻيندڙ ٿي. ڇاڪاڻ ته معنيٰ ذات ۽ حُڪم جو محل آهي، تعين نه هجڻ جي ڪري معنيٰ تي حڪم نه لڳائبو. ائين ڪتاب 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي.

ڪتاب 'سراج المصلي' ۾ آهي:

قلندر شدن قرب لاهوتي است

مقام قلندر خراباتي است

[معنيٰ: قلندر ٿيڻ لاهوتي جو قُرب آهي، قلندر جو مقام خراباتي آهي.]

هن (قلندري مقام) تي سالڪن جا قدم گھڻي تفاوت وارا آهن، انهن مان تمام ٿورا ماڻھو ان حقيقت جي راز تائين پهچن ٿا يعني تعين کان بلڪل نڪرڻ. ڪتاب 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته غيب جي خبر ''هويت'' آهي. جنهن جو نڪي اثبات ڪندا آهن ۽ نڪي ان کان وڌيڪ گھرندا آهن. ڪتاب 'رشحات' ۾ آهي ته اِطلاق (لاڳاپي) جي قيد کان اها ذات مطلق آهي، پوءِ اُنهيءَ ذات کان

سواءِ هر شيءِ معلوم ڪري سگهجي ٿي، پر ان (جي ڪيفيت) ڪي علم ۽ ادراڪ جي ذريعي نه ٿو سمجهي سگهجي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُريد لاءِ حُجت فقط سندس مُرشد آهي. حديث شريف ۾آهي ته ڪن اصحابن سڳورنؓ ’توريت‘ جي مطالعي جو شوق ڏيکاريو، جنهن تي حضرت رسول الله ﷺ جن ناراض ٿيا.

آئـون چـوان ٿـو ته: اهـا حـديث شريـف ’مـشڪـاة شريف‘ ۾ آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جا هي الفاظ آهن:

اتهاكون انتم كما تهوكت اليهود و النصاريٰ

[ترجمو: توهان ائين هلاڪ ٿيڻ چاهيو ٿا، جيئن يهودي ۽ نصارا هلاڪ ٿيا.]

ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ آهي ته ”التهوڪ“ جي معنيٰ مٿو ڦرڻ ۽ حيران ٿيڻ آهي.

هن ڳالھ جو خلاصو هي آهي ته جيئن عبادت ۾ شرڪ حرام آهي، تيئن هدايت جي دليل وٺڻ ۾ به حرام آهي. پوءِ جيڪو ”فنا في الله“ جو ارادو رکي ٿو، ان کي اول مُرشد ۾ فنا ٿيڻ گهرجي ۽ مُرشد کان سواءِ ٻي جي ڳالھ مان دليل نه وٺي. انهيءَ ڪري ڪتاب ’مڪتوبات احمدي‘ جو صاحب فرمائي ٿو ته سمجهاڻي مُرشد جي فعل مان ئي وٺڻ گهرجي ۽ عادات ۽ عبادات ۾ ان کي ئي ”امام“ بنائجي. جيستائين مُريد، مُرشد جي گواهيءَ سان الهام جي مرتبي کي نه پهچي، تيستائين مُرشد جي خطا کي پنهنجي صواب (درست) کان ڀلو سمجهي. ڇاڪاڻ ته مُرشد اُن وقت ”مُجتهد“ جي

مقام تي فائز هوندو آهي، جنهن تي ڪابه ملامت نه آهي. (مطلب ته مُجتهد تي اجتهاد جي غلطي ۾ ملامت ڪرڻ جائز نه آهي.)

آن را که در سرائي نگار ست[80]

فارغ است از باغ بوستان تماشا لاله زار

[معنيٰ: جنهن جي گهر ۾ محبوب آهي، اهو باغ، گل ۽ گلزار (ساوڪ) جي سوچ کان فارغ آهي.]

الله تعاليٰ مولوي روميءَ کي جزاءِ خير عطا ڪري . جنهن چيو آهي:

علم نقلي با دم قطب زمان

چون تيمم باوجود آب دان

[معنيٰ: نقلي علم ”قطب زمان“ (وقت جي مُرشد) جي موجودگيءَ ۾ ائين سمجھ، جيئن پاڻيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ تيمم!]

ڪتاب ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ به اهڙيءَ طرح آهي. نماز، روزو ۽ ٻيون سڀئي عبادتون ”**صاحبِ زمان**“ جي اجازت کانسواءِ ڪو سُٺو نفعو نه ٿيون ڏين.

(هر دور ۾ انهيءَ صاحبِ زمان جي ثبوت لاءِ) مولوي رومي چيو آهي:

تا قيامت آزمائش دائم است

پس بهر دوري ولي قائم است

[معنيٰ: قيامت تائين اهو امتحان جاري رهندو، مطلب ته هر دور ۾ هڪ ولي ضرور هوندو آهي.]

هن ڳالھ جو خلاصو هي آهي ته نوَن نوَن احوالن جي حقيقت ڪڏهن جمال ۾ ۽ ڪڏهن جلال ۾ هوندي آهي. قديم ۽ جديد (احوالن) جو جهيڙو حيراني ۽ هلاڪت جو سبب آهي. تنهن ڪري ڪنهن عارف چيو آهي ته صوفي ''ابن الوقت'' (وقت جو پٽ) يا ''ابوالوقت'' (وقت جو پيءُ) هوندو آهي.

هن مضمون ۾ هن مسڪين (گرهوڙي) جو شعر آهي:

يخالفُ قواعد العصر و مکان

پسر وقت باشد خبر هر زمان

[معنيٰ: زمان ۽ مڪان جا قاعدا مختلف هوندا آهن، وقت جو پُٽ اهو آهي (جيڪو) هر زماني جي خبر ڏيندو آهي.]

سنڌي پهاڪن ۽ چوڻين ۾ (وقت جي حالتن تي هي پهاڪو ڏنو ويندو آهي.) جنهن جو مضمون هي آهي ته تعريف حاضر (موجود) جي لاءِ هوندي آهي. اصول فقھ ۽ ان جي فروع ۾ آهي ته ضرورت اباحت (مباح) جي علت آهي ۽ علت اطاعت ۽ تابعداري جو بنياد ۽ مدار آهي. ايستائين جو امام اعظم (ابوحنيفه) فرمايو آهي ته جنهن اسان جي اصل (ماخذ يا دليل) کي نه ڄاتو، تنهن لاءِ جائز نه آهي ته اسان جي فِصل (اجتهادي مسئلن) کي اخذ ڪري ۽ بيشڪ نفس جي معرفت پنهنجي فائدي ۽ نقصان وارين شين کي معلوم ڪرڻ جو نالو فقھ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن عارف جو قول آهي ته تيستائين مرد صديق نه چئبو، جيستائين هزار دوست سندس باري ۾ شاهدي ڏين ته اهو زنديق آهي. بيشڪ انهن جو قول سچو آهي، پر ظاهر وارن

جي (چوڻ تي) محمول(دارومدار) آهي. پوءِ انهن جي (سڻي) ۽ سچي قول چوڻ ڪري انهن جي مخالفت ڪرڻ خراب آهي. (پر انهن جي چوڻ جي ڪري) احڪامن جو جاري ڪرڻ پنهنجي جاءِ تي صحيح نه آهي.

آئون چوان ٿوته: ڪتاب ‘احياءُ العلوم’ ۾ آهي ته جڏهن ماڻهو معرفت جي انتها تي پهچندو آهي، تڏهن ماڻهو ان کي پٿر هڻندا آهن، چاڪاڻ ته ان جون ڳالهيون ماڻهن جي عقل جي حد کان ٻاهر هونديون آهن. تنهنڪري ماڻهو ان کي چريو يا ڪافر سمجهي پٿر هڻندا آهن. امام غزالي جي ٻئي ڪتاب ‘اصول الاربعين’ ۾ آهي ته [81] عارف جو ڪلام جمهور جي مخالف هوندو آهي، چاڪاڻ ته عارف حقيقت جي جهان ۾ هوندو آهي، وهمي، خيالي ۽ صورتن جي جهان ۾ ڪونه هوندو آهي. مطلب ته اهو ائين آهي جيئن مسافر پنهنجي وطن کان ٻاهر وارن رهاڪن سان ڳالهائيندو آهي، سندس ڪلام جي اها نشاني آهي جو ان جو ڪلام اجمالي (اشارن وارو) ۽ انتها تي نظر رکڻ وارو هوندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: هن مقام جو صاحب ڪڏهن (ظاهري) صفائي کي ويسر ۾ ڇڏي ڏيندو آهي. پوءِ انهيءَ کي (دنيا جي) ڪمائي ۽ ڪائين جي وڪڻڻ (يعني واپار جو) مڪلف (ذميوار) ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟ هن مقام جي صاحب کي عملن ۽ ورد وظيفن وارن تي قياس نه ڪبو آهي، چاڪاڻ ته اُن ايندڙ وقت واري صورت مان حقيقت تائين پُهچندو آهي.(جيئن ڪنهن ايندڙ کي چئجي ته) ’’خربوزه بخور‘‘ (تون گدرو کاءُ) ’’ترا بفاليزه

چه ڪار” (تنهنجو گدري جي واڙيءَ سان ڪهڙو ڪم آهي) چوڻ وارن جو چوڻ بيشڪ صورت جي حقيقت کان جدا ۽ پري نڻو ٿئي. (صديق کي زنديق چوڻ وارو قول) ان تي محمول آهي، (چاڪاڻ ته) جيڪو دنيا کان نه نڪتو آهي سو معراجيت (بلنديءَ جي انتها) تي تابعداريءَ سان ڪامياب نه ٿيو آهي. ورنه (هن ڳالهه ۾) ڪو به شڪ نه آهي ته ڪيترن ڪاملن جي دنيا آخرت وانگر آهي. انهن مان شيخ (احمدي سرهندي) مجدد الف ثاني قدس سره به هڪ آهي ۽ آخرت ۾ حقيقتون صورتن سان قيد نه هونديون آهن.

(حڪايت آهي ته) حضرت ذوالنّون مصري، حضرت خواجه بايزيد بسطامي ڏانهن (ڪنهن ماڻهوءَ جي ذريعي) پيغام موڪليو ته تون (ڪيستائين) جهنگ ۾(غفلت جي ننڊ ۾) سمهندين، حالانڪ قافلو روانو ٿي ويو آهي. پوءِ (حضرت سلطان العارفين خواجه) بايزيد، (بسطامي قدس سره) جن جواب ۾ چوائي موڪليو ته مرد اهو آهي جيڪو سڄي رات سمهي ٿو، مگر صبح جو اُٿي ئي پهچي وڃي ٿو، جتي قافلي جي منزل هوندي آهي. پوءِ جڏهن اهو جواب شيخ ذوالنون ٻُڌو، تڏهن چيائين ته اسان جو پاءُ (سلطان العارفين خواجه بايزيد) اهڙي (روحاني) مقام تي پهتو آهي، جتي پيو ڪو به نه پهچي سگهيو آهي.

پرا گنده که آن اند زير فلک

که هم دو توان خواند شان هم ملک

[معنيٰ: آسمان هيٺان ڪيترائي اهڙا (اولياء) آهن، جو ملائڪ به انهن جو شان بيان ڪن ٿا.]

سلطان الاولياء فرمايو: گهڻو ذڪر ڪندڙ جيڪو نسبت جو صاحب ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ وارو آهي، اهو پنهنجي راز جي جذب سبب ۽ پنهنجي دل (ڪي ذڪر ۾) گم ڪرڻ سان مرفوع سند موجب شريعت جي تابعداري ڪندڙ آهي. اهو عشق ۽ محبت جي پَرَن سان اُڏامندو آهي، عقل ڪونه هلائيندو آهي ۽ طريقت سالڪن وانگر ۽ شريعت زاهدن وانگر آهي ۽ نسبت جي شرح هنن (قصيده برده جي) بيتن ۾ بيان ڪيل آهي:

اَقسمت بالقمر المنشق ان لہ

من قلبہ نسبة مبرورة القسم

[ترجمو: آئون چيريل چنڊ جو قسم کڻان ٿو ته ان جي چيرجڻ جي نبي ڪريمﷺ جي قلب مبارڪ سان نسبت آهي ۽ اهو منهنجو سچو قسم آهي.][82]

نسبت جو نتيجو هن بيت ۾ ظاهر ڪيل آهي:

سبحان الله ما وحيءَ بِمُڪتسب

وَّلا نبيّ عليٰ غيب بمُتهم

[معنيٰ: پاڪ آهي الله تعاليٰ جيڪو نبيءَ کي ڪمائي سبب نبوت عطا نه ٿو ڪري ۽ نه ڪنهن نبي تي غيب جي خبر ڏيڻ جي تهمت لڳائي سگهجي ٿي.]

وذاڪ حين بُلوغ من نّبوُتہ

فليس ينڪر فيه حال مُحتلم

[معنيٰ: پوءِ خواب ۾ وحي جو اچڻ ان وقت ٿيو، جڏهن پاڻ (سڳورا ﷺ) نبوت جي وقت تي پُهتا هئا، جيئن ڪنهن عاقل بالغ جي احتلام جي حال جو انڪار ڪري نه ٿو سگهجي.]

آئون چوان ٿوته: وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) (اهو) صاحبِ نسبت جي باري ۾ فرمايو آهي، جيڪو 'شرح اربعين نووي' ۾ موجود آهي. اهو شرح مُلاّ علي قاري لکيو آهي.

(شيخ) سعدي نسبت جي شرح ۾ چيو آهي:

اي که از مُشک جليسان بقمر بر زده

جهت کو که دران داغ جليسائي تو نيست

[معنيٰ: چنڊ جي صحبت مان تو خوشبوءِ حاصل ڪئي پر چنڊ وارن داغن کان تون خالي آهين.]

حافظ چيوآهي:

لطيفه ايست نهاني که عشق ازو خيزد

که نام آن نه لب لعل خطِ زنگاريست

[معنيٰ: اهواندروني لطيفو آهي جنهن مان عشق پيدا ٿئي ٿو، اهي ڪنهن سُهڻي جا ڳاڙها چپ، ڳل ۽ سونهن نه آهن.]

ڪتاب 'رشحات' ۾ آهي ته "نسبت بکار شود و بيکار نشود" يعني: نسبت ڪم سان ٿئي ٿي ۽ ڪم کان سواءِ نه ٿي ٿئي. مطلب ته ان جو اصل، ازلي عنايت ۽ قديم محبت آهي ۽ سندس ظهور ڪمال جي صحت سان ٿيندو آهي.

در ازل بوده است مارا دوستي

لا تلو موني فهديٰ ما انصرم

[معنيٰ: ازل ۾ اسان جي دوستي هئي، مون کي ملامت نه ڪريو، (جنهن دنيا کان) مُنهن موڙيو، پوءِ اُن ئي هدايت لڌي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن نسبت لڌي، تنهن کي ان جي حفاظت کان سواءِ ٻئي (ڪنهن) طريقي جي ضرورت نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو وصل کي پهتو آهي، سو اجمال (اشاري) تي ئي ڪفايت ڪندو، تنهن لاءِ تفصيلي نظر وصول کان مانع نه آهي. اسماء (الاهي) جون تجليون لامتناهي (اڻ ڪٿ) آهن. ذات، تجلي ۽ ظهور کان مُنزه (پاڪ) آهي. جنهن (ذات جو) عرفان حاصل ڪيو، تنهن جي (حقيقت کي بيان ڪرڻ کان) زبان گونگي ٿي وئي. حديث شريف ۾ آهي:

ما قل وكفي خير مما كثر و الها

[ترجمو: جنهن ٿوري مان گذر ٿئي اهو ان گهڻي کان ڀلو آهي. جيڪو غافل ڪري.]

آئون چوان ٿو ته: اهو قول ارشاد جي ڪفايت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. علم حديث جي مطالعي مان هي ڳالهه حاصل ٿئي ٿي ته هر صالح عمل جنت ڏانهن پُهچائيندڙ آهي، ۽ هر هڪ عمل لاءِ (جنت ۾) خاص نالي سان دروازو آهي. جيئن روزيدارن لاءِ "باب الريان" آهي ۽ جيڪي (معصوم) ٻارن کي خوش ڪندا آهن، انهن لاءِ "باب الفرح" آهي. ڪتاب 'احياءُ العلوم' ۾ آهي ته هر هڪ علم جي طالب (شاگرد) لاءِ ضروري آهي ته هر هڪ علم جي موضوع ۽ غايت معلوم ڪري. اهو ئي علم اجمالي جو شرح آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: اهو حڪم زمين تي (بُک کان) ڪرندڙ تي به ايندو آهي، پوءِ ان لاءِ ماني شرط ڪونه هوندي آهي. [83]

جوع آئينه سالک راه است

شيوه عارفان آگاه است

[معنيٰ: سالڪ کي رستو ڏيکاريندڙ بُک ئي آرسي آهي، عارفن جو شيوو ان کان خبرداري آهي.]

تڪليف کي چڏڻ بهتر آهي، پوءِ تون وقت جي حڪم سان ٿيءُ.

آئون چوان ٿوته: حضرت ابوهريره ؓ مسجد ۽ حجري جي وچ ۾، بک جي سبب کان ڪري پيو هو. دين جي شروعات ۾ (اها ڳالھ) سُٺي سَنَدَ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مديني منوره ۾ (هڪ وڏي) عالم فاضل ابو الحسن سنڌي کي ڏٺائون ته حرف ''ضاد'' جي صحيح آواز ڪرڻ لاءِ تڪرار ڪري پيو. جڏهن کيس چيو ويو ته (توهان ايڏا وڏا عالم) ضاد جو تڪرار چو پيا ڪريو؟ تڏهن چيائين ته آئون عجمي آهيان، مون کان ضاد جو صحيح آواز ادا نه ٿو ٿئي. پر ڪوشش ڪرڻ واجب آهي، شايد ڪنهن وقت آسان ٿي پوي.

مطلب ته جيڪو هن امر، جنهن جو نالو ''مقام محمدي'' آهي. تنهن جي طلب ڪري ٿو، ان کي هن فاضل (مخدوم ابوالحسن) وارو طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪو هن حرف ضاد جي صحيح مُخرج لاءِ ادا ڪيو. الله جي رحمت مان نا اميد ٿيڻ نه گهرجي. (چو ته) ڪافر ئي الله جي رحمت مان نااميد هوندا آهن.

آئون چوان ٿوته: ڪنهن فراق جي سڙيل، ڪهڙو نه سُٺو چيو آهي:

شسته گردد يا نه گردد شُست شوئي مي کنم

بشنود يا نه شنود من گفتگوئي مي کنم

[معنيٰ: ڌوپي صاف ٿئي يا نه ٿئي، آئون ڌوئيندو رهندس، ٻُڌي يا نه ٻُڌي آئون عرض ڪندو رهندس.]

سلطان الاولياء فرمايو: سچي طالب جو حجرو، ساڻس گڏ هوندو آهي، اهو ڪنهن خاص جاءِ ۾ ڪونه هوندو آهي، جيتوڻيڪ اهو ظاهري مُرشد جو مڪان ئي هجي.

آئون چوان ٿو ته: حديث شريف ۾آهي:

شرف المکان بشرف المکين

[ترجمو: مڪان جو شرف مڪين (رهڻ واري) سان هوندو آهي.] (الله جي نالي جو) نقشبندين وٽ مخفي ذڪر آهي. بيشڪ (ظاهري ۽) ٻاهرين جُدائي داخلي حُجري (دل سان) تعلق نه ٿي رکي.

سلطان الاولياء فرمايو: هن باري ۾ طالب جو رستو وصل کان روڪيندڙ قيدن کان ٻاهر نڪرڻ ۾ آهي، ايستائين جو امامت، ٻانگ، واقعن جي شاهدي، قضا، فتويٰ ۽ نحو وغيره.

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد کي اهڙو بُت نه بنايو جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي، پر توهين جن مشڪل علمي مسئلن ۾ محتاج ٿيو، سي اُنهيءَ (مرشد) کان پڇو.

آئون چوان ٿوته: انهيءَ ڪري سوال ۽ جواب نه ملڻ سبب قبرن مان استرشاد

(هدايت) کي باطل چوندا آهن. حديث شريف ۾آهي:

انما العلم بالتعلم

[ترجمو: علم پرائڻ سان آهي.]

۽ ٻي حديث شريف ۾آهي: **لا تجعل قبري وثنا يعبد**

[ترجمو: منهنجي مزار کي بُت نه بنائجو، جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي.]

ڪتاب ‘فتح القدير’ ۾ آهي ته قبرن وٽ ويهڻ مڪروه آهي، ڇاڪاڻ ته اهو سنت جي خلاف آهي. ڪن متاخرين مُئلن جي لاءِ ڪرامتون[84] ثابت ڪرڻ ۾ گهڻي ديگهه ڪئي آهي، جيڪا غير مسنون آهي ۽ ثابت نه آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو: آئون توهان کي الله ڏانهن سڏيان ٿو ۽ توهان مون ڏانهن موٽو ٿا. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَمَا عَلَى الرَّسُولِ إِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِينُ (99:05:07)

[ترجمو: ۽ پيغمبرن کي ته رڳو پڌرو حڪم پهچائڻ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: توهان لاءِ ڪو به حجاب نه آهي، مگر توهان پاڻ حجاب آهيو.

حجاب راه توئي حافظ ازميان برخيز

[ترجمو: اي حافظ! تون پاڻ پنهنجي رستي جو حجاب آهين، (تنهن ڪري) تون وچان اُٿ.]

آئون چوان ٿو ته: هن ڳالهه جو مطلب آهي ته اهو تعلق جيڪو قضا ۾ ازل کان الله تعاليٰ سان آهي، پوءِ جيڪو راضي ٿيو، انهيءَ لاءِ رضا آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: سڀئي علمي قانون قيد آهن، مقصد ۾ ڪو قانون نه هوندو آهي، پوءِ اُهي قانون فقيرن ۽ فيقهن جا هجن يا جاهل فلسفين جا هجن، سڀ بيڪار آهن.

آئون چوان ٿوته: اهڙيءَ طرح اصول (فقه) وارن جو قول آهي ته ڪو به عام اهڙو نه آهي، جنهن کي خاص نه ڪيو ويو هجي، اهو عام به ائين اُن جي احڪامن سان خاص آهي ۽ ”**لاالٰہ الا الله محمد رسول الله**“ ۾ ڪابه تخصيص نه آهي.

‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته ”نجات“ جو دارومدار سنت جي تابعداري ۽ صحيح عقيدي تي آهي، ڪلمي جي معنيٰ جو تت اهو آهي، جنهن اُن کي مضبوط پڪڙيو تنهن لاءِ اهو ڪلمو هٿ جي ٿاهيل ڪتابن کان بهتر آهي. خاص ڪري توڪل ۽ ڪمائي، شادي ۽ گوشي نشيني جي مسئلي ۾.

مولوي رومي چيو آهي:

امر را و نهي را مي بين مدام
ني قبول انديش، ني رد، اي غلام

[معنيٰ: اي پٽ ! تون سدائين الله جي امر ۽ نهيءَ کي ڏس ۽ تابعداري ڪندو رهه ! ڪنهن به قبول پوڻ يا ردِ ٿيڻ جو خيال نه ڪر.]

ڪنهن عالم چيو آهي ته پنهنجي طاقت مطابق مضبوطيءَ سان (گناهن کان) بچڻ پاڻ تي لازم ڪر!

سلطان الاولياء فرمايو: راڳ ٻُڌڻ گناهه ۽ ان مان لذت ماڻڻ ڪفر آهي.

آئون چوان ٿوته: راڳ جو مطلب ساز سان مُراد آهي. ڪتاب ’بحرالرائق‘ جي شاهدي مطابق سماع جي ٻُڌڻ ۾ اختلاف آهي ۽ مذهب ان جي منع ڪري ٿو. گويا پوءِ ته اختلاف (ئي) ختم ٿي ويو. بيشڪ مُرشد جي مُرشد شيخ محمّد (خواجه ابوالمساڪين نظوي قدس سره) الله تعاليٰ ان تي رحمت ڪري (تنهن) لکيو آهي ته مون هڪڙي ڏينهن مولود ٻُڌا، انهن جو اثر (اجا تائين) منهنجي دل مان نه ويو آهي. تنهن ڪري توهان تي لازم آهي ته هر اُن شيءِ کان خانقاه کي صاف ڪريو، جيڪا طريقت جي خلاف آهي. انهن شين ۾ سبق پڙهڻ به داخل آهي، اهو به خانقاه ۾ مناسب نه آهي. خانقاه ۾ رڳو ذڪر ۽ فڪر ئي هجڻ گهرجي.[85]

سُٺي ڳالھ هي آهي ته اختلاف کان بچڻ مستحب آهي. صوفين جو طريقو ”عزيمت“ کي اختيار ڪرڻ آهي، صوفي ٿورائي (۽ بچڻ) ڏانهن لاڙو ڪندا آهن، گهٽائي ۽ رخصت ڏانهن لاڙو ڪونه ڪندا آهن. پر ڳائڻ ۽ سماع جي چڏيندڙ لاءِ مناسب آهي ته انڪار نه ڪري. ڇاڪاڻ ته اختلاف واري شيءِ ۾ انڪار نه ڪبو آهي، جيئن ڪتاب ’عين العلم‘ ۾ آهي.

حديث شريف ۾ آهي: **اختلاف امتي رحمة**

[ترجمو: منهنجي امت جو اختلاف رحمت آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: اهل الله جو طريقو، عادتون ۽ رسمون ٿوڙڻ يا بي پرواهي ڪرڻ نه آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جي نظر مقصود تي هوندي آهي، پوءِ پِلي ڪٽي اهو سڪر ۾ ئي پُهچائي.

خواجه حافظ (شيرازي) جيڪو ‘صاحب ديوان’ آهي، انهيءَ طريقي وارن مان هو. چاڪاڻ ته ان جو بي پرواهيءَ وارو طريقو هو.

آئون چوان ٿوته: مولوي رومي چيو آهي:

لا اُبالي مر ڪسي را شد مباح
ڪش زيان زعصيان و ز صلاح

[معنيٰ: بي پرواهي ان لاءِ ٺيڪ آهي جنهن کي نيڪي ۽ بديءَ مان ڪو نقصان نه ٿئي.]

لا اُبالي عشق با شد ني خرد
عقل آن جويد کزان سودي برد

[معنيٰ: بي خوف عشق هوندو آهي نڪي عقل، چاڪاڻ ته عقل نقصان کان بچڻ ۽ هر وقت نفعو ڳوليندو آهي.]

خواجه حافظ چيو آهي:

عاشقِ يارم، مرا با ڪفر و با ايمان چه ڪار

[معنيٰ: آئون ته يار جو عاشق آهيان، منهنجو ڪفر ۽ ايمان سان ڪهڙو ڪم؟]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪوه (جي پاڪائي) جو علم، احڪام ۽ احوال فقيرن جو معمول آهي. (ته ڪيتري پليتي سان ڪوه ناپاڪ ٿيندو يا ڪيئن پاڪ ٿيندو وغيره) تون اُن تي خبرداري رک.

آئون چوان ٿوته: ان علم جو خلاصو هي آهي ته ماڻهو مخلوقات جي رب سان ڪامل حضوري سبب عادتن ۽ رسمن ۾ گرفتار نه ٿئي.

بنده پير خرا باتم كه درويشان او

گنج را از بي نيازي خاک برسرمي كنند

[معنيٰ: آئون اهڙي پيرمغان (فنا في الله) جو مريد آهيان. جنهن جا فقير بي نيازي جي ڪري خزاني جي مٿان مِٽي وجهندا آهن.]

'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته عادتون ۽ رسمون لازم سمجهڻ، ننگ ۽ ناموس جي رعايت ڪرڻ، اهي ڳالهيون شريعت جو ضد آهن. چاڪاڻ ته شريعت خواهشن کي پري ڪرڻ لاءِ آئي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد جو مُريد ۾ روحاني طاقت سان تصرف ائين هوندو آهي، جيئن ملائڪ ڪندا آهن. قرآن شريف ۾ ان طاقت جو تعبير پَرَن سان ڪيو ويو آهي.

آئون چوان ٿو ته: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته ڪامل (مُرشد) ارشاد جي وقت الله ڏانهن متوجه ٿيندو آهي، هو ٻي ڪنهن پاسي توجه ۽ لاڙو ڪونه ڪندو آهي. غير مُنتهي لاءِ همت ۽ توجه درڪار آهي[86].

سلطان الاولياء فرمايو: تعليم جو شرط شاگرد جي علم سان مناسبت آهي. (جيڪڏهن مناسبت نه هوندي) ته جيڪو پڙهندو سو سمجهندو ئي ڪونه! مطلب شرط کان سواءِ مشروط ڪيئن ٿيندو.

آئون چوان ٿوته:

شرط علمي چار باشد اي عميم

فهم وحرص وفارغي مرشد رحيم

[معنيٰ: [اي دوست! علم جا چار شرط آهن سمجه، شوق، واندڪائي ۽ مُرشد (يا استاد به) مهربان هجي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ظالمن ۽ گنهگارن کي حقارت جي نظر سان نه ڏسو، ڇاڪاڻ ته انهن مان گهڻا ئي الله جي اڳيان عاجزي (سان) نجات جا اميدوار هوندا آهن ۽ اسان اهڙا گهڻا ڏٺا آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: تڪليف جو بنه ڇڏڻ جائز اصولن مان هڪ اصول آهي، پوءِ شريعت سان موافقت ڦهر توڙي مهر ٻنهي صورتن ۾ واجب آهي.

آئون چوان ٿوته: جڏهن وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) کان جُونءَ مارڻ جي باري ۾ سوال ڪيم، تڏهن (پاڻ مذڪوره قول) ٻُڌايائون.

حديث شريف ۾ آهي: **ڪان خُلق رسول الله القرآن**

[ترجمو: حضور ڪريم ﷺ جو اخلاق قرآن آهي.]

جن ڳالهين جي قرآن ۾ منع آهي، انهن ڪمن جي ڪرڻ سان ناراض ٿيندا هئا ۽ جن ڪمن سان رضا حاصل ٿئي، تن سان راضي ٿيندا هئا.

مولوي جامي چيو آهي:

ترک آزار مطلق اي خواجه

دفتر فقراء است ديباچه

[معنيٰ: اي چڱا مڙس! تڪليف کي بلڪل ڇڏڻ ئي فقيريءَ جي دفتر جي ابتدا آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيئن پڳل ٻانهن وارو ماءُ پيءُ يا دوستن جي ڪنڌ ۾ هوندو آهي، تيئن قاصر مُريد آهي، جنهن کي ماڻهو رد ڪن ٿا، تنهن کي مُرشد رد نه ڪندو آهي.

آئون چوان ٿوته: (مطلب ته) جيستائين (مُريد) پنهنجي خواهش ۽ ارادي سان (مُريديءَ مان) نه نڪري.

حافظ چيو آهي:

نيڪي پير مُغان بين که چوما بد مستان
هر چه کرديم بچشمِ کرمش زيبا بود

[معنيٰ: اسان جي مُرشد جي اسان چرين سان نيڪي ۽ ڀلائي ته ڏس، جو اسين جيڪي ڪجھ ڪريون ٿا، ان جي ڪرم واري نگاھ سان اهو سُهڻو ۽ سُٺو ٿي وڃي ٿو.]

فقه جي ڪتابن ۾ آهي ته خراب واپار (واري شيءِ) سُٺـيءَ سان مليل هوندي آهي.

شيخ سعدي چيو آهي:

شيندم که در روز اميد و بيم
بدان را به نيکان به بخشد کريم

[معنيٰ: مون ٻڌو آهي ته ڊپ ۽ اميد واري ڏينهن (قيامت ۾) الله تعاليٰ گهنگارن کي نيڪن جي وسيلي سان بخشي ڇڏيندو.]

'قصيده بُرده' جي صاحب چيو آهي:

لِعَلَّ رَحمَتَ رَبِّي حِينَ يَقسِمُهَا
تَاتِي عَليٰ حَسَبِ العِصيَانِ فِي القِسَمِ

[معنيٰ: جڏهن الله تعاليٰ جي رحمت تقسيم ٿيندي، تڏهن جن جا ٿورا گناھ هوندا ان کي ٿورو ۽ جنهن جا گهڻا گناھ هوندا ان کي رحمت مان گهڻو حصو ملندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: شيخ مجدد الف ثاني مسڪينن ۽ غريبن واري طريقي تي زندگي گذاريندو هو. ايستائين جو سومهڻي نماز کان پوءِ جڏهن پنهنجي گهر ڏانهن ايندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن دروازو بند ملندو هوس. (گهر وارا انتظار ڪري سمهي رهندا هئا) پاڻ گهر وارن کي سڏ نه ڪندو هو، پر صبح تائين دروازي تي ويهي رهندو هو. وري جڏهن بادشاهن کي خط لکندو هو ته ان ۾ پنهنجي عاجزي ۽ مسڪيني اهڙي نموني سان ظاهر ڪندو هو جو عقل حيران ٿي ويندو هو، خطن ۾ سُٺي ڳالهه فرمائيندا هئا. سيني صوفين جو ڪلام سلوڪ جي ڪمن (متعلق هوندو آهي) ۽ مشهور خطن (وانگر ڪونه هوندو آهي) [87] هو چوندو هو ته جيڪڏهن آئون پنهنجي علم جي راز کي ظاهر ڪريان، غير ته پري ٿيا، پر پنهنجا ساٿي به جيڪر مون کي ماري ڇڏين. آخري عمر ۾خلوت اختيار ڪيائون ۽ ان جي باري ۾ فرمائيندا هئا ته سڄي عمر جون اميدون ان ۾ لڌم.

آئون چوان ٿو ته: (حضرت شيخ مجدد الف ثاني قدس سره جي) خطن ۾ مخلوق کان گوشه نشيني ضروري (چاڻايل) آهي. حضرت ابوهريره ؓ کان روايت آهي ته:

اعطاني رسول الله ﷺ وعائين من العلم، فبثثت احدهما، ولو بثثت الآخر لقطع البلعوم.

[ترجمو: حضرت رسول الله ﷺ جن مون کي علم جا به ٿانوَ عطا ڪيا، جن مان هڪڙو مون ظاهر ڪيو ۽ ٻيو ظاهر ڪريان ته منهنجي نڙي ڪٽي ويندي.]

سچي امام (زين العابدينؓ) فرمايو آهي:

و رب جوهر علمي لو الوح بہ

لقيل لي انت ممن يعبد الوثنا

و لاستحل رجال مسلمون دمي

[معنيٰ: علم جا ايترا جوهر آهن جو جيڪڏهن آئون اهي (راز ماڻهن تي) ظاهر ڪريان ته اهي مون کي ائين چوندا ته تون بُت پرستي ڪري رهيو آهين ۽ مسلمان منهنجو خون ڪرڻ حلال ۽ جائز سمجهن ها.]

سلطان الاولياء فرمايو:

گره ز دل بکشا از سپهر ياد مکن

که فکر هيچ مهندس چنين گره نکشاد

[معنيٰ: دل جي ڳنڍ کول ۽ آسمان کي ياد نه ڪر، چو ته فڪر جي اهڙي ڳنڍ ڪنهن ماهر نجومي به نه کولي آهي.]

آئون چوان ٿو ته: جڏهن تنهنجي دل خالي ٿيندي، تڏهن هر علم جي لاءِ قابل ٿيندي ۽ تنهنجو عقيدو ”هيوليٰ“ (مادي) وانگر ٿيندو. (جيئن مادي مان ڪاريگر کي جيڪا صورت وڻيس سا ٺاهي) تڏهن تنهنجو سير پورو ٿيندو ۽ تنهنجو غير (نڪري) ويندو ۽ تنهنجي لاءِ ”امُ العلوم“ (سڀني علمن جو بنياد ۽ ايماني فراست) ۽ خير ڪثير آهي.

مولوي جامي چيو آهي:

شو هيوليٰ جمله معتقدات

بو که يا بي ز قيد و حصر نجات

[معنيٰ: سيني عقيدن ۾ هيوليٰ ٿيءُ ته بند ۾ رهڻ واري قيد کان نجات ۽ ڇوٽڪارو لهين.]

نقشبندي طريقي وارن وٽ "ياد داشت" جو خلاصو هي آهي ته اهو بديهي دائمي علم آهي، ڇاڪاڻ ته سعادت مطلق آهي.

مولوي رومي چيو:

قرب ني بالا و پستي رفتن است
قرب حق از قيد هستي رستن است

[معنيٰ: قرب هيٺ يا مٿي، ويجهي يا پري ٿيڻ جو نالو ناهي، حق تعاليٰ جو قرب هن هستيءَ جي قيد کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ آهي.]

بنده هستي نيست هرکو صادق است
عشق نان بي نان غذائي عاشق است

[معنيٰ: جيڪو طلب ۾ سچو عاشق آهي اهو هستي جي قيد ۾ گرفتار نه آهي، ظاهري ماني کانسواءِ اصل مانيءَ جي محبت عاشق جي خوراڪ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد جنهن ڪم جو حڪم ڪري ان کي مڃڻ گهرجي، ان ڪم ۾ ئي هر قسم جي تمام آساني ۽ ڀلائي ملندس. جيئن مولوي رومي پنهنجي مُرشد شمس (تبريزي قدس سره) جو حڪم مڃيو.

آئون چوان ٿوته: حافظ شيرازي چيو آهي:

به مئي سجاده رنگين کن گرت پير مُغان گويد
که سالک بيخبر نبود ز راه و رسم منزلها

[معنيٰ: جڏهن توکي مُرشد چوي ته مصلو شراب سان رنگ ته رنگي ڇڏ، ڇاڪاڻ ته اهو سالڪ (عشق جي) رسمن ۽ رستن کان بي خبر نه هوندو آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

بد نماند بد چو بد از بهر دوست

کفر ايمان است چوکفر از بهر اوست[88]

[معنيٰ: جيڪا خراب شيءِ دوست جي ڪري اختيار ڪجي سا خراب نه رهندي، اهو ڪفر به ايمان آهي جيڪو هن جي ڪري آهي.]

حديث شريف ۾ آهي: **لِکُلَ امريء مَا نَويٰ**

[ترجمو: هر ماڻهوءَ کي اها ئي شيءِ ملندي آهي، جنهن جي هو نيت ڪري ٿو.]

ٻي حديث شريف ۾ آهي:

اِنَّ اللهَ لَاينظُرِاليَ صُورِکُم وَلِا اَليَ اَعمَالِکُم وَلاکِنَ ينظَرِ اليٰ قُلُوبِکُم

[ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ اوهان جي صورتن کي نه ٿو ڏسي ۽ نڪي اوهان جي عملن کي ڏسي ٿو، بلڪ اوهان جي دلين کي ڏسي ٿو.]

عالمن جو چوڻ آهي ته بيشڪ قرآن مان شاهدي ڏبي آهي، ليڪن قرآن تي ٻي شيءِ سان شاهدي ڪونه ڏبي آهي. انسان ڪامل به ائين آهي، جيئن اڳ ۾ شيخ ابن عربي جي حوالي سان ذڪر ٿي گذريو آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

گر کمالم باکمال انکار چيست

ورنيم کامل بس اين اقرار چيست

[معنيٰ: جيڪڏهن ڪمال وارو آهيان ته ڪمال جو انڪار ڇا آهي ۽ جيڪڏهن ڪامل نه آهيان، بس اهو اقرار ڪهڙو آهي؟]

کفر گيرد کاملي ملت شود

هر چه گيرد علتي علت شود

[معنيٰ: جيڪڏهن ڪو ڪامل (ظاهر ۾) ڪفر کي اختيار ڪندو، ته به اهو صحيح واٽ تي هلندو آهي. پر جيڪو بيمار پاڻ ڪائيندو اهو بيماري ئي رهندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: طلب جي انتها ٻن ڪمن مان هڪ تي ٿيندي آهي يا جسم تي وصول آهي يا روح نڪرندو آهي.

دست از طلب ندارم تا کام من برآيد

يا تن رسد بجانان يا جان ز تن برآيد

[ترجمو: هن جي طلب کان هٿ نه ٿو ڪيان، پوءِ يا ته آئون محبوب وٽ پهچان يا منهنجو ساهه نڪري وڃي]

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي:

للغازي احدي الحسنين

[ترجمو: غازيءَ لاءِ ٻن نيڪين مان هڪ نيڪي ضرور آهي.]

۽ آثار ۾ آهي ته:

من مات في طلب العلم فهو شهيد ويعلمه الملک في قبره

[ترجمو: جيڪو علم جي طلب ۾ مري ويو سو شهيد آهي ۽ ملائڪ ان کي قبر ۾ پڙهائيندو آهي.]
(۽ ٻي حديث ۾ آهي ته)

ومن مات في طريق الحج ذاهبا او راجعا، فلہ الحج كل سنة ولاشڪ ان المظفر افضل من الشهيد قبل الظفر

[ترجمو: جيڪو حج جي رستي ۾ ويندي يا ايندي مري ويو، تنهن لاءِ هر سال حج آهي ۽ هن (ڳالھ) ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته (الله ڏانهن) ڪاميابي جي ڪوشش ڪندڙ ڪاميابي کان اڳ شهيد کان افضل آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

اوحدي شصت سال سختي ديد
تا شبي روئي نيڪ بختي ديد

[ترجمو: اوحدي! سٺ سالن تائين تڪليف ڏٺي يا رياضت ڪئي (تنهن کان پوءِ وڃي) هڪ رات نيڪ بختي جو مُنهن ڏٺائين.] اهو دل جي ذڪر جو مشاهدو آهي.

آئون چوان ٿو ته: جڏهن مون وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) کان سٺ سالن کان پوءِ انهيءَ ماٺيل سعادت جي باري ۾سوال پُڇيو، تڏهن پاڻ ذڪر قلبي جي بُلند مرتبي بابت ائين چيائون .چاڻ هجي ته دل جي گوشت واري ٽڪري ۾ پهريائين ماٺيي جي حقيقي روشني خاطر ذڪر ضروري آهي، ان کان

پوءِ "(حقيقت) محمدية" (معلوم ٿيندي آهي) ۽ ذڪر قلبي سان ان روشنيءَ جو دل ۾ لِپڻ ۽ موجود ٿيڻ جو نالو"شهود" آهي. انهيءَ ڪري مُلا علي قاري چوي ٿو ته ذڪر حضورِ ربّ ۽ دل ۾ ان جي وجدان جو نالو آهي. هن ڳالهه جو خلاصو هي آهي ته تعين کان سواءِ دل ۾ لذت ۽ سڪون محسوس ڪري، پر جڏهن اهو انتها تي پهچندو آهي ته اهو وجدان مظهر کان مطلق هوندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ (115:02:01)

[ترجمو: اوهين جيڏانهن به مُنهن ڪندا، تيڏانهن الله جو مُنهن آهي.]

پوءِ هميشہ ڪندڌ کي جُهڪائي ان لامعين نور کي (حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر) جنهن اهو (نور) لڌو، اهو نيڪ بخت ٿيو.

"عليٰ بيض قلبک کن کانک طائره"

[يعني: دل جي آني تي پکيءَ وانگر آرو پچاءِ.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن اولياء کان پُڇيو ويو ته الله (جي ذات جي ڪيفيت) ڪيئن آهي؟ (تنهن جواب ۾) فرمايو ته جوان سهڻو آهي، جنهن جي گوڏ ڳاڙهي سلوار آهي، هٿ ۾ تير ڪمان سان سوڙهي گهٽيءَ ۾ بيٺل آهي، جيڪو به ان کي نشانو بنائيندو ته اهو سندس اک کي ڦوڙيندو.

آئون چوان ٿو ته: معراج واري حديث ۾ آهي ته:

رَاَيتُ رَبِّي فِي اَحسنِ صُورَتِہِ [89]

[ترجمو:مون پنهنجي ربّ کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو.]

۽ ٻي حديث شريف ۾ آهي ته:

رَايَتُ رَبِّي بِصُورَتِ شُابِ اَمَرِد جعد قَطَطِ

[ترجمو:مون پنهنجي ربّ کي جوان جي صورت ۾ ڏٺو (جنهن جا) وار ڪارا گهنڊيدار آهن.]

هن ۾ عالمن ۽ عارفن جو ڪلام مشهور آهي. اصل حقيقت هي آهي ته الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيْءٌ (11:42:25)

[ترجمو: ان جهڙو ڪو به نه آهي.]

۽ ٻي جاءِ تي آهي: **وَلَهُ الْمَثَلُ الأَعْلَىٰ** (27:30:21)

[ترجمو: ۽ انهيءَ جي واسطي آهي سڀ کان اعليٰ مثال.]

سلطان الاولياء فرمايو: هندستان جي بادشاهن مان ڪنهن دعويٰ ڪئي ته اهو نبي آهي. (هي اشارو اڪبر بادشاهه ڏانهن آهي) عربيءَ ۾ ڪتاب ناهيائين ۽ چوڻ لڳو ته اهو منهنجو معجزو آهي. پوءِ سندس ذمي وزير جنهن جو نالو”بيربل“ هو، تنهن کيس چيو ته اجازت هجي ته ڪجهه چوان، پوءِ کيس اجازت ملي. تڏهن چيائين ته هر نبيءَ جو ڪتاب سندس قوم جي زبان ۾ هوندو آهي، هي ڪتاب عربيءَ ۾ آهي جڏهن ته نبيءَ (جي زبان) هندي آهي. (ٻيو ته) نبي اشاري سان چنڊ چيريندا آهن ۽ لٺ سان سمنڊ چيريندا آهن، اسين رڳو ماني ٽوڙڻ تي اڪتفا ڪريون ٿا. (ان ڳالهه مان هن) آيت سڳوريءَ ”فَبُهِتَ“ (هوش اُڏامي وڃڻ) جو اشارو حاصل ٿيو. (مطلب ته اڪبر بادشاهه حيران ٿي ويو ۽) سندس غرور غرق ٿي ويو.

آئون چوان ٿوته: مولوي رومي کي الله سائين جزاءِ خير عطا ڪري، جنهن چيو آهي:

در رخت کو از مي دين فرخي؟

گر بديدي بحر کو کف سخي؟

[معنيٰ: تنهنجي چهري ۾ دين جي شراب جي ڪشادگي ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن تون سمنڊ ڏٺو آهي ته سخيءَ جو هٿ ڪٿي آهي؟.]

هن مسڪين (گرهوڙي) جو شعر آهي:

آيات بينات علم نقشبنديان

اوهام باطلات خيالات بنديان

[معنيٰ: نقشبندين جو علم پڌرن نشانن وارو آهي، ٻانهن جا خيال ۽ وهم باطل آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن عارف چيو آهي ته الله عام لنگر وانگر(مسلم ۽ غير مسلم سڀني کي ڏيندڙ) آهي ۽ پيغمبر دشمنن (جي لاءِ به) پلائي ڪندڙ آهي ۽ معلم ڪُڪِڙ (وانگر) کُڏِ ۾ ٻچا ڦوڙيندڙ ۽ چُڱائيندڙ آهي ۽ درويشن جو پيٽ الله جي پاٺ آهي.

آئـون چـوان ٿـو تـه: هـي مـٿي ذڪـر ڪيل تعريفون چئني شين تي پوريون آهن، پوءِ انهن تي غور فڪر ڪر ۽ ان کي ڪِل پوڳ نه سمجهه.

سلطان الاولياء فرمايو: حق مُجتهدن جي وچ ۾ ڦرندڙ آهي.

آئـون چـوان ٿـو تـه: حـنفي فـقه وارن چيو آهي ته: ''**الڪفر کلہ ملة واحده**'' يعني: ڪفر هڪ ملت (ساڳيو) آهي، اهو هن شرط

سان ته حق هڪ آهي. ڪتاب ’تحرير‘ ۾ آهي ته حق هڪ آهي، پر ان جا طريقا (گھڻا) آهن ۽ جيڪو حديث شريف ۾ آهي ته:

بِاَيِهُمُ اقتَدَيتُم اِهتَدَيتُم

[ترجمو:انهن مان جنهن جي به توهان پيروي ڪندا، ته هدايت لهندا.]

انهن طريقن تي مدار آهي، جيڪي ضعيف هجڻ جي باوجود حق جي گھڻن هجڻ تي دلالت نٿا ڪن.

مولوي رومي چيو آهي:

”تا نميري نيست جان كندن تمام“

[معنيٰ: جيستائين تون پاڻ کي فنا نه ڪندين، تيستائين مڪمل موت نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: تعويذ لکڻ جائز آهي، مقصد ۾ خلل نه ٿو وجهي.

آئون چوان ٿو ته: هي هڪ جامع قاعدي جو بيان آهي، جيڪو هر الله جي طالب کي نفعو ڏيندو. جنهن جو مطلب يا مراد هيءَ آهي ته جنهن جي شرعي لحاظ سان معنيٰ مقصد صحيح هجي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهِ عِلْمٌ (36:17:15)

[ترجمو: ۽ جنهن ڳالھ جو اوهان کي علم ڪونهي، تنهن جي پٺيان نه پئو.]

حديث شريف ۾ آهي: **انما الاعمال بالنيات**

[ترجمو عملن جو دارومدار نيت تي آهي.]

۽ فقہ وارن چيو آهي ته وسيلن لاءِ مقصدن جو حڪم آهي. ‘فتاويٰ قاضي خان’ وغيره ۾[90] جيڪو زال ۽ مڙس جي وچ ۾ محبت جي تعويذ جي منع ڪئي وئي آهي، اهو سحر ۽ جادوءَ سبب آهي. (جيڪڏهن سحر ۽ جادو نه آهي ته) ظاهري منع نه آهي. ڇاڪاڻ ته زال ۽ مڙس جي وچ ۾ محبت شرعاً مطلوب آهي ۽ شرعي مطلوب طلب ڪرڻ صحيح مقصد آهي. ‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته طالب کي گهرجي ته ٿوري يا گهڻي (ڪم) ۾ شرعي حڪم ڏانهن رجوع ڪري، ڇاڪاڻ ته شريعت کان سواءِ نجات نه آهي. طالب ۽ دوزخ جي وچ ۾ مُرشد ڍال آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مَن ذَا الَّذِي يَشْفَعُ عِندَهُ إِلَّا بِإِذْنِهِ (255:02:03)

[ترجمو: اهو ڪير آهي جيڪو هن جي اڳيان سندس اجازت کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ سفارش ڪري سگهي!]

مطلب ته الله پاڪ جي اجازت سان سفارش ڪندا.

مَا عَلَى الرَّسُولِ إِلَّا الْبَلَاغُ (99:05:07)

[ترجمو: ۽ پيغمبرن کي ته رڳو حڪم پهچائڻ آهي.]

سلطان الاولياءَ فرمايو: صوفي (دل جي) صفائي سان ڇريائي جي حد تائين جنون رکندو آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ (53:23:18)

[ترجمو: هر جماعت وٽ جيڪي آهي، اهي انهيءَ(شيءِ) تي خوش آهن.]

سلطان الاولياءَ فرمايو: بيت:

وگر سالڪي محرم راز گشت

به بندند بروي در باز گشت

وگر سالکی محرم راز گشت

ببندند بر وی در بازگشت (سعدي، بوستان)

[معنيٰ: جيڪڏهن سالڪ محرم راز ٿيو ته مٿس وري موٽڻ وارو رستو بند ڪري ڇڏيندا.]

ستانند زبان از رقيبان راز

که تا راز سلطان نگويند باز

[معنيٰ: راز فاش ڪرڻ وارن جي زبان بند ڪري ڇڏيندا آهن ته جيئن بادشاهه جو راز ڪنهن کي نه ٻُڌائين.]

سلطان الاولياء فرمايو: هر هڪ جو دشمن اُن لاءِ مشهور آهي.

آئون چوان ٿوته: گمراهه ڪندڙ انفس (اندر) جو هجي يا آفاقي (ٻاهريون)، پيو پهرين جو مظهر آهي.

مولوي جامي چيو آهي:

نفس چون نيست در درون باقي

چه غم از دشمنان آفاقي

[معنيٰ: جڏهن نفس اندر ۾ باقي نه رهيو ته پوءِ ٻاهرين دشمن جو ڪهڙو غم؟]

مولوي رومي چيو آهي:

دشمن آن باشد کزو باشد عذاب

فضل را مانع شود از آفتاب

[معنيٰ: دشمن اهو آهي جنهن کان تڪليف پُهچي، سچ جي مهربانيءَ کان ڪا رڪاوٽ بنجي.]

سلطان الاولياءَ فرمايو:

توان در بلاغت سحبان رسيد

نه در کنه بي چون سبحان رسيد (سعدي بوستان، نيايش 1)

[معنيٰ: تون بلاغت ۾ (عرب جي مشهور شاعر) سحبان کي پُهچي سگهين ٿو، پر سُبحان (الله پاڪ) جي بي مثل ذات کي نه ٿو پُهچي سگهين.]

چه شبها نشستم درين دير گم

که حيرت گرفت آستينم که قم (سعدي، بوستان)

[معنيٰ: ڪيتريون ئي راتيون آئون ان بُت خاني ۾ ويٺس، آخر منهنجي ٻانهن (هٿ) کي حيرت اچي پڪڙيو (۽ چيائين) ته اُٿ!]

تو خواهي اگر اين زمين طي کني

نخست اسب باز آمدن پي کني (سعدي، بوستان، نيايش)

[معنيٰ: جيڪڏهن تون طالب آهين ۽ سمورو فاصلو طئي ڪري وڃڻ پهچڻ گهرين ٿو ته پهرين واپسيءَ جي گهوڙي تان هٿ کڻ.]

آئون چوان ٿو: انهيءَ مان مراد هن جهان مان نااميد ٿيڻ آهي. چاڪاڻ ته هن جهان سان چنبڙيل حق کي نه ٿو پُهچي سگهي، (تنهنڪري نااميد ٿئي ٿو)

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لا يَلْتَفِتْ مِنكُمْ أَحَدٌ وَامْضُوا حَيْثُ تُؤْمَرُونَ (65:15:14)

[ترجمو: اوهان مان ڪو به مُنهن ڦيري (پٺتي) نه ڏسي ۽ جتي وڃڻ جو حڪم ڪيو وڃي ٿو، اتي سڀئي (سڌا) هليا وڃو.]
پوءِ جڏهن دنيا جي محبت کان فراغت حاصل ٿئي ته اها ذڪر جي شروعات آهي. غزالي ’احياءُ العلوم‘ ۾ اِها ڳالھ ثابت ڪئي آهي ۽ هن بيت ۾ به انهيءَ ڳالھ جو خلاصو آهي:

ز اهل مال ولد وطن و علم و جاه
باش فارغ ذكر كن اين است راه

[معنيٰ: گهر، پار، مال، اولاد، وطن، علم ۽ مرتبي کي ڇڏي ذڪر ڪر، ڇاڪاڻ ته اهوئي (ڪاميابي جو) رستو آهي.]
سلطان الاولياء فرمايو: زنديقي (لاديني) انتهائي خراب آهي ۽ اها آهي ته ڪنهن به رستي يا واٽ سان نه هلجي!
آئون چوان ٿو ته: ان جو مثال بي ديني آهي، پر انهن جو اهو بيان ته "**الصوفي لا مذهب لہ**" [يعني صوفيءَ جو ڪو مذهب ڪونه هوندو آهي.] پر اهو (قول) زنديقن کي فائدو نٿو ڏئي. ڇاڪاڻ ته ظاهر وارن وٽ هن جي معنيٰ هي آهي ته صوفي محقق مُجتهد هوندو آهي، جنهنڪري بئي ڪنهن مُجتهد جي مذهب جي تابعداري نه ڪندو آهي. چو ته هڪ مُجتهد بئي مُجتهد جي تقليد نه ڪندو آهي، جيئن ’اصول‘ جي ڪتابن ۾ آهي. تصوف وارن وٽ هن جي معنيٰ هيءَ[91] آهي ته صوفي ڳنڍيندڙ آهي ۽ مذهب ته سڀني جي لاءِ آهي.
مولوي رومي چيو آهي:

در درون کعبه رسم قبله نیست
چه غم اغواص با چپله نیست

[معنيٰ: ڪعبي جي اندر قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ واري رسم نه آهي، تاروءَ کي ڪهڙو غم ته وٽس سيٽاهه ڪونهي!]

آن اباحه کز هوا باشد ضلال
و از اباحت باخدا باشد کمال

[معنيٰ: اهڙو مباح جيڪو نفساني خواهش جي ڪري هجي سو گمراهي آهي. پر جيڪڏهن اهڙو مباح الله لاءِ هجي ته اهو ڪمال آهي.]

هن جو مطلب هي آهي ته رستي کي چڏڻ يا ڪمال هوندو آهي يا گمراهي هوندي آهي. ڪتاب 'ڪشف المحجوب' ۾ آهي ته زنديق قرآن شريف ۾ تاويل ڪندا آهن ۽ فقيهن جي فتوى آهي ته زنديق پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪرڻ جي باوجود ڪنهن آسماني دين تي ڪونه هلندا آهن، پوءِ اهو (زنديقن جو) خاص نفاق آهي.

سلطان الاولياءَ فرمايو: مُربي (مرشد) ۾ فنا ٿيڻ کان سواءِ ربّ تائين پهچڻ محال آهي.

آئون چوان ٿوته: 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته اڪثر ڪري ''فنا في الشيخ'' ئي''فنا في الله'' جي لاءِ مقدمو هوندو آهي. اهو تمام گهٽ ٿيو آهي (جو ڪنهن کي) ''فنا في الشيخ'' کان سواءِ ''فنا في الله'' (جو درجو) حاصل ٿئي.

جيئن شيخ سعدي چوي ٿو:

محال است سعدي که راه صفا

توان رفت جز در پئي مصطفيٰ (بوستان)

[معنيٰ: اي سعدي! جيستائين حضور ڪريم ﷺ جن جي تابعداري نه ڪبي، تيستائين صفائي جو رستو لهڻ محال آهي.]

هن ڳالهه جو مقصد هي آهي ته معنوي ولادت صوري وانگر آهي، پوءِ ضروري آهي ته انهيءَ لاءِ به دليون هجن (هڪ معنوي ۽ ٻي صوري). باقي هڪ نادر يا خرقِ عادت آهي، جيئن حضرت عيسيٰ ؑ جي ظاهري پيءُ کان سواءِ ولادت آهي. عيسوي ولي، فقيرن جي عرف ۾ ''اويسي'' سڏيو ويندو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لَّوْ كَانَ فِي الأَرْضِ مَلَائِكَةٌ يَمْشُونَ مُطْمَئِنِّينَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِم مِّنَ السَّمَاءِ مَلَكًا رَّسُولا (95:17:15)

[ترجمو: جيڪڏهن زمين تي (انسانن جي بدران) ملائڪ رهن ها (۽ اهي اُن تي) آرام ۽ امن سان گهمن ڦرن ها ته پوءِ ضرور اسان آسمان مان هڪ فرشتي کي ئي پيغمبر بنائي موڪليون ها.]

ليس الخبر کا المعائنة

[ترجمو: خبر (ٻڌڻ)، معائني (ڏسڻ) جي برابر نه هوندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

اشاهد من اهويٰ بغير وسيلته

فيلحقني شان اضل طريقا

[معنيٰ: جڏهن آئون پنهنجي محبوب جي ديدار جي خواهش بغير وسيلي ڪريان ٿو ته مون تي اهڙي حالت تاري ٿئي ٿي جو آئون اصل راهه کان هٽي وڃان ٿو.]

هتي وسيلي مان مراد حجاب آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: اهو عرفان ڪي نه پهچندو، جيڪو ڪِٿ پِٿ جي گمراهه ڪن طريقن ۾ قائل آهي. چو ته اها حيرت آهي يعني اهو شيءِ جو سمجهڻ آهي بغير سمجهڻ جي!

آئون چوان ٿو ته: هن جو مثال ائين آهي، جنئن ظاهري نقطي جو معلوم ڪرڻ ۽ اهو نقطو علم جو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

بشريٰ اذ السلامة حلت بذي سلم

لله حمد معترف غاية النعم

[معنيٰ: خوشخبري (تڏهن) آهي، جڏهن سلامتي، سلامتي واري وٿ پهچي ٿي. نعمتن جو انتهائي اعتراف الله جي لاءِ حمد آهي.]

آئون چوان ٿو ته: ذي سلم مان مراد دل يا قلب آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

اختياري نيست بدنامي ما [92]

ضلني في العشق من يهدي السبيل

[معنيٰ: بدنامي اسان جي اختيار ۾ ناهي، مون کي راهه ڏيکاريندڙ ئي عشق ۾ گمراهه ڪيو آهي.]

آئون چوان ٿو ته: ان مان مراد عقل آهي، جيڪو عوام کي هدايت ڪندڙ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

من لم يطق صبراً او كتمان سره

فليس لہ سوي الموت با الله ينفع

[معنيٰ: جيڪو (ماڻهو) راز لڪائڻ ۽ صبر جي طاقت نه ٿو رکي، الله جو قسم! تنهن لاءِ موت کان سواءِ (ٻي ڪابه شيءِ) فائدي واري نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: هڪ وليءُ ڪنهن شخص جو غلام هو، پوءِ جڏهن مالڪ کي سندس ولايت جي خبر پئي، تڏهن انهيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيائين. انهيءَ الله جي وليءَ مناجات ڪندي هي بيت پڙهيو ۽ مري ويو.

يا صاحب اِلسّر ان السر قد ظهرا

فلا أُريد حياتاً بعد ما السر اشتهرا

[معنيٰ: اي راز جا صاحب! بيشڪ منهنجو راز ظاهر ٿي پيو، هاڻي جڏهن راز مشهور ٿي ويو آهي، تڏهن آئون حياتي نه ٿو گهران.]

يا من يريٰ ما في الضمير و يسمع

انــت الـمـعـدل مـــا يــتـــوقـــع

[معنيٰ: اي دلين جي (رازن) کي ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ واري ذات! (تو ۾) جيڪا به اُميد رکي وڃي ٿي سا تون ئي پوري ڪندڙ آهين.]

يا من خزائن ملكه في قول كُن

امنن فان الخير عندک اجمع

[معنيٰ: سڀئي ملڪ جا خزانا تنهنجي لفظ ڪُن (ٿيءُ) ۾ آهن، احسان ڪر! ڇاڪاڻ ته سڀ ڀلائي تو وٽ ئي جمع آهي.]

حاشا لجودک ان تقنط عاصيا

فالفضل اجزل والمواهب اوسع

[معنيٰ: افسوس! تنهن جي سخا جي خزانن مان گنهگار ڪيئن نااميد ٿي سگهي ٿو! ڇاڪاڻ ته تنهنجو فضل گهڻو ۽ سخا وسيع آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: هڪڙو ظاهري عالم هو، جيڪو دل جي وجد جو انڪاري هو ۽ چوندو هو ته دل هٿ وانگر آهي ۽ وجد ڪمال جي توجه سان ٿيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: 'مڪتوبات زڪيه' ۾ آهي ته دل جي صفائي لاءِ دل جي حرڪت لازمي نه آهي. (بلڪ) محبت پيدا ڪرڻ ۽ حضور حاصل ڪرڻ لازمي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: بيشڪ حج مان مقصد (الله جي قدرت جي) ظاهر نشانين جو مطالعو ڪرڻ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: (نقشبندي) طريقت ۾ صبح کان پوءِ ۽ عصر کان پوءِ (ذڪر سان دل کي) زنده ڪرڻ تاڪيدي امر آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: "اسم اعظم" اهو آهي جو جنهن وقت به ان سان دعا گهري وڃي ته قبول پوندي آهي ۽ جيڪو به سوال ڪبو ته اهو پورو ٿيندو آهي.

آئون چوان ٿو ته: اسم اعظم سان دعا الله سان ٻانهي جي پڪي ارادي جو نالو آهي ۽ هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته الله جو ارادو

ئي پڪ ظاهر ٿيندو. ڇاڪاڻ ته اسم اعظم جيڪو طلب ڪري ٿو، تنهن کي حقيقت ظاهر ٿيڻ جو علم آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَلاَ تَسْئلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهِ عِلْمٌ (46:11:12) هود آية 46

[ترجمو: جنهن حقيقت جو توکي علم ناهي، تنهن بابت مون کان سوال نه ڪر.]

حديث شريف ۾ آهي ته:

ادعو الله وانتم موقنون بالاجابة

[ترجمو: الله کان دعا گهرو هن حال ۾ جو توهان کي قبوليت جو يقين هجي.]

۽ 'علم الاصول' ۾ آهي ته احوال مشروط آهن، ليڪن دعا يقين سان مشروط آهي.

شيخ سعدي کي الله سائين جزاءِ خير عطا ڪري، جنهن چيو آهي:

خلافِ طريقت بود که اولياء

تمنا کند از خدا جز خدا

[معنيٰ: اولياءَ، الله تعاليٰ کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي کان (مقصد جي) طلب ڪن، اُهو طريقت جي برخلاف آهي.]

هن ڳالهه جو خلاصو هي آهي ته اسم اعظم واري دعا علم اعظم سان ئي حاصل ٿيندي، پوءِ سمجهه ڪر.

سلطان الاولياء فرمايو: نا اهل کي رازن جي تعليم ڏيڻ ائين آهي، جيئن ڪنهن ڏاڙيل جي هٿ ۾ تلوار ڏجي، پوءِ ڏاڙيل جنهن تي تلوار هلائيندو، ان جي دانهن ڪوڪ کي ڇا ڄاڻيندو؟ ها! رازن

جي تعليم انهيءِ کي ڏجي، جنهن ۾ برداشت ڪرڻ ۽ مارکائڻ جو تحمل هجي.

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي ته:

كاد الحليم ان يكون نبياً

[ترجمو: قريب آهي ته حِلم وارو نبي ٿئي ها.]

۽ نبي ڪريم ﷺ جي دعائن مان هڪ دعا هي به آهي ته[93]

اللـــــهم اغنني بالعلم وزيني بالحلم

[ترجمو: اي الله! مون کي علم سان غني ڪر ۽ حلم سان سينگار.]

ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي ته تصوف سهڻي اخلاق جو ٻئي نالو آهي، ماڻهن سان ميل جول ڪرڻ وقت حلم ۽ برد باري سهڻو اخلاق آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو مريد گمان ڪري، تنهن سان رازن جي علم جون ڳالهيون نه ڪر، (ها، اُن سان ڳالهيون ڪر) جنهن کي کوٽ کان صاف سمجهين، تنهن سان (رازن جي معاملي ۾) ڏي وٺ ڪر. جيستائين اتحاد حاصل نه ٿئي، تيستائين هر هڪ کان ائين ڊڄ، جيئن تون شينهن کان ڊڄين ٿو.

آئون چوان ٿو ته: مون سان جڏهن وڏو مُرشد سائين (سلطان الاولياء) مخاطب ٿيو ته غيرن کان راز لڪائڻ جو چيائين.

سلطان الاولياء فرمايو: مخلوق ڏانهن جمعيت حاصل ڪرڻ لاءِ توجه ڪرڻ شرڪ نه آهي، خاص طور تي جڏهن اها شئي اهميت واري نه هجي، جيئن پٿر ۽ پتر آهي.

آئون چوان ٿو ته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَلَـٰكِنِ انظُرْ إِلَى الْجَبَلِ (143:07:09)

[ترجمو: پر تون جبل ڏانھن نظر ڪر.]

ڪنھن عارف چيو آھي:

اگر ڪافر بدانستي که بت چيست

بدانستي که ايمان بُت پرستي است

[معنيٰ: جيڪڏھن ڪافر ڄاڻي ھا ته بُت ڇا آھي؟ ته پڪ سان ڪيس خبر پوي ھا ته ايمان ئي بُت پرستي آھي.]

سلطان الاولياء فرمايو: پاڻيءَ جي فضيلت عظيم آھي.

الله تعاليٰ فرمايو آھي:

وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَاءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ (30:21:17)

(ترجمو: ۽ اسان سڀ ڪنھن ساھواري شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيوسين) ايستائين جو ڪيترن چيو ته اھو الله آھي، پر ٿڌاڻ ۽ گرميءَ ۾ پاڻيءَ جو بدلجڻ ان جي حدوث جو دليل آھي، تنھنڪري الله نه چئبو.

سلطان الاولياء فرمايو: شھر ٺٽي ۾ ھڪڙو ظاھري علم جو عالم ھو، سو (مخدوم) شيخ ابوالقاسم مرحوم جي فقيرن تي ٺٺول ۽ مسخري ڪندي چوندو ھو ته مراقبي ۾ ائين ڪنڌ جھڪايون ويٺا آھن جو ڄڻ ڪنھن ڪنڌ پچي ڇڏيو ھجين. (الله جي قدرت جو پوءِ سنت ئي) دھليءَ جي بادشاھ جو امير (ٺٽي تي ڪاھي آيو) پوءِ انھيءَ مولوي صاحب کي (ڳچيءَ ۾) ڳٽ وجھي، ڪنڌ ھيٺ ڪرائي، ڪيس بادشاھ ڏانھن دھلي وٺي ويا.

آئون چوان ٿوته: حافظ چيو آھي:

”ترسم اين قوم که بر درد کشان مي خندند“

[معنيٰ: آئون ڊڄان ٿو ته ڏک سهندڙ ٽولي مٿان کلندڙن تي ڪا تڪليف نه اچي.]

سلطان الاولياء فرمايو: خواب ۾ انسان جو جانور يا اُن جهڙي صورت ڪي ڏسڻ (حقيقت جي) تبديلي تي دلالت ڪري ٿو.

آئون چوان ٿوته: ڪتاب ’تلويح الاصول‘ ۾ آهي ته حقيقتن جو تبديل ٿيڻ ممڪن آهي، (پر اهو تبديل ٿيڻ) واجب، ممتنع ۽ ممڪن ۾ ٻئي نموني سان آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

سيرتي کان بر وجودت غالب است

هم بر آن تصوير حشرت واجب است

[معنيٰ: جيڪا سيرت تنهنجي وجود تي غالب آهي، اها تنهنجي وري اُٿڻ (قيامت) لاءِ پڻ ضروري آهي.]

هن سڄي بحث جو خلاصو تفسيرن ۾ هن آيت سڳوري هيٺ اچي وڃي ٿو[94]

فَتَأْتُونَ أَفْوَاجًا (18:78:30)

[ترجمو: پوءِ تو هين ٽوليون ٿي ايندؤ.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن تون خاڪ (جي وصف) کي پُهچي وئين، تڏهن تنهنجو سير ۽ سلوڪ پورو ٿيو.

آئون چوان ٿو ته: هن مان مراد مٽيءَ واري وصف پيدا ڪرڻ آهي، جيئن سڪون، رضا ۽ قضا کي تسليم ڪرڻ آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

"شرط تسليم است ني كار دراز"

[معنيٰ: الله جي تابعداري شرط آهي، نڪي ڊيگھ ڪرڻ]

شيخ سعدي چيو آهي:

سڪون را بدست آر اي بي ثبات

که بر سنگ غلطان نروید نبات

[معنيٰ: اي فاني! سڪون کي هٿ ڪر، ڇاڪاڻ ته سخت پٿرن تي ٻوٽا ڪونه ڦٽندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: سير ۽ سلوڪ علمي حرڪت جو نالو آهي.

آئون چوان ٿو ته: انهيءَ ڪري تعين ۽ تميز نه هجڻ سبب نقطي ۾ سير جي منع آهي، جيئن ظاهري نقطو آهي. نقطي جي سير نه هجڻ ڪري. هيءُ مشهور(قول) آهي ته:"**انّ العلم نقطة**" [بيشڪ علم هڪ نقطو آهي.] يعني تعين نه هجڻ ۽ اصطلاح مطلق ۾ نقطي وانگر آهي. پوءِ هر اهو (شخص) جيڪو نقطي تائين پهتو، (سو اُتي) بيهڻ کان سواءِ حيران ٿي پوئتي موٽيو. مطلب ته اهو سير نقطي ڏانهن هوندو يا نقطي کان هوندو. (جنهن کي "سيرالي الله" ۽ "سير من الله" چوندا آهن) جيڪو هميشه لاءِ آهي. "سير في الله" جي معنيٰ آهي ته الله جي نالن ۽ شُيون جو سير. ائين 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي. پوءِ (هن ڳالھ مان) ظاهر ٿيو ته نقطي جي عارف (جو مقصد) اهو نقطو آهي، (باقي) نقطي جو علم مقصد نه اٿس، ڇاڪاڻ ته اهو نقطو متحرڪ آهي. ڇا

تون نه ٿو ڏسين ته نالو“علم” جو فارسيءَ ۾ روان يعني هلندڙ آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

”جسم جو ئي و روح آب سائر است“

[معنيٰ: جسم واهڙ آهي ۽ روح وهندڙ پاڻي آهي.]

علم روح آهي ۽ روح الله جو امر آهي، ان جي معنيٰ الله جي علم مان آهي، جيئن ’تفسير جلالين‘ ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: الله سائين جي قول:

الرَّحْمَـٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوَىٰ (05:20:16)

[ترجمو: اهو وڏو مهربان آهي جو عرش تي قائم آهي.]

جي معنيٰ هيءَ آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ چيو ويندو آهي: ”ڪَرَ ساهڻ.“

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي:

مَن رَآنِي فَقد رَاَي الحَقَّ

[ترجمو: جنهن مون کي ڏٺو، پوءِ بيشڪ انهيءَ حق کي ڏٺو.]

چاڪاڻ ته حضرت محمدﷺ جي معرفت ئي الله جي معرفت تائين پُهچائيندڙ آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَوَضَعْنَا عَنكَ وِزْرَكَ o الَّذِي أَنقَضَ ظَهْرَكَ (21:94:3)

[ترجمو: اسان تو تان اهو ڳرو بار لاهي ورتو، جنهن تنهنجي پُٺي کي ڀِڳو ڪيو هو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ظاهر تي ڏوڪو نه ڪائجي، چاڪاڻ ته جبل اڪين ڪي ويجهو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، مگر حقيقت ۾ پري هوندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: سالڪ معرفت جي حقيقت جو طالب هوندو آهي. هو تيستائين ڪنهن به شيءِ تي صبر نه ڪندو آهي، جيستائين اُن جي حقيقت ڪي نه ڄاڻي، جيتوڻيڪ اهو ڪفر ئي ڇو نه هجي.

آئون چوان ٿو ته: ڪفر جي تحقيق ڪرڻ ڪفر نه آهي، جيئن جادوءَ جو سکڻ جائز ۽ عمل ڪرڻ ڪفر آهي، پوءِ ان ۾ غور فِڪر ڪر.

سلطان الاولياء فرمايو: (وڻ جون) ٽاريون اگرچه ڇوڏاري پکڙيل آهن تڏهن به سڀئي اصل ڏانهن موٽندڙ آهن. [95]

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي: **إِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ** (55:03:03)

[ترجمو: اوهان سڀني کي مون ڏانهن ئي موٽڻو آهي.]

خس شکستن بي دل داني محال

دل شناسي دان مراد اهل کمال

[معنيٰ: دل جي ارادي کان سواءِ ڪک ٽوڙڻ به محال آهي، ڪمال وارن جي مراد دل سُڃاڻڻ هوندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: شيعي فرقي وارا چون ٿا:

أَنَّىٰ شِئْتُمْ (223:02:02)

[ترجمو: جتان وڻيوَ اتان اچو.]

آئون چوان ٿوته: حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن مُرڪندي اِها ڳالھ چئي، پوءِ مون سمجهيو ته وڏي مُرشد سائين جو ارادو تنبيھ وارو هو ته تحقيق کان پوءِ بيشڪ ”اصول“،

''فروع'' کي فائدو نه ڏيندو آهي، جيئن ''انيّ شئتُم'' لفظ ۾''اَنيّ'' (جو لفظ ڀن معنائن ۾) حلال جو فائدو نٿو ڏئي. (چاڪاڻ ته آيت ۾ اڳيان لفظ) ''حرث'' جو موجود آهي.

هن ڳالھ جو خلاصو هي آهي ته اصل الله جو ذڪر آهي، جيڪو شخص مذهبن جي صحت ۽ بگاڙ جي ڇاڻ جو ارادو رکي ٿو، تنهن کي اصولن تي نظر رکڻ کپي، علمي ۽ عملي هر باب ۾ اهو تحقيق جو معيار آهي. فروع جي صحت اصل صحيح هجڻ جو سبب هوندي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪامل نڪي مري ٿو ۽ نڪي فنا ٿئي ٿو. يعني سندس قلب باقي هوندو، حالانڪ سندس ظاهر عام مخلوق وانگر فاني آهي.

''هرگز نميرد آنكه دلش زنده شد بعشق''

(ثبت است بر جريدهٔ عالم دوام ما) حافظ

[اهي هرگز نه ٿا مرن، جن جون دليون عشق سان زنده ٿين ٿيون.]

آئون چوان ٿوته: مولوي رومي چيو آهي:

صورتِ ظاهر فنا گردد بدان

عالم معنيٰ بماند جاودان

[معنيٰ: ظاهري صورت فنا ٿي وڃي ٿي، پر معنيٰ وارو جهان هميشہ رهندڙ آهي.]

جائي تغيرات اوصاف تن است

روح باقي آفتاب روشن است

[معنيٰ: تبديلي فقط بدن جي وصفن ۾ آهي، ليڪن روح سج وانگر هميشہ روشن آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: پساهہ ذات جو مظهر آهي ۽ ان کان مٿي ٻي ڪهڙي فضيلت آهي.؟

آئون چوان ٿوته: ڪتاب ‘ڪشف’ ۾ آهي ته صوفين وٽ نفس روح جي اوپر ۽ جسم جي اولهہ جي وچ ۾ هلندڙ آهي.

بخاري لطيف است و خوش جوهري ست
شريف و عفيف و نکو منظري ست

[معنيٰ: روح لطيف بخار آهي ۽ عمدو جوهر آهي، بلڪ اهو پاڪ ۽ باريڪ سُٺي منظر وارو آهي.]

درميان ترک و هندو کابلي ره يافته
اين چنين راه همين دولت شہ يافته

[معنيٰ: هن ترڪستان، هندستان ۽ ڪابل جو رستو ڳولي لڌو، ائين هن اصلي بادشاهہ جي دولت جي واٽ ڏسي چڏي.]

علم ڪيميا موجب روح چئن عنصرن جو نچوڙ آهي ۽ بدن جي سونهن ۽ حرڪت جو سبب آهي. موت کان پوءِ روح ۾ الاهي تصرف وارو اوزار باقي هوندو آهي.

نقشبندي بزرگن جي طريقت جي اصولن مان:

- ”هوش دردم“ (هر پساهہ تي نگاهہ)
- ۽ ”پاس انفاس“ (اندر ساهہ کڻڻ مهل الله ۽ ٻاهر ڪيڻ مهل هو چوڻ)

جون خصلتون ان شان واري بادشاهہ (روح) جون آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: حديث شريف ۾ آهي:

لا تكتبوا عني غير القرآن

[ترجمو: مون وٽان قرآن کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ نه لکو.]

ان جي معنيٰ هي آهي ته جيڪي آئون چوان ٿو ڏسو ته اهو قرآن جي موافق آهي يا نه؟ مون کي وچ ۾ نه آڻيو. (مطلب ته وڌايو يا گهٽايو نه) چاڪاڻ ته آئون تابعدار ٻانهو آهيان ۽ خدا تابعداري ڪندڙ نه آهي. آئون رڳو ان جي تابعداري ڪريان ٿو، جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو.

آئون چوان ٿو ته: اهو ائين آهي، جيئن حضرت عليؓ فرمايو آهي ته ڏسو، چوندڙ ڪير آهي.[96] اهو قول (حضرت امام) ابوحنيفه جي مطابق آهي، جيڪو ڪتاب 'بحرالرائق' وغيره ۾ مذڪور آهي ته ڪنهن جي لاءِ جائز نه آهي جو اسان جي قول کي وٺي، جيستائين اهو معلوم نه ڪري ته اسان قول ڪٿان آندو آهي. صحابي سڀُوراؓ وحيءَ کان سواءِ ٻين دنياوي ڪمن ۾ نبي ڪريم ﷺ جي خلاف اجتهاد سان راءِ ڏيندا هئا. '

مڪتوبات احمدي' ۾ ۽ اصول جي ٻين ڪتابن، جيئن ڪتاب 'شرح المنار' ۾ پڻ آهي. انهيءَ ڪري نه لکڻ واري حديث منسوخ نه ٿيندي، جيئن جمهور چيو آهي ته حديث جي نه لکجڻ تي به مدار نه آهي. ائين ڪِن سلف صالحين (پڻ) چيو آهي. پر قرآن کي غير قرآن سان گڏ ملائڻ کان روڪي ٿو. اهو

ائين آهي جيئن‘صحيح بخاري’ ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته:

اذا سمعتم عني حديثا فاعرضوه عليٰ القرآن :

فان وافقہ فاقبلوه، وان خالفوه فردوه.

[ترجمو: جڏهن مون کان حديث ٻُڌو ته پوءِ ان کي قرآن شريف سان پيٽيو، جيڪڏهن قرآن سان موافق آهي ته قبول ڪريو، جيڪڏهن قرآن جي ابتڙ آهي، ته ان کي رد ڪريو.]

جيئن مصنف جي ڪتاب ‘شرح المنار’ ۾ آهي. (بزرگ عبدالحق) دهلوي ڪتاب ‘شرح الصراط’۾ چيو آهي ته اِها حديث دليل لاءِ ٺيڪ آهي. موافقت مان مراد عام آهي. (مطلب ته) عام هجي يا خاص يا معنيٰ (موافقت هجي) اهڙيءَ طرح سان اهو اعتراض ختم ٿي ويندو ته گهڻيون حديثون قرآن جي موافق نه آهن، چاڪاڻ ته مذڪوره طريقي سان (ڪا نه ڪا) موافقت ٿي ويندي.

سلطان الاولياء فرمايو:

هيچ قومي را خدا رسوا نه کرد

تا دلي صاحب دلي نامد بدرد

[معنيٰ: الله تعاليٰ ڪنهن قوم کي ايستائين خوار ۽ خراب نه ڪندو آهي، جيستائين ڪنهن الله واري جي دل کي نه رنجائين.]

(نامد معني، نيامد، نه آمد، نه آئي، جيسينءَ ڪنهن صاحب دل جي دل درد سان (پرجي) نه آئي، يعني رنج نه ٿي. يعني جڏهن ڪو صاحب دل رنج ٿيو ته رنجيندڙ کي رب پاڪ خوار خراب ڪندو.) (م.ع.چ.)

آئون چوان ٿوته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِينَ حَتَّىٰ نَبْعَثَ رَسُولًا (15:17:15)

[ترجمو: ۽ اسان ايستائين عذاب ڪندڙ نه آهيون، جستائين ڪنهن پيغمبر کي نه موڪليون.]

ٻئي هنڌ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

إِنَّ اللَّهَ لَغَنِيٌّ عَنِ الْعَالَمِينَ (06:29:20)

[ترجمو: بيشڪ الله سموري جهان (جي ماڻهن) ڪان بي پرواهه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

صحيح حديث ۾ آهي: **المصلي يناجي ربه**

[ترجمو: نمازي (نماز ۾) پنهنجي ربّ سان مناجات ڪندو آهي.]

آئون چوان ٿو ته: مناجات ”مُنتهيٰ“ مقام جو نالو آهي، جتي الله تعاليٰ جي اڳيان پنهنجو حال پيش ڪبو آهي، بلڪ جيڪي آهي سو اُن وٽان ئي آهي، ان جي طرفان ۽ ان جي حڪم سان آهي.

حافظ چيو آهي:

رازي که بر خلق نهفتيم نگفتيم
با دوست بگويم که او محرم راز است

[معنيٰ: جيڪي راز مان تمام مخلوق کي ٻُڌائي نه سگهيم ۽ لڪايم، اُهي دوست کي ٻڌايم، ڇاڪاڻ ته اهو محرم راز آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: نبي ڪريم ﷺ جن هڪ شخص کي جنت جي خوشخبري ڏني. صحابين سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم

جن (انهيءَ جنت جي خوشخبري جو) سبب پڇيو، پر پاڻ ڪنهن ڪي به نه ٻڌايائون. جيترو قدر ٿي سگهيو، پنهنجي دل ۾ رکيائون.

سلطان الاولياء فرمايو: ٺٽي شهر ۾ ”مڪلي“ جي نالي سان قبرستان آهي، اُتي هڪ وڏي نقشبندي بزرگ جي مزار (مبارڪ) آهي. انهيءَ (بزرگ) پنهنجي حياتيءَ ۾ چيو هو ته [97]

”لمدفنہ طبقتہ من طبقات الجنة“

[يعني: منهنجي دفن ٿيڻ جي جاءِ جنت جي طبقن مان هڪ طبقو آهي.]

هن جو نالو (مخدوم شيخ) آدم (نقشبندي) آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: اهلِ طريقت واري مون (سلطان الاولياء) کي ”خليل الزمان“ جو لقب ڏنو، پوءِ منهنجي مُرشد فرمايو ته اسان کيس اهو ئي چئون ٿا جيڪي چاهيون ٿا.

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللَّهِ أَكْبَرُ (72:09:10)

[ترجمو: الله جو راضپو ئي سڀ کان وڏي (ڪاميابي ۽ سعادت) آهي.]

آئون چوان ٿو ته: ڪتاب ”ڪشف“ ۾ آهي:

از رضا برتر نباشد منزلي

تاب اين ميدان نيارد هردلي

[معنيٰ: رضا کان مٿي ڪابه منزل ڪونهي، هن ميدان جو تاب هر دل نٿي برداشت ڪري سگهي.]

(حضرت امام رباني) مجدد (الف ثاني) جو چوڻ آهي ته رضا سپ کان پلو سلوڪ آهي.

”درد غم شيرين شود دشمن چو دوست“

[معنيٰ: درد ۽ غم مِٺا ٿي پوندا آهن، جڏهن دشمن دوست بنجي ويندو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حضرت شيخ مجدد الف ثاني (قدس سره) پنهنجي ڪتابن ۾ فرمايو آهي ته “احمّدي ڪمالات” مون کان پوءِ (امام) مهدي (عليه السلام) کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ ظاهر نه ٿيندا. پوءِ ڪن ماڻهن جي اها دعويٰ ڪيئن صحيح ٿي سگهي ٿي، (جيڪي چون ٿا ته شيخ احمّد سرهندي قدس سره) جي برابر (ٻين ۾ به) نور هو.

سلطان الاولياء فرمايو: وليءُ (گناهن کان) محفوظ هوندو آهي، (انهيءَ) جي معنيٰ اِها آهي ته اهو گناهن تي اصرار ڪونه ڪندو، ورنه (ڪڏهن ڪڏهن) قطب کان به زنا ٿي سگهي ٿي.

سلطان الاولياء فرمايو: جهڙيءَ طرح ڪي دنياوي بادشاھ پنهنجي خاص چراگاھ جي حفاظت ڪندا آهن، اهڙيءَ طرح حقيقي بادشاھ (الله تعاليٰ) پنهنجي دوستن جي حفاظت ڪندو آهي، پوءِ سمجھ ڪر.

آئون چوان ٿوته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِينَ هَادُوا حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ (160:04:06)

[ترجمو: پوءِ اسان يهودين جي وڏي ظلم جي ڪري انهن لاءِ سٺيون (۽ پاڪ) شيون حرام ڪيونسين.]

ڪتاب ’برهان الفقہ‘ ۾ آهي ته شرف ۽ بزرگيءَ جي زيادتي ۽ واڌارو حلال ۾ واڌاري جو سبب بنبو آهي. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ جي لاءِ جيڪو حلال ڪيو ويو، اهو ٻين لاءِ نه ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو آزاد لاءِ آهي، اهو ٻانهي لاءِ نه آهي.

خاص کند بنده مصلحتي عام را

[معنيٰ: عام جي اصلاح لاءِ هڪ ٻانهي کي خاص ڪيو ويندو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: خاص (ٻانهن) جي خصوصيت ۾ انهن جي تابعداري نه آهي، پر سندن اجازت سان تابعداري ڪري سگهجي ٿي.

سلطان الاولياء فرمايو:

بهرچه از دوست وا ماني چه زشت آن نقش چه زيبا

بهر چه از راه برافتي چه کفرآن حرف و چه ايمان

[معنيٰ: جيڪو دوست کان پري پئجي ويو ان لاءِ سٺو يا خراب ساڳي ڳالهہ آهي، چو ته جيڪو رستي کان ٿڙي ويو تنهن لاءِ ڪفر هجي يا ايمان ٻئي برابر آهن.]

آئون چوان ٿو ته: هي بيت مشائخن جي وچ ۾ (گهڻو) مقبول آهي ۽ شيخ مجدد احمد پنهنجي خطن ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ لکيو آهي. هن جو مقصد هي آهي ته الله تعاليٰ جي ذات سان دائمي اُنس رکجي ۽ هيءَ ڳالهہ به مشهور آهي ته ”**ان النهايت الرجوع الي البدايت**“ يعني انتها شروعات ڏانهن موٽڻ جو نالو آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

اصل بيند ديده چون اکمل بود

فرع بيند ديده چون احول بود

[معنيٰ: ڪامل جي اک اصل حقيقت کي ڏسندي آهي، پر جيڪا اک ٽيڏي آهي سا رڳو ٽارين کي ڏسندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: قيامت حاضر (موجود) آهي ۽ عرش جا احوال ظاهر آهن، ڪافر ۽ مؤمن، نعمت ۽ تڪليف، جنت ۽ جهنم جو فرق ابتدائي نوعيت جو آهي.

"تو نظر باز نئي ورنه تغافل نظر است"

[معنيٰ: تون ديد وارو نه آهين، ورنه اهو نظر انداز ڪرڻ خود نظر آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: باطني علم هميشہ دل سان غيب جو مشاهدو (ڪرائيندو) آهي، پر اها هميشگي نه حال کي ۽ نه وري مقام کي آهي.

آئون چوان ٿو: مولوي رومي چيو آهي:

اهل حال از صوفيان باشد بسان

نادر ست اهل مقام اندر ميان

[معنيٰ: صوفين مان ڪيترائي حال وارا آهن، ليڪن مقام وارا انهن ۾ تمام ٿورا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن جاهل وليءَ کان جاهل مُريد خلافت طلب ڪئي، تڏهن (انهيءَ کي) ٻين مُريدن چيو ته تو ٻن قاعدن جي مخالفت ڪئي آهي، هڪ ته الله تعاليٰ جاهل کي ولي ڪونه بنائيندو آهي.[98] (تون جاهل آهين پوءِ توکي) ڪٿي ٿورو

علم آهي، پيو ته شيخ جي مخالفت ڪئي اٿئي، (چاڪاڻ ته عالم شيخ، عالم مُريد کي ئي خلافت ڏيندو آهي) پوءِ شيخ جي مُريدن خلافت طلب ڪندڙ طالب جو امتحان وٺڻ شروع ڪيو ۽ چيائونس ته حضرت موسيٰ ؑ جو طور سينا جبل وارو واقعو ڪيئن آهي؟ تڏهن انهيءَ همراهه جواب ڏنو ته آئون ته جاهل آهيان، پر ڏسو اهو شيخ به اهل آهي يا نه؟

پوءِ ڏنائون ته شيخ به ائين ئي (جاهل) هو.

پوءِ مڃيائون ته اهي ٻئي قاعدا صحيح آهن. (مطلب ته جاهل، جاهل کان خلافت طلب ڪري رهيو آهي)

آئون چوان ٿو: علم حقيقي هجڻ گهرجي، ڳالهائڻ (واري چالاڪي) نه هجي.

سلطان الاولياء فرمايو: ارشادِ خداوندي آهي:

مَا خَلَقْنَا السَّمَاءَ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا (27:38:23)

[ترجمو: اسان زمين ۽ آسمان کي ۽ جو ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي، تنهن کي بنا مقصد (بي فائدو) ڪونه خلقيو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

”هر کجا مي نگرم روئي ترامي بينم“

[معنيٰ: جيڏانهن ڏسان ٿو تنهنجو ئي مُنهن ڏسان ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: دل کان سواءِ شعر نه چئو، چاڪاڻ ته هر شيءِ دل سان ئي روشن ٿيندي آهي.

آئون چوان ٿو: مولوي رومي چيو آهي:

دل نبا شد تن چه داند گفتگو؟

دل نبا شد تن چه داند جستجو

[معنيٰ: دل جو لاڙو نه هجي ته بدن گفتگو مان ڇا ڄاڻي، دل نه گهرندي هجي ته بدن جُستجو (ڳولا) ڇا ڄاڻي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حضوري اهو آهي جيڪو الله سان گڏ هجي.

حضوري گرهمي خواهي از و غائب مشو حافظ

متي ما تلق من تهويٰ دع الدنيا و امهلها

[معنيٰ: اي حافظ! جيڪڏهن حضور ۾ پهچڻ چاهين ٿو ته هنِ کان هرگز پري نه ٿيءُ، پر جڏهن تنهنجي ملاقات دل گهرئي محبوب سان ٿئي، تڏهن دنيا جا سڀ ڪم ڇڏي ڏي.]

آئون چوان ٿوته: حضوري صوفين جي عرف ۾ وحدت جو مقام آهي، جيئن ڪتاب 'ڪشف' ۾ آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

مثنوي ما دکان وحدت است

هر چه بيني غير واحد آن بت است

[معنيٰ: اسان جي هيءَ مثنوي وحدت جو دڪان آهي، واحد (حقيقي) کان سواءِ ٻيو جيڪو ڪجهه ان ۾ ڏسين، اهو بُت آهي.]

ڪنهن هڪ عارف جو بيت آهي:

کاسئه منصور خالي پُر پُر از او آواز شد

ورنه در مئي خانه وحدة کسي هوشيار نيست

[معنيٰ: منصور جي خالي پيالي مان پُرپُر (پريل) جو آواز آيو، ورنه وحدت جي مئي خاني ۾ ڪنهن کي هوشياري ڪونه هوندي آهي.]

فقهه وارن چيو آهي ته اصل توقف (بيهڻ) آهي.

ڪتاب ’احياءُالعلوم‘ جو صاحب چوي ٿو ته ”**ليس في الوجود الا الله وافعاله**“ [يعني: وجود ۾ الله ۽ ان جي ڪمن کان سواءِ ٻي شيءِ نه آهي.] ان ڪري هر فعل هن جي تابع آهي. ان ڪري ”**فلا موجود الاالله**“ [يعني: پوءِ الله کان سواءِ ڪو موجود ناهي] ۽ غيرالله جو مطلب آهي ته الله جي ذات کانسواءِ ٻي شيءِ بذاته ڪونه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: هر وقت غفلت کان سواءِ حاضر هج، ڇاڪاڻ ته گذريل وقت ڪونه موٽندو آهي.

آئون چوان ٿوته: ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي ته جيڪو گناهن کي ويجهو ٿيو، اُن جو عقل هليو ويو، جيڪو ڪڏهن به نه ٿو موٽي. هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته عقل نور آهي. (مطلب ته نور ۽ گناهه گڏ نه ٿا رهي سگهن)

جيئن مولوي رومي چيو آهي:

نيک گفته آن رسولِ نيک راز
ذره عقلت به از صوم و نماز[99]

[معنيٰ: رسول پاڪ ڪيڏي نه وڏي راز واري ڳالهه چئي آهي ته تنهنجي عقل جو ذرو نماز ۽ روزي کان ڀلو آهي.]

ز آنکه آن جوهر بود و این دوعرض

عرض بي تکمیل جوهر شد مرض

[معنيٰ: چاڪاڻ ته عقل جوهر (اصل) آهي ۽ هي ٻئي (روزو ۽ نماز) عرض (پاسا) آهن، جوهر جي تڪميل کان سواءِ عرض بيماري آهي.]

جوهر آن باشد که قائم با خود است

عرض آن باشد که فرع او شده است

[معنيٰ: جوهر پنهنجي قيام ۾ ٻئي جو محتاج نه آهي، عرض جوهر جي شاخ (۽ پنهنجي وجود ۾) جوهر جو محتاج آهي.]

عقل پنهان است ظاهر عالمي

صورت ما موج يا ازوي نمي

[معنيٰ: جهان ظاهر آهي پر عقل لِڪل يا ڳجهو آهي، اسان جي صورت ان جي لهر وانگر آهي يا ان جي جهڳ جيان آهي.]

هر چه صورت مي وسيلت سازدش

زان وسيلت بحر دور انداز وش

[معنيٰ: جنهن به شيءِ کي صورت وسيلو ٺاهي ٿي، تنهن وسيلي کي اصل حقيقت پري اڇلائي ڦٽو ڪري ٿي.]

گر زصورت برشويد اي دوستان

جنت است و گلستان در گلستان.

[معنيٰ: اي دوست ! جيڪڏهن صورت جي قيد کان ٻاهر اچين ته پوءِ رڳو جنت آهي ۽ باغ ئي باغ آهي.]

نا مُصّور يا مصوّر گفتنت

باطل آمد بي ز صورت رفتنت

[معنيٰ: ايستائين تنهنجو(الله کي) باصورت يا بي صورت چوڻ بي معنيٰ آهي، جيستائين تون پاڻ صورت کان خالي ٿئين.]

سگ مباش و شير حق شو حق پرست

شير حق آن ست کز صورت برست

[معنيٰ: ڪتو نه ٿيءُ، حق جو شينهن ٿيءُ ۽ حق پرست ٿيءُ، حق جو شينهن اهو آهي، جيڪوصورت کان ٻاهر آهي.]

سهل شيري دان که صفها بشکند

شير آن باشد که خود را بشکند

[معنيٰ: شينهن ٻنجڻ سولو آهي، جيڪو وڏو شڪار ڪري ٿو، پر تون اهو شينهن ٿيءُ جيڪو پاڻ کي ڦاڙي يعني فنا ڪري.]

صائب چيو آهي:

خود را بشکن تا شکني قلب جهان را

که اين فتح ميسر بشکست ديگري نيست

[معنيٰ: پاڻ کي ٽوڙ ته جهان جي دلين کي ٽوڙي سگهين، ٻئي جي ٽوڙڻ سان اها فتح ميسر نه ٿيندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: زمين جي فضيلت جي بيان ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَالْأَرْضَ فَرَشْنَاهَا فَنِعْمَ الْمَاهِدُونَ (48:51:27)

[ترجمو: اسان زمين کي فرش بنايو آهي، پوءِ (ڏسو ته) اسان ڪهڙا نه سُٺا پکيڙيندڙ آهيون.]

آئون چوان ٿوته: هن ۾ مسڪين خاڪسار جي لاءِ تسلي آهي.

بر فرائي شاه بودن بي نوا

از چه از غفلت نديدن شاه را.

[معنيٰ: بادشاه جي قريب هئڻ باوجود غريبي غفلت جي ڪري آهي، جو هو بادشاه کي نه ٿو ڏسي.]

مولوي رومي چيو آهي:

چون خلقنا کم شنيدي من تراب

خاک شو و از خاک بودن سر متاب

[معنيٰ: قرآن شريف جو قول آهي ته) اسان توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو، تو ٻُڌو ته پوءِ مٽيءَ ٿيءُ ۽ مٽي ٿيڻ کان مُنهن نه موڙ.]

سلطان الاولياء فرمايو: حقيقت موجود آهي، باقي ٻيو سڀ (پاڻيءَ جي) ڦوٽي وانگر آهي، جيڪو پاڻيءَ تي پيو اڀري ۽ وڃي.

حقيقت را بهر دوري ظهوري

ز اسمي بر جهان افگنده نوري

[معنيٰ: حقيقت جو هر دور ۾ ظهور آهي، هن جي نالي جو ئي جهان ۾ نور ڦهليل آهي.]

نه گردد تاز گردون نور خورکم

نيايد رونقِ بازار انجم

[معنيٰ: سج جو (زمين کان آسمان تائين) نور نه ٿو گهٽجي، جيڪڏهن نور گهٽجي وڃي ته ستارن ۾ رونق نه اچي سگهندي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

” آدم ز دنيا رفت شيث بجايش نشست“

[معنيٰ: حضرت آدم ؑ جڏهن دنيا مان ويو ته حضرت شيث ؑ سندس جاءِ تي ويٺو.]

سلطان الاولياء فرمايو: پانهيءَ جو ڪابينو (مهر جي رقم) ان جي مالڪ جي ذمي آهي.

آئون چوان ٿوته: اهو شروع توڙي آخر جو بيان ائين آهي.

ازان گفتند عامي را ڪانعام

که آگه نيست از آغاز و انجام

[معنيٰ: انهيءَ ڪري عام (ماڻهوءَ) کي جانور وانگر چون ٿا، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي شروعات ۽ پڇاڙيءَ کان واقف نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪعبي جي حقيقت، عظمت جي پردي کان عبارت آهي.

آئون چوان ٿو: ڪتاب ’ڪشف‘ ۾ آهي:

پر توي حق گر نبودي در وجود

آب و گِل را کي ملک کردي سجود

[معنيٰ: جيڪڏهن الله تعاليٰ (آدم جي) وجود ۾ تجلي نه ڪري ها ته خالي مِٽي ۽ پاڻيءَ کي ملائڪ ڪيئن سجدو ڪن ها؟]

هينئن به فرمايائون ته[100] ڪامل انسان ڏانهن سڀئي شيون متوجه ٿينديون آهن. پوءِ اهي طبعي هجن يا اختياري.

صورت او معني اشياء بود

[معنيٰ: هن جي صورت سان ئي شين کي معنيٰ ملي ٿي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ذڪر واري دل (دنياوي ڪمن ۾ به) پنهنجي طريقي ۽ وظيفن کي ڪونه وساريندي آهي، بلڪ مدد ڪرڻ وارن ۽ نه ڪرڻ وارن کي سُڃاڻيندي آهي.

آئون چوان ٿو: شيخ سعدي چيو آهي:

من آنيم که حلال از حرام نه شناسم (نشناسم)

شراب با تو حلال است و آب بي تو حرام

[معنيٰ: آئون اهو نه آهيان جيڪو حلال ۽ حرام کي نه سُڃاڻيندو هجان، شراب تنهنجي ذڪر سان حلال آهي، پاڻي تنهنجي ذڪر کان سواءِ حرام آهي.]

پوءِ جنهن ”ليليٰ“ کان سواءِ (ڪنهن) ٻئي کي مباح چيو، تنهن کي سوچ ۽ عقل نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو:

شبِ برات (چوٽڪاري واري رات) عارفن کان مخفي ۽ لڪل ڪونه هوندي آهي. چاڪاڻ ته جنس، جنس کي سُڃاڻيندي آهي، (مطلب ته عارف به چُٽل آهن، انهيءَ ڪري چوٽڪاري واري رات کي سُڃاڻيندا آهن). باقي جيڪو الله تعاليٰ فرمايو آهي:

بَرَاءَةٌ مِّنَ اللَّهِ وَرَسُولِهِ (01:09:10)

[ترجمو: الله ۽ سندس رسول جي (انهن مشرڪن کان) بيزاري آهي.]

اهو (فرمان) پنهنجي نشانين سبب شارع عليہ السلام جي لاءِ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو شخص چوي ته اسين عربي لُغت جي اعتبار سان مشترڪ لفظ ڳوليون ٿا ته پوءِ مشترڪ معنيٰ

جو لفظ عربيءَ ۾ طلب ڪيو ويندو، جيئن ”فآء“ آهي جيڪو ٻن معنائن ۾ مشترڪ آهي. هڪ”فيفاء“ (پوٺو) ۽ ٻيو ”فيء فآء“ (پاڇو) (مطلب ته فآء جو لفظ ٻنهي معنائن ۾ مشترڪ آهي)

سلطان الاولياء فرمايو: حقيقت جي لذت چکندڙ عاشق ٻين حيلن بهانن سان نفعي وٺڻ کي وساري ڇڏيندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: نسبت جي سڃاڻپ کان سواءِ ٻيو قرب آهي ئي ڪونه، ۽ اُهو قرب اعليٰ عشق آهي.

”عالمي خواهم ازين عالم برون“

[معنيٰ: اسين اهڙو جهان چاهيون ٿا، جيڪو هن جهان کان ٻاهر هجي.]

ڪتاب ”المصباح“ جو صاحب چوي ٿو:

گر مقامِ عشق ماوائي تو شد

بر فراز نه فلک جائي تو شد

[معنيٰ: جيڪڏهن عشق جو مقام تنهنجي رهڻ جي جاءِ ٿيو ته پوءِ آسمان کان مٿي تنهنجي جاءِ آهي.]

عشق مشرک را مّوحد مي کند

که مُحقق را مقلد مي کند

[معنيٰ: عشق مشرڪ کي موّحد ڪندو آهي ۽ مُحقق کي مُقلد (۽ تابع) ڪندو آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

پس چه باشد عشق دريائي عدم

در شکسته عقل را آنجا قدم

[معنيٰ: عشق ان ڪري عدم جو درياء آهي، جتي عقل جا قدم شڪست کائيندا آهن.]

عشق بحري آسمان بروي کفي

چون زليخا در هوائي يوسفي

[معنيٰ: عشق ايڏو وڏو ساگر آهي جو آسمان ان جي مٿان چولي آهي، جيئن زليخا، يوسف جي عشق ۾ شيدا هئي.]

بندگي و سلطنت معلوم شد

زين دو پرده عاشقي مکتوم شد

[معنيٰ: جڏهن ٻانهپ توڙي بادشاهي ظاهر ٿي ته عاشقي انهن ٻنهي پردن کان لِڪي وئي.]

مطربي عشق اين زند وقتِ سماع

بندگي بند و خداوندي صداع

[معنيٰ: عشق جو قوال سماع وقت ائين چوندو آهي ته بندگي قيد آهي ۽ خداوندي مٿي جو سور آهي.]

هيچ کس را تا نگردد او فنا

نيست ره در بارگاه کبريا

[معنيٰ: جيستائين ڪو (ماڻهو الله تعاليٰ جي ذات ۾) فنا نه ٿيندو، تيستائين ان کي الله جي درگاهه ۾ واٽ نه ملندي.]

کل شيءِ هالڪ الا وجهہ

تانئي در وجهہ او هستي مجو

[معنيٰ: هر شيءِ ختم ٿيندڙ آهي سواءِ انهيءَ ذات (وجہ) جي، ان ڪري جيڪڏهن تنهنجو منهن هن ڏانهن ناهي ته پوءِ اجائي هستي نه ڳول.]

عشق آن شعله است کو چون بر فروخت

هر چه جز معشوق باقي جمله سوخت

[معنيٰ: عشق باهه جو اهو شعلو آهي جو جڏهن اهو پڙڪي اٿيو ته محبوب کان سواءِ باقي هر شيءِ کي ساڙي ڇڏي ٿو.]

عشق در درياء غم غمناک نيست

لعل را گر مهر نبود باک نيست

[معنيٰ: عشق جي درياء ۾ ڪوئي غم وارو نه آهي، لعل تي جيڪڏهن مهر نه آهي ته ان جي روشني ڏيڻ ۾ ڪو پڙ نه آهي.]

عاشق و معشوق توهم ذات توستِ

و اين برونيها همہ آفات توستِ

[معنيٰ: عاشق ۽ معشوق ٻئي خدا جي ذات آهن ۽ هي ٻاهريون شيون سڀ تنهنجي لاءِ (يڪ) مصيبتون آهن.]

هر که باغ نهان را ديده است

عشق او را عقل ببريده است

[معنيٰ: جنهن به اهو اصلي لڪل باغ ڏٺو آهي، عشق ان جي عقل کي زائل ڪيو آهي.]

دولت خود خود توباش اي مُجتبيٰ

تا نگردي وقت رحلت بي نوا

[(معنيٰ: اي سُهڻا! تون پنهنجو خزانو پاڻ آهين، متان هتان وڃڻ مهل خالي هٿين وڃين.]

صورت ظاهر فنا گردد بدان

عالم معنيٰ بماند جاودان

[معنيٰ: اهو سمجھ ته ظاهري صورت هميشہ فنا ٿي وڃي ٿي، پر معنيٰ (باطن) وارو جهان هميشہ رهندڙ آهي.]

گفت المعني هو الله شيخ دين

بحر معنهائي ربّ العالمين

[معنيٰ: دين جي شيخ به ائين چيو آهي ته الله جهانن جو پالڻهار ئي معنائن جو سمنڊ آهي.]

جمله اطباق زمين و آسمان

همچو خاشاکي دران بحر روان

[معنيٰ: زمين ۽ آسمان جا سڀئي طبقا انهيءَ وهندڙ سمنڊ ۾ هڪ ڪک يا قطري وانگر آهن.]

جز و جان را زير اندر بحر دان

تا شوي دريائي بيحد و كران

[معنيٰ: پنهنجي روح يا جان کي انهيءَ بحر جو جُز ڄاڻ ته جيئن تون پاڻ اڻ ڪٿ سمنڊ ٿي پوين.]

معنيٰ الله گفت آن سيبويه

يولهون في الحوائج هم لديه[101]

[معنيٰ: سيبويه اڪابر به ائين ئي چيو آهي ته اسان هن جي آڏو مشڪلاتن جي وقت ۾ آزي نيزاري ڪريون ٿا ۽ هٿ ٽنگيون ٿا.]

آب مبدل شد درين جو چند بار
عکس ماه وعکس اختر بر قرار
[معنيٰ: ٿورو پاڻي تبديل ٿيو پر چنڊ ۽ ستارن جو پاڇو ان ۾ برقرار رهيو.]
روح چون آب ست واين اجسام جو
شہ يکي جان است و لشکر پرازو
[معنيٰ: روح پاڻيءَ وانگر آهي ۽ اسان جا جسم نهر وانگر آهن، ساهہ جو بادشاهہ هڪ آهي، پيا ان جا لشڪر ۽ پَرَ آهن.]
جمله عالم زين غلط کردند راه
کز عدم ترسنده آن آمده پناه
[معنيٰ: سموري جهان وارن هن ڪري واٽ وڃائي آهي، جو اهي عدم کان ڊڄن ٿا، حالانڪ عدم (نيستي) ۾ ئي سندن پناهہ آهي.]
بنده هستي نيست هر کو صادق است
عشق نان بي نان غذائي عاشق است
[معنيٰ: جيڪو طلب ۾ سچو عاشق آهي، اهو هستي جي قيد ۾ گرفتار نه آهي، کائڻ واري ماني کان سواءِ (مقصود واري) مانيءَ جي محبت عاشق جي خوراڪ آهي.]
دل نيابي جز که در دل بردگي
اي حيات عاشقان در مردگي
[معنيٰ: دل کي فنا ڪرڻ کان سواءِ تون محبوب نه لهندين عاشقن جي حياتي مرڻ يا قربان ڪرڻ ۾ آهي.]

هر که او از عشق يابد زندگي

کفر باشد پيش او جز بندگي

[معنيٰ: جنهن کي عشق واري زندگي نصيب ٿي، ان لاءِ ٻانهپ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪفر آهي.]

عشق آن زنده گزين کو باقي است

و از شراب جان فزايت ساقي است

[معنيٰ: اُهو زنده عشق اختيار ڪر جيڪو هميشہ رهڻ وارو آهي، جنهن ساقي جو شراب ساه کي فرحت بخشيندڙ آهي.]

عشق آن بگزين که جمله انبيآء

يا فتند از عشق او کار اوکيا

[معنيٰ: عشق اهو اختيار ڪر جنهن مان سڀني انبيائن کي مطلب ۽ مراد حاصل ٿي.]

عاشقي گرزين سر وگرزان سر است

عاقبت مارا بدان شه رهبر است

[معنيٰ: عاشقي هِتان جي يا هُتان جي هجي، آخر ڪار اها اصل بادشاه تائين وٺي وڃڻ واري آهي.]

گر شود پر نور روزن يا سريٰ

تون مدان روشن مگر خورشيد را

[معنيٰ: جيتوڻيڪ تنهنجي گهر جون دريون ۽ دروازا نور سان ڀريل هجن، پر اي انسان! تون رڳو سج (حقيقي) کي روشن سمجه.]

مدحها جز مستحق را کي کنند

ليک بر پندار گمره مي شوند

[معنيٰ: ساراهه جي حقدار کان سواءِ ٻي جي ساراهه ڪيئن ڪندا، پر اُهي پاڻ کي پانئڻ ڪري گمراهه ٿين ٿا.]

چون ز چاهي عکس ماهي را نمود

مادح ما هست هرکه آنرا ستود

[معنيٰ: جيڪو دنيا جي کوهه ۾ چنڊ جو اولڙو ڏسندو، سو ان جي ساراهه سان به جڻ حقيقي چنڊ جو ساراهيندڙ آهي.]

تو بهر اسمي که خواهي کن ثنا

خانئه خود را شناسد خود دعا

[معنيٰ: تون ڪهڙو به نالو وٺي دعا ڪر، آخرڪار اها دعا پنهنجو گهر پاڻ ڳولهي لهندي.]

چشم را اي چاره جو در لامکان

هين بنه چون چشم کشته سوئي جان

[معنيٰ: اي طالب ! طلب جي اک کي لامڪان ۾ اٽڪائي رک، جيئن عشق ۾ ڪُٺل جي اک ساهه (معشوق حقيقي) ڏانهن هوندي آهي.]

لامکاني مسکنت هر جا متن

نزد عارف اين بود حب الوطن

[معنيٰ: تنهنجي رهڻ جي جاءِ لامڪان آهي، جيڪو تنهنجو اصلي وطن آهي، عارفن وٽ وطن سان محبت هن جو نالو آهي (ته تون) هر جاءِ ڏانهن لاڙو نه رک.]

گر نبودي اين بزوغ اندر خسوف

ره نه گم کردند چندين فيلسوف

[معنيٰ: جيڪڏهن اهوچمڪڻ (سج) گرهڻ ۾ نه هجي ها ته ايترا فلسفي هرگز گمراه نه ٿين ها.]

عشقها داريم با اين خاک ما

زانکه افتاد است در قعده رضا

[معنيٰ: اسان هن مٽيءَ سان عشق رکون ٿا، ڇاڪاڻ ته ان ۾ رضا جي عادت پيل آهي.]

در شب بد رنگ بس نيکي بود

آب حيوان جفت تاريکي بود

[معنيٰ: گهُگهه اونداهي رات ۾ ڪارو به وڌندڙ هوندو آهي، جيئن آب حيات پيٽي اونداهي ۾ ملندو آهي.]

چون خلقنا کم شيندي من تراب

خاک شود از خاک بودن سر متاب[102]

[معنيٰ: قرآن شريف جي آيت موجب ته اسان توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو، ته پوءِ مٽي ٿيءُ ۽ مٽي ٿيڻ کان مُنهن نه موڙ.]

پيش حق يکه ناله ز روئي نياز

بهتر از صد ساله بودن در نماز

[معنيٰ: الله جي دربار ۾ عاجزيءَ واري دل سان دانهن سؤ سالن جي نماز کان بهتر آهي.]

سايئه رهبر به است در ذکر حق

يک قناعت به زصد لوتِ طبق

[معنيٰ: الله جي ذڪر ۾ مشغوليءَ ڪان رهبر مرشد جو پاڇو بهتر آهي، هڪڙي طعام (مرشد) تي قناعت سؤ پريل ٿالن ڪان ڀلي آهي.]

درزبان الله در دل گاؤ خر

اين چنين اذڪار ڪي دارد اثر

[معنيٰ: زبان تي الله الله جو ذڪر هجي ۽ دل ۾ ڏاند ۽ گڏه (دنيا) جو فڪر هجي، دل جي حضور ڪان سواءِ اهڙو ذڪر ڪهڙو فائدو ڏيندو؟]

"اذڪرو الله" ڪار هر اوباش نيست

"ارجعي" بر پائي هر قلاش نيست

[معنيٰ: هيءَ جو قرآن ۾ آهي ته) "الله ڪي ياد ڪريو"، اهو هر ڪميني جو نصيب نه آهي، (ساڳئي وقت قرآن ۾ آهي ته) "اي نفس ! پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽ" اهو به سڀ ڪنهن جو ڀاڳ نه آهي جو ان طرح موٽ ڪائي.]

ذڪر حق پاڪ است چون پاڪي رسيد

رخت بر بندد برون آيد پليد

[معنيٰ: الله جو ذڪر تڏهن پاڪ آهي، جڏهن پاڪائي تي پُهچي. ان وقت پليتي پري ٿيڻ جو سامان ٻڌي رواني ٿئي ٿي.]

لطف از حق است ليڪ اهل تن

در نيا بد لطف بي پرده چمن

[معنيٰ: هر مهرباني الله جي طرفان آهي پر ظاهر وارا پردي ڪان سواءِ نه ٿا ڏسن.]

خوئي ڪن بي شيشه ديدن نور را
تا چو شيشه بشڪند نبود عما

[معنيٰ: نور ڪي چشمي (ظاهري عينڪ) کان سواءِ ڏسڻ جي عادت پيدا ڪر ته جيڪڏهن چشمو ٽٽي پوي ته انڌو نه ٿئين.]

اين خودي را صرف ڪن اندر خدا
تا نماني همچو ابليس جدا

[معنيٰ: پنهنجي هستي ڪي الله جي هستي ۾ فنا ڪر ته شيطان وانگر الله جي رحمت کان تڙجي پري نه ٿئين.]

گم شوي در ذات آسائي ز خود
جمله را يڪ رنگ بيني نيڪ وبد

[معنيٰ: جيڪڏهن تون الله جي ذات ۾ گم ٿيندين، ته پنهنجي هستيءَ کان آجو ٿيندين، ان ڪانپوءِ چڱي خواه بچڙي شيءِ ڪي هڪ ئي رنگ ۾ ڏسندين.]

آنچه خوفِ ديگران آن امن تُست
بط قوي در بحر مرغ خانه سُست

[معنيٰ: جيڪو ٻين لاءِ خوف جو سبب آهي، اهو تنهنجي لاءِ امن ۽ سلامتي آهي، جهڙيءَ طرح طاقتور بدڪ لاءِ پاڻي ان جو آرامده گهر آهي.]

اوست ديوانه ڪه ديوانه نشد
اين عسس را ديد درخانه نشد

[معنيٰ: اهو چريو آهي جيڪو ديوانو نه ٿيو. هن فقط چوڪيدار ڪي ڏٺو، پر دل جي گهر ۾ جهاتي نه پاتائين.]

دست در ديوانگي بايد ز دن

واز خرد جاهل همي بايد شدن

[معنيٰ: ديوانگي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ هٽڻ گهرجي ۽ ظاهري عقل جي بجاءِ اڻجاڻ ٿيڻ گهرجي.]

سلطان الاولياء فرمايو: دنياوي حياتي چئن طبيعتن (خلطن) جو صلح آهي، تنهنڪري عارف ڪامل جي طبيعت دنيا سان لاڳاپو نه رکندي آهي.

آئون چوان ٿو: حقيقي حياتي ٻانهي ۽ ربّ جي وچ ۾ صُلح جو نالو آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ (22:58:28)

[ترجمو: الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اُهي الله کان راضي ٿيا.]

ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي:

وَلَسَوْفَ يُعْطِيكَ رَبُّكَ فَتَرْضَىٰ (05:93:30)

[ترجمو: سگهو ئي تنهنجو ربّ توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين.]

سلطان الاولياء فرمايو: حديث شريف ۾ آهي:

"من لم يسئل الله يغضب عليہ و من اهل المحبتہ من يترک السؤال الحب الغضب الا لهي لان الغضب لايکون بدون التوجه الي المغضوب عليہ التوجه المحبوب هو المطلوب"

[ترجمو: جيڪو الله کان سوال نه ٿو ڪري، الله تعاليٰ انهيءَ تي ناراض ٿئي ٿو ۽ محبت وارن مان جيڪو محبت جي ڪري سوال

چڏي ٿو، ان تي به الله ناراض ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪنهن تي به ڪاوڙ توجه کان سواءِ ڪونه ٿيندي آهي ۽ محبوب جو توجه ئي مطلوب آهي.]

آئون چوان ٿو: انهيءَ ڪري چيو اٿن ته:

”ضَربُ الحبيب زبيب“

[يعني: دوست جي مار ڏاک يعني مٺي آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

آنچه عين لطف باشد بر عوام[103]

قهر شد بر عشق كيشان كرام

[معنيٰ: جيڪا شيءِ عام مخلوق جي لاءِ راحت جو سبب آهي، اها برگزيده عاشقن جي لاءِ قهر جو سبب آهي.]

ذلت وخواري را چو شكر مي خورند

خار غمها را چو اشتر مي چرند

[معنيٰ: اهي ذلت ۽ خواري کي کنڊ يا مٺاڻ وانگر کائين ٿا ۽ غم جي ڪنڊن کي اُٺ وانگر لذيذ سمجهي چرن ٿا.]

برگ بي برگي ترا چون برگ شد

جان باقي چون بحق شد مرگ شد

[معنيٰ: بي سرو ساماني قوت جو نشان ٿي. جان تڏهن باقي بالله ٿي جڏهن دنياوي موت ٿيو.]

هر چه آن بر تو كراهيت بود

چون حقيقت بنگري رحمت بود

[معنيٰ: جيڪا شئي تنهنجي لاءِ ظاهر ۾ خراب آهي، جيڪڏهن حقيقت ۾ ڏسين ته اها تو لاءِ رحمت آهي.]

باغ سبز عشق، کوبي منتها است

جز غم وشادي درو بس ميوها است

[معنيٰ: عشق جي سرسبز باغ جي انتها نه آهي. غم ۽ خوشيءَ کان سواءِ ان ۾ گهڻا ئي ميوا آهن.]

رنج وشادي جود واحسان حادث است

حادثان ميرند حق شان وارث است

[معنيٰ: غم ۽ خوشي، سخاوت ۽ احسان فاني آهن. اهي سڀ ختم ٿيندڙ آهن، صرف الله جي ذات باقي ۽ سڀني جي وارث آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

ڪنهن بادشاهه فقير کي چيو ته ڪهڙي سبب ڪري دروازن تي دربان کي رکيو اٿوَ؟

تڏهن فقير جواب ڏنو ته انهي ڪري ته جيئن ڪُتا اندر نه اچن.

هڪ بادشاهه ڪنهن فقير کي چيو ته توهين ڪير آهيو؟

فقير جواب ڏنو ته اسان اهڙي قوم آهيون، جن دنيا ۾ نقصان کائي آخرت کي پسند ڪيو آهي ۽ اسان اُن سان نفرت رکون ٿا، جيڪو آخرت جو نقصان ڪري ٿو.

سلطان الاولياء فرمايو: دنيا کي ڇڏڻ ايستائين بيڪار آهي، جيستائين الله جو عشق نه هجي.

”نيست با خلقِ جهان کار مرا“

[معنيٰ: منهنجو جهان جي مخلوق سان واسطو نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حڪايت ڪندا آهن ته جڏهن فرعون غرق پئي ٿيو. تڏهن جبرئيلؑ ڪيس پراڻو خط ڏيکاريو(جنهن ۾ لکيل هو) ته ''اهو ان ٻانهي جو بدلو آهي، جيڪو پنهنجي مالڪ سان سرڪشي ڪري، تنهن کي ٻوڙيو وڃي.''

پوءِ (هن واقعي مان) فتويٰ وارن (مفتين) ۽ فقيرن کي ڊپ ڪرڻ گهرجي ته اهي فتويٰ کان پڇن. *

آئون چوان ٿو: ڪتاب 'احياءُ العلوم' ۾ آهي ته صحابي سڳوراؓ چئن شين کان پري ڀڄندا هئا:

- هڪ امامت،
- ٻيو امانت،
- ٽيون فتويٰ
- ۽ چوٿون وصيت.

ڪتاب 'درالمختار' ۾ آهي ته جيڪو شخص انبيائن جي باري ۾ ڪا ڳالهه ڪري ٿو، تنهن جي توبه جو معاملو الله وٽ آهي، مطلب ته اهڙي خرابي جيڪا توکي پاڻ ۾ نظر نٿي اچي خدا توکي ان کان بچائي.

سلطان الاولياء فرمايو: اسان جي نظر ماڻهوءَ جي طلب تي آهي نسب تي نه آهي.

آئون چوان ٿوته: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

إِذَا نُفِخَ فِي الصُّورِ فَلَا أَنسَابَ بَيْنَهُمْ (101:23:18)

[ترجمو: جڏهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو ته ان ڏينهن سندن وچ ۾ ڪابه مِٽي مائٽي نه رهندي.]

مولوي جامي چيو آهي:

بنده عشق شدي ترک نسب کن جامي

که درين راه فلان ابن فلان چيزي نيست

[معنيٰ: اي جامي! عشق جو غلام ٿيءُ، پنهنجي نسب کي ڇڏي ڏي، ڇو ته هن راهه ۾ فلاڻو پٽ فلاڻي جو ڪا شيءِ نه آهي.]

خواجه (بهاؤالدين بخاري) نقشبند فرمايو آهي ته اسان جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو اهو قرآن مجيد ۽ حديث شريف تي عمل ڪرڻ مان حاصل ڪيو.

اسان جي وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) جي اِها عادت مبارڪ هوندي هئي ته خراب (ارادي واري) ۽ ڪنهن ٻئي بزرگ جي مريد کي صحبت جي اجازت ڪونه ڏيندا هئا [104] ۽ اهو شخص جنهن جي ڪمائي شريعت جي خلاف هجي، جيئن سپاهي وغيره. ڇاڪاڻ ته اُهي شيون طلب ۽ ”فنا في الشيخ“ جي منافي آهن.

”فنا في الشيخ“ ”فنا في الله“ جي لاءِ اڳواٽ مقدمو آهي، باقي جيڪڏهن ڪنهن کي ”فنا في الشيخ“ کان سواءِ ”فنا في الله“ جو مقام نصيب ٿئي ته اهو نادر ۽ گهٽ آهي (جنهن جو اعتبار نه آهي) تنهنڪري اٽڪل کي جيستائين ڄاڻن تيسيتائين ان ۾ توقف ڪندا آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: الله ۽ رسول کان بغير سڃاڻڻ جي مدد گهرڻ، پنهنجي مُرشد کان مدد طلب ڪرڻ وانگر نه آهي، ڇاڪاڻ

ته تون مُرشد کي سڃاڻين ٿو ۽ مُرشد پنهي (الله ۽ رسول) کي سڃاڻي ٿو.

ڳالھ ڪندا آهن ته (هڪ دفعي هڪ قافلي ۾) شيخ ابو الحسن خرقاني (قدس سره) جو هڪڙو مريد هو. (جنهن کي اوچتو جهنگ ۾ ڌاڙيل ڦري ويا) پوءِ مريد پنهنجي مُرشد (خواجه ابوالحسن خرقاني قدس سره جن) کان مدد طلب ڪئي ۽ قافلي جي باقي دوستن الله ۽ ان جي رسول کان مدد طلب ڪئي، پوءِ مريد کي ڌاڙيلن کان ڇوٽڪارو مليو ۽ سندس رفيق (ڦُر) کان نه بچي سگهيا.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪن ڪاملن جي لاءِ هن آيت ڪريمه جي مضمون مان حصو آهي:

وَآتَيْنَاهُ أَجْرَهُ فِي الدُّنْيَا (27:29:20) العنكبوت: آية 27

[ترجمو: اسان هن (ابراهيم عليه السلام) کي سندس اجر دنيا ۾ به عطا فرمايو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن عروج کان واپسي ٿيندي، تڏهن اها منزل حاصل ٿيندي آهي، جتان کان عروج شروع ٿيو هو ۽ (سير جي) آخري منزل مِٿي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: 'مڪتوبات احمدي' ۾ اُهي ڳالهيون ڇيون ويون آهن، جيڪي ظاهر ۽ مشهور آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: ذڪر وارن دوستن مان ڪي پنهنجي دوستن کي جلالي ۽ جمالي شين کي ڇڏڻ جو حڪم ڪندا آهن، اها ڳالھ اسان جي طريقي ۾ نه آهي.

آئـون چـوان ٿـو تـه: هـن طـريقي (نـقشبنـدي) جـو بنياد سنـت جـي تابعداري ۽ شيخ جي رابطي تي آهي. سنت ۾ ئي آساني آهي، پر جيڪا شيءِ دل ۾ ڪٽڪي، تنهن کي ڇڏڻ گهرجي. ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته هن طريقي (نقشبندي مجددي) جي فضيلت جو سبب سنت جي پيروي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: تعجب الفاظن جو آهي، نڪي نزول جي اسبابن جو.

آئـون چـوان ٿـو تـه: اِهـو قاعدو (علم) اصول ۾ مشهور آهي. ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي ته مدار حقيقت يا ان جي سمجھ تي هوندو آهي. جيڪي ظاهري الفاظن جي پُٺيان لڳن ٿا، اهي گهڻو ڪري هدايت جو نور کان محروم هوندا آهن ۽ گمراهه ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ ته شرعي عموم ڪنهن قيد سان مقيد هوندا آهن، اها ڳالهه فقط صحيح سمجھ وارو ئي سمجهندو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: معرفت جو مهاڳ معرفت کان سواءِ حاصل نه ٿيندو. ڇا تون نه ٿو ڏسين ته مقدمي جي پڙهڻ کان سواءِ ڪتاب سمجھ ۾ نه ٿو اچي.

آئـون چـوان ٿـو تـه: ”فنـا فـي الشيخ“، ”فنـا فـي الله“ جـي لاءِ پـيش خـيمو آهـي، جـيئـن ڪتاب ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي. شيءِ جي مقدمي جو مطلب آهي ته جنهن تي بحث ڪيو وڃي ۽ جنهن ڏانهن پهچجي. [105]

سلطان الاولياء فرمايو: شرعي مامور، جيئن نماز وغيره جي ڇڏڻ ۾ نقصان آهي، جيڪو بزرگيءَ جي مقام کي پهچي وڃي، ان تان به

اها تڪليف نه ٿي ھٿائي سگھجي، بلڪ ھن کي ته پاڻ ان ۾ تڪليف نه ٿيڻ گھرجي.

آئـون چـوان ٿـو ته: هــي بيان گـناه، فـرمانبرداري ۽ ڪمال واري مـعنيٰ جو آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قَدْ أَفْلَحَ مَن زَكَّاهَا (9:91:30)

[ترجمو: بيشڪ اهو ڪاميابيءَ کي پهچي ويو، جنهن (پنهنجي) نفس کي پاڪ صاف ڪيو]

مفسرن چيو آهي ته ان جي معنيٰ اهائي آهي. پوءِ سمجھ ڪر.

سلطان الاولياء فرمايو:

هر که عاشق شد اگرچه نازنين عالم است

نازکي راست آيد بار مي بايد کشيد

[معنيٰ: جيڪو عاشق ٿيو، جيتوڻيڪ اهو سڄي جهان جي نازن وارو آهي، پر ان کي نازڪي ڪيئن راس ايندي، هن کي وڏو بار کڻڻو آهي.]

نفس را در زير پاکن بعد زان کفر کجا

[معنيٰ: نفس کي (لتاڙي) پيرن هيٺان ڪر، ان کان پوءِ ڪفر (جو نشان) ڪٿي آهي؟]

سلطان الاولياء فرمايو: جنت ۽ جهنم هر هڪ لاءِ پنهنجي اخلاقن مطابق آهي، نيڪ لاءِ ڀلائي ۽ بُري لاءِ بُرائي آهي.

مولوي رومي چوي ٿو:

هر خيالي کو کند در دل وطن

روز محشر صورتي خود خواهد شدن

[معنيٰ: جنهن قسم جو خيال دل ۾ گهر ڪري ٿو، اهو قيامت جي ڏينهن اها صورت وٺندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو حق سان گڏ آهي، تنهن ڪي نماز ۽ وضوء جا مسئلا ڪو نقصان ڪونه ڏيندا، جيڪڏهن حق تي موت ٿيس ته ان لاءِ چوٽڪارو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن رحمت غضب تي سبقت ڪندي آهي، تڏهن سيئي چُٽي ويندا آهن.

آئون چوان ٿوته: (شيخ) بوعلي قلندر چيو آهي:

نا اميدي را اميد بي حساب آمد پديد

از کرم لا تقنطوا من رحمت الله گفت ايد

[معنيٰ: نااميديءَ لاءِ بي حساب اميد ظاهر ٿي پوندي ، چو ته هن باجهاري (قرآن شريف ۾) فرمايو آهي ته منهنجي رحمت مان نااميد نه ٿيو.]

سلطان الاولياء فرمايو: اصل ۾ خرابي ڪونه هوندي آهي، خرابي عارضي هوندي آهي. الله جي صفاتي نالن مان هڪ مُضِلٌّ به آهي، جيتوڻيڪ الله جا سيئي نالا سُهڻا آهن.

آئون چوان ٿو ته: پوءِ جيڪو اصل کي پهتو اهو سٺو ۽ نيڪ آهي. ان جو فرق نٿو پوي ته اصل مُضلّ (گمراهه ڪندڙ) يا هادي (هدايت ڪندڙ) يا ٻنهي جو جامع آهي. (مطلب ته الله جا سيئي نالا سهڻا آهن، لفظن جي ظاهر کي ڇڏي حقيقت کي ڏسڻ گهرجي.)

سلطان الاولياء فرمايو: اسان جو مقصد اهڙو ڳِراهه آهي، جنهن جي گنجائش وات نه ٿو رکي، پوءِ سلوڪ ۽ جذبو، توحيد ۽ اتحاد، فنا ۽

بقا، تجلي ۽ ظهور، صورت ۽ معنيٰ، آفاق ۽ انفس اهي سڀ ڪم پنهنجي جاءِ تي آهن ۽ اهو لقمون (گِرهه) آخري ڳالهه آهي.

ز عنقا هست نام پيش مردم

ز مرغ من بود آن نام هم گم

[معنيٰ: مردن جي اڳيان عنقا پکيءَ جو نالو مشهور آهي، منهنجو محبوب اهڙو بي مثال آهي جنهن جو نالو به معلوم نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ”سير في الاشياء“ [شين ۾ سير] جو مقصد انهن جي فنا کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي محبت دل مان ڪڍڻ آهي ته جيئن دل الله جي محبت واسطي فارغ ٿئي. پوءِ جنهن الله جي محبت حاصل ڪئي، سو سير ۽ سلوڪ جو محتاج نه آهي. اهو ئي سبب آهي ته جيڪڏهن مُرشد ڪامل هوندو ته اهو نفي ڏانهن ارشاد ڪونه ڪندو آهي، بلڪ اهو اثبات جي اشاري تي ئي ڪفايت ڪندو آهي. يعني هو علم ۽ رويت ۾ داخل نه ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته علم هڪ نقطو آهي، (نقطو بسيط آهي).

آئون چوان ٿو ته : سلوڪ ظاهر جي[106] باطن جي لاءِ رعايت آهي ۽ جذبو باطن سان ملڻ کي وِسارڻ آهي.

چونکه اندر وصل اوفتاد مرد

مي شود دلال اش پيشش سرد

[معنيٰ: جيڪو مرد وصل کي پهتو ته ان جي اڳيان دلال جي ضرورت نه پوندي.]

مگر ان جو مقصد مڪمل “علم اليقين” تي آهي، چاڪاڻ ته فقط اُن ذات کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد نه آهي، انهي ڳالهه تي اهلِ سُنت جي عالمن جو اتفاق آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

امر را ونهي را مي بين مدام

ني قبول انديش و رد اي غلام

[معنيٰ: اي پٽ! تون سدائين الله جي امر ۽ نهيءَ کي ڏس ۽ تابعداري ڪندو رهه ڪنهن به قبوليت يا رد ٿيڻ جو خيال نه ڪر.]

‘مڪتوبات احمدي’ ۾ آهي ته اڳين بزرگن جي پيروي هر عمل لاءِ لازم نه آهي، بلڪ تون انهن جي مخالفت نه ڪر. تون گدرو کاءُ تنهنجو واڙيءَ سان ڪهڙو ڪم.

سلطان الاولياء فرمايو: (الله جي دربار جو) حضور، ميراڻ ۽ نقصان کان بچائيندو آهي، جيئن شُبهي جو ڪاٽو.

سلطان الاولياء فرمايو: حق جي طالب لاءِ مناسب ناهي ته نقل ۽ حوالي کان سواءِ رايو ڏئي. چاڪاڻ ته مُدعي رُڪاوٽ وجهندو ۽ ڦڏو ڪندو آهي.

آئون چوان ٿو: فقهه حنفيءَ ۾ آهي ته غيرمُجتهد جي لاءِ هي جائز نه آهي ته حڪايت ۽ حوالي کان سواءِ فتويٰ ڏئي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

”من افتي بغير العلم لعنت الملائڪة“

[ترجمو: جنهن علم کان سواءِ فتويٰ ڏني، تنهن تي ملائڪن جي لعنت آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ولايت (۽خلافت) جو قاعدو هي آهي ته ربط ۽ محبت کان سواءِ وچ ۾ ٻيو ڪو غرض نه هجي. جيڪو ڪنهن غرض (۽ مقصد) جي لاءِ ڪم ڪري ٿو، اهو اجنبي آهي، اُن جي اوليائن سان ڪابه نسبت نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪِن جاهل فقيرن جو هي قول اجايو آهي ته ذمي (غير مسلم) ماڻهوءَ هڪ فقير کان پڇيو ته فلاڻي شهر جو رستو ڪٿان آهي؟ ايتري پُڇڻ سان انهي غيرمسلم تي حق جو رستو کلي پيو.

آئون چوان ٿو: اهو هينئن آهي ته ارادو هدايت جي لاءِ شرط آهي ۽ اهو عادت مطابق آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

وَأَنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَن يُرِيدُ (16:22:17)

[ترجمو: ۽ بيشڪ الله جنهن کي گهري ٿو تنهن کي هدايت ڪري ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: عالمن جي وچ ۾ اختلاف جو ڪارڻ خواهشن جو اختلاف آهي، ورنه فنا ۽ بقا وارن (عارفن) جي وچ ۾ اختلاف جو تصور به نٿو ٿي سگهي.

“متحد جانها است شيرانِ خدا” (رومي)

[معنيٰ: جيڪي ماڻهو الله جا شينهن (طالب) آهن، تن جو ساهه (الله جي طلب ۾) هڪ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ٿورو حجاب ڀلو آهي. مگر شيخ وٽ مريد جو واسطي کان سواءِ احوال پيش ڪرڻ (حجاب کان) وڌيڪ بهتر آهي.

آئون چوان ٿو: چاڪاڻ ته مرشد کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان ڪشف جو احوال اورڻ طريقت ۾ منع آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: زماني جو وليءُ جهان جو بادشاهه آهي، ليڪن هو پنهنجي عدل کي ڇڏي، الله جي عدل تي اڪتفا ڪندو آهي.[107] چاڪاڻ ته الله تعاليٰ حقدار جو حق نه روڪيندو آهي. پوءِ جيڪو مخلوق سان ڀلائي (وارو) ارادو ڪري، اهو الله جي مخلوق سان حُسنِ سلوڪ ۽ ڀلائي ڪري. جيڪڏهن (ڪو) ان سان ضد ڪري ته هيءُ ضد نه ڪري.

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

وَكَفَى اللَّهُ الْمُؤْمِنِينَ الْقِتَالَ (25:33:21)

[ترجمو: الله ئي مومن لاءِ جنگ جي وقت ڪافي آهي.]

اي بسا عدلها ست ظلم نما

اي بسا ظلمها عدل خدا

[معنيٰ: ڪيترا عدل ظاهر ۾ ظلم ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ ڪيترا ظلم خدا جي طرفان عدل هوندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: اولاد جي چڱائي هي آهي ته خود چڱا هجن نه سندن ابا ڏاڏا. (مطلب ته پاڻ نه ڪمائين، ابن ڏاڏن جي واکاڻ ڪن!)

آئون چوان ٿو: نفس جي تابعداري کان ٻليءَ (گهٽ شيءِ) ۾ فنا هجڻ وڌيڪ ڀلو آهي جيئن سالڪن ان جي وضاحت ڪئي آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: دين حق جي ماڻهن سان قائم آهي ۽ نه لٺِ ۽ لڙائي سان.

خويش بين چون از كسي جُرمي بديد

آتشي دروي ز دوزخ شد پديد

[معنيٰ: خود بين شخص جڏهن ٻئي ڪنهن کان گناهه ٿيندي ڏسندو آهي ته پاڻ ۾ دوزخ جي گرمي محسوس ڪندو آهي.]

حميت دين خواند او اين كبر را

ننگد در خويش نفس گبر را

[معنيٰ: ان وڏائي کي هو پنهنجي لاءِ دين جي غيرت سمجهي ٿو، پر پنهنجي ڪافر نفس کي نه ڏسندو.]

حميت دين را نشاني ديگر است

كه ازان آتش جهاني اخضر است

[معنيٰ: دين جي اصلي غيرت جو نشان ٻيو آهي، ان جي گرمائش سبب جهان سرسبز آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: اهل دِل هجڻ جي نشاني هيءَ آهي ته هن جي دل ۾ رحمت ظاهر ٿيندي آهي.

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي:

”لا يدخل الجنّة الارحيم“

[ترجمو: رحم ڪرڻ وارو جنت ۾ داخل ٿيندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو الله جي مخلوق لاءِ ڀلو نه ٿو سوچي، سو رحمت الاهي ڪيئن ماڻيندو؟

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي ته:

”الدين النصيحة وانما يرحم الله من عباده الرحمان“

[ترجمو: دين خير خواهيءَ جو نالو آهي. الله جي ٻانهن مان رحيم ٻانهي تي الله (وڌيڪ) رحم ڪندو آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

رحمتي ڪُلي بود مر تام را

رحمتي جزوي بود مر خام را

[معنيٰ: ڪامل (ٻانهن) لاءِ رحمت ئي رحمت آهي، ڪچن (ٻانهن) لاءِ جزوي رحمت آهي.]

خشم شهوت وصف حيواني بود

مهر ورقة وصف انساني بود

[معنيٰ: ڪاوڙ ۽ شهوت حيواني وصف آهي، نرمي ۽ رحمدلي انساني وصف آهي.]

شيخ سعدي چيو آهي:

طريقت بجز خدمتِ خلق نيست

به تسبيح وسجاّده و دلق نيست

[معنيٰ: خلق جي خدمت ئي طريقت جو نالو آهي، تسبيح، مصلو ۽ گودڙي طريقت نه آهي.]

خنک آنکه آسائش مرد و زن

گزيند بر آسائش خويش تن

[معنيٰ: اهو نيڪ بخت آهي (جنهن مان) مرد توڙي عورتون آرام وٺن ٿا، جيڪو هنن جي آرام کي پنهنجي بدن تي به فوقيت ڏئي ٿو.]

خورش ده بکنجشک کبکه و حمام

که روزي همائي بيفتد بدام

[معنيٰ: تون ڪبوتر، ٻيل ۽ جهرڪيءَ کي چوڳو ڏي ته ڪنهن ڏينهن هماءُ (پکي) تنهنجي دام ۾ اچي.]

۽ هن مسڪين (گرهوڙي) جو بيت آهي:

هست مغفوري بقدر خير خواهي غافري

رحمت للعالمين شو تاز رحمت بر خوري

[معنيٰ: مغفوري ۽ بخشش خيرخواهي واري حساب سان آهي، جهان لاءِ رحمت بڻج ته رحمت مان حصو ملئي!]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو بيان حديث شريف ۾ آهي ته:

حُبُّ الوّطنِ مِنَ الاِيمَانِ

[ترجمو: وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي.]

انهيءَ مان مراد ظاهري وطن نه آهي،[108] چاڪاڻ ته ان جي محبت جو ڪو سبب نه آهي، (بلڪ) اها محبت ته شيطان جو حربو آهي، پر هن مان مراد اصل (وحدت) سان محبت آهي.

اين وطن مصر و عراق و شام نيست

اين وطن شهريست کانرا نام نيست

[معنيٰ: اهو وطن مصر، عراق ۽ شام نه آهي، هي وطن اهڙو شهر آهي جنهن جو نالو نه آهي.]

آئون چوان ٿو ته: مُلاّ علي قاري پنهنجي ڪتاب ‘الموضوعات’ ۾ چوي ٿو ته وطن مان مراد جنت يا مڪو آهي. ظاهري وطن مان مراد صالحن سان محبت ڪرڻ ۽ الله ڏانهن رجوع ٿيڻ آهي. صوفين واري طريقي موجب نفساني واسطا ۽

جسماني خواهشون ختم ڪري ڇڏڻ جو نالو ”**الموت قبل الموت**“ [يعني موت کان اڳ مرڻ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: دنيا ۽ نفس (ٻنهي کي) جسم ڪونه هوندو آهي. انهن ٻنهي مان مراد حقيقت کان غفلت ۽ فاسد غرضن سان ڦاسڻ آهي.

درين بزم ساغر کسي نوش کرد

که دنيا و عقبيٰ فراموش کرد

[معنيٰ: جنهن هن بزم ۾ پيالو پيتو، اهو دنيا ۽ آخرت جي فڪر کان خالي ٿيو.]

سلطان الاولياء فرمايو:

الله تعاليٰ فرمايو آهي: **إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ** (111:9:11)

[ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ مومنن کان سندن جانيون ۽ مال (ملڪيتون) خريد ڪري ورتيون آهن، جن جي بدلي ۾ انهن جي لاءِ جنت آهي.]

نفس جو اهڙو بُخل جنت کان روڪيندڙ آهي، توڙي (ڪنهن طريقي سان) مال به خرچ ڪري.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن کي واعظ ۽ نصيحت جي اجازت نه آهي ، پوءِ ان جو واعظ علم جي خلاف آهي، چاڪاڻ ته ’فتويٰ حمادية‘ ۾ آهي ته اهڙي ماٺهوءَ کي واعظ نه ڪرڻ گهرجي.

آئون چوان ٿوته: ڪتاب ’احياءُ العلوم‘ ۾ آهي ته مُقلد مُعلم جي گمراهي هدايت کان وڌيڪ هوندي آهي. مُلا علي قاري ڪتاب

‘شرح برده’ ۾ لکيو آهي ته مُرشد اهو آهي جيڪو عالم ۽ عامل هجي. (امام) راغب (اصفهاني) چيو آهي ته شيءِ جي حقيقت جي ڄاڻڻ جو نالو علم آهي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

“العالم من عقل عن الله و اطاعة“

[ترجمو: عالم اهو آهي جيڪوالله کي ڄاڻي ۽ سندس پيروي ڪري.]

جيئن تفسير ‘جمالين’ حاشيه ‘جلالين’ ۾ آهي ۽ سيوطي جي ڪتاب ‘اتقان’ ۾ آهي ته تعليم واري کي مجاز کان (جيڪو علم ۾ مهارت رکي ٿو) اجازت وٺڻ گهرجي، پوءِ اهو ڀلي عالم هجي. اهڙيءَ طرح اهل معرفت جي لاءِ به اهوئي طريقو آهي ته مُرشد کان اجازت وٺجي. اهو اجازت جو طريقو سلف صالحين کان (هلندو) اچي پيو، انهيءَ لاءِ اجازت نئون اصطلاحي شرط آهي. ليڪن فقيهن چيو آهي ته[109] منڪر (بُرائي) جي مٽائڻ ۾ حاڪم جي اجازت جي ضرورت نه آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مُحقق کي پنهنجو نفس ڪونه لڀندو يا ملندو آهي. (خواجه) بايزيد (قدس سره) فرمايو آهي ته آئون پاڻ بايزيد کي گهڻي وقت کان نٿو ڏسان.

آئـون چـوان ٿـو ته: “مـڪتوبات احـمـدي“ ۾ آهـي ته جنهن پاڻ کي فنا ڪيو انهيءَ (ڄڻ پنهنجو) مقصد حاصل ڪيو. فنا جي نشاني هيءَ آهي ته آئون واري ڳالهه مورڳو نه لڀي، بلڪ پنهنجي وجود ۽ لاڳاپيل شين کي الله جي سهاري ۽ ٽيڪ تي بيٺل سمجهي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

ان الله لا يحب العبد المتميز عن عباده

[ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن مان ان شخص کي پسند نٿو ڪري، جيڪو پاڻ کي ٻين کان ممتاز سمجهي ٿو.]

ڪتاب ’شرح مفتاح‘ ۾ آهي ته شيءِ جو حقيقت ڏانهن موٽڻ، اهڙي نموني سان جو ان ۾ ڪو شُبهو نه هجي، ان جو نالو تحقيق آهي. هن (ڳالهه) ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته حقيقت جون معنائون موجود هونديون آهن ۽ صورتون معدوم هونديون آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: ڳالهه ڪندا آهن ته (حضرت خواجه) بايزيد (بسطامي) قدس سره جن دعا گهري ته اي منهنجا ربّ! مون کي پنهنجي ملاقات نصيب ڪر. الله تعاليٰ فرمايس ته مون سان اهو ملي سگهي ٿو، جنهن وٽ ڪابه شيءِ نه هجي، تون دنيا وارو آهين، چاڪاڻ ته (تون) تڏي ۽ ڪونري جو مالڪ آهين.

(اهو جواب ٻڌي خواجه بايزيد قدس سره جن اهي) ٻئي اڇلائي ڇڏيا ۽ مخلوق جي اڳيان اعلان ڪيائين ته، تڏو ۽ ڪونرو بايزيد ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ حجاب هئا.

سلطان الاولياء فرمايو: ملامت (۾ ئي) سلامتي آهي، ليڪن شريعت جو لحاظ ضروري آهي.

آئون چوان ٿو: ڪنهن عارف چيو آهي:

حقوقِ شرع را ز نهار مگذار
و ليکن خويشتن را هم نگهدار

[معنيٰ: شريعت جا حق هرگز نه ڇڏ، پر پنهنجو پاڻ تي به نگاهه رکُ.]

ملامت جي مثال ۾ وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) جو هي قول آهي ته (هڪ دفعي) خواجه بايزيد (بسطامي قدس سره جن) وٽ ماڻهن جو هڪ وڏو هجوم اچي گڏ ٿيو ته (درويش آهي تنهنڪري سندس استقبال ڪريون) پوءِ هن (خواجه سڳوري) انهن کي هن طرح سان پڇايو، جو رمضان شريف جي مهيني ۾ پاڻ سفر جي حالت ۾ بازار ۾ بيهي ماني کائڻ لڳو. (شريعت ۾) مسافر تي روزو واجب نه آهي. (جڏهن ماڻهن کيس ماني کائيندي ڏٺو، تڏهن چيائون ته هي درويش ناهي، ڇاڪاڻ ته هن کي رمضان شريف ۾ روزو نه آهي، پوءِ سڀ ماڻهو نفرت وچان کيس اڪيلو ڇڏي هليا ويا.)

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد کان سواءِ ٻئي سان روحاني راز (بيان) ڪرڻ جائز نه آهن. باقي طريقت جا سوال هر اُن شخص سان ڪرڻ جائز آهن، جنهن کي طريقت جو علم هجي (۽ اهو يقين هجي ته مون کي) گمراهه نه ڪندو (بلڪ صحيح رهنمائي ڪندو).

سلطان الاولياء فرمايو: (علم) منطق پاڙهڻ واري لاءِ ضروري آهي ته اهو ڄاڻي ته سندس نفس (جند) ڪُلي آهي يا جُزئي آهي، ڇو ته منطق ۾ گهڻو ڪري اهو بحث ٿيندو آهي. شاگرد لاءِ پڻ اهو اصول ضروري آهي ته اهو ان جو اصل سمجهي ۽ ان علم جو اصول ڄاڻي.[110] اصول نه ٿو ڄاڻي ته پوءِ اهو شخص ان علم کان اجنبي آهي ۽ ان علم سان ڪا به نسبت نه اٿس.

آئـون چـوان ٿـو: الله سائين (شيـخ فـريد الـدين) عـطار كـي خير عطا ڪندو جنهن چيو آهي:

چون بدانستي كه ظّل كيستي

فارغي گر مردي وگر زيستي

[معنيٰ: جڏهن تو ڄاڻي ورتو ته تون ڪنهن جو پاڇو آهين ته پوءِ مرڻ ۽ جيئڻ کان فارغ آهين.]

سلطان الاولياء فرمايو: هي جهان جسم ۽ روح سان هڪڙي خاص شخص وانگر آهي ۽ ظاهري انسان کي ڪائنات جي فهرست ۽ مختصر نمونو سمجهه.

جهان يكسر چه ارواح و چه اجسام

بود شخصي معين عالمش نام

[معنيٰ: جهان ۾ سمورا روح ۽ جسم هڪڙي مُعينّ شخص وانگر آهن، جنهن جو نالو جهان آهي.]

درين انسان كه چون انسان عين است

جهان مرد مي سلطان حسين است

[معنيٰ: هن جهان ۾ انسان اک جي ماڻڪي وانگر آهي ۽ جهان جي اها اک ئي خوبصورت آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو فڪر جي مقام تي پهتو، ان تي مُجتهدين جي مخالفت سبب ملامت ڪيئن ڪري سگهجي ٿي.؟

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

مَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِم مِّن شَيْءٍ (52:6:7)

[ترجمو: تنهنجي حساب جو انهن تي ڪوئي بار نه آهي.]

پوءِ سمجھ ڪر.

عارفن چيو آهي ته جنهن الله جي ذڪر کان مُنهن موڙيو، رڳو اُن فڪر ۾ ته نبي ڪريم ﷺ جي تابعداري ڪري، پوءِ انهيءَ کان مُنهن موڙڻ گھرجي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

أَعْرِضْ عَن مَّن تَوَلَّىٰ عَن ذِكْرِنَا (29:53:27)

[(ترجمو: جنهن (ماڻهوءَ) اسان جي ذڪر کان منهن موڙيو.]

وَاتَّبَعَ هَوَاهُ وَكَانَ أَمْرُهُ فُرُطًا (28:18:15)

[ترجمو: ۽ اهو پنهنجي نفساني خواهشن جي پٺيان لڳو ته سندس ڪم حد کان لنگھي ويو آهي.]

آئون چوان ٿو ته: "هوا" مان مراد محبت آهي، عشق انتهائي محبت جو نالو آهي. پوءِ ڪن عارفن جو قول ۽ دليل ونڻ صحيح آهي. 'مڪتوبات احمدي' ۾ آهي ته جنهن لفظ جي معنيٰ شريعت جي خلاف نه هجي، ان جي تاويل جائز آهي، (پوءِ) پلي ڪٿي سلف صالحين کان اها معنيٰ مروي نه به هجي.

سلطان الاولياء فرمايو:

اول قدمي که عشق دارد

ابريست که جمله کفر بارد

[معنيٰ: عشق جڏهن پهريون قدم رکندو آهي ته ڪفر جو سمورو ڪڪر وسائيندو آهي.]

آئون چوان ٿو: عشق فنا ۽ بقا (جو نالو) آهي ۽ ٻنهي کي نفي ۽ اثبات جو نالو به ڏنو ويندو آهي. عارفن مان ڪنهن پُڇيو ته "ڇا

نفي کان پوءِ علم آهي؟“ جواب ۾ فرمايائون ته ”ڇا نفيءَ کان اڳ ۾ علم آهي؟“

هن مسڪين (گرهوڙي) جو بيت آهي:

سفسطائي نشوي که برهي

زين علم کوشده حجاب شهي

[معنيٰ: سوفسطائي (اٽڪاٽائي) وارو رستو نه وٺجانءِ، ڇاڪاڻ ته انهن جو علم بادشاهي لاءِ رنڊڪ آهي.]

نيم لا ادري هست نيم دگر

انما العلم عند الله نگر

[معنيٰ: اڌ علم لا ادري (آئون نه ٿو) ڄاڻان آهي ته اڌ ٻيو آهي، بيشڪ علم سڀ الله وٽ آهي، سوچ ڪر.]

سلطان الاولياء فرمايو: هڪڙو بادشاه ڪنهن ٻانهي وٽ هلي آيو، تڏهن ٻين ٻانهن ڇيو ته بادشاه ڪهڙي ڳالهه جي ڪري هن کي اسان تي ترجيح ڏني. (اها ڳالهه جڏهن بادشاه ٻُڌي) تڏهن انهن سڀني جي روبرو بادشاه انهيءَ ٻانهي (جا هٿ،پير) ٻَڌي، [111] کيس کوهه ۾ اُڇلائيندي چيو ته (پنهنجا) ڪپڙا نه پُسائجانءِ! ٻانهي چيو ته سائين! ڪونه پُسائيندس، پوءِ بنا اختيار جي ٻانهي جا ڪپڙا پُسي ويا. تڏهن بادشاه ان کي ملامت ڪئي. ٻانهي عرض ڪيو ته سائين! منهنجو ڏوهه آهي. وري ڪپڙا ڪونه پُسائيندس. پوءِ بادشاه (انهن سڀني سان مخاطب ٿيندي) چيو ته هن ڳالهه جي ڪري آئون هن کي وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿو.

آئـون چـوان ٿـو: (فـضيلت ۾ سيـنـي ڪـان) اڳ ۾ اهـو (مـاٺهو) آهـي، جـنـهن (پنهنجي) ڪوتاهيءَ جو اعتراف ۽ اقرار ڪيو.

حافظ چيو آهي:

گناه گر چه نبود در اختيار ما حافظ

تو بر طريق ادب باش گو: ”گناه من است.“

[معنيٰ: اي حافظ! جيتوڻيڪ گناهہ اسان جي وس ۾ نہ آهي، تڏهن بہ تون نوڙت وارو طريقو اختيار ڪر ۽ چئو تہ ”گناهہ منهنجو آهي.“]

سلطان الاولياء فرمايو:

خامشي باشد مقام اهلِ حال

ور بجنبانند لب کردند لال (شيخ بهائي)[3]

[معنيٰ: خاموشي حال وارن جو مقام آهي، ۽ اهي ئي چپ چورڻ کان گونگا ٿي پوندا آهن.] (جيڪڏهن چپ چُرن تہ هوند گونگو، ابڪم ڪن، اصم ڪن، بچڙو ڪن، خوار خراب ڪن.)

صمت عادت کن که ازيک گفتنک

مي شود زنّار در زير زر خنک (شيخ بهائي)

[معنيٰ: گفتگو بجاءِ خاموشيءَ واري عادت ڌار، جڻيو پڌڻ کان پوءِ تيز ۽ تکو هلي سگهبو آهي.]

صمت را عادت بکن تا آن چنان

---

3 بهاء الدين محمد بن حسين الحارثي المعروف بـ**الشيخ البهائي** أو **بهاء الدين العاملي** (953هـ - 1030هـ) عالم دين وفقيه ورياضياتي وفيلسوف شيعي ولد في 18فبراير 1547 بمدينة بعلبك اللبنانية.

کن فراموشت شود نطق وبيان

[معنيٰ: خاموشيءَ جي اهڙي عادت ڏار، جو تنهنجو ڳالهائڻ ۽ بيان توکان وسري وڃي.]

مطلب خاموشي ڪلام آهي، جيڪڏهن ڪلام کي سمجهين ۽ نظر جو چڏڻ نظر آهي، جيڪڏهن نظر کي سمجهين.

سلطان الاولياء فرمايو: مرتبن جو خيال مرتبن جي حفاظت کان اهم آهي، پوءِ تون ٻئي جي وڃائڻ سان پهرين جو ڊپ نه ڪر. انهيءَ ڪري حضرت عليؓ جو قول آهي ته توحيد جو ڪمال هي آهي ته صفتن جي نفي ۽ اثبات ڏانهن ڌيان ئي نه وڃي. مطلب ته (رڳو رب جي ياد هجي) مالڪ مهر ڪري ته به واه نه ڪري ته به واه، ٻيو چارو ئي ڪونهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ڪشف شريعت جي خلاف هجي، سو مقبول نه آهي. جيئن ملائڪ جو اهڙي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ جنهن کي شريعت تسليم نه ٿي ڪري. بهرحال موحد کي ته صحيح ڪشف جي به ضرورت نه آهي، ڇاڪاڻ ته موحد جو مطلب فنا آهي.

حافظ چيو آهي:

با خرابات نشينان زکرامات ملاف

هرسخن وقت، وهرنکته مکاني دارد

[معنيٰ: ميخاني ۾ ويهندڙن جي ڪرامتن تي نه ڪِل، هر ڳالهه لاءِ ڪو وقت ۽ هر نڪتي جي لاءِ ڪا جاءِ هوندي آهي.][4]

سلطان الاولياء فرمايو: باهه جو ڳالهائڻ پتنگ سان هن بيت ۾ آهي:

ڪهي آگ پتنگ نُون، تُج مُج سي چاءُ
اِڌر اُوڌر ڪيون ڪري، سِر ڏِئي سِيداءُ

[مطلب ته باهه پتنگ کي چيو ته (جيڪڏهن) توکي مون سان چاهت آهي (ته پوءِ) هيڏانهن هوڏانهن چو ٿو ڦرين، سڌو (اچي) سرِ ڏي.]

سلطان الاولياء فرمايو: عارف ڪڏهن ڪڏهن قلم ڪٽندو آهي، پر پوءِ لکڻ جي ڳالهه نه ملندي اٿس.

آئون چوان ٿو: مولوي رومي چيو آهي:

لا تکلفني فاني في الفنا
کلت افهامي فلا احصيٰ ثنا[112]

[معنيٰ: مون کي مجبور نه ڪر، چاڪاڻ ته آئون فنا ۾ آهيان، منهنجي سوچ، سمجهه پوري ٿي چڪي آهي، اڳتي واکاڻ نه ٿو ڪري سگهان.]

کل شيءِ قاله غير المفيق
ان تکلف او تصلف لايليق

[معنيٰ: بيهوش ڪهڙي به ڳالهه ڪري، ڊاڙ هڻي يا بڪ بڪ ڪري هرگز مناسب ناهي.]

---

4 هن اپوجهه فقير جي خيال مطابق انهي بيت جي هيءَ معنيٰ به ڪڍي سگهجي ٿي: (ملاف = لاف مزن ، خودستايي مکن)، ٻڌاڪ نه هڻ، پاڻ نه پڏاءَ (يعني ميخاني ۾ ويهندڙن، پياڪن سالڪن جي وچ ۾ ويهي، تون پنهنجي ڪرامتن جي ٻڌاڪ نه هڻ، پنهنجي ڪرامتن جي خودستائي نه ڪر.) (ع. م. چنڊ)

سلطان الاولياء فرمايو: الله سان مشغول رهڻ وارو پانهو ڪتابن جو مطالعو نه ڪري سگهندو آهي، حلال، حرام کان هوئين جدا آهي.

آئـون چـوان ٿـو ته : وڏي مُرشد سائين (سلطان الاولياء) هـي تڏهن فرمايائون، جڏهن مون (گرهوڙي) پُڇيو ته شيخ ابن عربي (قدس سره) جي ڪتاب 'فصوص الحِڪم' جو مطالعو طالب لاءِ جائز آهي؟ چاڪاڻ ته ڪن عالمن وٽ (انهيءَ ڪتاب جو مطالعو) حرام آهي. جيئن مُلاّ علي قاري (پنهنجي ڪتاب 'شرح عين العلم' ۾ لکيو آهي ۽ ابن المقري کان نقل ڪندي چوي ٿو ته (شيخ) ابن العربي يهودين ۽ نصارن کان وڌيڪ خراب آهي. چاڪاڻ ته شيخ ابن عربي جو چوڻ آهي ته حقيقت هڪ آهي ۽ صورتون مختلف آهن، صورتن جي اختلاف سان حقيقت ۾ فرق نه ٿو پوي. اُهي صوفي "وحدت الوجود" جي اصطلاح سان مشهور آهن. اهڙيءَ طرح (ڪتاب) 'شرح البرده' ۾ آهي.

مخفي نه هجي ته شيخ ابن عربي قدس سره اڪابرن ۾ مقبول آهي. جيئن حضرت مجدد (شيخ احمد سرهندي قدس سره) پنهنجي 'مڪتوبات (احمدي)' ۾ لکيو آهي ته اهلِ سنت سان تعلق وارو هو، قرآن ۽ حديث جو وڏو ڄاڻو هو. علم توحيد ۾ موّحدن جو مُقتديٰ آهي. گهڻو طعن (ابن عربي قدس سره تي) لفظ "همه اوست" جي ڪري ڪيو اٿن. طعني وارن انهيءَ لفظ جو مفهوم سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. ها، ڪجه مسئلا آهن، جن ۾ شيخ ابن عربي (قدس سره) جمهور جي ابتڙ آهي. جيئن مثال کان سواءِ

رؤيت (۽ ديدار) جي نفي. پر شيخ ابن عربي (قدس سره) مُجتهد آهي، جمهور جي تقليد ڪري ٿو، (تنهنڪري) سندس ذات تي تنقيد صحيح نه آهي ۽ ”همہ اوست“ جي معنىٰ هي آهي ته سڀ ان جو ظاهر ڪيل آهي، فاني في الله جي نظر ۾ سڀ اهو آهي. مطلب ته اهو سڀڪجھ ظهور جي حوالي سان آهي نه وجود سان يا اها حال واري جي ڪيفيت آهي.

اهو ئي سبب آهي جو صاحبِ حال شخص جي نه تابعداري ڪبي آهي ۽ نه انڪار ڪبو آهي، ۽ اهو ئي شيخ ابن عربي قدس سره جي راءِ کي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ جي باري ۾ وچٿرو رستو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مخالفن جي لکيل ڪتاب جو اُڪلاءُ هي آهي ته اهو ڪتاب وڪڻي ڇڏجي .

آئون چوان ٿو: ڪتاب ’بحرالرائق‘ ۾ پاڻيءَ واري باب ۾ لکيل آهي ته [113] اهڙو کوھ جنهن جو پاڻي پليت ٿي پوي، اُن پليت پاڻيءَ سان ڳوهيل اٽو، (امام) ابوحنيفه وٽ وڪڻڻ جائز آهي. پر انهن ماڻهن کي وڪڻي جن وٽ پليتي جو حڪم نه آهي) جيئن داؤدي يا شافعي[5] يا مورڳو ڪُتن لاءِ اڇلائي ڇڏي، (ته وجي ڪائين).

[5] دائودي ، احمد بن نصر دائودي الاسدي (وفات 402) شارح مالک موطا، مالکي، اهل سنت والجماعة جي چئن فقهن مان هڪ جي پوئواري ڪندڙ آهي، ۽ اهڙيءَ طرح شافعي ، محمد بن ادريس شافعي 150 کان 204ھ به مسلمان اهل سنة والجماعة تي هلندڙ آهن، جيڪا شئي اسين پاڻ تي حرام سمجهون سا کهڙي حساب سان ٻين مسلمانن کي حلال ڄاڻائي وڪڻبي! ع. م. چ

سلطان الاولياء فرمايو: قرآن شريف وڪڻڻ ائين آهي، جيئن مُرشد وڪڻجي.

آئون چوان ٿو: حنبلي مذهب وارن وٽ اهو حرام آهي ۽ قرآن شريف وڪڻڻ جوواپار حرام آهي. اهڙيءَ طرح حنفي مذهب وارن وٽ به خبر نه هجڻ سبب حرام آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن حقيقت جي محبت حاصل ٿي، (تڏهن) مجاز ختم ٿي ويندو آهي.

آئون چوان ٿو: هن مبارڪ قول جي ظاهر ٿيڻ جو سبب هي آهي ته طالبن مان ڪنهن سوال ڪيو ته جڏهن شغل قلبيءَ جو تعلق (الله سان) وڌي ويندو آهي، تڏهن رسول الله ﷺ جن جي محبت وسري ويندي آهي.

عارفن مان ڪنهن چيو آهي:

”مجنون ترم کنون که شدم آشنائي خويش“

[معنيٰ: مان جڏهن پنهنجي حال کان واقف ٿيس، تڏهن وڏيڪ مجنون ٿيس.]

هن ڳالهه جو خلاصو هي آهي ته ”فنا في الله“، ”فنا في الرسول“ کان اعليٰ ۽ افضل آهي. (پر جيڪڏهن ڪنهن کي) ٻئي فنائون حاصل ٿين ته انهيءَ جي ڪمال ۾ ڪو شڪ نٿو ٿي ڪونهي.

سلطان الاولياء فرمايو: تون جڏهن هن (طريقت جي) ڳالهه کي قبول ڪيو، پوءِ (هي ڳالهه به) قبول ڪر (۽) ان کان ڪنهن وقت به پُٺ نه ڦير. ڇاڪاڻ ته هن (طريقي جي) علم جو دنگ آهي ئي ڪونه ۽ فنا هن جو پهريون قدم آهي. اوليائن سڳورن ائين به چيو

آهي ته هزارين سالن جو (وڇڙيل جڏهن) الله تعاليٰ ڏانهن موٽي ٿو (تڏهن) جيڪو (وقت) گذريو اهو اجايو ويو ۽ جيڪي حاصل ڪيائين اهو پلو آهي. پوءِ نسبت ڪي ائين سمجھ جيئن ڪو ڦاهيءَ تي ٽنگيل هوندو آهي، اهو ڏکيو مجاهدو مڙس ماڻهوءَ جو ڪم آهي، عام ماڻهو سفر ۽ بک کان سواءِ ٻيو (ڪو به) مشاهدو نٿا ڪن. منهن موڙڻ جي معنى هي آهي ته لاڙو نه ڪن، پوءِ ان طرف ڇڪيندڙ ئي ان ۾ داخل ٿئي ٿو. جنهن سان کين الله جي طرف توجه حاصل ٿئي ۽ اڳيرائي ڪري سگھن.

آئون چوان ٿو: اهو مقصود مطلق محبت آهي، جيڪڏهن مطلق محبت حاصل نه ٿي ته پوءِ (پلي ٻئي ڏانهن) اضافت واري محبت هجي، ڇاڪاڻ ته مقيد مطلق جو مظهر آهي.

مولوي جامي چيو آهي:

بگيتي گر چه صد کار آزمائي

همين عشقت دهد از خود رهائي

[معنيٰ: زماني ۾ جيتوڻيڪ تو سوين ڪم ڪري ڏٺا هوندا، پر اهو تنهنجو عشق ئي آهي جيڪو توکي پاڻ کان آزادي ڏيندو.]

متاب از عشق رو گرچه مجازيست

که آن بهر حقيقت کارسازيست

[معنيٰ: عشق کان مُنهن نه موڙ، جيتوڻيڪ عشق مجازي ئي هجي، ڇو ته اهو حقيقت لاءِ ڪارساز آهي.]

هن سموري ڪتاب (فتح الفضل) جو تت ۽ خلاصو اهو آهي.

عشق تلخ است ولي تا نر سيده است بکمال

ندهم میوه حلاوت بکسي تا نچشد

[معنيٰ: عشق ڪڙو ميوو آهي پر اجا پڪل نه آهي، جيستائين نه چکبو تيستائين ذائقي جي خبر نه پوندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن هن نسبت جي حفاظت ۾ استقامت ڪئي، اهو خوف ۽ غمن کان امن ۾ رهندو، باقي دؤر ۽ طورطريقا بدلبا رهندا آهن.

مولوي روميءَ چيو آهي:

صوفي آنست که از خود رسته است[114]

از نکو جسته و از بد رسته است

[معنيٰ: صوفي اهو آهي، جيڪو پاڻ کان آجو آهي، نيڪيءَ کان ٿپيل ۽ بديءَ کان آزاد آهي.]

جلوه گر گشت برو وحدت ذات

نکشد رنگ تقابل را صفات

[معنيٰ: صوفيءَ تي هڪ ذات جو جلوو هوندو آهي، هو صفات جي رنگن جو مقابلو قبول نه ڪندو آهي.]

پیش او لطف همان قهر همان

نوش داروش همان زهر همان

[معنيٰ: انهيءَ وٽ لطف ۽ قهر هڪ جهڙا آهن، ترياق ۽ زهر برابر آهن.]

نه ز ادوار در او تاثیري

نه ز اطوار در او تغیري

[معنيٰ: زمانو يا وقت هن تي اثر انداز نه آهي ۽ نه طورطريقا منجهس تبديلي آڻين ٿا.]

آئون چوان ٿوته: طريقو هي آهي ته مرشد (ڪامل) مڪمل ونجي. ونڻ جي معنيٰ هي آهي ته پنهنجو اختيار ڇڏي، مُرشد جا طورطريقا اختيار ڪجن. ڇاڪاڻ ته عاشق کان معشوق جو انڪار بلڪل تصور ۾ به نٿو ٿي سگهي. جنهن کي مُرشد نه ملي (سگهي) تنهن کي توبهه ۽ استغفار ڪرڻ گهرجي. غير کان مُنهن موڙي الله ڏانهن متوجه ٿئي. دنياوي غرضن ۽ مقصدن کان سواءِ الله جي ذڪر ۾ لڳي وڃي، زبان تارونءَ سان لڳائي ۽ الله جو نالو دل ۾ هجي (ان جو نالو لطيفو ”قلبي“ آهي) پوءِ لطيفو ”روحي“، پوءِ ”سِري“، پوءِ ”خفي“، پوءِ ”اخفيٰ“ ، پوءِ ”نفسي“ آهي (اهي سڀ لطيفن جا نالا آهن.) لطيفي قلب جي جاءِ کاٻي ٻُبي هيٺان آهي ۽ روح جي جاءِ ساڄي ٻُبي هيٺان آهي. (لطيفي) سِر جي جاءِ کاٻي ٻُبي مٿان آهي ۽ خفيءَ جي جاءِ ساڄي ٻُبي مٿان آهي ۽ ”اخفيٰ“ جي جاءِ سيني جو وچ آهي ۽ لطيفي ”نفسيءَ“ جي جاءِ دماغ جو اڳيون حصو آهي. جڏهن اهو ذڪر ترتيب سان پنهنجي جاءِ تي مضبوط ٿيندو، تڏهن تنهنجي لاءِ بدني مُلڪ جا سڀئي دروازا کُلندا ۽ نفس ناطقه تائين پُهچي ويندين، جنهن کي وڏو حجاب چوندا آهن ۽ شريعت جو مقصد به اهو ئي آهي، (ته نفس کي خدا جو تابع ڪجي).

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قُتِلَ الْإِنسَانُ مَا أَكْفَرَهُ (17:80:30)

[ترجمو: انسان کي مار پوي! ڪهڙو نه هو بي شڪر آهي.]

پوءِ تون رب اڪبر ڏانهن رجوع ڪر.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

رَّبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لا إِلَـٰهَ إِلا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيلاo وَاصْبِرْ عَلَىٰ مَا يَقُولُونَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيلًا (73:29

[ترجمو: اهوئي اڀرندي ۽ الهندي جو مالڪ آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق نه آهي، پوءِ تون ان کي ئي پنهنجن ڪمن نباهڻ وارو ڪري وٺ ۽ اهي (ڪافر) جيڪي ٻيا چون تنهن تي صبر ڪر ۽ کين چڱي نموني ڇڏي ڏي.]

عرش تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪر، شيطان جو عرش (تخت) فاني آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

الرَّحْمَـٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوَىٰ (5:20:16)

[ترجمو: اهو وڏو مهربان آهي جو عرش تي قائم آهي.]

پوءِ جنهن شخص عرش جي طرف منهن ڪرڻ کان روڪيو ته ان لاءِ شريعت ۾ ڪا به حجت نه آهي.

'قصيده امالي' ۾ آهي:

رَبُّ العرش فوق العرش ليکن

بلاوصف المتمکن والاتصالِ[115]

[معنيٰ: عرش جو ربّ عرش کان مٿي آهي، پر اهو هڪ هنڌ رهڻ ۽ ڪنهن سان گڏجڻ جي وصف کان سواءِ آهي.]

(رب تائين) پُهچڻ جي نشاني هيءَ آهي ته ٻانهي ۽ ربّ جي وچ ۾ آسمان ۽ ٻيا جيڪي جهان آهن سي سڀئي هٽي وڃن.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ (115:2:1)

[ترجمو: اوهين جيڏانهن به منهن ڪريو تيڏانهن الله جو منهن آهي.]

إِنَّ كِتَابَ الْأَبْرَارِ لَفِي عِلِّيِّينَo

وَمَا أَدْرَاكَ مَا عِلِّيُّونَo

كِتَابٌ مَّرْقُومٌo يَشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُونَo (30:83:21- 18)

[ترجمو: بيشڪ تابعدارن جو ڪتاب مٿاهين درجي علّييّن ۾ آهي ۽ تو کي ڪهڙي خبر ته علّييّن جي حقيقت ڇا آهي؟ اهو هڪ مُهر لڳل لکيل ڪتاب آهي جو (الله جا) مقرب ان وٽ زيارت لاءِ حاضر ٿين ٿا.]

مولوي رومي چوي ٿو:

چون محمد پاک شد از نار ودود

هر کجا رو کرد وجه الله بود

[معنيٰ: جڏهن محمد ڪريم ﷺ جن جي هستي باه ۽ دونهي کان پاڪ ٿي، تڏهن جيڏانهن به مُنهن ڪيائين، اتي الله کي لڌائين.]

'مڪتوبات احمدي' وارو فرمائي ٿو ته آخرت ۾ ديدار (ربّ کي ڏسڻ) عرش جي ڪلڻ سان ٿيندو.

عالمي خواهم ازين عالم برون

من ازان شهر کلانم، نه ازين ده که شما

[معنيٰ: مان اهڙو جهان گهران ٿو، جيڪو هن جهان کان ٻاهر هجي، اسين ان وڏي شهر جا آهيون ۽ هن ننڍڙي وستيءَ جا نه آهيون.]

(مطلب ته) مٿي (قلبي) توجه ۾ جيتري استقامت حاصل ٿيندي، اوتروئي نفس مرندو ۽ نفس جا واسطا فنا ٿيندا ۽ مخلوق کان عروج ٿيندو. ايتري قدر جو دل بغير واسطي جي ميٺاج جي لذت محسوس ڪندي، انهيءَ کان مٿي ٻي ڪهڙي سعادت حاصل ٿيندي، ايستائين جو ان جي دل بغير روڪيندڙ جي شريعت جي حڪم قبول ڪرڻ ۽ ان جي مٺاس چکڻ واري ٿئي. ان سعادت کان سواءِ ٻيا (جيڪي) حال ۽ وجد (ظاهر ٿين سي) ذوڪو آهن.

هر كه بخرابات نه شد بي دين است

زير آنكه خرابات اصول دين است

[معنيٰ: جيڪو (الله جي لاءِ فاني) مست نه ٿيو اهو بي دين آهي، ڇاڪاڻ ته (الله لاءِ فنا) مست ٿيڻ دين جو اصول آهي.]

دنيا جي تعلق وارو حق کان پري آهي.

اي نه كرده دل از علائق صاف

مزن از دانش حقائق لاف

[معنيٰ: دل دنياوي واسطن کان صاف نه ڪئي اٿئي، (ته پوءِ) حقيقت جي ڄاڻ جي ٻٽاڪ نه هڻ.]

اسرار حقيقت نه شود حل بسوال

نه بزر باختن وحشمت و مال

تا ديده دل خون نشود پنجاه سال

[معنيٰ: حقيقت جا راز پچڻ سان حل نه ٿا ٿين، اهي نڪي مال لٽائڻ ۽ نه ئي مال جي حشمت سان حل ٿين ٿا، جيستائين دل جي اک پنجاه سال رت نه روئي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ٽن (قسمن جي ماڻهن) جي صحبت کان پاسو ڪرڻ گهرجي، هڪ جاهل صوفي، [116] ٻيو خوشامدي (جيڪو سچ کي لڪائڻ وارو آهي) ۽ ٽيون غافل عالم.

آئـون چـوان ٿو ته: ان تي سوچ ويچار ڪريو، جيڪو جاهل، غافل ۽ خوشامدي هجي. پوءِ جنهن ۾ اُهي سڀ ڳالهيون هجن (ته ساڳيو ئي حڪم لڳائبو). ان ڪري مطلق عالم، عارف يا مخلص قاري ئي حجت آهي. (هن ڳالهه مان) گهٽو ڪري مراد هيءَ آهي ته جنهن ۾ اهي (سڀ) صفتون گڏ هجن، انهن کان بچڻ گهرجي. حديث شريف ۾ آهي:

''الناس عالم او متعلم وسائر الناس كالهمج''

[ترجمو: ماڻهو عالم هجي يا شاگرد باقي سڀئي ماڻهو مکين وانگر بُکيا هوندا آهن.

سلطان الاولياء فرمايو: انسان خدا جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ ائين آهي، جيئن بازيگر جي هٿ ۾ پولڙو راند ڪندو آهي.

آئون چوان ٿو: خاقاني چيو آهي:

دل من پير تعليم است من طفلِ زبان دانش

[معنيٰ: منهنجي دل پير وانگر تعليم ڏيندڙ آهي، آئون سمجهه ۽ دانش واري زبان جو شاگرد آهيان.]

سلطان الاولياء فرمايو: طريقي جو اختلاف خراب آهي، تنهنڪري صحبت جي اجازت ان کي ڏجي، جيڪو (مُرشد جي) محبت ۾ فنا هجي ۽ ٻين مشائخن جي محبت (پنهنجي مُرشد جي مقابلي ۾) نه رکي.

دو شاهان نه گنجد بريک سرير
مکمل نه باشد مريد دو پير

[معنيٰ: ٻه بادشاهه هڪ تخت تي نٿا ويهي سگهن، هڪ مريد ٻن پيرن وٽان ڪامل نه ٿيندو.]

اهڙيءَ طرح مريد ان پير جي صحبت نه ڪري، جنهن ۾ شريعت جي انحرافي جا آثار ڏسڻ ۾ اچن. ڇاڪاڻ ته شريعت جي وار جيتري به مخالفت محبت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيندڙ آهي. باقي ڪن سالڪن جي شريعت جي ڪن عملن ۾ سُستي شرعي مخالفت جي ڪري نه آهي، پر ڪنهن معاملي ۾ سهو جي غلبي سبب ائين آهي. باقي رند ته عقل وارا هوندا آهن، چريا ڪونه هوندا آهن.

خلق مجنون است و مجنون عاقل است
خلق از احوال مجنون غافل است

[معنيٰ: مخلوق چري آهي ۽ مجنون عقل وارو آهي، خلق مجنون جي احوالن کان اڻ واقف آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪڏهن طالب کي ڪشف کان پوءِ حجاب ٿئي ته انهيءَ حجاب کي پري ڪرڻ جو طريقو اهو آهي جيڪو اڳ ۾ ذڪر ٿيو آهي(يعني ڪنهن به صفت جو خيال نه ڪري ۽ نڪي انهن جي گُهر ڪري.)

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد آهي ڪوھ وانگر ۽ مُريد آهي ٻوڪي وانگر، جيڪڏهن ڪوھ ۾ پاڻي نه هوندو ته ٻوڪي ۾ ڪٿان ايندو؟

آئون چوان ٿو: ٻنهي جي مناسبت ۾ فقيهن جو هي قول آهي ته "**مسئلة البير جُحط**" يعني: ڪوھ جو مسئلو جُحط آهي.

اهو مثال مرشد ۽ مريد ٻنهي جي ڪوڙي يا سچي هجڻ لاءِ آهي.

مولوي جامي چيو آهي:

هر مرتبه از وجود حکمي دارد

گر حفظ مراتب نه کني زنديقي. [117]

[معنيٰ: هر مرتبي بابت وجود جو جدا حڪم آهي، جيڪڏهن مرتبن جو خيال نه ڪندين ته زنديق (بي دين) ٿي پوندين.]

مولوي رومي چيو آهي:

از لقائي هر کسي چيزي خوري

و از قِران هر قرين چيزي بري

[معنيٰ: تون هر ملڻ واري مان فيض لهندين ۽ تون هر ساٿيءَ مان ڪجھ پرائيندين.]

حديث شريف ۾ آهي ته:

"**لِكُلِّ اِمريءِ مَّا نُويٰ**"

[ترجمو: هر ماڻهوءَ کي اها ئي شيءِ ملي ٿي، جنهن جي هو نيت ڪري ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: هن طريقي ۾ عقل جڏو آهي.

آئـون چـوان ٿـوته: ’مڪتوبات احمدي‘ ۾ آهي ته نبوت توڙي ولايت عقل جي طريقي کان سواءِ آهي. فلسفي ”عالمِ امر“ کان انڌو آهي، ڇاڪاڻ ته انبيائن جي اطاعت جو سُرمون سندس اکين ۾ پيل نه آهي. ڪتاب ’فتح القدير‘ ۾ ڪوهه جي مسئلن ۾ لکيل آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن جي تابعداريءَ ۾ ائين هج، جيئن انڌو هلائڻ واري سان گڏ هوندو آهي. ڪتاب ’مڪتوبات الزّڪيه‘ ۾ آهي ته نفس ناطقه ان نفس جو نالو آهي، جيڪو پاڪائي جو محتاج آهي. عقل اُهي شيون سمجهندو آهي، جيڪي ان جي سمجهه جون آهن پوءِ اُهي ڀئي نفس ۽ عقل ”عالم خلق“ کان آهن، (اُهي) ”عالم امر“ ۽ شروعات کان نه آهن. ۽ ”عالمِ امر“ جي شروعات دل آهي، دل ان گوشت جي ٽڪري جو نالو آهي جنهن جو ذڪر ڪاٻي ٻُبي هيٺان (لطيفي قلبي جي بيان ۾) اسان ڪيو آهي ۽ عقل انهن معاملن ۾ گهرائي کان قاصر آهي ۽ غيب محض ۾ عقل گمراهه ڪندڙ ۽ نقصان وارو آهي.

مولوي رومي چيو آهي:

نيست از عاشق کسي ديوانه تر

عقل از سودائي او کوراست و کر

[معنيٰ: عاشق کان وڌيڪ ٻيو ڪير ديوانو هوندو، عقل ان جي سوداء کان انڌو (۽ ٻوڙو) آهي.]

عقل راه نا اميدي کي رود

عشق باشد کان طرف برسر دَوَد

[معنيٰ: عقل نااميديءَ جي رستي تي ڪيئن هلندو؟، اهو عشق آهي جيڪو ان رستي تي مٿي ڀر ڊوڙي ٿو.]

لا اُبالي عشق باشد ني خرد
عقل آن جويد کز و سودي برد

[معنيٰ: بي خوف عشق ئي هوندو آهي، عقل نه هوندو آهي، عقل ته هر وقت نفعو ڳوليندو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حضرت ابراهيم ؑ توڪل ڪئي ته جهنم (باھ) ڪي جنت (باغ) ڏنائين، پر جيڪڏهن (ڪنهن غير ڪي) وسيلو وٺي ها ته حضرت زڪريا ؑ وانگر هجي ها.

آئون چوان ٿوته: هن مضمون جو هيءُ بيت آهي:

شجر زکريا و نار خليل
اين چه علم است علم اسباب است

[معنيٰ: حضرت زڪريا ؑ جو وڻ ۾ حضرت ابراهيم خليل الله ؑ جي باھ اهو ڪهڙو علم آهي، جيڪو اسباب جو علم آهي.]

اهو نڪتو توڪل جي علم ۾ ڪافي آهي.

غم دنيا غم دين شود در دل ما
باده گر خام بود پُخته کند شيشه ما

[معنيٰ: اسان جي دل ۾ دنيا جو غم دين جو غم ٿي ويندو آهي، شراب جيڪڏهن ڪچو آهي ته اسان جو شيشو (روح) ان کي پڪو ڪري ڇڏيندوآهي.]

سلطان الاولياء فرمايو:

صوفي نشود صافي تا در نکشد جامي[118]
بسيار سفر بايد تا پُخته شود خامي

[معنيٰ: تيستائين صوفي صفا صاف نه ٿيندو، جيستائين جام نه ٿو پيئي، ۽ گهڻن سفرن جون تڪليفون ڏسي پڪو نه ٿو ٿئي.]

آئون چوان ٿو ته: صوفيءَ مان مراد نور وارو آهي ۽ جام مان مراد محبت آهي ۽ گهڻا سفر اضافي محبت جي زائل ٿيڻ جو ڪنايو آهن. پوءِ جو نه اها اضافي محبت پلي ڪٽي نور ئي هجي، تڏهن به محبوب معين کان سواءِ مُحِبّ ٿي پوندو. (جيئن چيو اٿن ته)

"اِذَا تَمَّ الفَقر فَهُوَ الله"

[يعني جڏهن فقر پورو ٿيندو آهي ته پوءِ اهوئي الله تعاليٰ آهي.]

صائب چيو آهي:

ازحجاب ظلمت آسان است بيرون آمدن

سدّراه سالڪان را چون حجاب نور نيست

(از حجاب ظلمت آسان است بيرون آمدن

سالڪان را سد راهی چون حجاب نور نيست)

[معنيٰ: اونده جي حجاب مان ٻاهر نڪرڻ آسان آهي، پرسالڪن جي رستي جي رڪاوٽ نور جي حجاب کان وڌيڪ نه آهي.]

مولوي رومي چيو آهي:

اين نجاسئه ظاهر از آبي رود

وآن نجاسئه باطن افزون مي شود

[معنيٰ: بدن جي ظاهري پليتي پاڻي سان پري ٿي ويندي، پر باطن واري پليتي پاڻ وڌي ويندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: قرآن جي حروف مُقطعات جي لاءِ هڪ ذوق آهي، ٿورن ماڻهن کان سواءِ ٻين کي اهو ذوق حاصل نه آهي ۽ اهي **راسخون في العلم** آهن، جيڪي شريعت جي صورت ۾ ان جي رازن جا جامع آهن.

آئون چوان ٿوته: راسخين تي جيڪي راز ظاهر ٿيندا آهن، اهي وجودي ڪونه هوندا آهن. جيئن "مڪتوبات احمدي" ۾ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: حريت يا آزادي هڪ معين ذوق جو نالو آهي.

آئون چوان ٿوته: صوفين جو هي چوڻ آهي ته معلوم خراب آهي ۽ خراب سُني جو ضد آهي جيڪو خراب ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

جامي پنهنجي ديوان ۾ چوي ٿو:

داري هوائي ميکده ترک سبب بگو
راز طريق اهل اراده توکل است

[معنيٰ: شراب خاني جي خواهشن کي ڇڏڻ جو سبب ٻُڌاءِ، خبردار، ارادي وارن جي طريقت جو راز توڪل آهي.]

ڇاڪاڻ گهرجي ته اهو صاحب حال جنهن جي رهنمائي قبول ڪجي، اهو دلين جي اکين سان ڏسندو آهي. ان وٽ هلاڪت ۽ تباهي ڪونه هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته هلاڪت اختيار ڪرڻ حرام آهي. اصل فتويٰ دل جي آهي، اها شيءِ خراب آهي جيڪا ربّ کان روڪي، پوءِ اها شيءِ وجودي هجي يا عدمي. جيئن (امام) غزالي 'احياءُ العلوم' ۾ ثابت ڪيو آهي وغيره.

سلطان الاولياء فرمايو: فتويٰ ڏکيو ڪم آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد قياس ۽ اندازي تي آهي[119] ۽ دعويٰ رڪاوٽ ۽ جگهڙي جو بنياد آهي.

آئون چوان ٿوته: هڪڙي ”نهي“ روڪڻ جو مثال آهي ته چيٽي جي لٽ ۽ غُبار معاف آهي، پر توهان غبار جي حد ڪيتري چوندؤ، جيڪا تڪليف کان سواءِ سمجهي سگهجي.

(هن ڳالھ جو) خلاصو هي آهي ته فتويٰ تحقيق جي فرع آهي ۽ اها ڪنهن هڪ شيءِ جو اهڙي نموني سان ادراڪ ۽ سمجھ آهي جو ان ۾ ڪو به شبهو نه رهي. جيئن ڪتاب ’شرح المفتاح‘ ۾ آهي ۽ اهو تمام پيارو مقام آهي. انهيءَ ڪري ”اُصولين“ چيو آهي ته بيشڪ مُفتي، مُجتهد ۽ مُقلد فتويٰ نقل ڪندڙ آهي ۽ هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته تحقيق کان سواءِ فتويٰ نقل ڪرڻ بيڪار آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو شخص اهل کي ڪتاب اُڌاري ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو ته پوءِ پلي اهو(شخص) ڪتابن کي وهاٽي وانگر پنهنجي مٿي هيٺان قبر ڻاهي رکي ڇڏي.

آئون چوان ٿوته: (اهو شخص قرآن شريف جي) هن حڪم ۾ داخل آهي: **وَيَمْنَعُونَ الْمَاعُونَ** (7:107:30)

[ترجمو: ۽ معمولي نفعي واري شيءِ (به ٻئي کي) گهرڻ سان نه ٿا ڏين.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪنهن متعصب ۽ متڪبر گمراھ کي هدايت ڪرڻ جو ارادو ڪرين، جيئن ڪي ظاهر وارا ڪندا آهن ته ان جو طريقو هي آهي ته صبر ڪر ۽ سواليءَ جهڙي صورت

بناءِ ته جيئن هو تو مان فائدو وٺي سگهي، ۽ حق کي سوچي. منهنجي مُرشد (خواجه ابوالمساڪين قدس سره جن) مون کي اها ڳالھ سيکاري هئي، جنهن وقت ڪنهن ظاهري مذهب واري شاگرد پنهنجي تحرير ۾ غلطي ڪئي هئي. پوءِ مون ائين ڪيو، جنهن سان غلطيءَ جي درستي ٿي وئي.

آئون چوان ٿو ته: زنديقن وارو طريقو اختيار نه ڪري، جنهن جو تفسير اسان بي وقوفيءَ سان ڪيو آهي ۽ اهو ظاهر جي خلاف آهي. پر اهڙو طريقو اختيار ڪجي، جيڪو دل کي وڻي. جنهن کي فقھ حنفيءَ ۾ استحسان (سهڻو طريقو) چيو ويو آهي ۽ ان جو تفسير هي ڪيو اٿن ته (جڏهن) باطن غالب راجح هجي ته ظاهر کي ڇڏي ڏجي.

سلطان الاولياء فرمايو: وقت جي بادشاھ، خواجه حافظ (شيرازي) جي بيت ۾ شيرازي محبوب کي سمرقند ۽ بخارا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ٻُڌ! اهو بيت هن طرح آهي:

اگر آن ترکِ شيرازي بدست آرد دل مارا

بخالِ هندوش بخشم سمر قند وبخارا را.

[معنيٰ: جيڪڏهن اهو شيرازي محبوب منهنجي دل کي خوش ڪري ته ان جي ڪاري تر جي عيوض سمر قند ۽ بخارا بخشي ڇڏيانس.]

هاڻي غور ڪر، [120] هن ۾ انڪار جهڙي ڪهڙي شيءِ آهي؟ پوءِ (پاڻ ئي سلطان الاولياء) فرمايو ته نه، ملڪ ۾ شرڪت نه هجڻ سبب بادشاھ راضي نه ٿيو.

آئون چوان ٿو: الله تعاليٰ فرمايو آهي:

مَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّينِ مِنْ حَرَجٍ (78:22:17)

[ترجمو: الله تعاليٰ اوهان تي دين ۾ ڪابه تنگي نه رکي آهي.]

(امام) رازي جي ڪتاب ''اصول'' ۾ لفظ ''حل'' ۽ ''حرج'' جي معنيٰ ڏسڻ گهرجي.

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ (115:02:01)

[ترجمو: اوهين جيڏانهن به مُنهن ڪريو، تيڏانهن الله جو مُنهن آهي.]

حافظ شيرازي رندي خيالن جو مالڪ آهي، جنهن تي رد ڪد مناسب نه آهي ۽ مذڪوره تعبير جيڪو بيت ۾ ذڪر ڪيل آهي اهو حافظ جو آهي، بيت جي اها معنيٰ عام مجاز واري طريقي موجب ڪيل آهي. پر اهو مطلب هرگز نه ورتو وڃي ته ڪو اهو ڪوڙ آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: عبادت ۾ جلدي ڪرڻ رسول الله ﷺ جن جي سنت آهي. پوءِ توکي ڪهڙي شيءِ حق کان پري ڪيو آهي. (جو تون عبادت ۾ جلدي نه ٿو ڪرين) واجب آهي ته اصل ڏانهن موٽڻ گهرجي.

سلطان الاولياء فرمايو: ڪاڏي ڪائڻ وقت ذڪر ائين هجي جو چڻ نعمتون ڪندڙ جي نعمتن جو مشاهدو پيو ٿئي.

آئون چوان ٿو ته : اهو مضمون هنن ٻن بيتن ۾ آهي:

چون خوري نان مخور جز ياد دوست

منعم اندر نعمتش بين عطش صافي تيره جو ست

[معنيٰ: جڏهن ڪاڏو ڪائين تڏهن دوست جي يادگيريءَ ڪان سواءِ نه ڪاءُ، نعمت ڪندڙ کي نعمت اندر ڏس، گهٽي اچ ۽ بُک لاٿي اٿس.]

چيست كوثر ديدن واحد در كثير

ثم وجہ الله بخواني اجنبي چيست اي فقير

[معنيٰ: اي فقير! ڪوثر ڇا آهي؟ (خير ڪثير) وحدت ۾ ڪثرت جو نالو آهي، پوءِ "ثم وجه الله" واري آيت پڙهه، اجنبي ڪير ٿيندو آهي؟]

مُلاّ عبدالحڪيم 'خيالي' جي حاشيي ۾ لکيل آهي ته ٻانهن جا فعل به حقيقت ۾ الله جا فعل آهن. پوءِ تون نسبت جي حفاظت وارو ٿيءُ ۽ اها نسبت قدرِ مشترڪ جو نالو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: حاضر جي سڏ جو جواب (ڪاوڙ ۾) ٻوڏ آهي. (جيئن ته ٻوڏ يا قَوَتُ! جو لفظ جواب ۾ وڏي آواز سان هوندو آهي ۽ اهو خراب آهي. ائين وڏي آواز سان ذڪر ڪرڻ به نقشبندي سلسلي ۾ سُٺو نه آهي) پوءِ خفي (يعني آهستي) ذڪر ڀلو آهي جلّي (يعني ڏاڍيان ذڪر ڪرڻ) کان.

آئون چوان ٿوته: نقشبندي، زيديءَ (وڏي آواز ۾ ذڪر ڪندڙ) کان ڀلو آهي. هن مان معلوم ٿيو ته ذڪر ڪهڙو هجي ۽ ڪهڙي طريقي سان الله جو ذڪر ڪجي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن ماڻهو توکي نيڪ ڏسڻ ۾ اچي ته پوءِ سندس عيبن جي اُپٽار نه ڪر.

آئون چوان ٿوته: حديث شريف ۾ آهي ته:

”خذ ما صفا دع ما كدر“

[ترجمو: صاف کي وٺ ۽ خراب کي ڇڏ.]

هڪڙي فقير کي ڪنهن شخص چيو ته جيڪو سخي تنهنجي خدمت ڪري ٿو. گويا اُن تنهنجي ڏيءُ کي ماري ڇڏيو. تڏهن فقير چيو ته ان مون کي مانيءَ جو ٽڪر ڏنو آهي، (پوءِ جيڪڏهن اهو منهنجي پٽ کي به ماري ته ڪو حرج نه آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ مون تي احسان ڪيو آهي. مخفي نه هجي، ته حال واري صاحب جو انڪار نه ڪبو ۽ نه ان جي پوئلڳي ڪبي.

حافظ فرمايو آهي ته:[121]

نيکي پير مغان بين که چو ما بد مستان

هر چه کرديم بچشم کرمش زيبا بود

[معنيٰ: اسان جي مرشد جي اسان چرين سان ڀلائي ته ڏس! جو اسان جيڪي ڪجھ ڪريون ٿا، اُن جي ڪرم واري نگاھ سان اهو سٺو ٿي پوي ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: اهو خيال نه ڪريو ته صُحبت جو زمانو ختم ٿيو آهي.

آئون چوان ٿو ته: مولوي رومي چيو آهي:

شاخ گل هر جاکه رويد هم گل است

خم مل هر جاکه باشد هم مل است

[معنيٰ: گل جي ٽاري جتي به ڦٽي اها به گل آهي. انگوري شراب جي سُرڪ جتي به آهي، اها ساڳي انگوري آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪڏهن ڪڏهن قبض ۾ اهڙو حال ٿيندو آهي جو طالب طريقي کي ڇڏڻ جو خيال ڪندو آهي، پر (ان وقت) صبر ڪرڻ لازمي آهي.

”اي بسا ديري که افتد خوش ترازو زود“

[معنيٰ: ڪڏهن دير جلديءَ کان ڀلي هوندي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: وليءَ کي وليءُ سڃاڻيندو آهي. اوليائن جا گُفتا اولياءَ ئي سمجهندا آهن، ڇاڪاڻ ته هر جماعت جا پنهنجا اصطلاح آهن. پهريون تعين انسان آهي پوءِ ٻيو تعين طلب ڪريو ته ڇا ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ٻيو تعين مستقل آهي يا پهرين جي تابع ۽ اُن مان ڦٽندڙ آهي.

آئون چوان ٿوته: مولوي رومي چيو آهي:

علم اجمالي و تفصيلي بخوان

معنيٰ ن و القلم هر دو بدان

[معنيٰ: اجمالي ۽ تفصيلي علم پڙهه، ”نّ و القلم“ جون ٻئي معنائون ڄاڻ.]

الله جي ذات احديت جو علم (حرف) ”نّ“ ۾ آهي

۽ ان جي صفتن جو علم (لفظ) ”قلم“ ۾ آهي.

ان جو مثال هي آهي ته اجمالي علم ته ملعون ڪافرن کي به هوندو آهي، اهو علم يهودي، نصاري، مجوسي، صابئي، فلسفي ۽ سفسطي وغيره کي به مليل آهي. (مگر) اسلام جو تفصيلي ڪلمو انهن ۾ نه آهي، انهيءَ ڪري سيني ۾ ڪفر موجود آهي. مطلب

ته پين شين سان ڳڻ ان مسئلي ۾ اجمال آهي، ليڪن اهو ان تفصيل کان زياده بهتر آهي جيئن ڪتاب ‘مطول’ ۾ ان جي وضاحت آهي.

هن جاءِ تي ٽن مسئلن جو بيان ڪرڻ مناسب ٿيندو.

- پهريون مسئلو حُرمت جو آهي، ڪتاب ‘بحرالرائق’ ۾ آهي ته عربي ٻوليءَ کان سواءِ ايمان آندائين (ته ان جو ايمان) اجماعاً جائز آهي، ڇاڪاڻ ته (اصل) مقصد حاصل ٿي وڃي ٿو.
- ٻيو مسئلو مُبتدع (يعني بدعتي) جو آهي. بدعتي جو عقيدو اسلام وارو آهي، ڇاڪاڻ ته اسلام جي بنيادي عقيدن جي مخالفت نه ٿو ڪري،[122] اهو اجتهاد آهي مخالفت نه آهي. فاسق جا عقيدا صحيح هوندا آهن، پر غفلت جي ڪري اسلام جي احڪامن خلاف هلندو آهي. صحيح ۽ سالم اهو مسلمان آهي، جنهن جي اصل اسلام ۾ ڪو نقص نه هجي، باقي اجتهادي اختلاف جدا شيءِ آهي. استقامت جو مطلب آهي ته اصل اسلام تي مضبوطيءَ سان جميل هجي ۽ اصل جو نقص فرع جي نقص جي خلاف آهي.
- ٽيون مسئلو هي آهي ته چئني مذهبن مان جنهن به مذهب تي پاڻ هلي ٿو، اهو صحيح مذهب آهي، ٻيا صحيح نه آهن. ائين نه چوي جيئن ڪتاب ‘المواقف’ ۾ اهو مسئلو تحقيق سان بيان ڪيل آهي، پوءِ بدعت ۽ فسق جي ڪري جمهور وٽ مسلمان کي ڪافر ڪونه چئبو. اهو هن علمي ڳالهه جو مغز آهي، پوءِ سمجهه ڪر.

سلطان الاوليا‏ء فرمايو: پاڻيءَ جو اوپڙ، جنهن کي (سولي) سنڌيءَ ۾ ”لوڙهه“ چئبو آهي. طريقت جو مثال ان لوڙهه وانگر آهي، لوڙهه جو طالب پنن کان وٺي اُن جي اصل (پاڙ) تائين پُهچندو آهي. جيتوڻيڪ لوڙهه جي پاڙ پاڻي ۾ اندر هيٺ زمين ۾ هوندي آهي، (تڏهن پڻ وارو) پن چڙي، پنهنجي اصل مقصد تي پهچندو آهي.

آئون چوان ٿوته: مولوي رومي چيو آهي:

حق پديد است از ميان ديگران

همچو مه اندر ميان اختران

[معنيٰ: سڀني جي وچ ۾ حق (الله تعاليٰ) ائين ظاهر آهي، جيئن تارن جي وچ ۾ چنڊ ظاهر آهي.]

مطلب ته حقيقت درياء يا ڍنڍ آهي ۽ مُرشد جي صورت ورق (پن) آهن، جنهن پنن جو خيال ڪيو، اهو اصل تائين پُهچندو. جيڪو اصل زمين سان پيوسته آهي. انهيءَ موجب صالح ٻانها ئي ان جا وارث ٿيندا. هر حال ۾ وڏي اصل کي ڏسو ۽ ان جا پوئلڳ ٿيو ته جيئن ڪاڏي واري نقطي (مقصد) تي پهچو.

مولوي رومي چيو آهي:

گر خوري يکبار ز ان ماکول نور

خاک ريزي بر سر نانِ تنور

[معنيٰ: جيڪڏهن تون هڪڙو دفعو اهو نور وارو کاڌو کائي ڏسين، ته جيڪر تنور واري مانيءَ تي مٽي وجهين.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيستائين تنهنجو (هلندڙ) ڪم پورو نه ٿئي، (تيستائين ڪنهن به ٻئي) ڪم ڏانهن نه وڃ. جيڪڏهن ائين نه ڪندين ته تون ماضي جو حساب نه ڪري سگهندين.

آئون چوان ٿو ته: (هن ڳالهه جو) اصل هي آيت سڳوري آهي:

وَمَن يَكْفُرْ بِالإِيمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهُ (5:5:6)

[ترجمو: جيڪو مسلمانن مان (اسلام يا قرآن جي حڪم جو) انڪار ڪندو، تنهنجا سمورا عمل برباد ٿي ويا.]

هن مسڪين (گرهوڙي) جو شعر آهي:

پيش از تمام كار اگر بر كردي [123]

هر چه كردي تمام شر كردي

[معنيٰ: ڪم پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ جيڪڏهن تون اتان ٻاهر نڪري وئين ته جيڪي ڪجهه ڪيئي سو سڀ خراب ٿيو.]

”ومن فهم هٰذا فلا قرار لہ قبل الوصال فليفهم وهٰذا القدر من القول الفصل كاف لطالب الوصل“

[جنهن به هي (ڪتاب پڙهيو ۽) سمجهيو، تنهن کي وصال کان اڳ ۾ قرار ڪونه ايندو، پوءِ سمجهه ڪر ۽ هن قولِ فِصل (يعني فَتحُ الفضل) مان وصل جي طالب لاءِ ايترو انداز ڪافي آهي.]

”گر بگويم شرح اين بي حد شود“

[معنيٰ: جيڪڏهن آئون هن جو شرح بيان ڪريان ته اڻ کٽ ٿي پوندو.]

”والله الموفق“

[بيشڪ الله ئي توفيق ڏيندڙ آهي.]

كاتب طرفان لكيل عبارت

تمت الكتاب بعون الملك الوهاب

بدستخط كثير من الكاتبين ماه ذي حج سن1202ھ مصنف الكتاب مخدوم جامع العلوم، واقف اسرار رباني، كاشف رموز حقاني، رهنمائي شريعت، صاحبِ طريقت، شاهد معرفت، محقق حقيقت، موسس اساس صدق، و اسرار بياني و معاني، محبت و اتحاد مستغرق في المجاز، المرشد تالف بطريق المجاهدة، مرشدُ صاحب الارشاد، صاحبِ فهم السليم، مخدوم عبدالرحيم قدس الله تعالي سره

اين كتاب ما حق وملك برهان فقير ولد (يعقوب دل عرف) سعد الله ساكن سكهيہ پور بهشتي است. [124]

كلماتِ قدسيه

يعني:

ارشادات سلطان الاولياء خواجه محمد زمان رحه

لُواريءَ وارو

(1125ھ - 1188ھ = 1713ع - 1775ع)

عربيءَ ۾ مولف ۽ شارح:

شيخ محمد عابد سيوهاڻي سنڌي مدني

(1192ھ- /1778ع =1257ھ -1841ع)

(خواجه محمد زمان ثاني جي زماني جو)

تصنيف جو سال

1247ھ مطابق 1832ع

(تقريبا 65 اقوال ۽ انهن جي شرح)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحَمد لِلهِ رَبِّ العَالَمِينَ وَالصلوٰة وَالسّلام عليٰ سَيِّدِ المُرسَلِين مُحَمَّدٍ وَّآلِهِ وَاَصحَابِهِ الطّاهِرِينَ الَّذينَ تَخَلَّقُوا بِاَخلَاقِ اللهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُم وَرَضُواعَنہُ اُولائِكَ هُمُ الفائِزُونَ.

سڀئي تعريفون خاص الله تعاليٰ لاءِ آهن، جيڪو جهانن جو پالينڌڙ آهي. صلواتون ۽ سلام رسولن جي سردار محمّدﷺ تي ۽ سندن

پاڪ اولاد ۽ اصحابن تي هجن، جيڪي سُهڻن اخلاقن سان سينگاريل آهن. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اُهي الله کان راضي ٿيا ۽ اهي ئي ڪامياب آهن.

چاڻ ته هي **ڪلماتِ (قدسيه)** جيڪي مون زماني کي فيض ڏيندڙ، ڪُن فيڪون جي رازن جي واقف، قطبن جي قطب، سڀني جي رب جي محبوب، مخلوق جي غوث، حقيقتن جي سمنڊ جي ٿوبي، ٻنهي نورن (ذات ۽ صفات) جي خزاني، ٻنهي سمنڊن (شريعت ۽ طريقت) کي مِلائيندڙ، عارفن ۾ عمده ۽ واصلين جي اڳواڻ، عارف بالله، الله جي منزلن تائين پُهچائيندڙ، سلطان الاولياءُ، برگزيدن جي دليل، خدا جي محبوب، زماني جي مهدي، انبيائن جي وارث، خدا جي طالبن کي نفعو پُهچائيندڙ، هدايت لهندڙن جي مُرشد، مسلمانن جي هادي، الله تعاليٰ ڏانهن اسان جي وسيلي جا ٻُڌا.

گر کسي وصف او زمن پُرسد
بي لب و بي زبان چه گويم باز

[معنيٰ: جيڪڏهن ڪو مون کان هن جي تعريف پُڇي ته زبان ۽ چپن تي مُهر کان سواءِ آئون ان کي ڇا ٻڌايان؟]

اسان جي حضرت مُرشدنا و مولانا (سلطان الاولياءَ خواجه محمد زمان) نورالله مرقده الله تعاليٰ سندس مزار (مبارڪ) کي روشن ڪري، الله تعاليٰ اسان تي ۽ سڀني مسلمانن تي ان جي فيض ۽ برڪتن جي پالوٺ ڪري.

یار احوال من جمله سراپا پُرسید
بادشاهي بکرم حال گدا پُرسید

[معنيٰ: سچڻ مون کان سيئي احوال پُڇيا، هن بادشاهه مهرباني ڪري فقير جي سار لڌي.]

اي که گوئي که بپُرسيدن او غرّه مشو
با منش گر نظري نيست چرا مي پُرسيد

[معنيٰ: تون هن جي پُڇڻ کي اجايو نه سمجهه، جيڪڏهن هن جي اسان ڏانهن نظر نه هجي ها ته ڇا جي لاءِ اسان جي خبر لهي ها؟]

- موتين جي لڙهيءَ ۾ پوتل ڪلام (جيڪو "منها" سان شروع ٿئي ٿو اهو وڏي مرشد جو ڪلام آهي،
- ۽ ان کان پوءِ لفظ "قُلتُ" (آئون چوان ٿو) سان جيڪي شروع ٿئي ٿو سا اُنجي اُها تشريح آهي، جيڪا ان وقت (مرشد غوثِ عالم خواجه محمدزمان ثاني جي) حضور ۾ سمجهه ۾ آئي ۽ بين ڳالهين يا تشريحن جي پيٺ ۾ ترجيح ڏنم
- پر جيڪا تشريح ڪلام ۾ "اقول" جي لفظ سان لکيل آهي، سا اُها آهي جيڪا بعد ۾ پرپٺ لکي ورتم ۽ ٻنهي کي هڪ ئي سمجهڻ گهرجي، (ڇاڪاڻ ته) لفظي ۽ زباني اختلاف ڪا معنيٰ نه ٿو رکي.

همان سخن گويم شُنيدم ز پير
دروغي نه گويم بر آن دستگير

[معنيٰ: مون پنهنجي مرشد کان جيڪا ڳالهه ٻُڌي آهي، سا چوان ٿو، ان دستگير تي ڪو به ڪوڙ نه ٿو هڻان.]

[ارشادات ۽ سمجهاڻي]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن هن هڪڙي مصرع تي عمل ڪيو ته ان هر علم جو نفعو حاصل ڪيو. اُها مصرع هي آهي:

"اَلاَ کُلُّ شيءِ مَا خَلا الله بَاطِل"

[معنيٰ: خبردار! الله کان سواءِ هر شيءِ بي بُنياد ۽ ڄُڙتو آهي.]

❖ **آئون چوان ٿو:** مولوي رومي چيو آهي:

زندگي و مرگ باحق خوش بود
بي خدا آبِ حيات آتش بود

[معنيٰ: زندگي ۽ موت ٻئي خدا جي تعلق سان سُٺا (وڻندڙ) آهن، خدا کان سواءِ آبِ حيات به باهه آهي.]

از خدا غير خدا را خواستن
ظن افزوني است کلي کاستن

[معنيٰ: خدا کان غير خدا کي گُهرڻ، غلط گمان ۽ ڪمزوريءَ کان سواءِ ڪجهه نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: اسم اعظم الله تعاليٰ جو ذاتي نالو آهي [1] ۽ ٻيا اسم ان جو عڪس آهن. جيئن قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

إِنَّ الَّذِينَ قَالُوا رَبُّنَا اللَّهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوا 41:29

[ترجمو: بيشڪ جن چيو ته اسان جو پاليندڙ الله آهي وري ان (عقيدي) تي قائم رهيا.]

انهيءَ ڪري نقشبندي بزرگ مريدن کي اسم ذات جي ياد ڪرڻ جو حڪم ڪندا آهن ۽ صفاتي نالن تي زور نه ڏيندا آهن.

❖ **آئون چوان ٿو:**

اسم اعظم چون کسي بشناسدش

سروري بر کل اسماء باشدش (شيخ بهائي)

[معنيٰ: جنهن اسم اعظم کي سڃاتو ته پوءِ ٻين اسمن تي چڙ بادشاهي حاصل ڪئي.]

سلطان الاولياء فرمايو: صحبت اثر ڪندي آهي ماڻهو صحبت جو اثر قبول ڪندو آهي، پوءِ اُها ڪهڙي به صحبت هجي.

❖ **آئون چوان ٿو:** مولانا رومي چيو آهي:

پيش اُستادي که اونحوي بود

جان شاگردش ازونحوي شود

[معنيٰ: جيڪڏهن نحوي (علم نحو جي ماهر) استاد جي اڳيان شاگرد ويهندو ته اهو به نحوي ٿي ويندو.]

پيش استادي که او محوي ره است

جان شاگردش از و محوي شه است

[معنيٰ: پر جيڪڏهن گمراه استاد جي اڳيان شاگرد ويهندو ته اهو شاگرد گمراهن جو اڳواڻ ٿيندو.]

هر هنر که استا بدان معروف شد
جان شاگردان بدان موصوف شد
پيش استاد اصولي هم اصول
خواند آن شاگرد چست با حصول
پيش استاد فقيه آن فقه خوان
فقه خواند نه اصول اندر بيان
پيش استادي که او نحوي بود

جان شاگردش ازو نحوي شود
باز استادي که او محو رهست
جان شاگردش ازو محو شهست
زين همه انواع دانش روز مرگ
دانش فقرست ساز راه و برگ

سلطان الاولياء فرمايو: ضرورتون ادا ڪرڻ سان پوريون ڪونه ٿينديون پر اُهي ڇڏڻ سان پوريون ٿي وينديون آهن.

❖ **آئون چوان ٿو:** بيبي عائشه رضه کان حديث شريف ۾ آهي ته: **"بينَ امرين قط الاخذا يسرهما"**

[ترجمو: نبي ڪريم ﷺ هميشہ ٻن ڪمن مان سولو ڪم پسند ڪندا هئا.]

ترڪ کار خود بکن اي کارساز
ز انکه با سعيت نگردد کار باز

[معنيٰ: پنهنجا سڀئي ڪم خدا جي حوالي ڪر، ڇاڪاڻ ته تنهنجي ڪوشش سان ڪم نه ٿيندو، (بلڪ ڌڻيءَ جي ڪرم سان ئي ٿيندو)]

سلطان الاولياء فرمايو: ذڪر ۽ فڪر کان سواءِ مرشد ۾ سچو عقيدو عظيم نعمت آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** '**مڪتوبات احمدي**' ۾ لکيل آهي ته 'فنا في الشيخ' جو مقدمو ائين آهي، جيئن 'فنا في الله' جو مقدمو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: جڏهن آسمان کي اکين سان ڏسون ٿا ته پوءِ ان ڏانهن آڱر کڻڻ جي ضرورت نه آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** ان قول مان مطلق ۽ فقط وحدانيت مراد آهي. جنهن جو واسطو دل سان آهي ۽ اهو اضافتن ۽ اسبابن کي ڇڏڻ آهي. جيئن چيو ويو آهي ته مدلول جي موجود هجڻ وقت دليل طلب ڪرڻ اجايو ۽ خراب آهي. معلوم تائين پهچڻ کان پوءِ ان جي علم ۾ مشغول ٿيڻ گهٽتائي آهي. الله تعاليٰ جو علم هر شيءِ کي گهيريندڙ آهي.

حق پديد است از ميان ديگران

همچو مه اندر ميان اختران

[معنيٰ: سڀني شين جي وچ ۾ حق ائين ظاهر آهي جيئن ستارن جي وچ ۾ چنڊ ظاهر آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: فقيرن جي عادت ڪاوڙ جي وقت بُردباري ڪرڻ آهي پر جنهن تي الله تعاليٰ ڪنهن تي ناراض ٿيو ته ان تي هو به ڪاوڙبا آهن.

❖ **آئون چوان ٿو:** رسول الله ﷺ پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان به انتقام ۽ بدلو نه ورتو.

هيچ قومي را خدا رسوا نکرد

تا دل صاحبدلِ نايد بدرد

[معنيٰ: خدا ڪنهن به قوم کي تيستائين خوار نه ڪندو آهي، جيستائين اهي ماڻهو ڪنهن الله واري کي ڏکوئيندا نه آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي ڪاڏي تي هيچ ڪندا آهن ۽ جانورن وانگر سٽڀ کي پسند ڪندا آهن.

❖ **آئون چوان ٿو:** جيئن وڏي مرشد فرمايو آهي ته گھڻو کاڌو پيشاب ۽ غلاظت کي وڌائيندو آهي، پوءِ ماڻهو قضا حاجت ڏانهن گھڻو محتاج ۽ مجبور ٿيندو آهي ۽ گھڻو سٿپ رکو کيئان وڌائڻ جو ڪم ڪندو آهي. حديث شريف ۾ آهي ته:

”سيكون من بعدي اقوام يحبون السُّمَان“

[ترجمو: مون کانپوءِ اهڙي قوم ايندي جيڪا سٿپ کي گھڻو پسند ڪندي.]

[جيئن محقق درالمنتقيءَ ۾ چيو آهي ته، بيشڪ سٿپ کائڻ مڪروهه آهي ۽ ‘تفسير حسيني’ ۾ [2] آهي ته، هڪ ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا (ماني) کائڻ کي (بزرگن) اسراف (فضول) سمجھيو آهي.]

گرچه خدا گفت كلوا واشربوا

ليک نفرمود کلوا تا بگلو

[معنيٰ: جيتوڻيڪ الله تعاليٰ فرمايو آهي:”کائو ۽ پيئو“ پراهو ڪٿي فرمايوائٿس ته ايترو کائو جو کاڌو نڙيءَ سان اچي لڳي.]

خوردن براءِ زيستن و شكر كردن است

تو معتقد كه زيستن از بهر خوردن است (سعدي)

[معنيٰ: کائڻ، پيئڻ ۽ جيئڻ، شڪر ڪرڻ واسطي آهي پر تنهنجو خيال آهي ته جيئڻ، کائڻ پيئڻ لاءِ آهي.]

در سيرت اردشير بابكان آمده است كه حكيم عرب را پرسيد كه: روزى چه مايه طعام بايد خوردن؟ گفت: صد درم سنگ كفايت است.

گفت: اين قدر چه قوّت دهد؟ گفت: هذا المِقدارُ يَحمِلُکَ و ما زادَ عَلى ذلك فَانتَ حامِلُه يعنى اين قدر تو را بر پاى همى‌دارد و هر چه بر اين زيادت كنى تو حمال آنى.

خوردن براى زيستن و ذكر كردن است

تو معتقد که زیستن از بهر خوردن است
(سعدی « گلستان « باب سوم در فضیلت قناعت)

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن ماڻهوءَ وٽ رزق جي ڪشادگي ۽ حشمت آهي ته ان کي اهڙي ڪشادگيءَ تي الله جو شُڪر ادا ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ رزق اهڙي جاءِ تان ڏيندو آهي جتان انسان جو گمان ئي ڪونه هوندو آهي ۽ شڪر سان الله تعاليٰ رزق ۾ واڌارو ڪندو آهي. جيڪڏهن رزق ۾ ڪشادگيءَ نه آهي ته صبر ڪري، (ڇو ته) ان لاءِ صبر ۾ ئي ڀلائي آهي.

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لَئِن شَكَرْتُمْ لَأَزِيدَنَّكُمْ (ابراهيم14:6)

[ترجمو: جيڪڏهن اوهين (منهنجو) شڪر بجا آڻيندؤ، ته آئون اوهان کي وڌائيندس.]

قدسي حديث ۾ آهي ته:

من لم يصبر عليٰ بلائي و لم يشكر عليٰ نعمائي فليخرج تحت السمائي فليطلب رباَ سوائي.

[ترجمو: جنهن منهنجي مصيبت تي صبر نه ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر نه ڪيو، پوءِ ان کي گهرجي ته منهنجي آسمان هيٺان نڪري هليو وڃي ۽ ٻيو ڪو وڃي رب ڳولهي.]

❖ **آئون چوان ٿو:** مرشد سائين ﭘنهي ڪمن ۾ توڪل جو ارادو بيان ڪيو آهي.

چون ترا اقبال کرده اوري
شاد مي زي کي تو باشد سروري

[معنيٰ: جڏهن تنهنجو پاڳ تنهنجو مددگار آهي، پوءِ توکي ان تي خوشي ڪرڻ گهرجي.]

و از تو اقبال رُو واپس کشید

پس نباید مر ترا هل من مزید

[معنيٰ: جيڪڏهن تنهنجي پاڳ پوئتي موٽڻ واري ڪئي ته پوءِ توکي ”اچان وڌيڪ، اچان وڌيڪ“ ڪم نه ايندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ جنهن جو نفس هڪڙي رنگ وارو بنايو آهي، اهو نقصان کان بچي ويو. جيڪو ٻن رنگن ۾ پيو (يا ٻن رنگن وارو ٿيو يا منافق ٿيو) اهو هلاڪ ٿيو.

❖ **آئون چوان ٿو:** مولانا رومي چيو آهي:

ظاهر و باطن اگر باشد یکي

نیست کس را در نجاة او شکي

[معنيٰ: جنهن جو ظاهر ۽ باطن هڪ آهي، ان جي ڇوٽڪاري ۾ ڪنهن کي شڪ نه هجڻ کپي.]

هڪ سنڌي بزرگ ڪهڙو نه سٺو مقولو (بيت) چيو آهي:

اندر وهاري ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي

اهڙو کوٺو ٿانءُ، پڇي پورا نه ڪرين

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو گدرو چورائيندو ان لاءِ ڪياڙيءَ تي ٻنهي هٿن جو ڌڪ (لپاٽ) ڪافي آهي. ڇاڪاڻ ته اُها چوري هٿ وڍڻ جيتري نه آهي ۽ اُها چوريءَ جي نصاب کي نه ٿي پهچي.

❖ **آئون چوان ٿو:** ان مان مراد خطا جي وقت معافي آهي.

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَلْيَعْفُوا وَلْيَصْفَحُوا أَلاتُحِبُّونَ أَن يَغْفِرَ اللَّهُ لَكُمْ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ (النور:22)

[**ترجمو: ۽ کين** گهرجي ته معاف ڪن ۽ درگذر ڪن. ڇا اُهي هيءَ ڳالھ پسند نٿا ڪن ته الله اوهان کي معاف ڪري ۽ الله معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.]

بدي را بدي سهل باشد جزا

اگر مردي احسن اليٰ من اسا

[معنيٰ: برائي جو بدلو بُرائي ڪرڻ آسان آهي، جيڪڏهن مڙس آهين ته بُرائي ڪرڻ واري سان ڀلائي ڪر.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَجَزَاءُ سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا فَمَنْ عَفَا وَأَصْلَحَ فَأَجْرُهُ عَلَى اللَّهِ الشوريٰ: 40

[ترجمو: نقصان جو بدلو به اهوئي ۽ اوتروئي هئڻ گهرجي (نه وڌيڪ) پر جيڪڏهن ڪو معاف ڪري ڇڏي ته ۽ ٺاھ به ڪري ڇڏي ته هن کي الله وٽان اجر ملندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي دنيا جي محبت ۾ مخلوق جي طمع ۽ لالچ نٿا ڇڏين. (اُهي) ماڻهن کان سوال ڪن ٿا ۽ پاڻ کي متوڪل سمجهن ٿا پر (حقيقت ۾) انهن دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا کي ڇڏيو آهي.

ترک دنيا بمردم آموزند

خويشتن سيم وغله اندوزند

[معنيٰ: دنيا ڇڏڻ ڪو اهڙن مردن کان سِکي، جيڪي پنهنجي چاندي (دولت) ۽ اناج خدا جي راه ۾ ڏئي ڇڏيندا آهن.]

آئون چوان ٿو: حديث شريف ۾ آيو آهي ته:

”حب الدنيا راس کل خطيئة“

[ترجمو: دنيا جي محبت هر بُرائي جي پاڙ آهي.]

ٻي حديث ۾ آهي ته**:**

لان ياخذ احدکم جبلاً فياتي بخرمة حطب عليٰ ظهره فبيعها خير من ان يسال الناس

[ترجمو: ماڻهن کان سوال ڪرڻ کان هيءَ ڳالهه ڀلي آهي ته توهان رسي وٺي ڪاٺين جي ڀري ڀُنن تي کڻي اچي بازار ۾ وِڪڻو]

۽ ٽين حديث ۾ آهي ته:

” سوال حرام ولو من الابوين“

[ترجمو: سوال ڪرڻ حرام آهي ڀلي کڻي اهو ماءُ پيءُ کان ڇو نه هجي.]

فقه جي **ڪتاب ”ڪنز“** ۾ آهي ته جنهن ماڻهو وٽ هڪڙي ڏينهن جو کاڌو آهي، ان لاءِ سوال ڪرڻ جائز نه آهي.

طمع را سه حرف است هر سه تهي

از آن نيست مر مطمعان را بهي

[معنيٰ: طمع ۾ ٽي اکر آهن ۽ ٽئي خالي آهن (ڪنهن ۾ به نقطو ناهي).انهيءَ ڪري ڏاول به بکيا ئي هوندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: گهڻا [3] ماڻهو نفس جي مطلب لاءِ ايندا آهن، سچي طلب سان نه ايندا آهن. پوءِ جڏهن انهن کي مراد حاصل

ٿيندي آهي ته خوش ٿيندا آهن، جيڪڏهن نه ته ناراض ۽ ناخوش ٿيندا آهن. بيشڪ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڪمن جو اهم هجڻ لازم آهي. جيئن رستقانيءَ ۾ آهي ته جڏهن (ڪو) جمع نماز جي پڙهڻ لاءِ شهر ڏانهن ويو پئي پر ان کي شهر ۾ ٻيو ڪم به هو. هاڻي ارادي جي اعتبار کان ڏسبو ته هن جي نظر ۾ ڪهڙو ڪم وڌيڪ اهم آهي، ان مطابق کيس اجر ملندو. ائين شيخ علي قاريءَ **"شرح علي المبين المعين لفهم الاربعين للنووي"** ۾ لکيو آهي.

آئون چوان ٿو: قرآن شريف ۾ به الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَمِنَ النَّاسِ مَن يَعْبُدُ اللَّهَ عَلَىٰ حَرْفٍ فَإِنْ أَصَابَهُ خَيْرٌ اطْمَأَنَّ بِهِ وَإِنْ أَصَابَتْهُ فِتْنَةٌ انقَلَبَ عَلَىٰ وَجْهِهِ خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةَ ذَٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِينُ [الحج:11]

[ترجمو: ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو به آهي جو هڪ ڪناري تي (ناقص يقين سان) الله جي عبادت ڪري ٿو پوءِ جيڪڏهن کيس ڪو نفعو پهچندو آهي. ته ان سان فرحت ملندي اٿس، ۽ جيڪڏهن ان تي ڪا آزمائش ايندي آهي ته پنهنجو مُنهن ڦيريندو آهي. (ائين) دنيا ۽ آخرت وڃائيندو آهي ۽ اهو ئي پڌرو نقصان آهي.]

مولانا جامي چيو آهي:

شرط طلب ترک دوئي کردن است

روئي ارادت بيک آوردن است

[معنيٰ: طلب جو شرط ٻيائي کي ڇڏڻ آهي، ارادي جو مُنهن هڪ طرف ڪرڻ ۾آهي.]

گر همہ آفاق در آغوش تو

باشد و آن چيز فراموش تو

[معنيٰ: جيتوڻيڪ سڄو جهان تنهنجي هنج ۾ هجي ته به توکي اها شيءِ (جهان) وسارڻ گهرجي.]

غايت آگاهي تو غافلي است

حاصل اوقات تو بي حاصلي است

[معنيٰ: تنهنجي آگاهي جي پڇاڙي بي خبري آهي تنهنجي وقت جو حاصل ۽ نتيجو ڪجھ به نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: نفس جا ٽي قسم آهن:

- پهريون نفس اَمّارَه آهي
- ۽ ٻيو لوّامَه
- ۽ ٽيون نفس مُطمئنّه آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** اَمّارَه اهو نفس آهي جيڪو الله تي يقين نٿو ڪري ۽ الله جي حُڪمن مطابق حدون قائم نٿو ڪري. (جيئن قرآن شريف ۾ آهي):

وَمَا أُبَرِّئُ نَفْسِي إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌ بِالسُّوءِ. يوسف:53

[ترجمو: ۽ آءٌ پنهنجي نفس کي بي قصور نٿو چوان بيشڪ نفس ئي ته بُرائي جو گهڻو حڪم ٿو ڪري.]

- نفس لوَّامَہ سڀني ڪمن ڪارين ۾ نفس مُطمئنّہ ۽ اَمّارَه جي وچ تي هوندو آهي. اهو سٺا ڪم به ڪندو آهي ۽ گناھ ٿي پوڻ تي پاڻ کي ملامت به ڪندو آهي.

گاه کرد خلم و گاهي حلم را

گاه ناداني و گاهي علم را

[معنيٰ: ڪڏهن ڪاوڙ ۽ ڪڏهن بردباري ڪندو آهي. ڪڏهن ناداني ۽ ڪڏهن سمجھ ڪندو آهي]

- ٽيون قسم نفس مُطمئنّہ آهي. مطمئنّہ اهو نفس آهي جيڪو الله جي ذڪر سان اطمينان حاصل ڪندو آهي ۽ ماسويٰ الله کان ڪنارو ڪندو آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

أَلَا بِذِكْرِ اللَّهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ (الرعد:28)

[ترجمو: خبردار ٿيو! الله کي ياد ڪرڻ سان ئي دلين کي آرام ملي ٿو.] حديث شريف ۾ هن ڳالھ ڏانهن اشارو آهي ته جڏهن نفس امَّاره کي ايمان جي صفت حاصل ٿيندي آهي تڏهن نفس مطمئنه ٿي پوندو آهي. چو ته ان جي بي اطمينائيءَ جو سبب ختم ٿي ويو. ”اصول الحڪم“ ۾ آهي ته علت (سبب) جي ختم ٿيڻ سان اصل ڳالھ به ختم ٿي وڃي ٿي. نبي ڪريمﷺ ارشاد فرمايو ته:

”خيارکم في الجاهلية خيارکم في الاسلام“

[ترجمو: جاهليت جي دور وارا ڀلا ماڻهو اسلام ۾ ڀلا آهن.]

عجيب ۽ غريب حالتن ۽ مقامن جي ڪري اهي اصلي صفتون بلڪل ختم ڪونه ٿينديون آهن، جيئن حضورﷺ فرمايو ته:

”اذا سمعتم بجبل زال عن مکانہ فصدّقوه واذا سمعتم برجُل تتغيرُعنہ فلا تصدّقوا بہ“

[ترجمو: جيڪڏهن توهان ٻُڌو ته جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي ويو آهي ته ان ڳالهه کي سچو سمجهو پر جيڪڏهن توهان ٻُڌو ته مرد پنهنجي عادت بدلائي آهي ته ان کي سچو نه سمجهو.][4]

هر چند که نفس مطمئنہ گردد

هرگز ز صفات خود نگردد

[معنيٰ: نفس ڪٿي ڪيترو به مطمئن ٿئي پر پنهنجي صفتن کي ڪڏهن به نه ڇڏيندو.]

نفس چون نيست در درون باقي

چه غم از دشمنان آفاقي

[معنيٰ: جڏهن نفس اندر ۾ باقي نه رهيو ته پوءِ ٻاهرين دشمنن کان ڪهڙو خطرو!]

سلطان الاولياء فرمايو: مال مصيبت آهي ۽ عزت جٽيو آهي پر ناجي يعني ڇوٽڪاري وارو اهو مرد آهي، جيڪو ٻنهي کان پڇي.

❖ **آئون چوان ٿو:** مرشد سائين جي مال مان مراد غير صالح مال آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته:

"نعم المالُ الصَّالِح لِلرَّجُلِ الصَّالِحِ"

[ترجمو: سُٺو مال سُٺي مرد لاءِ آهي]

۽ عزت اهو جٽيو آهي جيڪو تنهنجي دل کي انهيءَ فڪر ۾ مشغول رکي يعني الله جي ذڪر کان غافل ڪري ۽ گناهه اهو آهي جيڪو تنهنجي دِل ۾ کُٽڪي پر جنهن توکي حق (الله) کان (پري ڪري) مشغول ڪيو، اهو تنهنجو بُت آهي.

نيست گناهي ز تردد دّگر
نيست نکوئي ز دل آرام تر

[معنيٰ: شڪ ۽ ٻُڌتر کان وڌيڪ ٻيو گناهه ڪونهي، دل جي آرام ۽ سُڪون کان وڌيڪ ڪا ٻي نيڪي ڪونهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: گهڻي مال هجڻ سان غني ۽ شاهوڪاري نه آهي پر غنا اها آهي جنهن جي دل مال جي حِرص کان بي پرواهه هجي.

آئون چوان ٿو: ان لاءِ چيو ويندو آهي:

"تونگري بدل است نه بمال"

[آسودگي دل سان آهي، نڪي مال سان.]

حديث شريف ۾ آهي ته:

"لايملؤ جوف ابن آدم الا التراب"

[ترجمو: مِٽيءَ کان سواءِ ٻي شيءِ آدم جي اولاد جو پيٽ نه ٿي ڀري].

شيخ سعدي شيرازي چوي ٿو:

آن شنيد ستي که وقتي تاجري
در بياباني بيفتاد از ستور
گفت چشمِ تنگ دنيا دار را
يا قناعت پُرکند يا خاک گور

[معنيٰ: ڇا اهو ڪڏهن ٻُڌو اٿئي ته ڪڏهن ڪو واپاري جهنگل يا بيابان ۾ مال جي چرڻ واري جوءِ ۾ پُهتو هجي!. بخيل دنيا دار کي چيو ته پيٽ يا ته قناعت ڀريندي يا قبر جي مٽي پيٽ ڀريندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪو ماڻهن جي چاپلوسي ڪري، پوءِ ماڻهو ان کي ڪا شيءِ ڏين ته فقيرن وٽ اها رزق جي ڪُشادگي نه آهي. ڪشادگي اها آهي ته ان ۾ چاپلوسيءَ جو ذرو به نه هجي ۽ اهو انهن سان مِلائڻ لاءِ نه آهي. بلڪ اهو رزق آهي، جيڪو الله تعاليٰ ماڻهوءَ کي گهرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کان سواءِ ڏئي، جنهن ڏانهن اشارو الله تعاليٰ جي هن فرمان ۾ آهي:

وَيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ [الطلاق: 3]

[ترجمو: ان کي اُتان روزي ڏيندو ، جتان گمان به نه هوندس.]

ٻي جاءِ تي قرآن شريف ۾ آهي:

لِلْفُقَرَاءِ الَّذِينَ أُحْصِرُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ لَا يَسْتَطِيعُونَ ضَرْبًا فِي الْأَرْضِ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ أَغْنِيَاءَ مِنَ التَّعَفُّفِ تَعْرِفُهُم بِسِيمَاهُمْ لَا يَسْأَلُونَ النَّاسَ إِلْحَافًا [البقرة:273]

[ترجمو: (خيرات) انهن فقيرن لاءِ آهي جيڪي الله جي رستي ۾ (دنيا جي ڪمن ڪرڻ کان) روڪيا ويا آهن، جيڪي (روزي حاصل ڪرڻ لاءِ) زمين ۾سفر نٿا ڪري سگهن. سوال نه ڪرڻ جي ڪري ناواقف انهن کي مالدار سمجهي ٿو. تون انهن کي سندن چهري مان سڃاڻندين، اهي ماڻهن کي چنبڙي سوال نه ٿا ڪن.]

سلطان الاولياء فرمايو: پراڻي ڪپڙي پائڻ ۾ فقيرن لاءِ ڪو به عار نه آهي پر جيڪڏهن الله تعاليٰ نئون ڏي ته فخر ۽ وڏائي کان سواءِ اهو پائڻ گهرجي.

آئون چوان ٿو: رسول اللهﷺ جي عادت اها ئي آهي. جيئن پاڻ سڳورن کان روايت ڪئي وئي آهي ته:

”يلبس في بعض الاحيان ثيابا مفخره و في بعضها لا “

[ترجمو: پاڻ سڳوراﷺ ڪڏهن سٺا ڪپڙا پائيندا هئا ۽ ڪڏهن نه پائيندا هئا.]

مولانا جامي چيو آهي:

غرض از جام دفع حر و برد است
ندارد ميل زينت هرکه مرد است

[معنيٰ: ڪپڙي جو مقصد سردي ۽ گرميءَ کان بچڻ آهي. مرد اهو آهي جيڪو زينت ۽ سينگار ڏانهن لاڙو نه ڪري.]

سلطان الاولياء فرمايو: خدا جي طالب لاءِ مناسب نه آهي ته ماڻهن جي ڳالهين ڏانهن ڌيان ڪري ۽ انهن جي تعريف يا گلا سان پنهنجي دل ۾ خلل وجهي پر پنهنجي دل جو انهن ڏانهن لاڙو نه ڪري ۽ انهن کان منهن موڙي ڇڏي.

آئون چوان ٿو: قرآن شريف ۾ آيو آهي:

وَإِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ أَعْرَضُوا عَنْهُ وَقَالُوا لَنَا أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ سَلَامٌ عَلَيْكُمْ لَا نَبْتَغِي [5] **الْجَاهِلِينَ** [القصص:55]

[ترجمو: اهي جڏهن بيهودي ڳالهه ٻُڌن ٿا ته اُن کان مُنهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا ته اسان لاءِ اسان جا ڪم آهن ۽ اوهان لاءِ اوهان جا ڪم آهن. اوهان تي سلام هجي اسان کي جاهل نه ٿا گهرجن.]

اگر گويند زراقي و سالوس
بگو هستم دو صد چندان ميرو
و گر از خشم دشنامي دهندت
دعاکن خوش دل وخندان ميرو

[معنيٰ: جيڪڏهن هو توکي گهڻ وڏ چوي، چئو ته آهيان. پلي ڪٽي به سئو دفعا چوي پر تون هليو وڃ. جيڪڏهن دشمن تو کي ڪاوڙ مان گاريون ڏي ته ڪيس دعا ڪر خوشدليءَ سان ڪلندو هليو وڃ.]

سلطان الاولياء فرمايو: سچو مُريد اهو آهي جيڪو پنهنجو ارادو ڇڏي مُرشد جي ارادي تي هلي ۽ مُرشد اهو آهي جيڪو خدا جي ارادي تي راضي رهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** حافظ شيرازي چيو آهي.

ميل من سوئي وصال وقصد او سوئي فراق

ترک کام خود گرفتم تا بر آيد کام دوست[معنيٰ: منهنجو لاڙو هن ڏانهن وصال جو آهي پر هن جو ارادو فراق جو آهي. مون پنهنجو مطلب ڇڏيو آهي ته جيئن دوست جو مقصد (مراد) هٿ اچي.]

هن ۾ حافظ جي تائيد ملي ٿي ته جيڪڏهن ان سان مان خوشيءَ ۾ راضي آهيان ته ان سان مان نقصان ۾ به راضي آهيان. **'مواهب اللدنيه'** ۾ آهي ته، سچي عاشق جي وصف اها آهي ته هو ان شيءِ کي پسند ڪري، جنهن کي سندس محبوب پسند ڪري ٿو ۽ جيڪا شيءِ ان (محبوب) کي ناپسند آهي ته هو به ان کي ناپسند ڪري.

سلطان الاولياء فرمايو: اسان وٽ ڪنهن به قسم جو تڪلّف نه آهي.

آئون چوان ٿو: اها ڳالهه ان وقت فرمايائون جڏهن ڪنهن سائل بوڙ ۽ مانيءَ جي باري ۾ پُڇيو پر (مرشد) سائين فرمايو ته

جيڪا شيءِ مُيسر ٿئي، اها سُني آهي. اسان وٽ تڪلف
ڪونهي. اهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي ته :

”التكلّف شوم انا واتقياء امتي برئي من التكلّف“

[ترجمو: تڪلف (اجايو ڏيک ويک) خراب آهي. آئون ۽ منهنجي امت جا متقي تڪلّف کان پري ۽ بيزار آهن.]

۽ قرآن شريف ۾ آهي:

وَمَا أَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِينَ [ص:86]

[ترجمو: آئون تڪلف ڪندڙ نه آهيان.]

رسول اللهﷺ جي عادت هوندي هئي ته جڏهن ڪنهن بيبيءَ جي گهر ايندا هئا ته پُڇندا هئا ته کاڌي جي ڪا شيءِ آهي؟ پوءِ جيڪڏهن طبع موافق کاڌو مليو ته کائيندا هئا پر جيڪڏهن نه ته فرمائيندا هئا ته مون کي روزو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: طِب جو مقصد آهي صفائي پوءِ اها سِگّي لڳرائڻ سان ٿئي يا جُلاب ۽ دوا سان حاصل ٿئي. هن زماني ۾ اهڙو حاذق ۽ هوشيار طبيب نه آهي، جيڪو مريضن جي حال مطابق دوا تجويز ڪري.

❖ **آئون چوان ٿو:** اسان جي زماني جو حاذق حڪيم ڳاڙهي سون (ڪبريت احمر) وانگر آهي، پوءِ جيڪو ائين ڪونهي، سو حاذق حڪيم به نه آهي.

حديث شريف ۾ آهي ته:

”كلمة الحكمة ضالت الحكيم“

[حڪمت يعني ذاهپ حڪيم جي وچايل شيءِ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ٻين طريقن جي انتها هن نقشبندي طريقي جي ابتدا آهي. ڇاڪاڻ ته سماع ، رقص ۽ اهڙي طرح ڇلا ڪڍڻ هڪ قسم جا حيلا آهن. ليڪن دل جو فائدو (الله جي يادگيريءَ ۾) حرڪت ڪان سواءَ ٻيو ڪونه آهي. ٻين طريقن جي اها انتها آهي پر نقشبندي طريقي جو اهو پهريون قدم آهي. پهريون سيني طريقن جي خلاف آهي، اهي پهريون پنهنجي طرف ڪان شروع ڪندا آهن، پوءِ آفاق ڪان پوءِ نفسن ڪان، پوءِ انهن جي اِنتها پهريون نقشبنديه تي ٿي پوندي آهي، پوءِ سوچ ڪريو. حديث ۾ به اُهو آهي جنهن ڪي نقشبندي ترجيح ڏين ٿا. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته:

”مصحف المؤمن صدره“

[ترجمو: مؤمن جو مصحف (قرآن) ان جو سِينو آهي.]

ان پهرين قدم سان ئي گهڻن ڪيفيتن ۽ عجيب مقامن جو فيض حاصل ٿيندو آهي. پهريان قلبي ذڪر ۽ سلطان الاذڪار، ياد ڪرد، نگهداشت،[6] دائمي حضوري، حال ۽ مقام جي خوشي، جذبو،انهن مرشدن مان جيڪو ڪامل مرشد آهي، اهو ٻنهي جذبي ۽ سلوڪ ڪي گڏ ڪندڙ آهي. ائين '**مبدا المعاد**' ۾ پڻ آهي. پوءِ سوچ ڪر.

ياد رهي ته عروج ۽ نزول، فنا في الله ۽ بقا بالله وغيره جو فيض، حال جو حاصل ڪرڻ ۽ مقامن جو وصال ٿيڻ آهي، جنهن جو مدار سندن قوت ۽ استعداد مطابق آهي. جنهن جي انتها

الله تعاليٰ کان سواءِ ڪير نٿو چاهي. اهي ئي الله تعاليٰ جي مرضي مطابق پنهنجي نفسن کي اطمينان ۽ دلين کي صبر ڏيارين ٿا ۽ الله جي رضا جي شراب جو ڍُڪ پي پنهنجي ذوق مطابق شرح صدر ۽ لذت حاصل ڪن ٿا. ۽ اهو اعليٰ مرتبو آهي، جنهن کي "جمع الجمع" جو مقام چيو ويندو آهي. شيخ علي قاري چوي ٿو ته، جمع الجمع جو مقام اعليٰ مرتبو آهي، جيڪو رضا ۽ تسليم سبب قضا جي قلم سان جاري ٿئي ٿو. ۽ امامن جي نرميءَ جي شوق تي انهن جا سينا کوليائين.

"به بين تفاه ت راه از کجا است تا بکجا"

[معنيٰ: ڏسو ته سهي، هن راهه جو پنڌ هن کان ڪيترو گهٽ يا وڌ آهي!]

❖ **آئون چوان ٿو:** بيت:

نقشبنديہ عجب قافله سالار انند
که برند از ره پنهان بحرم قافله را

[معنيٰ: نقشبندي بزرگ قافلي جا عجيب اڳواڻ آهن، جيڪي قافلي کي حرم تائين ڳجهي رستي تان وٺي وڃن ٿا.]

طاعتي گر کند اين طائفه را طعن
قصورحاش لله که بر آرم بزبان اين گله را

[معنيٰ: جيڪڏهن ملامت ڪرڻ وارو هن جماعت تي ڪوتاهي جو طعنو هڻي، ته به آئون هرگز زبان تي اها گلا نه آڻيندس.]

همه شيران جهاد بسته اين سلسله اند

روبه از حيله جان بگسلد اين سلسله را

[معنيٰ: جهان جا سڀئي شينهن هن سلسلي ۾ ٻڌل آهن، لومڙي حيلي بهاني سان هن سلسلي کي ڇا ٽوڙيندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: سلوڪ جي واٽ تي سالڪ مٿان جيڪي احوال ايندا آهن، انهن احوالن جي ڪري سالڪ کي مايوس نه ٿيڻ گهرجي ۽ نااميديءَ کان پوءِ پهچڻ جي اُميد حاصل ٿيندي آهي.

❖ **آئون چوان ٿو: 'مڪتوبات احمديه'** ۾ آهي ته مُريد لاءِ مناسب آهي ته هن صفت سان متصف ٿئي. جيئن قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

حَتَّىٰ إِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْأَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ أَنفُسُهُمْ وَظَنُّوا أَن لَّا مَلْجَأَ مِنَ اللَّهِ إِلَّا إِلَيْهِ [توبه:118]

[ترجمو: تانجو جڏهن مٿن زمين باوجود ويڪري هئڻ جي تنگ ٿي ۽ سندن جان به مٿن تنگ ٿي ۽ سمجهي ويا ته الله کان (بچائڻ واري) ٻي ڪابه پناه جي جاءِ نه آهي، مگر ان ڏانهن (رجوع ڪرڻ سان) ئي پناه ملندي.]

اهڙي طرح هڪ شاعر چيو آهي:

وصل عريان است نامِ نا اميدي در مثال

نظر كردن نامرادي خويش را جام وصال

[معنيٰ: اصلي وصل نالو ئي آهي نا اميدي (هر شيءِ کان خالي هجڻ) جو، تون پنهنجي نا مرادي تي وصال جي پيالي جهڙي نظر رک.]

وگر مراد تو اي دوست نا مرادي ما است

مراد خويش دگر باز مي نخواهم خواست

[معنيٰ: اي دوست جيڪڏهن تنهنجي مراد اسان جي نامرادي آهي ته آئون پنهنجي مراد کي ٻئي دفعي ورجائڻ نٿو چاهيان.]

سلطان الاولياء فرمايو: حياتي ۽ دنيا ٻئي فاني آهن، ڪنهن جي لاءِ انهن ٻنهي سان تعلق جوڙڻ مناسب نه آهي، پوءِ بيشڪ سياڻو اُن سان تعلق نه رکندو آهي. جنهن جو وُجود ٻن عدمن جي وچ ۾ فنا ٿي ويندو آهي، مثلاً عدم (ڪجھ به نه) ۽ ڪامل زندگي اُها فنا کان بعد حاصل ٿيندي آهي. ان ڪري الله سبحانہ وتعاليٰ عدم کي يعني موت کي حياتيءَ کان اڳي بيان فرمايو َآهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

خلق الموت والحيٰوة (الملڪ:2)

[ترجمو:(الله تعاليٰ) موت کي پيدا ڪيائين، پوءِ حياتي کي پيدا ڪيائين.]

حديث شريف ۾ آهي **ته:**

مُوتُو قَبلَ اَن تمُوتوا

[ترجمو: مرڻ کان اڳ مرڻ.]

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيلٌ [النسآء: 77]

ترجمو: اي حبيب! تون چئو ته دنيا جي زندگي ٿوري آهي.]

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهه [القصص: 88]

[ترجمو: الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻي هر ڪا شيءِ فنا ٿي ويندي.]

قدسي حديث ۾ آهي:

ان العبد ينبغي لہ ان يحب الله اذ هو المحبوب الموجود و الباقي في کل وقتہ وحين انا الموجود فطلبني تجدني

[يعني:بيشڪ ٻانهي کي جڳائي ته هو الله سان محبت ڪري، ڇو ته هو هر وقت الله کي پنهنجو محبوب ٿي لهندو. بيشڪ مان موجود آهيان، پوءِ جيڪو به منهنجي طلب ڪندو، ته مون کي لهندو.]

آئون چوان ٿو: قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيَاةُ الدُّنْيَا [فاطر:5]

[ترجمو: دنيا جي زندگي توهان کي ڌوڪي ۾ نه وجهي.]

نبي ڪريمﷺ ارشاد فرمايو آهي ته:

”کن في الدنيا کانک [7] غريب او عابر السبيل وعدّ نفسک من اصحاب القبور“

[ترجمو: دنيا ۾ وانٹھڙو مسافر وانگر ٿي رهه ۽ پاڻ کي مُئلن ۾ شمار ڪر.]

لو كانَتْ دارالدنيا دام نَعيمها

لكَانَ رسول الله فيْهاَ مُخَلَّدَا.

[معنيٰ: جيڪڏهن دنيا جون نعمتون هميشہ رهن ها ته رسول اللهﷺ هن دنيا ۾ هميشہ رهن ها.]

جهان وڪارِجهان جملئه هيچ در هيچ است
هزار بار من اين نکته کرده ام تحقيق

[معنيٰ: مون هزار دفعا هن نُڪتي تي سوچ ويچار ڪيو آهي ته دنيا جو ڪم ڪجهہ به نه آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن الله تعاليٰ کي سُڃاتو اُن کي ڪو گناهہ نُقصان نه پهچائيندو.

❖ **آئون چوان ٿو:** هت مراد صغيره گناهہ آهن، ڇوته ڪمال معرفت جي باوجود انبياءَ عليهم السلام ننڍن خطائن کان خالي نه آهن ۽ جڏهن ته وڏا گناهہ اڻ ليپ آهن ۽ رحمت گُناهن سان تَعلُّق رکندي آهي.

"**قصيده برده**" وارو چوي ٿو:

لعلّ رحمت ربّي حين يقسمها
تاتي علي حسب العصيان في القسم

[معنيٰ:اميد ته جڏهن رب جي رحمت ورهائبي ته مون کي پڻ ڪيل گناهن موجب(رحمت مان) حصو ملندو.]

حافظ چوي ٿو:

رحمتش را تشنه ديدم بر گناه
عرصئه عصيان گرفتم زين سبب

[معنيٰ:مون مالڪ جي رحمت کي گنهگارن لاءِ اُڃايل ڏٺو، تڏهن ته گناهن تي پڪڙ ۾گهڻي دير لڳائي اٿائين.]

‘**مصابيح**’ ۾ آهي ته، مؤمن ڪبيري گناهه ڪرڻ سان ايمان مان نه ٿو نڪري، عرفان جو مطلب ايمان ڪامل آهي، جيڪو لڪل نه هوندو آهي. اهڙي طرح ‘**مڪتوبات**’ ۾ آهي ۽ عرفان جي معنيٰ آهي الله جي ذات ۾ يقين، اهو يقين جيڪو جذبي ۽ سلوڪ ڪانپوءِ حاصل ٿيندو آهي خالي لفظي يقين نه. اهو حاصل ٿيندو آهي صرِف سالڪين جي ٻُڌڻ سان ۽ ان ۾ سلسلو داخل نه ٿيندو آهي ۽ ان سان لذت حاصل ٿيندي آهي.

قرآن مجيد ۾ آيو آهي:

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتَّىٰ يَأْتِيَكَ الْيَقِينُ [الحجر: 99]

[ترجمو: ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪندو رهه، جيستائين تو وٽ يقين يعني موت اچي]

لَا يَضُرُّكُم مَّن ضَلَّ إِذَا اهْتَدَيْتُمْ [المائده:105]

[ترجمو: جيڪڏهن اوهين رستي تي ايندؤ ته جيڪو گمراهه آهي سو اوهان کي (ڪجهه به) نقصان نه پهچائي سگهندو!]

”ڪه مستحق ڪرامت گناهگارانند“

[معنيٰ: گنهگار ئي ڪرامت (رحمت) جا حقدار آهن.]

حافظ شيرازي چيو آهي:

صوفي مباش مگر رندي ڪه سرِ عشق
روزي ازل بمردم قلاش مي دهند

[معنيٰ: صوفي نه ٿيءُ پر آزاد مرد ٿيءُ ته عشق جو راز لهين، ڇو ته اهو راز شروع کان ئي مسڪين مردن کي ڏيندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجا احوال ظاهر ڪندا آهن ۽ پنهنجي اندازي ۾ ٻين کان پاڻ کي ڏار سمجهندا آهن پر جنهن جو قلب سليم ۽ طبيعت سِڌي هوندي، ان تي هيءَ ڳالهه مخفي نه رهندي آهي ته جڏهن طالب جو تعلق دنيا جي واسطن کان ٽٽندو آهي تڏهن الله جي ذات سان قربت وڌندي اٿس. محقق ان کي حال چوندا آهن، ان وقت قيل ۽ قال جي ظاهر ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** حال ڪنهن شيءِ جو هڪڙي صفت کان ٻي صفت ڏانهن اچڻ يا بدلجڻ آهي. جيئن نفس امَّاره مان نفس مُطمئينه ڏانهن اچڻ يا بُرائين کان نيڪين ڏانهن اچڻ. ''العقائد السنية'' ۾ آهي ته، حال نالو آهي ويجهڙائپ (۽ قرب) جو، نڪي مقرب جي حڪم جو. علم، حال کان وڌيڪ شرف وارو آهي. ۽ ''المواهب الاحوال مواهب عليه سماويه'' ۾ آهي ته اهو اميرالمؤمنين علي رضي الله عنه جو قول آهي. [8] اعتماد وارن ماڻهن کان ٻُڌو ويو آهي ته، هڪ ماڻهوءَ وڏي مرشد نور الله مضجعه وٽ چيو ته، بيشڪ ڪامل فقير ڀَنگ جا پن استعمال ڪندا آهن پوءِ دعويٰ ڪندا آهن ته اسان کي هن سان احوال زياده حاصل ٿيندا آهن. پوءِ وڏي حال واري چيو ته، اِهو الله تعاليٰ جو قُرب آهي ۽ اُن (شخص) کي ڪيئن حاصل ٿيندو؟ جيڪو روڪيل ڪمن (منع ٿيل شين) کي استعمال ڪري ٿو. بلڪ اُن کان پري رهڻ ان جي لائق آهي.

جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

وَمَن يُؤْمِن بِاللَّهِ يَهْدِ قَلْبَهُ [التغابين64 :11]

[ترجمو: جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ته اُن جي دل هدايت واري ٿيندي.]

مولانا رومي چيو آهي:

لُبوا المعنيٰ مِنَ الفُرقانِ و قل

لا نُفرِقُ بَيْنَ اَحَاديث الرّسُلِ

[معنيٰ: سڀ معنيٰ قرآن مجيد مان ڳولي هٿ ڪر، چو ته اسين رسولن جي ڳالهين (هدايتن) ۾ فرق نٿا ڪريون.]

درمعاني قسمت واعداد نيست

در معاني تجزيه و افراد نيست

[معنيٰ: معنيٰ ۾ انگ ۽ ونڊ (حساب) نه آهي معنيٰ ۾ جدا ۽ الڳ هجڻ جو تصور نه آهي.]

اتحاد يار با ياران خوش است

پائي معنيٰ گير صورت دلکش است

[معنيٰ: يارن جو يارن سان اتحاد وڻندڙ آهي، معنيٰ کي مضبوط جهل (چو ته) صورت صرف ظاهري طور وڻندڙ آهي.]

آفت ادراک آن قيل است قال

خون بخون شُستن محال است ومحال

[معنيٰ: سمجهه جي سڄي مصيبت قيل ۽ قال آهي، جيئن رت کي رت سان ڌوئڻ محال آهي.]

گر بصورت آدمي انسان بُدي

احمد و بوجهل يکسان بُدي

[معنيٰ: جيڪڏهن صرف صورت سان هرڪو ماڻهو انسان هجي ها ته احمد نبيﷺ ۽ ابوجهل برابر هجن ها.]

جمله حيوان را پئي انسان بکش

جمله انسان را بکش از بهراش

[معنيٰ: سڀني جانورن کي هڪ انسان لاءِ قربان ڪر پر باقي سڀني انسانن کي هن ذات (انسان) لاءِ قربان ڪر.]

سلطان الاولياء فرمايو: حقيقي مُرشد ڪانسواءِ ٻين تي راز جو لِڪائڻ، ظاهر ڪرڻ کان ڀلو آهي. (جيڪي) مرشد کي راز ٻڌائي پوءِ ان کي هر هڪ تي ظاهر نه ڪر.

❖ **آئون چوان ٿو:** راز اهو آهي، جيڪوسالڪ تي حق جون تجليون، روشنيون ظاهر ڪري، مڪاشفا، عروج ۽ نزول به. پوءِ اهو سڀ ڪجهه فضيلت آهي، مرشد کان سواءِ باقي ٻين کان لڪائڻ ضروري آهي. ڪن سالڪ چيو آهي ته، ڪرامت کي ظاهر ڪرڻ خراب شيءِ آهي ۽ ٻين تي ظاهر ڪرڻ عروج کان روڪي ٿو. پوءِ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ کان بچاءِ. شريعت جي ڪيترن ڳالهين ۾ پوڻ کي ظاهر ڪرڻ بابت چيو اٿن ته، هي اُن مان آهي، جيڪو چاتو ويندو آهي ۽ لِڪايو ويندو آهي. جيئن ڪتاب 'البحر' ۾ آهي ۽ (ڪتاب) **'در المختار'** ۾ آهي ته، هيءُ ان مان آهي، جيڪو چاتو ويندو آهي ۽ لِڪايو ويندو آهي. پوءِ ان تي باطني ڳالهين جو لڪائڻ لازم ڪيئن نه آهي؟

حديث شريف ۾ آيو آهي ته :

"من كتم سرّه فسوف يحصل مقصوده استعينوا عليٰ اموركم بالكتمان"

[ترجمو: جنهن پنهنجو راز لِڪايو اهو جلد ئي پنهنجو مقصد حاصل ڪندو، پنهنجي رازن کي لڪائڻ سان مدد طلب ڪريو.]

مولانا رومي چيو آهي:

عارفان که راز حق دانسته اند

رازها دانستئه و پوشيده اند

[معنيٰ: جيڪي عارف الله جو راز ڄاڻن ٿا، انهن جا ڄاتل راز پڻ لِڪل هوندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: الله تعاليٰ جي ذات کان وڌيڪ ويجهي ڪابه شيءِ نه آهي ۽ الله جي ذات کان پري به ڪا شيءِ نه آهي. اها ڳالهه الله تعاليٰ جنهن لاءِ آسان ڪري يا مشڪل ڪري. هي ان جي چئي مان آهي، جيڪو الف و النشر المرتب ۾ چيل آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَفِي أَنفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ [الذاريات51:21]

[ترجمو:توهان جي اندر ۾ موجود آهيان، ته پوءِ چو نه ٿا ڏسو.]

ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

أَنَّ اللَّهَ يَحُولُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهِ [انفال: 23]

[ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ انسان ۽ سندس دل جي وچ ۾ آهي.]

ٻي آيت ۾ آهي:

وَنَحْنُ أَقْرَبُ [9] إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ [ق :16]

ترجمو: ۽ اسان ڪيس سندس ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون.]

پوءِ الله سبحانہ تعاليٰ پنهنجي ٻانهي کي انتهائي ويجهو آهي، جڏهن ته ٻانهو گناهه ڪرڻ ڪري دل جي چڙهيل ڪٽ سبب الله کان پري آهي. نه ته هو ان جي ويجهو آهي.

جيئن (شيخ سعدي) شيرازي چوي ٿو:

دوست نزديک تر از من بمن است

واين عجب تر کہ من ازوي دوم

[معنيٰ: مون کي منهنجو دوست مون کان وڌيڪ ويجهو آهي ۽ هي عجب آهي جو مان ان کان پيو آهيان.]

پوءِ جڏهن الله تعاليٰ اُن کان پنهنجي ذات کي پري ڪندو آهي ته پوءِ ڪابه شيءِ اُن کان پري نه آهي. پوءِ هيئن ٿي پوندو آهي ته اُن جهڙو ڪو به نه آهي پوءِ جيڪڏهن چيو وڃي ته مُريد جي دل تي نظر وجهڻ سان ان جي دل جُرندي آهي ۽ اها دل الله تعاليٰ کي ياد ڪندي آهي ۽ ارشاد جو مقصد به اهوئي آهي ۽ انهيءَ ۾ اهو نه ذڪر ڪيائين. چيو ويو ته اهو صحبت سان حاصل ٿيندو آهي ۽ نه زباني حڪم ڪرڻ سان. ‘**مڪتوبات احمديه**’ ۾ آهي الله جي ذات پري هجڻ جي ڪري نه پر وڌيڪ ويجهڙائي جي ڪري مخفي آهي. جيئن وڏي مُرشد (سلطان الاولياءِ) ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو جو فرمايائون ته بيشڪ هو وجود ۾ وڌيڪ ويجهو آهي ۽ وُجدان ۾ پري آهي.

مولانا رومي چيوآهي:

نَحۡنُ اقرب گفت من حَبل الورید
تو فگندي تیر فکرت را بعید

[معنيٰ: الله سائين فرمايو آهي ته آئون توهان کي ساهه جي رڳن کان وڌيڪ ويجهو آهيان. تون پنهنجي فڪر جا تير پري پيو اُڇلائين.]

چون دبیرستان صوفي زانو است
حل مشکل را دو زانو جا دوست

[معنيٰ: صوفيءَ جو مڪتب سندس گوڏا کوڙي وِيهڻ (مراقبو) آهي، هر قسم جي مُشڪل گوڏن کوڙڻ سان حل ٿي ويندي آهي.]

هر که اوگردد مراقب خویشتن
حاجتش نبود قیامت آمدن

[معنيٰ: جنهن پاڻ کي مراقبي ۾ ڪيو، ان جي ضرورت قيامت کان اڳ پوري ٿي وئي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ارشاد جو مقصد صُحبت آهي، پيو مقصد هي آهي ته پنهنجي رضا کي مُرشد جي رضا ۾ چڏڻ گهرجي ۽ زباني ارشاد مان مراد مُريد ۽ مُرشد جي وچ ۾ تعين ڪرڻ آهي. اصحابي سڳورن جي زماني ۾ نبي ڪريمﷺ جي مطلق صُحبت ئي ڪافي هئي.

❖ **آئون چوان ٿو:** مولانا رومي چيو آهي:

فقر خواهي آن بصحبت قائم است
نه زبان دروي بکار آید نه دست

[معنيٰ: فقر گهرين ٿو ته اهو (الله وارن جي) صحبت سان قائم آهي، اتي زبان ۽ هٿن جو ڪم نه آهي.]

چون شوي دُور از حضور اولياء

در حقيقت گشتئه دُور از خدا

[معنيٰ: تون جڏهن اوليائن کان پري ٿيئن، سمجھ ته حقيقت ۾ خدا کان پري ٿيو آهين.]

خاک پاکان ليسي و ديوار شان

بهتر ازعامه گل و گلزار شان

[معنيٰ: ڀلارن جي مٽي ۽ ديوار کي چٽڻ عام ماڻهن جي گل و گلزار کان بهتر آهي.]

بر دل خود نه گم انديشه معاش

عيش گم نايد تو بر درگاه باش

[معنيٰ: روزي وڃڻ جو پنهنجي دل ۾ فڪر نه ڪر. رزق ڪونه گهٽبو آهي، تون خدمت ۾ لڳو رهه.]

پيش شاهان گر حذر باشد بجان

ليک نشکيبند عالي همتان

[معنيٰ: جيتوڻيڪ بادشاهه جي اڳيان ويهڻ ۾ جان جو خطرو آهي پر بلند همت ۽ صبر وارن کي پرواهه نه آهي.]

عيسيٰ روح تو با تو حاضر است

نصرت ازوي خواه که اوخوش ناظراست

[معنيٰ: تنهنجو اصلي روح (جيارينڌڙ) توسان گڏ آهي، ان کان مدد وٺ اهو چڱي طرح ڏسندڙ آهي.]

زندگي تن مجو از عيسيت

کام فرعوني مخواه از موسيت

[معنيٰ: زندگي عيسيٰ کان نه گهر. فرعون وارو ڪم حضرت موسيٰ کان نه وٺ.]

معجزات از بر قهر دشمن است

بوي جنسيت پئي دل بردن است

[معنيٰ: معجزا دشمن جي ڊيڄارڻ لاءِ آهن پر ساڳي جنس جي بوءِ دل کي ڇڪيندڙ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: توحيد جو امر اُبتڙ آهي جيڪڏهن توحيد جي معاملي تي گفتگو ڪبي ته هر ڪو نه سمجهندو ۽ ارادي واري طريقي تي ڪو نه بيهندو بلڪ ماڻهو گمان ڪندا ته اهو چريو آهي.

آئون چوان ٿو: حديث شريف ۾ آهي ته:

”لا يؤمن احدکم حتيٰ يقال انہ مجنون“

[ترجمو: ايستائين ڪو به مومن نٿو ٿئي جيستائين چيو وڃي ته هو چريو آهي.]

از وصالش قرب جستم زآن بعيد [10]افتاده ام

بعد خواهم جست ازوي تا قريب افتد وصال

[معنيٰ: مون جيترو هن جي وصال جي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، اوترو ان کان پري وڃي ڪِريس پر جڏهن هن کان پري ٿيڻ چاهيم ته ان جو وصال ويجهو ٿيو.]

سلطان الاولياء فرمايو: سلوڪ جي راھ ۾ اهڙو عجيب نُقطو ۽ دقيق اشارو آهي، جو ان نُقطي کي الڳ ۽ جدا فڪر وارن کان سواءِ ٻيو ڪو نٿو سمجهي. مطلب ته جيڪو هڪڙو ڪلام ٻُڌي ۽ معنيٰ ٻي وٺي.

❖ **آئون چوان ٿو:** علم نُقطو آهي، عقل مند لاءِ اشارو ڪافي آهي.

رموز عاشقان عاشق بدانند

رموز پُختگان زنان چه دانند

[معنيٰ: عاشقن جون رمزون عاشق ئي ڄاڻن، پڪن پختن جون رمزون عورتون ڇا ڄاڻن.]

حافظ شيرازي چيو آهي:

آنکس ست اهل بشارت که اشارت داند

نکتها هست ولي محرم اسرار کجا است

[معنيٰ: اشارن جي ڄاڻ وارا ئي اشارا سمجهن ٿا، نُڪتن جا اسرار آهن پر اهي محرم راز ڪٿي آهن.!]

سلطان الاولياء فرمايو: بادشاھ لاءِ وزير لازم آهي، جڏهن بادشاھ وٽ ڪاوڙ يا بربادي وارو ڪم آڏو ايندو آهي ته هو ڪيس نصيحت ڪندو آهي يا رد ڪرڻ جي صلاح ڏيندو آهي.

آئون چوان ٿو: حديث شريف ۾ آيو آهي ته:

اذا اراد الله بعبد خيراً جعل له وزيراً صالحاً

[ترجمو: الله سائين جڏهن ڪنهن ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو ڪندو آهي ته ان لاءِ صالح وزير (سٺو صلاحڪار) عطا ڪندو آهي.]

عقلمندن وٽ ٻئي محتاج آهن. بادشاه عقل جو محتاج آهي ۽ وزير بخت جو محتاج آهي. اهڙو گهٽ ماڻهو هوندا آهن، جنهن ۾ ٻئي شيون گڏ هجن.

شه سليمان آصف چون وزير

نور بر نور است عنبر بر عنبير

[معنيٰ: جڏهن بادشاه حضرت سليمان آهي ته آصف (بن برخيا) جهڙو وزير آهي. مطلب ته نور تي نور عنبر تي عنبير آهي.]

شاه محمود و وزيرش چون اياز

باعث خو بيست بي حد دراز

[معنيٰ: جڏهن بادشاه سلطان محمود هجي ۽ وزير اياز هجي، تڏهن اها ڳالهه بيحد وڏي خوبي جو سبب آهي.]

شاه چون موسيٰ چون هارون وزير

نه چون فرعون و چون هامان نابصير

[معنيٰ: جڏهن بادشاه حضرت موسيٰ هجي ته وزير حضرت هارون هجي. ليڪن بادشاه فرعون جهڙو ۽ هامان جهڙو ناسمجهه وزير نه هجي.]

دل بود بادشاه تو عقل تو وزير

اي چنين شاه و وزيري را بگير

[معنيٰ: دل تنهنجي بادشاهه هجي عقل تنهنجو وزير هجي اهڙي بادشاهه ۽ وزير کي وٺ.]

سلطان الاولياء فرمايو: بيت:

اَحَبَّ قَلْبِي وَمَادَرِيٰ بَدَني
وَلَوْ دَرِيٰ مَا قَامَ فاالسّمنيْ

[معنيٰ: منهنجي دل وجي عشق ۾ ڦاٿي پر منهنجي بدن کي خبر نه پئي، جيڪڏهن بدن کي سمجهه هجي ها ته ڪائي پي ٿلهو نه ٿئي ها!]

❖ **آئون چوان ٿو:** هي بيت شبلي جو آهي. هن ائين تڏهن چيو جڏهن ماڻهن شبليءَ کان محبت جي دعويٰ بابت پُڇيو چو ته هو بدن ۾ سٺيو (ٿلهو) هو. مڪتوبات ۾ آهي ته ”ياد ڪرد“ واري حالت ۾ آرام ۽ قرار ڪونه هوندو آهي پر جڏهن ”ياد داشت“ وارو مقام حاصل ٿيندو آهي، تڏهن ان بي آرامي ۽ بي قراري مان ڇوٽڪارو ملندو آهي. ان ڪري ڪيس سگهوئي ”حق اليقين“ حاصل ٿيندو آهي، پوءِ جڏهن وٽس دوست وجود سان گڏ حاضر هوندو آهي، تڏهن ڪيس ان وقت تڪلف سان به نه ڇڏيندو آهي، چوته اتي قرار نه اچڻ جي صورت ئي ڪونهي. بلڪ هتي عشقِ مجازي جي خلاف (ان وقت) وڌيڪ قرب لاءِ عدم جميعت غالب ٿيندي آهي.

آنرا که در سرائي نگار است
فارغ از باغ بوستان تماشائي لاله زار است

[معنيٰ: جيڪو پاڻ محبوب جي محل ۾ آهي، اهو باغ بُستانن جي تماشي کان واندو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ماڻهو سمجهن ٿا ته الله جي محبت آسان شيءِ آهي. هو اهو نٿا سمجهن ته ان کان وڌيڪ سخت ۽ ڏکي شيءِ ڪابه نه آهي پر جنهن لاءِ الله آسان ڪري.

❖ **آئون چوان ٿو:** الله تعاليٰ فرمايو آهي:

أَمْ حَسِبْتُمْ أَن تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَأْتِكُم مَّثَلُ الَّذِينَ خَلَوْا مِن قَبْلِكُم مَّسَّتْهُمُ الْبَأْسَاءُ وَالضَّرَّاءُ [البقرة:214]

[ترجمو: پلا اوهان کي هيءُ خيال ڪيئن آيو آهي ته اوهين جنت ۾ داخل ٿيندئو، هوڏانهن اوهان تي انهن جهڙي حالت پيش نه آئي آهي، جيڪي اوهان کان اڳي گذري ويا، انهن کي سختي ۽ تڪليف سان مُنهن ڏيڻو پيو.]

هرکه عاشق شد اگر چه نازنين [11] عالم است

نازکي که راست آيد بار مي بايد کشيد

[معنيٰ: جيڪو عاشق ٿيو پلي ڪٿي جهان جو نازڪ حسين هجي پران کي هاڻي عشق جي چڪتاڻ برداشت ڪرڻي پوندي.!]

نقل: حضرت ذوالنون مصريءَ کان نقل ڪيو ويو آهي ته پاڻ هڪڙي هيدي رنگ واري ماڻهوءَ کي ڏٺائين، جنهن جو بدن ڪمزور هو. حضرت ذوالنون ان شخص کان پُڇيو ڇا تون عاشق آهين؟ همراه جواب ڏنو ته هائو. وري کانئس پڇيائين ته تنهنجو معشوق ويجهو آهي يا پري؟ چيائين ويجهو آهي، هميشه منهنجي گهر ۾ آهي ۽ مون سان محبت ڪندڙ آهي بلڪ منهنجي نظرن

جي اڳيان حاضر آهي. بزرگ چيو ته پوءِ اهو فراق ۽ جدائي ڪيئن ٿي؟ ڇيائين ته تون عاشقن جي احوال کان غافل آهين. بيشڪ ان حالت جي بدلجڻ جو ڊپ وصال جي قُرب واري اُميد کان وڌيڪ سخت آهي.

چون فراقش ياد مي آيد ز مو بار يڪ تر گردم

چو روزي وصل ياد دارم شوم در حال آن فربه

[معنيٰ: جڏهن هن جو فراق ياد پوي ٿو ته وار کان سنهو ٿي وڃان ٿو پر جڏهن هن جو وصل ياد پوي ٿو ته تندرست توانو ٿي پوان ٿو.]

حافظ شيرازي چيو آهي:

پرسيدم از طبيبي احوال دوست

گفتا في قُربِها عذاب وفي بُعدها سلامته

[معنيٰ: مون طبيب کان دوست جو احوال پُڇيو، چيائين ته ويجهڙائي ۾ عذاب آهي ۽ پري هجڻ ۾ سلامتي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جيڪڏهن طالب جي طلب جو مقصد سچو آهي ته ڪجھ حصو دنيا ۾ حاصل ڪندو ۽ ڪجھ نزع جي حالت ۾ نه ته مرڻ کانپوءِ يقيني حاصل ڪندو. اهو مقصد الله تعاليٰ جو قُرب آهي ۽ الله تعاليٰ جي قرب جي ڪا حد مقرر نه آهي. هر هڪ تي اهو قرب ظاهر ٿيندو آهي.

ذوق اين مئي نشناسي بخدا تا نه چشي

[معنيٰ: هن شراب جي لذت تيستائين نه سمجهندين، جيستائين ان کي نه چکندين!.]

❖ **آئون چوان ٿو:** الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَالَّذِينَ جَاهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا [العنكبوت: 69]

[ترجمو: ۽ جن الله جي راهہ ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪئي، تن کي اسين ضرور پنهنجا رستا ڏيکاريندا سون.]

گر نشايد بدوست ره بردن
شرط ياري ست در طلب مُردن

[معنيٰ: جيڪو دوست ڏانهن وڃڻ جو رستو نٿو چاهي ته پوءِ ياري جو شرط يار جي طلب ۾ مرڻ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيا خطرا پنهنجي دل تان ميساريا، اهو فقيرن جي ٽولي ۾ داخل ٿيو.

❖ **آئون چوان ٿو:** اهي ڪهڙا خطرا آهن جن ڏانهن مُرشد سائينءَ جو اشارو آهي. اهي خطرا هي آهن. (گناهہ) اهو آهي جيڪو تنهنجي دل ۾ کُٽڪي.

غير خدا هر چه پرستند هيچ نيست
بي دولت است آنکه به هيچ اختيارکرد

[معنيٰ: جيڪي خدا کان سواءِ پوڄين ٿا اهو ڪجھ به نه آهي، اها دولت تڇ آهي جيڪي اختيار ڪن ٿا.]

از حادثات در صف آن صوفيان گريز
گر بود غم کنند ز نابود شادمان

[معنيٰ: اهڙن صوفين جي ڳالهين ڪان پري پچ، ڇو ته جيڪڏهن انهن وٽ ڪجھ هوندو آهي ته غم ڪندا آهن، نه هوندو اٿن ته خوش ٿيندا آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: فقر جا طريقا گهڻا آهن جنهن به طريقي ۾ هلندا ته مقصد تائين پُهچندا.

آئون چوان ٿو: حضرت علي سائين رضه فرمايو ته :

”من طلب شيئاَ جدّ وجد“

[يعني: جنهن طلب ڪئي ۽ ڪوشش ڪئي ته ان کي لڌائين (اها شيءِ حاصل ڪيائين)].

توڙي جو طلب ۾ مري ويو، اهو شهيد ٿي مئو ۽ قيامت جي ڏينهن طلب ۽ حبّ جي ڪري اوليائن جي جماعت مان اُٿاريو ويندو. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته:

”من احبّ قوماَ فهو منهم“

[ترجمو: جيڪو جنهن قوم سان محبت ڪري ٿو ته پوءِ (قيامت ۾) اهو انهن سان گڏ هوندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪي فقير گُمان ڪن ٿا ته ذڪر ۾ ڪنڌ جو ڌوڻڻ مقصود آهي پر ائين هرگز نه آهي. بلڪ سيني جو آواز، ڪنڌ ڌوڻڻ ۽ قرار يا آرام جو نه هجڻ يا سماع جي وقت وجد اهو شروعاتي [12] حال آهي، جيڪا ڪچائي آهي ۽ محققن (پڪن صوفين) وٽ غلط آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** سنڌي بيت جي هيءَ مصرع ان ڳالھ تي دليل آهي:

”سچڻ جي سارين نڪي رونِ نه چونِ ڪي“

مولانا رومي چيو آهي:

راه فاني گشته راه ديگر است

زانکه هوشياري راه ديگر است

[معنيٰ: فنا حاصل ڪرڻ وارو رستو ٻيو آهي ۽ هوشياري وارو رستو ٻيو آهي.]

عارف آن باشد که او فاني بود

هرکه فاني نيست عارف کي بود

[معنيٰ: عارف اهو آهي جيڪو فاني ٿي چڪو هجي، جيڪو فاني نه آهي اهو عارف ڪيئن سڏبو؟]

سلطان الاولياء فرمايو: فقير لاءِ اهو سامان ڪافي آهي جيڪو جيڪڏهن ڇڏي ڏئي ته دل ۾ کُٽڪو نه ٿئيس. جيڪڏهن ڪٽيس ته نه ٻَڌي (ايترو ٿورو هجي) .انهن ٻنهي کان وڌيڪ هلاڪت آهي.

آئون چوان ٿو: حديث شريف ۾ آيو آهي ته :

‘‘**نجي الخففون وهلک المثقلون**’’

[ترجمو: هلڪي بار وارا ڇوٽڪاري وارا ٿيا ۽ ڳري بار وارا هلاڪ ٿيا.]

سلطان الاولياء فرمايو: اهو ٿورو جيڪو پُورائو ڪري، ان گهڻي کان ڀلو آهي جيڪو غافل ڪري.

آئون چوان ٿو: دنيا جو سامان طالوت جي نهر وانگر آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

إِنَّ اللَّهَ مُبْتَلِيكُم بِنَهَرٍ فَمَن شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّي وَمَن لَّمْ يَطْعَمْهُ فَإِنَّهُ مِنِّي إِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةً بِيَدِهِ [بقرة:249]

[ترجمو: بيشڪ الله اوهان کي هڪ نديءَ سان آزمائڻ وارو آهي، پوءِ جيڪو ان مان پاڻي پيئندو سو منهنجو نه آهي ۽ جيڪو نه پيئندو اهو منهنجو آهي. مگر اهو جنهن پنهنجي هٿ سان (رڳو) هڪ لپَ پري پيتي.]

حُجَّة الاسلام امام غزالي فرمايو آهي ته دنيا جو سامان ست شيون آهن. جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ مِنَ النِّسَاءِ وَالْبَنِينَ وَالْقَنَاطِيرِ الْمُقَنطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْأَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ذَٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا [آل عمران:14]

[ترجمو: ماڻهن لاءِ خواهشن جي محبت وڻندڙ آهي. جيئن زالون، پُٽ، سون ۽ چانديءَ جا ميڙيل خزانا، نشان وارا گهوڙا، مال متاع ۽ کيتي يا زمين پر اهي سڀ رڳو دنيا جي حياتيءَ جو سامان آهن.]

پس ازسي سال اين معنيٰ محقق شد بخاقاني
که يکدم با خدا بودن به از ملک سليماني

[معنيٰ: ٽيهن سالن کانپوءِ خاقاني کي اها پڪي خبر پئي ته خدا سان هڪڙي گهڙي حضرت سليمان جي بادشاهيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي.]

پس از سی سال روشن گشت بر خاقانی این معنی
که سلطانی است درویشی و درویشی است سلطانی

ز ديوان ازل منشور كاول در ميان آمد
امیری جمله را دادند وسلطانی به خاقانی

شمارهٔ ۲۲۱ - در موعظه و حکمت و مرثیهٔ امام ناصر الدین ابراهیم

خاقانی » دیوان اشعار » قصاید

/ https://ganjoor.net/khaghani/divankh/ghasidekh/sh221

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن کي ”هوش در دم“ جو شُغل حاصل ٿيو ته ان کي ٿئي شغل (”ياد ڪرد“ ۽ ”ياد داشت“ سوڌو) حاصل ٿيا.

سلطان الاولياء فرمايو: انسان ۽ انسانيت ۾ وڏو فرق آهي انسان واري صفت انسان کي گهڻي وقت کانپوءِ حاصل ٿيندي آهي. انسانيت خدا جي بخشش آهي، اها تڪليف کانسواءِ نٿي حاصل ٿئي يا جنهن کي الله جي مدد ٿئي.

❖ **آئون چوان ٿو**: بيت:

آدمي را آدميت لازم است
ورندارد بوئي صندل هيزم است

[معنيٰ: انسان لاءِ ”انسانيت“ واري خوشبوءِ لازم آهي، جيڪڏهن اها نه اٿس ته سُڪل ڪاٺين جي پري آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حقيقي شفا دوائن ۾ نه آهي. ڪڏهن طبيعت جي خلاف شين ۾ فائدو هوندو آهي. ڪڏهن وري مزاج موافق شيون بيمار ڪنديون آهن. دوائون توڪل جي خلاف نه آهن، دوا جي اجازت (رخصت) ثابت آهي پر عزيمت ڇڏڻ ۾ آهي. جيئن حديث

شريف ۾ آهي ته، اي ٻانهؤ! دوا ڪرايو، پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ ڪابه اهڙي بيماري نه خلقي آهي، جنهن جي دوا نه هجي، سواءِ سرسام، ڪراڙپ ۽ موت جي بيماري جي. ائين علامه جعفر بوبڪائي جي ڪتاب '**المتانة**' ۾ آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** مولانا جامي چيو آهي:

قاعده طب که بقانون نهاد

پائي نه از قاعده [13] بيرون نهاد

[معنيٰ: طب جو قاعدو قانون سان هلڻ آهي، قانون کان ٻاهر پير نه رکڻ گهرجي.]

ليک نهان ساخت بر اهل طلب

روئي مسبّب بحجاب سبب

[معنيٰ: طلب وارن تي اها ڳالهه لڪل آهي ته مسبب الاسباب ئي سڀ ڪجهه لڪائي ڇڏيو آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ظاهري عالم خيال ڪن ٿا ته سندن مُنهن ڪتاب ۾ هجي پر فقير ان جي خلاف آهن.

❖ **آئون چوان ٿو:** بيت:

علمي که ره بدوست برد در کتاب نيست

واين ها که خوانده ايم همه در حساب نيست

[معنيٰ: دوست ڏانهن وٺي وڃڻ وارو علم ڪتابن ۾ نه آهي. هي جيڪو اسان پڙهيو اهو ڪنهن حساب ۾ نه آهي.]

هتي ظاهري مان مراد ٻيا ڪتاب آهن، حديث، تفسير ۽ فقه جا ڪتاب مراد ناهن. ڇو ته هي ڪتاب ديني علم بابت لکيل آهن ۽

دين اسلام ۾ ڪمال ايستائين حاصل نه ٿيندو، جيستائين هنن ڪتابن کي چڱي طرح نه پڙهبو ۽ چڱي طرح مطالعو نه ڪبو.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ذَٰلِكَ الْكِتَابُ لَا رَيْبَ ۛ فِيهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِينَ [البقرة2:2]

[ترجمو: اهو (وڏي مرتبي وارو) ڪتاب (قرآن) آهي، جنهن ۾ ڪابه شڪ جي گنجائش نه آهي، پرهيزگارن لاءِ ئي هدايت آهي.]

ڪنهن ڪيڏو نه صحيح چيو آهي ته دين جو علم فقہ ئي ته آهي ۽ جيڪو اهو علم نه ٿو ڄاڻي اهو ڪچو يا خام رهجي ويندو.

مطلب ته، انهن ڪتابن ۾ سراسر هدايت ۽ سڌي رستي تي هلڻ جي ڳالھ آهي. پوءِ سوچيو ۽ سمجهو.

سلطان الاولياء فرمايو: قلندري به فقيرن جو قسم آهي پر قلندر ٻه قسم آهن.

- پهريون قسم هي آهي ته دنيا ۽ بادشاهي جا اسباب ڇڏڻ خِلوت ۽ فقيري اختيار ڪرڻ ۽ زُهد وارا طريقا اختيار ڪرڻ. (خلاف شرع) رسمون ۽ عادتون ترڪ ڪرڻ، عبادتون ۽ نفل ادا ڪرڻ.
- ٻيو قسم هي آهي ته ظاهر ۾ دنيا سان واسطو هجي پر باطن ۾ سيني تعلقن کان فارغ هجي. فرضن کان سواءِ ٻيا نفل ادا نه ڪري. وڌيڪ احوالن جي طلب نه ڪري. مخلوق جي نظرن کان پنهنجا ڪم مخفي رکڻ جو فڪر نه ڪري، نيڪي ۽ گلا جي پرواھ نه ڪري. قناعت ڪندڙ هجي، اسبابن جي نفعي ۽ نقصان جي پرواھ نه ڪري.

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

لَاتَحْزَنُوا عَلَىٰ مَا فَاتَكُمْ [آل عمران: 152] وَلَا تَفْرَحُوا بِمَا آتَاكُمْ [حديد: 22]

[ترجمو: جيڪي به اوهان کان وڃائجي وڃي تنهن تي غم نه ڪريو ۽ جيڪي اوهان کي ڏنو اٿس تنهن تي ڦونڊجي نه وڃو.]

ماڻهن جي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ کان پاڻ کي آزاد سمجهي. اهڙن کي الله کان سواءِ ٻيو ڪو به نٿو ڄاڻي.

(جيئن حديث قدسي ۾ آهي):

"اوليائي تحت قبائي لايعرفهم غيري"

[ترجمو: منهنجا دوست منهنجي قبا (چادر) جي هيٺان آهن، مون کانسواءِ ٻيو ڪير انهن کي نٿو سُڃاڻي.]

اهو ٻيو قسم ڪن احوالن ۾ ملامتي صوفين سان ملندڙ آهي، جيڪي ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جي پرواهه نه ڪندا آهن.

بوعلي قلندر چيو آهي:

گر بو علي نوائي قلندر نواختي

صوفي بدي برآنکه بعالم قلندراست

[معنيٰ: جيڪڏهن بوعلي قلندر جو نغارو نه سُڃاڻي ها ته صوفي هجي ها هاڻي ته جهان ۾ قلندر آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: حديث شريف ۾ اچي ٿو ته:

رجعنا من جهاد الاصغر الي الجهاد الاكبر

[ترجمو: جهاد اصغر کان جهاد اڪبر ڏانهن موٽياسون.]

هيءَ حديث هن ڳالھ تي دلالت ڪري ٿي ته نبي ڪريمﷺ آخري عمر ۾ خلوت اختيار ڪئي هئي. اڳوڻن بزرگن مان به گهڻا بزرگ آخر عمر ۾ خلوت اختيار ڪندا هئا ۽ ان خلوت ۾ ئي عمر پوري ٿيڻ جي تمنا ڪندا هئا. ڪن کي اها تمنا ”خلوت درانجمن“ ۾ حاصل ٿيندي هئي. جيئن ان کي اڳين مجتهد امام اعظم (ابو حنيفه رضه) ڪيو آهي. جڏهن سندس عمر جا باقي ٻه سال بچيا هئا ته تعليم ڏيڻ کي ترڪ ڪري، قرآن جي پڙهڻ کي لڳي ويو. جڏهن وفات ڪيائين، تڏهن سندس شاگردن مان ڪنهن هڪ خواب ۾ ڏٺو ۽ ڪائنس حال پڇيائين؟ تنهن تي (امام صاحب) فرمايو ته، مون کي معاف ڪيو ويو آهي.

”لولا السنتان لهلک النعمان“

[يعني: جيڪڏهن پويان ٻه سال عمر جا نه هجن ها ته نعمان هلاڪ ٿي وڃي ها.]

آئون چوان ٿو: الله تعاليٰ فرمايوآهي:

أَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ [بقرة2:115]

[ترجمو: توهان جيڏانهن مُنهن ڦيريندؤ تيڏانهن الله جو مُنهن آهي.]

مولانا رومي چيوآهي:

خلوت از اغيار بايد ني ز يار

پوستين بهردي [14] آمد نه بهار

[معنيٰ: ڪناره ڪشي غيرن کان ڪبي آهي، نڪي دوستن کان. ڪوٽ سردي ۾ پائبو آهي نه ڪي بهار (وڻندڙ موسم) ۾.]

سلطان الاولياء فرمايو: فقير ڪنهن سان محبت جو رستو نه رکندا آهن. جي رکندا آهن ته ٽوڙيندا نه آهن پر جيڪو انهن کان چاڻي ٻُجهي ٽوڙي (ته ٻي ڳالهه آهي).

❖ **آئون چوان ٿو:** نقل آهي ته اڳوڻي زماني جي بادشاهن مان ڪنهن فقيرن جي جماعت ڏٺي. بادشاهه پُڇيو ته توهان جو ڪهڙو فائدو آهي؟ فقيرن جواب ڏنو ته جيڪو اسان سان محبت رکندو ان جو مال هليو ويندو. جيڪو اسان تي ڪاوڙ ڪندو ان جو ايمان هليو ويندو. تڏهن بادشاهه جواب ڏنو ته اسين نڪو توهان سان محبت رکون ٿا ۽ نه وري ڪاوڙ ڪريون ٿا.

حديث شريف ۾ اچي ٿو ته:

"المرءَ مع من احبّ" يا **"من تشبيه بقوم فهو منهم"**

[ترجمو: ماڻهو اُن سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪري ٿو. جيڪو جنهن سان محبت رکي ٿو اهو ان سان گڏ هوندو، جنهن ڪنهن قوم جو طريقو اختيار ڪيو ته اهو انهن سان هوندو.]

حُب ايشان کليد جنت است

منکر ايشان سزائي لعنت است

[معنيٰ: انهن (اوليائن) جي محبت جنت جي ڪُنجي آهي، انهن جي انڪار جي سزا لعنت آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ست صفتون الله تعاليٰ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ مشترڪ آهن.

هم سميع است هم قدير و هم بصير

متڪلم مريد وحيّ و خبير

[معنيٰ: اُهي صفتون هي آهن:
1. سميع (ٻُڌڻ)،
2. قدير(قدرت)،
3. بصير(ڏسڻ)،
4. متڪلم(ڪلام)،
5. مريد(ارادو)،
6. حيّ (حيات)،
7. خبير(ڄاڻڻ ۽
ڪن وٽ اٺين صفت ”تڪوين“ آهي. الله تعاليٰ صفتن کان بي پرواھ آهي.)]

❖ **آئون چوان ٿو:** مولانا جامي چيو آهي:

هستي واجب يکي آمد بذات
هست تعدد ز شيون وصفات

[معنيٰ: واجب هستي هڪڙي آهي، باقي ڪثرت صفتن ۽ شيون جي ڪري آهي.]

کثرت صورت ز صفات است بس
اصل همہ وحدت ذات است و بس

[معنيٰ: صورت جي گهڻائي صفتن جي ڪري آهي، اصل وحدت واري ذات هڪ آهي.]

بين که بعالم زسمک تا سما
نيست بجز واجب ممکن نما

[ترجمو: تون اڪيون پنھي ڏس زمين کان آسمان تائين واجب ڪانسواءِ ٻيو ڏسڻ ۾ ممڪن نه آهي.]

بحر يکي موج هزاران هزار

روئي يکي آئينهائي بيشمار

[معنيٰ: سمنڊ هڪڙو آهي ڇوليون هزارين اٿس. چهرو هڪڙو آهي آرسيون (آئينا) بي شمار آهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: نفي ۽ اثبات ۾ ٽي شُغل آهن. پهريون ”لا مقصود.“ آهي، ٻيو ”لاموجود“ آهي ۽ ٽيون ”لا معبود“ آهي ۽ نفي جو طريقو طالب تي سخت آهي پر مُرشد جي مدد سان آسان آهي. پوءِ جنهن اسان کان نفي جو شغل طلب ڪيو، تنهن کي بنا نقصان حاصل ٿيندو ۽ مقصد تائين پهچندو ۽ مراقبي جو اهو طريقو طالب تي آسان آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** ’مڪتوبات (احمديه)‘ ۾ آهي ته نفي دلين لاءِ صيقل ۽ روات آهي ۽ مراقبو محبوب لاءِ انتظار آهي. مريد جي لاءِ ضروري آهي ته مراقبي وقت ٻليءَ وانگر هجي، جيڪا ڪوئي جي پڪڙڻ لاءِ پنهنجي ساهه کي به بند ڪندي آهي.

حديث شريف ۾ آهي:

”المنتظر للصلاة کانه في الصلاة“

[ترجمو: جيستائين توهان انتظار ۾ آهيو، تيستائين نماز ۾ آهيو.]

انتظار دوست بُردن دوست دانستن بود

هم وقوف قلب باشد ياد کردن هم بود

[معنيٰ: دوست جو انتظار ڪرڻ دوست کي چاڙڻ آهي، دل جو وقوف (ترسڻ) به ياد ڪرڻ ئي آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: بيشڪ سالڪ آسمان ۽ ان ڏانهن عروج (چڙهڻ) وقت جيڪي عارضي توڙي ذاتي تجليون ۽ ان کانسواءِ ٻيا نور ۽ رنگ ڏسي ٿو، اهي سڀ الله تعاليٰ جي نالن جو اولڙو ۽ تعينات جو عڪس آهن، جيڪي دل تي وارد ٿين ٿا پر اصل مقصود دل آهي ۽ هميشه غير کان دل جي حفاظت ڪرڻ ضروري آهي.

آئون چوان ٿو: حديث شريف آيو آهي ته:

"**لايسعني** [15] **ارضي ولاسمائي ولاكن يسعني قلب عبد المؤمن**"

[ترجمو: مون کي هيءَ زمين ۽ هي آسمان نٿو سمائي سگهي پر مومن يعني ٻانهي جو قلب ئي سمائي سگهي ٿو.]

مولانا جامي چيوآهي:

گُلبن جان را گر بگل کاشتند

آرزوئ غُنچه دل داشتند

[معنيٰ: ساهواري گلاب جي گُل کي جڏهن مٽيءَ ۾ پوکيائون ٿي، تڏهن ئي منجهس دل جي باغ ڏانهن لاڙو وجهي ڇڏيائون.]

چرخ وفلک آنچه بود درخمش

وآنچه خرد نام نهد عالمش

[معنيٰ: آسمان ۽ ان جي هيٺان جيڪي آهي دانائن ان جو نالو جهان رکيو آهي.]

در وسعت دائره دل گم است

آن همہ چون قطره و دل قلزم است

[معنيٰ: انهيءَ دائري جي وُسعت ۾ دل گم آهي، اهو سڀ هڪ ڦڙي وانگر آهي پر دل پاڻ درياء آهي.]

آنچه خدائي همہ گنجد درو

اين همہ پيدا است چه سنجد درو

[معنيٰ: خدا جي سڄي خدائي ان ۾ سمائجي سگهي ٿي،اهو سڀ ڪجهه ظاهر آهي ان جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪي اهل ظاهر چون ٿا ته لفظ اِلہٰ جُزئي آهي ۽ محققن وٽ ڪُلّي آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آهي**:**

قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِندِ اللَّهِ [النساء:78]

[ترجمو: اي پيغمبرﷺ فرمايو ته (ڀلائي ۽ برائي) سڀ الله وٽان آهي.]

❖ **آئون چوان ٿو:** جڏهن منطقين وٽ خدا جو غير ڪُلي، سمورا حيوان ناطق آهن. پوءِ

ڇا جي لاءِ هي ڳالهه ناجائز آهي ته الله تعاليٰ ڪُلي هجي. انسان هن حيثيت سان ته انسان آهي پوءِ اهو ڪُلي آهي ۽ زيد هن حيثيت سان ته اهو زيد آهي. پوءِ اهو ڪُلي آهي جُزئي ناهي.

جز و با كل متصل در امور

بلک کل بي جزو نامد درظهور

[معنيٰ: هر ڪم ۾ جُز ڪُل سان ڳنڍيل آهي، بلڪ ڪُل جُز کانسواءِ ظهور ۾ نه ايندو آهي.]

حافظ شيرازي چيو آهي:

گلشن حسنت خود شد دلفروز

ما دمي همت در آن بگذاشتيم

[معنيٰ: تنهنجي حُسن جو باغ پاڻهي دل کي ڇڪيندڙ نه ٿيو آهي. اسان جي همت جو ساھ ان ۾ پيل آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: ڪي عارف موت جي تمنا ڪن ٿا، انهن منجهان هڪڙو مولانا رومي به آهي. جو چوي ٿو**:**

روح دارد بي بدن بس کاربار

مرغ باشد درقفس بس بيقرار

[معنيٰ: بدن کانسواءِ روح بيڪار آهي، جيئن پڃري ۾ پکي بيقرار آهي.]

مرگ که اين جمله ازدرو وحشتند

مي کند اين قوم بروي ريشخند

[معنيٰ: اهي سڀ موت کان ڊپ ۾ آهن پر هيءَ قوم ان موت تي کلي خوش ٿئي ٿي.]

که او نيا بد بردل ايشان ظفر

بر صدف آيد ضرر نه بر گهر

[معنيٰ: موت انهن جي دلين تي فتحمند نه ٿوٿئي، ڇو ته سَپ تي گهاءُ لڳي سگهي ٿو پر موتي کي (جو ان ۾ اندر آهي) نه!.]

چونک اندر مرگ بيند صد وجود

همچون پروانه بسوز اند وجود

[معنيٰ: جيئن ته هو (ولي) موت ۾ سئو وجود ڏسندو آهي، تنهنڪري هو پتنگ وانگر پاڻ کي ساڙائي ڇڏيندو آهي.]

شد هوائي مرگ طوق صادقان

که يهودان را بدان دم امتحان

[معنيٰ: سچا (سالڪ) موت جو ڳٽ (سينگار) چاهيندا آهن پر يهودين (ڪوڙن) جي ان ۾ آزمائش آهي (جيڪي موت کان ڀڄندا آهن).]

اُقتلوني اُقتلوني يا ثقات

ان في قتلي حياتاَ في الحيات

[معنيٰ: (قول منصور) اي منهنجا عقيدت مندؤ! مونکي قتل ڪريو، مونکي قتل ڪريو، ڇاڪاڻ ته منهنجي مرڻ ۾ حياتي ئي حياتي آهي.]

يا منير الخد يا روح البقا

اجتذب روحي وجدلي باللقاء

[معنيٰ: اي چمڪندڙ ڳلن وارا، اي بقا بخشيندڙ روح، منهنجي روح کي ڇِڪي (ڪڍي) جلد پاڻ سان ملاءِ.]

لي حبيبي حبہ يشوي الحشاء

لويشاء يمشي عليٰ عيني مشاء

[معنيٰ: اي منهنجا دوست! اها محبت منهنجي آندن کي (باه تي) پچائي ٿي. جيڪڏهن هو چاهي ته منهنجي اکين کي پلي اچي لتاڙي.]

حضرت شيخ مجدد (الف ثاني قدس سره) فرمايو آهي ته مولانا رومي صاحب جي موت جي تمنا ڪرڻ سُني نه آهي، بلڪ ان تي هي اعتراض وارد ٿئي ٿو ته جڏهن الله تعاليٰ حياتيءَ ۾ راضي آهي ته اها ڀلي آهي، جيڪڏهن رب تعاليٰ موت ۾ راضي آهي ته اهو ڀلو آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** فقه جي ڪتابن ۾ آهي ته موت جي گهُر ڪرڻ مڪروه آهي، البت جڏهن ڪبيرن گناهن ۾ ڦاسڻ جو خوف ظاهر ٿئي.

حديث قدسي ۾ اچي ٿو:[16]

“من لم يصبر عليٰ بلائي و من لم يرض بقضائي فليطلب ربّاً سوائي و يخرج من تحت سمآئي”

[ترجمو: جنهن منهنجي مصيبت تي صبر نه ڪيو ۽ جيڪو منهنجي قضا تي راضي نه ٿيو، پوءِ ان کي گهرجي ته مون کي ڇڏي ٻيو ڪو ربُّ وڃي ڳولهي ۽ منهنجي آسمان هيٺان نڪري هليو وڃي.]

از رضا بر تر نباشد منزلي
تاب اين ميدآن ندارد هردلي

[معنيٰ: رضا کان مٿي ڪابه منزل نه آهي، هن ميدان جو تاب هرڪا دل برداشت نٿي ڪري سگهي.]

کل شيءِ هالک الا وَجه
چون نئه در وجه اوهستي مجو

[معنيٰ: الله جي ذات کانسواءِ هر شيءِ ختم ٿيندي يعني فاني آهي، جيڪڏهن تون هن ۾ فاني نه آهين ته پوءِ تون پنهنجي هستي نه ڳول.]

چون فنا را شد سبب بي مُنتها

پس کدا مي راه را بنديم ما

[معنيٰ: جڏهن فنا (موت) جا ڇُٽڪ کان ٻاهر سبب آهن ته پوءِ اسان ڪهڙي سبب کي بند (يعني ان جو علاج) ڪنداسين.]

در بلا ذوقي همہ بيند خاص

کفر شان باشد طلب کردن خلاص

[معنيٰ: هو (اولياء) مصيبت (آزمائش) ۾ خاص مزو ماڻين ٿا ۽ ان کان ڇوٽڪارو گُهرڻ وٽن ڪفر برابر آهي.]

همره غم باش با وحشت مساز

مي طلب در مرگ خود عمر دراز

[معنيٰ: غم جو ساٿي ٿيءُ ۽ وحشت سان ناتو نه جوڙ، موت (فنا) ۾ پنهنجي وڏي حياتي طلب ڪر.]

قابلي جوئي از و قابل شوي

وصل جوئي بعد زآن واصل شوي

[معنيٰ: قابل کي ڳول ته قابل ٿين، وصل ڳولھ، ان کانپوءِ ئي واصل ٿيندين.]

سلطان الاولياء فرمايو: توحيد جي رستي جي اِنتها عاجزيءَ جو حاصل ٿيڻ آهي.

❖ **آئون چوان ٿو:** ادراڪ ڪان عاجز ٿيڻ جو نالو ئي ادراڪ (سمجهڻ) آهي.

انتهائي ڪار بي چاره شدن

راه گم ڪردن سوئي راه آمدن

[معنيٰ: ڪم جي اِنتها عاجز ٿيڻ ۾ آهي ۽ رستو وڃائڻ ئي رستو لهڻ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: معبود جي استغراق ۾ وجود ڪان پالهو ٿيڻ ئي فنا آهي. جيئن حديث شريف ۾ بيبي عائشه صديقه رضه ۽ سندس پيءُ ڪان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ ارشاد فرمايو ته:

”انتِ ايّ امراة فقالت انا عائشه فقال ما العائشه فقال بنت الصديق فقال ماالصديق فقالت هو اصحاب محمد فقال ما المحمد“

[ترجمو: تون ڪير آهين؟ مون جواب ڏنو ته آئون عائشه آهيان. وري پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ڪهڙي عائشه؟ مون جواب ڏنو ته ابوبڪر صديق جي ڌيءُ. وري نبي ڪريمﷺ فرمايو ته ڪهڙو صديق؟ مون جواب ڏنو جيڪو محمد ﷺ جو دوست آهي. وري پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ڪهڙو محمد ﷺ؟]

❖ **آئون چوان ٿو:** حضرت بايزيد بُسطامي (قدس سره) جو به اهڙيءَ طرح نقل ڪيو ويو

آهي. جڏهن ڪنهن شخص بايزيد ڪان پُڇيو؟ هن چيو ته گهڻو وقت ٿي ويو آهي جو آئون به بايزيد کي ڳوليان پيو پر کيس نٿو ڏسان.

مولانا رومي چيوآهي:

عارف آن باشد که او فاني بود

هر که فاني نيست عارف کي بود

[معنيٰ: عارف اهو آهي جيڪو فاني هجي، جيڪو فاني نه آهي اهو عارف ڪيئن ٿيو؟]

هست از روئي بقائي ذات او

نيست گشته وصف او در وصف هو

[معنيٰ: هن جي ذات جي بقا سان ئي سندس وجود آهي، اهو تڏهن ٿيو جڏهن هن جي وصف ان جي وصف بنجي وئي.]

سالها مي بود اورا در پرست

چونکه او آمد ز خود کلي برفت

[معنيٰ: خدا جي عبادت ۾ هن کي سال گذري ويا پر جڏهن هو آيو تڏهن هي پاڻ هليو ويو.]

چون ز بانه شمع پيش آفتاب

نيست باشد هست باشد در حساب

[معنيٰ: جيئن ڏيئو جڏهن سج جي اڳيان ايندو آهي، ته ڏيئي واري روشني حساب ۾ ڪونه ايندي آهي.]

پيش شير آهو ئي بيهوش شد

هستيش در هست او روپوش شد

[معنيٰ: جيئن شينهن جي اڳيان هرڻ بيهوش ٿي ويندو آهي، شينهن جي اڳيان هرڻ جي هستي روپوش ٿي ويندي.]

سلطان الاولياء فرمايو: اصل مقصد الله جي يادگيري آهي. اها وظيفي پڙهڻ سان حاصل نٿي ٿئي.

آئون چوان ٿو: حديث قدسي ۾ آهي:

”من شغلہ عن ذکري عن مسئلتي فاعطيتہ افضل ما اعطي السائلين“

[ترجمو: جنهن پانهي کي منهنجي ذڪر سوال ڪرڻ کان وڌيڪ مشغول ڪيو ته آئون ان سائل کي سوال ڪرڻ وارن کان وڌيڪ ڏيندو آهيان.]

انهيءَ ڪري ڪنهن چوندڙ چيو آهي ته ڪٿي آهن اهي گهنگار جيڪي تسبيحون پڙهڻ وارن کان پلا آهن.

غلغل تسبيح شيخ ارچند مقبول است ليک

آه درد آلوده رندان را قبول [17] ديگر است

[معنيٰ: شيخ جي تسبيح جو غلغلو ٿورو گهڻو مقبول آهي پر درد وارن رندن جي دانهن جي قبوليت ٻي شيءِ آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: مغفرت ۽ بخشش جي طلب کان وڌيڪ ڪا دُعا سُٺي نه آهي ۽ عارف الله جي ذات جو قرب طلب ڪن ٿا.

❖ **آئون چوان ٿو:** مولانا جامي چيو آهي:

از خدا خواهند سر ذات خود در ذات او

اين بود ساعت بساعت سرّ استغفار شان

[معنيٰ: هو خدا کان پنهنجي ذات جو راز سندس ذات ۾ گهرن ٿا، اهوئي سندن گهڙيءَ گهڙيءَ مغفرت گهرڻ جو راز آهي.]

سلطان الاولياء فرمايو: سيد عبداللطيف (پٽائيءَ) جي بيتن مان هن هڪڙي مصرع کان وڌيڪ نڪو چاٽان ٿو ۽ نڪي ياد ڪريان ٿو. اها مصرع هيءَ آهي**:**

”وسيلا وسار بَڌُ توَڪّل جو ٿُرهو“

❖ **آئون چوان ٿو:** مڪمل بيت (جون باقي سٽون) هن طرح آهي:

لنگهائيندي لطيف چئي، پِرت تنهين کي پار

تون ڪر ڪيم نهار، ٻُڌن سين ٻاجهون ڪري

سلطان الاولياء فرمايو: ڪيترائي دفعا مون سيني دوائن کي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو، ايستائين جو خيال ڪيم ته جُلاب به ڇڏي ڏيان پر جڏهن جسم ۾ داڻن واري بيماري ٿي پئي، تڏهن جماعت (وارن) دوا کائڻ تي اتفاق ڪيو. ان ۾ الله تعاليٰ جي مرضي آهي، ڪنهن ٻانهي کي طاقت نه آهي جو الله جي مرضي کان ڀڄي. پوءِ منهنجو به اهو ئي رايو آهي.

سلطان الاولياء فرمايو: مردانگي ۽ همت طريقت ۾ شرط آهي پوءِ جوان مرد ڪنهن به شيءِ کان پوئتي نه هٽي، هر وقت همت سان هجي، جيستائين موت اچي. اُها ٻين ماڻهن لاءِ ڏکي ڳالھ آهي پر فقيرن لاءِ آسان آهي.

دلا مردانگي زين زن بيا موز

بماتم شيوه کن شيون بيا موز

[معنيٰ: اي دل! مردانگي ان عورت کان سِک، جيڪا ماتم وارو طريقو روئڻ پٽڻ سان ڪري ٿي، ان کان سِک.]

غم خود خور اگر اين غم نداري

مکن ماتم گر اين ماتم نداري

[معنيٰ: پاڻ تي غم ڪاءُ پر جيڪڏهن اهو غم نٿو چاهين، ته پوءِ ماتم نه ڪر، جيڪڏهن اهو (اصلي) ماتم نٿو چاهين.]

❖ **آئون چوان ٿو:** بيت:

همت بلند بايد عشاق مست مي را

مرد خسيس همت در عاشقان نگنجد

[معنيٰ: مست شراب جي عاشقن کي عالي همت هئڻ گهرجي. گهٽ همت وارا عاشقن جي جماعت ۾ نٿا بيهي سگهن.]

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد اهو آهي جيڪو مُريد کي خدا تائين پهچائي يا ان کي رستو ڏيکاري، جيڪو انهن پنهي حالتن تي طاقت نٿو رکي، پوءِ نه اهو مُرشد آهي ۽ نه وري اهي ان جا مريد آهن.

❖ **آئون چوان ٿو:** پوءِ هن ارشاد جو اهو مقصد آهي ته خواهشن ۽ ناجائز تابعداري ڪرڻ کان پاڻ کي پري رکڻ، ائين نه ڪرڻ سان حق کي حاصل ڪري نه سگهندو. اهوئي سبب آهي جو هن زماني جا ڪي صوفي ان رستي تي نظر نه ڪندا آهن.

قرآن شريف ۾ آهي:

مَن يَهْدِ اللَّهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ وَمَن يُضْلِلْ فَلَن تَجِدَ لَهُ وَلِيًّا مُّرْشِدًا. [الڪهف:17]

[ترجمو: جنهن کي الله رستو ڏيکاري ٿو اهوئي هدايت وارو آهي ۽ جنهن کي گمراهه ڪري تنهن لاءِ توکي ڪو به رستو ڏيکاريندڙ دوست يا رهبر نه ملندو.]

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن الله کانسواءِ سڀ ڊپ وساريو، اُن پنهنجي مُراد حاصل ڪئي.

آئون چوان ٿو: اهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي ته:

” من جعل الهموم هّما و احداً كفي الله جميع همومہ و من جعل الهموم همہ [18] **الدنيا لم يبال الله في ايّ وادِ هلک“**

[ترجمو: جنهن پنهنجي غمن کي هڪ غم بنايو ته اُنهن سڀني غمن کان الله تعاليٰ کيس نجات ڏيندو پر جنهن سڀني غمن کي دنيا جا غم بنايو، ان لاءِ الله ڪافي نه ٿيندو. پوءِ جنهن به هنڌ وڃي مري (سندس مرضي).]

شيخ سنائي چوي ٿو:

غم دين خور کہ غم غمي دين است

همہ غمهائي فرو تر دين است

[معنيٰ: دين جي غم ۾ رهه، جو اصل غم دين جو ئي غم آهي، (ٻيا) سڀئي غم هن دين کان گهڻو هيٺاهان آهن.]

مولانا جامي چيو آهي:

يکي بين يکي دان و يکي گو

يکي خواه و يکي خوان و يکي جو

[معنيٰ: هڪڙو ڏس، هڪڙو ڄاڻ ۽ هڪڙو چئو، هڪڙو گُهر، هڪڙو پڙهه ۽ هڪڙو ڳولهه.]

سلطان الاولياء فرمايو: هن ڳالهه ۾ ڪو به حرج نه آهي جو چيو وڃي ته ولي جي لاءِ جُزئي فضيلت آهي ۽ ڪُلّي فضيلت نبي ڪريمﷺ لاءِ آهي. جُزئي ڪنهن وقت ڪُلي کان مٿي هوندي آهي، جيئن نبي ڪريمﷺ معراج واري رات حضرت بلال حبشي رضه جي جُتين جو آواز ستين آسمان تي ٻُڌو. حضرت بلال

رضه جي شان کان پاڻ سڳوراﷺ حيران ٿي ويا. حضرت آدم عليہ السّلام (پنهنجي زندگي جا چاليهہ سال حضرت دائود عليہ السّلام کي ڏنا هئا) جڏهن ملڪ الموت حضرت آدم عليہ السّلام وٽ آيو، تڏهن دنيا جي زندگيءَ سان محبت ڪندي حضرت دائود عليہ السّلام کي پنهنجي عمر مان چاليهہ سال ڏيڻ جي (ويسر سبب) انڪار ڪيائين. الله جي اوليائن جو شان هي آهي ته اهي پنهنجي سڀ رضا الله جي رضا ۾ ئي ڏئي ڇڏيندا آهن، اهو معاملو حياتي جو هجي يا موت جو.

”يا رضائي دوست بايد يا رضائي خويشتن“

[معنيٰ: (سوچ!) دوست جي رضا هجي يا پنهنجي رضا.]

❖ **آئون چوان ٿو:** هيءَ مُقربن جي نشاني آهي ۽ محققن (پڪن صوفين) جو طريقو

آهي. جيڪي پاڇن ۾ قيد نٿا ٿين پر اصل تي نظر اٿن.

جيئن حافظ شيرازي چيو آهي:

جهان فاني و باقي فدائي شاهد و ساقي

که سلطان دو عالم را طفيل عشق مي بينم

[معنيٰ: جهان فاني آهي ۽ باقي رڳو شاهد (محبوب) ۽ ساقي (پياريندڙ) تان فدا ٿيندڙ آهي. بيشڪ آئون ٻنهي جهانن جي بادشاهه کي عشق جي طفيل ئي ڏسان ٿو.]

سلطان الاولياء فرمايو: مُرشد لاءِ مناسب آهي ته جيڏي مهل مُريد کي تلقين (توجهہ) يا ارشاد ڏئي، (ان وقت) غير کي پنهنجي دل مان ڪڍي ۽ تڪلف ڪانسواءِ حق کي ثابت ڪري. جيڪڏهن ائين نه

ڪندو ته مريد کي ڪو به فائدو نه ٿيندو ۽ مريد جي ترقي رڪجي ويندي.

- ❖ **آئون چوان ٿو:** (وڏي) مُرشد جي قول (جي مراد هيءَ) آهي ته جيستائين دنيا جا

وسوسا پنهنجي دل مان بلڪل ختم نه ٿا ٿين، تيستائين الله جي ذات بنا ڪيفيت مرشد جي دل ۾ خود ثابت نه ٿيندي. پوءِ مريد کي توجه مان فائدو ڪيئن ٿيندو؟ ۽ مريد جي ترقي ڪٿان ٿيندي؟ ڇاڪاڻ ته مريد جي ترقي جو مدار ان تي آهي ته توجه وقت مُرشد جي دل ۾ اها ڳالهه ثابت هجي. اها ڳالهه مخفي نه آهي، پوءِ غور ڪر ۽ سوچ ڪر.

سلطان الاولياء فرمايو: جنهن موت وساريو پوءِ اهو مسلمان نه آهي.[19]

**

نسخي تي ڪاتب طرفان لکيل عبارت

الڪلمات القدسية

التي افيضت من مولانا الشيخ محمدزمان السنڌي النقشبندي مع تاءييدات خليفته مولانا محمدعابد. والله اعلم

سماع من المرشد الڪامل فتح الله تعاليٰ غليظ بفتوحات ونفعنا ببرڪاته

تامل سطور العالمين فانها

من الملڪ الاعلي اليڪ رسايل

تجدان تحقيقت فيما خطّها

الا كل شيءِ ما خلا الله باطل

انتهي نقله من خط الشيخ محمدعابد السنڌي

[پاڪ گفتا، جيڪي مولانا شيخ محمد زمان سنڌي نقشبندي جن کان صادر ٿيا، (سي) سندن (درگاه جي) خليفي مولانا محمد عابد سنڌي جي تائيدن سميت (شامل آهن) والله اعلم. جيڪي مرشد ڪامل کان ٻُڌا ويا. الله تعاليٰ سندن فيوضات کي اسان مٿان کولي ڇڏي، سندن برڪتن مان اسان کي به فائدو رسائي.

جهانن جي سِٽن ۾ ڪجهه غور و فڪر ڪر، ڇو ته اهي وڏي بادشاهه طرفان تو ڏانهن پيغام/ خط آهن. جيڪي لکيل آهي، توکي ان مان معلوم ٿي ويندو، الله تعاليٰ کانسواءِ هر شيءِ باطل آهي. پورو ٿيو خط شيخ محمد عابد سنڌي جو.]

ضميمو ـ الف

الوَرِدِ المُحمدي

يعني:

[’فتح الفضل‘ جي فارسيءَ ترجمي ۾ ڪيل اضافا ۽
سمجهاڻيون.]

فارسي مترجم ۽ شارح:

خواجه گل محمد لُواريءَ وارو

(1177هه- 1218هه = 1763ع- 1803ع)

فارسي ترجمي ۽ تاليف جو سال:

1200 ھ مطابق 1786ع

بسم الله الرَّحمٰن الرَّحيم

اَلحَمدُ لِلهِ اَلّذِي جَعَلَ قُلُوبَ الاولِيآءِ مِرآتِ لِّظُهُورِهِ وَالصَّلواةُ عَليٰ مُحمَّدٍ وَّآلِهِ وَاَصحَابِهِ الَّذِينَ فَازُ و بِفَيضِہٖ

اَمَّا بَعدُ فَلَمَّا كَانَ المُرشِدُ الاَجَلُّ، قُدوَةُ الاَولِيآءِ، امامُ الاَصفِيآءِ، سَيِّدُ المُحَقِّقِينَ، بُرهَانُ المُدَقِّقِينَ، وَاقِفُ اَسرَارِ المُتَشَابِهَاتِ، عَالِمُ رُمُوزِ المُقَطِّعَاتِ، مَرجِعُ الاَوتَادِ، قُطّبُ الاِرشَادِ، الّذِي سَيَاتِي اِسمہٗ وَلَقَبہٗ فِي الكِتَابِ النَّقشِبَندِي طَرِيقُہٗ وَ لُوَارِي مَولِدُہٗ تَكَلَّمَ بحَقَائِقَ السُّلُوكِ

وَ الجَذبَةِ بِلِسَانِ السُّنُودِ وَحّرَرَهُ صَاحِبُ الحَقَائِقِ وَ المَعَارِفِ وصَاحِبُ الوِلايَةِ اَلشَّيخُ عَبدُالرَّحِيمِ بِلِسَانِ العَرَبِيَّةِ وَسَمَّاهُ بِفَتحِ الفَضلِ لاَنَّ فَضلَ اللهِ اَفَهمَہُ، فَارَدَتُّ اَن اَشرَحَہُ بِلِسَانِ الفَارَسِيَّہ لِيَسهَلَ فَهمُہُ وَسَمَّيتُہُ بِوَردِالمُحمَّدِيَّةِ وَمِنَ اللهِ التّوفِيقُ وَالهِدَايَةُ وَهُوَ حَسبِي وَنِعمَ الوَكِيلُ.

[سڀئي تعريفون ان الله لاءِ ئي آهن، جنهن اوليائن جي دلين کي پنهنجي ظهور لاءِ آئينو بڻايو ۽ صلواتون ۽ سلام محمّدﷺ تي ۽ سندس اولاد ۽ اصحابن رضي الله عنهم تي هجن، جيڪي سندس فيض سان ڪامياب ٿيا.

حمد ۽ صلوات کانپوءِ جيئن ته وڏي ۾ وڏي مُرشد، اوليائن جي اڳواڻ، چونڊ بزرگن جي امام، محققين جي سردار، مدققين جي برهان، متشابهات جي اسرارن جي واقف، مقطعات جي رمزن جي عالم، اوتاد جي مرجع، قطب الارشاد، جنهن جو نالو ۽ لقب سگهوئي هن ڪتاب ۾ ايندو، ان جو طريقو نقشبندي ۽ سندس چمڻ جي جاءِ لُواري (شريف) آهي. انهن سلوڪ ۽ جذبه جي حقيقتن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪلام فرمايو هو، جنهن کي حقائق ۽ مُعارف جي مالڪ، ولايت جي صاحب، شيخ عبدالرحيم عربي ٻوليءَ ۾ لکيو ۽ ان جو نالو ‘فتح الفضل’ رکيو. ڪتاب تي اهو نالو ان ڪري رکيائين، جو الله جي فضل ئي کيس اها سمجهه عطا ڪئي هئي. تڏهن مون گهريو ته ان جو فارسي ٻوليءَ ۾ (ترجمو ۽) شرح ڪريان ته جيئن ان جو سمجهڻ سولو ٿئي ۽ مون ان جو

نالو ‘وردالمحمديه’ رکيو. الله طرفان سگهہ ۽ هدايت آهي ۽ اهو مون لاءِ ڪافي آهي ۽ چڱو وڪيل آهي.]

مقدمي جو شرح

مطلب ته سخن ۽ ٻول سپني شين کان وڌيڪ پلو آهي.

مطلب ته جيڪي سندس دل ۾ ايندو سو الله جي راضپي جو ڪارڻ آهي. اهو فارسي بيت توڙي حديث ٻئي پير جي ڪلام جي وصف ۽ واکاڻ ۾ آيل آهن.

مطلب ته حقيقت جيئن ذات يا اصل ڪري صورت کان جدا شيءِ آهي. تيئن وجود ڪري به صورت کان جدا آهي، ذات ۽ وجود ٻئي حضرت امام رباني مجدد الف ثاني وٽ هڪ ٻئي جي مخالف ۽ جدا آهن. ليڪن جلال (دواني) وٽ ٻئي پاڻ ۾ هڪ آهن.

ڪلي مشڪِڪّ ان کي چوندا آهن جنهن جو ظهور فردن ۾ هڪجهڙو نه هجي، پر ڪن ۾ قوي ۽ ڪن ۾ ڪمزور هجي. جيئن بهادري هر جوان ۾ موجود آهي، پر شينهن ۾ ان جو ظهور قوي آهي ۽ لومڙ ۾ ان جو ظهور ضعيف آهي. ڪلام جو حاصل (مقصد) اهو نڪتو ته “حقيقت ڪلي” آهي جنهن جو “ڪامل انسان” ۾ ظهور لياقت آهر قوي آهي ۽ ناقص انسان ۾ ضعيف آهي. اهڙي طرح هر حيوان ۾ ان جي انداز آهر ان جو ظهور ٿيو آهي.

الله ڏانهن سير کان اڳ طالب تي جيڪي پڌرو ٿئي ٿو، تنهن کي “تعين امڪاني” چوندا آهن ۽ جيڪي الله ڏانهن سير کانپوءِ پڌرو ٿئي ٿو، ان کي “تعين وجوبي” سڏيندا آهن.

مطلب ته وحدانيت لاءِ دليل آڻڻ ۽ توحيد ۾ شڪ ڪرڻ ان ماڻهو کي ٿيندو آهي، جيڪو مسميٰ (ذات) کي نه پهتو آهي، باقي جيڪو ذات کي پهچي ويندو آهي، ان جي دل ۾ وحدانيت جو اهڙو ويساهه ۽ يقين هوندو آهي، جو ڪيس دليل جي گهرج ئي نه هوندي آهي.

الله تعاليٰ جي ذات جي هر دم حضور کي ”يادداشت“ چئبو آهي. اُها معنيٰ اهڙي آهي جو ڪڏهن دل وارن سالڪن کي به خيال ۾ نه ايندي آهي. ان سان نقشبندين جي شروعات ٿيندي آهي. پر چاڻڻ گهرجي ته اها معنيٰ ”يادداشت“ جي ظاهري صورت آهي. يادداشت جي حقيقت کي هٿ ڪرڻ امڪاني مرتبن جي لتاڙڻ سان ٿيندي آهي. بلڪ اها حقيقت تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن ”ذات احديت“ وٽ پهچڻ ٿيندو. اهو مقام نهايت بلند آهي. سڀ ڪنهن کي ان تائين پهچ نه ٿيندي ۽ ان جي اُپٽار هتي مناسب نه آهي.

اهو هڪ لڪل سوال جو جواب آهي ته حضرت سلطان المشائخ جا ٻول سنڌي ۾ هئا، انهن کي عربيءَ ۾ ڇو آندو ويو؟ سو هتي ٻُڌايو ويو ته ڳالهائڻ جو مطلب آهي ٻئي کي چاڻائڻ ۽ زبان ان لاءِ وسيلو آهي، جنهن سان سمجهائبو آهي. گويا زبان جي اختلاف ڪري ڪلام مختلف نه ٿيندو. جيئن هتي اصل ڪتاب (فتح الفضل) ۾ سنڌي ٻولن کي عربيءَ ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن ته زبان جو اختلاف ڪلام(جي مطلب) کي نه ڦيرائيندو آهي.

ارشادات جي شرح

1. جيئن پاڪائي يا پليتي، مهل يا ڪُمهل مطلب ته هر وقت ۽ هر حال ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ گهرجي.

جيڪو الله تعاليٰ جي امر ۽ نهي کي بنا ڪنهن حجاب جي سمجهي اطاعت ڪري.

2. تڏهن ڌڻيءَ تعاليٰ جي طلب ۾ دنيا يا بهشت جي خواهش نه رکڻ گهرجي.

قرآن ۽ حديث جي علمن جا ماهر نه آهن.

پر فنا ۽ بقا، جذبي ۽ سلوڪ کي اجا نه پهتا آهن.

3. انهن بيتن جو اهو مطلب آهي ته غير خدا جي طلب نه ڪجي، توڙي اهو بهشت ڇو نه هجي. جيئن حديث ۾ آيو آهي ته دنيا جو طالب ڪدڙو آهي، آخرت کي طلبيندڙ عورت آهي ۽ موليٰ جو طالب مرد آهي.

جيئن مولانا رومي چوي ٿو:

حب تا مطلق نباشد قيد تست

چون شود مطلق دو عالم صيد تست

[معنيٰ: جيستائين محبت عام نه هوندي ته اها تولاءِ قيد آهي، جڏهن اها محبت عام ٿيندي ته ٻئي جهان تولاءِ شڪار آهن.]

مطلب اهو آهي ته جڏهن الله تعاليٰ جي ذات بيمثال ۽ ڪيفيت کان پاڪ آهي، تڏهن ان جي محبت به ڪنهن شيءِ سان مقيد نه بڻائجي، تڏهن وڃي اها محبت بيمثال ذات جي لائق ٿيندي.

9. هن عبارت ۾ اهو اشارو آهي ته خدا پاڪ جو ظهور هر ڪامل انسان جي دل تي هن قدسي حديث موجب ٿيندو آهي، الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مون کي منهنجي زمين ۽ منهنجو آسمان سمائي نه ٿا سگهن، پر منهنجي مومن ٻانهي جي دل مون کي سمائي سگهي ٿي. سڪندر وانگر جو هو سفير واري پوشاڪ پائي نوشابه وٽ ويو هو.

10. حق کي ڏيکيندڙ عمل صالح جي اُپٽار لکڻ ۾ نه ٿي اچي سگهي، ان ڪري ان جي پچار نه ڪرڻ بهتر آهي.

اُهي چشما آهن اسلام ۽ طريقت واري ڪفر جا، اسين فيض ۽ هدايت وارو پاڻي پيئندا رهون ٿا.

11. مطلب ته پنهنجي اختيار کي ڇڏي، الله جي رضا کي اختيار ڪر.

12. مطلب ته تقدير بهشت ۽ تدبير دوزخ آهي.

مطلب ته اسين خدا پاڪ جي خواهش تي هلون ٿا، زاهد وانگر پنهنجي خواهش تي نٿا هلون.

13. تون ائين ٿي وڃ جيئن ميت غسل ڏيندڙ جي هٿ ۾ هوندو آهي.

مطلب ته سڀ ڪم جيتوڻيڪ تقدير ڪري آهن، پر سڀ ڪنهن چڱائي يا بڇڙائي جو ظهور ماڻهو جي هٿان ٿئي ٿو.

جيئن سڀني جو پيدا ڪندڙ ته الله آهي، پر ظاهري طرح ماءُ پيءُ جي ميلاپ ڪانسواءِ ٻار پيدا نه ڪندو آهي.

14. اهو نقطو الله جي وحدانيت آهي.

15. مطلب ته طلب ۾ ڪوشش ڪجي ۽ لطيفي کي سڃاڻڻ جي ڪا ضرورت نه آهي.

مطلب ته سلوڪ جو ڦر ۽ ميوو هٿ ڪجي ۽ لطيفي جي ڄاڻڻ جي ڪيس ضرورت نه آهي.

هن جملي جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون.

- هڪ اها ته سالڪ جو پڇا ڳڇا نه ڪرڻ عالم رباني جي ابتڙ آهي، جو هو تفصيل سان بحث ڪندو ۽ ڄاڻندو آهي ته خدا جو ديدار دل سان ٿيندو يا هنن اکين سان.
- ٻي معنيٰ اها آهي ته ظاهري عالم، سالڪ جي ابتڙ هوندو آهي، اهو خدا وٽ پهچڻ واري واٽ کي ڇڏي، رڳو هن جهڳڙي ۾ مشغول ٿي ويندو آهي ته خدا پاڪ جو ديدار دل سان آهي يا اکين سان.

عالم امر جي لطيفن جو بيان هن طرح آهي ته :

پهريون لطيفو”قلب“ جيڪو جهانن جي سردار محمّد ﷺ کان حضرت علي ڪرم الله وجهه کي مليو آهي ۽ حضرت امير کان تابعيت ۽ ورثي جي طور تي هن سلسلي (نقشبندي) جي مشائخن وٽ پهتو آهي ۽ اهو ذات جل شانه جي اسم جو ذڪر آهي. جو هن طرح آهي ته الله جي نالي مان رڳو بيمثال ذات کي گهري ۽ ان سان ڪنهن به وصف جو خيال نه ڪري تڪلف يا تڪلف کانسواءِ ذڪر ڪندو رهي، هن ۾ دل کي حرڪت ڏيڻ جو ڪو به شرط نه آهي. هن حالت کي ”ياد ڪرد“ چوندا آهن ۽ ”سفر در وطن“ نالو ڏيندا آهن. جيڪڏهن الله پاڪ جي عنايت شامل حال

رهي ۽ هميشگيءَ سان اها صفت ان کي لازم ٿي وڃي جو هو تڪليف وٺي ان جي حضور کي دل کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تڏهن به دور نه ٿئي ته ان حالت کي ''يادداشت'' ۽ ''خلوت در انجمن'' چوندا آهن ۽ فنا قلبيءَ سان ان کي تعبير ڪندا آهن.

''سيرالي الله'' (الله ڏانهن سير) هن لطيفي ۾ ٿيندو آهي ۽ هن لطيفي جو اڳڻ افعال الاهيءَ جي تجلن سان ڳُتيو پيو آهي ۽ اُن جو ''بقا'' به ان سان ٿيندو آهي. اتي سالڪ پاڻ کي عقل کان ٻاهر ڏيکاءُ ڏيندو آهي، ان کانپوءِ حق جي فعل سان باقي ٿيندو آهي ۽ هي لطيفو حضرت آدم عليه السلام جي ولايت آهي ۽ اُن جو نور ڦڪي رنگ جو آهي ۽ هن لطيفي ''عالم امر'' جو آڪيرو کٻي ٻُبي جي هيٺان آهي.

ٻيو لطيفو قدم آهي جيڪو روح جي نالي سان مشهور آهي ۽ هي لطيفو حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم عليهم السلام جي پيرن هيٺان آهي ۽ جنهن جو نور ڳاڙهو آهي. هن جو آڪيرو سڄي پاسي جي هيٺان آهي ۽ سندس اڳڻ الله تعالىٰ جي صفات وارين تجلين جي ظهور سان گڏيل ۽ ڳتيل آهي. سالڪ جو بقا ان سان آهي ۽ هن جي فنا ۾ سالڪ پنهنجي بشري صفت کان فاني ٿي، حق جي صفت سان باقي ٿيندو آهي.

ٽيون مقام جيڪو ''سِرّ'' جي نالي سان مشهور آهي، سو حضرت موسىٰ عليه السلام جي پير هيٺان آهي ۽ هن لطيفي جو آڪيرو سڄي ٻُبي جي مٿان آهي، جنهن جو نور اڇو آهي. هن جي آسپاس خدا تعالىٰ جي صفتن ۽ اعتبارات ۽ ان سان باقي رهڻ سان ڳتيل آهي.

چوٿون ”مقام“ جنهن کي ”خفي“ سڏيو ويندو آهي، تنهنجو نور ڪارو ۽ سندس آستان ۽ آکيرو ڪٻي ٻُبي جي مثان آهي. هي لطيفو حضرت عيسيٰ عليه السلام جي قدم هيٺان آهي ۽ ان جي فنا تنزيهيءَ جي تجلين تي ٻڌل ۽ اُن سان باقي رهڻ آهي.

پنجون ”نور“ آهي، جنهن کي ”اخفيٰ“ سڏجي ٿو، هن جو بيان قدسي حديث ۾ آيو آهي ”**وفي الاخفيٰ انا**“ يعني: اخفيٰ ۾ آئون آهيان. هن جي جاءِ وچ سينو آهي ۽ سندس نور سائو آهي. هي لطيفو آنحضرتﷺ جي قدم هيٺان آهي ۽ هن لطيفي جي فنا الله جي ذاتي تجلين تي ٻڌل ۽ ان سان باقي رهڻ آهي.

چاڻڻ گهرجي ته جڏهن عالم امر جي پنجن لطيفن ۾ فنا حاصل ٿيندي، تڏهن علم حضوريءَ جو زوال ٿيندو ۽ غير خدا کان ويسر حاصل ٿيندي آهي.

عالم خلق جي لطيفن جو بيان هن طرح آهي ته لطيفي ”نفسي“ جي فنا اها آهي ته پنهنجي وجود کي بيحس ميت وانگر ڄاڻي. لطيفي ”آبي“ جو اهڃاڻ اهو آهي ته ان ۾ بي انداز پاڻي ۽ باغ نظر ايندا آهن. لطيفي ”بادي“ جو اهڃاڻ اهو آهي ته پاڻ کي پکي وانگر هوا ۾ اُڏامندڙ لهندو آهي. لطيفي ”آتشي“ جو اهڃاڻ اهو آهي ته سندس نظر ۾ ڏيئا ۽ مشعلون ايندڙيون آهن. لطيفي ”خاڪي“ جو اهڃاڻ اهو آهي ته پلڪار وانگر ذرتي نظر ايندي آهي، ان ڪري زمين تي جيڪا به شيءِ آهي اها ڪانئس اوجهل نه رهندي آهي.

پوءِ ڄاڻڻ گهرجي ته جنهن ماڻهوءَ کي جنهن لطيفي مان گهڻو فيض ملندو آهي ته ان لطيفي سان ان جي مناسبت به گهڻي هوندي آهي.

حضرت پير مرشد (سلطان الاولياء) جو ”اخفيٰ“ لطيفي سان مناسبت ۽ لاڳاپو هو، جيڪو آنحضرتﷺ جي قدم هيٺان آهي. جيئن لقب ان جو سندن نالي جي موافق آهي ۽ سمجھ ۾ اچي ٿو. هن درويش (خواجه گل محمد) جي مناسبت لطيفي”سِرّ“ سان آهي، جيڪو حضرت موسيٰ عليه السلام جي قدم هيٺان آهي.

مطلب ته جنهن طالب جو فيض هڪ لطيفي کان آهي، اهو ٻئي لطيفي تي اڪتفا ۽ صبر نه ڪندو. مولوي رومي چوي ٿو:

”نبض عاشق جز بنامِ يار نايد درطپش“

[معنيٰ: عاشق جي نبض رڳو يار جو نالو تنواريندي گرم ٿيندي آهي.]

16. هن فرمودي جو مطلب آهي ته طالب لاءِ فنا ۽ بقا، جذبه ۽ سلوڪ جهڙا مقام هوندا آهن. جذبه ۽ سلوڪ کانپوءِ اصلي صحو يا هوش واري حالت ڏانهن موٽڻ جو نالو نهايت آهي.

17. چاڻٽ گهرجي ته مراقبي جو مطلب آهي ته اسان پنهنجي ظاهري توڙي باطني حواسن کي مطلوب جي انتظار ۽ اوسيڙي ۾ لڳائي ڇڏيون. مراقبي جي ٻي معنيٰ اها آهي ته سالڪ اهو خيال ڪري ته الله تعاليٰ هميشه سندس ظاهر ۽ باطن جي خواهش رکندڙ آهي. حضرت خواجه نقشبند فرمايو آهي ته مراقبي سان ملڪ، ملڪوت، وزارت ۽ تصرف جي مرتبي تي پهچي سگهجي ٿو. دل جي روشني ۽ باطن جو نور دلين جي دائمي مقبوليت ۽ جمعيت مراقبي مان ئي ملندي آهي.

21. مطلب ته جتي نبيءَ جو نالو اچي وجي اُتي ڪوڙ جو ڪو سوال ئي نه ٿو اُٿي.

24. شيخ يا مرشد سان رابطي جي واٽ اها آهي جو پير جي صورت ڪي دل ۾ تصور ڪري، ڇو ته پير ۽ مرشد حق سبحانه جي درگاه ۾ پهچڻ جو هڪ واسطو آهي. پر مريد ڪي جيترو وڌيڪ پنهنجي پير سان مناسبت هوندي اوترو ان جي باطن کان وڌيڪ فيض پرائيندو. تنهنڪري مريد ڪي گهرجي ته پهريائين پير ۾ فنا ٿئي، ان کانپوءِ ”فنا في الله“ ۾ پهچي.

25. چاڪاڻ ته الله تعاليٰ جي ”احديت“ واري مرتبي ۾ جيتوڻيڪ ”انسانيت“ جي ڪابه گنجائش ناهي، پر اُها ذٽي تعاليٰ جي ذات کي وڌيڪ ويجهو آهي.

26. مطلب ته جڏهن الله جي طلب سڀني اهم شين کان وڌيڪ اهم آهي، تڏهن هر هڪ ماڻهوءَ کي ان جي گهُر تي الله جو ڏَسُ ڏِيون ٿا.

27. مطلب ته وحدانيت کي ڇڏي وجي ڪثرت ۾ ڪِرندو آهي.

29. الله پنهنجي ڪمال بزرگي ۽ ظهور ڪري پنهنجي غير ۾ ڳجهو نه رهندو آهي.

30. هتي حفظ مان ان جي مراد عشق آهي.

31. اهي متڪلمين جون بيان ڪيل ست صفتون هي آهن: سمع، بصر، علم، متڪلم، مريد، حيءُ ۽ قدير ۽ صفت تڪوين ۾ اختلاف آهي. اهو لفظ الله ائين نه آهي جيئن ڪن عالمن گمان ڪيو آهي

همداني شرح مسلم ۾ لکيو آهي ته اهو ذات لاءِ سڀني شخصن (اُنن صفتن) سميت اسم ذاتي بنايو ويو آهي.

33. ادراڪ ”بسيط“ اهو آهي جو سالڪ ڪنهن به شيءِ کي جڏهن ڏسندو آهي ته پهريائين خدا جي جمال ۾ سونهن کي پسندو آهي ان کانپوءِ ان شيءِ کي ڏسندو آهي. جيتوڻيڪ کيس ديدار ڪرڻ جو ارادو نه هوندو آهي، بلڪ عوام وٽ غفلت ۾ هوندو آهي. ادراڪ ”مرڪب“ اهو آهي جو ذڻي پاڪ جي جمال ۾ سونهن کي ڪائنات جي مظاهر ۾ جلوو ڪندي پسندو آهي. پر اهو ان وقت هوندو آهي، جڏهن کيس ديدار جو قصد هوندو آهي.

”ادراڪ بسيط“ ان ماڻهوءَ کي ملندو آهي، جنهن جي غفلت، ذڻيءَ تعاليٰ جي ڏسڻ کان نه روڪيندي آهي.

”ادراڪ مرڪب“ ان ماڻهوءَ کي حاصل ٿيندو آهي، جو ياد رکڻ کان سواءِ خدا تعاليٰ جي سونهن کي نه پسندو آهي.

اها حيرت ادراڪ بسيط سان خدا تعاليٰ کي ڏسڻ ڪري ٿيندي آهي.

مطلب ته هر شيءِ جي منشاء خدا تعاليٰ آهي.

جڏهن ته ادراڪ بسيط يوناني فيلسوفن کي حاصل نه هو، ان ڪري انهن جهان جي اسبابن تي نظر وڌي ۽ دهريت جا قائل ٿيا.

34. مطلب ته محدثين پيغمبر ۽ صحابين جا عاشق آهن، انهن وٽ ٻئي جي ڳالهه حديث نه آهي.

37. جيئن مال جي سنڀال يا شڪار لاءِ
38. نماز رسمي اها آهي جنهن ۾ نماز جا ارڪان: قيام، قعود، رڪوع، سجدو ۽ ٻيا ٺيڪ
طرح ادا نه ڪيا وڃن.

نماز بُراين کان روڪڻ لاءِ اهل ۽ ماءُ وانگر آهي، انهن جو ميلاپ تڏهن ٿيندو، جڏهن نماز کي پوري طرح ادا ڪيو ويندو.

40. جيئن قدسي حديث ۾ آيو آهي ته مون کي منهنجي زمين ۽ منهنجو آسمان نه ٿو ماپائي
سگهي، پر منهنجي مومن ٻانهي جي دل مون کي سمائي ۽ ماپائي سگهي ٿي. جيئن جامي چوي ٿو:

چرخ و فلک و آنچه بود در خمش
و آنچه خرد نام نهد عالمش
وسعت دائره دل کم است
آن هم چون قطره و دل قلزم است

[معنيٰ: آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهي ۽ جنهن کي عقل جهان سڏي ٿو، تنهن جهان جو دائرو دل کان گهٽو گهٽ آهي. اُهي سڀ شيون پاڻيءَ جي هڪ قطري وانگر آهن ۽ دل سمنڊ آهي.]
سالڪن جي نموني جي اها معنيٰ فهم ۽ قاصر ۾ آئي آهي- والله اعلم.

40. ڪنهن ڪلام جو حال سمجهه ۾ نه اچي ته ان تي ان جهڙو اڳيون ڪلام حاڪم هوندو آهي.

46. ”حبل الوريد“ هڪ شريان آهي، جيڪا دل ۽ ڦڦڙن جي وچ تي آهي، اها هير، هوا ۽ نخار جي ڪڍڻ لاءِ ڪم ايندي آهي.

جڏهن خدا تعاليٰ جو ڪلام قديم، حرف ۽ آواز کان پاڪ آهي، ان ڪري هر پيغمبر ڪلام نفسيءَ کي پنهنجي قوم جي ٻوليءِ ۾ بيان ڪيو آهي. جيئن مذڪوره آيت ۾ آهي. جي اُهي هڪ حرف ۽ آواز جا پابند هجن ها ته سڀ پيغمبر ڪلام الله کي هڪ ئي ٻوليءَ ۾ بيان ڪن ها.

هن سان اهو به پڌرو ٿيو ته قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو: واذ صرفنا اليڪ نفرامن الجن (سورت احقاف آيت 29) ۽ جڏهن اسان توڏانهن جنن جي هڪ جماعت کي ڦيرايو. نباتات ۽ حيوانات به آنحضرتﷺ جا تابعدار آهن. ان لاءِ اهو دليل آهي جو انهن ٻنهي کان نبيﷺ جي حضور ۾ سجدو ڪرڻ ۽ تابعداري ڪرڻ آيو آهي. جيئن هڪ حديث ۾ آيو آهي ته آدم ۽ ان کان سواءِ ٻيا سڀ منهنجي جهنڊي جي هيٺان آهن ۽ اهو آئون فخر نه ٿو ڪريان.

47. ”جيڪو دل ڏانهن پهتو اهو مجتهد آهي“. ان جي وضاحت هن طرح آهي ته انسان ۾ جيڪي ڇهه لطيفا رکيل آهن، جيڪي هي آهن: نفس، قلب، روح، سر، خفي ۽ اخفيٰ. ٻين سڀني مشائخن جو سير دل جي ظاهر تي آهي ۽ هنن (نقشبندي) بزرگن جو سيردل جي باطن ۽ اندر ۾ هوندو آهي. اُهي هن باطني سير ڪري بطون (دل جي گهراين) ۾ پهچي ويندا آهن. ٻيو ته دل جي اندر دل به لطائف تي مشتمل آهي، پر دل جي دل ۾ دائري جي سوڙهائي ڪري ”نفسي“ ۽ ”اخفيٰ“ لطيفا نروار نه ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح

ان جو حال آهي جيڪا ٽئين مرتبي ۾ آهي. (يعني دل جي دل جي دل) پر اُتي ”خفي“ لطيفو ظاهر نه ٿيندو آهي. اهو ئي حال ان دل جو آهي، جيڪا چوٿين درجي ۾ آهي. پر ان ۾ ”سري“ لطيفو پڌرو نه آهي ۽ پنجين درجي ۾ روح جو لطيفو ظاهر نه ٿو ٿئي. اُتي قلب (دل) ڪانسواءِ ڪابه شيءِ نه ٿي رهي.

هتي بيان جي لائق هي ڳالھ آهي ته جيڪا به شيءِ ”عالم ڪبير“ ۾ آهي جيڪو عرش جي مثان آهي. اُها ”عالم صغير“ يعني انسان ۾ به اجمالي طرح ظاهر آهي. اهڙيءَ طرح جيڪي انسان جي بدن ۾ آهي، سو دل ۾ به اجمالي طرح آهي. اهڙيءَ طرح دل جي دل ۾ جيڪا شيءِ اجمالي طرح روشن آهي سا اجمالي طرح ان دل ۾ آهي، جيڪا ٽئين درجي ۾ آهي. اهڙي طرح دل جي دل جي دل ۾ جيڪا شيءِ روشن آهي سا چوٿين درجي واري دل ۾ اجمال ۽ تفصيل سان روشن آهي. اهڙيءَ طرح ان دل ۾ جيڪا پنجين درجي ۾ آهي چو ته جيڪي اڳين دلين ۾ هو سو سڀ هن دل ۾ آهي، پر هن ۾ گهڻو اجمال آهي. جيئن وسعت هوندي تنگي رکي ٿي، تيئن ٻي ڪابه مخلوق نه آهي ۽ اُها دل الله تعاليٰ سان ٻين سڀني شين کان وڌيڪ مناسبت رکي ٿي. جڏهن پوري معرفت وارو سالڪ هن مقام تي پهچندو ته هو ساري جهان لاءِ دل ٿي پوندو. ان کان پوءِ اقطاب، ابدال، اوتاد، افراد، اَحاد ۽ ٻيا سڀ اولياء ان جي ولايت واري دائري جي هيٺان آهن ۽ اُها دولت ان جي مراد سان مخصوص آهي. پر ان دولت جو هٿ اچڻ وڌيڪ ڪامل تڏهن آهي، جڏهن اڳ ۾ سلوڪ ۽ جذبه، فنا ۽ بقا جا مُرتبا

هٿ اچن. هن ڪلام ۾ تحقيق جو خلاصو اهو آهي ته جيڪو هن وڏي ولايت يعني دل جي وصول تي پهتو ته اُهو مجتهد آهي.

مطلب ته جيڪو پيرويءَ ۾ رهيو ۽ اجتهاد جي درجي کي نه پهتو ته اهو پنهنجي پيءُ يعني اجتهاد واري تي ائين بار آهي جيئن بيمار پٽ جو بار سندس پيءُ جي ڪنڌ تي آهي.

53. مطلب ته دل جي مرضن کان ڇوٽڪارو هن ۾ آهي ته درويشيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجھ به نه رکي.

54. مطلب ته جيڪڏهن دل ۾ علم جي قابليت هوندي ته اهو قيدن ۾ مرتبن کي چڙهڻ آسان آهي ۽ قابليت کان سواءِ اُهي ٻئي مشڪل آهن.

58. مطلب ته معشوق حقيقي الله جي ذات آهي جيڪو ان کي هٿ ڪندو ته ان کان سندس اَٺ صفتون: سمع، بصر، علم، قدرت، تڪلم، مريد، حيّ ۽ تڪوين به ڳجهون نه رهنديون.

60. ڇو ته هي خدا تعاليٰ تي ڪوڙ گهڙيندا آهن.

هتي مشهور قراءت حفص جي آهي. ان ۾ لفظ ”الله“ کي زبر ۽ ”العلماء“ کي پيش پڙهيو ويندو آهي. ان وقت معنيٰ هن طرح ٿيندي: ”الله کان رڳو عالم (رباني) ئي ڊڄندا آهن.

62. هن بيت جي پهرين مصرع هن طرح آهي:

هرچه انديشه پذيرائي فنااست.

[معنيٰ: جيڪا شيءِ خيال ۾ اچي سا فنا ٿيندڙ آهي.]

نفي ۽ اثبات جي واٽ جو بيان جنهن کي ”وقوف عددي“ چون ٿا، سو هن طرح آهي ته مراقبي ۾ ويهي دم کي دُن

جي هيٺان بند ڪري ۽ لفظ ”لا الٰه“ کي ڏُن جي هيٺان ڇڪي مٿي جي چوٽيءَ تائين بلڪ عرش تائين پهچائي ۽ پوءِ ”الاالله“ کي سڄي ڪلهي کان صنوبري دل جيڪا کٻي پاسي ۾ آهي، تي ضرب هڻي. هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن خيال جي. ان ۾ بدن جي عضون کي چرپر نه ڏجي. جيستائين دَمُ روڪي سگهي ذڪر ڪندو رهي، پر دَمَ ۾ اڪي جو خيال رکي. شروع ۾ هن ڪلمي جي معنيٰ ۾ ائين خيال ڪري ته ”**لامقصود الاالله**“ يعني: الله کان سواءِ ڪو به مقصود نه آهي. وچ ۾ ”**لاموجود الاالله**“ يعني: الله کانسواءِ ڪابه شيءِ موجود نه آهي ۽ حال جي پڇاڙيءَ ۾ ائين چاهي ته ”**لامعبود الاالله**“ يعني: الله کانسواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي.

جتي طالبن لاءِ نفي ضروري هوندي آهي اها ”**ولايت صغريٰ**“ يعني ننڍي ولايت آهي، جيڪا ”عالم امر“ جي لطيفن جي درجن کي پار ڪرڻ کان پوءِ هٿ ايندي آهي. جيتوڻيڪ ڪي لطيفا فنا ۽ بقا جي دولت کي هٿ نه ڪندا آهن ۽ جڏهن سالڪ طريقت جي ڪفر واري مقام کان پار پوندو ۽ اطمينان ماڻيندو ته ان کي ”**ولايت ڪبريٰ**“ يعني وڏي ولايت هٿ ايندي ته پوءِ ان کي نفي جي حاجت نه ٿيندي. پر ”ولايت صغريٰ“ کان اڳ جيڪڏهن ”سلطان الذڪر“ جيڪو نالو آهي ساري بدن ۾ ذڪر ڪرڻ جو. کان پوءِ نفي ڪندو ته ان لاءِ افضل آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن کي قلبي ذڪر جاءِ نه وٺي ته طريقت جا مشائخ ان کي زباني ذڪر جو حڪم ڪندا آهن.

64. اُهي فنا سان روح جي بدن کان خلاصي گهرندا آهن.

65. خدا جو لفظ جيتوڻيڪ حق تعاليٰ جو اسم آهي، پر لفظ جي خيال کان حادث آهي ۽ خدا جي ذات قديم آهي جيڪا اسماء توڻي شيون ۽ اعتبارات کان پاڪ آهي.

مطلب ته ٻين ڪمن ڪارين کي ڇڏي خدا پاڪ جي طلب ڪندو رهه.

71. مطلب ته مُبتدي (نئون سيکڙاٽ) جيڪڏهن پرٽبو ته دنيا جي ڌنڌن ۾ ڦاسي طريقت کان هٽ کٽي ويندو.

اهو سوال ڪندڙ اسماعيل ميمڻ بدين وارو هو.

مطلب ته طريقت جو نئون طالب ڪونري وانگر آهي، جنهن ۾ معرفت جو پاڻي گهٽ ماپندو آهي ۽ اهو ٿوري پليتي پوڻ سان پليت ٿي پوندو آهي. ٻيو ته دنيا جي ڪمن جيئن شادي وغيره ڏانهن ٿورو به ڌيان ڏيڻ ڪري غفلت ۾ پئجي ويندو آهي. طريقت ۾ انتها کي پهچندڙ درياء وانگر آهي جو ٿوري يا گهڻي پليتي پوڻ ڪري پليت نه ٿيندو آهي. اهڙي ڪمال واري انسان جي دل دنيا جي ڪمن جهڙوڪ شادي وغيره ڏانهن واجهائڻ ڪري غافل نه ٿيندي آهي.

جيئن مولوي رومي چوي ٿو:

نيست دون القلتين و حوض خورد
کش تواند قطره از کار برد

[معنيٰ: ٻن مٽڪن کان گهٽ پاڻي يا ننڍو حوض اهڙو آهي جو اُن کي پليتيءَ جو هڪ ڦڙو به بيڪار بنائي ڇڏي ٿو.]

آتش ابراهيم را نبود زيان

هر كه نمرود ست كو بترس زان.

[معنيٰ: حضرت ابرهيم عليه السلام کي باھ کو به نقصان نه ڪندي، جيڪو نمرود آهي ان کي پئو رڪڻ گهرجي.]

جنهن اني وجهت وجهي للذي فطر السماوات (الانعام- آيت 79) ترجمو: مون پنهنجو منهن ان ڏانهن ڪيو جنهن آسمانن کي پيدا ڪيو آهي. وارو نعرو هنيو هو.

جيڪڏهن طالب ڪامل هوندو ته پوءِ عورتون ان لاءِ فائدي واريون آهن ۽ جيڪڏهن طالب ناقص هوندو ته پوءِ ان لاءِ جان جو وبال ٿينديون.

79. مطلب ته جيئن ظاهري حاڪم جي حڪومت ۾ دست اندازي ڪرڻ ظاهري فتني جو ڪارڻ آهي تيئن خدا پاڪ جي تقدير ۾ دخل ڏيڻ به باطني فتني جو ڪارڻ آهي.

جيڪو ”امام زمان“ کان مجاز آهي تنهن جا ڪم الله جي مراد ۽ رضا جي موافق هوندا آهن، چاڪاڻ جو هو وقت جي امام جو پوئلڳ آهي ۽ سندس ڪم خدا جي راضپي هيٺ هوندا آهن. جنهنڪري سندس حڪم به خدا جي راضپي کان ٻاهر نه هوندو.

88. نفي جا اذڪار ”ولايت ڪبريٰ“ جي حالت ۾ بهتر آهن، ان ڪانپوءِ ممنوع آهن.

90. هن پوئين بيت ۾ شيخ احمد خضرويه جي ڪرامت ڏانهن اشارو آهي. ڳالھ هن طرح آهي ته شيخ احمد چار سو دينار ماڻهن

ڪان وٺي فقراء تي خرچ ڪيا هئا. شيخ احمد جي وفات وقت قرضدار قرض جي وصوليءَ لاءِ شيخ وٽ آيا، پر شيخ جي گهر ۾ ڪابه شيءِ نه لڌائون. اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ ڇوڪرو حلوو وڪڻندڙ اُتان اچي لنگهيو، شيخ احمد جي نوڪر شيخ جي حڪم سان ان جو حلوو اڌ دينار ۾ خريد ڪيو ۽ شيخ جي چوڻ تي اهو حلوو درويشن ۽ قرضدارن ۾ ورهائي ڇڏيو. پر شيخ جي سُجائي ڪري حلووي جي بها ڇوڪري کي نه ملي، تڏهن قرضدارن ٺوڪڻ شروع ڪيو ته اسان جا پئسا به کٽي ويو ۽ مرڻ مهل ڇوڪري جو حلوو به ظلم سان کائي ويو. ڇوڪري کي جو پئسا نه مليا، تنهن وٺي روئڻ شروع ڪيو. شيخ احمد کي ان تي ترس آيو. اوچتو هڪ ماڻهو چار سو ۽ اڌ دينار سوکڙي طور شيخ جي آڏو آڻي رکيا، جنهن مان شيخ قرضدارن جو قرض لاٿو ۽ ڇوڪري کي به حلووي جي رقم ڏني.

93. سندن وصال ڇنڇر ڏينهن چوٿين تاريخ ذوالقعد مهيني 1188ھ ۾ ٿيو.

حضرت پير (سلطان الاولياء) جو رحلت وارن ڏينهن ۾ طبيبن جي دوا کي قبول نه ڪرڻ بن سببن ڪري آهي. پهريون سبب هي آهي ته "**ونحن اقرب اليه من حبل الوريد**" (سورت ق- آيت 50) [ترجمو: ۽ اسان انسان کي ان جي ساھ واري رڳ کان به ويجها آهيون.]

انهيءَ آيت ڪري الله تعاليٰ جو قرب ۽ ويجهڙائي ثابت آهي. جيئن ڪامل مشائخن تي هن جهان ۾ واضح ٿيو آهي. پر جيستائين روح

بدن ۾ آهي ته اولڙي جي آميزش به ٿي سگهي ٿي، ان ڪري پاڻ اُها خواهش رکيائون ته جيئن اولڙي جي آميزش ۽ بدن جي حجاب کانسواءِ خالص ذات جو وصول حاصل ٿئي.

جيئن مولوي رومي چوي ٿو:

من شدم عريان زتن او از خيال

تا خرا مم در نها يات الوصال

[معنيٰ: آئون بدن کان الڳ ٿيان ۽ هر خيال کان ته جيئن آئون وصال جي آخري چيڙن ۾ ٽلندو رهان.]

علاج قبول نه ڪرڻ جو ٻيو سبب اهو آهي ته سندن ارادو خدا جي ارادي موافق هو ۽ سندن حياتي ۽ صحت خدا جي راضپي ڪري هئي، تنهنڪري زندگي ۾ دوائن جي طلب به بدن جي تندرستيءَ لاءِ ضروري هئي. پر جڏهن خدا پاڪ ديدار جو ارادو ڪيو ته خواجه صاحب به هن حديث مطابق اُن جي ديدار جو ارادو ڪيو: ”من احب لقاء الله احب الله لقاه“ ترجمو: جيڪو الله جي ديدار ۽ ملاقات کي دوست رکي ٿو ته الله به ان جي ملاقات کي دوست رکي ٿو.

جيئن حافظ چوي ٿو:

ترڪ ڪام خود گر فتم تابر آيد ڪام دوست.

[معنيٰ: مون پنهنجي مقصد کي هن ڪري ڇڏيو ته دوست جي مراد پوري ٿئي.]

96. مطلب ته جيڪو سوچ کانسواءِ ڪم ڪندو اهو پشيمان ٿيندو.

97. هتي ٻير جي وڻ مان مراد سدرة المنتهيٰ آهي، جيڪا ستين آسمان يا ڪرسيءَ مٿان ٻڌائي وئي آهي ۽ اها عالم خلق ۽ عالم امر جي وچ تي آهي.

98. اها دل جي ويڪرائي، هن جهان جي ويڪرائي آهي.

99. جيئن ڳالھ ڪندا آهن ته خواجه شمس تبريز مولوي رومي کان پڇيو ته اسان جو پيغمبرﷺ بهتر آهي يا بايزيد؟ هن چيو ته بايزيد کي آنحضرتﷺ سان برابري ڪرڻ جي ڪهڙي طاقت آهي. تڏهن ان وري پڇيو بايزيد ”سبحاني ما اعظم شاني“ جو دم ڇو هنيو ۽ حضور جن اهڙو جملو نه فرمايو؟ اهو ٻڌي ان جواب ڏنو ته بايزيد ڪونري وانگر هو جو ٿوري پاڻيءَ سان وهي هليو ۽ آنحضرتﷺ محيط سمنڊ هو، جو دريائن جي فيض سان به ڪيس ڪو نقصان نه پهتو جو سبحاني جي لاف هڻي.

110. اُهي حديث جا لفظ آهن جنهن جي وضاحت هي آهي ته حق تعاليٰ بيمثال آهي، دنيا ۾ سندس مثال انسان جي صورت آهي، جيڪا سڀني صورتن جي جامع آهي.

مطلب ته غير الله جي نفي ائين ڪجي جو مخلوق چنڊ ۽ سج توڙي جو ڏاڍا حسين آهن، پر بي رغبت هجن.

111. شيخ صنعان جو قصو هن طرح آهي ته شيخ خدا جي ارادي سان حرمين کان روم ڏانهن روانو ٿيو، اُتي هڪ عيسائي عورت تي عاشق ٿي پيو. جنهن سان شادي ڪرڻ لاءِ ظاهر ۾ سندن ديول ۾ رهڻ لڳو. ان جي ڪابيني جي عيوض سندن سوئر چارڻ لڳو. ان ڪري سندس مريد ڦري ويا. جڏهن اُهي پنهنجي گهرن ۾ پهتا

ته اتي جيڪو هڪ فقير چڏيو هئائون. تنهن سپني کي تنبيه ڪئي ته اوهان کي پنهنجي مرشد جو دين ونڻ کپندو هو. جيتوڻيڪ شيخ جو اندر اسلام تي برقرار هو، پر ظاهر ۾ شادي ڪانپوءِ پاڻ ۽ سندس زال جنهن لاءِ اسلام لڪيل هو. ٻنهي اسلام آندو.

جيئن ڪتاب ''گلشن راز'' ۾ آهي:

خرابا تي شدن از خود رهائي است

خودي ڪفر است گر خود پارسائي است.

[معنيٰ: پاڻ کان آجو ٿيڻ خراباتي ٿيڻ آهي، خودي ڪفر آهي توڙي ڪٽي پاڻ پارسائي (وڏو بزرگ) چو نه ٿي وڃي.]

چو ته تحقيق ڪنهن شيءِ جي غير خدا ڏانهن نسبت ڪرڻ ڪفر آهي ۽ حق کي غير حق ۾ ڏسڻ آهي.

114. مچي هڪ ڪلي حقيقت آهي. ڪليءَ کي ٻن شين تي اطلاق ڪندا آهن، هڪ افراد جيڪي خارج ۾ موجود آهن، جيئن مچي پاڻيءَ جو حيوان آهي، ٻيو اهڙو ڪلي جو ان جو تصور شرڪت کان روڪيندڙ نه هجي توڙي ان جا افراد موجود نه هجن. پهرئين قسم کي ''ڪلي عرفي'' چوندا آهن، ٻئي کي ''ڪلي منطقي'' سڏيندا آهن. هن ڪلام جو مطلب هي آهي ته اها شيءِ جيڪا عاشقن جي دلين کي کسي ٿي خدا ڪلي آهي، جيئن مڇيءَ جي ڪلي منطقي آهي جيڪا پاڻيءَ ۾ ثابت آهي. ظاهري معشوق جيڪي حقيقي معشوق جون صورتون ۽ نمونو آهن سي مڇي جي افراد وانگر آهن جا ڪلي عرفي آهي. اهي افراد موجود ٿيندا رهندا آهن ۽ فنا ٿيندا آهن.

جنهن جي ترڪيب ڏهن لطيفن مان ٿي آهي، جن مان پنج لطيفا ”عالم امر“ جا آهن: قلب، روح، سر، خفي ۽ اخفيٰ، ۽ پنج لطيفا ”عالم خلق“ مان آهن: نفس ۽ چار عناصر

118. چاڻ گهرجي ته جيڪي ماڻهو تناسخ يا جوڻ جا قائل آهن، سي مٿيئن آيت مان دليل وٺندا آهن. حضرت مرشد (سلطان الاولياء) آيت جي مراد ۽ مطلب ڪي اهڙي نموني بيان ڪيو جو انهن کي جواب ملي ويو. باقي انهن هن حديث سان به پنهنجي قول لاءِ دليل ورتو آهي ته

”ان الله خلق مائته الف آدم“

يعني: الله تعاليٰ هڪ لک آدم کي پيدا ڪيو آهي ۽ ٻيو شيخ محي الدين ابن عربيءَ جو ڪلام به دليل ۾ آڻيندا آهن. ان جو جواب اهو آهي جو شيخ مجدد الف ثاني فرمايو آهي ته الله تعاليٰ ڪن ڪاملن جي لطيفن ۽ صفتن کي اها قوت عطا فرمائي آهي ته جيئن عنصري بدن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي بدن مثاليءَ جو رنگ وٺن، انهن کان ڪيتريون ئي ڪرامتون ۽ شطحيات صادر ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح هن جهان مان ڪوچ ڪرڻ کانپوءِ به انهن کان ڪيتريون ئي ڪرامتون ظاهر ٿيون آهن.

125. حديث تجديد مان نئين حديث مراد ورتي اٿن. مطلب ته هر نئين حديث جيڪا پاڻ صلي الله عليه وسلم فرمائيندا هئا سا اڳين حديث جي تقليد نه هئي پر اجتهاد هو.

137. مطلب ته بي فائدي ڳالهه ڏانهن ڪن نه ڏيندو آهي، هو رڳو ضرورت جي لائق ڳالهه ٻڌندو آهي.

159. قطب الاقطاب حضرت پير(سلطان الاولياء خواجه محمد زمان قدس سره) جي فيض وٺڻ جو مختصر بيان هن طرح آهي ته حضرت پير ظاهري علم جي طلب لاءِ شهر ٺٽي ۾ پهچي، عالمن ۽ فاضلن جي اڳواڻ شيخ محمد صادق (نقشبندي ٺٽوي)، جيڪو سيادت ۽ شرافت پناهه، درويشن جي برگزيده سيد عبداللطيف (ڀٽائي) جو مريد هو. وٽ عربي علوم پڙهڻ لڳا. جڏهن علم جي تحصيل مان ڪجهه رهيل هو ته اتفاق سان حضرت قطب الاقطاب، غوث الاحباب، فنا في الله ۽ بقا با لله، الله جي اخلاقن سان سينگاريل، حاجي الحرمين شيخ محمد (خواجه ابوالمساڪين ٺٽوي)، جيڪي ان ئي شهر ۾ رهندا هئا، تنهن سان ملاقات ڪيائون. حضرت مرشد جي مرشد (خواجه ابوالمساڪين) پير (سلطان الاولياء) کي پنهنجي مريدي لاءِ چيو. پر حضرت مرشد جواب ۾ فرمايو ته ظاهري علم جي پوري تحصيل کان پوءِ طريقت عاليه ۾ شغل رکندس. نيٺ علم جي تحصيل کان پوءِ پوري شوق سان حضرت مرشد المرشد جي خدمت ۾ پهتا ۽ مريد ٿي ذڪر، فڪر ۾ لڳي ويا. پورن ڇهن مهينن کانپوءِ طريقت جي تعليم جي ڪين هن طرح اجازت ڏنائون جو پنهنجي سر مبارڪ تان دستار لاهي حضرت پير (سلطان الاولياء) جي مٿي تي رکيائون ۽ کين پنهنجي مسند تي ويهاري، پنهنجي مريدن کي حضرت پير جي مريد ٿيڻ لاءِ هٿ تي بيعت جو حڪم فرمايائون. جيئن حضرت مرشد (سلطان الاولياء) کان منقول آهي ته اڳين مشائخن مان ڪنهن به هڪ اچ تائين انهيءَ نموني جي ڪنهن کي به اجازت

نه ڏني آهي، جو پنهنجي زندگيءَ ۾ مريد کي مسند تي ويهاريو هجي ۽ مريدن کي اُن جي هٿ تي بيعت جو حڪم فرمايو هجي، ايستائين جو سندن مريدن مان جيڪڏهن ڪو دست بيعت کان انڪار ڪندو ته اهو حضرت مرشد جي مرشد (خواجه ابوالمساڪين) جي مريدن ۾ داخل نه آهي. جڏهن به ڪو مريد حاجي صاحب (خواجه ابوالمساڪين) کان توجه جو طالب ٿيندو هو ته ان کي حضرت پير (سلطان الاولياء) جي حوالي ڪندا هئا. ڪجھ وقت کانپوءِ حضرت مرشدالمرشد (خواجه ابوالمساڪين نٿوي) حرمين شريفن جي زيارت لاءِ ويا ۽ حضرت پير (سلطان الاولياء) کي پنهنجي خانگاھ ۾ ويهاريائون. حج ڪري موٽڻ کانپوءِ وري واپس شهر ٺٽي ۾ پهتا ۽ حضرت پير (سلطان الاولياء) سان ڪجھ دل جون ڳالهيون بيان ڪري فرمايائون ته رڳو انهن ڳالهين لاءِ وطن ڏانهن موٽيو آهيان، چو ته اُهي لکڻ ۾ نه ٿي اچي سگهيون. اڌ مهيني جي گذرڻ کانپوءِ عيال سميت حرمين جي زيات لاءِ راهي ٿيا. جڏهن "لاهري بندر" وٽ پهتا ته حاجي صاحب، حضرت پير (سلطان الاولياء) کي گهرائڻ لاءِ هڪ قاصد موڪليو. پر حضرت مرشد (سلطان الاولياء) قاصد جي پهچڻ کان اڳ ئي مٿئين بندر ڏانهن روانا ٿي ويا، ان کي حضرت مرشد جي مرشد (خواجه ابوالمساڪين) گهڻو پسند فرمايو. پاڻ ۾ الله جي راز جو ڳالهيون ڪيائون. جيئن هڪ شاعر چوي ٿو:

چيست ازين خوب تر درهمه آفاق کار

دوست رسد نزد دوست، يار نزديک يار

[معنيٰ: هن ڪان وڌيڪ چڱو ڪم ساري جهان ۾ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ جو دوست دوست وٽ پهچي ۽ يار يار جي ويجهو ٿئي.]

اُهي ڳالهيون جيڪي انهن ٻنهي بزرگن جي وچ ۾ ٿيون تن لاءِ معلوم نه ٿيو آهي ته ڇا بابت هيون، پر فهم قاصر ۾ اچي ٿو ته الله تعاليٰ جي قربيت ۽ ويجهڙائپ بابت هيون. والله اعلم. پوءِ حضرت پير (سلطان الاولياء) موڪل وٺي پنهنجي اصلي وطن ڳوٺ لواريءَ ۾ آيا.

مطلب ته منهنجو خدا اهڙو آهي جو ڪهنو ۽ پراڻو نه ٿو ٿئي.

مخدوم ابوالقاسم نقوي پنهنجي حياتيءَ ۾ حاجي صاحب (شيخ محمد نقوي) سان ڏاڍو قرب رکندا هئا. جڏهن شيخ ابوالقاسم جي پوئين گهڙي اچي پهتي ته مريدن حاجي صاحب (خواجه ابوالمساڪين) کي ڪنهن ڪم لاءِ موڪلي ڇڏيو هو ته متان مخدوم ابوالقاسم هن کي اجازت ڏيئي سجاده نشين نه بنائي. جڏهن شيخ ابوالقاسم، حاجي صاحب لاءِ پڇيو ته مريدن جواب ڏنو ته اوهان جو فرزند شيخ ابراهيم موجود آهي، اهو ٻڌي پاڻ ماٺ ٿي ويا. وري ٻئي ڀيري حاجي صاحب بابت پڇيائون پيهر به کين ساڳيو ئي جواب مليو. ٽئين ڀيري پڇڻ ڪانپوءِ به جڏهن کين ساڳيو جواب مليو، تڏهن فرمايائون ته خدا جي مخلوق کي برباد ڪرڻو نه آهي جو شيخ ابراهيم کي اجازت ڏني وڃي، جڏهن حاجي

صاحب (شيخ محمد ابوالمساڪين) اچي ته ڪيس چوندا ته اسان جي مزار تي اچي.

سندن مقام ۽ مرتبي جي لائق ٻيو بيان هي آهي ته شيخ ابوالقاسم پنهنجي زندگي ۾

گهڻن مريدن سان گڏ، جن ۾ مرشد جو مرشد حاجي شيخ محمد (ابوالمساڪين) ۽ (خواجه حاجي) عبداللطيف جيڪو حضرت پير جو والد ۽ هن درويش (خواجه گل محمد) جو ڏاڏو آهي. اُهي به هن جماعت جي مريدن ۾ داخل هئا. ٺٽي کان سير سفر تي نڪتا، جڏهن پاڻ اُتان هلي ”پٺه“ پرڳڻي ۾ پهتا ته هڪ وڏي نم جي ڇانوَ هيٺ ويهي رهيا. اُتي وڻ تي ڪيئن پکي ويٺا هئا، جيڪي طرحين طرحين جا آواز ڪري رهيا هئا. اتفاق اهڙو ٿيو جو حضرت شيخ ميان ابوالقاسم، شيخ حاجي صاحب ڏانهن منهن ڪري فرمايو ته اوهان کان مريدي ايتري ڪمال تي پهچندي جو فيض جا طالب هنن پکين وانگر گڏ ٿيندا. وري شيخ عبداللطيف ڏانهن نظر ڪندي فرمايائون ته اوهان جي پٺيءَ مان به اُن طرح فيض جو ڪمال ٿيندو. هن کانپوءِ شيخ عبداللطيف شادي ڪئي، ڪيترن فرزندن کانپوءِ حضرت پير مرشد (سلطان الاولياء) پيدا ٿيو ۽ شيخ محمد جي مريدن جي جماعت ۾ داخل ٿيو. اجازت کانپوءِ وٽن خلق جو ايڏو انبوهه ٿيو جيئن شيخ ابوالقاسم خبر ڏني هئي.

حقيقتن ۽ معرفتن جو واقف شيخ محمد زڪي سرهند جا ويٺل هئا ۽ حضرت شيخ مجدد الف ثانيءَ جي اولاد مان هئا. هن صحبت جو احوال هن طرح آهي ته خواجه ابوالقاسم جي وفات

کانپوءِ خواجه محمد زڪي سرهند کان حج ۽ زيارت حرمين لاءِ روانا ٿيا. جڏهن سندن لنگهڻ ٺٽي کان ٿيو ته حضرت حاجي صاحب ۽ شيخ ابوالقاسم جو فرزند شيخ ابراهيم گهڻن ماڻهن کي ساڻ ڪري خواجه محمد زڪي وٽ پهتا. خواجه صاحب، حاجي صاحب بابت پُڇيو ته هي ڪير آهي؟ ماڻهن جواب ڏنو ته شيخ ابراهيم جو پاءُ آهي. خواجه صاحب جواب ۾ فرمايو ته هيءُ ڪنهن جو پاءُ نه آهي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن جو پاءُ هجي ته ٿي سگهي ٿو. سندن اهو مطلب هو ته هيءُ بلند مرتبي وارو انسان آهي، هن جو سڄاڻ بئي جي پائپيءَ جو محتاج نه آهي. باقي بئي کي سڄاڻ ۾ هن ڏي احتياج آهي. جڏهن شيخ محمد زڪي ٺٽي کان حج لاءِ ويا ۽ وري موٽي وطن واپس وريا ته شيخ محمد ۽ شيخ ابراهيم به سندن حڪم پٺاندڙ سندن پويان روانا ٿيا ۽ ٽي سال لڳاتار سندن صحبت ۾ رهيا. خواجه محمد زڪي، حضرت حاجي صاحب کي طريقت جي تعليم جي اجازت ڏني. ان کان پوءِ مرشد جي اجازت سان دهليءَ ۾ خواجه محمد زبير جي صحبت ۾ پهتا. هڪ وقت جڏهن خواجه محمد زبير درويشن جي حلقي ۾ ويٺا هئا ته اتفاق سان وقت جي بادشاه جو خانقاه وٽان لنگهڻ ٿيو. حضرت خواجه محمد زبير فرمايو ته جيڪڏهن ڪنهن کي بادشاه جي تجمل کي ڏسڻو هجي ته پلي ڏسي. (پوءِ) سڀ درويش تماشي ڏسڻ لاءِ اُٿي ويا، رڳو حاجي صاحب (شيخ محمد) ويٺو رهيو. حضرت خواجه محمد زبير کيس فرمايو ته اوهان سنڌين بادشاهي رعب نه ڏٺو آهي، جيڪڏهن خيال رکو ٿا ته وڃي ڏسو. حاجي صاحب

جواب ۾ چيو ته اسان جنهن بادشاھ وٽ آيا آهيون، ان وٽ ويٺا آهيون، اسان کي هُن بادشاھ جي رعب تاب ڏسڻ جي ڪابه خواهش نه آهي. هن ٻول تي خواجه محمد زبير ايتري مٿن رحمت جي نظر ڪئي جو جيڪڏهن ٻارهن سال عبادت ۾ مشغول هجن ها، تڏهن به اهو فيض کين نه پهچي ها. اهو ٻول خود حاجي صاحب کان منقول آهي.

معنوي طور اها گهڙي صحبت هئي نه ته ظاهري طرح ڇهه مهينا هئي.

160. اهو بيان هن طرح آهي ته هڪ ڏينهن هشام پٽ عبدالملڪ پٽ مروان جو ڪعبي جي چوڌاري طواف ڪري رهيو هو، ماڻهن جي هجوم ڪري هو حجر اسود کي چمي نه ٿي سگهيو. اتفاق سان حضرت زهريٰ جو پوٽو، پرهيزگارن جو امام زين العابدين به طواف ڪري رهيو هو. جڏهن ان حجر اسود چمڻ ٿي گهريو ته ماڻهو هڪ پاسي ٿي پئي ويا ۽ امام کي حجر اسود چمڻ ۾ سولائي پئي ٿي. شام (مُلڪ) جو هڪ ماڻهو جيڪو امام کي نه سڃاڻيندو هو، تنهن هشام کان پڇيو ته هي ماڻهو ڪير آهي؟ هُن امام سان ساڙ ۽ دشمني رکندي جواب ڏنو ته خبر نه آهي ته اهو ڪير آهي. تڏهن فرزدق شاعر جنهن جي ڪنيت ابوالفوارس هئي. جنهن جي وجود ۾ اهل بيت لاءِ محبت رکيل هئي، تنهن هڪ قصيدو امام جي تعريف ۾ ناهي ماڻهن جي هجوم اڳيان پڙهيو. جنهن ڪري هشام، فرزدق کي جيل ۾ بند ڪرايو. جڏهن امام صاحب اها خبر ٻڌي تڏهن ٻارهن هزار درهم ان ڏانهن

موڪليائين. هُن اُهي قبول نه ڪيا ۽ چيائين ته ساري عمر دنيا جي طلب ۾ اشعار چيا اٿم، هن شعر ڪانسواءِ جو اهو خدا ڪارڻ چيو اٿم، تنهنڪري ان جو مُلهه نه وٺندس. پر امام پنهنجي عطيي کي واپس وٺڻ کان انڪار ڪيو. جيئن مٿي بيان ٿي گذريو.

161. اهو رند مشائخن جو هڪ قسم آهي، جنهن کي ملامتي چوندا آهن.

170. مطلب ته چڱن ڪمن لاءِ حڪم ۽ بُچڙاين کان روڪڻ واري تبليغ گهر کان شروع ڪر!

171. چو ته ان جو مطلب آهي خدا جي غير جي نفي ڪرڻ ۽ ذات خدا کي ثابت ڪرڻ.

174. مطلب ته خاص حالت ۾ ان جي موڪل ڏئي سگهجي ٿي.

176. مطلب ته جنهن کي مولا جو وصول حاصل ٿيندو، تنهن کي سڀ شيءِ ملي وئي.

179. پر اهو نفعو ان مئل ماڻهوءَ لاءِ آهي، جنهن زندگيءَ ۾ ڪلمو پڙهيو هوندو. جيئن حديث ۾ اچي ٿو: ”من قال لا الہٰ الاالله دخل الجنته“ يعني: جنهن لا اِلاالله چيو ته اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.

183. ڪوڙو صبح نفسي فنا کان اڳ واري جذبي جو نالو آهي ۽ سچو صبح جيڪو نفس جي فنا کانپوءِ واري اُپريل جذبي جو نالو آهي.

187. هتي ايلچي يا قاصد مان مراد ڪامل انسان ۽ سڪندر مان مراد حقيقي بادشاهه آهي. اها ڳالهه هن طرح آهي ته ذوالقرنين جنهن کي سڪندر چوندا آهن روم جو بادشاهه هو. نوشابه نالي هڪ

عورت وٽ وڪيل ٿي ويو. نوشابه بردع ولايت تي حڪومت ڪندي هئي. ان وٽ سڪندر بادشاهه جي ڪاغذ تي چٽيل تصوير موجود هئي، ان ڪري هُن سڪندر کي سڃاڻي ورتو. تڏهن هيءَ ڳالهه پڌري ٿي پئي. ڳالهه پهاڪو بڻجي وئي. الله تعاليٰ انسان ڪامل جي ويس ۾ خلق جي اندر جلوو ڪندو آهي، پوءِ اُتان ان کي هٿ ڪريو!

223. الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کان رزق نه گهرڻ ۽ رڳو الله تي ڀروسو ۽ توڪل رکڻ ان ماڻهو لاءِ آهي، جنهن کي دل جو آرام حاصل هجي. باقي اطمينان ۽ آرام کان اڳ روزي جي ڳولا جائز آهي، بلڪ نهايت بلند فعل آهي. حضرت مرشد ڪيترن اهڙن ماڻهن کي جن آرام ۽ اطمينان کان اڳ توڪل رکي هئي، تن کي ڪسب ۽ ڪمائي جو حڪم فرمايائون.

جيئن مولوي رومي چوي ٿو:

کار پاکانرا قیاس از خود مگیر

گرچه ماند در نوشتن شیر شیر

[معنيٰ: پاڪ ماڻهن جي ڪم کي پاڻ تي قياس نه ڪر، شير (شينهن) ۽ شِير (کير) لکڻ ۾ هڪ جهڙا آهن، پر معنيٰ ۾ انهن جو وڏو فرق آهي.]

227. عليّون، جيڪا ستين آسمان يا سدرة المنتهيٰ وٽ آهي، جتي خلق جا عمل لکيل آهن.

229. مطلب ته ٻنهي طرفن کان اضافت کي ڪيرائڻ، نه مخلوق کي الله سان نسبت ڏئي ۽ نه وري الله کي مخلوق سان نسبت ڏئي. توحيد جي اها معنيٰ ”همه اوست“ جي مشرب رکندڙن جي آهي.

231. هتي هڪ سوال ٿو اُٿي ته قاضي جڏهن غائب تي حڪم نٿو ڪري سگهي، تڏهن هو خدا تعاليٰ بابت جيڪو ان کان غائب آهي ڪيئن وحدانيت جو حڪم ڪندو؟ مٿي هن جو جواب ڏنو ويو آهي.

236. چو جو پاڻ کي انسان ڪامل جي لباس ۾ ظاهر ڪيو اٿس.

237. مطلب ته فنا في الله جي درجي کي نه پهتو آهي.

239. مطلب ته جيڪو الله تعاليٰ کانسواءِ ٻئي پاسي لاڙو ڪندو اهو نابود ٿيندو ۽ جيڪو ان جي رضا تي راضي رهندو ان کي ابدي حياتي نصيب ٿيندي.

ضميمو - ب

تڪمله الوَردِ المُحمدي

يعني:

[‘فتح الفضل’ جي فارسي ترجمي ۾ مترجم طرفان ڪيل اضافا ۽ سمجهاڻيون.]

فارسي مترجم ۽ شارح :

سيد نور علي شاه بن سيد پير محمد لڪوي

فارسي ترجمي ۽ تاليف جو سال:

1239ھ مطابق 1823ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سپاس بيقياس مر يگانه را که بارگاه احديت او از دوگانه منزه ومبرا ست
وستايش و ثنايش مر منعمي را که از خوان يغمايش بهرياب هر بينوا ست
و درود نا معدود از ايزد ودود به محمود که صاحب ما زاغ البصر وما طغيٰ ست
و بر آل خير مآل او که معين دين متين و ذي ورع و اهتديٰ ست

و بر یارانِ او که موصوف بصدق و عدل و حیا و سخا ست
و بر اصحاب و تابعان او که در هدایت مانند ستارگان سما ست.

[سڀ تعريف خاص هڪ جي جنهن جي اڪيلي درگاهه آهي، اهو شريڪ کان پاڪ آهي. تعريف ۽ ثنا اُن خاص نعمت ڪندڙ لاءِ جو سندس مفت دسترخاني مان هر مُحتاج کي حصو مليو آهي. لامحدود درود اَلله پيار ڪندڙ کان تعريف ڪيل محمد ﷺتي، جنهن جي اَڪِ نه لڙي ۽ نه سرڪشي ڪيائين. ۽ سندس پليءَ اولاد تي، جيڪي دين سڳوري جا مدد گار، پرهيزگار ۽ هدايت وارا آهن. ۽ سندس يارن تي جنهن جي تعريف، سچ، عدل، حيا ۽ سخا سان ڪيل آهي ۽ سندس اصحابن ۽ تابعدارن تي، جيڪي هدايت ۾ آسمان جي سِتارن وانگر آهن.]

ان کان پوءِ الله جي پاڻهن ۾ گهڻ درجي وارو، اڪيلي روشني ڏيندڙ جو بندو فقير نور علي پٽ سيد پير محمد لڪعلوي حسيني رهندڙ لکي پرڳڻو جتوئي سرڪار بکر جو، اَلله ان کي معاف ڪري ۽ ان جي نفس جا عيب ڍڪي. دوستن ۽ پائرن کي عرض ٿو ڪري ته هن ڪتاب سڳوري '**فتح الفضل**' ۾ مشغول ٿيڻ، جيڪو صاحبِ ولايت ۽ طبع السليم شيخ عبدالرحيم جي تصنيف آهي، جيڪو جامع معقولات وڏي مرشد سائين (سلطان اولياء) قدس سره (جي ڪامل خليفن مان هو) جو فارسي پڙهندڙن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي، تنهنڪري جناب رشد اڪتساب، قدوة الارباب معاني، عمده اصحاب مباني، واقف اسرار نهاني، عارف معارف وجداني، حاوي الفروع والاصول، جامع المعقول والمنقول، مجمع البحرين، مڪمن النورين، مرجع الاخيار والاوتاد، قطب المدار والارشاد، محبوب

ايزد متعال، مرغوب رسولِ خصال (تعريف ان لال جي جڏهن بيان ڪجي، ته سندس وصف ۾ درياء به حيران رهجي وڃي) مرشدنا و هادينا اليٰ الله الامجد، حضرت ميان صاحب (خواجه محبوب الصمد) ميان گل محمّد رهندڙ لواري شريف قدس سره الباري، شال! اسان تي سندس فيض جي درياء مان پالوٺ هجي. ڪين ڪي ڪن وڏن دوستن عرض ڪيو ته هن ڪتاب جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو وڃي ته جيئن اسان جي سمجهه ۾ اچي سگهي. پاڻ جناب حضرت قدس سِره العنان همت و لاهنمت مهربان ٿي ان جي ترجمي ۽ ڪجهه فائدن ۽ اضافن لکڻ ۾ مشغول ٿيا ۽ نالو ان جو '**وَردِ مُحمدي**' رکيائون. پاڻ جڏهن "عارف بالله جنهن کي جهان سڃاڻندو آهي يا جنهن سان جهان کي سڃاڻبو آهي" (ارشاد 243 تي پهتا، تڏهن) پنهنجي ربّ ڏي موٽُ واري شراب جو پيالو پيتائون، هن فاني جهان مان پنهنجو سامان پڌائون ۽ چئن هٿن جي زمين ۾ وڃي داخل ٿيا ۽ عاشقن جي دلين تي ائين ارمان جو داغ چڙهيائون، جيئن پِتِ تي نقش رهيو. جڏهن محبوب هٿ مان ويو، 'اناالله وانااليہ راجعون'. گهڻو وقت ائين گُذري ويو ۽ ڳالهه ميسارجي رهي هئي. هن فقير بارگاهه عرش پناهه، قدوة الاولياء (اوليائن جو اڳواڻ)، زبدة الاصفياء والاتقياء، عالم رموز مقطعات (حروف مقطعات جي رمزن کي ڄاڻندڙ)، ڪاشف ڪنوز متشابهات (متشابهات جي ڪاٽين کي کوليندڙ)، محبوب ربّ البريات (مخلوقات جي ربّ جو محبوب)، مطلوب سيد المخلوقات (مخلوقات جي سردار جي مطلوب).

آنکه نگین گشته در حلقه اولیا

چو در انبیا خاتم انبیا

[جيڪو وليّن جي حلقي ۾ منڊيءَ جي ٽِڪَ آهي، جيئن نبين ۾ آخري نبي.]

چو جبریل در راهِ عرفان دلیل

نبي را حبیب و خدا را خلیل

[عرفان جي راهه ۾ جبريل وانگر رهنما، هو نبيءَ جو پيارو ۽ اَللہ جو دوست آهي.]

نگین ید خاتم انبیا

کنون وارد این خرد اولیا

[آخري نبيءَ جي منڊيءَ جي ٽِڪ جو مرتبو رکندڙ ۽ هاڻي سمجهه وارن وليّن جو سردار آهي.]

انسانيت وارو صاحب، مالڪ صفة العرفانية (معرفت جي صفت جو مالڪ)، قطبِ جهان، قيوم زمان، حضرت ميان (غوث العالم خواجه) محمّد زمان (قدس سره) الله شال! سندس عُمر ڊگهي ڪري ۽ دائمي رهي ۽ سندس مهربانين جا پاڇا اسان جي مٿان هميشه رهن. (مون حضور ۾) عرض ڪيو ته '**وَردِ مُحمّدي**' کي پورو ڪريو ته جيئن طالبن کي ڪلي ۽ جُزوي فائدو حاصل ٿئي. تڏهن هن فقير کي حُڪم ڪيائون ته توهان اُن کي پوري ڪرڻ جو ڪارنامو سرانجام ڏئي، عاشقن جي مجلس ۽ طالبن جي محفل کي سينگاريو. هن عاجز کي گهڻي وقت کان هن ڪتاب جو اهوئي خيال هيو. آخرڪار هن ڪتاب '**فتح الفضل**' کي '**وَردِ مُحمّدي**' جي

عنوان سان لکي پورو ڪيم ۽ ان جو نالو '**تڪملة الوَرِدِ**' رکيم. اميد ته مقبول بارگاه صمديت و قطبيت ۾ قبول پوندو ۽ طالبن کي فائدو ڏيندو. الله تعاليٰ جي ڪرم ۽ احسان سان دوستن ۾ هيءَ اُميد ٿو رکان ته جيڪڏهن غلطي يا ڪا خطا ٿي وئي هجي ته ان کي مهرباني جي قلم سان صحيح فرمائين ۽ عيب نه ڪڍڻ فرمائين.

بپوش گر بخطائي رسي طعنه مزن

که هيچ نفس بشر خالي از خطا نبود

[جيڪڏهن ڪنهن جي غلطي ڏسين ته ٽوڪ نه ڪر بلڪ اُن کي ڍَڪِ، ڇو ته ڪو به انسان خطا کان خالي نه هوندو آهي.]

هن تاليف جي پوري ٿيڻ جو سال لفظ: ' **تڪملة الوَرِدِ حق**' مان نڪري ٿو.

1339ھ

والله المستعان وعليہ التوڪلان

[۽ بيشڪ الله تعاليٰ کان مدد گهران ٿو ۽ اُن تي ئي ڀروسو ڪريان ٿو.]

ارشادات جو شرح

[274] اصل جي تشريح ڪندي ان کي "لاتعين" جي نقشبندي اصطلاح سان واضح ڪري ٿو ۽ وڌيڪ لکي ٿو: يعني (سالڪ) پنهنجو پاڻ کي واجب الوجود ۾ فنا ڪري سهڻن اخلاقن سان پاڻ کي سينگاري ٿو ۽ ياد حق جي حوالي ٿي وڃي ٿو. اتي سندس بشري قوتون ختم ٿي وڃن ٿيون. ڇو جو اتي

"**يدالله فوق ايديهم**"

يعني الله جو هٿ هنن جي هٿن مٿان آهي ۽ ”**بي يبصر و بي يبطش**“ يعني سالڪ هن سان ڏسي ٿو ۽ هن سان هلي ٿو. جو جلوو ظاهر ٿئي ٿو.

جيئن ڪنهن چيو آهي:

چون رسي باصل آيد در نظر

اين وجود است لا تعين، اي پسر

[معنيٰ: جڏهن تون اصل (حقيقت، توڙ) تائين پهچي وئين ته توکي ائين نظر ايندو ته هي وجود ڪا شيءِ نه آهي، اي پٽڙا!]

سيد نور علي لکوي فارسي ترجمو ڪندي اڪثر هنڌن تي جتي گرهوڙي ڪنهن ڪتاب جو نالو وٺي ٿو اتي لکوي ان ڪتاب جي مصنف جي نالي جي چٽائي پڻ ڪري ٿو. جيئن ’رشحات‘ جي مصنف جو لقب ”صفي الدين“ لکي ٿو. جيتوڻيڪ اهو مڪمل نالو ناهي، چو ته اصل نالو فخرالدين علي بن حسين واعظ ڪاشفي (867ھ-939ھ) آهي.

[282] ”مقام محمدي“ جي تشريح ڪندي لکي ٿو: اهو ”وصل عرياني“ آهي. جنهن کي تجلي ”ذوقي“ ۽ ”برقي“ پڻ چون ٿا، جيئن سلطان العارفين (خواجه گل محمد) پنهنجي ڪتاب .”وَردِ المحمدي“ ۾ ان جي شافي ۽ ڪافي وضاحت ڪري ڇڏي آهي.

[283] ”حجره“ لفظ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: ان مان مراد ”خلوت در انجمن“ آهي.

[292] مرشد جي تعريف جي حوالي سان وضاحت ڪندي چوي ٿو ته: اهو تصرف هن ظاهري دل جيڪا کٻي ٻبي جي هيٺان آهي،

توڙي اها دل جيڪا عالم ارواح سان تعلق رکي ٿي، جنهن جو آشيانو اهو گوشت جو ٽڪر آهي.

[301] هتي ”حقيقت محمدي“ جي تشريح ”تجلي ذوقي ۽ برقي“ ۽ ”وصل عرياني“ سان ڪري ٿو.

[314] هتي هيٺين شعر جو اضافو ملي ٿو:

نه بشر گويمت اي دوست نه حور و نه پري

اين همہ بر تو حجاب ست تو چيزي ديگري

[327] خواجه ابوالمساڪين جي نالي پٺيان هي اضافو آهي: هو قيوم الزمان ميان محمد زمان جو مرشد آهي، جيڪو وري تاج العارفين ميان گل محمد جو والد ۽ مرشد آهي، جيڪو حقيقت جو والي ۽ هن حقير مولف (نور علي شاهه) جو مرشد آهي.

[342] مخدوم آدم ٺٽويءَ لاءِ اضافو ڪندي لکي ٿو: هن جي اولاد (مان خواجه ابوالمساڪين ٺٽوي) جو مرشد خواجه محمد زڪي آهي. جيئن سلطان العارفين (خواجه گل محمد) پنهنجي ڪتاب ’ورد المحمدي‘ ۾ فرمايو آهي.

[367] هن ۾ مثنوي روميءَ جي هيءَ مصرع:

عالمي خواهم ازين عالم بدر

جي تشريح ڪندي هي اضافو ڪري ٿو: انهيءَ بيروني يا خارجي عالم ۾ شوق ڪانسواءِ ٻي ڪا مشغولي ناهي ۽ ٻي سمجه ٿيڻ کان علاوه ٻيو ڪو چارو ڪونهي. اتي آفاق ۽ انفس لاءِ به آرام ڪونهي ۽ اتي سڪون حاصل نٿو ٿي سگهي. ڇو ته اها اهڙي قسم جي باهه آهي، جنهن تان هزارين بهشت قربان ڪري ڇڏجن.

اها اهڙي عنايت جو چڻ دوزخ جا طبقا هجن، پر عاشق آهن جيڪي ان جاءِ تي سندس ديدار جا بيحد مشتاق آهن ۽ ڦٽيل دلين وارا دل جي آئينن ۾ ڪيس پيا ڳولين ته ڪڏهن ٿا مطلق جمال جو جلوو پسن. چو ته اها سچي پريشاني ان ڳالھ تي مدار رکي ٿي ته اهو مالڪ سائين پاڻ ڪنهن کي ٿو گهري يا نوازي.

[388] هن ۾ هيٺيون اضافو ملي ٿو: علم هڪ نقطو آهي ۽ ذات سمنڊ آهي، سمنڊ نقطي ۾ نٿو سمائجي سگهي. ليڪن خدا جي عنايت صوفي سان شامل حال ٿئي ٿي ته اهو سمنڊ علم جي نقطي ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن اک جي ماڻڪيءَ ۾ شبيھ ۽ آئيني ۾ شڪل يا صورت نظر ايندي آهي مولوي روميءَ جو هي بيت ان جو شاهد آهي. والله اعلم.

علم حق در علم صوفي گم شود

اين سخن ڪي باور بر دم شود

معنيٰ: حق تعاليٰ جو علم صوفي جي علم ۾ گم(شامل) ٿئي ٿو. پر اها ڳالھ عام ماڻهن کي سمجھ ۾ نٿي اچي.

[411] جڏهن ڪنهن عارف نفي ڪان اڳتي چا آهي؟ وارو سوال ڪيو ان بابت حاشيي ۾ شايد ڪاتب طرفان لکيو ويو آهي ته اهو سيد عبداللطيف يعني اهو شاهھ عبداللطيف ڀٽائي هو.

[423] هن ۾ 'فائده زائده' ڪانپوءِ هي اضافو آهي: هن طريقي بابت اختصار سان اهو ئي لکڻ مناسب آهي ته جڏهن نيڪ بخت سالڪ کي پنهنجي جسم تي غلبو حاصل ٿي ويو ته ان ڪانپوءِ هر لطيفو جيڪا مناسبت رکندڙ آهي يا قلب جيڪو سيني لطيفن جو آماجگاهھ

آهي يا لطيفو نفسي جنهن جي جاءِ دماغ جو مٿيون حصو آهي، سي سڀ رستا مٿس کلي پون ٿا. سندس وجود ٻئي وجود جيان عالم مثال جي راهہ تي پرواز ڪري ٿو. پوءِ جيترو سندس ذڪر تيز ۽ گهڻو آهي اوترو سندس سير به تيز تر ٿئي ٿو. سالڪ کي وقت بوقت مختلف انوار جيڪي چمڪندڙ ٿين ٿا يا باهہ جي شعلي وانگر ٻرندڙ آهن يا بلڪ ڪاري دونهي جيان آهن نظر اچڻ لڳندا آهن. سالڪ کي گهرجي تہ پنهنجي نظرن کي جمائي رکي ۽ هن طرف ڌيان نہ ڏئي. ائين چئن عناصرن مان گذري افلاڪ تائين پهچي ٿو پوءِ ڪن کي افلاڪ جو تفصيلي سير حاصل ٿئي ٿو تہ ڪن کي وري مختصر حصو ملي ٿو. اهڙي طرح سير افلاڪ کان گذري عرش جي ٿنڀن تائين پهچي ٿو جنهن کي ڪرسي چون ٿا. اهو سير مٿس ڳاڙهي يا سائي رنگ ۾ منڪشف ٿئي ٿو. پوءِ وري سندس سير کيس عرش تائين وٺي وڃي ٿو جتي مٿس اهڙا گونا گون انوار تجلي ڪن ٿا جو ڪي سالڪ هوش ۽ عقل وڃائي ويهن ٿا. خاص طور جڏهن مٿن ڪبريائي عظمت ۽ هيبت تاري ٿئي ٿي. اتي ئي هو لا مڪان ۾ قدم رکن ٿا جتي ڇهن طرفن مان ڪو طرف ڪونهي ۽ حيراني سندن رهنمائي ڪري ٿي. ليڪن اتي قادر جي قدرت سان پير مرشد جي دستگيريءَ سان هنن لاءِ راهہ پيدا ٿي پوي ٿي جنهن جي ڪا هيٺ مثانهين ناهي. اتي آفاق جي تڪميل يا پڄاڻي ٿئي ٿي. ان کان اڳتي سير انفسي شروع ٿئي ٿو جيڪو آفاق جي مقابلي ۾ تيزي سان ظاهر ٿئي ٿو. اتي ذات ۽ صفات جي ڪاراڻ ۽ روشنائي گهٽ ٿيڻ واري ناهي ۽ سالڪ کي گهڻو ڪري اهو ئي نظر اچي ٿو. بهرحال

سالڪ کي انوارن طرف ڏيان ڏيڻ ڪانسواءِ ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهڻ کپي ته جيئن بشري ڪمزوريون ۽ اوڻايون آهستي آهستي فنا ٿي وڃن ۽ اتي سهڻا اخلاق پيدا ٿي پون. اتي وجود ڪڏهن هڪ خيال وانگر نظر اچي ٿو جڏهن پير ۽ خدا تعاليٰ جي ياد کان غافل ٿئي ٿو. دنيا جي حياتي تي نظر ڪونه ٿي پوي ڇو ته سالڪ جو قلب غير جي خطرن کان خالي ٿيڻ سان آئيني بنجڻ جي انتظار ۾ آهي. جڏهن ذات مطلق منجهس خود بخود جلوو ۽ تجلي ڪندي جنهن لاءِ ذاتي لياقتن جو سهڻو ۽ صاف هجڻ ضروري آهي، ان کي ”ولايت صغريٰ“ چون ٿا ۽ اتي ذات جو ظهور دل جي صفائي مطابق ٿئي ٿو.

ان کان اڳتي پهرين وانگر وري عروج جو ظهور ٿيندو آهي جتي اجمال نئين طرح تفصيلي طور ظاهر ٿئي ٿو ۽ نور جا پردا آهستي آهستي هٽي وڃن ٿا ۽ ذات جو جلوو ٿئي ٿو. پر هتي اها نسبت اڳئين جي مقابلي ۾ وڌيڪ صاف ۽ روشن ٿي پوي ٿي ڇو ته دل ۾ به ايتري صفائي اچي وڃي ٿي ۽ ان کي ”ولايت ڪبريٰ“ چون ٿا. اتي پهچڻ ڪانپوءِ نزول ٿئي ٿو ۽ محقق صوفي جو پيهر عروج اڳي کان تمام تيز ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ ڏينهن ۾ سڀ منزلون طئي ڪري محبوب حقيقي جي ديدار سان مشرف ٿئي ٿو. انهي کي ”ولايت عليا“ چون ٿا. ۽ اهو ڏينهن پنجاهه هزار سالن جي برابر آهي، ان کان بعد شين جي اصولي سير جو وارو اچي ٿو جتي ويهڻ جي جاءِ ڇڻ سنهڙن وارن جيتري ٿي پوي ٿي. والله اعلم بالصواب.

کدام روز شود از حبيب وعده وصال

که عمر برتر از چهل شد به پنجه سال!

[معنيٰ: الائجي ڪهڙي ڏينهن محبوب سان ملڻ جو واعدو پورو ٿيندو؟ چو ته منهنجي عمر چاليهن کان ٽپي پنجاھ سال ٿي وئي آهي؟!]

يعني الله جو هٿ هنن جي هٿن مٿان آهي ۽ "**بي يبصر و بي يبطش**" يعني سالڪ هن سان ڏسي ٿو ۽ هن سان هلي ٿو. جو جلوو ظاهر ٿئي ٿو.

جيئن ڪنهن چيو آهي:

چون رسي باصل آيد در نظر

اين وجود است لا تعين، اي پسر

[معنيٰ: جڏهن تون اصل (حقيقت، توڙ) تائين پهچي وئين ته توکي ائين نظر ايندو ته هي وجود ڪا شيءِ نه آهي، اي پٽڙا!]

سيد نور علي لکوي فارسي ترجمو ڪندي اڪثر هنڌن تي جتي گرهوڙي ڪنهن ڪتاب جو نالو ونئي ٿو اتي لکوي ان ڪتاب جي مصنف جي نالي جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو. جيئن 'رشحات' جي مصنف جو لقب "صفي الدين" لکي ٿو. جيتوڻيڪ اهو مڪمل نالو ناهي، چو ته اصل نالو فخرالدين علي بن حسين واعظ ڪاشفي (867ھ-939ھ) آهي.

[282] "مقام محمدي" جي تشريح ڪندي لکي ٿو: اهو "وصل عرياني" آهي. جنهن کي تجلي "ذوقي" ۽ "برقي" پڻ چون ٿا، جيئن سلطان العارفين (خواجه گل محمد) پنهنجي ڪتاب ."وَرِدِ المحمدي" ۾ ان جي شافي ۽ ڪافي وضاحت ڪري ڇڏي آهي.

[283] ”حجره“ لفظ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو: ان مان مراد ”خلوت در انجمن“ آهي.

[292] مرشد جي تعريف جي حوالي سان وضاحت ڪندي چوي ٿو ته: اهو تصرف هن ظاهري دل جيڪا ڪبي ببي جي هيٺان آهي، توڙي اها دل جيڪا عالم ارواح سان تعلق رکي ٿي، جنهن جو آشيانو اهو گوشت جو ٽڪر آهي.

[301] هتي ”حقيقت محمدي“ جي تشريح ”تجلي ذوقي ۽ برقي“ ۽ ”وصل عرياني“ سان ڪري ٿو.

[314] هتي هيٺين شعر جو اضافو ملي ٿو:

نه بشر گويمت اي دوست نه حور و نه پري

اين همہ بر تو حجاب ست تو چيزي ديگري

[327] خواجه ابوالمساڪين جي نالي پٺيان هي اضافو آهي: هو قيوم الزمان ميان محمد زمان جو مرشد آهي، جيڪو وري تاج العارفين ميان گل محمد جو والد ۽ مرشد آهي، جيڪو حقيقت جو والي ۽ هن حقير مولف (نور علي شاهہ) جو مرشد آهي.

[342] مخدوم آدم ٺٽويءَ لاءِ اضافو ڪندي لکي ٿو: هن جي اولاد (مان خواجه ابوالمساڪين ٺٽوي) جو مرشد خواجه محمد زڪي آهي. جيئن سلطان العارفين (خواجه گل محمد) پنهنجي ڪتاب ’ورد المحمدي‘ ۾ فرمايو آهي.

[367] هن ۾ مثنوي روميءَ جي هيءَ مصرع:

عالمي خواهم ازين عالم بدر

جي تشريح ڪندي هي اضافو ڪري ٿو: انهيءَ بيروني يا خارجي عالم ۾ شوق ڪانسواءِ ٻي ڪا مشغولي ناهي ۽ ٻي سمجھ ٿيڻ ڪان علاوه ٻيو ڪو چارو ڪونهي. اتي آفاق ۽ انفس لاءِ به آرام ڪونهي ۽ اتي سڪون حاصل نٿو ٿي سگهي. ڇو ته اها اهڙي قسم جي باھ آهي، جنهن تان هزارين بهشت قربان ڪري ڇڏجن. اها اهڙي عنايت جو ڇڻ دوزخ جا طبقا هجن، پر عاشق آهن جيڪي ان جاءِ تي سندس ديدار جا بيحد مشتاق آهن ۽ ڦٽيل دلين وارا دل جي آئينن ۾ ڪيس پيا ڳولين ته ڪڏهن ٿا مطلق جمال جو جلوو پسن. ڇو ته اها سڄي پريشاني ان ڳالھ تي مدار رکي ٿي ته اهو مالڪ سائين پاڻ ڪنهن کي ٿو گهري يا نوازي.

[388] هن ۾ هيٺيون اضافو ملي ٿو: علم هڪ نقطو آهي ۽ ذات سمنڊ آهي، سمنڊ نقطي ۾ نٿو سمائجي سگهي. ليڪن خدا جي عنايت صوفي سان شامل حال ٿئي ٿي ته اهو سمنڊ علم جي نقطي ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن اک جي ماڻڪيءَ ۾ شبيھ ۽ آئيني ۾ شڪل يا صورت نظر ايندي آهي مولوي روميءَ جو هي بيت ان جو شاهد آهي. والله اعلم.

علم حق در علم صوفي گم شود

اين سخن ڪي باور بر دم شود

معنيٰ: حق تعاليٰ جو علم صوفي جي علم ۾ گم(شامل) ٿئي ٿو. پر اها ڳالھ عام ماڻهن کي سمجھ ۾ نٿي اچي.

[411] جڏهن ڪنهن عارف نفي کان اڳتي ڇا آهي؟ وارو سوال ڪيو ان بابت حاشيي ۾ شايد ڪاتب طرفان لکيو ويو آهي ته اهو سيد عبداللطيف يعني اهو شاهه عبداللطيف ڀٽائي هو.

[423] هن ۾ ’فائده زائده‘ ڪانپوءِ هي اضافو آهي: هن طريقي بابت اختصار سان اهو ئي لکڻ مناسب آهي ته جڏهن نيڪ بخت سالڪ کي پنهنجي جسم تي غلبو حاصل ٿي ويو ته ان ڪانپوءِ هر لطيفو جيڪا مناسبت رکندڙ آهي يا قلب جيڪو سيني لطيفن جو آماجگاهه آهي يا لطيفو نفسي جنهن جي جاءِ دماغ جو مٿيون حصو آهي، سي سڀ رستا مٿس کلي پون ٿا. سندس وجود ٻئي وجود جيان عالم مثال جي راهه تي پرواز ڪري ٿو. پوءِ جيترو سندس ذڪر تيز ۽ گهڻو آهي اوترو سندس سير به تيز تر ٿئي ٿو. سالڪ کي وقت بوقت مختلف انوار جيڪي چمڪندڙ ٿين ٿا يا باهه جي شعلي وانگر ٻرندڙ آهن يا بلڪ ڪاري دونهي جيان آهن نظر اچڻ لڳندا آهن. سالڪ کي گهرجي ته پنهنجي نظرن کي جمائي رکي ۽ هن طرف ڌيان نه ڏئي. ائين چئن عناصرن مان گذري افلاڪ تائين پهچي ٿو پوءِ ڪن کي افلاڪ جو تفصيلي سير حاصل ٿئي ٿو ته ڪن کي وري مختصر حصو ملي ٿو. اهڙي طرح سير افلاڪ کان گذري عرش جي ٿنڀن تائين پهچي ٿو جنهن کي ڪرسي چون ٿا. اهو سير مٿس ڳاڙهي يا سائي رنگ ۾ منڪشف ٿئي ٿو. پوءِ وري سندس سير ڪيس عرش تائين وٺي وڃي ٿو جتي مٿس اهڙا گونا گون انوار تجلي ڪن ٿا جو ڪي سالڪ هوش ۽ عقل وڃائي ويهن ٿا. خاص طور جڏهن مٿن ڪبريائي عظمت ۽ هيبت تاري ٿئي ٿي. اتي ئي هو لا مڪان ۾

قدم رکن ٿا جتي ڇهن طرفن مان ڪو طرف ڪونهي ۽ حيراني سندن رهنمائي ڪري ٿي. ليڪن اتي قادر جي قدرت سان پير مرشد جي دستگيريءَ سان هنن لاءِ راهه پيدا ٿي پوي ٿي جنهن جي ڪا هيٺ مثانهين ناهي. اتي آفاق جي تڪميل يا پڇاڙي ٿئي ٿي. ان کان اڳتي سير انفسي شروع ٿئي ٿو جيڪو آفاق جي مقابلي ۾ تيزي سان ظاهر ٿئي ٿو. اتي ذات ۽ صفات جي ڪاراڻ ۽ روشنائي گهٽ ٿيڻ واري ناهي ۽ سالڪ کي گهڻو ڪري اهو ئي نظر اچي ٿو. بهرحال سالڪ کي انوارن طرف ڌيان ڏيڻ کانسواءِ ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهڻ کپي ته جيئن بشري ڪمزوريون ۽ اوڻايون آهستي آهستي فنا ٿي وڃن ۽ اتي سهڻا اخلاق پيدا ٿي پون. اتي وجود ڪڏهن هڪ خيال وانگر نظر اچي ٿو جڏهن پير ۽ خدا تعاليٰ جي ياد کان غافل ٿئي ٿو. دنيا جي حياتي تي نظر ڪونه ٿي پوي ڇو ته سالڪ جو قلب غير جي خطرن کان خالي ٿيڻ سان آئيني بنجڻ جي انتظار ۾ آهي. جڏهن ذات مطلق منجهس خود بخود جلوو ۽ تجلي ڪندي جنهن لاءِ ذاتي لياقتن جو سهڻو ۽ صاف هجڻ ضروري آهي، ان کي ”ولايت صغريٰ“ چون ٿا ۽ اتي ذات جو ظهور دل جي صفائي مطابق ٿئي ٿو.

ان کان اڳتي پهرين وانگر وري عروج جو ظهور ٿيندو آهي جتي اجمال نئين طرح تفصيلي طور ظاهر ٿئي ٿو ۽ نور جا پردا آهستي آهستي هٽي وڃن ٿا ۽ ذات جو جلوو ٿئي ٿو. پر هتي اها نسبت اڳئين جي مقابلي ۾ وڌيڪ صاف ۽ روشن ٿي پوي ٿي ڇو ته دل ۾ به ايتري صفائي اچي وڃي ٿي ۽ ان کي ”ولايت ڪبريٰ“ چون ٿا. اتي پهچڻ

ڪانپوءِ نزول ٿئي ٿو ۽ محقق صوفي جو پيهر عروج اڳي ڪان تمام تيز ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ ڏينهن ۾ سڀ منزلون طئي ڪري محبوب حقيقي جي ديدار سان مشرف ٿئي ٿو. انهي کي "ولايت عليا" چون ٿا. ۽ اهو ڏينهن پنجاهه هزار سالن جي برابر آهي، ان ڪان بعد شين جي اصولي سير جو وارو اچي ٿو جتي ويهڻ جي جاءِ چئن سنهڙن وارن جيتري ٿي پوي ٿي. والله اعلم بالصواب.

ڪدام روز شود از حبيب وعده وصال

که عمر برتر از چهل شد به پنجه سال!

[معنيٰ: الائجي ڪهڙي ڏينهن محبوب سان ملڻ جو واعدو پورو ٿيندو؟ چو ته منهنجي عمر چاليهن ڪان ٿپي پنجاهه سال ٿي وئي آهي؟!]

گرهوڙيءَ جا اشعار جيڪي متن ۾ آيل آهن

1. هر که او تابعش بشرع رسد
او اصول الفقہ و راه رسد
[ق : 6]

2. اصل الفقہ چيست راه نما
شاه آن مرشد ست راه نما
[ق : 6]

3. مرد جامع رسد بالاجماع
در ذلالت رسد جهل و نزاع
[ق : 6]

4. نفس چون نیست در درون باقي

جمله اش جمله را شود ساقي

[ق : 6]

5. قبط را خون و سبط را صافي

همچو قرآن مضلّ شود هادي

[ق : 6]

6. بنده با تدبیر را بیرون ز دنیا راه نیست

سوزن عیسیٰ حجاب است جز مجرد شاه نیست

[ق : 12]

7. موافق بصادق صدق گفته اند

دگر هر چه باشد لغو دیده اند

[ق : 34]

8. فما جاز فتویٰ خلا عن دلیل

اتیٰ ملزم الحکم غیر العلیل

[ق : 34]

9. چو خواهي که مفتي شوي در دیار

برو علم من اَینَ قُلنا بیار

[ق : 34]

10. این خلاف ز سلف در تفسیر

غالبش از مثال یا تعبیر

[ق : 38]

11. شرح جائز بمرادف وتمثيل
لیک تخصیص خطا جز بدلیل

[ق : 38]

12. تبطن وحشو هر دو کوري بدان
دوخانه ودو کلب سخن عالمان

[ق : 40]

13. هر چه بیني بشرح موجود است
شرح موجود کشف مقصود است

[ق : 41]

14. محال است حکم برذات عزیز
مگر چون بوجهي بگردد تمیز

[ق : 63]

15. راه ما چیست راه مسنوني
رابطه چون برائي بیچوني

[ق : 97]

16. مگو فیض موقوف براین وآن
که مانع بود خلق را ظن شان

[ق : 226]

17. تصوف رضا با چنین و چنان
که مقصود مطلق نه اطوار آن.

[ق : 226]

18. عشق اشیاء را مُقوّم دان

ورنه هر شيءِ مظهر رحمان

[ق : 265]

19. يخالفُ قواعد العصر ومكان

پسر وقت باشد خبر هر زمان

[ق : 275]

20. آيات بيّنات علم نقشبنديان

اوهام باطلات خيالات بنديان

[ق : 303]

21. هست مغفوري بقدر خير خواهي غافري

رحمت للعالمين شو تاز رحمت بر خوري

[ق : 399]

22. سفسطائي نشوي كه برهي

زين علم كوشده حجاب شهي

[ق : 411]

23. نيم لا ادري هست نيم دگر

انما العلم عند الله نگر

[ق : 411]

24. پيش از تمام كار اگر بر كردي

هر چه كردي تمام شر كردي

[ق : 446]

تعليقات فتح الفضل

تشريحي حوالا

ص 1: جوڳي پنھنجي جوءِ وئا............. اڌ ڪُنا آرام لئه.

هي گرهوڙي صاحب جو پنھنجو چيل بيت آهي ۽ قلمي نسخن ۾ ان ريت ملي ٿو. اسان وٽ جيڪو 1318ھ ۾ لکيل قلمي نسخو آهي، ان ۾ هي بيت سڀ کان اول آهي. ليڪن ڊاڪٽر دائود پوٽي ان کي سر رامڪلي ۾ ٻئي نمبر تي رکيو آهي. ياد رهي ته ڪلام گرهوڙي کي سرن ۾ ورهائڻ جو ڪم ڊاڪٽر دائود پوٽي جو آهي، اصل نسخن ۾ ائين نه آهي.

ڪلام گرهوڙي_ دائود پوٽو،ص 262،

ڪلام گرهوڙي_ قلمي سال 1318ھ/ 1900ع ص229

ص1: مُصحف المؤمن صدره

هن حديث يا قول بابت ڪا خبر پئجي نه سگهي.

ص1: ان الڪلام لفي الفواد..................علي الفواد دليلا

هن عربي شعر بابت خبر نه پئجي سگهي ته ڪنهن جو آهي، البت اهو ساڳيو شعر امام غزاليءَ جي تصنيف ”الاقتصاد في الاعتقاد“ ۾ پڻ ملي ٿو.

علم الڪلام – اردو-

ص86

ص1: هر زمان گر .... لباس را چه خلل

هي شعر شاهه ولي الله جي مشهور تصنيف ”همعات“ ۾ هن ريت ملي ٿو:

دم بدم گر شود لباس بدل

مرد صاحب لباس را چه خلل

هو ان جو مطلب هينئن ٻڌائي ٿو ته اصل ڳالهه الاهي عنايت آهي. پوءِ اهو جذبو ۽ تاثير جنهن کي ملي ان لاءِ ڪنهن خاص ماڻهو يا نسل جو قيد ناهي.

همعات اردو - ص 48

ص1: زورا

هي ڪتاب جلال الدين دوّاني (830_908ھ) جي تصنيف آهي، هو نائين صدي هجريءَ جو مشهور عالم معقولات ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو. هن سموري تعليم شيراز ۾ مڪمل ڪئي، سندس والد به وڏو عالم هو. سندس علمي شهرت جي ڪري وقت جي حاڪمن وٽ پڻ گهڻي مقبوليت هئي ۽ هو فارس جو قاضي القضات مقرر ٿيو. هو ڪيترن ڪتابن جو شارح آهي، جن ۾ شرح تجريد، شرح مطالع ۽ شرح عضدي قابل ذڪر آهن. ان کانسواءِ هن اشراقي فلسفي شيخ شهاب الدين جي ’هياڪل النور‘ جي ’شرح هياڪل النور‘ نالي سان لکي. فارسي ۾’اخلاق جلالي‘ سندس تصنيف آهي. جنهن جوانگريزيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪو آهي. اهو ڪتاب ڪيترائي ڀيرا ڇپيل آهي.’زورا‘ چند صفحن تي مشتمل هڪ ننڍڙو رسالو آهي، جنهن لاءِ ’شرح زورا‘ ۾ دواني پاڻ لکي ٿو ته جڏهن هڪ رات هو دجله درياءَ جي ڪناري تي ترسيل هو ته

هن حضرت عليءَ رضه کي خواب ۾ ڏٺو ۽ ان کان بعد هن هي رسالو عربيءَ ۾ لکيو ۽ عقيدت وچان حضرت عليءَ جي روضي اندر وڃي پڙهيو. رسالي جو موضوع الاهيات آهي. جيڪو 1467/872ع ۾ لکيو ويو. رسالي جي عبارت نهايت دقيق آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪجھ وقت کان پوءِ دوانيءَ کي پاڻ خيال آيو ۽ ان جي شرح بہ حصن ۾ لکيائين. پهريائين 'شرح خطبه الزورا' ۽ پوءِ 'شرح رساله الزورا' لکيائين.

علامه قاسمي صاحب لکي ٿو ته ٺٽي جي ڏهين صديءَ جي عالم مخدوم نعمت الله زورا جي مفصل شرح عربيءَ ۾ لکي آهي. جنهن جو قلمي نسخو وٽس موجود آهي ۽ پاڻ ان تي عربيءَ ۾ مقدمو ۽ حواشي لکي چڙيا اٿس، ليڪن هي ڪتاب ڇپجي ڪونه سگهيو آهي. ڊاڪٽر محمد ادريس ٻڌايو ته انهيءَ عربي شرح جو هڪ نقل سندس ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

سبع رسائل _ ميراث مڪتوب تهران 2001

فتح الفضل، سنڌي، ص 5

ص1: ڪلي مشڪڪ

منطق جي ابتدائي ڪتابن مطابق ڪلي هڪ تصور آهي جيئن انسان، گهوڙو وغيره اها ڪلي جيڪا پنهنجي جزئيات ۾ هر لحاظ کان برابر هجي، ان کي "ڪلي متواطي" چون ٿا، پر جنهن ڪلي جي جزئيات ۾ برابري نه هجي، بلڪ ڪجھ فردن ۾ اها گهٽ ۽ ڪن ۾ وڌ هجي ته ان کي "ڪلي مشڪڪ" چئبو آهي. مثلاً سفيد هجڻ هڪ ڪلي آهي ۽ ان ڪري هر سفيد شيءِ ان جو فرد آهي.

پر اها اڇاڻ مختلف شين ۾ اڇي هجڻ جي باوجود گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿي، جيئن آسماني برف بلڪل اڇي هوندي آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ هاٿيءَ جا ڏند گهٽ اڇا هوندا آهن. مطلب هن ڪُليءَ جا افراد سفيديءَ ۾ هڪ ٻئي جي برابر نه آهن، ان ڪري ان کي ”ڪلي مشڪڪ“ چئبو. ائين بهادري به ڪلي آهي پر اها ڪن ماڻهن ۾ گهٽ ۽ ڪن ۾ وڌيڪ آهي ته ان کي پڻ ”ڪلي مشڪڪ“ جو مثال چئبو. اهڙيءَ طرح شين جو وجود هڪ ڪلي آهي ۽ ان ۾ الله تعاليٰ توڙي ٻيون سڀ شيون شامل آهن، ليڪن الله تعاليٰ جو وجود اوليٰ ۽ مقدم آهي پر ان جي مقابلي ۾ شين يعني ممڪنات جو وجود گهٽ درجي وارو آهي، ان ڪري هن کي ”ڪلي مشڪڪ“ چيو ويندو.

هتي اها وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته هڪڙو وجود عدم جي مقابلي ۾ آهي ۽ ٻيو ”واجب“ يا واجب الوجود آهي. جيڪو پنهنجي وجود ۾ ٻئي ڪنهن جو محتاج ناهي ۽ اها صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي صفت آهي. منطقي حضرات ان جي وڌيڪ وضاحت ڪندي چون ٿا مثلاً خدا تعاليٰ جي اسمن جون صفتون جهڙوڪ ٻڌڻ، ڏسڻ، ڄاڻڻ، رحم، انتقام وغيره سڀ انسان (ممڪن) ۾ موجود آهن، پر الله تعاليٰ جي وصفن ۾ اهي ۽ ٻيون سڀ جو سڀ اصلي ۽ جڻادار يعني ”واجب“ آهن. هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري آهي ته ڪي محقق منطقي حضرات الله تعاليٰ يعني واجب الوجود جي باري ۾ ”ڪلي“ جي ان تصور کي جائز نٿا سمجهن. جن ۾ هڪ لحاظ کان مجدد الف ثاني به اچي وڃي ٿو. هو دفتر دوم جي

مڪتوب اول ۾ لکي ٿو ته، وجوب ۽ وجود جيتوڻيڪ ٻئي حق تعاليٰ جون ڪمالي صفتون آهن پر هو انهن صفتن کان ورا (مٿانهون) آهي. اڳتي چوي ٿو ته، اها ذات اسان جي تصورات ۽ ادراڪات، محسوسات ۽ معمولات، مشاهدات ۽ مڪاشفات سڀني کان وريٰ ثم ورءَ الوريٰ يعني بلڪل الڳ ، نرالي، جدا ۽ مختلف آهي.

انهيءَ ساڳي مڪتوب ۾ اڳتي چوي ٿو، جيئن ته اهي ظاهري عالم ممڪن لاءِ وجود ثابت ڪن ٿا ۽ واجب تعاليٰ لاءِ به وجود ثابت آهي، تنهنڪري هو ٻنهي کي ساڳي ڪلي (وجود جا فرد) سمجهن ٿا يعني تشڪيڪ واري قاعدي موجب الله تعاليٰ جي وجود کي اوليٰ ۽ مقدم سمجهن ٿا پر ممڪن کي ان ريت سندس ڪمالات ۾ شريڪ ڪن ٿا. حالانڪ الله تعاليٰ شين سان ڪنهن به قسم جي هڪجهڙائي کان پاڪ ۽ برتر آهي.

ڪلي مشڪڪ جي مختصر سمجهاڻي خواجه گل محمد پڻ "الورد المحمدي" ۾ ڏني آهي، خواجه گل محمد جي تشريح لاءِ ملاحظو ڪريو. ضميمو- الف

مڪتوبات اول، دفتر دوم، محي الدين ابن عربي، حيات و آثار ص 276 -

ص1: فالتعينات ظلال الاسماء لاعينها

ابن عربيءَ ۽ مجدد الف ثانيءَ جا نظريا

ابن عربيءَ جي فڪر جو وڏو حوالو سندس اهو قول آهي: ”سبحان من اظهر الاشياءَ وهوعينها“ يعني پاڪ آهي اها ذات جنهن پاڻ کي شين (مخلوقات، مظاهر) ۾ ظاهر ڪيو ۽ انهن جو عين آهي. انهيءَ ڪري ابن عربيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو خالق ۽ مخلوق جي عينيت جو قائل آهي. ليڪن ساڳئي وقت ۾ سندس هڪ ٻيو مقولو آهي: ”الاعيان ماشمّت رائحة الوجود“ يعني اعيان (ثابته) وجود جي بوءِ نه سنگهي آهي. ان جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته خدا (واجب) وجود جي لحاظ کان عين ٿي سگهي ٿو پر ذات جي لحاظ کان اهو غير ئي آهي، چوته وجود واحد آهي.

امام رباني پڻ چوي ٿو ته ذات واحد آهي ۽ اها خدا جي ذات آهي. هيءَ ڪائنات يا مخلوقات ان ذات جي اسماء ۽ ذات جو مظهر يا پرتوو آهي. انهيءَ ڳالهه کي سمجهائيندي هو چوي ٿو ته ان جو مثال آئيني ۾ صورت جو عڪس يا اولڙو آهي. اصل صورت يا شيءِ پنهنجي جاءِ تي جيئن جو تيئن قائم دائم آهي ۽ آئيني ۾ ان جو عڪس يا پرتوو آهي.

امام ربانيءَ جو زور هن ڳالهه تي آهي ته آئيني ۾ نظر ايندڙ عڪس يعني ظلّ آهي، اهو اصل يعني عين هرگز ناهي. هتي سوال آهي ته پوءِ انهن ٻنهي ۾ ڪهڙي نسبت يا تعلق آهي؟ امام رباني ان جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته هي عڪس نه ته اصل سان متحد يعني گڏيل آهي ۽ نه وري اصل نزول ڪري ان عڪس يا ظلّ ۾ آيو آهي.

انهيءَ پس منظر ۾ هو چوي ٿو ته خدا جي ذات يعني واجب پنهنجي جاءِ تي آهي ۽ هيءَ ڪائنات يا مخلوق يعني ممڪن جو ان سان نه اتحاد آهي ۽ نه عينيت. انهيءَ ڪري هو چوي ٿو ته هي ظاهري تعينات يعني مخلوق فقط ظلال آهن ۽ انهن جو ظلي وجود آهي. اهو سچو فڪر انهيءَ قول ۾ سمايو ويو آهي ته ''فالتعينات ظلال الاسماءَ لاعينها'' يعني تعينات (شيون) فقط پاڇا آهن ۽ اهي (حقيقت جو) عين ناهن.

وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو مڪتوبات، 126 دفتر اول ۽ 44 ۽ 45 دفتر سوم. مڪمل شرح ابيات سنڌي جو مقدمو: ابن عربيءَ ۽ مجدد الف ثانيءَ جو فڪر ص 85کان 118

ص2: يادداشت

هن مان مراد حق سان حضور جي هميشگي واري نسبت جو قائم ٿيڻ آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته نقشبندي طريقي جا ڪُل بنيادي اصول يارهن آهن، جن مان اٺ خواجه عبدالخالق غجدوانيءَ کان منقول آهن. باقي ٽي اصطلاح خواجه بهاءَالدين نقشبند ڏانهن منسوب آهن. پهريان اٺ هن ريت آهن(1) هوش دردم (2) نظر برقدم (3) سفر دروطن (4) خلوت درانجمن (5) ياد ڪرد (6) باز گشت (7) نگاه داشت ۽ (8) ياد داشت. باقي ٽي هي آهن: (1) وقوف زماني (2) وقوف عددي ۽ (3) وقوف قلبي. گويا ''ياد داشت'' نقشبندي طريقي جو آخري مرتبو يا درجو آهي، جنهن سان سالڪ جو واسطو پوي ٿو. خواجه عبدالخالق غجدواني چوي ٿو ته هن کان مٿي يا اڳتي ڪوئي مرتبو ناهي. مطلب ته اهو مرتبو

حقيقي فنا ۽ ڪامل بقا کان سواءِ حاصل نٿو ٿئي، جڏهن هروقت ۽ هرلمحي سالڪ جو توجه صرف ذات خداونديءَ ڏانهن قائم رهي ۽ دنيا جا ٻيا هرقسم جا خطرا ۽ وسوسا انهيءَ راهه ۾ آڏو رنڊڪ ۽ رڪاوٽ نه بنجن.

رساله قدسيه ۾ آهي ته ”ياد داشت“ مان مراد مشاهدو ۽ فاني ٿيڻ آهي ۽ حقيقت ۾ اهوئي ذڪر خفي آهي. ياد داشت جي سمجهاڻي مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿي.

عمدة السلوڪ - زوار ص245، رساله قدسيه ، تعليقات ص151 ۽ 228

مڪتوب 27 ۽ 290 دفتر اول

ص2: تلويح

جيد عالم سعدالدين تفتازاني(722هه_ 792هه) جي فقه حنفيءَ جي اصولن بابت مشهور تصنيف آهي ۽ ان جو پورو نالو ‘التلويح اليٰ ڪشف حقائق التنقيح’ آهي، جيڪا دراصل تنقيح الاصول جي شرح آهي. ڪتاب جو موضوع اصول فقه آهي. تلويح جو حوالو مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿو. هي ڪتاب اردو ۾ ‘التصريح’ جي نالي سان ترجمو ٿيل آهي.

ظفر المحصلين، ص 155، التصريح اردو لاهور 1427هه ،

مڪتوب 8، دفتر اول

ص2: هدايه

فقہ حنفيءَ جو مشهور بنيادي ڪتاب آهي، جنهن جو مصنف علي لقب برهان الدين آهي. هو اصل ۾ فرغانه جي هڪ ڳوٺ مرغينان جو هو. هو 511ھ ۾ ڄائو ۽ 593ھ وفات ڪري ويو.

مصنف جي لکڻ موجب هن مختصر ’قدوري‘ ۽ ’جامع صغير‘ کي آڏو رکي، پهريائين ’هدايةالمبتدي‘ نالي ننڍو ڪتاب فقہ جي موضوع تي تصنيف ڪيو. ان کان پوءِ کيس خيال آيو ته انهيءَ ڪتاب جي شرح ’ڪفاية المنتهيٰ‘ نالي سان لکجي، جيڪا چون ٿا ته هن اسي جلدن ۾ لکي پوري ڪئي. آخر ۾ وري ان شرح جو اختصار ڪيائين، جيڪو تيرهن سالن جي عرصي ۾ مڪمل ڪيائين ۽ ان جو نالو ’هدايہ‘ رکيائين.

هدايہ کي اسلامي دنيا ۾ خاص طور ايشيا ۾ غير معمولي مقبوليت حاصل ٿي. اهو ڪتاب نه صرف نصاب جو لازمي جز بنجي ويو، بلڪ سرڪاري سطح تي پڻ فيصلن ۾ مرڪزي اهميت اختيار ڪري ويو. ايتريقدر جو اٺويهين صديءَ ۾ وارن هيسٽنگز جي دور ۾ ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرايو ويو

هدايہ جون ڪتيريون شرحون لکيون ويون آهن، جن ۾ ’فتح القدير‘ جنهن جو مصنف علامه ابن الهمام آهي. تنهن کي وڏي اهميت ملي. اهڙيءَ طرح ’النهايه شرح هدايه‘ جنهن جو مصنف بدرالدين عيني آهي تنهن کي پڻ خاص حيثيت حاصل آهي. هدايه اردو ترجمي سان موجود آهي.

ظفر المحصلين - ص 160- 162

[ارشادات ۽ فرمودات]

ذڪر

نقشبندي سلسلي جي باني خواجه بهاءَالدين نقشبند جي ارشادات کي سندس خليفي خواجه محمد پارسا ”فمنِ تلڪ الڪلمات القدسيه“ جا عنوان ڏيئي ’رساله قدسيه‘ جي نالي سان مرتب ڪيو ۽ انهن جي تشريح پڻ ڪئي آهي. هو چوي ٿو ته سڀني عبادتن جو مقصد ۽ مطلب ذڪر خداوندي يعني ياد الاهي آهي. مسلمانيءَ جو بنياد ڪلمه ”لا الہٰ الاالله“ آهي ۽ اهوئي ذڪر خداوندي آهي ۽ ٻيون سڀ عبادتون ان ذڪر جي تائيد ۾ آهن. اڳتي چوي ٿو، ذڪر جي حقيقت جو مطلب سموري خلق سان لاڳاپا ٽوڙي الله تعاليٰ جي محبت اختيار ڪرڻ آهي. رساله قدسيه جي تشريح ڪندي خواجه پارسا ذڪر جي باري ۾ هي بيت نقل ڪيو آهي، جيڪو اڳتي هلي نقشبندي سلسلي ۾ خصوصي اهميت اختيار ڪري ويو ۽ اڪثر نقشبندي سلسلي جي مڪتوبات ۽ ملفوظات وغيره ۾ حوالي طور اچي ٿو.

ذکر گو ذکر تا ترا جان است
پاکي دل ز ذکر رحمٰن است

[معنيٰ: ذڪر ڪر ذڪر ، جيستائين ساهه ۾ ساهه اٿئي، دل جي پاڪائي مالڪ مهربان جي ذڪر سان ئي آهي.]

ذڪر کي سڀني صوفي سلسلن ۾ مرڪزي اهميت حاصل آهي، ليڪن نقشبندي ان کي خاص اهميت ڏين ٿا. هتي اهو ٻڌائڻ مناسب آهي ته سلطان الاولياء جي اقوالن تي مشتمل ٻي مختصر تصنيف ’رساله ابراهيميه‘ آهي، جنهن جو مؤلف ابراهيم ساند آهي ۽ هن

پڻ اهي قول شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي هدايت موجب گڏ ڪيا هئا. ان ۾ ڪل 72 مقولات آهن. ان جو پهريون مقولو پڻ ذڪر بابت آهي. هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ‘مقولات تصوف’ جي نالي سان ڇپيل آهي.

‘رساله قدسيه’ جا ڪيترا قلمي نسخا پڻ سنڌ ۾ موجود رهيا آهن ۽ عالمن ۽ صوفين جي مطالعي هيٺ رهيو آهي.

[رساله قدسيه فارسي، 144 کان 160، مقولات تصوف- سنڌي، ص 60، فهرست مخطوطات ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص 242، سراج العاشقين، ملفوظات خليفو محمود نظاماڻي، ص188، توفيق الطالبين، خليفو گل محمد هالائي، ص54]

بغير عرض ۽ ڪيفيت جي موجود آهي.

علم ڪلام موجب عرض ان ممڪن کي چئجي ٿو جيڪو بذات خود قائم يعني وجود نه رکي سگهي، جيئن هر قسم جو رنگ جهڙوڪ اڇو ۽ ڪارو يا گرمي ۽ سردي يا مٺو ۽ کٽو وغيره مطلب ته عرض جسم يا جوهر سان قائم هوندو آهي يا ان جو محتاج آهي. جوهر جو مثال انساني روح آهي. ترتيب جي لحاظ کان هيٺ جسم، ان کان پوءِ عرض ۽ ان کان مٿي جوهر آهي.

متڪلمين چون ٿا ته الله تعاليٰ جو وجود بغير جسم، بغير عرض ۽ بغير جوهر آهي. اهڙيءَ طرح سندس صفتون ڏسڻ، ٻڌڻ، حيات، علم، ڪلام، قدرت ۽ ارادو وغيره انساني صفتن وانگر ناهن يعني انهن جي ڪيفيت معلوم ناهي. مطلب ته باقي سڀني شين لاءِ جسم، عرض ۽ جوهر جو هجڻ ضروري آهي، پر هن جي ذات انهن

سڀني ڳالهين کان پاڪ آهي. ٻين لفظن ۾ سندس ذات ۽ صفات ۾ ڪو شريڪ ناهي.

علم الڪلام - اردو، ص39 ۽ 40

انا الموجود................ سوائي لم تجدني

هي شعر مشهور ”دعاءَ سرياني“ جو پهريون بند آهي ۽ ان جا ٻيا به ڪيترائي بند آهن. هن دعا جو هڪ ٻيو بند شاهه ولي الله جي تصنيف ’انفاس العارفين‘ ۾ پڻ ملي ٿو. هر بند جي ٻي سٽ ۾ فاطلبني تجدني جي وراڻي ملي ٿي.

تجدني في سواد الليل عيني

قريباً منڪ فاطلبني تجدني

[معنيٰ: اي ٻانها! تون مون کي رات جي اونداهيءَ ۾ ڳولي سگهندين، تون مون کي گهڻو ويجهو آهين، پوءِ تون مون کي گهر ته مون کي ڳولي لهين!]

هڪ حديث قدسي جنهن ۾ حضرت دائود عليہ سلام سان خطاب آهي ان جا الفاظ هن ريت آهن:

الامن طلبني وجدني ومن طلب غيري لم يجدني

سنڌ ۾ هن دعا جي مقبوليت جو ثبوت اهو آهي ته اِها ڪيترن ئي ڪتبخانن ۾ قلمي صورت ۾ ملي ٿي. اسان کي دعا سرياني عربي متن پنجابي منظوم ترجمي سان ڇپيل ملي آهي، جنهن ۾ ڪل 44 بند آهن.

[انفاس العارفين اردو، ص 275، مرموزات اسدي در مرموزات دائودي، ص180

[فهرست مخطوطات ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص 296، دعا سرياني، لاهور.]

موت جي وقت ذڪر

خواجه بهاءُالدين نقشبند جي ’رساله قدسيه‘ ۾ ڄاڻايل آهي ته مسلمانيءَ جو بنياد ”لاالہٰ الاالله“ آهي ۽ ٻيون سڀ عبادتون نماز، روزو، زڪاة ۽ حج وغيره ان جي تاڪيد واسطي آهي. اصل مقصود ذڪر آهي ۽ ذڪر جي حقيقت اها آهي ته ٻي هر شيءَ کان ڌار هجي پر رڳو محبت الاهيءَ سان ڳنڍيل هجي. ’رساله قدسيه‘ موجب سڀني عبادتن جو آغاز توڙي انجام ذڪر خداوندي آهي. اها سعادت جن کي نصيب ٿئي ٿي، اهي جڏهن هي جهان ڇڏين ٿا ته مٿن الله تعاليٰ جي محبت جو غلبو هوندو آهي.

رساه قدسيه- اردو، ص37

اوليائن سان جهڳڙو ڪندڙ

هن ارشاد کي خواجه عبدالله انصاري هرويءَ جي هن مناجات واري بند جي روشني ۾ ڏسڻ سان مطلب واضح ٿئي ٿو:

الهٰي چيست اينکه دوستان خود را کردي که هرکه ايشان را شناخت تو را يافت و تا تورا نيافت، ايشان را شناخت. بغض اين طائفه سم قاتل است وطعن ايشان حرمان ابدي است. يعني: ياالاهي! هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي جيڪا پنهنجي دوستن کي عطا ڪئي اٿئي جو جيستائين ڪو توکي نٿو سڃاڻي، تيستائين تنهنجي دوستن کي به نٿو سڃاڻي پر جيڪو انهن کي سڃاڻي ٿو ته توکي به سڃاڻي ٿو. اي موليٰ! تون جنهن کي پاڻ وٽان تڙڻ گهرندو آهين، ته ان کي اسان

جو مخالف ۽ دشمن بنائي ڇڏيندو آهين. انهن سان دشمني زهر قاتل آهي ۽ انهن تي نئولي هميشہ لاءِ محرومي آهي. هيءَ مٿين عبارت مڪتوبات 106 دفتر اول ۾ ملي ٿي ۽ سلطان الاولياء جو ارشاد انهيءَ مطلب کي سادن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو.

مڪتوب 106، دفتر اول

مڪتوبات زڪيه

شيخ محمد زڪي (بن شيخ محمد حنيف بن شيخ عبدالاحد ”وحدت“ بن خواجه محمد سعيد بن حضرت مجدد الف ثاني) جي والد شيخ محمد حنيف جي زندگيءَ جو احوال مقامات معصومي ۾ ملي ٿو. شيخ محمد زڪي خواجه حنيف جو وڏو پٽ هو. هو محمد نقشبند ثاني بن خواجه معصوم کان بيعت هو. سلوڪ جي تعليم پنهنجي ڏاڏي شيخ وحدت ۽ پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪيائين. شيخ محمد زڪي جا اهي مڪتوبات اڃان تائين قلمي صورت ۾ آهن. هن وقت پاڪستان ۾ نقشبندي سلسلي جي وڏي ڄاڻو جناب اقبال مجدديءَ سان جڏهن هڪ ملاقات ۾ مون ’مڪتوبات زڪيه‘ بابت سوال ڪيو ته چيائين ته لاهور ۾ ڪيس هڪ هنڌ سُجهن ٿا. ليڪن ڪافي ڪوشش کان پوءِ ٻڌايائين ته هينئر اهي مڪتوبات اتي پڻ اڻ لڀ آهن.

’فردوس العارفين‘ جو مؤلف لکي ٿو ته خواجه ابوالمساڪين شيخ محمد يعني سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جو مرشد شاه زڪي الله سان ملڻ خاطر سرهند ويو هو.

هو وڏيڪ لکي ٿو ته شاهه زڪي الله پيو دفعو جڏهن حج لاءِ وڃي رهيو هو ته هو ٺٽي ۾ منزل انداز ٿيو ته خواجه محمد سندس استقبال ڪيو ۽ شاهه زڪي الله ٺٽي ۾ سندس خانقاهه تي ڪجهه ڏينهن ترسيو. شاهه زڪي الله حج تي وڃڻ وقت خواجه محمد کي چيو ته اسان جڏهن واپس اچون ته توهان سرهند اچجو، آخر خواجه محمد سرهند پهچي ويو جتي ڪجهه وقت رهڻ بعد شاهه زڪي الله کيس خلافت ۽ اجازت سان سرفراز ڪري دهليءَ ۾ خواجه محمد زبير سان ملڻ جي هدايت ڪئي. خواجه محمد ان کان به خلافت ۽ اجازت حاصل ڪري واپسيءَ ۾ ملتان کان ٿيندو ٺٽي پهتو.

ارڙهين صدي سنڌ ۾ انهن مڪتوبات جي موجودگيءَ بابت گرهوڙيءَ جو بار بار حوالو ظاهر ڪري ٿو ته نقشبندي فڪر سنڌ جي علمي حلقن ۾ گهڻو مقبول هو.

مقامات معصومي_ جلد ٽيون ص 301 ۽ 302،

فردوس العارفين_ اردو ص 34 ۽ 35

اَلاَ کلُّ شيءِ ما خل .... لا محالة زائل

هي شعر مشهور عرب شاعر لبيد بن اسود الباهلي جي قصيده جو مطلع آهي جيڪو اسلام کان اڳ يعني جاهلي شاعر آهي. هن کي پنهنجي شاعريءَ تي ايڏو ناز هو جو اهو قصيدو ڪعبة الله جي ديوار تي ٽنگي ڇڏيو هئائين. چون ٿا ته ٻي ڪنهن شاعر کي مجال نه ٿي جو پنهنجي ڪنهن شعر کي وڌيڪ بهتر سمجهي ۽ ان جي مقابلي خاطر اچي. ليڪن جڏهن قرآن جي سورة علق ”اقرا باسم ربڪ“ نازل ٿي ۽ اها ان قصيده جي مقابلي ۾ لڳائي وئي ۽ جڏهن

لبيد اچي اهي آيتون پڙهيون ته چئي ڏنائين ته بيشڪ هي مخلوق جو ڪلام ناهي. ان ڪان پوءِ هو اسلام تي ايمان آڻي مسلمان ٿيو.رسول الله ﷺ کي لبيد جو اهو شعر تمام گهڻو پسند هو جو حديث جي ڪتابن ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو. پاڻ سڳورا لبيد کي جاهلي شاعرن طرفان ڇيل هجويه اشعارن جي جواب لکڻ لاءِ فرمائش ڪندا هئا.

تذڪرة الشعراء - دولتشاه سمرقندي فارسي، ص19

الڪفر اول الطريق

“ڪفر طريقت” جو اصطلاح امام ربانيءَ ‘مبدامعاد’ ۽ ‘مڪتوبات’ ۾ استعمال ڪيو آهي. مڪتوبات ۾ چوي ٿو ته ان مان مراد اهو مقام آهي، جتي سالڪ ڪان سڪر جي غلبي سبب شطحيات (خلاف شرع ڳالهيون) سرزد ٿين ٿيون.

مبدا معاد _ اردو، ص134 ۽ مڪتوبات 95، دفتر دوم

حسان ما قد راينا..................حسنا اذا ما زدته نظرا

هن عربي شعر بابت خبر پئجي نه سگهي ته ڪنهن جو آهي، ليڪن هن جي ٻي مصرع مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ ملي ٿي.

مڪتوبات37، دفتر دوم

ڪفر _ ڪشف اللغات

ڪشف اللغات جو مصنف عبدالرحمٰن احمد سور آهي. هن لغت ۾ مصنف تصوف جي اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مختصر سمجهاڻي ڏني آهي. جيڪا هن تصوف جي بنيادي ڪتابن جهڙوڪ شرح

گلشن راز، شرح فصوص الحڪم ۽ اصطلاحات عبدالرزاق ڪاشيءَ ۾ پين لغتن جي وڏن ڪتابن جي مدد سان تيار ڪئي آهي. گرهوڙي صاحب اڪثر هن تشريحي لغت مان حوالا ڏئي ٿو. ڪشف اللغات 1874ع ۾ ٻن جلدن ۾ مطبع ثمرهند لڪنوءَ مان ليٿو تي ڇپيل آهي. اسان هن ڪتاب ۾ ان جا ئي حوالا ڏنا آهن.
ڪشف اللغات، ص162 ۽ 163

وڪلت امري الي.................. وان شاءِ اتلفا

هي چار اشعار مشهور نقشبندي صوفي خواجه عبيدالله احرار جي ملفوظات ۾ ملن ٿا. انهيءَ ملفوظات جو مؤلف مير عبدالاول آهي، ان ملفوظات جا حوالا توفيق الطالبين ترجمو ڪنوزالمعرفت ۾ به ملن ٿا ۽ اها خليفي محمود فقير ڪڙيي واري جي ملفوظات آهي. جنهن جو مؤلف گل محمد هالائي آهي. مطلب خواجه احرار جي اها ملفوظات سنڌ ۾ موجود هئي.

احوال و سخنان خواجه عبيدالله احرار، ص 236

توفيق الطالبين ترجمو ڪنوز المعرفت ص37

انو پهر آڙاهه جي.............. ڪا ماڳ پوئي مڪڙي.

هي بيت شاهه عبداللطيف جي رسالي جي سر سريراڳ ۾ ملي ٿو، جتي ان جي پهرين سٽ ۾ لفظ ”گُهر“ جي بجاءِ ”گرهه“ ملي ٿو ۽ ان جي معنيٰ آهي گريو يعني سخت اوسيئڙو يا انتظار.

ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته گرهوڙي صاحب کي شاهه لطيف جي شاعري گهڻو پسند هئي، بلڪ هو پهريون عالم صوفي آهي جيڪو شاهه جي شاعريءَ کي صوفيانه شرح واسطي سَند طور استعمال

ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو ڪلام گرهوڙيءَ ۾ ڪيترائي بيت شاه جي رسالي مان آيل آهن يا ان جي تتبع تي چيل ملن ٿا.

شاه جو رسالو_ شاه جو ڪلام ، ص200

ڪلام گرهوڙي - دائود پوٽو، 1956ع

صائب مرزا (وفات 1066/ 1656)

هو تبريز ايران ۾ پيدا ٿيو ۽ جهانگير جي وقت ۾ هندستان آيو، جتي شاهي دربار سان وابسته رهيو، پر آخر شاهجهان جي دؤر ۾ مشهد واپس هليو ويو. هو بنيادي طور غزل جو شاعر آهي جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي تصوف جي چاشني موجود آهي. گرهوڙي صاحب سندس ڪيترا اشعارحوالي طور آندا آهن.

ديوان صائب، تهران

Persian literature in the Indo Pak subcontinent 72- p

احمد بن عطاء شاذلي

احمد بن محمد بن عبدالڪريم عطاءَ الله جنهن کي اسڪندري به چون ٿا، چاڪاڻ ته سندس واسطو مصر جي اسڪندريه سان هو. هو 655 ۾ ڄائو ۽ 709ھ ۾ وفات ڪري ويو. هو تفسير، حديث، فقہ ۽ اصول جو وڏو عالم هو. سندس تعلق مالڪي مسلڪ سان هو.

تصوف ۾ هو ابوالعباس مرسيءَ کان شازلي طريقي ۾ بيعت هو، جيڪو مغرب جي ملڪن ۾ گهڻو مقبول آهي، سندس ڪيتريون

تصنيفون آهن جن مان لطائف المنن ۾ پنهنجي مرشد جا مناقب بيان ڪري ٿو. ٻيا ڪتاب هن ريت آهن ‘التنوير في اسقاط التدبير’ جنهن جو حوالو پڻ گرهوڙي ڏئي ٿو. ٻيا ڪتاب مفتاح الفلاح في الذڪر، التحفة في التصوف، ڪيفية السلوڪ ۽ ڪتاب الحڪم آهن. هن آخري ڪتاب جو اردو ۽ سنڌي ۾ ترجمو ٿيل آهي، سنڌيءَ ۾ ترجمو عبدالجبار صديقيءَ جو ٿيل آهي جيڪو 1991ع ۾ ڇپيل آهي.

التحفة في التصوف_ عربي، ص11_12

سپردم بتو مايه.......... کم وبيش را.

هي فارسيءَ جي وڏي شاعر نظامي گنجوي (وفات 530-619ھ) جو شعر آهي جيڪو سندس مثنوي ‘شرف نامه’ مان ورتل آهي. ساڳي مثنويءَ ۾ سندس ٻيو شعر هن ريت آهي:

نياوردم از خانه چيزي نخست

تو داري همہ چيز من چيز تستهي ٻئي شعر سنڌ جي صوفيانه

روايت خاص طور ملفوظات ۾ هي اشعار عام جام ملن ٿا.

مڪتوبات اول دفتر دوم ۾ پڻ هي بيت ملي ٿو.

ڪليات نظامي گنجوي_ مثنوي شرفنامه ص 695

محصول الاصول

ڪتاب جو پورو نالو ‘المحصول في علم الاصول’ آهي. امام فخرالدين رازي (544_606ھ) جي تصنيف آهي. هو شافعي مسلڪ جو پيروڪار هو. سندس سڀ کان مشهور تصنيف ‘تفسير ڪبير’ آهي، جنهن کي غيرمعمولي مقبوليت حاصل رهي آهي

سندس تصنيفات جو تعداد سؤکن آهي.

حدائق الانوار في حقائق الاسرار - اردو ترجمو ساڻھ علوم - ص22

لِكُلّ امرِي مَّا نَوِيٰ

هي حديث جا لفظ آهن، جيڪي حضرت عمر بن الخطاب رضه جي روايت سان ملن ٿا. پوري حديث هن ريت آهي: انّما الا عمال بالنيات و انّما لكلُ لامري مانوي فمن كانت هجرتہ اليٰ الله ورسولہ فهجرتہ اليٰ الله ورسولہ ومن كانت هجرتہ لدنيا يعيبها اؤ امراة يتزوّجها فهجرتہ اليٰ ماهاجراليہ. [معنيٰ: بيشڪ عملن جو دارومدار نيت تي آهي ۽ ماڻهوءَ کي اها شيءِ ملندي جنهن جي هو نيت يا ارادو ڪري ٿو. پوءِ جنهن الله ۽ ان جي رسول لاءِ هجرت ڪئي ته ان کي الله ۽ ان جي رسول واري هجرت (مقصد) حاصل ٿي پر جنهن دنيا ۽ ڪنهن عورت سان نڪاح واسطي هجرت ڪئي ته پوءِ ان لاءِ هجرت جو مقصد به اهوئي آهي.]

ياد رکڻ گهرجي ته گرهوڙي صاحب اڳتي هلي هن حديث جو باربار حوالو ڏنو آهي.

مختصر صحيح مسلم_ عربي، رقم حديث 1080،ص 302

ناجي جماعت

هي اصطلاح امام ربانيءَ مڪتوبات ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ ان مان سندس مراد اهل سنت وارا آهن.

ڏسو مڪتوب 94، دفتر سوم

لطيفن سان مناسبت

امام رباني ءَ کان اڳ جي صوفين وٽ صرف ٽن لطيفن قلب، روح ۽ سر جو ذڪر ملي ٿو، ليڪن امام رباني ءَ جي پنهنجي ڪشف موجب انساني بدن ۾ پنج لطيفا آهن ۽ سندس تحريرن ۾ لطيفن جو نهايت تفصيلي ذڪر ملي ٿو. لطيفي جي اها معنيٰ ڪشف اللغات ۾ ملي ٿي، جتي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته، اهو اهڙو اندروني اشارو آهي، جنهن سان اها معنيٰ واضح ٿئي ٿي، جيڪا هونئن عبارت يا لکڻ سان سمجهه ۾ نٿي اچي. لطيفن جي وڌيڪ سمجهاڻي خاطر خواجه گل محمد جي ضميمي – الف ۾ تشريح ملاحظه ڪريو.

مڪتوبات 09 ۽ 206 دفتر اول

نهي صد دسته ريحان.......... جز نکهت گل

هيءُ شعر مولانا جاميءَ جي مشهور مثنوي ‘يوسف زليخا’ مان ورتل آهي. مڪتوبات ۾ هي شعر ٻين ٻن شعرن سان گڏ ملي ٿو.

ڪليات جامي، هفت اورنگ_ ص 375

مڪتوبات دفتر اول، ص 353

والنهاية الرجوع الي البداية

هي الفاظ اصل ۾ جنيد بغداديءَ کان پُڇيل ان سوال جو جواب آهن ته ‘‘ما النهاية’’ يعني سلوڪ جي انتها ڇا آهي؟ پاڻ چيائين: ‘‘النهايت هي الرجوع الي البدايت’’ يعني انتها تي پهچڻ جو مطلب آهي ته وري شروعات ڪجي.

بهرحال هي قول خواجه نقشبند کان پوءِ نقشبندي طريقي ۾ بنيادي اصول جي حيثيت رکي ٿو. جڏهن پاڻ چيائين، اسين نهايت کي بدايت (شروع) ۾ درج ڪريون ٿا، جيتوڻيڪ وصول الي الله يعني الله تائين پهچڻ سڀني طريقن جو مول متو آهي، پر نقشبندي چون ٿا ته اهو جذبو يا محبت جيڪا سلوڪ ۾ ٻين طريقن جي منتهي حضرات کي آخر ۾ نصيب ٿئي ٿي، ان سان اسين شروعات ڪريون ٿا.

مڪتوبات ۾ هن قول جو بار بار حوالو ڏ سمجهائي ملي ٿي، اهڙيءَ طرح گرهوڙي صاحب پڻ هيءُ قول ڪيترن طريقن سان ورجائي ٿو.

مڪتوب 89، دفتراول، مڪتوب 80، دفتر دوم، عمده السلوڪ ص 248

مراقبو ٻليءَ کان سکڻ گهُرجي

هيءَ مشهور مقولو آهي جيڪو نقشبندي حضرات جي تصنيفات ۾ ملي ٿو. ڪتاب رشحات ۾ جنيد بغداديءَ جي حوالي سان اهو ذڪر ملي ٿو ته هن مراقبي جو طريقو ٻليءَ کان سکيو. چو ته اها شڪار پڪڙڻ وقت اهڙي خاموش هوندي آهي جو سندس ڪو به عضوو ته چا وار به حرڪت نه ڪندا آهن.

رشحات عين الحيات، ص216

عليٰ بيض قلبک............ الاحوال فيک تولد

هيءُ بيت نقشبندي حضرات وٽ گهڻو ملي ٿو، جو انهيءَ ۾ پڻ مراقبي جي ڪيفيت جو بيان ڪيو ويو آهي.

رسائل نقشبنديه، ص126، عمدة السلوڪ، ص247

عالمِ خلق، عالمِ امر کان افضل آهي

هي بحث مڪتوبات ۾ به ملي ٿو. مڪتوب 260 ، دفتر اول

دلا تاکي درين............... طفلان خاکبازي.

توئي آن دست پرور............ بيرون از اين کاخ

مولانا جاميءَ جا هي اشعار سندس مشهور مثنوي”يوسف زليخا“ مان ورتل آهن.

هفت اورنگ، ص580

مُئل ماڻهن جي ڳالهه ٻُڌندا ۽ کين ڏسندا آهن

نقشبندي حضرات وٽ عالمِ ارواح يعني روحن سان ملاقات يا گفتگو توڙي ڪشفِ قبور بابت خاص طور گهڻو ذڪر ملي ٿو، جيڪو ڪنهن حد تائين ساڻن مخصوص آهي. اسان جي پنهنجي دور ۾ نقشبندي صوفي ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي تحريرن جي ياداشتن ‘فضل ڪبير’ کي هن سلسلي ۾ ملاحظو ڪرڻ گهرجي.

فضل ڪبير_ طباعت 1428ھ/2007ع

مرقات

احاديث جي مشهور مجموعي مشڪواة جي مصنف جو نالو محمد ابوعبدالله آهي. هو تبريز جي تاريخي شهر سان وابسته هو، سندس مقبول ترين تصنيف ‘مشڪاة المصابيح’ آهي جنهن ۾ صحاح سته

کان علاوه حديث جي ٻين ڪتابن مان حديثون پڻ آندل آهن. هن سال 737ھ ۾ وفات ڪئي.

مشڪواة جي شرح جيڪا نورالدين علي بن سلطان محمد هروي جيڪو علي جي نالي سان مشهور آهي جي لکيل آهي. هتي گرهوڙيءَ جو اشارو ان ڏانهن آهي. مشڪواة جون ٻيون به ڪيتريون شرحون آهن جن ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ جي فارسيءَ ۾ لکيل " اشعة اللمعات" ڪيترن جلدن ۾ آهي.

ظفر المحصلين، ص140

خواجه ابو المساڪين ٺٽوي جا حضرت سلطان الاولياءَ ڏانهن خط

اهڙن پنجن خطن جا نقل "فردوس العارفين" جي مؤلف بلوچ خان ڏنا آهن. جيڪي خواجه ابوالمساڪين، سلطان الاولياء ڏانهن حرمين مان وچي لکيا هئا. مخدوم آدم نقشبندي جي مزار جي زيارت ۽ سلامن پهچائڻ جو ذڪر مڪتوب پنجين ۾ ملي ٿو.

فردوس العارفين_ اردو، ص 57

اصل مطلوب اسم ذاتي آهي.

نقشبندي فڪر موجب اسم ذات تائين پهچڻ ئي ولايت آهي، مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ ان جي سمجهاڻي ملي ٿي. سلطان الاوليا جي هن سنڌي بيت ۾ پڻ اهو فڪر سمايل آهي:

چڙهي عالم امڪاني، وڃي رس وجوب کي

الولاية وصول الاسم اُتي پُڇ اوطان

”شرح ابيات سنڌي“ ۾ گرهوڙي وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته وليءَ مان مراد اهو شخص آهي جيڪو وجوبي اسم تائين پهچي، پوءِ اهو مجاهدي ذريعي هجي يا جذب جي ڪيفيت وسيلي هجي.!

مڪمل شرح ابيات سنڌي.ص 27 ۽ 28

مڪتوبات احمديه ۾ قلب ۽ بدن ۾ اندروني ڪدورتون جو حوالو

مبتدي ۽ منتهيءَ جو فرق مڪتوب 99 دفتر اول ۾ ملي ٿو.

مڪتوبات دفتر اول، مڪتوب 99

علم ذاتي فقط الله لاءِ آهي

امام ربانيءَ جي تحريرن ۾ اهو خاص نڪتو آهي، جيڪو اڪثر بحث هيٺ آيل آهي.

هن لاءِ ڏسو معارف لدنيه جي معرفت 17، ص37

التوحيد اسقاط الاضافات

مشهور مقولو آهي جيڪو عطار جي هيٺين ٻن مشهور مثنوين ”اسرار نامه“ توڻي ”الاهي نامه“ ۾ ساڳيءَ ريت ملي ٿو.

نڪو گوئي نڪو گفته است در ذات

كه التوحيد اسقاط الاضافات

اسرار نامه ص2 - الاهي نامه ص15

محصول الاصول

حوالو اڳ ۾ گذري چڪو آهي.

فاضل چلپيءَ جو بيضاوي تي حاشيو

مشهور مفسر عبدالله بيضاوي (وفات 685ھ) جو تفسير انوارالتنزيل واسرارالتاويل تمام گهڻو مشهور آهي جيڪو درس نظاميءَ ۾ داخل آهي.

ظفرالمحصلين، ص 220

ان الله صانع كل صانع وصنعته

معجم ابن عساڪر [الحديث - 122]

الصدق طمانية

مڪمل حديث هن ريت آهي ان الصدق طمانية و ان الكذب ريبة يعني سچائي دل جو يقين آهي ۽ ڪوڙ شڪ ۾ وجهندڙ آهي. اِها حديث مرفوع آهي ۽ حسين بن علي کان روايت ٿيل آهي، جيڪا مصابيح ۾ به ملي ٿي. مرفوع ۽ موقوف جي گرهوڙي پاڻ وضاحت ڪري ڇڏي آهي.

ارشاد الطالبين ص، 11

الاشباه والنظائر

هن ڪتاب جو مصنف زين العابدين بن ابراهيم عرف ابن نجيم آهي جيڪو 926ح ۾ قاهره ۾ پيدا ٿيو ۽ 970 ۾ وفات ڪري ويو. سندس تصنيف جو موضوع فقه حنفيءَ جا اصول آهن. هن جون ڪيتريون شرحون لکيون ويون آهن سنڌ جي فقيه ۽ عالم مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي ان تي حاشيو لکيو آهي.

ظفرالمحصلين، ص182 - فتح الفضل، قاسمي ص 48

جامع الرموز

هن کي شرح قهستاني به چون ٿا جنهن جو مصنف شمس الدين خراساني قهستاني آهي. هن 962ھ ۾ وفات ڪئي. اصل ۾ اها نقايه جي شرح آهي، نقايه کي فقہ حنفيءَ ۾ بنيادي اهميت يعني متن واري حيثيت حاصل آهي ۽ ان جو مصنف عبدالله سعود حنفي آهي. جامع الرموز جا حوالا مڪتوبات ۾ پڙ ملن ٿا.

تحفة المتخصص ص 198مڪتوب 32، دفتر اول

من لم تنہ صلاتہ عن الفحشاء

هيءَ حديث طبرانيءَ جي معجم الڪبريٰ ۽ ان

کان سواءِ امام احمد جي ڪتاب الزهد ۾ پڙ ملي ٿي.

الصلاة معراج المؤمنين

مرقاة المفاتيح شرح المشڪاة ڪتاب الايمان

اتقان

ڪتاب جو پورو نالو اتقان في علم القرآن آهي، جيڪو جلال الدين سيوطيءَ (وفات 911ھ) جو آهي. هن ڪتاب ۾ هو قرآني علومن کي اسي عنوانن تحت ورهائي، هرهڪ تي بحث ڪري ٿو.

انا القرآن و السبع.......... لا روح الاني

هي شعر شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ جي مشهور تصنيف فتوحات مڪيه ۾ ملن ٿا.

رساله في حل الغريب، ص 11

بدرالمنير

ارڙهين صدي سنڌ جي مشهور عالم عبدالله نريي واري جي تصنيف آهي جنهن جو موضوع عقائد آهي. هن جو هڪ قلمي نسخو ڊاڪٽر بلوچ مخزونه آرڪائيوز ۾ محفوظ آهي

فهرست مخطوطات

احياءُالعلوم ۽ ڪيمياءِ سعادت

امام غزاليءَ جون مشهور تصنيفون آهن. احياءَ العلوم چئن جلدن ۾ عربيءَ ۾ ضخيم تصنيف آهي ۽ ڪيمياءِسعادت کي ان جو اختصار چئي سگهجي ٿو ۽ اهو ڪتاب اصل فارسيءَ ۾ لکيو ويو. ڪيمياءِسعادت جو غير مڪمل سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهي.

ڪيميائي سعادت سنڌي، حيدرآباد

شرح البهجة

اصل ڪتاب جو پورو نالو ’البهجةالورديہ‘ آهي جيڪو شافعي فقه جو ڪتاب آهي سمورو ڪتاب نظم ۾ آهي ۽ منجهس پنج هزار بيت آهن ۽ انهن جو مؤلف شيخ زين الدين عمر بن مظفرالوردي الشافعي آهي جنهن 749ھ ۾ وفات ڪئي.

فتح الفضل: قاسمي، ص 44

ان الله لاينظر الي صورڪم بل اليٰ قلوبڪم

هيءَ حديث ڪجھ لفظي اختلاف سان حديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ ملي ٿي.

مختصر صحيح مسلم رقم حديث 1776 ص 506

اللّهم صلي عليٰ جسد محمد............ قبر محمد في القبور

القول البديع للسخاوي، ص 282

استفت قلبک و ان افتاک المفتون

لفظن جي معمولي اختلاف سان هيءَ حديث مسند احمد ۽ سنن دارميءَ ۾ ملي

والا ثم ما حاک في الصدر

حديث جا هي الفاظ صحيح مسلم جي هڪ حديث ۾ ملن ٿا.

ٿورڙي ڳالهه گهڻي کان بهتر آهي

مشڪواة جي هڪ حديث ۾ پڻ اهو مقصد ۽ مطلب سمايل آهي ماقل وکفيٰ خيرمما کثروالهيٰ يعني اها شيءِ جيڪا ٿوري آهي پر ڪفايت ڪري ٿي ته اها ان گهڻي کان بهتر آهي جيڪا غافل ڪري.

ارشادالطالبين ص63

ظاهري فقيري حقيقي فقيري

حوالو ڪونه ملي سگهيو

ادِر ذکر من اهويٰ........... الحبيب مدام

هي اشعار ديوان ابن فارض ۾ ملن ٿا، پر اتي آخري سٽ ۾ ”مزجوه“ جي بجاءِ ”يرجوه“ آهي.

ديوان ابن فارض- ص 194

اصلي مقصد عدم ۾ رکيل آهي

امام رباني مڪتوبات ۾ هڪ هنڌ عدم جي باري م هينئن چوي ٿو اهي سالڪ چون ٿا اشتهي عدماً لا اعود ابداً يعني آءُ اهڙو عدم گهران ٿو جنهن جو وجود ڀيهر ڪڏهن به نه هجي. اڳتي چوي ٿو اهي سالڪ ئي محبت جا مقتول آهن. جيئن حديث قدسيءَ ۾ آهي: ”من قتلتہ فانا ديتہ“ اهوئي سندن شان آهي. ”من قتلتہ فانا ديتہ“ پڻ سلطان الاولياء جي هڪ بيت ۾ هن طرح تضمين ٿيل آهي:

”من قتلة فانا ديتہ، وڏي مُلهه وئا“.

سلطان الالياء جي هڪ سنڌي بيت ۾ عدم ڏانهن هن طرح اشارو آهي:

عدم اوتارون، نامرادي سمرو.

مڪمل شرح ابيات، ص 3 ۽ 120

حق همي خواهد ....گذاري وشاهد شوي

هي روميءَ جو شعر آهي جنهن جي پهرين مصرع شاهد جي بجاءِ زاهد آهي، اهو بيت هن ريت آهي:

حق همي خواهد که تو زاهد شوي

غرض بگذاري و شاهد شوي

دفتر ڇهون، بيت 3672

برهان الفقہ

‘البرهان’ شافعي مذهب وارن جو علم اصول بابت فقہ جو مشهور ڪتاب آهي جنهن جو مصنف عبدالملڪ الجويني (وفات 478ھ) آهي

An Introduction to Muhammadon law p-174

انما يخشي الله من عباده العلماء

قرآن جي هن آيت بابت اهو نڪتو خواجه عبيدالله احرار جي ملفوظات ۾ پڙ ملي ٿو جتي خواجه صاحب کان اها وضاحت ملي ٿي، پر ان صورت ۾ خشيت مان مراد ڊپ نه بلڪ احترام ۽ تعظيم آهي.

احوال سخنان خواجه عبيدالله احرار ملفوظ سوم، ص 142

جنهن ۾ محبت نه آهي، تنهن ۾ ايمان نه آهي

سلطان الاولياء جو گويا هي ارشاد هن حديث مان ورتل آهي: "لاايمان لمن لا امانة لہ ولادين لمن لاعهدلہ" ليڪن تصوف جي اوائلي تصنيف "تعرف" ۾ اها روايت بلڪل ساڳين لفظن "لا ايمان لمن لا محبة لہ" سان ملي ٿي.

فرهنگ ماثورات ص 394، ارشاد الطالبين ص 98

جيڪا شيءِ ڏٺي ۽ ڄاتي وڃي، سا انڪار جي لائق آهي

هي ارشاد نقشبندي فڪر جو نچوڙ آهي ۽ ان جو بنياد خواجه بهاءُالدين نقشبند جو هي قول آهي، جيڪو رساله قدسيه ۾ ملي ٿو. هرچه ديده شد ودانسته شد همہ غير است وحجاب است به حقيقت کلمہ "لا" آنرا نفي بايد کرد و نفي کردن خاطر که شرط اعظم سلوک است معنيٰ جيڪي ڪجهه ڏٺو وڃي يا ڄاڻجي اهو سڀ غير آهي ۽ حقيقت لاءِ حجاب آهي ان کي ڪلمي "لا" سان نفي ڪرڻ گهرجي ۽ دل سان نفي ڪرڻ سلوڪ جو پهريون شرط آهي.

امام رباني پڻ مڪتوبات ۾ هن ارشاد جو حوالو ڏنو آهي ۽ سندس مطلب آهي ته الله تعاليٰ جي ذات هر قسم جي مشاهدي کان بالا يا وريٰ يعني مٿانهين آهي.

امام رباني وڌيڪ وضاحت ڪندي چوي ٿو ته اها توحيد وجوديءَ وارن جي غلط فهمي آهي جو هو چون ٿا ته اهي ذات جو مشاهدو ماڻن ٿا يا ان ۾ محو آهن. هو پنهنجو مثال ڏيندي چوي ٿو ته بيشڪ سلوڪ ۾ اهڙو مرحلو اچي ٿو ۽ انهيءَ ڪيفيت مان گذرڻو پوي ٿو. پر اها ابتدائي حالت آهي، چو ته اصلي مقام شهود آهي.

رساله قدسيه ص143 ، مبدامعاد 78، مڪتوبات،

تا بجاروب 'لا'................ سرائي الا الله.

هيءُ شعر امام ربانيءَ جي تصنيفات مبدا معاد ۽ مڪتوبات ۾ ڪيترا دفعا اچي ٿو. اصل ۾ هيءُ شعر سنائي جو آهي. مبداء معاد، ص80 مڪتوب 52، دفتر اول

ڪتاب ڪشف المحجوب ۾ نفي ۽ اثبات جو بحث ڏهين باب ۾ ملي ٿو.

ڪشف المحجوب ، ص 554

ڪشف

ڪشف مان مراد ڪشف اللغات آهي ۽ ان ۾ نفي جي اها معنيٰ ملي ٿي.

ڪشف اللغات، ص 358

حاصل مطلب ذات جي نفي ۽ اثبات نڻو ڪري سگهجي.

مڪتوبات ۾ ائين آهي.

سلطان الاولياء پنهنجي هڪ بيت ۾ ان طرف هينئن اشارو ڪيو آهي:

نفي ۽ اثبات کان پرين پاڪيزوءِ

مڪمل شرح ابيات، ص 75

جڏهن روح بدن کان چوٽڪارو لهندو، تڏهن بدن جي تڪليف ان لاءِ لذت ٿيندي.

هي بحث مڪتوب 64 دفتر اول ۾ ملي ٿو.

سلطان الاولياء جي هڪ بيت جي هنن ٻن سٽن ۾ ان طرف اشارو هنيئن ملي ٿو:

ڪل محدث بدعة، بدعت بدن ٻانءِ

لوچ ته ٿئين ٿانءِ، اصل اوڏوئي ٿئو.

مڪتوبات جلد اول ، اردو ص 142 - اداره اسلاميات لاهور ، مڪمل شرح ابيات سنڌي،ص12

گوئي توفيقِ سعادت.......... سواران را چه شد.

حافظ شيرازيءَ جي غزل جو هي بيت مڪتوبات ۾ ڪيترا دفعا اچي ٿو.

مڪتوب 49 دفتردوم مڪتوب 54 دفترسوم

هر گدائي مرد .... سيلمان کي شود

هيءُ شعر ديوان عطار مان ورتل آهي صحيح شعر ۾ ''مرد سلطان'' آهي ۽ نه ''مرد ميدان'' مڪتوبات ۾ پڻ هن شعر جو هڪ ڪان وڌيڪ پيرا حوالو ملي ٿو.

ديوان عطار، ص 337 مڪتوب 224 ۽ 187، دفتراول

لن يؤمن احدكم حتيٰ يكون الناس عنده كالا باعر

هيءَ حديث شيخ شهاب الدين سهروردي عوارف ۾ آندي آهي.

عوارف المعارف عربي ص 313

امامن كان يعبد الله فان الله حيّ لا يموت

هي قول صديق اڪبر رضي الله عنہ جو آهي.

فرهنگ ماثورات ص 543

وصل عرياني

نقشبندي اصطلاح طور استعمال ٿئي ٿو ۽ مڪتوبات ۾ ان جو بار بار حوالو ملي ٿو، جيئن گرهوڙي پڻ ڪيترا پيرا ان جو بيان ڪري ٿو.

وصل عرياني جي سمجهاڻي مڪتوب

3 دفتردوم ۾ ملي ٿي.

تفسير مدارڪ

تفسير مدارڪ التنزيل وحقائق التاويل جو مصنف عبدالله بن احمد بن محمد نسفي (وفات: 701ھ) آهي هن تفسير ۾ مختلف قرآنن جو ذڪر پڻ ملي ٿو. ازانسواءِ مصنف تفسير ڪشاف ۽ تفسير بيضاويءَ مان پڻ استفادو ڪري ٿو. حنفي فقہ جو مشهور ڪتاب ''ڪنزالدقائق'' جو مصنف پڻ علامه نسفي آهي.

ظفرالمحصلين

، ص 123

لو كنت متخذاً خليلاً غير ربي لا تخذت ابابكر خليلاً

هيءَ حديث صحيحين يعني صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ موجود آهي.

مڪتوبات ۾ پڻ ان جو حوالو آهي.

مڪتوب 290 دفتراول

شيوه اهلِ کرم .... نيست بيمار است

مڪتوبات ۾ هي شعر نه ملي سگهيو.

جامع الرموز

هي فقهي ڪتاب آهي، جنهن جو حوالو مٿي گذري آهي.

محبوب النبي ﷺ من الدنيا النساء

احياءُ العلوم ۾ هن حديث کي ٽي دفعا بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا هوندئن حديث جي مشهور ڪتاب ”نسائي“ ۾ ملي ٿي.

احياءُ العلوم جلد 5، ص7 ۽ 527

النساء حبائل الشيطان

هي حديث جا الفاظ آهن جيڪا الترغيب والترهيب ۾ خالد بن جهنيءَ جي روايت سان موجود آهي. ليڪن ان جي سند مجهول آهي.

هن حديث جي مڪمل تخريج لاءِ ڏسو حلاوة الفم-ص73 ، ارشادالطالبين، ص 28

زوجاتي اعوان علي الطاعة

هن حديث بابت ڪا خبر پئجي نه سگهي.

ابغض الاشياءَ عندي الطلاق

هيءَ حديث ڪجھ لفظن جي ڦيرڦار سان حديث جي ڪتابن ۾ ملي ٿي. ابغض الحلال الي الله الطلاق، جامع صغير ۽ ڪنوزالحقائق ۾ ان ريت ملي ٿي.

فرهنگ ماثورات ص 14

النظر الي المرء الحسنا يزيد البصر

هن سان ملندڙ جلندڙ حديث جا الفاظ هن ريت آهن: النظر الي الوجہ المراءة الحسناءَ والخضرة يزيدان في البصر ترجمو: خوبصورت عورتن جي چهري ۽ ساوڪ کي ڏسڻ اکين جي نور ۾ اضافو ڪري ٿو. ليڪن هي حديث موضوع آهي جيئن امام صغاني بيان ڪيو آهي.

احاديث موضوعہ

الباني

اردو ص 49

نقشبندي طريقي کان سواءِ ٻيا سڀ طريقا مٿجي ويندا

چوته اهي فيض ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا.

اصل قول بابت خبر پئجي نه سگهي.

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته شريعت ۾ ڪوڙي ڳالھ کي ڪوڙ چئبو آهي.

حوالو نه ملي سگهيو

مَن كَانَ لِلهِ كَانَ اللهِ لَہ

صوفين جي ڪيترن مشهور تصنيفن ۾ هن کي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ تذڪرة الاولياء، مرصادالعباد، مشارق الدراري وغيره گرهوڙي صاحب اهو قول سلطان الاولياء جي پهرين بيت جي تشريح ۾ پڻ آندو آهي.

تذڪرة الاولياء، ص101، فرهنگ ماثورات ص 542، مڪمل شرع ابيات سنڌي، ص 1

حقائق الممڪنات معدومة لذواتها

ممڪنات جا حقائق ذاتي طور معدوم آهن. مڪتوبات ۾ هي بحث مڪتوب 58 دفتر سوم ۾ ملي ٿو. حقائق ممڪنات عدمات اند که در خانه علم واجبي تميز و تعين پيدا کرده اند يعني ممڪنات جا حقائق عدمات آهن جيڪي واجب تعاليٰ جي علم ۾ تميز ۽ تعين جي حيثيت رکن ٿا.

امام رباني وٽيڪ وضاحت ڪندي چوي ٿو ته منهنجي نزديڪ حقائق ممڪنات عدم آهن پر ابن عربيءَ وٽ اهي ''اعيان ثابته'' جي صورت ۾ هڪ تنزل جي حيثيت رکن ٿا ۽ ڪثرت رکن ٿا.

مڪتوب 58، دفتر سوم فارسي،ص489

خَسِرَ الدُّنيَا وَالآخِرَةّ

خواجه بايزيد بسطاميءَ جي حوالي سان اها حڪايت فريدالدين عطار جي تذڪرة الاولياء ۾ ملي ٿي.

تذڪرة الاولياء، ص221، بيان العارفين، ص 230

اِذَا تَمَّ الفَقُرَ فَهُوَاللهُ

مشائخ صوفين جو قول آهي جيڪو صوفين جي ڪيترين تصنيفات ۾ ملي ٿو. هو ”فقر“ مان مراد فنا وٺن ٿا يعني جڏهن مڪمل فنا حاصل ٿي وئي ته پوءِ الله جي ذات (عرفان) کانسواءِ ڪجھ باقي نه رهيو. انهيءَ ساڳي موضوع سان هڪ ٻيو مقولو آهي ته ”الفقير لايحتاج اليٰ الله“ يعني فقير ذات خداونديءَ جو محتاج نه آهي. جنهن جو مطلب پڻ مڪمل فنائيت آهي يعني جڏهن هو سوال ڪرڻ جو به محتاج نه ٿو رهي. ساڳي ريت خواجه بهاءَالدين نقشبند کان ”الصوفي غير مخلوق“ يعني صوفي غير مخلوق آهي. بابت پُڇيو ويو. چيائين ته، صوفيءَ تي اهڙي حالت طاري ٿئي ٿي، جڏهن هو ڪين (يعني فنا) هوندو آهي. مڪتوب 266،دفتراول، فرهنگ ماثورات،ص27، انيس الطالبين، ص113

منصور جو انا الحق چوڻ

”انالحق“ آءُ حق يعني حق تعاليٰ آهيان جو اهو تعبير ته آءُ ڪجھ نه آهيان سڀ ڪجھ اهو حق آهي، خود مولانا روميءَ وٽ ملي ٿو. مڪتوبات ۾ پڻ اهائي سمجھاڻي ڏنل آهي، بلڪ ’عوارف المعارف‘ جي حوالي سان چوي ٿو ته اهڙا ٻول الله جي طرفان حڪايت جي طور تي ٻين عارفن کان به صادر ٿيا آهن. جيئن بايزيد بسطاميءَ جو ”سبحاني ما اعظم شاني“ چوڻ وغيره منصور جنهن ”انالحق“ چيو سندس مطلب اهو نه هو ته مان حق (خدا) آهيان يا حق سان گڏجي حق ٿي ويو آهيان. چو ته اهو ڪفر

آهي ۽ واجب القتل هجڻ جي برابر آهي. هن جو مطلب هو ته مان نه آهيان (ڪجهه ناهيان) موجود صرف حق تعاليٰ آهي.

مڪتوب 43 دفتراول، مڪتوب 44 دفتردوم ۽ مڪتوب 89 دفترسوم

ان لہ من قلبہ نسبة مبرورة القسم

قصيده برده جو پورو شعر هن ريت آهي:

اقسمت بالقمر المنشق انّ لہ

من قلبہ نسبة مبرورة القسم

قصيده برده ، عبدالله هلالي صديقي، ص52

اربعين

امام غزاليءَ جي مشهور تصنيف آهي. جنهن جو موضوع الاهيات آهي. هن ڪتاب جو اردو ترجمو خطبات غزاليءَ جي نالي سان لاهور مان 1993ع ۾ شايع ٿيو آهي.

غزالي شبلي نعماني- ص 42

الدين النصيحة ....الاخيہ ما يحب النفسہ

هيءَ حديث ڪيترن ڪتابن ۾آيل آهي ۽ مشڪواة ۾ تميم الداري کان مرفوع روايت طور ملي ٿي. دفتر دوم جي مڪتوب 19، جي شروعات هنن لفظن سان ملي ٿي: “النصيحة في الدين” ارشاد الطالبين، ص 16

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته هر ٻانهي لاءِ هڪ حقيقت آهي.

حوالو نه ملي سگهيو.

ان الله لايقبل الاطيباً

هيءَ حديث صحيح مسلم جي ڪتاب الزڪواة ۾ ملي ٿي.

حضرت ڪعبؓ

حضورﷺ جي زماني ۾ ڪعب نالي سان به شاعر ٿي گذريا آهن هڪ ڪعب بن زهير ۽ ٻيو ڪعب بن مالڪ. پهريون جاهلي دور جو شاعر هو جنهن پاڻ سڳورن جي هجو لکي پر پوءِ معافي وٺي رجوع ڪيائين ۽ 'قصده بانت سعاد' لکيائين جيڪو پاڻ سڳورن کي ايترو وڻيو جو کيس پنهنجي چادر لاهي پارايائون ان ڪري اهو پهريون قصيده برده به چيو ويندو آهي.

ٻيو ڪعب بن مالڪ پڪو مسلمان ۽ پاڻ سڳورن جو شيدائي هو. مگر هڪ جنگ جي موقعي تي جڏهن هن شرڪت نه ڪئي پاڻ ان کان سخت ناراض ٿي پيا. آخر قرآن شريف جي سورة توبه ۾ جڏهن ڪعب جي پشيمانيءَ جو ذڪر آيو، تڏهن کيس معاف ڪيائون. هتي هن پوئين ڪعب بن مالڪ ڏانهن اشارو آهي. ڪعب جو ديوان ڇپيل آهي، هن وڏي عمر ۾ سال 55 هجري يعني 673ع ۾ انتقال ڪيو.

تاريخ ادب عربي- ص 686

ان نفسک مطيئتک فارفق بها

هيءَ حديث قدسي آهي جنهن جو حوالو خواجه بهاءُالدين نقشبند جي ملفوظات " انيس الطالبين" ۾ پڻ ملي ٿو. انيس الطالبين، ص 55

جيڪو ماڻهو پنهنجي طبيعت کان واقف هوندو آهي، اهو طبيب جي فقط ان وقت تابعداري ڪندو آهي، جڏهن طبيب جو فڪر سندس سوچ جي موافق هوندو آهي.

حوالو نه ملي سگهيو.

خير الامور اوسطها

حديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ ملي ٿي جهڙوڪ سنن الڪبريٰ ۽ قاضي عياض جي الشفا ۾ ملي ٿي ابن سمعاني ان کي حضرت علي رضه کان روايت ڪيو آهي.

حلاوة الفم ص 88

المؤمن حلو يحب الحلو

هيءَ حديث ڪنزالعمال ۾ ملي ٿي.

اَلمُؤمِنُ القَوِيُّ يحِبُ اِلي اللهِ مِّنَ الضَّعِيفِ

سنن ابن ماجه ۾ ملي ٿي ۽ مڪتوبات ۾ پڻ هن جو حوالو ملي ٿو.

مڪتوب 55، دفتر سوم

موسيٰ زهوش رفت........... نگري در تبسمي

هي شعر مڪتوبات دفتر اول جي مڪتوب 287 ۾ ملي ٿو.

مڪتوبات فارسي، ص 671

طبقات شعرانيه

عبدالوهاب شعراني گهڻو وقت مصر ۾ گذاريو، سندس ڪيتريون تصنيفون آهن. جن ۾ طبقات الڪبريٰ جيڪا هن 951 ھ ۾ مڪمل ڪئي. سندس ٻين تصنيفن ۾ ‘يواقيت الجواهر في بيان عقائد الاڪابر’ مشهور آهي، جنهن ۾ هو ابن عربيءَ جو دفاع ڪري

ٿو. سندس ٻيو ڪتاب لطائف المنن آهي انهن ٽنهي ڪتابن جو اردو ۾ ترجمو ٿيل آهي.

الحرب خدعة

صحيح مسلم ۽ مسند احمد ۾ملي ٿي

مڪمل تخريج لاءِ ڏسو حلاوة الفم، ص 52

المؤمن من يحب الاخيہ ما يحب لنفسہ

ڪجهہ لفظي اختلاف سان هيءَ حديث صحيح بخاري توڙي صحيح مسلم ۾ ملي ٿي.

حنفي ۽ غير حنفيءَ کي صلاح

حنفين (مقلدن) جي باري ۾ راءِ آهي ته هو صرف فقہ تي هلن ٿا ۽ غيرمقلد پاڻ کي حديث تي عمل پيرا سمجهن ٿا. گرهوڙيءَ جي هيءَ راءِ سندس اجتهادي نقطئه نظر جو ثبوت آهي.

انما هلک من قبلکم باختلافهم عليٰ انبيائهم

هيءَ حديث صحيح مسلم ۽ ڪن ٻين حديثن جي ڪتابن ۾ ملي ٿي.

عندي شراب لاوليائي اذا شربوا سکروا

هيءَ حديث جيئن جو تيئن مثنويءَ ۾ ملي ٿي، ٻيو ڪو حوالو نه ملي سگهيو.

احاديث مثنوي- فروزانفر- ص232

شراب

هي استعارو حافظ جي شاعريءَ جي حوالي سان آهي. صوفين وٽ شراب مان مراد محبوب جي ديدار جي خاص ڪيفيت آهي.

گلشن راز، ص 48

اذا تم الفقر فهو الله

هن جو حوالو اڳ ۾ گذري چڪو آهي.

اذا حصل الفراغ فهو الله

گرهوڙيءَ جو هي مقولو "اذا تم الفقر فهو الله" جو عڪس چئي سگهجي ٿو.

الترک راحة

[جواهرالادب الباب الحادي عشر - صيد الافڪار في الادب الصديق و الجليس]

حب ذات احديہ

حوالو نه ملي سگهيو.

زعنقا هست نام.................. بود آن نام هم گم

چه گويم با تو از ....عنقا بود هم آشيانه

هي ٻئي بيت مولانا جامي جي مشهور مثنوي "يوسف زليخا" ۾ ملن ٿا. ليڪن اهي ٻئي بيت مجدد الف ثانيءَ وٽ به گهڻو مقبول آهن، جو اهي هڪ کان وڌيڪ پيرا مڪتوبات ۾ ملن ٿا.

ڏسو دفتراول مڪتوب 173ع مڪتوب 279ع ص 249ع

دفتردوم مڪتوب 72

حُبّ الشيءِ يُعمي و يصُمُ

هيءَ حديث ابوداؤد ۾ ملي ٿي ۽ ابي الدرداءَ کان روايت ٿيل آهي، ليڪن ان جي سند ضعيف

آهي.   حلاوة الفم ص
87

اذا احب الله عبدا جعل في قلبہ نائحة دائمة

احياءالعلوم ۾ هنن لفظن سان حديث ملي ٿي.

وِصل عُرياني

مڪتوبات ۾ سمجهاڻي ملي ٿي، هن جو اڳ ۾ حوالو اچي چڪو آهي.

نظر کردن نامرادي خويش را جام وصال

هي شعر مڪتوبات احمدي ۾ ملي ٿو.

اذلم تجد شيئا فقد وجدت المقصود

هيءُ ارشاد گويا سلطان الاولياء جي هن بيت جو منڍ آهي:

جڏهن ڪين لڌوءِ، تڏهن لڌوءِ سپرين
جانسين لهين ڪين ڪي، تانسين هوت نه هوءِ
ان ربي عليٰ صراط المستقيم رندن راه اهوءِ
ڪلمو تت ڪفر ٿيو هوت جتهم هوءِ
نفي ۽ اثبات کان پرين پاڪيزوءِ
لالڻ سندي لوءِ، تر تناقص ناه ڪو

مڪمل شرح ابيات سنڌي، ص75

معشوق من است آنکه بنزديک توزشت است

هي مصرع سعديءَ جي شعر جي آخري سٽ آهي. پهرين هن ريت آهي:

اي آنکه ترا نان جوين خوش ننمايد

يعني: اي (پليل) دوست، بيشڪ هيءَ جوَنَ جي (خشڪ) ماني آهي، جيڪا توکي نٿي وڻي پر ياد رک منهنجو محبوب اهو آهي جيڪو توکي ناپسند ۽ اڻ وڻندڙ آهي.

يسروا ولا تعسروا

صحيح بخاريءَ ۽ ڪنزالعمال ۾ حديث جا اهي الفاظ ملن ٿا.

حقيقت ثابته ۽ وجوبي

حقيقت ثابته ۽ ذات ثابته جا اصطلاح ابن عربيءَ جي اصطلاح ”اعيان ثابته“ جي جواب طور ناهيل معلوم ٿين ٿا. سج جو ڌرتي تي اولڙي جو مثال جڏهن ته پاڻ آسمان ۾ آهي.

مڪتوبات احمدي

بحر الفقه

هن نالي سان فقه جو ڪو مشهور ڪتاب معلوم نه ٿي سگهيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته هن مان مراد ”بحرالرائق“ هجي، جيڪو فقه جي موضوع تي هڪ ضخيم تصنيف آهي. جنهن جو حوالو اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

خلق آدم عليٰ صورته

هي الفاظ هڪ ٻگهي حديث مان ورتل آهن، جيڪي ابوهريره رضه جي روايت ۾ ملن ٿا. مڪتوبات ۾ هن حديث جو ٻه دفعا حوالو اچي ٿو، جتي امام رباني ان جي سمجهاڻي ڏئي ٿو. بهرحال هيءَ حديث وڏن ڪتابن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم وغيره ۾

ملي ٿي. بلڪ حديث جي اوائلي صحيفه همام بن منبہ ۾ پڻ ملي ٿي. وڌيڪ سمجهاڻيءَ خاطر بيان العارفين کي ڏسو.

مختصر صحيح مسلم حديث رقم 195، مڪتوب 75 دفتردوم، مڪتوب 74 دفتردوم، صحيح همام بن منبہ ص102 – بيان العارفين،ص 336

غرض از عشق .... تنعم چه کم است

هي ساڳيو شعر مڪتوب 99 دفتردوم ۾ملي ٿو.

مڪتوبات اردو دفتردوم، ص 223

ما خطر ببالک فهو سوا ذالک

هي الفاظ شيخ ابواسحاق گازرونيءَ (وفات 426ھ) جي قول مان ورتل آهن.

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو بيان العارفين ص356

خراباتي جي تشريح

ڪشف اللغات ۾ اها ساڳي سمجهاڻي ملي ٿي.

ڪشف اللغات، ص 38

جِهلي سير ۽ ڪشفي سير

حوالو نه ملي سگهيو.

رب قَارِيِء القُرآنُ وَهُو يَلعَنُہ

امام غزالي احياء العلوم جي باب في غفلة تلاوة ۾ حضرت انس بن مالڪ جي روايت سان هيءَ حديث آندي آهي. مڪتوبات ۾ ان حديث جو حوالو ڪيترن هنڌن تي ملي ٿو.

سلطان الاولياء جي هن بيت ۾ اهو مطلب سمجهايو ويو آهي:

كنين كاڻ قرآن، كنين مٿي آئيو

سوارو سڄاڻ، تون هن كه هن ۾

مكتوب 41 ۽ 260 دفتر اول مكتوب 50، دفتر دوم، مكمل شرح ابيات سنڌي، ص83

مكتوبات احمديءَ ۾ آهي ته نفيءَ كان اڳ ۾ هر عبادت وبال آهي.

انهيءَ ساڳي مطلب سان ”هرچه گيرد علتي علت شود“ مثنويءَ جي هن مصرع جو مكتوبات ۾ كيترا پيرا حوالو اچي ٿو. مكتوبات دفتراول، ص 203

لا آدم في الكون .... سليمان ولا بلقيس

فالكل اشاره .... للقلوب مقناطيس

ابن عربيءَ جا هي اشعار فتوحات مكيه الجزءَالثاني ۾ آهن. فتوحات مكيه، ص 506

تعين وجوبي ۽ تعين امكاني

خواجه صاحب پاڻ چوي ٿو ته اسم الاهي تعين وجوبي آهي، جيكو تعين امكاني ۽ ذات الاهيءَ جي وچ ۾ دروازو آهي. تعين وجوبي جو بحث مكتوبات ۾ كيترن هنڌن تي آيو آهي.

ڏسو مكتوب 209، دفتر اول، مكتوب 34 ۽ 276 دفترسوم، مكمل شرح ابيات، ص213

ممكنات جا ٽي قسم آهن، جسم، مثال ۽ روح.

مجدد الف ثاني جي چوڻ مطابق صوفي عالمن ممكنات جا اُهي ٽي قسم بيان كيا آهن. جن جي سمجهاڻي مكتوبات ۾ ملي ٿي،

جتي هو چوي ٿو ته عالم مثال، عالم الارواح ۽ جسماني عالم جي وچ تي برزخ آهي.

مڪتوب 31 دفتر سوم ص 421

اسم دريا و تعين ....ڪه او از ما بود

عارفاني ڪه علم .... اسم را خوانند

اسم اعظم جامع .... او معنيٰ اشيا بود

هي ٽئي بيت اصل ۾ ڪشف اللغات ۾ اسم اعظم جي سمجهاڻي خاطر ڏنل آهن ۽ اهي اصل ۾ عبدالرزاق ڪاشيءَ جي اصطلاحات مان ورتل آهن. شعرن کي ڪشف اللغات تان درست صورت ۾ لکيو ويو آهي، بلڪ شروعاتي بيت هن ريت آهي. جيڪو مفهوم کي مڪمل ڪري ٿو.

اسم اعظم جامع اسما بود

صورت او بمعني اشيا بود

ڪشف اللغا

ت ص 84

شيخ عبدالحق دهلوي چوي ٿو:

در اسمائي حقيقي شد...........اين بگوش هوش صفا ڪن

هي شعر ”اخبارالاخيار“ ۾ ملي ٿو، ص22

در عالم خيال بهار .... ندهد زير بال را

هي بيت ديوان صائب جي غزل 170 ۾ ملي ٿو.

ڪليات صائب، ص 63

مُرشد جو ادب

امام رباني مڪتوب 296 دفتراول ۾ هن تي روشني وڌي آهي.

مڪتوبات دفتر اول، ص 304

عين العلم

ملا علي قاريءَ جي ان شرح جو حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

من صمت نجيٰ

هيءَ حديث جامع ترمذيءَ ۾ ملي ٿي احياءالعلوم ۾ پڻ آيل آهي. ليڪن ان جي سند ضعيف بيان ڪئي وئي آهي. ان ڪانسواءِ مسند احمد بن حنبل، سنن دارمي ۽ طبرانيءَ ۾ پڻ موجود آهي. احياءُالعلوم جلد 3 ص 172، الزاد المطلوب ص 138

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته ماڻهن جو ڪنهن مسئلي تي عمل ڪرڻ ان جي جائز هجڻ لاءِ دليل نه آهي ۽ جڏهن مصيبت عام ٿئي، تڏهن سڀ کان آسان مسئلي تي فتويٰ ڏجي.

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

الاشباه والنظائر

هن جو حوالو اڳي اچي چڪو آهي.

فتح القدير فقہ حنفيءَ جي مشهور ڪتاب هدايہ جي شرح آهي، جنهن جو مصنف ڪمال الدين محمد بن

عبدالواحد سڪندري سيواسي آهي، جيڪو ابن همام جي نالي سان پڻ مشهور آهي. هن 861ھ ۾ قاهره ۾ وفات ڪئي.

[ظفر المحصلين، ص161]

قاضي ميان محمد نقشبندي نصرپوري مرزان جان جانان دهلويءَ جو مريد هو.

مقامات مظهريءَ جي مصنف شاهه غلام علي دهلوي مظهر جان جانان جي ٻن خاص معتقدن جو ذڪر ڪيو آهي، هڪ محمد واصل ۽ ٻيو محمد حسين، جيڪي سالن جا سال مرشد جي خدمت ۾ رهيا. محمد واصل ارڙهن سال رهڻ کان پوءِ دهليءَ ۾ وفات ڪئي ۽ اتي خواجه باقي بالله جي قبرستان ۾ دفن ٿيو. محمد حسن مجذوبي ڪيفيت وارو هو ۽ اڪثر شعر پڙهندو رهندو هو. شاهه غلام علي لکي ٿو ته، سندس اها ڪيفيت ڏسي هن مٿس خاص توجہ ڪيو ۽ کيس پنهنجي طريقي ۾ اجازت ڏني، جنهن کان پوءِ هو ٺٽي واپس هليو ويو. مطلب ته مظهر جان جانان جا سنڌ ۾ خليفا ۽ عقيدتمند هئا.

مقامات مظهري، ص392 ۽303

مُجتهد الله جي ذات تائين پُهتل هجي

گرهوڙي صاحب 'فتح الفضل' ۾ ٻئي هنڌ سمجهائي ڏيندي چوي ٿو منها من وصل الیٰ قلبہ فهومجتهد فليس عليہ التقليد يعني جيڪو شخص قلبي بصيرت کي پهتو ته پوءَ ان تي ٻئي مجتهد جي تقليد ڪرڻ لازم ناهي. سنڌ جي تصوف جي تاريخ ۾ گرهوڙي کانپوءِ خليفو محمود ڪڙيي گهنور وارو آهي. جيڪو تصوف جي عملي

دنيا سان گڏ تصوف جي علمي دنيا سان به واسطو رکندو هو. هن هيءُ قول نقل ڪندي اها راءِ قائم ڪئي آهي ته ڪهڙي حالت ۾ محقق مجتهد پنهنجي مرشد سان اختلاف ڪري سگهي ٿو.

محبوبيةالمحموديه، ص 62

شرح وجيز - رافعي

هن جو پورو نالو عبدالڪريم بن ابي سعد محمد آهي. هو قزوين جو هو، هو شافعي عالمن ۽ فقيهن ۾ وڏي رتبي وارو آهي، جنهن جون ڪيتريون تصنيفون آهن. شرح ڪبير بر وجيز امام غزالي مشهور آهي. هن سال 623ھ ۾ وفات ڪئي، هن جا فارسيءَ ۾ شعر به ملن ٿا. وجيز جون ٻيون به ڪيتريون شرحون لکيون ويون آهن.

لغت نامه دهخدا جلد 8، ص52 117، عقائد مسلمين و مشرڪين اردو، ص20

شرح نخبة الفڪر

ملا علي قاري (وفات 1014ھ) جي شرح نخبة الفڪر مشهور معروف آهي. اصل ڪتاب حافظ ابن حجر عسقلانيءَ جي تصنيف آهي. علي قاريءَ جي شرح جي شرح سنڌ جي محدث ۽ عالم ابوالحسن صغير سنڌي ‘بهجة النظر’ جي نالي سان لکي آهي. جنهن کي مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ وڏي تحقيق سان شاه ولي الله اڪيڊميءَ طرفان شايع ڪرايو هو.

بهجةالنظر،1983ع

احب العباد اليٰ الله من احببته اليهم

[الرسالة القشيريہ]

من لم يشكر الناس لم يشكر الله

هيءَ حديث جامع ترمذي ۽ ڪنزالعمال وغيره ۾ ملي ٿي. ان کان سواءِ احياءَ العلوم ۾ پڻ ملي ٿي.

احياءالعلوم جلد5، ص547

ليتک تحلوا............ترضيٰ و الا نام غضبان

هي شعر ابوفراس الحمدان جو آهي.

الفاقات اعياد المريدين

صوفين وٽ لنگهڻ ڪاٽڻ يا گهٽ کائڻ جي وڏي فضيلت آهي، مثنويءَ ۾ بک کي الله جي طرفان موڪليل طعام ڪوٺيو ويو آهي. ”الجوع طعام الله“

ترح لفظ جي معنيٰ ڪشف ۾ اندوهناڪ آهي.

ڏسو ڪشف اللغات، ص 194

بهاؤالدين آملي

هو شيخ بهائي جي لقب سان مشهور آهي. هو 935 هه ۾ شام جي علائقي جبل عامل ۾ پيدا ٿيو. اڳتي هلي سندس والد ايران ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪئي. شيخ بهائي انتهائي ذهين ۽ ڪيترن علمن ۾ ماهر هو، جن ۾ مذهبي علوم کان سواءِ طب، رياضي هيئَت به شامل آهي. شاه عباس صفويءَ جي عهد ۾ هو اصفهان جو قاضي مقرر ٿيو. هن 1031ه ۾ وفات ڪئي. صرف بهائي ۽ خلاصته الحساب سندس مشهور تصنيفون آهن، جيڪي مدرسن ۾ پڙهايون وڃن ٿيون. سندس فارسي ۽ عربيءَ ۾ صوفيانه شاعري پڻ موجود

آهي. ڪشڪول شيخ بهائي ۾ هر قسم جون تحريرون موجود آهن. هو اثنا عشري مذهب جو پوئلڳ هو. ڪشڪول بهائي، مقدمه

خلوت ۽ جلوت يا خلوت در انجمن

نقشبندي طريقي جا مشهور اصطلاح آهن "خلوت درانجمن" جنهن جي سمجهاڻي مڪتوبات ۾ پڙ ملي ٿي.

مڪتوب 221 دفتراول فارسي، ص 435

ذڪر الله جي اطاعت جو نالو آهي

ذڪر جي اها سمجهاڻي نقشبندي فڪر جي خصوصيت آهي. رساله قدسيه فارسي،ص36

لو كان لي مثل اُحد ذهباً لا نفقته قبل ثلاث ليالي

هيءَ حديث صحيح بخاري، عسقلاني، قسطلاني ۽ عيني ۾ موجود آهي.

مفتاح ڪنوزالسنة،ص 139

تعين حقيقت تي زائد (واڌو) آهي، چو ته اهو صورت ۽ شُيون جو غير آهي.

هن جي سمجهاڻي مڪتوب اول، دفتردوم ۾ ملي ٿي، جتي امام رباني چوي ٿو ته ساراھ ان سبحان جي جنهن امڪان کي وجوب جو آئينو ۽ عدم کي وجود جو مظهر بنايو. اڳتي چوي ٿو ته وجوب

۽ وجود ٻئي الله جون صفتون آهن، پر اهو پاڻ انهن کان ورا يعني بلند آهي. بلڪ هو اسماء ۽ صفات کان به مٿي ۽ شيون ۽ اعتبارات کان به مٿي آهي. مطلب ته اها ذات تجليات ۽ ظهورات مشاهدات ۽ مڪاشفات کان گهڻو مٿي آهي.

مڪتوب اول اردو، ص 16

محصول

هي اشارو امام رازيءَ جي ڪتاب محصول في علم الا صول ڏانهن آهي، جنهن جو حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

ذڪر جي پُڄاڻي، هميشہ لاءِ واقف يا خبردار ٿيڻ آهي

نقشبندي جي اصطلاح ۾ ان کي ”وقوف قلبي“ چون ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته نقشبندين جا ڪل بنيادي اصطلاح يارهن آهن، جن مان اٺ خواجه غجدوانيءَ ڏانهن منسوب آهن ۽ باقي ٽي يعني وقوف عددي، وقوف قلبي ۽ وقوف زماني خواجه بهاءُ الدين نقشبند ڏانهن منسوب آهن.

رساله قدسيه، ص36

درويشن سان صحبت

امام رباني هڪ هنڌ چوي ٿو ته نقشبندي طريقي ۾ پيري ۽ مريدي جو تعلق سيکارڻ ۽ سکڻ سان آهي، اهو خرقي يا پڳڙي پهرائڻ سان نه آهي، جيئن ٻين سلسلن ۾ آهي. نقشبندي طريقي ۾ ڪامل شيخ جي صحبت جو اثر جلدي منعڪس ٿئي ٿو ڇو ته هنن جي طريقي ۾ ابتدا ۾ين جي انتها برابر آهي ۽ اهائي قريب ترين واٽ آهي. هنن جي نظر قلبي بيمارين جي لاءِ شفا ۽ مجرب آهي. خواجه

بهاءُالدين جو قول آهي ته اسان جو طريقو ”صحبت“ آهي، خلوت ۾ شهرت آهي ۽ شهرت ۾ آفت آهي.

مڪتوبات 18، دفتر دوم، اردو ص 69 - انيس الطالبين اردو_ ص 93

شيخ ابن عربي جو مرشد ابو مدين

هن کي المغربي به چون ٿا چو ته هن جو تعلق اندلس سان هو. ابن عربي پنهنجي ڪيترين تصنيفات ۾ سندس ذڪر ڪري ٿو ۽ کيس مرشدنا ۽ شيخنا ڪوٺي ٿو. بلڪ کيس رجال غيب وارن مان سمجهي ٿو. ابن عربيءَ جي ابومدين سان ملاقات سندس وفات کان ٿورو اڳ ٿي. هن سال 590ھ ۾ وفات ڪئي. ابن عربي ’فصوص الحڪم‘ توڙي ’فتوحات مڪيه‘ ٻنهي ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. مولانا جامي نفحات ۾ پڻ سندس احوال ڏنو آهي.

ابن عربي حيات وافڪار ص 47 ۽ 48- نفعات الانس اردو 779۽ 780

Sufis of Andalusia pg-82

لہ همم لا منتهيٰ .... اجَّل من الدهر

هيءُ شعر حسّان بن ثابت رضه جو چيل آهي.

ديوان حسان بن ثابت، ص 103

همت بلند بايد عشاق........... در عاشقان نگنجد

هيءُ بيت مڪتوبات ۾ پڻ اڪثر ملي ٿو.

الفاقات اعياد المريدين

هن جو حوالو مٿي گذري آيو.

صاحب الزمان يا قطب الارشاد

“قطب الارشاد” ، “قطب المدار” ۽ “قطب الاقطاب” جو بيان مڪتوبات ۾ ملي ٿو. قطب الارشاد بابت بحث“ مبدا معاد” ۾ پڻ ملي ٿو، جتي امام رباني چوي ٿو ته جيڪو قطب الارشاد جو انڪار ڪري ٿو ته اهو هدايت کان محروم رهندو.

مڪتوب 256 ۽ 260، دفتر اول، مبداء معاد اردو، ص 101

حضرت ابوبڪر صديقؓ جو قول

سنن ابن ماجه جي باب ذڪر وفاتہ ۾ ملي ٿو.

ڪلمي طيبه جو نقش

مڪتوبات ۾ آهي ته الله جو غيب کان سواءِ اثبات نه ڪن. مڪتوب 8، دفتر سوم جو ڪنهن حد تائين هيءُ موضوع آهي.

مڪتوبات دفتر سوم اردو، ص36

هر لحظه مرا تازه خدائي دگر است

هي شعر مسعود بڪ شاعر جو آهي. هن شعر جي پهرين مصرع هن ريت آهي:

بيزارم زآن کنہ خدائي که توداري

هن شعر جي باري ۾ پوري تحقيق لاءِ ڏسو مڪمل شرح ابيات سنڌي، ص 238

شيخ محمد خواجه ابوالمساڪين ٺٽوي

مخدوم آدم ٺٽوي سنڌ مان پهريون بزرگ هو جيڪو نقشبندي سلسي سان وابسته ٿيو ۽ امام ربانيءَ جي پٽ خواجه محمد معصوم کان سڌو سنئون فيض حاصل ڪيائين. مڪتوبات معصوميه ۾ ڏانهس

چار خط ملن ٿا. شيخ محمد لقب خواجه ابوالمساڪين مخدوم آدم ٺٽويءَ جو پوٽو هو. هو والد جي وفات ڪان پوءِ شيخ ابوالقاسم ٺٽويءَ جي صحبت ۾ آيو، جنهن جي وفات بعد هو پاڻ سرهند هليو ويو. جتي خواجه محمد زڪي الله بن خواجه محمد حنيف بن خواجه عبدالاحد بن خواجه محمد سعيد بن امام ربانيءَ ڪان فيض حاصل ڪيائين. ساڳئي وقت امام رباني ءَ جي ٻئي پوٽي خواجه محمد زبير ڪان به اڪتساب فيض ڪيائين ۽ موٽي اچي ٺٽي ۾ رهڻ لڳو. سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لُواريءَ وارو ٺٽي ۾ طالبِ علمي دوران سندس مريد ٿيو ۽ پاڻ اهڙي تصديق وارو اجازت نامو پنهنجي هٿن سان ڪيس لکي ڏنائون. آخر 9 ذوالحج 1149ھ/ 1736ع ۾ حرمين ۾ وفات ڪيائين.

وڌيڪ خواجه گل محمد جو وضاحتي نوٽ ‘الوردالمحمدي’ ضميمو- الف وارو ڏسڻ گهرجي.

فردوس العارفين، ص 32 - 35

جدّ دوا ايمانكم بقول لااِلـٰه الاالله

هيءَ حديث مسند امام احمد بن حنبل ۾ ملي ٿي، هن حديث جو حوالو مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿو.

مڪتوب 52 ۽ 78 ،دفتر اول فارسي، ص31

هڪ ظاهري عالم چيو ته خواجه ابوالمساڪين نماز چڱيءَ طرح نه ٿو پڙهي.

فردوس العارفين مطابق اهو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڏانهن اشارو آهي.

فردوس العارفين اردو، ص58

خواجه ابوالمساڪين جو اجازت نامو

سلطان الاولياء جو مرشد خواجه ابوالمساڪين شيخ آدم ٺٽويءَ جو پوٽو هو. شيخ آدم ٺٽوي پهريون سنڌي آهي، جيڪو نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيو. هتي اهو ٻُڌائڻ ضروري آهي ته سڀ کان پهرين هي اجازت نامو به گرهوڙي صاحب 'فتح الفضل' ۾ ڏنو. سلطان الاولياء جي وفات 1188ھ ۾ ٿي، جنهن کان پوءِ صاحبزادو خواجه گل محمد گاديءَ تي ويٺو جنهن ڳالھ ۾ پڻ گرهوڙيءَ جو سڀ کان وڏيڪ هٿ هو. اندازو آهي ته گرهوڙيءَ 'شرح ابيات سنڌي' توڻي 'فتح الفضل' انهيءَ عرصي يعني 1189ھ ۽ 1190ھ دوران لُواري شريف ۾ ئي تصنيف ڪيا. ان کان پوءِ هو جلدي موٽي پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ 1192ھ ۾ مهاديو جي مڙهيءَ واري واقعي ۾ شهادت ماڻيائين. 'فردوس العارفين' ۾ خواجه ابوالمساڪين جو تفصيلي احوال ملي ٿو، جنهن کان پوءِ 'مرغوب الاحباب' واري ڪجھ وڏيڪ پيش ڪيو آهي. اهو ساڳيو احوال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ 'لواريءَ جا لال' ۾ ڏنو آهي.

فردوس العارفين اردو، ص 54، مرغوب الاحباب قلمي، ص 279

امام زين العابدينؒ

علي بن حسين بن علي رضي الله عنه ڪربلا جي قضيي کان پوءِ چاليهه سال زنده رهيو ۽ 100ھ ۾ اٺونجاهه سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. هو تمام گھڻو عبادت گذار هو. تنهن ڪري مٿس "زين العابدين" يعني "عبادت ڪندڙن جي سونهن" جو لقب هيو. هن عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ وفات ڪئي.

تاريخ يعقوبي ترجمو ثاقب اڪبر، ص535

فرزدق شاعر

لقب ابوفراس، هو عربيءَ جو وڏو شاعر هو. فرزدق جي انهيءَ قصيدي جا ٻه وڏيڪ بيت هت ڏجن ٿا.

هٰذاالذي يعرف البطحا وطانتة، والحل يعرف والبيت والحرم

هٰذا الجن عبادالله ڪلهم، هٰذا التقي الطاهر العلم

هي 101ھ/728ع ۾ بصري ۾ وفات ڪري ويو.

مناقب الاصفيا، ص125

الدنيا ساعة

ملا علي قاريءَ هن کي الاسرار المرفوعه ۾ آندو آهي.

شرح عين العلم

"عين العلم وزين الحلم" محمد بن عثمان بلخيءَ جي تصنيف آهي. جنهن جو شرح ملا علي قاري لکيو آهي. سنڌ جي ڪتب خانن ۾ هن ڪتاب جا قلمي نسخا ملن ٿا.

ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري ۾ هن ڪتاب جا ٻه نسخا 269 ۽ 270 سلسلي تي موجود آهن.

فهرست مخطوطات ص 136 ۽ 137

حج ڪرڻ مردن جي لاءِ آزمائش آهي

هيءُ ارشاد مثنويءَ روميءَ جي هن بيت جي ترجماني ڪري ٿو:

حج زيارت کردن خانه بود

حج رب البيت مردانه بود

[معنيٰ: حج (عام طور) خانه (ڪعبي) جي زيارت آهي، ليڪن بيت الله (گهر جي مالڪ) جو حج مردن جو ڪم آهي.] دفتر چهارم ب 15

مطول

درس نظاميءَ جو ڪتاب جيڪو علام تفتازاني جي تصنيف آهي، ليڪن اصل ۾ اهو قزوينيءَ جي ڪتاب تلخيص المفتاح جي شرح آهي. هن جو موضوع علم بديع، بلاغت ۽ معاني آهي. امير تيمور تفتازانيءَ جو وڏو قدردان هو ۽ کيس سرخس مان سمرقند وٺي آيو، جتي کيس پاڻ سان گڏ ويهاريندو هو. انهيءَ ساڳيءَ زماني ۾ وقت جو ٻيو وڏو عالم مير سيد شريف جرجاني به تيمور جي درٻار سان وابسته هو، ٻنهي ۾ مناظرا ٿيندا رهندا هئا. شريف جرجاني ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ فصيح هو، آخر هڪ مناظري ۾ هو تفتازانيءَ کي شڪست ڏئي ويو. جيتوڻيڪ اها مڃيل حقيقت آهي ته علمي لحاظ کان تفتازاني وڏي مرتبي وارو هو. تفتازاني 792ھ ۾ سمرقند ۾ وفات ڪئي. مطول جو اردو ترجمو ۽ تشريح موجود آهي.

حالات مصنفين درس نظامي، ص276،

السهل المسهّل في شرح المطول علامه حافظ عبد الباسط لاہور 1996

رشحات

'رشحات عين الحيات' جو مصنف فخرالدين علي بن حسين واعظ ڪاشفي (867-939) آهي. جنهن هيءَ ڪتاب 909ھ ۾ مڪمل ڪيو، ان ۾ هو 95 نقشبندي صوفين جي سوانح ۽ افڪار کي نهايت سهڻي نموني ۾ بيان ڪري ٿو. هو خواجه يوسف همدانيءَ کان آغاز ڪري ٿو ۽ خواجه بهاؤالدين نقشبند جنهن جي ڪري هي سلسلو اڳتي "نقشبندي" نالي سان سڃاڻ ۾ آيو ۽ جنهن جي مزار بخارا ۾ آهي. تنهن کان پوءِ خواجه محمد پارسا، خواجه عبيدالله احرار، مولانا عبدالرحمان جامي وغيره جو ذڪر ڪري ٿو. ترڪي ۾ هن نقشبندي سلسلي جو وڏو اثر آهي. ترڪي ٻوليءَ ۾ هن ڪتاب جو ترجمو ٿيل آهي، جنهن تان وري انگريزيءَ ۾ Beads of Dew نالي سان اختصار ٿيل آهي، جيڪو 2001 ۾ فلوريدا مان ڇپيل آهي.

ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري ۾ هن ڪتاب جو نامڪمل نسخو موجود آهي.

فهرست مخطوطات، ص 95

آنڪس ڪه بقرآ............ ڪه جوابش نه دهي.

هي اصل ۾ سعدي جي گلستان جو شعر آهي، جيڪو مڪتوبات امام ربانيءَ ۾ پڻ ملي ٿو.

گلستان ، ص165، مڪتوب214، دفتر اول

تلويح ۽ توضيح

التوضيح و تلويح اصل ۾ حنفي علم اصول فقہ جو بنيادي ڪتاب آهي، جيڪو درس نظامي ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ليڪن اصلي ڪتاب "اصول بزدوي" آهي. جنهن جو مصنف پنجين صديءَ جو عالم هو. جنهن جو خلاصو "التنقيح والتوضيح " جي نالي سان علامه عبيدالله صدر الشريعه لکيو. جيڪا شرح "التوضيح" جي نالي سان مشهور ٿي. اٺين صديءَ ۾ علامه تفتازاني (وفات 792ھ) ان جي مشهور شرح "التلويح" لکي. هينئر ان جو اردو ترجمو پڻ موجود آهي.

التصريح شرح اردو التوضيح والتلويح علمي ڪتب خانه، لاهور

کن عالما اومتعلما اومستمعا ولا تكن رابعا فتهلک

هيءَ حديث عجلوني ڪشف الخفافي مزيل الالباس ۾ ملي ٿي.

بني آدم از علم ....وجاه مال ومنال

هي شعر سعديءَ جي مشهور تصنيف "ڪريما" مان ورتل آهي.

العالم من عقل عن الله واطاعتہ

تفسير نووي ۾ هن حديث جو حوالو ملي ٿو.

درالمختار

هن بابت اڳ ۾ حوالو گذري چڪو آهي.

شيخ ابن عربي چيو آهي ته جهالت موت آهي

هن قول بابت خبر پئجي نه سگهي.

كُلُّكُم رَاعٍ وَكُلُّكُم مَسئُول عَن رَعِيَّتِہ

هيءَ حديث بخاري ۾ ملي ٿي. مفتاح ڪنوز السنة، ص115

نصاب الاحتساب

هيءَ ڪتاب اٺين صدي هجريءَ جي عالم عمر بن محمد بن عوض السنامي جي منفرد تحقيق آهي، جيڪو مريزن سعيد مريزن عسيري جي مقدمي سان سال 1986 ۾ مڪي مڪرم مان شايع ٿيو آهي.

نزهة الخواطر جي لکڻ موجب سناميءَ جو تعلق هندستان جي مشهور شهر سنام سان هو، جيڪو پنجاب ۾ پٽياله جي پرسان هو. هن ڪتاب ۾ هو فقہ حنفيءَ موجب احتساب جي تشريح ڪري ٿو ته زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ان کي ڪيئن لاڳو ڪجي يا ان جون ڪهڙيون حدون مقرر آهن. ان ۾ عبادات کان وٺي معاملات سڀ شامل آهن.

نصاب الاحتساب عربي 1996

توحيد حالي

تو حيد حالي جي ڪيفيت ۾ سالڪ جو "همہ اوست" چوڻ معاف آهي، پر ٻئي ڪنهن جو ائين چوڻ ڪفر آهي. توحيد وجودي ۽ شهودي جي بهترين سمجهاڻي مڪتوب 272 دفتر اول ۾ ملي ٿي. مڪتوبات فارسي جلد اول، ص 612

صراط المستقيم

شيخ عبدالحق محدث دهلوي سفرالسعادت جي شرح لکي آهي، ان کي صراط المستقيم چون ٿا.

مَن اَحدَثَ فِي اَمرِنَا هٰذَا مَالَيسَ مِنہُ فَھُوَرَد

هي حديث صحيح مسلم ۾ آهي.

مفتاح ڪنوز السنته ص41

من لہ المولیٰ فلہ الکل

صوفين جي ڪيترن ڪتابن ۾ رسول الله ﷺ جن جي قول طور ملي ٿو.

فرهنگ ماثورات، ص542

اللهٰم ارنا الاشياء کما هي

گهڻن صوفين وٽ هي حديث جا لفظ آهن، احياء العلوم ۾ هي لفظ ملن ٿا: اللٰهم ارني الحق حقاً فاتبعہ وارناني المنکر هي حديث مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿي.

فرهنگ ماثورات، ص74، فهارس تحليلي، ص27

کل شيءِ يرجع اليٰ اصلہ

صوفين وٽ مشهور مقولو آهي، جيڪو عبهرالعاشقين ۽ ٻين ڪتابن ۾ ملي ٿو.

فرهنگ ماثورات، ص 379

النهايت هي الرجوع البدايت

نقشبندي سلسلي جي ابتدا سير انفسي سان ٿئي ٿي ۽ سير آفاقي ان تحت طئي ٿي وڃي ٿو. جڏهن ته ٻين سلسلن ۾ اها شروعات سير آفاقيءَ سان ٿئي ٿي ۽ پڄاڻي سير انفسي سان ٿئي ٿي، گويا جيڪا

ٻين جي انتها آهي ان سان نقشبندي ابتدا ڪن ٿا. هن قول جي اهائي مراد آهي، مڪتوبات ۾ اهو بحث گهڻن هنڌن تي ملي ٿو. سير انفسي ڪي سير في الله به چون ٿا. هن مقولي لاءِ چيو وڃي ٿو ته جڏهن ڪنهن سائل جنيد بغداديءَ کان سوال ڪيو ته مانهاية هٰذا الامر يعني هن ڳالهه جي آخر پڇاڙي ڇا آهي؟ جواب ڏنائين ته الرجوع الي البدايت يعني وري شروعات ڏانهن موٽڻ.

مڪتوب 78 دفتراول مڪتوب 42 دفتر دوم مڪتوب 72 دفتردوم،

نفحات الانس فارسي ص 972

ڪلي فرضي

منطق ۾ ڪلي فرضي اها ڪلي آهي جنهن جو ڪوئي فرد خارج ۾ موجود نه هجي، جيئن اهڙا انسان جن جي عمر هزار سالن کان مٿي هجي. لا موجود لاممڪن يا لا شيءِ وغيره. اشرف القطبي، ص198

ننڊ ۾ پيش ايندڙ حالت تي ڪو به اعتبار نه آهي

مڪتوبات احمدي ۾ خواب ۽ مواجيد بابت بحث مڪتوب 42 دفتر دوم ۾ ملي ٿو.

اَلمُسلِمُ مَن سَلم اِلمَسلمُون من لِّسَانِہٖ وَيَدِہٖ

هي حديث صحيح مسلم جي ڪتاب الايمان ۾ عبدالله بن عمرو بن العاص جي روايت سان ملي ٿي. مختصر صحيح المسلم، عربي، ص29

ڪتاب بابت وضاحت اڳ ۾ ٿي چڪي آهي.

نقشبندين جي ڳجهي ذڪر بابت

نقشبندي سلسلي وارن وٽ ذڪر جهر يعني وڏي آواز سان ذڪر بدعت آهي ۽ ان جي بجاءِ ذڪر خفي يا ذڪر قلبي آهي. امام رباني پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ چوي ٿو ته خلوت نشيني ۽ چله ڪشي جيڪي ابتدائي دور ۾ نه هيون پر پوءِ رائج ٿيون. انهن جي جاءِ تي خلوت درانجمن يعني مخلوق سان گڏ رهي ذڪر قلبي ڪرڻ کي نقشبندين اختيار ڪيو آهي. ان کي پڻ هڪ لحاظ کان هو اندارج نهايت في البدايت جي مصداق چون ٿا. هن سلسلي ۾ هي شعر اڪثر حوالي طور آندو ويو آهي:

نقشبنديه عجب قافله سالارنند

که برند از ره پنهان به حرم قافله را

[معنيٰ: نقشبندي عجيب قافلي جا مالڪ آهن، جيڪي قافلي وارن کي ڳجهي يا مخفي طور مقصد تائين وٺي وڃن ٿا.] [مڪتوب 231 دفتراول، مڪتوب 168 دفتواول]

ياليتني سهو محمداً

حضرت ابوبڪر صديق رضه ڏانهن منسوب هي قول ”مبداء معاد“ جي تيرهين ”منها“ ۾ ملي ٿو، جتي امام رباني ان جي سمجهاڻي ڏني آهي.

مبدا معاد- فارسي، ص40

خاڪ شو خاڪ ....نيست مظهر گل

هي بيت به مڪتوبات ۾ بار بار اچي ٿي.

مڪتوبات جلد اول فارسي، ص 327

سڪندر جو ايلچي ٿيڻ

هن جي وضاحت خواجه گل محمد جي ڏنل سمجهاڻي ۾ ملي ٿي، هونئن اهو استعارو نظاميءَ جي سڪندر نامه تان ورتل آهي. ڪليات نظامي گنجوي ايران

من رضي فلہ الرضيٰ ومن سخط فلہ السخط

هيءَ حديث جامع ترمذيءَ ۾ ملي ٿي.

من احب لقاءَ الله احب لقائہ

هي حديث صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ ملي ٿي.

ارشاد الطالبين فارسي، شرح زادالمطلوب، ص 128

معشوق من است آنکه بنزديک توزشت است

شيخ سعدي جي شعر جي مصرع آهي، حوالو اڳ ۾ گذري چڪو آهي.

احبّ قلبي .... ماقام في السمن

هي شبليءَ جو شعر آهي. جيڪو مڪتوبات توڙي مبداء معاد ۾ پڻ ملي ٿو.

مبداء معاد فارسي، ص59

امام نووي (631-676)

محي الدين ابوزڪريا يحيٰ بن شرف اصل ۾ دمشق جو هو. هو شافعي فقيہ ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف آهي. هو پنهنجي ڪتاب

الاربعين جي ڪري گهڻو مشهور ۽ مقبول آهي، جنهن جون ڪيتريون شرحون لکيون ويون آهن. ڪيس شافعي فقه ۾ امام الرافعي کان پوءِ وڏو فقيہ تسليم ڪيو ويو آهي. هن امام غزالي جي ڪتاب وجيز تي پڻ شرح لکي. بهرحال سپني ڪتابن ۾ زياده مقبول سندس رياض الصالحين آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿيل آهي. جنهن جو مترجم مولانا غلام عباس قادري الازهري آهي ۽ الراشد اڪيدمي ڪراچيءَ طرفان 1994 ۾ شايع ٿيل آهي.

دائره المعارف ص 523-560 جلد 22

شيخ نظام الدين دهلوي

اصل نالو محمد، هندستان جي مشهور شهر بدايون ۾ پيدا ٿيو. بابا فريد گنج شڪر جي بيعت ڪري چشتي سلسلي ۾ داخل ٿيو ۽ دهلي کي اچي پنهنجو مرڪز بنايائين. درويشي ۽ فقر جي زندگي گذارڻ لڳو. جنهن ڪري جلدي وٽس خلق جي رجوعات ٿي ۽ اڳتي هلي نذرنياز سان درگاهه جو ڪم هلڻ لڳو. سندس مقناطسي شخصيت جي ڪري دهلي جا ڪيترا امير وزير عقيدتمند بنجي ويا. ايتريقدر جو خلجي سلطان علاؤالدين به سندس معتقد ٿيو. پر هن جڏهن ساڻس ملڻ جو ارادو ڪيو ته پاڻ بادشاه سان ملڻ کان معذرت ڪيائين. اهڙيءَ طرح جڏهن وقت جي بادشاه سپني بزرگن ۽ اوليائن کي پاڻ وٽ گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي. تڏهن به وجڻ کان لاچاري ظاهر ڪيائين. انهيءَ رات صبح جو خبر پئي ته بادشاه کي سندس غلام قتل ڪري ڇڏيو. نظام الدين اوليا چشتي صوفين جي روايت موجب سماع جو دلداه هو. هڪ دفعي دهليءَ جي

سلطان وٽ مخالفن اهو بحث شروع ڪرايو ته سماع ٻڌڻ حرام آهي. اهو بحث پورا ٻارنهن ڏينهن هلندو رهيو.

'فوائدالفواد' نظام الدين اولياء جي ملفوظات آهي، جنهن کي سندس قابل اعتماد شاگرد ۽ مريد امير حسن سجزي مرتب ڪيو آهي. هن ملفوظات ۾ 707ھ کان 719 يعني ٻارنهن سالن جي عرصي دوران مجلسن جا احوال ۽ اقوال گڏ ڪيل آهن. سجزي جيڪي ڪجھ سندس مرشد جي زبان مان نڪرندو هو، اهو لکندو ويندو هو. مشهور تاريخ نويس ضياءَ الدين برني به ان ڳالھ جو اکين ڏٺو شاهد آهي جڏهن اها ملفوظات مرتب ٿي رهي هئي. فوائد الفواد جو مصنف حسن سجزي 651 ۾ بدايون ۾ ڄائو هو، پورا پنج سال امير خسرو سان گڏ ملتان ۾ شهزادي سلطان شهيد جو خاص ساٿي ۽ همدم رهيو هو. 707ھ ۾ نظام الدين اوليا جو مريد ٿيو ۽ ان وقت کان وٺي پنهجي مرشد جي هر محفل جو احوال قلمبند ڪندو رهيو. پهريائين ڪجھ ملفوظات لکي. مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. جنهن پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو. اهي ملفوظات جنهن محبت ۽ خلوص سان تحرير ڪيائين، اهو سندس تحرير مان صاف ظاهر آهي. بهرحال هيءَ روايت اسان کي فوائد الفواد ۾ ڪونه ملي. ليڪن اها روايت ڏهين صديءَ جي تذڪري ثمرات القدس ۾ ملي ٿي.

راقم خاڪسار نظام الدين اولياء ۽ امير خسرو جي مزارن تي ٻه دفعا 2006 ۽ 2007 ۾ حاضر ٿي چڪو آهي.

ثمرات القدس، ص 548

(2) The life and Times of Shaikh Nizamuddin Aulia, Khaliq Nizamani, Delhi, p - 124

امير خسرو

امير خسرو جو نانو نظام الدين اولياء جو خاص مريد هو ۽ هن ئي امير خسرو جي پرورش ڪئي. اڃان اٺن سالن جو هو ته ڪيس نظام الدين اولياء وٽ وٺي آيو. جنهن ڪان پوءِ هو ساري عمر نظام الدين اولياء جو نه صرف مريد ۽ عقيدتمند ٿي رهيو. بلڪ مرشد جو به ساڻس وڏو قرب هو. امير خسرو خان شهيد جي دربار ۾ ڪافي عرصو ملتان ۾ رهيو. جڏهن منگولن ملتان تي حملو ڪيو ته خوش قسمتيءَ سان هو بچي نڪتو. امير خسرو فارسي زبان جو باڪمال شاعر هو. هن جون نظم ۽ نثر ۾ ڪتيريون تصنيفون آهن. سندس شاعريءَ ۾ صوفيانه رنگ غالب آهي. سندس شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو حوالو شيخ نظام الدين اولياء سان عقيدت آهي. هڪ مشهور غزل جو مطلع ان پس منظر ۾ چيل آهن.

خلق مي گويد که خسرو بت پرستي مي کند

آري آري مي کنم با خلق عالم کار نسيت

[معنيٰ: ماڻهو چون ٿا ته خسرو بت پرستي ٿو ڪري. هائو، آءُ ڪريان ٿو. مون کي ماڻهن جي ڪا پرواهه ناهي.]

هر قوم راست رسمي و ديني و قبله گاهي

اصل مصرع ۾ ”رسمي“ جي بجاءِ لفظ ”راهي“ آهي. گرهوڙي هن شعر جو اصل پس منظر ڪونه ڏنو آهي، جيڪو هن ريت

آهي: هڪ ڏينهن سلطان المشائخ نظام الدين اوليا هڪ اوچي ٿلهي تان بيهي جمنا نديءَ جو نظارو ڪري رهيو هو، جتي هندو اشنان ۽ پوڄا ڪري رهيا هئا. اهو ڏسي سندن زبان تي هي الفاظ اچي ويا:

”هر قوم راست راهي ديني وقبله گاهي“

اوچتو امير خسرو به اتي اچي پهتو. جنهن اهي الفاظ ٻڌي ورتا. ان وقت نظام الدين اوليا جي مٿي تي پاتل ٽوپي پاسيري رکيل هئي. امير خسرو ان ڏانهن اشارو ڪري انهيءَ شعر جي ٻي مصرع پڙهي:

”من قبله راست كردم بر سمت كج كلاهي“

ڊاڪٽر عبداللطيف جي تحقيق موجب هي شعر امير حسن دهلويءَ جو آهي.

مغل شهنشاهه جهانگير پنهنجي خود نوشت سوانح تزڪ جهانگيريءَ ۾ هن شعر بابت هڪ عجيب و غريب واقعو بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته هڪ دفعي 12 ۽ 13 محرم جي رات جو دهليءَ جا ڪي قوال سندس سامهون ڳائي رهيا هئا ۽ ملا علي احمد مهرڪن به اتي موجود هو، جنهن جو والد جهانگير جو ننڍپڻ جو استاد هو. قوال مٿيون شعر ٽله جي طور تي بار بار ورجائي رهيا هئا. ملا علي احمد پاڻ اٿي بيهي مون کي ان شعر جو اهو پس منظر ٻڌائي رهيو هو ۽ هو ان جي ٻڌائڻ ۾ ايترو مستغرق هو جو جڏهن آخري الفاظ ”بر سمت ڪجڪلاهي“ سندس زبان مان نڪتا ته اوچتو غش ٿي هيٺ ڪري پيو. جهانگير لکي ٿو ته مون

ڪي سندس اها حالت ڏسي عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي. موجود حڪيم ۽ طبيب سندس نبض ڏسڻ لڳا ۽ گهڻي ڪوشش ڪيائون، پر خبر پئي ته هو پٽ تي ڪرڻ سان ئي انتقال ڪري چڪو هو. جهانگير لکي ٿو ته مون اهڙي قسم جو اچانڪ موت ڪڏهن نه ڏٺو هو.

جذب ڪامل، ڊاڪٽر عبداللطيف، ص 61، لاهور 1975،

تزڪ جهانگير ترجمو ۽ حواشي اعجازالحق قدوسي لاهور، ص222

انظروا ما قال ولا تنظروا من قال

حوالو نه ملي سگهيو.

شرح هدايه

شرح هدايه فقہ حنفيءَ جو بنيادي ڪتاب آهي. شرح هدايه علامه عيني (ڪتاب جو اصل نالو النهايه شرح هدايه آهي. مصنف جو پورو نالو قاضي بدرالدين محمود بن احمد العيني آهي، جنهن 855 ۾ وفات ڪئي. ظفرالمحصلين ص 161

بحريکي موج هزار ان هزار

روئي يکي آئينها بيشمار

هي شعر مولانا جاميءَ جي مثنوي "تحفة الاحرار" مان ورتل آهي.

مثنوي هفت اورنگ، ص 393

الطاعم الشاکر کا الصائم الصابر

مشڪواة، صحيح بخاري ۽ ٻين ڪتاب ۾ ملي ٿي.

ارشادالطالبين . فارسي، ص 28

مڪتوبات احمدي جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن شيءِ کي گهرندو آهي، تڏهن ان جا اسباب پيدا ڪندو آهي.

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

منهاج العابدين

ڪتاب جو پورو نالو "منهاج العابدين الى جنت رب العالمين" آهي، جيڪو امام غزاليءَ جي آخري تصنيفات منجهان آهي. اهو هڪ لحاظ کان احياءَ العلوم جو نچوڙ آهي. ڪتاب ۾ هو ستن وادين جو ذڪر ڪري ٿو. پهرين وادي علم ۽ معرفت جي آهي ۽ آخري حمد ۽ شڪر جي وادي آهي. سنڌي ۾ ترجمو ٿيل آهي.

منهاج العابدين، سنڌيڪار عبدالڪريم سميجو، 2008

اصلي ولايت ۽ ظلي ولايت

امام رباني ٽن ولايتن ولايت ڪبريٰ ، ولايت صغرى ۽ ولايت عليا جي ڳالهه ڪري ٿو، جتي ولايت ڪبريٰ مان سندس مراد نبين جي ولايت آهي ۽ صغريٰ مان مراد اوليائن جي ولايت آهي. جڏهن ته عليا مان مراد ملاءُ اعليٰ جي ولايت آهي.

هن لاءِ ڏسو مڪتوب 260 دفتر اول، مڪتوب سوم دفتر دوم

اصل تي نگاهه ڪرڻ گهرجي ۽ الله جي ذات ڳجهي آهي.

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

مجذوب سالڪ ۽ سالڪ مجذوب

هن جي وڌيڪ تشريح مبداء معاد جي 22 معرفت ۾ ملي ٿي.

مڪتوب 287 دفتر اول

لن يوءَ من احدكم حتيٰ يقال انہ مجنون

صحيح ابن حبان ۽ المستدرڪ حاڪم ۾ آهي. هن حديث جو حوالو مڪتوب 65، دفتراول ۾ پڻ ملي ٿو. مڪتوبات فارسي جلد اول، ص 201

تفسير بيضاوي

هن مشهور تفسير جو مصنف عبدالله بن عمر آهي، جنهن جو تعلق فارس جي شهر بيضا سان هو. هو شافعي مسلڪ وارو هو. قاضي بيضاوي جي نالي سان به مشهور آهي. هو ڪيترن ڪتابن جو مصنف آهي. سندس تفسير جو پورو نالو ”انوارالتنزيل واسرارالتاويل مستغني عن البيان“ آهي، جيڪو درس نظاميءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو. خاص طور سنڌ هند ۾ ان کي وڏي مقبوليت ملي. هن سال 685 ۾ وفات ڪئي. هن تفسير جا ڪيترن عالمن توضيحي حاشيا لکيا آهن، جن جو ڳاڻيٽو سئ کان مٿي آهي.

ظفرالمحصلين ص 31-30، تذڪره مصنفين درس نظامي ص 163- 160

نٿي جو ظاهري عالم جيڪو شيخ محمد (ابوالمساڪين) لاءِ چوندو هو ته ڪتابن جي مطالعو نٿو ڪري.

فردوس العارفين جي هڪ عبارت مان اهو گمان نڪري ٿو ته اهو عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هو. اها ساڳي ڳالهه مرغوب الاحباب وري ورجائي آهي.

فردوس العارفين، اردو ص 51.

اذا صلح القلب صلح الجسد

دراصل حديث جا الفاظ ڪجهه هن ريت آهن: انّ في جسد بني آدم لمضغة اذا صلحت صلح الجسد کُلّه واذا فسدت فسک الجسد کُلّه الاّ وهي القلب معنيٰ: خبردار! بني آدم جي جسم ۾ گوشت جو هڪ اهڙو ٽڪرو آهي جو جيڪڏهن اهو صحيح سالم آهي ته سڄو جسم سالم آهي، پر جيڪڏهن اهو بيمار يا بگڙيل آهي ته سمورو جسم بيمار رهندو. خبردار! اهوئي قلب يعني دل آهي. هيءَ حديث صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي.

مڪتوب 202 دفتراول

مڪتوبات ۾ ناسخ ۽ منسوخ جو بحث

ناسخ ۽ منسوخ جو بحث ڪنهن حد تائين مڪتوب 55 دفتر دوم ۾ ملي ٿو.

زعنقا هست نام......................آن نام هم گم.

امام رباني هي شعر مڪتوبات ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا آندو آهي ۽ ان مان سندس مراد ذات باري تعالى جو ”ورا الورا“ هجڻ آهي.

ڏسو مڪتوب 279، دفتراول ۽ مڪتوب 44، دفتر سوم

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته اسان جي طريقي جي انتها ڪامل يقين ۽ نه ڄاڻڻ ۽ نه لهڻ ۾ آهي.

مڪتوب 240، دفتر اول فارسي، ص 479

مفاتيح

المفاتيح شرح مصباح جيڪو حديث جو مجموعو آهي، ان جو مصنف شيخ مظهرالدين بن محمود زيداني آهي. اصل ڪتاب مصابيح جو مؤلف حسين فراء بغوي آهي. هو 435ھ ۾ هرات مَرَوَ جي پرسان هڪ ڳوٺ بغو ۾ پيدا ٿيو.

ظفر المحصلين ص 137

الله جي تجلي جا ٽي قسم آهن صوري، معنوي ۽ ذوقي

تجليءَ جو بحث مڪتوبات ۾ ڪيترن هنڌن تي ملي ٿو.

ڏسو مڪتوب 3، دفتر دوم، مڪتوب 21، دفتر اول

مذڪور طلب چه........خلاصه هم فکر

هي شعر ڪشف اللغات ۾ ملي ٿو ڪشف اللغات، جلد اول، ص 409

حقيقت احمدي ۽ حقيقت محمدي

هيءُ سمورو بحث مڪتوب 94، دفتر سوم ۾ ملي ٿو.

حسبي ربي جلّ الله ما في قلبي غير الله

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته اسان جي (نقشبندي) طريقي جو مدار عزيمت تي آهي.

عزيمت جو ذڪر مڪتوبات ۾ ملي ٿو. ان کان سواءِ عزيمت ۽ رخصت جو ذڪر رساله قدسيه خواجه نقشبند ۾ پڻ ملي ٿو.

مڪتوت 243 دفتراول، مڪتوب ، دفترسوم، رساله قدسيه، ص 123

ان الله يحب ان يؤتي رخصة كما يحب ان يؤتي عزآئمة

هي حديث مجمع الڪبير طبراني ۾ ملي ٿي.

افضل امتي الذين يعملون بالرخص

هي حديث ڪنز العمال ۾ ملي ٿي.

ولي کي وليءَ ئي سڃاڻيندو آهي

هي قول مڪتوب 49، دفتردوم ۾ ملي ٿو.

اسان جو طريقو سڀني طريقن ۾ الله کي وڌيڪ ويجهو آهي

هي اصل ۾ خواجه نقشبند جو قول آهي. هن جي سمجهاڻي مڪتوبات ۾ ملي ٿي، جتي امام رباني نقشبندي طريقي جي ٻين طريقن سان ڀيٽ ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته نقشبندي طريقي جي ابتدا جذب سان ٿئي ٿي يعني ابتدا ۾ قرب ۽ شهود حاصل ٿئي ۽ آخر ۾ بُعد يا گستن آهي. هن سلسلي ۾ پيري مريدي سکڻ ۽ سيکارڻ سان آهي اها خرقو ۽ پڳڙي پائڻ سان نه آهي.

مڪتوب 221 دفتراول، ص438، مڪتوب 9، دفتر سوم، ص354، رساله قدسيه

اَلشَّيخُ فِي قَومِہٖ كَالنَّبيِّ فِي اُمَّتِہٖ

احياء العلوم ۾ هن کي حديث بيان ڪيو ويو آهي. ابن حبان هن کي ضعيف ۾ شمار ڪيو آهي. مڪتوبات ۾ پڻ هن جو حوالو ملي ٿو.

احياء العلوم جلد 5، ص 522 اسرار المرفوعہ ،ص 227، مڪتوب 224، دفتر اول

لطيفي اخفيٰ جو رنگ سائو آهي

لطائف جي تفصيلي سمجهاڻي ”مبداءمعاد“ جي 39 منهن ۾ ملي ٿي.

مبداء معاد، ص 66

هر که يکدم جدا .... لعين مطرود است

هي شعر فريدالدين عطار جو آهي.

انا عند ظن عبدي بي فليظن بي ماشاءَ

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ ڪجهه لفظن جي اختلاف سان هيءَ حديث ملي ٿي. هي حديث مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿي.

ڏسو مڪتوب 216، دفتراول

الحمدلله عليٰ کل حال

هي الفاظ حديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ ملن ٿا. جيئن سنن ابن ماجه ۽ ڪنزالعمال وغيره

حق الله علي العبد .... عليہ ان لا يعذبہ

صحيح بخاري، صحيح مسلم ۽ سنن ابن ماجه ۾ هن حديث جا الفاظ ملن ٿا.

نکو گوئي نکو گفته است در ذات

هي شعر فارسيءَ جي وڏي شاعر عطار جي ’الاهي نامه‘ مان ورتل آهي.

الاهي نامه، ص 15

لوائح

عبدالرحمٰن جاميءَ (817 – 898ھ) جي مشهور تصنيف آهي، جنهن ۾ نثر به آهي ته نظم به آهي. نظم ۾ فقط رباعيون آهن. هيءَ رباعي 21 لائحه ۾ اچي ٿي ۽ ان جون باقي به مصرعون هن ريت آهن:

در انجمن فرق و نهان خانه جمع

بالله همہ اوست ثم بالله همہ اوست

جامي هيءَ مختصر پر نهايت دقيق تصنيف 870ھ ۾ مڪمل ڪئي. مڪتوباب ۾ پڻ لوائح جون رباعيون ملن ٿيون.

لوائح تسبيحي، ڪتاب فروش ايران

هيچ کس را .... دربار گاهِ کبريا.

مثنوي روميءَ جو هي شعر مڪتوبات امام رباني ۾ ڪيترا ڀيرا ملي ٿو، بلڪ اهو ساڳيو شعر رساله قدسيه ۾ خواجه پارسا به آڻي ٿو.

مڪتوبات 109 ، 113 مڪتوب 278 دفتراول رساله قدسيه، ص 156

خيرالکلام ما قلّ ودلّ

مشکواة ۾ حديث جا الفاظ هن ريت آهن: ماقلّ وما کفي اخير ممّا کثروالهيٰ يعني جيڪا به شيءَ ٿوري ۽ ڪفايت ڪندڙ آهي، اها ان گهڻي کان بهتر آهي، جيڪا انسان کي غافل ڪري.

ارشاد الطالبين فارسي، ص 63

غنية الطالبين

شيخ عبدالقادر جيلاني (470 - 561 = 1078 - 1166) جي نهايت مشهور تصنيف آهي. سندس ٻين تصنيفات ۾ فتوح الغيب ۽ فتح الرباني آهن. غنية الطالبين توڙي فتح الربانيءَ ۾ جوش خطابت ۽ واعظ ۽ هدايت جو انداز گهڻو غالب آهي. ليڪن فتوح الغيب ۾ مفڪرانه ۽ صوفيانه انداز جهلڪي ٿو. هنن ٽنهي ڪتابن جو اردو ۾ ترجمو ٿيل آهي. مڪتوبات ۾ پڻ هن ڪتاب جو حوالو ملي ٿو. مڪتوب 67 دفتردوم

هداية الفقه

بهاءُالدين مرغينانيءَ جي نادر تصنيف آهي، اسان جي سامهون جيڪو نسخو آهي، اهو يارهين صديءَ جي مشهور ڪاتب رشيد ديلمي جو لکيل آهي ۽ سن ڪتابت 1075 ڄاڻايل آهي. ڪتاب جو اهو نسخو 1171ھ ۾ افغانستان جي بادشاھ احمد شاھ ابداليءَ جي شاهي ڪتب خاني لاءِ حاصل ڪيو ويو. سال 1175ھ ۾ اهو ڪتاب احمد شاھ دراني (ابدالي) پنهنجي دستخط ۽ مهر سان سنڌ جي عالم ۽ نقشبندي صوفي فقير الله علويءَ کي هديو ڪري ڏنو. ليڪن سال 1194ھ ۾ اهو ساڳيو ڪتاب پير سيد محمد راشد (روضي ڌڻيءَ) جي فرمائش تي فقير الله علوي نه چاهيندي به اهو ڪتاب کيس محبت وچان تحفو ڪري پيش ڪيو، جو اڳتي هلي شايد گذريل صديءَ ۾ انگريزن طرفان درگاھ پير ڳوٺ تي چڙهائي بعد جڏهن اهي ڪتاب ٽڙي پکڙجي ويا ته اهو ڪتاب وري وڃي افغانستان پهتو.

ڊاڪٽر محمد ادريس جنهن وٽ هن ڪتاب جا چند ابتدائي اوراق موجود آهن، سندس زباني روايت موجب اهو ڪتاب ڪجھ سال اڳ سنڌ ۾ پير ڳوٺ ڪتب خاني وارن کي خريداريءَ لاءِ پيش ڪيو ويو. پر سودو طئي ٿي نه سگهيو ۽ ان ڪانپوءِ اهو ڪتاب ايران جي شهر قم جي ڪتب خاني لاء 1353 شمسي هجري ۾ ستن لکن ۾ خريد ڪيو ويو. هتي اسان ان ورق جو عڪس ڏئي رهيا آهيون، جيئن ان ڪتاب بابت اها تاريخي روايت محفوظ ٿي وڃي جنهن جو ثبوت اهي تحريرون ۽ مهرون آهن، جيڪي پڙهي ۽ ڏسي سگهجن ٿيون ته اهو ڪتاب سنڌ ۾ موجود هو ۽ ڪيئن سنڌ جو علمي خزانو حالتن جي ور چڙهندو رهيو آهي. چئي نٿو سگهجي ته هيءُ ڪتاب شايع به ٿيو آهي يا اڃان قلمي صورت ۾ ڪنهن ٻئي ڪتب خاني ۾ به موجود آهي.

فوٽو اسٽيٽ ملڪيت ڊاڪٽر محمد ادريس قاسميه ڪتب خانو ڪنڊيارو

نظام معتزلي

نظام (وفات:231ھ/845ع) ابراهيم بن سيار بن هاني البصري مشهور معتزلي مفڪر جنهن فرقه نظاميه جو بنياد وڌو. عرض ۽ جوهر جو اهو بحث مڪتوب 45 دفتر دوم ۾ ملي ٿو. جتي امام رباني "**ان العرض لايبقى زمانين**" واري ڳالهه کي تسليم نٿو ڪري ۽ هن سلسلي ۾ نظام معتزليءَ جي راءِ کي ترجيح ڏئي ٿو.

مڪتوبات اردو ترجمو ص 168 دفتر دوم

تفسير مجاهد

تفسير مجاهد مشهور آهي، جنهن جو مؤلف تابعي آهي. هي تفسير ڇپيل آهي. هن 170 هجري جي لڳ ڀڳ وفات ڪئي.

قرة العيون، ظفرالمحصلين، ص 35

قِفُ يَا مُحَمَّدُ فَاِنَ اللهُ يُصَلِي

هن ڪي قسطلاني مواهب اللدنيه ۾ آندو آهي. ”سيرة حلبيه“ جي باب ذڪر الا سواءَ و المعراج ۾ پڻ هي الفاظ ملن ٿا. مڪتوبات ۾ پڻ ان جو حوالو اچي ٿو.

مڪتوب 77، دفتر سوم

برهان الفقه

”البرهان“ عبدالمالڪ المعالي بن امام الحرمين الجويني شافعي جي تصنيف آهي، جيڪو اصول فقه جو ڪتاب آهي.

An Introduction to Muhammadon law and a Bibliography Nicholas Aghinde Lahore-1981

اخبارالاخيار

شيخ عبدالحق محدث دهلوي (959-1052ھ) جي مشهور تصنيف آهي، جنهن ۾ هو وڏن صوفين ۽ مشاهير عالمن جي سوانح ۽ افڪار جو احاطو ڪري ٿو. اصل ڪتاب فارسيءَ ۾ آهي، پر ان جو اردو ترجمو موجود آهي. ياد رهي ته شيخ عبدالحق محدث امام ربانيءَ جو همعصر آهي ۽ ٻنهي ۾ ڪجھ وقت لاءِ ڪن ڳالهين تي اختلاف رهيو آهي. مڪتوبات امام رباني ۾ شيخ عبدالحق ڏانهن ڪوخط نٿو ملي، البت هڪ ٻن جڳهن تي سندس نالو وٺي ٿو.

ليڪن شيخ عبدالحق جو امام ربانيءَ ڏانهن هڪ طويل مڪتوب موجود آهي.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي حيات: خليق احمد نظامي ص 312-344،

اخبارالاخيار اردو،ص20

مَن عَرفَ نَفسَہ فَقَد عَرَفَ رَبَّہ

اڪثر صوفين وٽ هي حديث آهي ۽ امام رباني هن کي مڪتوبات ۾ چار دفعا ذڪر ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هجويري، امام غزالي ۽ ابن عربي وٽ اها حديث آهي. سمعاني ان کي هڪ وڏي صوفي يحيٰ بن معاذ رازيءَ جو قول ڪوٺيو آهي ۽ چوي ٿو ته اها مرفوع حديث نه آهي. ليڪن امام نووي چوي ٿو ته جيتوڻيڪ هيءَ حديث ثابت ناهي، پر اها معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان ثابت آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي ته من عرف نفسہ بالجهل فقد عرف ربہ بالعلم، ومن عرف نفسہ بالفناءِ فقد عرف ربہ بالبقاءِ ومن عرف نفسہ بالعجزو الضعف فقد عرف ربہ بالقدرة والقوة معنيٰ: جنهن پنهنجي نفس جي جهالت کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي علم ذريعي سڃاتو. جنهن پنهنجي نفس کي فنا ڪري سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي بقا ذريعي سڃاتو. جنهن پنهنجي نفس جي هيڻائي ۽ ڪمزوريءَ کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب جي قدرت ۽ طاقت کي سڃاتو.

الموضاعات الڪبريٰ ملاعلي قاري، ص 936

كشف المحجوب ص 402 ۽ 407، فهارس تحليلي هشتگانه ص38

ڀڳت ڪبير

ڀڳتي تحريڪ جو باني رامانج ۽ ڪانئس پوءِ رامانند هو. ليڪن ڀڳتي سوچ ۽ فڪر کي هندي شاعري ذريعي عوام ۾ ڦهلائڻ وارو ڀڳت ڪبير هو. هو هندن جي مذهبي شهر بنارس ۾ پيدا ٿيو ۽ 1518ع ۾ گذاري ويو. سنڌي زبان جي اوائلي ۽ ڪلاسيڪي شاعري تي ڀڳت ڪبير جو اثر نمايان آهي. ايترقدر جو شا□□ھ جي رسالي جي سر بيراڳ هنديءَ ۾ پڻ جيئن جو تيئن ڀڳت ڪبير جا ڪيترا دوها ملن ٿا. هتي آندل دوهي مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪبير جا دوها سنڌ هند جي صوفي سالڪن وٽ گهڻو پسند هئا.

صوفي لا ڪوفي ص 186۽ 187

لاالہ الاالله حصي ومن دخلہ امن


حديث قدسي حلية الاوليا جلد3، ص191، انفاس العارفين، شاه ولي الله، ص 261

ڪتاب ڪشف ۾ آهي ته قرآن پاڪ ۾ آيل لفظ "متقي" جي معنيٰ "مؤمن" آهي

ڏسو ڪشف اللغات، ص 30 جلد دوم

عالمِ امر ۽ عالمِ خلق جي لطيفن جي حقيقت

نقشبندي حضرات جي ڪتابن ۾ انسان جي ڏهن لطيفن کي عام طور هڪ دائري امڪان جي اندر ظاهر ڪيو ويندو آهي. جن سان پنجن جو تعلق عالم امر سان آهي ۽ اهي هن ريت آهن:



دائرو

امڪان

هداية الطالبين، ص 18، عمدة السلوڪ، ص **213**

عارفن جا ٻه قسم آهن

هتي اها وضاحت ڪرڻ گهرجي ته ‘فتح الفضل’ جي ابتدائي 243 ارشادات جو فارسي ترجمو محبوب الصمد خواجه گل محمد ‘الورد المحمدي’ نالي سان پاڻ ڪيو هو ۽ ڪن ارشادات جا تمام مختصر تعليقات به لکيا هئا، جيڪي هاڻي الڳ صورت ۾ ضميمي ‘‘الف’’ طور هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ارشاد 243 کان اڳتي باقي عربي ارشادات جو فارسي ترجمو سيد نور علي شاھ لکوي ‘تڪمله الورد محمدي’ جي نالي سان ڪيو، جنهن جي مختصر تعليقات کي پڻ هن ڪتاب ۾ ضميمي ‘‘ب’’ طور شامل ڪيو ويو آهي.

ڪاد الحليم ان يڪون نبياً

المقاصد الحسنه، حديث 788، ڪنزالعمال، حديث 813

من ڪف غضبہ وقيہ الله عذابہ

احياءَ العلوم ۾ هن کي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي.

جلد 5، ص 547

اين سراؤ باغ .... تو بلائي جان تو

هي بيت مڪتوب 183 دفتر اول ۾ موجود آهي.

مڪتوبات فارسي جلد اول، ص 364

ڪل شيءِ في ڪل شيءِ (هرشيءِ ۾ هرشيءِ آهي) يا سڀ شيءِ سڀ ڪنهن شيءِ ۾ آهي

هن اصطلاح جي سمجهاڻي عبدالرزاق ڪاشانيءَ هن طرح ڏئي ٿو ته ان مان مراد هرشيءَ جي اصل حقيقت جو ظاهر ٿيڻ آهي. ٻارهين صدي جو نقشبندي صوفي مظهر جان جانان ان جي تشريح ڪندي چوي ٿو ته صوفين جي طريقي موجب ڪائنات جي هر ذري ۾ خدا جو وجود پنهنجي پوري ڪمال سان جلوه گر آهي. اهو ظهور جزوي ناهي بلڪ هر ذري ۾ ڪل جو ظهور آهي. ڇو ته خدا جو وجود بسيط آهي، ان جا جزا يا ڀاڱا نٿا ٿي سگهن. سلطان الاولياء کي هي مقولو گهڻو پسند هو جو سندن هڪ سنڌي بيت ۾ هن ريت تضمين ٿيل ملي ٿو:

ڇڏي عالم امڪاني وڃي رس وجوب کي
الولاية وصول الاسم اٿي پڇ اوطان
"ڪل شيءِ في ڪل شيءِ" سڀت سڀ تمام
جنين ڏنو ڀاڻ، سي سڀ ڏسن پڌرو.

گرهوڙيءَ جي پنهنجي ڪلام ۾ پڻ هڪ اهڙي سٽ ملي ٿي:

ڪُلّ شيءِ في ڪُل شيءِ، سڀت سڀڪي آهي

مقامات مظهري ص 452، مڪمل شرح ابيات سنڌي ص 67، ڪلام گرهوڙي، ص 136

مڪتوب 260، دفتر اول

لَا حَولَ وَلا قُوة اِلاَّ بِاللهِ

مسند احمد بن حنبل ۾ حديث طور روايت ٿيل آهي.

نشر الزهر في الذڪر بالجهر

عطاءَ الله سڪندريءَ شازليءَ جي تصنيف آهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪوآهي.

نقشبندي ذڪر

نقشبندي سلسلي ۾ ذڪر ”جهري“ جي بجاءِ ذڪر خفي يا قلبي آهي ۽ ان جو آغاز خواجه بهاءُالدين نقشبند کان ٿئي ٿو. رساله قدسيه ۾ ذڪر خفيءَ جون گهڻيون فضيلتون بيان ٿيل آهن. مڪتوبات ۾ حضرت خواجه امير ڪلال جي حوالي سان اها ڳالهه اچي ٿي ته ذڪر جهر بدعت آهي.

رساله قدسيه ص 36-42، مڪتوب 266، دفتراول

اُهو مُريدن جو سردار آهي، مُراد وارن جو نه آهي.

”مراد“ ۽ ”مريد“ جو بحث مڪتوبات ۾ ملي ٿو.

مڪتوب 292، دفتراول

وَاعِظ الله فِي قَلبِ كُلِّ مُؤمنِ

مسند احمد ۾ ابن مسعود جي روايت سان موجود آهي.

مرقاة المفاتيح شرح المشڪاة

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته حق ڳالهه هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جي ذات موجود آهي، جنهن جي شان ۽ قدرت کي بيان ڪرڻ کان عبارتون قاصر آهن.

مڪتوب 234، دفتر اول

علم منطق جي ڪتابن جي شروعات ڪلي ۽ جزئي جي تصورات کي سمجهڻ سان ٿئي ٿي.

جهڙوڪ ايساغوجي ۽ ”قال اقول“ وغيره ان کان پوءِ مٿين ڪتابن جهڙوڪ قطبي يا شرح شمسيه ۾ انهن تصورات تي وڌيڪ تفصيلي بحث ملي ٿو. جيئن وجود جي اعتبار سان هو الله تعاليٰ ۽ ٻين موجودات کي هڪ ڪليءَ جا فرد چون ٿا. هن تي بحث اڳ ۾ ٿي آيو آهي ته اهڙيءَ ڪليءَ کي ڪلي مشڪڪ چون ٿا. هتي وري گرهوڙي ان تصور تي تنقيد ڪري ٿو، جنهن مطابق انسان ڪلي آهي ۽ زيد هڪ فرد جي حيثيت ۾ جزئي آهي. مڪتوبات احمديءَ ۾ پڻ الله تعاليٰ بابت ڪلي ۽ جزئي هجڻ تي منطق واري لحاظ کان اعتراض ڪيو ويو آهي، بلڪ اها تنقيد حڪمت ۽ فلسفي جي بنيادي ڪتابن ۾ پڻ آهي.

مڪتوب 11 دفتر دوم، هداية الحڪمة ابهري

لايؤمن احدڪم حتيٰ ....احب اليہ من ڪثرتہ

مسند الفردوس ۾ علي بن ابي طلحه کان مرسل روايت طور ملي ٿي.

قِفُ يَا مُحَمّدُ! فَاِنَ اللهُ يُصَلِي

حديث جا هي الفاظ مڪتوبات ۾ ملن ٿا ۽ اتي امام رباني ان ڳالھ جي پڻ وضاحت ڪري ٿو ته لااله الاالله جي معنيٰ مُنتهي سالڪن وٽ لامعبود الاالله آهي جيئن شريعت ۾ آهي. البت لا موجود ولاوجود ولامقصود مُبتدي ۽ وچ واري سالڪ جي حالت

آهي. بلڪ ”لامقصود“ به ”لاموجود“ ۽ ”لاوجود“ کان مٿي آهي، ڇو ته اهي الفاظ لامعبود الاالله جي دريءَ وانگر آهن

مڪتوب 77 دفتر سوم

المنتظر للصّلواة ڪا نہ في الصلواة

هنن الفاظن سان ڪا حديث ڪونه ٿي ملي.

من تشبه بقوم فهو منهم

هيءَ حديث مشڪواة ۽ احياءُ العلوم وغيره ۾ ملي ٿي.

ارشاد الطالبين، ص 221

الطواف بالبيت صلواة

حديث جي ڪيترن ڪتابن ۾ ملي ٿي، جيئن ترمذي، السنن الڪبريٰ، المستدرڪ وغيره

سير انفسي

سير انفسي جي سمجهاڻي مڪتوبات ۾ ملي ٿي.

مڪتوب 154 دفتراول ۽ مڪتوب 42 دفتردوم

عبدالغفور لاري (وفات 912ھ)

مولانا جاميءَ جو همدم ۽ ساٿي هو. شرح فصوص الحڪم لکڻ ۾ ساڻس ڀانهن ڀيلي هو. ’رشحات‘ ۾ عبدالغفور لاري جا ڪجھ اقوال ملن ٿا.

رشحات فارسي ص 299 – 301، مڪمل شرح ابيات سندي ص 191

تالله يا طيبات.......... ليليٰ من البشر

هي شعر عبدالله بن عمرو العربيءَ جو آهي.

ان تفق الانام........دم الغزالي

هي شعر مشهور عربي شاعر ابوطيب متنبيءَ جو آهي.

ولايت اصلي ۽ ظلي

حوالو مٿي گذري چڪو آهي.

ان الدين سيعود كما بدأ

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته هزار سالن کان پوءِ ئي ”اصلي ولايت“ ظاهر ٿيندي آهي.

هڪ هزار سالن کان پوءِ وارو مجدد هڪ صدي واري مجدد کان مختلف هوندو آهي، انهن ٻنهي ۾ ايترو فرق آهي جيترو سؤ ۽ هڪ هزار ۾ آهي.

ڏسو مڪتوب 4، دفتردوم

الموت قبل الموت

عام طور هي مقولو ”موتوا قبل ان تموتوا“ جي صورت ۾ ملي ٿو. گهڻن صوفين ان کي حديث جي طور اختيار ڪيو آهي. ليڪن ابن حجر عسقلاني جي تحقيق موجب اها حديث نه آهي. مثنوي روميءَ ۾ ان کي حديث طور بيان ڪيو ويو آهي.

احاديث وقصص مثنوي، ص 370، اسرار المرفوع، ص246، مڪمل شرح ابيات سنڌي،ص155

جُفّ القلم

صحيح بخاريءَ ۾ هن صورت ۾ ملي ٿي: ”جف القلم بما انت لاقٍ“ مشهور حديث آهي. جنهن جو حوالو مثنويءَ ۾ به هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا اچي ٿو. مسند احمد ۽ ڪنوزالحقائق ۾ به ملي ٿي.

احاديث ۽ قصص مثنوي، ص 149 مفتاح ڪنوزالسنة، ص91

مڪمل تخريج لاءِ ڏسو حلاوة الفم،ص 86

هر يک بميرد بار يک بيچاره جامي بارها

مولانا جاميءَ جي هن شعر جي پهرين مصرع هن ريت آهي:

از فراق دوستان بر سينه دارم داغها

ڪليات جامي- تهران، ص

هر گز نميرد آنکه دلش زنده شد بعشق

حافظ شيرازيءَ جي شعر جي پهرين مصرع آهي. ٻي هن ريت آهي:

ثبت است برجريده عالم دوام ما

[يعني اسان عاشقن جا نقش جهان ۾ هميشه لاءِ قائم ۽ دائم آهن.]

ديوان حافظ غزل 4

وفي ذکر الله حيّ والغافل ميّت

ابوموسيٰ کان مرفوع روايت طور ملي ٿي.

وجيز، وسيط

امام غزاليءَ جي تصنيفن جا نالا آهن. الغزالي- شبلي نعماني، ص44

شرح الصدور

غزاليءَ جي تصنيفات ۾ هي نالو نه ٿو ملي، البت شرح الصدور في احوال الموتيٰ، جلال الدين سيوطيءَ جي تصنيف آهي. جيڪو اردو ۾ به ترجمو ٿيل آهي.

پيش او لطف.............همان زهر همان.

مولانا جاميءَ جو شعر ‘سبحةالابرار’ ۾ ملي ٿو. مثنوي هفت اورنگ، ص215

سراج المصلي

ٻارهين صدي سنڌ جي نقشبندي عالم ۽ صوفي ابوالحسن ڏاهري (1116-1181) جي نماز بابت مثنوي آهي جنهن کي پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري سنڌي ترجمي ۽ تحقيق سان سال 2007 ۾ شايع ڪرايو آهي. ابوالحسن ڏاهري اصل ۾ موري جي پرسان هڪ ڳوٺڙي جو رهاڪو هو. جتي سندس مقبرو آهي. ليڪن علم جي ڪشش سببان گجرات جي شهر سورت ۾ وڃي رهيو ۽ اتي نقشبندي سلسلي سان وابسته ٿيو. تصوف جي موضوع تي سندس شاهڪار تصنيف ‘ينابيع الحياة الابديہ في طريق طلاب النقشبنديه’ ٽن جلدن ۾ موجود آهي، جنهن کي راقم جي تحقيق سان تازو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو آهي.

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته غيب جي خبر “هويت” آهي. جنهن جو نه اثبات آهي ۽ نه ڪي اها ڳالهه چاهيندا آهن.

مڪتوبات ۾ هي بحث گهڻن هنڌن تي ملي ٿو.

اتهاکون انتم کما تهاکت اليهود و النصاريٰ

هيءَ حديث مشڪواة ۾ ملي ٿي.

ڪشف ۾ آهي ته ”التهوڪ“ جي معنيٰ مٿو ڦرڻ ۽ حيران ٿيڻ آهي.

ڪشف اللغات ۾ ”سرگشته شدن“ آهي.

ڪشف اللغات، ص 234

مڪتوبات احمدي جو قول آهي ته سمجهاڻي مُرشد جي فعل مان ئي وٺڻ گهرجي ۽ عادات ۽ عبادات ۾ ان ڪي ئي ”امام“ بنائجي.

مرشد لاءِ مريد جا آداب ۽ مريد مرشد سان ڪڏهن اختلاف ڪري سگهي ٿو.

هن باري ۾ ڏسو مڪتوب 292، دفتراول

قطب زمان

غوث، قطب ۽ قطب الاقطاب جو بحث خاص طور مڪتوب 256 دفتراول ۾ ملي ٿو.

آن را ڪه در .... بوستان تماشا لاله زار

هي بيت مڪتوب 292، دفتراول ۾ ملي ٿو. هونئن اصل ۾ اهو بيت نفحات الانس مان ورتل آهي.

مڪتوبات فارسي جلد اول، ص 71

اصول الاربعين

ڪتاب الاربعين في اصول الدين امام غزاليءَ جي تصنيف آهي. بيروت مان 1980 ۾شايع ٿيل آهي.

ڪيترن ڪاملن جي دنيا آخرت وانگر آهي.

هن ڳالھ ڏانهن اشارو امام ربانيءَ جي مڪتوب 301، دفتراول مڪتوب 106، دفترسوم ۾ ملي ٿو.

حضرت ذوالنّون مصري، حضرت خواجه بايزيد بسطامي

ذوالنون مصري (وفات 861/246) اوائلي صوفين ۾شمار ٿئي ٿو. مولانا جامي نفحات الانس ۾ پهرين صوفي ابوهاشم کان پوءِ سندس ذڪر ڪري ٿو. هو امام مالڪ جو شاگرد هو. جنهن کان مؤطا جو سماع ڪيو هئائين. صوفين جو معرفت وارو نظريو ڏانهس منسوب آهي. خواجه بايزيد بسطامي (وفات 875/261) ذوالنون جو همعصر آهي. جنهن کي پهريون ”صاحب سڪر“ صوفي سڏيو ويو آهي. سندس مشهور شطح ”سبحاني مان اعظم شاني“ آهي.

Sufism, Arberry, p 52 _54

نسبت جو صاحب

نسبت (جذب) جي وضاحت خواجه بهاءُالدين نقشبند جي رساله قدسيه ۾ هنن لفظن ۾ ملي ٿي. هن (نقشبندي) طريقي ۾ باطني نسبت ان طرح ظاهر ٿيندي آهي جو ظاهري طور خلق سان ميل ميلاپ جي باوجود دل کي خلوت (اڪيلي هجڻ) کان به وڌيڪ سڪون ۽ راحت ملندي آهي. انهيءَ ڪيفيت جو اظهار هن بيت سان ڪيو ويو آهي:

از درون شو آشنا و ز برون بيگانه وش

اين چنين زيبا روش کم مي بود اندر جهان

[معني: اندر ۾ (ياد خدا سان) مشغول رهه باقي ٻاهر ڀلي بي تعلق هُج. اهڙي سهڻي هلت وارا انسان دنيا ۾ تمام گهٽ آهن.]
رساله قدسيه فارسي اسلام آباد ص 171

شرح اربعين نووي

ملا علي قاري جي باري ۾ حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

من عرفها كل لسانہ

جنيد بغدادي جو قول آهي. جيڪو تصوف جي وڏن ڪتابن جهڙوڪ ڪشف المحجوب وغيره ۾ ملي ٿو. مڪتوبات ۾ پڻ هي مقولو ٽي دفعا آيو آهي.

فهرست تحليلي هشتگانه، ص48

ما قل وكفي خير مما كثر والها

حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

حضرت ابوهريره (وفات:58ھ)

عالمن جو چوڻ آهي ته ٽي هزار حديثون جن ۾ احڪام بيان ٿيل آهن، تن مان هڪ هزار جي لڳ ڀڳ ابوهريره رضه کان روايت ٿيل آهن. هڪ روايت اباهريرة اذا اشتد الجوع سان شروع ٿئي ٿي. ليڪن اها موضوع آهي.

احاديث ضعيفه ڪا مجموعه، محمد ناصرالدين الباني- جلد 3، اردو، ص 219

عالم فاضل ابوالحسن سنڌي

ابوالحسن سنڌي ڪبير (وفات:1139ھ) ۽ ابوالحسن سنڌي صغير(وفات:1187ھ) ٻئي ٻارهين صديءَ جا عالم آهن،

جن حرمين ۾ وجي مستقبل سڪونت اختيار ڪئي. ابوالحسن ڪبير نئي ۾ پيدا ٿيو ۽ علم فضل ۾ وڏو نالو پيدا ڪيائين. هو ڪيترن ڪتابن جو مصنف آهي جن ۾ مشهور صحاح سته يعني حديث جي ڇهن ڪتابن جا حاشيا آهن، جيڪي گهڻي ڀاڱي ڇپيل آهن.

ابوالحسن صغير جو اصلي نالو غلام حسين

ابن مخدوم ميان محمد صادق نقشبندي آهي، سندس والد محمد صادق نقشبندي، شاه ڀٽائي جو وڏو معتقد هو ۽ ساڳي وقت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لواريءَ واري جو استاد به هو. هو پڻ ٺٽي مان هجرت ڪري مديني هليو ويو. جتي شيخ محمد حيات سنڌي (وفات:1163ھ) جي وفات کان پوءِ ان جي جاءِ تي حديث جو درس ڏيندو هو. هتي مراد ابوالحسن ڪبير آهي.

مقالات قاسمي ص 389 ۽ 390

شرف المكان بشرف المكين

حوالو ملي نه سگهيو.

انما العلم بالتعلم

سيوطي جي جامع الصغير ۽ دار قطنيءَ ۾ هيءَ روايت ملي ٿي.

لا تجعل قبري وثنا يعبد

هيءَ حديث الاعظمي جي مؤطا ۽ الطبقات الڪبريٰ ۾ ملي ٿي.

فتح القدير

فقہ حنفيءَ جي ڪتاب ’هدايه‘ جي شرح آهي، جنهن جو مصنف شيخ ڪمال الدين محمد بن عبدالواحد السيواسي آهي.، جيڪو

ابن همام جي لقب سان مشهور آهي. هن 861ھ ۾ وفات ڪئي، وڏيڪ حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

ظفر المحصلين،ص 161

حجاب راه تو ئي حافظ از ميان برخيز

حافظ شيرازي جو مڪمل شعر هن ريت آهي:

ميان عاشق و معشوق هيچ مائل نيست

تو خود حجاب خودي حافظ از ميان بر خيز

ديوان حافظ

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته ”نجات“ جو دارومدار سنت جي تابعداري ۽ صحيح عقيدي تي آهي. هن لاءِ ڏسو مڪتوب 163، دفتر اول

بحرالرائق

فقہ حنفيءَ جي بنيادي ڪتاب يعني متن ڪنزالدقائق جي مشهور معروف شرح آهي. مؤلف جو نالو زين العابدين بن ابراهيم بن نجيم (وفات 970ھ) آهي.

ظفر المحصلين، ص 165، تحفة المتخصص، ص141

اختلاف امتي رحمة

ملا علي قاري موجب هيءَ حديث موضوع آهي.

الموضوعات الڪبريٰ عربي، ص49

خواجه حافظ شيرازي جو طريقو.

خواجه حافظ محمد شمس الدين (وفات 792) فارسي زبان ۾ غزل جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي ۽ سندس ديوان ڪي

عالمي شهرت حاصل آهي. مولانا جاميءَ جي لکڻ موجب نٿو چئي سگهجي ته حافظ ڪهڙي صوفي سلسلي سان وابسته هو. ليڪن هن جا اشعار وڏن صوفين وٽ نهايت مقبول رهيا آهن. ايتريقدر جو مجدد الف ثاني پڻ مڪتوبات ۽ مبداءَ معاد وغيره ۾ حافظ جا ڪي شعر حوالي طور آڻي ٿو. سنڌ هند جي متاخر صوفيانه روايت ۾ حافظ کي صاحب معرفت صوفي شمار ڪيو ويو آهي ۽ ان جي ڪيترن شعرن منجهان طريقت جي باري ۾ استدلال ڪيو ويو آهي، جن ۾ امام رباني پڻ شامل آهي. راقم حافظ جي مزار تي 2008 ۾ حاضري پري آهي. نفحات الانس- فارسي 411

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته عادتون ۽ رسمون لازم سمجهڻ، ننگ ۽ ناموس جي رعايت ڪرڻ، اهي ڳالهيون شريعت جو ضد آهن.

هن لاءِ ڏسو مڪتوب197،دفتر اول، اردو ص58

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته ڪامل ارشاد جي وقت الله ڏانهن متوجه ٿيندو آهي. هن لاءِ ڏسو مڪتوب188 ۽ 212 دفتر اول، ص 43 ۽ 91

ڪان خُلق رسول الله القرآن

هيءَ حديث مسلم، مسند احمد ۽ الادب المفرد ۾ ملي ٿي.

شيخ مجدد الف ثاني جي سادي زندگي گذارڻ

شيخ احمد مجدد الف ثانيءَ جي زندگيءَ جو مستند احوال سندس همعصر ۽ خليفي خواجه محمد هاشم ڪشمي ‘زبدة المقامات’ نالي ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو آهي. ڪشمي 1031 ه کان وٺي مجدد الف ثاني جي زندگيءَ جي آخري لمحات تائين يعني 1034ه تائين ساڻس گڏ رهيو. مجدد الف ثانيءَ جي سوانح بابت ٻيو مستند ڪتاب ‘حضرات القدس’ آهي، جيڪو سندس مريد ۽ خليفي بدرالدين سرهنديءَ جي تصنيف آهي. هو پڻ ڪيترا سال مرشد جي خدمت ۾ رهيو. هن حضرات القدس 1043ه ۾ لکي مڪمل ڪيو. هي ٻئي ڪتاب اردو ۾ ترجمو ٿيل آهن.

زبدة المقامات، سيالڪوٽ 1407ه، حضرات القدس اردو اشاعت دوم 1410ه

اعطاني رسول الله.......... ولو بثثت الآخر لقطع البلعوم

حضرت ابوهريره رضه کان هيءَ روايت ڪيترن ڪتابن ۾ ملي ٿي، جنهن کي ابن عربي فتوحات مڪيه ۾ پڻ آندو آهي.

فتوحات مڪيه، جلد 2، احوال و آثار عبدالقادر بيدل، ص421

ورب جوهر علمي................. ممن يعبد الوثنا

امام زين العابدين جا هي شعر گهڻن ڪتابن ۾ آيل آهن. ابن عربي پڻ فتوحات ۾ ڏنا آهن

فتوحات مڪيه، جلد 2 ص331، مناقب الاصفياء اردو،ص120

گره ز دل بکشا ....چنين گره نکشاد

هي ديوان حافظ جو شعر آهي. ديوان حافظ، اردو، ص 181

ياد داشت نقشبندي طريقي جو اصطلاح آهي

جنهن جي وضاحت بلڪل شروع ۾ اچي چڪي آهي.

اِنَّ اللہَ لَاينظُرِاليَ............ وَلاکِنَ ينظَرِ اليٰ قُلُوبِکُم

حديث آهي، حوالو مٿي گذري آيو.

للغازي احدي الحسنيين

هي الفاظ قرآني آيت ”هل تربصون بنا الا احدي الحسنيين“ (9.52) مان ورتل آهن يعني مجاهد لاءِ ٻن چڱاين مان هڪ ضرور آهي، شهادت يا فتح.

من مات في طلب العلم ....ويعلمہ الملک في قبره

هي قول مسند البزاز ۾ ملي ٿو.

من مات في طريق الحج............ الشهيد قبل الظفر

هي الفاظ الطبراني في الاوسط ۾ ملن ٿا.

اوحدي شصت .... نيک بختي ديد

هي اوحدي مراغيءَ جو شعر آهي. سندس مثنوي ’جام جم‘ مشهور آهي. هي شعر مڪتوبات امام رباني توڙي سندس پٽ خواجه معصوم جي مڪتوبات ۾ پڻ اچي ٿو.

تذڪرة الشعراءَ، دولتشاه سمرقندي، ص 159

عليٰ بيض قلبک کن کانک طائره

نقشبندي صوفين جي تذڪرن ۾ هي شعر اڪثر ملي ٿو، جيئن مٿي ذڪر ٿي آيو آهي.

حوالو ملي نه سگهيو.

رَاَيتُ رَبِّي فِي اَحسنِ صُورَتِہِ

ملاعلي قاري ”موضوعات ڪبير“ ۾ لکي ٿو ته عام صوفين جي زبان تي هي حديث گهڻو مشهور آهي، پر اها موضوع آهي ۽ رسول الله ڏانهن ان جي نسبت خوامخواه يعني اجائي آهي.

الموضوعات ڪبريٰ عربي ص 126، موضاعات ڪبير اردو، ص 183

اڪبر بادشاه (دور حڪومت 1556 کان 1605)

اڪبر بادشاه جي مذهبي نظرين بابت همعصر تاريخ جي صفحن ۾ گهڻو ڪجهه ملي ٿو، جن ۾ ملاعبدالقادر بدايوني سر فهرست آهي. هو ڪيترا سال شاهي دربار ۽ خاص طور ابوالفضل سان ڪيترن علمي ڪمن ۾ شامل هو. جنهن ۾ مهاڀارت ۽ رامائڻ جو فارسيءَ ۾ ترجمو پڻ شامل آهي. بدايوني ”منتخب التواريخ“ ۾ جتي اڪبر جي اوائلي عمر ۾ مذهب سان وابستگي ۽ آخري عمر ۾ ديني خيالن جي تبديليءَ تي دل کولي بحث ڪري ٿو، اتي ان سڄي صورتحال لاءِ هو وقت جي علماء سو کي ذميوار قرار ڏئي ٿو. انهن ۾ سر فهرست ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو پيءَ شيخ مبارڪ هو، جنهن سڀ کان پهرين 987ھ ۾ مشهور ”محضر“ مرتب ڪيو. جنهن ۾ چيو ويو ته هندستان جهڙي وسيع ملڪ ۾ جتي عرب ۽ عجم جا وڏا عالم ۽ فاضل اچي گڏ ٿيا آهن، تن جي اها راءِ آهي ته سلطان عادل يعني اڪبر بادشاه جو درجو مجتهد کان مٿي آهي. ٻين لفظن ۾ ڪنهن به اجتهادي فيصلي ۾ بادشاه جي راءِ کي

متفق طور تسليم ڪيو ويندو ۽ ان جي پيروي رعيت تي لازمي هوندي. بدايوني جي لکڻ موجب جيئن ته هجري سال جا هڪ هزار سال 1000ھ=1591ع پورا ٿي رهيا هئا، تنهن جو به ناجائز فائدو ورتو ويو. اهو تاثر ڏنو ويو ته اسلام جي عمر پوري ٿي چڪي، هاڻي نئين دين يا مذهب جو وقت آهي. انهيءَ پس منظر ۾ "دين الاهيءَ" جو اجرا ڪيو ويو. جنهن لاءِ هڪ قسم جو حلف نامو تيار ڪيو ويو جيڪو هن ريت هو:

"منکه فلان بن فلان باشم بطوع ورغبت وشوق قلبي از دين مجازي وتقليدي از پدران ديده وشينده بودم ابرا وتبرا نمودم ودر دين الاهي اڪبر شاهي در آمدم ومراتب چهارگانه اخلاص که ترک مال وجان وناموس ودين باشد قبول کردم."

[يعنيٰ: آءُ فلاڻو پٽ فلاڻي جو پنهنجي رضا خوشيءَ ۽ دل جي شوق سان دين مجازي ۽ تقليدي جيڪو والدين کان ڏٺو ۽ ٻڌو اٿم ان کان ڌار ۽ الڳ ٿيان ٿو ۽ دين الاهي اڪبر شاهي ۾ داخل ٿيان ٿو ۽ چئن قسمن جي قرباني، جنهن ۾ جان، مال، عزت ۽ مذهب شامل آهي کي قبول ڪريان ٿو.]

اڪبر ٻيا به ڪيترائي اقدام ڪيا جن مان سندس مذهب ۾ مداخلت جهڙي قابل اعتراض روش جي نشاندهي ٿئي ٿي. گويا اڪبر بادشاهه مذهبي معاملن ۾ عدم مداخلت (secular) جي بجاءِ مداخلت واري پاليسي اختيار ڪئي. 982 ۾ هن فتح پور ۾ شيخ سليم چشتيءَ جي خانقاه پرسان عبادت خانو ٺهرايو جتي بادشاه پاڻ اچي مذهبي بحث مباحثا ڪرائيندو هو. ايتريقدر جو ان وقت جي

هڪ شاعر ملا شيريءَ هڪ نظم لکيو، جنهن ۾ بادشاه تي طنز ڪندي آخري بند ۾ چيائين:

بادشاه امسال دعويٰ نبوت کرده است

گر خدا خواهد دگر سالي خدا خواهد شدن

[معنيٰ : بادشاه هن سال نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي، خدا خير ڪري، ايندڙ سال خدائي جي دعويٰ ڪندو؟!]

اهو پس منظر آهي جنهن ۾ امام ربانيءَ پنهنجي تحريڪ جو آغاز ڪري ٿو ۽ شروع ۾ هڪ ننڍو رسالو اثباۃ النبوت يعني نبوت جو ثبوت لکي ٿو. ان کانپوءِ وقتًا فوقتًا اڪبر بادشاه جي دربار ۾ وقت جي ٻين وڏن با اثر ماڻهن کي خط (مڪتوبات) لکي صحيح صورتحال کان آگاه ڪري ٿو ۽ پنهنجي اثر جو دائرو وسيع ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اڄتي هلي کيس امام رباني ۽ مجدد الف ثاني ٻئي هزار سال جو مجدد تسليم ڪيو ويو آهي. منتخب التواريخ اردو ص 499 - دربار اڪبري ص 40

Akbar and Religion Khaliq Nizami.

بيربل

اڪبر بادشاه جي مشهور نو رتن ۾ شامل آهي.

الڪفر کله ملة واحده

روايت جا هي الفاظ ''الام'' امام شافعي ۽ مصنف عبدالرزاق ۾ ملن ٿا.

تحرير

هن ڪتاب جو مصنف محمد بن عبدالواحد بن الهمام (961ھ) السواسي (موجوده ترڪي جو) هو. هو اصول فقہ ۾ حنفي ۽ شافعي مذهب کي سامهون رکي ٿو. هن جو شرح "تقرير" جي نالي سان سندس شاگرد امير الحاج الحلبي لکيو آهي.

p: 176 ,Introduction to Muhammadan law

بِاَيِهُمُ اقتَدَيتُم اِهتَدَيتُم

مشهور حديث اصحابي ڪالنجوم بايهم اقتديتم اهتديتم جو آخري حصو آهي. مڪتوب 25، دفتراول ۾ پڻ هن حديث جو حوالو ملي ٿو.

مڪتوبات اردو دفتراول ص 103

انما الاعمال بالنيات

هڪ وڏي حديث مان ورتل ٽڪرو آهي. هيءَ متفق عليہ حديث جا الفاظ آهن ۽ اها حديث صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ ملي ٿي. هن کان اڳ به ان جا حوالا گذري چڪا آهن.

فتاويٰ قاضيخان

امام فخرالدين قاضيخان جو پورو نالو حسن بن منصور بن محمود آهي. هو اوزجند فرغانه يعني موجوده ازبڪستان جو هو. هن سال 592ھ ۾ وفات ڪئي. فقہ حنفيءَ جي نامي گرامي شخصيت آهي. فتاويٰ قاضيخان جو حوالو مڪتوبات ۾ به ملي ٿو.

هدايه عربي - اردو ص 34

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته ٿوري يا گهٽي (ڪم) ۾ شرعي حڪم ڏانهن رجوع ڪري. هن لاءِ ڏسو مڪتوب 63، دفتراول

وگر سالڪي............ بروي در باز گشت

هي شعر بوستان سعدي جي منڍ ۾ اچي ٿو.

ڪليات سعدي، ص 207

تو ان در بلاغت .... سحبان رسيد

چه شبها نشستم .... آستينم ڪه قم

تو خواهي اگر .... آمدن پي ڪني

هي ٽئي شعر بوستان سعديءَ مان ورتل آهن.

ڪليات سعدي، ص207

الصوفي لا مذهب لہ

هن قول جون ڪيتريون سمجهاڻيون ڏنيون ويون آهن. شيخ عبدالحق محدث دهلوي به اهوئي مطلب ورتو آهي، جيڪو گرهوڙي چاڙائي ٿو.

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو مڪمل شرح ابيات سنڌي ،ص171

تصوف اور فقہ عبدالحق دهلوي ص 301

ڪشف المحجوب ۾ آهي ته زنديق قرآن شريف ۾ تاويل ڪندا آهن.

علي هجويري داتا گنج بخش لاهوريءَ جي فارسيءَ ۾ تصوف بابت قديم ترين تصنيف آهي. هو امام غزاليءَ کان ڪجھ سال اڳ ٿي گذريو آهي.

”زنديق“ جي باري ۾ وضاحت لاءِ ڏسو

ڪشف المحجبوب فارسي ص 540

محال است سعدي ....جز در پئي مصطفيٰ

هي شعر سعدي جي بوستان مان ورتل آهي، ليڪن مڪتوب 94، دفتراول ۾ پڻ حوالي طور ملي ٿو. مڪتوبات دفتراول ص 258

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته اڪثر ڪري ”فنا في الشيخ“ ئي”فنا في الله“ جي لاءِ مقدمو هوندو آهي. هي بحث مڪتوب 78 دفتردوم ۾ ملي ٿو.

ليس الخبر کا المعائنة

مسند احمد بن حنبل ۽ طبراني ۾ هيءَ حديث ملي ٿي.

تخريج حلاوة الفم، ص 106

اشاهد من اهويٰ .... شان اضل طريقا

هي عربي شعر سعديءَ جي گلستان مان ورتل آهي.

ڪليات سعدي، ص 80

بشريٰ اذالسلامة .... غاية النعم

اختياري نيست .... من يهدي السبيل

هي ٻئي شعر ديوان حافظ جي ساڳئي غزل مان ورتل آهي.

من لم يطق صبراً .... الموت با الله ينفع

يا من يريٰ مافي.................. والمواهب اوسع

هي شعر امام شافعي رحه جا آهن.

نقشبندي طريقي ۾ صبح کان پوءِ ۽ عصر کان پوءِ ذکر لاءِ تاکيدي امر آهي.

ادعو الله وانتم موقنون بالا جابة

مسندالبزاز ۽ المعجم الاوسط ۾ حديث جا اهي الفاظ ملن ٿا.

علم الاصول

حوالو اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

اللـــــهم اغنني بالعلم وزيني بالحلم

ترتيب الامالي الخمسہ ۾ حديث جا اهي الفاظ ملن ٿا.

اگر کافر بدانستي............ بُت پرستي است

هي شعر اصل ۾ گلشن راز مان ورتل آهي ۽ اصل شعر هن ريت آهي:

مسلمان گر بدانستي که بت چيست

بدانستي که دين در بت پرستي ست

اڳيون شعر هن ريت آهي:

اگر مشرڪ ز بت آگاه گشتي

کجا در دين خود گمراه گشتي

گلشن راز، ص 51

شهر ٺٽي جو عالم مخدوم شيخ ابوالقاسم تي ٺٺول ۽ مسخري ڪندڙ هو.

مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جي همعصرن ۾ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي، مخدوم معين ٺٽوي ۽ وڏي ۾ وڏو با اثر عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (1174/1104) هو. پهريان ٻئي سندس مريديءَ واري لڙهيءَ ۾ پوتل هئا، باقي ٽئين جا تعلقات پڻ دوستانه رهيا، بلڪ مخدوم هاشم ٺٽوي ساڻس وڏي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي.

موتي معرفت جا ص 284

تلويح الاصول

اصول فقہ جو ڪتاب آهي مشهور عالم تفتازانيءَ 758ھ ۾ لکيو آهي. جيڪو اصل ۾ عبدالله بن مسعود (وفات 747ھ) جي ڪتاب ‘توضيح’ جي شرح آهي. ڪتاب جو عام نالو ‘التوضيح والتلويح’ آهي. هيءُ ڪتاب اردو ۾ به ترجمو ٿيل آهي، جنهن جو نالو التصريح رکيو ويو آهي.

عظمي کتب خانه ڪراچي، 1427ھ

ان العلم نقطة

هن جي تشريح لاءِ ڏسو بيان العارفين تشريحي حوالا ص 351

سير في الله

سير في الله، سير بالله، سيرعن الله وغيره جي سمجهاڻي رساله قدسيه ۾ ملي ٿي. ان کان سواءِ مڪتوبات ۾ پڻ هي بحث جابجا ملي ٿو.صوفين جي سير ۽ سفر بابت ڏسو مڪمل شرح ابيات سنڌي، ص 184 کان 186، رساله قدسيه،ص187

تفسير جلالين

هن تفسير جا ٻه مصنف آهن پهريون محمد لقب جلال الدين جنهن جو تعلق مصر سان هو ۽ 791هه ۾ پيدا ٿيو ۽ 862هه ۾ وفات ڪري ويو. ٻيو مصنف جلال الدين سيوطي آهي، جنهن جو تعلق پڻ مصر سان هو. دراصل هيءَ تفسير نه بلڪ سولي عربي ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو آهي. جنهن ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح ڏنل آهي. ”ڪمالين“ جي نالي سان ان جي تشريح شيخ سلام الله شيخ عبدالحق محدث دهلوي جي پوٽير پڻ ڪئي آهي. جنهن جو حوالو پڻ گرهوڙي هڪ هنڌ آندو آهي.

ظفر محصلين ص 34

مَن رَآنِي فَقَد رَاَي الحَقَّ

هيءَ حديث بخاري ۽ مسلم ۾ ملي ٿي. مفتاح ڪنوزالسنته ص43 ۽160

بخاري لطيف .... و نکو منظري ست

اهي شعر ڪشف اللغات ۾ ملن ٿا. ص 232

هوش دردم ۽ پاس انفاس

انهن اصطلاحن جي سمجهاڻي نقشبندين جي ڪيترن ڪتابن ۾ ملي ٿي ۽ ان کان سواءِ مڪتوبات 295، دفتراول ۾ ملي ٿي. مڪتوب اردو حصه دوم ص451

لاتڪتبوا عني (ومن ڪتب عني) غير القرآن

صحيح مسلم ۾ هن حديث جا الفاظ ملن ٿا.

صحيح مسلم عربي، ص 1861

بحرالرائق

هن جو حوالو اڳ ۾ گذري آيو.

شرح المنار

عبدالله بن احمد (وفات: 710ھ) ماوراءِالنهر جي شهر نسف جو عالم هو. سندس مشهور ۽ مقبول تصنيف ’ڪنزالدقائق‘ آهي، جنهن کي فقہ حنفي ۾ متن جي حيثيت حاصل آهي. اصول فقہ ۾ سندس تصنيف ’المنار‘ آهي، جنهن جون ڪيتريون شرحون لکيون ويون آهن. خود مصنف پاڻ ’ڪشف الاسرارفي شرح المنار‘ نالي سان شرح لکي. ان کان علاوه ٻين ويهارو کن شرحون لکيون آهن.

ظفرالمحصلين ص 172 ۽ 173

صحيح بخاري

امام ابوعبدالله محمد بن اسماعيل ماوراءِ النهر جي تاريخي شهر بخارا ۾ 194ھ ۾ هڪ علمي خاندان ۾ پيدا ٿيو. ارڙهن سالن جي عمر ۾ جڏهن هو حج تي ويو ته اتي ئي رهي پيو. کيس حديثن ياد ڪرڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو. 210ھ ۾ هن مڪي جو خاص سفر ڪيو ته جيئن حديثون گڏ ڪري سگهي، ان کان پوءِ بغداد، بصري، مصر ۽ شام پڻ ويو. ڇهه سال حجاز ۾ رهيو ۽ الائي ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڦرندو رهيو. امام بخاري هڪ ته حديثن جي تمام گهڻن حافظن سان پنڌ ڪري روبرو وڃي مليو ۽ ٻيو خدا داد ذهن ۽ حافظي جي ڪري انهن کي پاڻ وٽ محفوظ ڪندو ويو. هن جي اهڙن شخصن سان ملاقات ٿي جيڪي تابعين کان روايت ڪندا هئا. زندگيءَ جي آخري سالن ۾ بخارا جي حڪمران سان سانڌس اڻبڻت

ٿي پئي، جنهن ڪيس بخارا ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏنو. امام صاحب جڏهن سمرقند جي پسگردائي ۾ هو ته بيمار ٿي پيو ۽ اتي ئي 256ھ ۾ وفات ڪري ويو. امام بخاريءَ جون ڪيتريون تصنيفون آهن، پر وڏ ۾ وڏ شهرت صحيح بخاريءَ کي حاصل ٿي جنهن کي قرآن شريف کان پوءِ معتبر ڪتاب تسليم ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو پورو نالو الجامع الصحيح المسند المختصر من امور رسول اللهﷺ آهي.

جامع حديث جي اهڙي ڪتاب کي چئبو آهي جنهن ۾ حديثن کي اٺن مستقل عنوانن تحت گڏ ڪيو ويو هجي ۽ اهي آهن ايمان، عقائد، فرائض، جهاد، معاملات، اخلاق، بشارتون ۽ مناقب وغيره. صحيح تي زور ڏيڻ جو مطلب آهي ته ان ۾ صحيح حديثن کي گڏ ڪيو ويو آهي. امام صاحب جو چوڻ آهي ته هن ڪتاب جي تاليف ۾ سورهن سالن جو عرصو لڳي ويو. مشهور شارح ابن حجر جي ڳڻپ موجب صحيح بخاريءَ ۾ روايتن جو ڪل تعداد 7397 آهي. صحيح بخاريءَ جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن وقت تائين ان جون هڪ سؤ کان وڌيڪ شرحون لکجي چڪيون آهن، جن مان سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول ابن حجر عسقلاني (وفات 851) جي ”فتح الباري“ ۽ بدرالدين عينيءَ جي ”عمده القاري“ آهي.

سنڌ جي عالم ۽ محدث شيخ ابوالحسين ڪبير صحيح بخاريءَ سوڌو حديث جي ڇهن ڪتابن صحاح سته تي حواشي لکيا، جيڪي ڇپيل آهن. ابوالحسن ڪبير وڏو عرصو حرمين ۾ وڃي رهيو ۽ اتي 1139ھ ۾ وفات ڪيائين.

راقم خاڪسار کي امام بخاريءَ جي مزار تي 2010ع ۾ حاضر ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي.

ظفرالمحصلين ص 75 ۽ 93، مقالات قاسمي، ص 389

اذا سمعتم عني .... فاقبلوه وان خالفوه فردوه

حديث جا هي الفاظ شرح مشڪل الاثار ۽ ڪشف الخفاءَ ۾ ملن ٿا.

شرح الصراط

شيخ عبدالحق محدث دهلوي (1551ڪان 1642ع) جي تصنيفات جو تعداد هڪ سئو کان مٿي آهي. شرح الصراط المستقيم سفرالسعادت جي شرح آهي هن جو موضوع اهي حديثون آهن جيڪي رسول الله ﷺ جي عمل سان واسطو رکن ٿيون، اهو ڪتاب ڇپيل آهي.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي، ڊاڪٽر محمد يونس قادري، ص123

هيچ قومي را خدا ....صاحب دلي نامد بدرد

هي بيت مثنوي روميءَ مان ورتل آهي. پراصل پڙهڻي هن ريت آهي:

تا دل اهل دلي نامد بدرد

هيچ قومي را خدا رسوا نکرد

(قومي يا قرني, نامد يا نالد)

تا دل اهل دلی نامد به درد

هیچ قرنی را خدا رسوا نکرد

مثنوي دفتردوم ص 289

/https://ganjoor.net/moulavi/masnavi/daftar2/sh88

المصلي يناجي ربہ

هيءَ حديث مسند البزاز ۾ آيل آهي. نمازيءَ لاءِ اها ساڳي روايت مڪتوبات ۾ ملي ٿي. مڪتوب 304، دفتر اول

مخدوم شيخ آدم نقشبندي ٺٽوي

سنڌ جو پهريون بزرگ جيڪو نقشبندي طريقي سان وابسته ٿيو ۽ امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي پٽ خواجه محمد معصوم کان بيعت ڪيائين. چون ٿا ته هو اورنگزيب عالمگير طرفان عالمن جي قدردانيءَ جو ٻُڌي دهلي روانو ٿيو ۽ لاهور کان ٿيندو جڏهن سرهند پهتو ته سندس ملاقات خواجه معصوم سرهنديءَ سان ٿي. جنهن سندس علمي لياقت ڏسي کيس پاڻ وٽ مهمان ٿيڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجي اولاد جي تعليم جو ڪم سپرد ڪيو. ائين سرهند ۾ ترسڻ دوران هن خواجه معصوم جي نگرانيءَ ۾ روحاني منزلون طئي ڪري ورتيون. ستن سالن بعد کين مرشد اجازت ڏني ته ٺٽي واپس وڃي خانقاه قائم ڪريو. ٺٽي ۾ واپس اچڻ کان پوءِ ڪيترا عالم ۽ فاضل مخدوم آدم جي صحبت کان متاثر ٿي نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيا جن ۾ شيخ ابوالقاسم ۽ ٻيا شامل آهن. خواجه معصوم جي مڪتوبات معصوميه ۾ مخدوم آدم ٺٽويءَ ڏانهن چار مڪتوبات موجود آهن. بلڪ هن کان پوءِ خواجه سيف الدين جو هڪ وڏيڪ مڪتوب پڻ ملي ٿو، جنهن منجهان ٺٽي ۾ نقشبندي

سلسلي جي ترويج جي خبر پوي ٿي. اڳتي هلي مخدوم آدم ٺٽويءَ جي پوٽي خواجه ابوالمساڪين نقشبندي سلسلي کي ڦهلائڻ ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي ۽ اهو مخدوم آدم ٺٽوي جي پوٽي خواجه ابوالمساڪين جي صحبت جو اثر هو جنهن ڪري سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لواريءَ وارو نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيو ۽ کيس اهڙو اجازت نامو پنهنجي هٿن اکرن سان لکي ڏنائون. جنهن کي گرهوڙي صاحب پاڻ هن ڪتاب ۾ نقل ڪيو آهي. مخدوم آدم ٺٽويءَ جي مزار مڪليءَ تي آهي.

فردوس العارفين اردو ص 20- 22 ، تحفة الڪرام ص450

سلطان الاولياء جو لقب ”خليل الزمان“

‘فردوس العارفين’ جي روايت موجب عبدالرشيد سرهندي خواجه محمد زمان کي “خليل زمان” جو لقب ڏنو هو، مگر خواجه ابوالمساڪين فرمايو ته اوهان جو نالو “محمد زمان” ئي سيني کان مٿانهون آهي. ڪتاب ‘جواهرالبدائع’ ۾ پڻ “خليل الزمان” لقب ملي ٿو. ياد رهي ته عبدالرشيد سرهندي، خواجه محمد زڪيءَ جو خليفو ۽ خواجه ابوالمساڪين جو هم مشرب هو. (فردوس العارفين اردو، ص50)

از رضا برتر .... ميدان نيارد هردلي

هي شعر ڪشف اللغات مان ورتل آهي.

ڪشف اللغات جلد اول،ص424

رضا سپ کان پلو سلوڪ آهي

عام طور سڀ صوفي ڏهن مقامات کي مجين ٿا. امام رباني هي بحث

مبداءمعاد اردو، ص 113

امام مهدي (عليه السلام) جو ظاهر ٿيڻ

هن ڳالهه ڏانهن اشارو مڪتوب 260 ،دفتر اول ۾ ملي ٿو. البت "مبداءمعاد" ۾ مقام قطب توڙي ٻين مقامات تائين پهچڻ جو تفصيلي ذڪر ملي ٿو.

مبداءمعاد اردو، ص 95

برهان الفقه

اصول فقه ۾ عبدالمالڪ المعالي بن الجويني (478ھ) امام الحرمين جو، شافعي مذهب موجب ڪتاب آهي.

خاص کند بنده مصلحتي عام را

هي مصرع مڪتوبات ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا آئي آهي.

مڪتوب 260، دفتر اول

بهرچه از دوست ....چه زيبا

بهرچه از راه..........حرف و چه ايمان

هي شعر حڪيم سنائي جا آهن ۽ مڪتوبات ۾ پڻ ملن ٿا.

ديوان سنائي، ص58 – مڪتوب 240، دفتر اول

ان النهايت الرجوع الي البدايت

اصل ۾ هيءَ جنيد بغداديءَ جو قول آهي ليڪن نقشبندين ان کي پنهنجو مول متو ٺاهيو آهي. امام رباني هڪ هنڌ ان جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو: "اي پٽ سمجهي ڇڏ ته نقشبندي طريقي ۾ سير

جي شروعات قلب کان ٿيندي آهي ۽ ان جو تعلق عالم امر سان آهي. گويا ابتدائي عالم امر سان ٿئي ٿي ۽ ان جي مقابلي ۾ ٻين مشائخن (سلسلن) وٽ اها شروعات تزڪيه نفس سان ٿئي ٿي يعني هو پهريائين نفس کي پاڪ ڪن ٿا ۽ بدن جي پاڪائي حاصل ڪن ٿا ان کانپوءِ هو عالم امر ۾ اچن ٿا ۽ اتي جيستائين الله گهري ٿو اٽڪي وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ٻين جي انتها يا پڇاڙي هنن جي ابتدا ۾ شامل آهي، ان ڪري هيءَ نقشبندي طريقو سڀني کان وڌيڪ ويجهو آهي.

مڪتوبات اردو دفتراول،ص230، حصه دوئم

هر کجا مي نگرم روئي ترامي بينم

هيءَ مولانا جاميءَ جي مشهور شعر جي ٻي مصوع آهي. پهرين هن ريت آهي:

درو ديوار من آئينه شد از کثرت شوق محبوبيةالمحموديه، ص 83

حضور

خليفي محمود نظاماڻيءَ پهريائين ”شغل“ ۽ پوءِ ”حضور“ جي مفهوم ۽ سمجهاڻي ڏيندي ڪل ڇهه شغل ۽ ويهه حضور بيان ڪيا آهن. صوفين جي اصطلاح ۾ حضور وحدت کي چون ٿا.

محبوبية المحموديه- حيدرآباد، 1994، ڪشف اللغات ، ص321 جلد اول

مبداء ومعاد

امام مجدد الف ثاني جي متفرق تحريرن جو ننڍڙو مجموعو آهي، جيڪو هن پنهنجي مرشد خواجه باقي بالله جي حاضري دوران لکيو. جنهن ۾ نقشبندي اصولن جون سمجهاڻيون شامل آهن. 1019ھ ۾ سندس خليفي محمد هاشم ڪشمي انهن کي ”منها“ جو عنوان سان هڪ ڀئي کان ڌار ڪري لکيو. ساڳي طرح گرهوڙي صاحب به پنهنجي مرشد جي ارشادات کي ”منها“ سان ڌار ڪري ”فتح الفضل“ عربي ۾ شرح لکيو آهي.

ڪعبي جي حقيقت

”حقيقت ڪعبوي“ جي باري ۾ مڪتوبات ۾ گهڻو ڪجھ چيل آهي. ڏسو مڪتوب 76 ۽ مڪتوب 124، دفتر سوم

المصباح

”مصباح الارواح“ مثنوي آهي، جنهن جو انتساب مولانا جاميءَ ”نفحات“ ۾ اوحدالدين ڪرمانيءَ ڏانهن ڪيو آهي. ليڪن نئين تحقيق آهي ته اها مثنوي شمس الدين برسيريءَ جي تاليف آهي. جيڪا ايران ۾ ڇپيل آهي.

مصباح الارواح- فروزانفر- دانشگاه تهران

من لم يسئل الله .... المحبوب هو المطلوب

هيءَ حديث ترمذي کان علاوه الادب المفرد ۾ ملي ٿي.

درالمختار

هي ڪتاب (التمرتاشي جي تنوير الابصارو جامع البحار) جي شرح آهي ۽ ان جو مصنف محمد علاوالدين الحصکفي (وفات

1088ھ) آهي. هي هڪ ضخيم ڪتاب آهي، جيڪو اردو ۾ ترجمو ٿيل آهي.

https://waqfeya.com/book.php?bid=5013

https://archive.org/details/waq75496

خواجه بهاؤالدين بخاري نقشبند (718 – 791ھ)

اصل نالو محمد هو. وچ ايشيا (ترڪستان ماوارءِ النهر) جي تاريخي شهر بخارا ۾ پيدا ٿيو. هو نقشبندي طريقي ۾ خواجه امير ڪلال کان دست بيعت ٿيو، جنهن کيس ذڪر خفي جو درس ڏنو. نقشبندي ان ڪري چوندا اٿس جو روايت آهي ته هو يا الله جو نقش دلين تي ويهاري ڇڏيندو هو. سندس فيض سان نقشبندي سلسلي کي غير معمولي مقبوليت ملي. هن به حج ڪيا ۽ پوئين پيري خواجه محمد پارسا ساڻس گڏ هو، جنهن سندس ارشادات "ڪلمات قدسيه" تحرير ڪيا آهن، جن جي مختصر شرح به لکندو ويو آهي. هن جا چار خليفا مشهور ٿيا:

(1) خواجه علاءالدين عطار

(2) خواجه محمد پارسا

(3) خواجه علاءالدين غجدواني

(4) خواجه يعقوب چرخي. خواجه بهاءُالدين کي بخارا جي پسگردائيءَ ۾ رهائش واري جاءِ تي وفات کان پوءِ دفن ڪيو ويو. جنهن کي هينئر قصر عارفان چون ٿا.

خواجه بهاءَالدين نقشبند جي باري ۾ ٻيو ڪتاب “انيس الطالبين وعدة السالڪين” سندس ٻئي عقيدتمند صلاح بن مبارڪ بخاري (وفات 793) فارسيءَ ۾ تاليف ڪيو آهي. جيڪو پڻ ترڪيءَ مان فارسي متن سان گڏ 1996 ۾ شايع ٿيو آهي ۽ پاڪستان ۾ فارسي متن سان گڏ ان جو اردو ترجمو 2003 ۾ شايع ٿيو آهي.

مولانا جامي جيڪو پاڻ نقشبندي سلسلي سان وابسته هو. خواجه نقشبند سان عقيدت جو اظهار ڪندي هڪ هنڌ چوي ٿو:

سکه که در يثرب و بطحا زدند

نوبت آخر به بخارا زدند

از خط آن سکه نشد بهره مند

جز دل بي نقش شہ نقشبند

نفحات الانس ۾ مولانا جامي خواجه نقشبند جي حياتيءَ جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته مرڻ وقت وصيت ڪئي هئائون ته سندس جنازي کي کڻي هلڻ وقت هي شعر پڙهندا هلجو:

مفلسانيم آمده درکوئي تو

شيئاً لله از جمال روي تو

[معنيٰ: اسان خالي هٿين تنهنجي ڳليءَ ۾ اچي پهتا آهيون. اسان کي پنهنجي سونهن جي صدقي بخشش ڪر.]

راقم خاڪسار خواجه بهاءُالدين نقشبند جي مزار تي جيڪا بخارا جي ٻاهران قصر عارفان ۾ آهي، سال 2010 ۾ حاضري ڀري چڪو آهي.

نفحات الانس ، ص393، رسائل نقشبند، رساله قدسيه، ملڪ محمد اقبال لاهور سال 1975

Masters of Wisdom of Central Asia, Hassan shahid pp. 35-41

شيخ ابوالحسن خرقاني

هن جو نالو علي بن جعفر آهي. سندس تعلق خرقان سان هو. تذڪرة الاولياءَ ۾ آهي ته خواجه ابوالحسن جي ڄمڻ جي باري ۾ پيشنگوئي خواجه بايزيد بسطامي (وفات:261/ 875) 130 سال اڳ جڏهن هن جو گذر خرقان وٽان ٿيو ته ڪئي هئائين. نقشبندي صوفي پنهنجو سلسلو جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضه تائين پهچائين ٿا، اهي خواجه ابوالحسن خرقانيءَ کان مٿي خواجه بايزيد بسطامي ذريعي امام جعفرصادق رضه تائين پهچن ٿا، حالانڪ ٻنهي ۾ هڪ صديءَ کان مٿي عرصو حائل آهي، پر هو چون ٿا ته خواجه بايزيد بسطاميءَ کي اهو فيض اويسي طريقي سان مليو هو. اڳتي حضرت قاسم بن محمد بن ابي بڪر ۽ ان کان مٿي حضرت سلمان فارسي رضه ۽ آخر ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضه تائين توڙ ڪن ٿا.

عمدة السلوڪ، ص 310، تذڪرة الاولياء فارسي 672

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته طريقي نقشبندي جي فضيلت جو سبب سنت جي پيروي آهي.

هن لاءِ ڏسو مڪتوب 313، دفر اول

معرفت جو مهاڳ معرفت کان سواءِ حاصل نه ٿيندو

هن لاءِ ڏسو مڪتوب 78 دفتر دوم

هر که عاشق شد .... بار مي بايد کشيد

هي شعر مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿو.

مڪتوب 170، دفتر اول جلد اول،ص348

شيخ بوعلي قلندر

گر بو علي نواءِ قلندر نواختي

صوفي بُدي هر آنکه بعالم قلندر ست

[معنيٰ: جيڪڏهن بوعلي قلندر واري بانسري وڄائي ها ته سڀ قلندر جيڪي جهان ۾ آهن صوفي ٿي وڃن ها.]

مڪتوب 313، دفتر اول

اسم مُضِلُّ

امام رباني ”معرفت“ 30 ۾ هن سلسلي جي سمجهاڻي ڏني آهي.

مڪتوبات فارسي جلد سوم، ص428، معارف لدنيه، اردو ص 157

زعنقا هست نام .... بود آن نام هم گم

مولانا جاميءَ جو هي شعر امام ربانيءَ جو پسنديده آهي جو مڪتوبات ۾ ان جا بار بار حوالا ڏنل ٿو ان مان سندس مراد هيءَ آهي ته، خدا جي ذات جي ڄاڻ جي باري ۾ صوفي ۽ عارف گهڻي دعويٰ ڪن ٿا. ليڪن سندس نظر ۾ ذات خداوندي جي باري ۾ جيڪي ڪجھ هو سمجهن ٿا، اها ان کان گهڻو مٿي يا الڳ آهي. عنقا اهڙي پکيءَ جو نالو آهي، جنهن جو وجود آهي پر ان کي ڪو به ڏسي نه ٿو سگهي.

مڪتوب 173 ۽ مڪتوب 279 دفتراول، ص 353 ۽ 634

سير في الاشياء

امام رباني ‘معارف لدنيه’ ۾ چئن سيرن جو ذڪر ڪيو آهي سير اول يا ’’سيرالي الله‘‘ مان مراد علمي حرڪت آهي جنهن سان سالڪ ممڪنات جا مرحلا طئي ڪري علم واجب تائين پهچي ٿو ۽ ان حالت کي فنا ڪوٺين ٿا. ٻيو سير ’’سير في الله‘‘ آهي جنهن مان مراد اها علمي حرڪت آهي جيڪا وجود جي مرتبن ۾ ٿئي ٿي جنهن ۾ اسماء، صفات ۽ شيون توڙي اعتبارات، تقديسات ۽ تنزيهات اچي وڃن ٿا. ان مرحلي تي اها ڪيفيت بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي ۽ سمجهه کان مٿي آهي ان سير کي بقا چون ٿا. ٽيون ’’سير عن الله بالله‘‘ (الله جي طرفان کان الله سان سير) هن مان مراد اها علمي حرڪت آهي جنهن سان اعليٰ علم کان هيٺين علم تائين واپسي يا هيٺ لهڻ آهي يعني جڏهن سالڪ ممڪنات ڏانهن واپس اچي ٿو ان مرحلي تي گويا سالڪ الله کي وساري ويهي ٿو پر ان سان گڏ واپس اچي ٿو. ٻين لفظن ۾ واصل ۽ مهجور (ڳنڍيل ۽ الڳ) يا قريب ۽ بعيد (ويجهو ۽ پري) ٿئي ٿو. چوٿون سير آهي ’’سير في الاشيا‘‘ جنهن ڏانهن هتي اشارو آهي ان مان مراد شين جي باري ۾ علم جو حاصل ٿيڻ آهي جيڪو پهرين سير ۾ زائل ٿيڻ يعني آهستي آهستي موٽي ملي ٿو. گويا چوٿون سير پهرين جي مقابلي ۾ آهي ۽ ٽيون سير ٻئي جي مقابلي ۾ آهي. حاصل مطلب سيرالي الله ۽ سيرفي الله ولايت جي حاصل ٿيڻ خاطر آهن ۽ انهن کي ئي فنا ۽ بقا چئجي ٿو. ان لحاظ کان ٽيون ۽ چوٿون سير نبين

۾ پيغمبرن لاءِ آهي، جيڪي هدايت جو پيغام پهچائين ٿا.   معارف لدنيه، ص 163

من افتي بغير العلم لعنت الملائكة

تاريخ ابن عساڪر ۾ هن جو حوالو ملي ٿو.

لا يدخل الجنّة الارحيم

مجمع الزوائد ۽ تنبيہ الغافلين ۾ هن جو حوالو ملي ٿو.

الدين النصيحة وانما يرحم الله من عباده الرحمان

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ هيءَ حديث الدين النصيحة جي لفظن سان موجود آهي.

مفتاح ڪنوزالسنة، ص10- مختصر صحيح مسلم، ص302 - ارشاد الطالبين، ص16

طريقت بجز ....سجاّده و دلق نيست

هي شعر سعديءَ جي بوستان مان ورتل آهي.   ڪليات سعدي، ص 233

حُبُّ الوّطنِ مِنَ الاِيمَانِ

سخاوي موجب هيءَ حديث آهي، جيڪا امام رباني مڪتوب 78 ۾ 155 دفتر اول ۾ آندي آهي. ملا علي قاري (وفات: 1014ه) الموضوعات الڪبريٰ ۾ اهڙين 1368 حديثن تي بحث ڪيو آهي. ليڪن هن حديث بابت اهي ساڳيون ڳالهيون آهن، بلڪ گرهوڙي صاحب اتان ورتيون آهن.

الموضوعات ڪبير اردو، ص 110 ، الموضوعات ڪبريٰ عربي ص163

الموت قبل الموت

هن بابت تحقيق اڃ ۾ گذري آهي.

ڏسو الموضوعات ڪبريٰ عربي، ص 110، اردو، ص 163

فتويٰ حمادية

ابوالفتح رڪن بن حسام ناگوري جي تصنيف آهي. هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ سال 1825/1241 مطبع ايشيا ٽڪ ليٿو گرافڪ ڪمپني طرفان ڇپيل آهي.

شرح قصيده برده

ملا علي قاري (وفات 1014ھ/ 1605ع) جي تصنيف آهي.

العالم من عقل عن الله و اطاعة

هن جو حوالو مٿي گذري آيو.

جلالين

هن جو حوالو گذري آيو.

امام راغب اصفهاني

هن جو حوالو مٿي گذري آيو.

خواجه بايزيد جو پاڻ کي ڳولڻ

هيءَ حڪايت تذڪرة الاولياء ۾ ملي ٿي.

ان الله لا يحب العبد المتميز عن عباده

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

شرح مفتاح

هن جو حوالو مٿي گذري آيو.

علم منطق

علم منطق ۾ ڪلي ۽ جزئي جو بحث بنيادي حيثيت رکي ٿو.
هن لاءِ ڏسو تيسيرالمنطق يا ايساغوجي وغيره

چون بدانستي .... وگر زيستي

هي شعر عطار جي مشهور تصنيف منطق الطير مان ورتل آهي. جيڪو مڪتوبات امام رباني توڙي مڪتوبات معصوميه ۾ پڻ ملي ٿو. پر ٻنهي ڪتابن ۾ اهو مولانا روميءَ جو ڪري ڄاڻايل آهي. منطق الطير، ص،61

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته جنهن لفظ جي معنيٰ شريعت جي خلاف نه هجي، ان جي تاويل جائز آهي.

تحقيق مڪمل نه ٿي سگهي.

عارفن مان ڪنهن پُڇيو ته “ڇا نفي ڪان پوءِ علم آهي؟”

هتي گرهوڙي صاحب اها صراحت نه ڪئي آهي ته اهو عارف ڪير هو. البت 1201ه ۾ ‘فردوس العارفين’ جو مصنف بلوچ خان جيڪو پاڻ گرهوڙيءَ جو همعصر هو ۽ سلطان الاولياء ڪان 1182ه/ 1768ع ۾ اچي بيعت ٿيو، تنهن جڏهن سلطان الاولياء جي حياتيءَ جو احوال لکيو ۽ آخر ۾ ملفوظات ڏنا ته اتي وضاحت سان لکيائين ته هن اها روايت ٻڌي ته شاه عبداللطيف پاڻ سلطان الاولياءَ سان ملاقات ڪرڻ لُواري شريف آيو هو ۽ حق تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ بابت سوال پڇيو هئائين. تنهن تي پاڻ چيائون: پهريائين شيخ يا مرشد بنجڻ جي خواهش ترڪ ڪريو ته توهان کي خدا جي راه جو ڏيکاريون.

ٻيو ڪتاب ’رساله ابراهيميه‘ جيڪو گرهوڙي صاحب جي چوڻ تي ميان ابراهيم ساند غالباً 1188ھ ڌاري لکيو، تنهن ۾ پڻ شاھ لطيف جي لواريءَ ۾ اچڻ جو ذڪر ملي ٿو. ليڪن نفيءَ بابت پڇيل سوال اتي به ڪونه ٿو ملي.

البت درگاھ لواريءَ بابت 1262ھ ۾ لکيل ٽئين ڪتاب ’مرغوب الاحباب‘ ۾ اهو سوال شاھ لطيف جي نالي سان ڏنل آهي. بلڪ ان مؤلف شاھ لطيف ۽ سلطان الاولياء درميان ٻين ڪيترن بيتن جي ڏي وٺ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي پوءِ جيئن جو تيئن ’مرغوب الاحباب‘ تان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ’لواريءَ جا لال‘ ۾ نقل ڪيا ۽ ائين شاھ لطيف ۽ سلطان الاولياء درميان اها ملاقات واري روايت عام ٿي. جيڪا پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي ’ابيات سنڌي‘ ۾ ۽ مولانا دين محمد وفائي ’لطف اللطيف‘ ۾ پڻ ڏني آهي.

هتي اها نشاندهي ڪجي ٿي ته خواجه محمد زمان شاھ عبداللطيف جي عقيدتمند مولوي محمد صادق نقشبندي جو شاگرد هو. جنهن جو پهريون پيرو ذڪر ’فتح الفضل‘ جي فارسي مترجم ۽ شارح خواجه گل محمد جي تصنيف ’الورد محمدي‘ ۾ 1200ھ ملي ٿو. اڳتي هلي سن 1239ھ ۾ ’فتح الفضل‘ جي باقي رهيل حصي جي فارسي ترجمي ۽ شرح ’تڪملة الورد محمدي‘ ۾ نفي بابت هن ارشاد جي حاشئي تي پڻ نالو سيد عبد اللطيف لکيل ملي ٿو.

[مقولات تصوف، ص 85، فردوس العارفين، فارسي ۽ اردو ص 29 ۽ 90 ، مرغوب الاحباب قلمي، لواريءَ جا لال، ص 67-72، ابيات سنڌي، ص 20 -22، لطف اللطيف ص 74ع

75 الوردالمحمدي ضميمو (الف) ۽ تڪملة الورد محمدي ضميمو (ب)]

ڪھي آگ پتنگ نُون....... سِر ڏِئي سِيداءُ

هن هندي دوهي بابت وڌيڪ خبر پئجي نه سگهي.

فصوص الحِڪم

شيخ اڪبر ابن عربي (وفات: 632ھ) جي مشهور تصنيف آهي، جنهن جا انگريزيءَ ۽ اردو ۾ ڪيترا ترجما ٿيل آهن.

شرح عين العلم حوالو مٿي گذري آيو.

ابن المقري

تحقيق مڪمل ٿي نه سگهي.

شرح البرده

حوالو مٿي گذري آيو.

شيخ ابن عربي بابت گرهوڙي جي راءِ

نقشبندي حضرات خاص طور امام رباني ابن عربيءَ سان ڪن ڳالهين ۾ اختلاف ڪيو آهي مثلاً ابن عربيءَ جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو خالق ۽ مخلوق ۾ عينيت جو قائل آهي جيتوڻيڪ ابن عربيءَ جا شارح ان خيال سان متفق ناهن ته ڪو ابن عربيءَ جو واقعي اهو مطلب آهي. بهرحال ابن عربيءَ جي ڪن نظرين جي تشريح ۽ تعبير اهڙي ڪئي وئي آهي جنهن سان ڪن حلقن ۾ اهو گمان پختو ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو امام رباني مڪتوبات ۾ 'فصوص الحڪم' تي تنقيد ڪندي چوي ٿو ته اسان کي "فصوص" نه پر "نصوص" يعني "فص" جي بجاءِ "نص" کپي

يعني قرآن کي هر حال ۾ مقدم رکڻو آهي. اهڙيءَ طرح ابن عربيءَ جي ٻي مشهور تصنيف ‘فتوحات مڪيه’ جي باري ۾ چوي ٿو اسان کي ان جي بجاءِ ”فتوحات مدنيه“ کپي. ليڪن ساڳئي وقت ائين به چوي ٿو ته کيس ڪشف ۾ ابن عربي خدا جي بارگاهه ۾ مقبولين ۾ نظر اچي ٿو.

هن لاءِ وڌيڪ ڏسو ”وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود“، مڪمل شرح ابيات،ص 85 کان 118

بحرالرائق

حوالو مٿي گذري آيو.

بگيتي گرچه صد........ از خود رهائي

هي شعر مولانا جاميءَ جي مثنوي يوسف زليخا مان ورتل آهي.

هفت اورنگ، ص594

قصيده امالي

قصيده الامالي جو مصنف ابوالحسن علي بن عثمان محمد الدوسي آهي. اهو قصيدو هن شعر سان شروع ٿئي ٿو:

يقول العبد هي بدالامالي - لتوحيد بنظم کالاآلي

[يعني: هي ٻانهو امالي (لکرائڻ) جي شروعات ۾ عرض ڪري ٿو ته توحيد جي موضوع تي مون هي موتين جي لڙهي پوئي چڏي آهي.]

قصيدي ۾ ڪل 168 اشعار آهن ۽ ان جو موضوع اسلامي عقائد جي سمجهاڻي آهي. جنهن ۾ الله جي صفات ۽ نبين تي ايمان کانسواءِ اهل سنت جا عقيدا پوري وضاحت سان بيان ٿيل آهن. هتي ڏنل

شعر قصيدي جو يارهون بند آهي. انهيءَ قصيدي ۾ الله جي صفات جي باري ۾ چوي ٿو:

صفات الله ليست عين ذات ـ وّلاغيرًا سواه ذانفصال

يعني: الله جون صفتون نه ته سندس ذات جون عين آهن ۽ نه ڪانئس ڌار يا الڳ آهن.

قصيده بدءَالامالي استنبول ص 3

لطيفن جو ذڪر ۽ انهن جي سمجهاڻي

نقشبندي فڪر مطابق انسان ڏهن لطيفن ڪان عبارت آهي جنهن ڪي هو عام طور هڪ دائري جي شڪل ۾ ڏيڪارين ٿا. (جنهن جو نقش 242 جي تعليقات ۾ ڏنل آهي.)

پنجن جو تعلق عالم خلق سان آهي

۽ پنجن جو تعلق عالم امر سان آهي.

- نفس، آتش، باد، آب ۽ خاڪ عالم خلق سان واسطو رکن ٿا،
- جڏهن ته قلب، روح، سر، خفي ۽ اخفيٰ جو تعلق عالم امر سان آهي.

مجدد الف ثاني نهايت وضاحت سان انساني بدن ۾ انهن لطيفن جو مقام بيان ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ شاه ولي الله لکي ٿو: مطلب ته شيخ احمد موجب انهن لطيفن جو تعلق بدن جي ڪنهن نه ڪنهن حصي يا عضوي سان آهي .

- قلب سيني جي کاٻي پاسي جي ٻه آڱريون هيٺان آهي
- روح ساڄي طرف قلب جي سامهون يا برابر آهي.
- سر سيني جي مٿان وچ تي آهي.

- خفي سيني جي کاٻي طرف چاتيءَ مثان آهي.
- اخفيٰ وري خفي جي مٿان آهي.
- نفس دماغ جي پهرئين تهہ ۾ آهي.

اهي سڀ هنڌ نبض وانگر حرڪت ڪري سگهن ٿا.

شيخ احمد چوي ٿو ته، طالب کي انهن سپني جي حرڪت تي نظر رکڻ کپي ۽ انهيءَ حرڪت کي ائين سمجهڻ گهرجي گويا اهو اسم ذات جو ذڪر آهي.

ان کان اڳي نفي ۽ اثبات جو ذڪر آهي ۽ اهو ان طرح ته لفظ ”لا“ کي اهڙيءَ طرح ڇڪي جو سپني لطيفن تي ڇانئجي وڃي ۽ پوءِ الاالله جي ضرب قلب تي وهائي ڪڍي. لطيفن جو بيان ۽ سمجهاڻي ”مبداء معاد“ ۾ به ملي ٿي. لطيفن جي بهترين سمجهاڻي خليفي محمود پڻ ڏني آهي.

مبداء معاد،ص 118، مڪتوب 58 دفتراول، محبوبيةالمحموديه، ص 57 ۽ 58،

القول الجميل في سواءِ السبيل ص 87

هر ڪه بخرابات .... اصول دين است

هيءَ شعر امام غزاليءَ (450-505ھ) جي مشهور تصنيف ڪيمياء سعادت ۾ ملي ٿو، جيڪو فارسي ۾ تصنيف ڪيو هئائين. چئي نٿو سگهجي ته اهو سندس شعر آهي. غزاليءَ جا ٻيا فارسي شعر به ملن ٿا.

اصل ۾ اهو ڪتاب امام غزاليءَ جي عربي تصنيف احياءَ علوم الدين جو خلاصو آهي شروعات ۾ اسلامي عقائد ۽ معرفت

خداوندي جي سمجهاڻي ڏنل آهي. ان ڪانپوءِ ڪتاب چئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي :

- پهريون عبادات
- ٻيو معاملات
- ٽيون هلاڪت يا تباهيءَ جا ڪارڻ
- ۽ چوٿون انسان جي ڇوٽڪاري جا رستا.

هيءَ ڪتاب سنڌي ۾ پڻ ترجمو ٿيل آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل آهي.

ڪيمياءِ سعادت سنڌي، ص465، نعماني، ڪيمياء سعادت فارسي، استنبول 1988، ص421

الناس عالم او متعلم وسائر الناس كالهمج

لفظن جي ڪجھ تبديليءَ سان هيءَ حديث سنن الداراميءَ ۾ ملي ٿي.

مرا دل من پير تعليم است من طفلِ زبان دانش

هيءَ مصرع فارسيءَ جي مشهور شاعر خاقانيءَ جي ديوان مان ورتل آهي جيڪا قصيده مرات الصفا درحڪمت وتڪميل نفس جي پهرين سٽ آهي هن جي ٻي مصرع هن ريت آهي:

دم تسليم سر عشر و سر زانو دبستانش

ديوان خاقاني دڪتر ضياءَ الدين سجادي چاپ دوم، ص 209

خلق مجنون است.......... مجنون غافل است

گرهوڙيءَ هي شعر شرح ابيات سنڌي ۾ پڻ آندو آهي. ص250

جُحط

جحط لفظ ”نجس عليٰ الحالي الطاهر“ جو مخفف (Acronym) آهي. علم فقہ جو اصطلاح آهي.

جيڪو حنفي فقہ جي مشهور ڪتاب ڪنزالدقائق ۾ آهي. اصل مسئلو آهي ته جيڪڏهن ڪو ناپاڪ شخص کوهہ ۾ ڪري پوي ته ڇا کوهہ جو پاڻي پاڪ رهندو يا نه؟ هن باري ۾ فقيهن جا ٽي رايا آهن:

- پهريان چون ٿا ته کوهہ ۾ ڪرڻ وارو همراهہ پاڪ ٿي ويندو پر کوهہ جو پاڻي نجس ٿي پوندو. هتي اکر ”ج“ لفظ ”نجس“ مان ورتل آهي
- ٻيا چون ٿا ته نه کوهہ جو پاڻي پليت ٿيندو ۽ نه همراهہ جو غسل لهندو. گويا ٻئي پنهنجي ساڳي حالت تي رهندا، هن جي حالت مان اکر ”ح“ ورتائون.
- ٽيان چون ٿا ته کوهہ جو پاڻي به پاڪ آهي ۽ ڪرڻ وارو همراهہ به پاڪ ٿي ويو. هن جي پاڪائي واري حالت ”طاهر“ مان ”ط“ جو اکر ورتائون. انهن ٽنهي کي ملائي جُحط جو اصطلاح ٺاهيائون.

مڪتوبات احمدي ۾ آهي ته نبوت ۽ ولايت عقل جي طريقي کان سواءِ آهن يعني ڪسبي ناهن، پر وهبي آهن.

اهو بحث مڪتوبات ۾ ڪيترن هنڌن تي ملي ٿو.

صوفي نشود صافي .... پُخته شود خامي

هي شعر شيخ سعديءَ جي ديوان بدائع ۾ ملي ٿو، جتي پوئين مصرع اڳ ۾ آندل آهي.

ڪليات سعدي، ص 736

اِذَا تَمَّ الفَقر فَهُوَ الله

هن جي سمجهاڻي اڳ ۾ گذري چڪي آهي، مڪتوبات کان علاوه هن قول جي سمجهاڻي خواجه بهاءَ الدين نقشبند جي ملفوظات ۾ هن طرح ملي ٿي ته پانهي جي فنا ۽ نيستي جو مطلب حق جي صفات جو حصول آهي.

مڪتوب 266 جلد اول،ص 559،انيس الطالبين اردو ص 113

شرح المفتاح

حوالو مٿي گذري آيو.

ڪتاب اصول: امام فخرالدين رازي (554-606ھ) شافعي مذهب سان تعلق رکندو هو. ۽ وچ ايشيا جي تاريخي شهر ري جو هو. هو ڪيترن علومن تي دسترس رکندڙ هو. سندس تصنيفن جو تعداد هڪ سو جي لڳ ڀڳ آهي جن ۾ هڪ المحصول في علم الاصول آهي ۽ تفسير ڪبير پڻ سندس جڳ مشهور تصنيف آهي. حدائق الانوارفي حقائق الاسرار جو اردو ترجمو ساڻه علوم اردو، ص 22

مُلاّ عبدالحڪيم "خيالي" جو حاشيه

حاشيه خياليءَ جو مصنف احمد بن موسيٰ خيالي جي لقب سان مشهور آهي. سندس اها تصنيف شرح عقائد جو حاشيو يعني

سمجهاڻي آهي، جيڪا هن 862ھ ۾ مڪمل ڪئي. سندس اها شرح نهايت مقبول ۽ مروج ٿي. وري ان جي شرح ملا عبدالحيڪم سيالڪوٽيءَ لکي، جيڪا برصغير ۾ تمام گهڻو مشهور ٿي. سيالڪوٽي 1027ھ ۾ وفات ڪئي. هو امام ربانيءَ سان عقيدت رکندو هو شرح عقائد نسفي ۽ حاشيه خياليءَ جو حوالو مڪتوب 266 دفتر ۾ ملي ٿو.

مڪتوبات فارسي جلد اول، ص581، ظفر المحصلين ص 190

خفي ذڪر پلو آهي جلّي ذڪر کان.

ذڪر جهري (ڏاڍيان آواز سان ذڪر) جي بجاءِ ذڪر خفي (آهستي دل ۾ ذڪر) واري ترتيب خواجه بهاءَالدين نقشبند کان شروع ٿئي ٿي.

رساله قدسيه، تصحيح احمد طاهري، ص37

خذ ما صفا دع ما كدر

مشهور مقولوآهي. فرهنگ ماثورات ص220

وليءَ کي وليءُ ئي سُڃاڻيندو آهي

هيءُ قول مڪتوب97، دفتر دوم ۾ ملي ٿو.

مڪتوبات دفتر دوم اردو، ص 339

ڪتاب مطول

هن جو حوالو اڳ ۾ گذري چڪو آهي.

المواقف

ڪتاب المواقف جو مصنف قاضي عضدالدين الايجي (706/680= 1355/1281) آهي. سندس تعلق شيراز جي

سرزمين سان هو. مشهور مفسر ناصرالدين بيضاويءَ جو شاگرد هو. هو منقولات جي مقابلي ۾معقولات يعني علم ڪلام ۽ فلسفي جو ماهر هو. سندس هيءَ تصنيف پڻ ان سلسي ۾ آهي. سعدالدين تفتازاني جو شمار سندس مشهور شاگردن ۾ ٿئي ٿو، جيڪو وري ‘شرح عقائد نسفي’ جو مصنف آهي. ‘مواقف’ جو شرح مير سيد شريف جرجاني لکيو آهي. ‘شرح مواقف’ جو حوالو مڪتوبات ۾ پڻ ملي ٿو.

مڪتوبات دفتراول، مڪتوب، 251

بحرالرائق

هن جو حوالو اڳ ۾ گذري آيو آهي.

ڏسٽي

متن ۾ آيل قرآن جون آيتون

(135 آيتون)

(هنن فهرستن ۾ ڄاڻايل صفحا اصل ڇپيل ڪتاب سان مطابقت رکن ٿا، سنڌي ادبي بورڊ جي ويبسائٽ توڙي هن اليڪٽرونڪ ايڊيشن ۾ فونٽ وڏا استعمال ٿيل آهن، ان ڪري هتي ڄاڻايل صفحا صحيح نه ٿيندا. معذرت سان، قارئين جو توجهه ان حقيقت ڏانهن ڇڪائجي ٿو. (ع.م.چنڊ)

49. فَمَالِ هَٰؤُلَاءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُونَ يَفْقَهُونَ حَدِيثًا (نسآءَ:78) 198

50. قُتِلَ الْإِنسَانُ مَا أَكْفَرَهُ (عبس:17) 332

51. قَدْ أَفْلَحَ مَن زَكَّاهَا (شمس:9) 314

52. قُلِ اللَّهُ يُفْتِيكُمْ فِي الْكَلَالَةِ (نسآءَ:176) 229

53. قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِندِ اللَّهِ (نسآءَ:78) 120-245-385

54. قُلْ كُلٌّ يَعْمَلُ عَلَىٰ شَاكِلَتِهِ (بني اسرائيل:84) 112

55. كَلاّ إِنَّ كِتَابَ الْأَبْرَارِ لَفِي عِلِّيِّينَ -الْمُقَرَّبُونَ (المطففين:21-18 333

56. كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ (مؤمنون:53) 279

57. كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهه (قصص:88) 365

58. كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ (رحمٰن:29) 195-230

59. لَا إِكْرَاهَ (بقره:256) 161

60. لَّا تَجْعَلُوا دُعَاءَ الرَّسُولِ بَيْنَكُمْ كَدُعَاءِ بَعْضِكُم بَعْضًا (نور:63) 239

61. لَا يُسْأَلُ عَمَّا يَفْعَلُ (انبيآءَ:23) 120

62. لَّا يَسَّمَّعُونَ إِلَى الْمَلَإِ الْأَعْلَىٰ (صافآت:8) 239

63. لَا يُكَلِّفُ اللَّهُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا (بقره:286) 125

64. لَا يَلْتَفِتْ مِنكُمْ أَحَدٌ وَامْضُوا حَيْثُ تُؤْمَرُونَ (حجر:65) 280

65. لَّمْ تَكُونُوا بَالِغِيهِ إِلَّا بِشِقِّ الْأَنفُسِ (نحل:7) 253

106. وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهِ عِلْمٌ (بني اسرائيل:36) 278

107. وَلَا تَنسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ (بقره:237) 241

108. وَلَا يَخَافُونَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ (مآئده:54) 143

109. وَلَـٰكِنِ انظُرْ إِلَى الْجَبَلِ (اعراف:143) 286

110. وَلَسَوْفَ يُعْطِيكَ رَبُّكَ فَتَرْضَىٰ (ضحيٰ:5) 310

111. وَلِكُلٍّ وِجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيهَا (بقره:148) 226

112. وَلَهُ أَسْلَمَ مَن فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ طَوْعًا وَكَرْهًا (آل عمران: 83) 161

113. وَلَهُ الْمَثَلُ الْأَعْلَىٰ (روم:27) 276

114. وَمَا أَرْسَلْنَا مِن رَّسُولٍ إِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهِ (ابراهيم:4) 128

115. وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا كَافَّةً لِّلنَّاسِ (سبا:28) 128

116. وَمَا عَلَى الرَّسُولِ إِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِينُ (نور:54) 267-279

117. وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِينَ حَتَّىٰ نَبْعَثَ رَسُولًا (بني اسرائيل:15) 293

118. وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُم بِاللَّهِ إِلَّا وَهُم مُّشْرِكُونَ (يوسف:106) 118

119. وَمَن كَانَ فِي هَـٰذِهِ أَعْمَىٰ فَهُوَ فِي الْآخِرَةِ أَعْمَىٰ (بني اسرائيل:72) 119

120. وَمَن لَّمْ يَحْكُم بِمَا أَنزَلَ اللَّهُ فَأُولَـٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ (مآئده: 45) 153

121. وَمَن يُؤْمِن بِاللَّهِ يَهْدِ قَلْبَهُ (تغابن 64. آية:11) 232 (339، 531)

122. وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ فَهُوَ حَسْبُهُ (طلاق:3) 143(212)

123. مَّن يُطِعِ الرَّسُولَ فَقَدْ أَطَاعَ اللَّهَ (نسآء:80) 233

متن ۾ آيل حديثون ۽ اقوال

(140 حديثون ۽ اقوال)

فهرست :- 3 متن ۾ آيل ڪتاب

(هنن فهرستن ۾ ڄاڻايل صفحا اصل ڇپيل ڪتاب سان مطابقت رکن ٿا، سنڌي ادبي بورڊ جي ويبسائٽ توڙي هن اليڪٽرونڪ ايڊيشن ۾ فونٽ وڌا استعمال ٿيل آهن، ان ڪري هتي ڄاڻايل صفحا صحيح نه بيهندا. معذرت سان، قارئين جو توجهه ان حقيقت ڏانهن ڇڪائجي ٿو. (ع.م.چنڊ)

فهرست :-4 متن ۾ آيل اسم (ماڻهن جا نالا)

كتابيات – عربي

1. احياءعلوم الدين: بتخريج الاحاديث، ابي حامد الغزالي و فهرس اطراف الاحاديث ،
مكتبه سبحانيه كانسي رودٖ، شاليرة، كوئٹه- 1998

2. بهجة النظر شرح عليٰ شرح نخبة الفكر: ابي الحسين الصغير ابن محمد صادق، السندي المدني، تصحيح وتعليقات ابوسعيد غلام مصطفيٰ القاسمي السندي، اكاديمية الشاه ولي الله، حيدرآباد- 1983

3. حلاوة الفم: محمد هاشم التتوي السندي، تقديم الدكتر محمد ادريس السندي، كراتشي - 1435ه

4. ديوان ابن الفارض: امين الخوري ، بيروت- 1940ع

5. عوارف المعارف: شيخ شهاب الدين سهروردي، دارالكتب العلميه، بيروت- 2005ع

6. الفتوحات المكيه: شيخ اكبرمحي الدين ابن عربي، دارالفكر ، قاهره -

7. فصوص الحكم: شيخ اكبرمحي الدين ابن عربي، مقدمه و تعليقات ابوالعلاعفيفي ،
انتشارات الزهرا، تهران- 1370 ش ه

8. قرآن شريف:

9. مختصر صحيح مسلم: دارالغدالجديد، قاهره - 2007

10. معجم القرآن: سيد فضل الرحمٰن، اداره مجدديه، كراچي-1405ه

11. مفتاح كنوزالسنته: محمد فواد عبدالباقي، سهيل اكيدمي لاهور-1968ع

12. الموضوعات الكبريٰ الاسرارالمرفوعہ في اخبارلاموضوعة: ملا علي قاري، قديمي كتب خانه، كراچيئ

الأسرار المرفوعة في الأخبارالموضوعة المعروف بالموضوعات الكبرى

رابط المادة: http://iswy.co/e17q3c

كتابيات - فارسي

1. احاديث وقصص مثنوي: بديع الزمان فروزانفر، تهران-1376 ش ه

2. احوال وسخنان خواجه عبيد الله احرار: به تصحيح وبامقدمه عارف نوشاهي، مركز

3. ارشادالطالبين فارسي شرح زادالطالبين: مولانا عاشق الاهي البرني، انتشارات سيلاب، پشاور-

4. انيس المريدين: خواجه محمد حسن جان مجددي نقشبندي، بسعي وانصرام الحاج كريم بخشن جتوئي، نوابشاه

تذكرة الاوليا: شيخ فريدالدين عطار، بررسي دكتر محمد استعلامي، انتشارات زوار- 1377ه ش

5. تذڪرة الشعراءَ: دولتشاه سمرقندي، به همت محمد رمضاضي، ڪلاله خاور، تهران- 1338 ش ھ
6. تذڪره مخاديم ڪهڙه خطي (عڪس) 1372ھ/1352 مملوڪه انوارالعلوم ڪنديارو
7. تڪمله مقالات الشعراءِ: محمد ابراهيم خليل، بتصحيح حسام الدين راشدي، ڪراچي- 1968ع
8. ثمرات القدس من شجرات الانس: مرزا لعل بيگ لعلي بدخشي، مقدمه تصحيح دڪتر سيد ڪمال حاج سيد جوادي، پژوهشگاه علوم انساني ومطالعاتي فرهنگي- 1376ش ھ
9. جواهر البدائع: ميان بلال، سال تصنيف 1221ھ -مليڪت مدرسه مظهرالعلم ڪهڙه
10. ديوان حافظ: باهتمام محمد قزويني ودڪتر قاسم غني، ڪتابفروشي زوار، تهران- 1362ش ھ
11. ديوان حڪيم سنائي: سنائي غزنوي، بديع الزمان فروزانفر فروشگاه، تهران -1385 ش ھ
12. ديوان خاقاني شرواني: بڪوشش دڪتر ضياءَالله سجادي، ڪتابفروش زوار، تهران- 1357 ش ھ
13. ديوان فريدالدين عطار: بديع الزمان فروزانفر، انتشارات نگاه- 1376 ش ھ
14. رساله قدسيه با مقدمه :ملڪ محمد اقبال،انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي، ايران، پاڪستان، راولپنبدي- 1395ھ / 1354ھ / هجري شمسي / 1975 ميلادي

15. رشحات عين الحيات :علي بن حسين واعظ كاشفي، بامقدمه وحواشي ڈاكتر علي اصغر معنييان شهريور، ماهه 2536، تهران
16. سبع رسائل مشمول رسائل جلال الدين دواني: ميراث مكتوب، تهران- 2001ع
17. عقائد نظاميه مع قصيده بدءالامالي: مكتبته الحقيقۃ، استنبول -1985ع
18. عمدة المقامات: حاجي فضل الله، حسب ارشاد حافظ محمد حسن سرهندي، ٹنڈوسائينداد ضلع حيدرآباد، لاهور- 1355ھ
19. عين العلم: محمد بن عثمان بن عمر البلخي، مطبع حيدري بمبئي -1291 ھ
20. فردوس العارفين (قلمي) مؤلف بلوچ خان 1201ھ
21. فرهنگ ماءثورات متون عرفاني: باقر صدري نيا، سروش تهران- 1380ش ھ
22. فهارس تحليلي هشگانه: مكتوبات احمد سرهندي، آرٿر بيولر اقبال اكيدمي، پاكستان- 2001ع
23. فهرست مخطوطات سنده آركائيوز: خزانه دكتر نبي بخش بلوچ، مرتب دكتر محمد ادريس سندهي، كراچي- 2012ع
24. كشف اللغات: عبدالرحيم ابن احمد سور، مطبع ثمرهند- 1874ع

25. كشف المحجوب: ابوالحسن علي بن عثمان هجويري، مقدمه وتصحيح دكتر محمود عابدي، سروش تهران- 1389
26. كلمات قدسيه: خواجه بهاءُالدين نقشبند، مقدمه وتصحيح احمد طاهري عراقي، كتابخانئه ظهوري- 1354هـ
27. كليات ديوان جامي: بامقدمه فرشيد اقبال، چاپ وانتشارات اقبال- 1386 ش هـ
28. كليات سعدي: بامقدمه محمد علي فروغي، ناشر طلوع - 1375 هجري شمسي
29. كليات سعدي: براساس نسخه محمد علي فروغي، انتشارات فارابي، تهران- 1384ش هـ
30. كليات صائب تبريزي: مقدمه آقائ اميري فيروز كوهي، انتشارات كتابفروشي خيام، تهران-
31. كليات نظامي: نظامي گنجوي، انتشارات پيمان- 1387هـ ش
32. گلشن راز: شيخ محمود شبستري،تحصيح اتفادي بكوشش محمد بشير انور ابوهري، مركز تحقيقات ايران پاكستان اسلام آباد، 2007
33. لغت نامه دهخدا: دانشگاه، تهران- 1377 ش هـ
34. لوائح: مولانا نورالدين عبدالرحمٰن جامي، بكوشش محمد حسين تسبيحي كتابفروش فروغي- 1342 ش هـ
35. مثنوي معنوي: تصحيح مقدمه از قوام الدين خرمشاهي، انتشارات ناهيد ودوستان، تهران- 1378 هـ ش

36. مثنوي هفت اورنگ: مولانا جامي، بامقدمه وتصحيح آقائ مرتضيٰ مدرس گيلاني، انتشارات مهتاب، تهران-
37. مرغوب الاحباب: (قلمي) نظرعلي بلوچ، تاليف 1262ھ ،ملڪيت سنڌي ادبي بورڊ
38. مرموزات اسدي درمزمورات داودي: نجم الدين رازي، مقدمه وتعليقات دڪتر محمد رضا شقيقي ڪدڪني، 1381ھ ش
39. مڪتوبات امام رباني(1-3): شيخ احمد سرهندي، حسن زراعي، ايوب گنجي، انتشارات صديقي، تهران 1425ھ
40. مڪتوبات شريف قاضي احمد دمائي: مرتب پروفيسر دڪتر محمد مسعود احمد، اداره معارف، ڪراچي- 1997
41. منطق الطير: شيخ فريدالدين عطار، به اهتمام سيد صادق گوهرين، تهران- 1378 ش ھ
42. مونس المريدين: شاه آغا عبد الملڪ، ڪراچي، 1368ھ نشردانشگاهي، تهران- 1380 ش ھ
43. نفحات الانس من حضرات القدس: مولانا عبدالرحمٰن جامي، مقدمه وتصحيح دڪتر محمود عابدي، انتشارات اطلاعات، تهران- 1375ھ ش
44. الهي نامه: شيخ فريدالدين عطار، بتصحيح عطاءَالله تدين، انتشارات تهران- 1377 ش ھ

كتابيات - سنڌي

1. انساب نامو (ذڪر آل مجدد الف ثاني): پير غلام رسول مجددي، مارئي اڪيڊمي، حيدر آباد- 2009ع

2. بيان العارفين: تحقيق ۽ ترجمو ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، حيدرآباد- 2002ع

3. تذڪره مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ- 1985ع

4. توفيق الطالبين: خليفو گل محمد هالائي، ترجموحافظ نور محمد- 1995

5. رسالي الرحيم جا مختلف پرچا: شاهه ولي الله اڪيڊمي

6. رهاڻ هيرن ڪاڻ: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪلچر ڊپارٽمينٽ ڪراچي، 2012ع

7. رياض الصالحين: سنڌي ترجمو مولانا غلام عباس قادري، الراشد اڪيڊمي، ڪراچي- 1994ع

8. سچڻ ڏنو جن: جوڻيجو سائين بخش قبولائي، ڏوڪري- 2007ع

9. شاهه جو رسالوشاهه جو ڪلام: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1999ع

10. عوارف المعارف: سنڌي ترجمو مخدوم عبدالجبار صديقي، اداره پاٽ هائوس، حيدرآباد- 1998ع

11. فتح الفضل: مترجم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، لواري شريف ادبي ڪاميٽي، بدين- 1988
12. ڪلام گرهوڙي: چوند بيت ۽ سمجهاڻي: ترتيب ۽ تعارف ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو- 2013ع
13. ڪلام گرهوڙي: ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڪلچر ڊپارٽمينٽ، ڪراچي - 1995ع
14. لواريءَ جا لال: ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪراچي- 1934
15. ماڻيو تن ملير: صقال الضمائر جو سنڌي ترجمو لواري شريف ادبي اڪيڊمي- 1996 ع
16. محبوبية المحموديه: مترجم قاضي فتح الرسول نظاماڻي- 1994ع
17. مقولات تصوف: ميان ابراهيم ولد بيگ ساند، مترجم غلام حسين دايه درگاھ لواري شريف- 1972
18. مڪمل شرح ابيات سنڌي: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌالاجي ڄامشورو- 2008ع
19. منهاج العابدين: امام غزالي، سنڌي ترجمو آزاد سميجو، ڪنڊيارو- 2006ع
20. موتي معرفت جا: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور- 2014ع

كتابيات – اردو

1. آئين اولياء تذڪره بزرگان لواري شريف: ناشر جماعت لواري شريف- 1989ع
2. احاديث ضعيفه ڪا مجموعہ: علامه محمد ناصرالدين الباني، ترجمه مولانا محمد صادق خليل، ساهيوال-
3. اخبارالاخيار: شيخ عبدالحق محدث دهلوي، دارالاشاعت، ڪراچي- 1997
4. انفاس العارفين: شاه ولي الله دهلوي، مترجمه سيد محمد فاروق، تصوف فائونديشن، لاهور- 1998ع
5. انيس الطالبين: فارسي/ اردو، صلاح بن مبارڪ بخاري، مترجم غلام مصطفيٰ مجددي، لاهور- 2003ع
6. پاڪستان مين صوفيانه تحريڪين: ڊاڪٽر عبدالمجيد سندهي، سنگ ميل پبليشنر، لاهور-1994ع
7. تحفة المتخصص: مفتي ضياءَ الرحمٰن ذاڪر، مڪتبه عمر فاروق، ڪراچي- 2012ع
8. تذڪرة صوفياءِ سنده: اعجاز الحق قدوسي، اردو اڪيڊمي سند□ه، ڪراچي 1959
9. توزڪ جهانگيري: ترجمه وحواشي اعجاز الحق قدوسي، مجلس ترقي ادب، لاهور- 2007ع
10. الثباة النبوة: امام رباني مجدد الف ثاني، مع اردو ترجمه از سيد زوارحسين، اداره مجدديه، ڪراچي
11. جذب ڪامل: ڊاڪٽر محمد عبداللطيف، پيڪيجز لميٽڊ، لاهور- 1975
12. حضرات القدس: بدرالدين سرهندي، ترجمه حافظ محمد اشرف، لاهور- 2010ع


13. حيات شيخ عبدالحق محدث دهلوي: خليق احمد نظامي، دهلي- 1953
14. رسائل نقشبنديه: مترجم پيرزاده اقبال احمد فاروقي، مڪتبئه بنويه، لاهور
15. الزادالمطلوب بتخريج احاديث ڪشف المحجوب: ڊاڪٽر خاله داد ملڪ، ڊاڪٽر طاهر رضا بخاري، محڪمه مذهبي امور و اوقاف، لاهور- 1427ھ
16. زبدة المقامات :خواجه محمد هاشم ڪشمي، مترجم ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، سيالڪوٽ- 1407ھ
17. ساٺه علوم: امام فخرالدين رازي، مترجم (ڪتاب الستيني، او علوم الستين) فارسي جو ترجمو
18. سنده ڪي صوفيائي نقشبند حصه اول: ڊاڪٽر صاحبزاده ابوالخير محمد زبير، حيدرآباد- 1996
19. الشريفي شرح ايساغوجي: محمد اشرف قريشي، قديمي ڪتب خانه، ڪراچي
20. شهادت تقويم: محمد رمضان ڪاڪڙ، لاهور- 2012
21. ظفرالمحصلين يعني حالات مصنفين درس نظامي: مولانا محمد حنيف گنگوهي، دارالاشاعت، ڪراچي- 2010
22. علم ڪلام: ترجمه الاقتصاد في الاعتقاد امام غزالي، سنگ ميل پبليڪشنر، لاهور- 1980ع
23. عمدة السلوڪ: سيد زوارحسين، اداره مجدديه، ڪراچي- 1982ع
24. الغزالي: علامه شبلي نعماني، مدينه پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي- 1970ع
25. فردوس العارفين: بلوچ خان ٽالپر، مترجم محمد يونس باڙي، ناشر جماعت لواري شريف- 2002ع

26. فضل ڪبير: ڊاڪٽرغلام مصطفيٰ خان - 2007ع
27. ڪلمات قدسيه: اردو مترجم علي نواز جتوئي، حيدر آباد سنده- 1978ع
28. مبداءمعاد: امام رباني مجدد الف ثاني، مع اردو ترجمه از سيد زوارحسين، اداره مجدديه، ڪراچي
29. مثنوي مولوي معنوي: مولانا قاضي سجاد حسين، فريد بڪ اسٽال، لاهور
30. محي الدين ابن عربي حيات و آثار: ڊاڪٽر محسن جهانگيري، مترجم احمد جاويد سهيل عمر، اداره ثقافت اسلاميه، لاهور -1999
31. معارف لدنيه: امام رباني مجددالف ثاني، مع اردو ترجمه از سيد زوارحسين، اداره مجدديه، ڪراچي
32. مڪتوبات امام رباني: مترجم مولانا عالم الدين نقشبندي، لاهور- 1988
33. مڪتوبات شريف: خواجه محمد باقي بالله، لاهور
34. مڪتوبات معصومي: مترجم سيد زوار حسين شاه، ڪراچي
35. منتخب التواريخ: ملاعبدالقادر بدايوني، مترجم محمود احمد فاروقي، شيخ غلام علي اينډ سنز، لاهور-
36. موضاعات ڪبير: ملا علي قاري، مترجم حافظ محمد انور، لاهور- 2008ع
37. نشرالفوائدالجلالي شرح العقائد النسفي: مولانا عبدالحق جلال آبادي، قديمي ڪتب خانه، ڪراچي- 1990
38. همعات :شاه ولي الله، مترجم محمد سرور، سنده ساگر اڪادمي، لاهور- 1964

كتابيات – انگريزي

1. F. Steingass, Arabic English Dictionary, Sang-e-Meel Publications, Lahore, 1979.
2. Ghulam Mustafa Khan, Studies in Literature, Hyderabad, 1995.
3. B.M. Dayal, The Durr-ul- Mukhtar, Kitab Bhavan, Delhi,1992
4. Nicolas P. Aghnides, *An Introduction To Muhammadan Law and a Bibliography,* Lahore, 1981.
5. Muhtar Holland, *Rashaat Ain Al- Hayat, Beads of Dew From the Source of Life*, Florida, USA, 2001
6. Muhtar Holland, *Masters of Wisdom of Central Asia*, England,1983
7. 7 Khaliq Ahmed Nizami, Akbar and Religion Delhi,1989
8. 8. I.H. QURESHI, *Akbar: The Founder of the Mughal Empire,* Karachi 1978.
9. Nicholson, R.A., *The Mathnawi of Rumi,* E.J.W Gibb Memorial (1925-1939), London
10. Annemarie Schimmel, *Mystical Dimensions of Islam,* North Carolina, USA, 1975

كلماتِ قدسيه جي عربي نسخي جوعكس



عاش مولانا صاحب الخانقاه اربعة واربعين سنة ... سنة في الارشاد و توفي في ليلة الاثنين بعد مضي ربع الليل ... من ربيع الآخر سنة ثمانية عشر ومائتين والف ١٢١٨

٣٤٥

الكلمات القدسية
التي افيضت من مولانا الشيخ محمد زمان الثاني السندي
مع تأييدات خليفته مولانا محمد عابد رحمه الله تعالى النقشبندي

سماعي من المرشد الكامل فتح الله علينا بفتوحاته ونفعنا ببركاته

تامل في سطور العالمين فانها　من الملك الاعلى اليك رسائل
تجد ان تحققت فيها خطها　الا كل شيء ما خلا الله باطل

انتهى النقل من خط الشيخ محمد عابد السنامي

Juneid Sain-Bux Qahoosi
PRESIDENT
Hazrat Sultan-ul-Aulia
Academy Dokri Distt Larkana

هذا الكلام الالهامي المجيب الظاهر

من عرف الله تعالى حق المعرفة بان لا يبقي في نفسه او في غيره نسبة من النسب الا وعرف انها انما هي من
الشيء الخالق تعالى وذلك بان يعرف ان قوة السمع التي اودعها الله تعالى فيه انما هو جزء من سمعه وقوة البصر
كذلك جزء من بصره تعالى وقوة البطش كذلك جزء من بطشه الواقع في قوله تعالى ان بطش ربك لشديد فاذا
قرر ذلك التفويض وتحقق ذلك من نفسه او من غيره فقد امتثل ما امر به في قوله تعالى ان الله يامركم ان
تؤدوا الامانات الى اهلها فحينئذ يتيقن انه لا يملك لنفسه ولغيره من نفسه او من غيره سواه تعالى شيئا
من نفع او ضرر والشاهد على ذلك قوله تعالى لا يملكون لانفسهم ضرا ولا نفعا ولا يملكون موتا ولا حيوة
ولا نشورا فاذا بلغت منه هذه الحالة صدق عليه تمام الحديث وذلك كل لسانه لانه ان اخبر عن
نفسه فقد ظهرت منه الخيانة حيث هو ما صعد باداء الامانة وان اخبر عن غيره فكذلك وان اخبر
عن الله تعالى فقد ابان من نفسه مخبرا ومخبرا عنه وذلك عين الخيانة بل هو نفس الشرك عند القوم
فان عندهم ما دام المريد يرى للنفس وجودا ما كان مشركا فحينئذ لا يسعه الا السكوت حتى غير
اختيار منه بل هو يضطر اليه ومن تامل فيما قلناه يتضح له ما ورد من قوله صلى الله عليه وآله وسلم
من عرف نفسه فقد عرف ربه هذا ما ظهر والعلم عند الله تعالى لا محمد عابد عفي عنه

بسم الله الرحمن الرحیم

الحمد لله رب العالمین والصلاة والسلام علی سید المرسلین محمد وآله واصحابه
الطاهرین الذین تخلقوا باخلاق الله رضی الله عنهم ورضوا عنه اولٰئک
هم الفائزون اعلم ان هذه الکلمات التی سمعتها عن فیاض الزمان
واقف رموز کن فیکون قطب الاقطاب محبوب رب الارباب غوث الخلائق
غواص بحار الحقائق مخزن النورین مجمع البحرین عمدة العارفین قدوة الواصلین العارف
بالله الواصل الی الله النازل عن الله لدعوة عباد الله سلطان الاولیاء برهان الاصفیاء
محبوب الرحمن مهدی الزمان وارث الانبیاء نافع الطلباء مرشد الراشدین هادی
المسلمین وسیلتنا الی الله الغنی بیت گر کسی وصف او ز من پرسد * بیدل [illegible]
چگوید باز * حضرت مرشدنا ومولانا نور الله مرقده وضیاء الله مقبرته وافاض الله
علینا [illegible] من فیوضاته وبرکاته * بیت یار احوال من جمله سراپا پرسید
بادشاهی [illegible] رسید * ای که گوئی که ببین سید ما او چه شود * با جنبش کرنظری
نیست [illegible] بعد الکلام لاول انتظام لفظ قلت الذی احببته فی
الحضور وترجمته فی الامور الا ما تصدر من الکلام بلفظ اقول الذی کتبته فی الغیبة
وینبغی اتحادهما ولا باس باختلاف الالفاظ الا ان فی بیت جهان سخن گویم شنیدم
زپیره * دروغم نگویم برآن دستگیره * منها من عمل علی مصرع واحد فقد حصل له نتیجة
کل علم وهو هنا مصراع الا کل شیء ما خلا الله باطل * قلت قال المولوی الرومی رحمه
بیت زندگی ومرگ ما جمله خوش بود * بی خدا آب حیات آتش بود * از خدا غیر خدا را
خواستن * ظن افزونیست کلی کاستن * منها الاسم الاعظم هو الاسم الذات

لاغير وجميع الاسماء عكوس لهذا الاسم كما في التنزيل ان الذين قالوا ربنا الله ثم استقاموا
والنقشبنديون يامرون المريد بحفظ اسم الذات لا الاسماء الصفاتية قلت بيت
اسم اعظم چون كسى نشناسدش * سرورى بر كل اسما باشدش منها الصحبة
مؤثرة ياخذ الرجل تاثيرها في اتى صحبة كان قلت قال المولوى بيت پيش استاذى
كه او نحوى بود * جان شاگردش از او نحوى شود * پيش استاذى كه او محوى ره است *
جان شاگردش از او محوى شه است منها الايتم الحاجات باداتها ولكن يتم بتركها
قلت في الحديث عن عائشة رض قالت ما خير رسول الله صلى الله عليه وسلم بين امرين قط
الا اخذ ايسرهما بيت ترك كار خود بكن اى كارساز * زانكه با سعيت نگردد كار باز *
منها الاعتقاد الصادق الى المرشد بلا وجود الذكر والفكر نعمة عظيمة قلت
في المكاتيب معرفة الفنا في الشيخ مقدمة الفنا في الله منها اذا رأى الشيء
بالبصر فلا حاجة الى نصب الاصابع اقول اراد بذلك الوحدانية [illegible]
المطلقة وترك الاسباب والاضافات كما قيل طلب الدليل عند [illegible]
والاشتغال بعلم بعد الوصول الى المعلوم مذموم اذ تحصيل الحاصل لغو [illegible]
بيت حق پديدست از ميان ديگران * همچو مه اندر ميان اختران منها عادة الفقراء
الحلم عند الحلم الا اذا غضب الله على احد غضبوا عليه قلت كما كان رسول الله صلى الله عليه وسلم
ما انتقم لنفسه في شيء قط بيت هيچ قومى را خدا رسوا نكرد * تا دلى صاحبدلى نامد بدرد
كم من الناس تراهم يعيشون على الطعام ويحبون التسمين كالانعام قلت كما قال
المرشد الاجل كثرة الاكل لا يزيد في الوجود الا الغائط فيحتاج الى الخلاء كثيرا وكثرة
السمن لا ينفع الا للدود وفي الحديث سيكون من بعدي اقوام يحبون السمان
ويؤيده ما قال المحقق في الدر المنتقى حيث قال ان الاكل للسمن مكروه انتهى ودر تفسير حسينى

دو بار خوردن در یک روز هم از اسراف شمرده اند فلیراجع بیت گرچه خدا گفت
کلوا واشربوا لیک نفرمود کلوا تا بگلو خوردن برائی زیستن و شکر کردن است نه تو معتقد
که زیستن از بهر خوردن است منهما اذا کانت للرجل سعة وحشمة فلیشکر علیهما
فان الله تعالى یرزقه من حیث لا یحتسب ویزیده الله ذلک والا فالصبر له خیر کما قال الله
تعالى لئن شکرتم لازیدنکم وقوله علیه السلام قال الله تعالى من لم یصبر علی بلائی ولم یشکر علی
نعمائی فلیخرج من تحت سمائی ولیطلب ربا سوائی اقول اراد بها التوکل فی کلا الامرین
بیت چون ترا اقبال کرده یاوری شاد منشین که تو باشی سروری زانکه زو اقبال
زود واپس کشید پس نباید مر ترا ای جان من مزید منهما من جعله الله تعالى نفسه بلون
واحد نجا من الضرر ومن وقع فی التلوینات فقد هلک قلت قال المولوی بظاهر و باطن
اگر باشد یکی نیست کس را در نجاة او شکی قلت فالنعم مقولة القندی
اندر و هار بی کاو باهر زبلی هیچ یکی اجر و کو تو ناو بهنجی بور انکری منهما
من یکون تارک الطمع فحسبه ضرب العدین علی قفاه ولا یحتاج فی ذلک الی قطع
یداه ... الی ... السرقة اقول اراد بذلک العفو عنهم الخطاء کما قال
الله تعالى ولیعفوا ولیصفحوا الا تحبون ان یغفر الله لکم والله غفور رحیم بیت
بدی را بدی سهل باشد جزا اگر مردی احسن الی من اساء منهما کم من الناس
لا یترکون حب الدنیا والطمع فی الخلق ویسئلون ویزعمون انهم متوکلون بل انهم
ترکوا الدنیا للدنیا بیت ترک دنیا بمردم آموزند خویشتن سیم و غله اندوزند
قلت فی الحدیث حب الدنیا رأس کل خطیئة وایضا لان یاخذ احدکم حبله
فیاتی بحزمة حطب علی ظهره فیبیعها خیر من ان یسال الناس وفیه ایضا السوال
حرام ولو من الدنیویه وجو فی الکنز ولا یسال من له قوت یومه انتهى بیت
طمع را سه حرف است هر سه تهی ازان نیست مر طمعکار را بهی منهما اکثر

باز ایستیدن از خواستن ... سه ... و احسان ... الخ

الناس يكونون لغرض النفس لا لمحض الطلب فلو حصلت مرادهم فرحوا و
الا فلا الا ان الاعتبار في حصول الثواب لاهم الامرين قصدا كما غاز استاقه
اذا سعى و ذهب الى المصر للجمعة ومعه حاجة اخرى في المصر فالاعتبار لاهمها
قصدا في حصول الاجر كذا قال الشيخ علي القاري في شرحه على المبين المعين
لفهم الاربعين للنووي رح قلت في التنزيل ومن الناس من يعبد الله على حرف
فان اصابه خير اطمأن به وان اصابته فتنة انقلب على وجهه خسر الدنيا
والاخرة ذلك هو الخسران المبين قال الجامي بيت شرط طلب ترك دوئي كردن بع
روي ارادت بيك آوردن ست، گر همه آفاق در آغوش تو باشد وان چيز
فراموش تو غلبت آگاهي تو غافليت حاصل اوقات تو بيجا صليت
مبنيها النفس على ثلثة اقسام احدها الامارة وثانيها اللوامة وثالثها المطمئنة
اوّل الامارة الذي لا تيقن بالله ولا تقيم في حدود اوامر الله وما ابرئ نفسي
ان النفس لامارة بالسوء واللوامة هي التي تتوسط بين الامارة والاطمينان
في جميع الافعال والاحوال فيعمل عملا صالحا وآخر سيئا بيت گاه كمر دخلم كاهي
حلم سواء كاه نادانم وكاهي علم ساء والمطمئنة هي التي تطمئن بذكر الله تعالى
وتجتنب عن سوى الله سبحانه وتعالى الا بذكر الله تطمئن القلوب وفي الحديث اشارة الى ان
الامارة حصلت له صفة الاطمينان صارت مطمئنة لزوال العلة وفي الاصول
الحكم يرتفع برفع العلة وقال عليه السلام خياركم في الجاهلية خياركم في الاسلام
الا ان مع وجود الحالات العجيبة والمقامات الغريبة لا تتجاوز بالكلية عن
شيء من الصفات الاصلية كما قال عليه وعلى آله السلام اذا سمعتم بجبل زال عن
مكانه فصدقوه واذا سمعتم برجل تغير عن خلقه فلا تصدقوا به فانه

هرچند که مطمئن گردد ٭ هرگز ز صفات خود نگردد ٭ نفس چون نیست در درون باقی ٭
چه غم از دشمنان آفاقی منها المال مصیبة والعزة زنار والرجل الفاجی هو الذی
تبر فر منهما اقول مراد المرشد من المال العزة الناهی نعم المال الصالح للرجل الصالح
هو المال الذی الغیر الصالح کما جاء فی الحدیث والزنار التی تشغل قلبك فی فکر ما عن
ذکر الله تعالی الاثم ما حاك فی صدرك ومن شغلك عن الحق فهو منك بیت نیز گیاهی
زتر دد کز ٭ نیست نکوئی ز دل آرام تر منها لیس الغنی بکثرة المال ولکن الغنی من
استغنی قلبه عن حرص المال قلت والیه اشار رمز تعالی توذکرتی بذا لست شه بمال وفی
الحدیث لا یملؤ جوف ابن آدم الا التراب قال السعدی الشیرازی بیت آن شنیدستی
که وقتی تاجری ٭ در بیابانی بیفتاد از ستور ٭ گفت چشم تنگ دنیادار را ٭ یا قناعت
پر کند یا خاك گور منها من تملق مع الناس فاعطوه شیئا فهو لیس بفتوحة
عند الفقراء والفتوحة هی التی لا تکون فیه شائبة من التملق ولا من الحاف بل هو
رزق یرزقه الله تعالی لمن یشاء من غیر اختلاط الناس ومداراتهم والیه اشارة فی
قوله تعالی ویرزقه من حیث لا یحتسب والفقراء هم الذین احصروا فی سبیل الله لا
یستطیعون ضربا فی الارض یحسبهم الجاهل اغنیاء من التعفف تعرفهم بسیماهم
لا یسالون الناس الحافا منها لیس العار للفقیر ان یلبس ثیابا مخرقة الا اذا اعطاه
الله تعالی جدیدا فلیلبسه بلا فخر ان شاء قلت هکذا کانت من عادات رسول الله صلی
الله تعالی علیه وسلم کما روی عنه انه صلی الله تعالی علیه وسلم کان یلبس فی بعض الاحیان ثیابا
مفتخرة وفی بعضها الاقال الجامی بیت غرض از جامه دفع حر و برد است ٭ ندارد
میل زینت هر که مرد است منها لا ینبغی للطالب ان ینظر الی افعال الناس واقوالهم
ولا یختل قلبه عن مدحهم او ذمهم بل یعرض خاطره عن التفاتهم قلت وفی التنزیل
اذا سمعوا اللغو اعرضوا عنه وقالوا لنا اعمالنا ولکم اعمالکم سلام علیکم فانا لا نبتغی

الجاهلين بيت اگر گويند زراقى و سالوسى بگو هستم دو صد چندان مرو، وگر از خشم
دشنامى دهندت دعا كن خوشدل و خندان مرو منها أن المريد من ترك الارادة
في ارادة المرشد والمرشد من رضي بارادة الحق قلت قال الحافظ بيت ميل من سوى
وصال و قصد او سوى فراق، ترك كام خود گرفتم تا برآيد كام دوست بار رنجگى
عندنا التكليف ويؤيده ما في الحافظ ايضا ولو فرحت بهذا رضيت في ضرري ووقع
بالمواهب اللدنية من اوصاف المحب الصادق ان يحب ما احبه محبوبه ويكره ما كرهه هو
انتهى منها ليس عندنا التكليف اقرأ هذا ورد حين سأله سائل عن اكل الطعام
والادام فقال رحمه ربه اي شيء تيسر فهو حسن وليس عندنا التكليف وكذا في الحديث
التكلف شوم انا واتقياء امتي بريئ من التكلف وفي التنزيل وقل ما انا من
المتكلفين الاية وكان من عادة رسول الله صلى الله عليه وسلم اذا اتى الى بيت احدى
ازواجه فقال هل عندكم شيء من الطعام فان كان والا فقال اني صائم منها
المقصود من الطب كما يفهم من الكتب الطبية هي التنقية بالفصد او بالمسهل او بالدواء وليس في هذا الزمان طبيب حاذق يعرف المرض كما ينبغي
لحال المريض قلت والطبيب الحاذق في ديارنا كالكبريت الاحمر واين الكبريت الموصوف
فاين الحاذق وفي الحديث كلمة الحكمة ضالة عن الحكيم منها انتهاء وطرائق الكل
مبداء هذا الطريق لا ... السماع والرقص ونحو ذلك من الحيلة والرياضة لا ينفعهم
سوى ما تحرك القلب في انتهائهم وهذا اول قدم في الطريق النقشبندية لانهم يتفكرون
في الانفس اولا بخلاف سائر الطرائق يبدؤن اولا بالافاق ثم الانفس فصار
انتهاؤهم اول النقشبندية فقد بروى الحديث ما يرجح النقشبندية حيث قال صلى الله
عليه وسلم مصحف المرء صدره ولانهم فاصوا من الحالات الكثيرة والمقامات العجيبة
فاولا ما يشغلهم هو ذكر القلب وسلطان الذكر فيحصل لهم الذكرين من الكرد والذات

ودائم الحضور وفور السرور حسن الحال والمقام والجذبة والسلوك وبهذا
مسترشدين اذ المرشد الكامل هو الجامع بين الجذبة والسلوك كما في المبدأ والمعاد
فتبصر واخذوا فيوضهم من العروج والنزول والفناء في الله والبقاء بالله و
غير ذلك من حصول الحالات ووصول المقامات على تفاوت درجاتهم وقوة استعدادهم
ولا يعلم نهاية عليهم احد الا الله واطمئنوا نفوسهم بالمرضيات السبحانية وصبروا
قلوبهم على الارادة الرحمانية وشربوا جرعة من باب رضاء الله الاعظم وهو في المرتبة
الاعلية التي يقال لها مقام جمع الجمع قال الشيخ على القاري مقام جمع الجمع اعلى
مرتبة وهو الرضاء والتسليم بما جرى به قلم القضا انتهى وشرحوا صدورهم
على ذوق ملائم الائمة شعر به بين تفاوت ره از كجاست تا بكجا قلت
بيت نقشبنديه عجب قافله سالار انند كه برند از ره پنهان بحرم قافله را
طاعتي كركند اين طائفه را طعن قصور حاشى لله كه برآرم بزبان اين كله را
همه شيران جهان بسته اين سلسله اند روبه از حيله چسان بگسلد اين سلسله را
منها من الاحوال الواردة على السالك في اثناء الطريق ان لا يجد في وجوده
الا الياس وبعد الاياسة حصل رجاء الوصال قلت في المكاتيب الاحمدية
ينبغي للمريد ان يتصف بهذه الصفة كما قال تعالى حتى اذا ضاقت عليهم الارض
بما رحبت وضاقت عليهم انفسهم وظنوا ان لا ملجاء من الله الا اليه ولذا در
الدوايك بيت وصل عريانست نام نا اميدي در شهاب نظر كردن نا مرادي خويش را
جام وصلت ذكر مراد كه تواني دوست نا مرادي باشت مراد خويش دكر بار نخواهم
خواست منها الحيوة والدنيا فانيان لا ينبغي التعلق بهما ان يحبهما قلت
قال الله تعالى لا يغرنكم الحيوة الدنيا وقال عليه وعلى آله السلام كن في الدنيا كانك

غریب او عابر سبیل و عد نفسک من اصحاب القبور — لوکانت دار دنیا دام
نعیمها، لکان رسول الله فیها مخلدا ابیت جهان و کار جهان جمله هیچ در هیچ است
هزار بار من این نکته کرده ام تحقیق منها من عرف الله لا یضره ذنب قلت
المراد من هذا الذنب هو الصغیرة اذ الصغیرة لا یخلو الانبیاء علیهم السلام عنها
مع کمال عرفانهم او الکبیرة نادرا والرحمة تتعلق و تتقید بالذنوب قال فی القصیدة
البردة لعل رحمة ربی حین یقسمها تاتی علی حسب العصیان فی القسم وقال الحافظ
زنشتس ساتشنه دیدم بر گناه عرصهٔ عصیان گرفتم زین سبب وفی المصابیح
المؤمن لا یخرج عن الایمان بارتکاب الکبیرة انتهی والعرفان هو الایمان الکامل
کما لا یخفی هکذا فی المکاتیب ومعنی العرفان هو التیقن بالحق الذی یحصل بعد
الجذبة والسلوک لا الیقین السماعی الذی هو یحصل بمجرد السماع من السالکین
ما لم یدخل فی ذلک السلسلة و تیلذذ بذلک اللذات واعبد ربک حتی یاتیک الیقین
لا یضرکم من ضل اذا اهتدیتم م که مستحق کرامت گناه کارانند ما قال الحافظ رحمه الله
سه صوفیه مباش حنک رندی که سر عشق، روز ازل بمردم قلاش حید باهند،
منها کم من الناس یتکلمون فی بیان اظهار الاحوال لانفسهم و یتمیزون تخمینا
فی غیرهم والذی له قلب سلیم و طبع مستقیم لا یخفی علیه ان الطالب اذا قطع
تعلقه من علائق الدنیا و یرید قربه فی ذات الله العلیا سبحانه وتعالی فهو حال عند
المحققین فلا حاجة الی اظهار القال والقیل اقول الحال تغیر الشیء لصفة
الی صفة آخر کتبدیل الامارة بالاطمینان والسیئة بالحسنة قال فی العقائد
السنیة الحال هو القرب لا الامر المغرب والعلم اشرف من الحال انتهی
وفی المواهب الاحوال مواهب علویة سماویة وهو قول امیر المؤمنین علی رضی الله عنه

انتهى وقد نسمع من المعتمدين ان رجلاً قال عند المرشد الاجل الاكمل نور الله مضجعه
ان الفقراء الكاملين يشتغلون ورق التقشف ثم يدّعون ان بهذا الحصل لهم زيادة
الاحوال فقال الاجل الحال هو قرب الله تعالى ومن يستعمل المنهيات فاين يحصل
له ذلك بل البعد اليق به ومن يؤمن بالله فقد هدى قلبه قال المولوي بيت
اطلبوا المعنى من الفرقان كل لا نفرق بين احاديث الرسل در معانی قسمت
اعداد نیست در معانی تجزیه افراد نیست اتحاد یار با یاران خوش است پای
معنی گیر صورت دلکش است آفت ادراک آن قال است قال خون بخون
شستن محال است ومحال گر بصورت آدمی انسان بدی احمد و بوجهل
خود یکسان بدی جمله حیوان را پی انسان بکش جمله انسان را بکش از بهر هش
منها كتمان السر عن اظهاره الا على المرشد الحقيقي وهو الذي يظهر عليه
سر كل واحد فيكتمه بعد ذلك قلت السر هو الذي يتجلى على السالك من التجليات
وضياءات نور الحق والمكاشفات والعروج والنزول الى غير ذلك فهذه
كلها فضيلة وهي احق بالكتمان عن الغير سوى المرشد ولذا قال بعض السالكين
كرامات ظاهر كردن خرابات ساختن است والاظهار على الغير كثيرا ما ينقصه
عن العروج ايضا فاياك والاظهار بذلك وفي الامور الشرعية الظاهرة في كم من
مواضع قالوا هذا مما يعلم ويكتم كما في النهر وفي الدر المختار هذا مما يعلم ويكتم انتهى
فكيف في الامور الباطنية الا والكتمان لازم عليه في الحديث من كتم سره فسوف
يحصل مقصوده استعينوا على اموركم بالكتمان وللمولوي بيت عارفان كه راز
حق دانسته اند رازها دانسته و پوشیده اند منها ليس شيء اقرب من ذات
الله تعالى ولا شيء ابعد من ذاته اذا ستره الله لاحد او عشره قلت قال الله تعالى
وفي انفسكم افلا تبصرون وقال ايضا ان الله يحول بين المرء وقلبه ونحن اقرب

الى

الیه من حبل الورید فانه سبحانه وان کان اقرب لعبده غایة القرب الا ان العبد انما یبعد
منه لاجل قسوة القلب بارتکاب المعاصی والا فهو اقرب الیه قال الشیرازی بیت
دوست نزدیکتر از من بمن است ٭ واین عجب ترکه من ازوی دورم ٭ فاذا العبد
البعد ذاته علی احد فلیس شیء ابعد منه لم اذ هو شیء لیس کمثله احد فان قیل
ان القاء النظر علی قلب المرید لیحرک ویذکر الله تعالی هو مقصود من الارشاد ایضا ولم
یذکر فی ذلک قیل انه یحصل بالصحبة والارشاد الثانی فلا حاجة الی ذکره وفی المکاتیب
الاحمدیة تخفیة ذات الله سبحانه بسبب قربه لا بسبب بعده کما اشار الیه المرشد الاجل
حیث قال اقرب فی الوجود والبعد فی الوجدان قال المولوی بیت نحن اقرب گفت
من حبل الورید ٭ تو فکندی تیر فکرت را بعید ٭ چون دبیرستان صوفی فانوسته ٭
حل مشکل را دو زانو جا دوست ٭ هر که او گردد مراقب خویشتن ٭ حاجتش نبود
قیامت آمدن ، منها المقصود من الارشاد هو الصحبة والثانی ترک رضاء النفس
فی رضاء المرشد والارشاد الاول تعین بینه وبین المرید وکان فی زمن الصحابة
رضی الله عنهم مطلقا الصحبة عند خیر البشر اقول قال المولوی بیت فقر خواهی آن به صحبت
قائم است ٭ نه زبان درویش بکار آید نه دست ٭ چون شوی دور از حضور اولیاء ٭
در حقیقت گشته دور از خدا ٭ خاک پاکان لیس و دیوار شان ٭ به که با عامه کل و
کلاه دار شان ٭ بر دل خود کم نه اندیشه معاش ٭ عیش کم ناید تو بر درگاه باش ٭
پیش شاهان گر حذر باشد بجان ٭ لیک نشکیبند عالی همتان ٭ همچو روح تو با تو
حاضر است ٭ نصرت از وی خواه که او خوش ناظر است ٭ زنده گیر تن مجو از عیست ٭
کام فرعونی مخواه از موسیت ٭ معجزات از بهر قهر دشمن است ٭ بوی جنسیت
پی دل بردن است ، منها التوحید امر بالعکس ان تکلم بها کما کانت لا تفهم
کل احد ولا یقیم علی طریق الارادة بل یظن الناس انه مجنون قلت فی الحدیث
لا یؤمن احدکم حتی یقال انه مجنون بیت از وصالش قرب جستم زان بعید

افتاده ام، بجد خواهم جست از وی تا قریب افتد وصالت، منها في السلوك
نكتة عجيبة واشارة دقيقة لا يفهمه الا الحديد الفكر الذي يسمع كلاما واحدا
ويأخذ منه آخر قلت العلم نكتة والعاقل يكفيه م رموز عاشقان عاشق
بداند، وللحافظ اینکس نیست اهل بشارت که اشارت داند، نکته‌ها هست بسی
محرم اسرار کجاست، منها الوزير لازم للسلطان اذا اتى عليه امر من الحكم
او الخلع فوعظه او منعه قلت في الحديث اذا اراد الله بعبد خيرا جعل له وزيرا
صالحا وعند العقلاء هما محتاجان السلطان محتاج للعقل والوزير محتاج
للبخت ومن النادر ان يجتمعان في شخص واحد بیت شعر سلیمان است آصف
چنین وزیر، نور بر نور است عنبر بر عنبر پادشاه محمود و وزیرش چنین ایاز باعث خوبیت
به حد دراز پادشاه چنین موسی چنین هارون وزیر، نه چنین فرعون وچون هامان الجبیر
دل تو پادشاه تو عقل تو وزیر، اینچنین شاهی و وزیری زا بگیر، منها احب قلبي
وما درا بدني، ولو درا ما قام في السمين، قلت هذا بيت الشبلي قدس سره قاله حيث
سأل الناس عنه عن اظهار دعوى المحبة وكان في البدن سمينا وفي الملا تنبيه على عدم القرار
والآرام يكون في حالة الياد كرد واذا حصل له مقام الياد كرد داشت نجا منهما
وسكون لمن بعده حق اليقين حاصلا فلما كان الحبيب حاضرا عنده مع وجود ان
تركه فلا حاجة الى عدم القرار بل يكون عدم الجمعية لمزيد القرب
بخلاف عشق المجازي بیت آن را که در سرای نگار است فارغ است، از باغ و بوستان و تماشای
لاله زار، منها يحسبون الناس ان معرفة الله تعالى شيء سهل ولا يحسبون انه ليس
اشد منه الا ان يسره الله لاحد قلت قال الله تعالى ام حسبتم ان تدخلوا الجنة ولما ياتكم
مثل الذين خلوا من قبلكم مستهم البأساء والضراء بیت هر که عاشق شد اگر چه نازنینی

عالم است تا تا زیکی را نست آید بار می باید کشید • نقل عن ذو النون المصری انه رأی
رجلا اصفر اللون وضعیف الوجود فسئل عنه أ انت عاشق قال بلی قال معشوقک
قریب عنک او بعید قال قریب دائم فی بیتی مونسی و فی نظری حاضر قال کیف یکون
فراقک قال انت غافل من احوال العاشقین ان حذر الزوال اشد من رجاء قرب الوصال
بیت چنان فراقش یاد می آید زصد بار یک تر گردم • چو روزی وصل یاد آرم شوم
در حال زار • شربه فقال الحافظ • پرسیدم از طبیب احوال دوست گفتا فی قربها
عذاب فی بعدها سلامة • منها ان مقصود الطالب ان کان صادقا فی الطلب
فیحصل لبعض فی الدنیا ولبعض فی حالة النزع والا بعد الموت البتة وهو القرب
ولیس القرب انه تعالی متحد بمعنی یظهر علی کل احد ولیفهمه هم ذوق این می نشناسی
بخدا تا نچشی • قلت فی التنزیل من جاهد فینا لنهدینهم سبلنا بیت • گر بیاید نشاید
بدوست ره بردن • شرط یاریست در طلب مردن • منها من ان انه تعالی قلبه
خطرة سوی الحق فهو دخل فی سلک الفقراء قلت وهو اتی خطر قال رحمه ربه
وهو کل ما حاک فی الصدر بیت غیر خدا هر چه پرستند هیچ نیست • بیدولت
آنکه بهیچ اختیار کرد • از حادثات دهر به آن صوفیان گریزند که زیر غم کنند
زنا بوش شادمان منها طریق الفقراء اکثر من سلک فی اتی طریق منها لسوف یصل
الی المقصود قلت عن علی رض من طلب شیئا جد وجد ولو مات فی ذلک الطلب
مات شهیدا ویبعث یوم القیامة من زمرة الاولیاء بسبب الطلب والحب لقوله علیه السلام
من احب قوما فهو منهم منها یزعمون بعض الفقراء ان تحرک الراس فی الذکر مقصود
کلا بل لحن الصدر وتحرک الراس وعدم القرار والوجد عند السماع یکون من اول

احی ووقی الاحوال وهو غلط عند المحققین قلت هذا مصرع بیت السندی دلیل علط
ذلکم سبحری بسیار زین سی نکین زر در نجون نکین وقال المولوی بیت راه فانی گذشته
راه دیگر است زانکه هشیاری گناه دیگر است عارف آن باشد که او فانی بود هرگز
فانی نیست عارف بکه بود منها المتاع للفقیر ما یکفیه ان ترکه لا یخطر الیه وان
حمل لا یشتد علیه والزائد منهما هلاکه قلت هذا الحدیث نجا المخففون وهلک
المثقلون ما قل وکفی خیر مما کثر والهی اقول متاع الدنیا کمثل نهر الطالوت
ان الله مبتلیکم بنهر فمن شرب منه فلیس منی ومن لم یطعمه فانه منی الا من اغترف
غرفة بیده وعن حجة الاسلام امام غزالی قال فصلها الدنیا المعیة اشیاء آتاه الله کما زین
للناس حب الشهوات من النساء والبنین والقناطیر المقنطرة من الذهب والفضة والخیل
المسومة والانعام والحرث ذلک متاع الحیوة الدنیا بیت پس ای از سی سال این معنی محقق
شد بخاقانی که یکدم با خدا بودن به از ملک سلیمانی منها من حصل له شغل الهوی
در دم فباقی الثلاثه هما صلا له منها بین الانسان والانسانیه فرق عظیم وصفته
الانسان تحصل فی الانسان بعد حفظ مدتی والانسانیه موهبة الله تعالی لا تحصل
بالتکلیف الا بعونه تعالی قلت بیت آدمی را آدمیت لازم است ور ندارد بوی
صندل با هیزم است منها لا یحصل بجعل الادویه الشفاء الحقیقی وربما الاشیاء المضر
للمزاج یکون فیه منفعة وربما الاشیاء الموافق للمزاج یکون فیه علة للعلیل وتسکین
الادویه دافع للمتوکل والرخصة ثابتة فیه لقوله علیه السلام تداووا یا عباد فان الله
ما خلق داء الا له دواء الا السام والهرم والسام الموت کذا فی المشکوة للعلائق
جعفر البولکا ... قلت قال الحاجی ... طب کم تعانون ... یا شما ... عده

برون

بیرون نهاد لیک نهان ساخت بر اهل طلب روی مثبت بحار سبب منها یحبون
علماء الظواهر ان یکون وجاهتهم فی الجزء والفقراء بخلاف ذلک قلت شعر علمی کرده
بروشت برد و ورد در کتاب نیست، و اینجا که خوانده‌ایم همه در حساب نیست منها
القلندریة من قسم الفقراء وهم قسمان اما الاول فهو من ترک الدنیا واسباب السلطانیة
واختار نهج الفقر والخلوة وتبرسم بهذا الاسم الزهاد وسمی فی تخریب الرسوم والعادات
واداء النوافل والطاعات والثانی من یکون ظاهرا فیه وباطنه فارغ عن جمیع تعلقات
ولا یؤوی عنه سوی الفرائض ولا یطلب مزید الاحوال ولا یتقید باخفاء الاعمال من
نظر الخلق ولا تردد عن نعت الخلق او ذمهم واستکمال اسباب الدنیوی منسوب
وقانع بالقلب عن مزید الاسباب او نقصانه کما قال سبحانه لا تحزنوا علی ما فاتکم ولا تفرحوا
بما اتاکم وحجر نفسه عن قبول الخلق او ردهم ولا یعرفونه احد الا الله اولیائی تحت قبائی
لا یعرفهم غیری وهذا القسم الثانی مشتبه بالملامتیة فی بعض الاحوال الا انه فرق [?]
لو منه الایم [?] وقال ابو علی القلندر بیت کر بو علی نوائی قلندر نواختی صوفی بدی
هر آنکه بود عالم قلندر نیست، منها ما فی الحدیث رجعنا من الجهاد الاصغر الی الجهاد الاکبر دل
هذا الحدیث علی ان النبی صلی الله علیه وسلم اختار عمره خلوة واکثر المشایخ من المتقدمین یجعلون
فی آخر الایام خلوة وحصل لهم تمنی تمام عمره کما فعل ذلک الامام الاعظم والمجتهد
الاقدم حیث بقیت من عمره سنتان فترک التعلم واشتغل بقراءة القرآن ولما مات
رآه احد من تلامیذه فی النوم فقال ما حالک یا امام فقال غفرت ولولا السنتان لهلک
النعمان وللفقیر حصل هذا التمنی فی حالة الخلوة فی المجلس قلت قال الله تعالی
اینما تولوا فثم وجه الله والمولوی بیت خلوت از اغیار باید نه زیار پوستین بهر دی

آمدنه بهار را منها الفقراء لا يجعلون لاحد طريق التودد واذا يجعلون لا يقطعون
الا حتى لقيطع عمدا منهم قلت نقل عن سلطان كان في زمان السابق انه رأى
جماعة الفقراء فقال ارني فايدة فيكم قالوا من احب الينا ذهب اليه ومن نغضب
علينا ذهب ايانه قال السلطان لا احب اليكم ولا نغضب عليكم وفي الحديث المرء مع
من احب ومن تشبه بقوم فهو منهم بيت حب درويشان كليد جنت است دشمن ايشان
سزاي لعنت است منها الصفات السبعة مشترك بين الله تعالى وبين العبد
بيت ام سميع است هم قدير و بصير متكلم مريد وحي و خبير وعند البعض التكوين وهو
الثامن والله سبحانه مستغني عن الصفات قلت المعاني بيت هستي واجب يكي آمد ذات
هست متعدد ز شيون وصفات كثرت صورت ز صفات كثيب وسبق اصل همه وحدت
ذات است سبق بين كه بعالم ز سمك تا سما نيست بجز واجب ممكن نما بحر يكي موج
هزاران نما روي يكي آينها بيشمار منها في النفي والاثبات ثلاثة اشغال الاول
لا مقصود والثاني لا موجود والثالث لا معبود وطريق النفي اشد على الطالب الا بعون
المرشد حتى طلب شغل النفي عنايتها له بلا حجاب ويصل بالمقصود وطريق المراقبة
هو اهون على الطالب قلت في المكاتيب النفي صيقل للقلوب والمراقبة انتظار المحبوب
وينبغي للمريد عند المراقبة ان يراقب مثل رقوب الهرة للاخذ الفارة حيث وقفت
النفس بالكلية وفي الحديث انكم في الصلاة ما انتظرتم الصلاة بيت انتظار
دوست بردن دوست داشتن بود هم وقوف قلب باشد يادهم كردن بود منها
ان السالك كل ما يراه من الافلاك والعروج عليها والتجليات الذاتية والعارضية
وغير ذلك من الانوار والالوان كلها ظلال الاسماء وعكوس التعينات واردة على القلب
والمقصود هو القلب وينبغي حفظها دايما عن الاغيار قلت في الحديث لا يسعني

في الحديث المنتظر
للصلاة حتى نبي
الصلاة
في ضحيان

ارضی ولا سمائی ولکن یسعنی قلب عبدی المؤمن وقال الجامی بیت کلهای جانفزا
که بگل کاشتند آرزوی غنچهٔ دل در سرشتند چرخ و فلک آنچه بود در خوشی و آنچه خرد نام
نهد عاملش در سعت دائرهٔ دل کم است تا آن همه چون قطره و دل قلزم است
آنچه خدائی همه گنجد درو این همه پیداست چه گنجد درو منها بعض اهل الظاهر
علی ان الاله هو الجزئی کلا وهو الکلی عند المحققین قل کل من عند الله قلت اذا کان
غیر الباری کلیا کالحیوان عند المنطقیین فلم لا یجوز ان یکون الباری کلیا والانسان
من حیث الناطق هو انسان فهو الکلی والزید من حیث هو زید فهو الکلی الا الجزوی
بیت جزو با کل متصل در هر امور بلکه کل بی جزو نامد در ظهور وقال الحافظ
کلش حسنت نخواشی دل فروزه ما دمی است دهقان بگذاشتیم منها یتمنی بعض
العارفین للموت منهم المولوی الرومی حیث قال بیت روح دارد بدن بی کار و بار
مرغ باغ در قفص بس بیقرار مرگ کرا نیز جمله از و در وحشتند مسکنند این
قوم بروی ریشخند که او نباید بر دل ایشان ظلمه بر صف آید هزاره بر کمر
چونکه اندر مرگ بینند صد وجود همچو پروانه بسوزانند وجود شد هوای مرگ طوق
صادقان که یهودان را بدان دم امتحان اقتلونی اقتلونی یا ثقاتی ان فی قتلی
حیاتی فی الحیوة یا منیر الخد یا روح البقا اجتذب روحی وجد لی باللقاء حبیبی
حتبه لیشوی الحشاه لو بدا لی یمشی علی عینی مشاه والشیخ المجدد رحمه الله تعالی لا یستحسن
تمنی المولوی بل ورد الاعتراض علیه فی هذا الباب وقال اذا کان الله تعالی راضیا
فی الحیات فهو خیر واذا کان راضیا فی الممات فهو خیر قلت فی کتب الفقه
تمنی الموت مکروه الا اذا خاف الوقوع فی الکبائر کما لا یخفی وفی احادیث القدسی

من لم یصبر علی بلائی ومن لم یرض بقضائی فلیطلب ربا سوائی ولیخرج من تحت سمائی
بیت از رضا برتر نباشد منزلی، تا ب این میدان ندارد هر دلی، کل شیء هالک
الا وجهه، چون نه در وجه او هستی مجو، چون فنا راشد سبب بی منتها، پس کدامین
راه را بندیم، در بلا ذوقی همی بینند خاص، گوش آن باشد طلب کردن خلاص،
همره غم باش با وحشت بساز، میطلب در مرگ خود عمر دراز، قابلی جوئی از او قابل
شوی، وصل جوئی بعد از آن واصل شوی، منها نهایة طریق التوحید حصول
العجز قلت العجز عن الادراک ادراک بیت انتهائی کار بیچاره شدن، راه گم کردن
سوی راه آمدن، منها الفناء وعدم وجدان الوجود فی استغراق المعبود کما حکاه
عن عایشه رض عن النبی صلی الله علیه وسلم فقال النبی صلی الله علیه وسلم انت ای امراة
فقالت انا عایشه فقال ما العایشه فقالت بنت الصدیق فقال ما الصدیق فقالت
هو اصهر محمد فقال ما المحمد قلت هکذا نقل عن بایزید البسطامی حین سئل عنه
شخص فقال قد مضی مدة کثیرة اطلب بایزید ولم اجده وقال المولوی بیت عارف آن
باشد که او فانی بود، هر که فانی نیست عارف کی بود، هست از روی تجلی ذات شاه
نیست گشته وصف او در وصف هر، سالها می بود او را در پرست، چون که
او آمد ز خود کلی برفت، چون زبانه شمع پیش آفتاب، نیست باشد هست
باشد در حساب، پیش شیری آهوئی بیهوش شد، هستیش در هست او روپوش شد، منها المقصود هی حفظ الحق وهو لا یحصل بقرائة الوظایف
قلت فی الحدیث القدسی من شغله عن ذکری عن مسئلتی فاعطیه افضل
ما اعطی السائلین ولذا قال القائل انین المذنبین خیر من زجال المسبحین
بیت غلغل تسبیح شیخ ارچند مقبول است لیک آه درد آلوده رندان را قبول

دیگر

دیگرست منها لیس الدعاء احسن من طلب المغفرة والعارفون یطلب القرب
فی ذات الله تعالی قلت قال الجامی بیت از خدا خواهند غیر ذات خود دردا ابداده
این بود باعث بیاعت سر استغفار شان منها لا تعلم ولا تحفظ من ابیات
السید عبد اللطیف الا مصراعا واحدا وهو هذا مصرع وشیلا و سار ربدا توکل جو
تر هو قلت تمام هذا البیت لکانیدی لطیف جی پرتته تهیکر یاره تون
کر کهیم جار ریشه دون سین با جونه کری منها کم من مرة جسیت ان یترک
الا یترک الکل جمیع الادویة حتی الجلاب فلما وقع مرض دآء الحیة فی الوجود
اتفقوا جمیع الجماعة علی تناول الادویة فقد علم ان فیه موافقة الحق ولا طاقة
لاحد ان ینفر من موافقته انتهی وهی رایی بلا مری منها المراد انکار شرط الطریقة
ان لا یرجع الرجل القهقرا من کل شیئ فی کل حین حتی الموت وهو اشد علی الناس
الا علی الفقرا بیت دلا مردانگی زین زن بیاموز بهنگام شیوه کن شیون بیاموز
غم خوف جوی یا کاین غم نداری چکنی ماتم که این ماتم نداری قلت بهمت بلند
باید عشاق همت می باید مرد چنین همت در کاشتعال لکنه منها المرشد من
یوصل المرید الی الحق او اراه سبیله ومن لا یقدر علی هذین الحالتین فهو لا یلیق
مرشد ولا هو له مرید صادقا قلت فالمقصود من هذا الارشاد المشتغل بنا به هو تجرد
الاشتیاق و کثرة التوابع للاعیان الی الحق والنظر الیه کما یفعل ذلک
بعض صوفیة زماننا وفی التنزیل من یهد الله فهو المهتد ومن یضلل فلن تجد
له ولیا مرشدا منها من ترک خطرة سوی الله فقد حصل مراده قلت کما فی
الحدیث من جعل الهموم هما واحدا کفاه الله من جمیع الهموم ومن جعل الهموم همم

الدنيا لم يبال الله بواديها واد هلك وقال الشيخ البهائي سه علم دين خور كه غم غمي
دين است بلم عم هائی فرو تر دين است ولكتابي بيت يكی بجوی ويكی د[illegible] قاد
يكی گو بجو ويكی خواه ويكی خوان ويكی جو منهن الاناس ان لقاى فصل الجزئي
حاصل للولي والكلي للنبي والجزئي في بعض الاوقات اعلام الكلي كما سمع النبي
صلى الله عليه وسلم دق دق نعلين البلال في السماء السبع ليلة المعراج فتحير
رسول الله صلى الله عليه وسلم عن شأنه وكان آدم على نبينا وعليه السلام بنيكر
رغ اعطاه اربعين عاما من عمره لداود عليه السلام اذا جاء ملك الموت عنده
حبا بحيوة الدنيا ومن شأن الاولياء ان يتركوا رضاء الكل في رضاء الرب
في الحيوة او في المماة تم يا رضائی دوست بايد بار رضائی خود گذاشتن فلذلك هذه
علامة المقربين ددأب المحققين الذين لا يتقيدون بالظلال الا الاصل
كما قال الحافظ بيت جهان فاني او باقي فداي شاهد و ساقي كه سلطان دو عالم
را طفيل عشق مي بينم ، منهن الارشاد ينبغي له ان يخرج الغير عن نفسه و اثبت
الحق بلا كيف و تكليف حتى تلقين المريد بالتوجه والارشاد والا فلا
فائدة للمريد وطريق الترقي مسدود له اقول الشيخ اذا لم يخرج ما سوى
الدينونة عن نفسه بالكلية ولم يثبت ذاته تعالى في قلبه بلا كيف فكيف
يحصل للمريد فائدة في توجهه فانه طريق الترقي له اذ كل ذلك مبني على
اثباته تعالى وحيدا عند التوجه كما لا يخفى فتدبر منه احسن الموت قليس
بحمله انتهى

فتح الفضل عربي جو عڪس

تاليف شيخ عبدالرحيم گرهوڙي



لا ينفع عند النفس الاخير علم الا سلك الذكر والحضور قلت معنى ملك الذكر ما
اشار اليه السعدي في ديوانه بيت سعدي مپندار شكر در كام تنگان
چون در نظر دوست نشيني همه كام است لا يهتدي من جادلنا
وانما يهتدي من تبعنا قلت في الكتاب الزكية بوجد الفقه من حمل
المرشد الهيتي ولهذا المسكين شعر گر او تابع شوي شرع رشدا و اصول
الفقه راه رشد اصل الفقه حيث راه نما شاه آن مرشدست راه نما
مرد جامع رسيد بالاجماع ور دلالة رشيد جهل نزاع نفس حرو
نيست در درون باقي بجلاء ش حجب را شود ساقي قبطرا خون
سبطرا صافي همچو قرآن فضل تو مادي نفي كل اثبات بوجود لا
تا به بيني مستي معبود را قلت في الحديث اصدق كلام للبيد
الا كل شيء ما خلا الله باطل وقال العارفون الكون اول الطريق النفي
ما سوى الله اول طلبه واما آخره فتثبيت انه لا إله الا هو كالحباب
والاخيته [illegible] علاج البحر وما هي الا ان تحلت [illegible]

عملك والتحقيق ان لا تحتجب باحدهما عن الآخر ما نوشتيم ما از جسمها

موج دريا هر دو مى بينيم ما . يعنى عليك بالرضاء بالقضاء بين يدى الله 11

والرضاء بما يفعل بى وكلت امرى الى الحبيب فان شاء احيانى

وان شاء اتلفنى سوى الغرض تتوطف ام جفا وشرب عذب

بكدر ام صفا انما نحن على التقدير وترك التدبير فانها جنة ونار 12

بيت اتو بهر اراه جى متى كرد كار خويش و يجار تكا ماك دورى مكرى

قلت ولنعم هذا القول من القول الفصل نفيح الفصل وقال

الحافظ بيت برو زاهدا خرده بر ما مگير كه كارى خدائى نه كاريست

خرد اى نخى على صنعه لا على صنعنا كان زاهد وهذا المسلك

بنده با تدبير اينبرون زد سار اه ... وقال الصاحب

قدم ز دائره اختيار بيرون آر كه سود هر دو جهان زين سفر توانى يافت

وللعارف احمد بن عطاء الله قولى فى كتابه المسمى بالتنوير فى اسقاط

التدبير ان فارق بين اهل الهواء والفناء والارضاء ... 13

المرشد يرى المريد آموزجا كتب الاولياء ان كان قبيل بقيم سالاصل كل قسمار ولا ماكي يدركانع 20

مي زي كني مانند طفلان حاكبازي تو لي اللذت بعد وبرم كشتم كر بود نت اشتيان برو اولي

كاخ قال بعد الابيات تنبيه على الوعظ وطرق الرجوع اليه والاتصال به ورفع الاحتسب قلت 21

قال الغزالي من لم يقنع باليسير لا يزيده الكثير الا غنا وجهل اهل الزمان يسمعون

عن الاموات في برونهم فروية النبي جائزة ورواية ولو تحقق وقوع الاسم المكرم يمنع

الكذب ابي حنيفة كانت قلت قال العلي القاري في شرح المشكو المسلم اهل الحق مطلقا

على الصحيح انتهى وكتب من سر المرشد اليه ان يبلغ سلام على قبر جده المحموم ادم التقوى فاذا

ش فيه ثم اشترط وفاق الحليم محسان واخي المحققون ما قاله المرشد الاحد اعلم 22

الاحدية قوله منها الطالب الذي قدر على الشيء كل ما لا يكتب ولا فائدة واما الشي كل كلاك على

مخلوق فبطالته الانسان هو الحيوان الذي المحسوس عرفا وحقيقة الانسان الانسانية 23

د ي حقيقة تريد على الانسان بجزوين بعد وهما الدرج ماة وعشرة والسوال عن الحقائق الذي سلم

اللذي تعلم على فهمها علاج الخوف للمريد احضار صورة الشيخ سواء كان الخوف 24

من خطرة او صورة اخر قلت قال الحافظ در آن روزي كه كس راز نيز سد من ادري مخان 26

منتشر بردم الاسم المطلوب هو الاسم الذاتي واخر الحج لبذكلو او ماكان الله الذي

خمس ... بن احمد ...

ولا نقص شيئا الا عن احد لكن عرفان الذات نادر ونقطة العلم ليست الا ذلك قلت قال الله تعالى

اذا دعي الله وحده كفرتم وان يشرك به تؤمنوا واذا قيل لهم لا اله الا الله يستكبرون وقال النبي

للطلب فان فهم الا الكافر تصور الكل ولطف على كبير انواع الخطرة لا دنيا في الايمان قال النبي 27

من كمال قلت في الكاتب الاحدية الخطرة المذموم تسمم المبتدي والمتوسط بخلاف

المنتهي وسببه ان عروج الانوار الى الاصول يبرز ظهور الاكدار قال صاحب الوصول فكما صفى

الباطن يكدر الظاهر وقال المولوي — این نجاست ظاهر از آبی رود وان نجاست باطن

افزون می شود وکان المرشد للجلال يحب هذا البيت كثيرا وبالجملة الكل منزه عن الله قال الله

الا الله لا نصير للامور فعلم المرشد لاجل ما قيل ورد قال المولوي — صورتش از بی صورتی

آمد برون باز شد انا الیه راجعون — راجع آن باشد که آید بعد سوی وحدت آید

از تفریق و من از درخت برگ حسن افشان کنم — زین جهان خود را همی پنهان کنم

چشم بندم خویش تسلیمی کنم اندر آن شهر که نی زین سان رسم — شرط تسلیم است

نه کار دراز با تو گفتم ای پسر گر چشم باز — الایمان بلا شرک قلیل قال الله تعالى 28

وما يؤمن اكثرهم بالله الا وهم مشركون — من استعان بمخلوق ويقول ... 29

هوى الله ... الاكبر الاعظم الكافي عن كل ما سواه ...

رشحة

قلت من لم يرى هذا الأكبر فلم كيف يراه عند الجهل الحقيقي في الحشر الأعمى الأعمى ومن كان
في هذه أعمى فهو في الآخرة أعمى قيل للمجنون من قراءة القرآن قال أنا حافظ سبحان 30
الذي أسرى بعبده ليلًا فقال لو شق من يكيد اسم المعشوق العلم وضع للذات بلا صفة فإذا 31
علم أنه موضوع لها مع جميع المتضمنات ومن كمال ملاحظة للذات ظهر الصفة فهو
كمال التوحيد التوحيد قصر الشيء عن معارفه فيراه ويعلم شيئًا لا شيئًا كذا وهو 32
هو المراد بقولهم التوحيد إسقاط الإضافات قلت والله إن رأى فقد حون
صاحب محجوب كل أرباب نطق نشت كرد ولم خواه كر از رسخود فشر كنم = العوام 33
يرون ولا يرون منشأ ما رؤوه والعارف يراه ويرى المنشأ وهذا هو الإدراك
البسيط والمركب والأول غفر والثاني ذكر لكن رؤية المنشأ لا يكون إلا لأهل الحيرة
ومن ثم كان الفلسفي في تعيين الأسباب غافلًا أو كافرًا والرؤية الصحيحة لأهل الله المسندين
الأشياء إلى المنشأ والأول الذي لا منشأ للأشياء فإذا كان السحاب في المطر ونحو ذلك
غلط الأول لحدة ذكره يعبؤوا أنه فعل الله المثمرة فيوله عن الأغراض قلت في حديث الأصول
لا معنى للمناظرة والتحقيق لأهل الظاهر وما خفي الحكم انتهى يعني وجدان المنشأ وسبلي
لو حدد ان النسبة والأسباب ظاهر وعلم من أين قتلني سارق في حوزتي البصائر.

يستقل ذلك وهو في كل سنة مع ان فهم اهل البدية الغافلون عن ما كان بين الكلوم وبوبيه حول
الاصوليين الاصل عدم المعارض ولا يترك الاصل المحقق بالشك في رفع الحامل بالموقوف على 36
الناس غير معلوم قلت في الاشباه الوقف محكم اي حاكم من جهة الشرع وفي جامع الرموز ما يفيد الطبائع
السليمة كلب اصحاب الكهف سند الكلاب على الباب قلت قال الفقهاء اقتناء الكلب للحراسة 37
او منفعة آخر جائز معيار صحة التفسير وفساده موافقة الواقع وعدمها قلت قال الفقهاء 38
هذا معيار كل قول لان الصدق ما يطابق الواقع والقرآن كله صدق فوجب ان يكون تفسيره
ايضا صدقا لوجوب وفاق التفسير للمفسر فعلى هذا التفسير ان الصلوة تنهى عن الفحشاء
بالصلوة الرسمية غير صحيح لان الواقع عدم نهيها مع ان الواقع لا يخالف فخلاف ما قد صح فيفسر الصلوة
بالصلوة التي هي ما حقيقة العباداة كلها ليحصل وصل الادم اولادها وفي الحديث من لم
ينهه صلاته عن الفحشاء لم يزد من الله الا بعدا او في الحديث الآخر الصلوة معراج المؤمنين قال الله انها
لكبيرة الا على الخاشعين قال الحافظ در اكبر مشكاة حقيقت شود بيدا بشر مقدرش روى كو
عمل بمجاز كردو لهذا المسكين اين خلاف رسلف در تفسير عابش از مثال ها تعبير شرح
جائز بمرادف وتمثيل لكل تخصيص خلاف جز بدليل وتحقيق هذا المبحث في اتقان السيوطي
تأمل القرآن يغني عن تفسيره قلت كذا تامل من فني هواه في حب مولاه وقال محي الدين 39
ابن العربي ان القرآن طالب للمثاني والروح الروح للادوانه يقول الكسا 40

كلا آية يطوروا اهل الظاهر بطور آخر وليفهم الكريم لا يكلف الله نفسا الا وسعها على الادراك

قلت كان المفهوم من الرأي الشريف ابقاء النصوص على الظواهر وعدم ملاحظة المواني في مراتب الجمع

والتلويح والايماء القرآن على لغة العرب تنبيه لا الاصطلاح جلب الحادثات وفي الكشف الملاح غش

القرآن تنبيه جهال العرب مواصل لا مصححة وتقليد الغير ولهذا المسكين بنظر خطور در كوري ميران دو خاطر در كلم

41 سخن عالي ان نظر به الجمع قول الاصوليين البيانيين لعموم المجاز اعني الكلام الواصل [illegible] اكمل قلبهم الى

الشاهد الاحق قلت كان يقول هذا اذا اشتبه مراد عبارة نصا او اجتهاد وهو كقول اهل الاصول علم المشكوك

وبوضح المراد وقد اشتهر ان الشجرة تبنى على الثمرة وقال الفقهاء [illegible] حالة [illegible] امثال او حكم

علم الثبت هو جهة الهادي في كل مقام لان الفرع شرح الاجماع ولهذا المسكين [illegible] شرح موجود است

42 شرح موجود كيف مقصود است اذا اتفق رضي الله عنهم ان الاصلان فالمعمول الاصل والاقرب اليه هو الارجح

43 قلت هو مسألة مشهورة في الاصول ان الفقير والفقيه لا يصدق الا بوفاق الاصول فمن قال

44 قول لا يوجد السند من الاصول فهو غير صحيح قلت للجامي رحمه الله [illegible] فال الاوقال اكرام

هت براهل فضيلت فضول الا التي عرض يوصل صاحبه الى الجنة والبخل عرض يوصل صاحبه الى النار

45 تحكم الحديث للفقير من اخص خاصية الفقر الا كامل من رسم رسمهم قلت وما احسن ما قيل

آدمي را آدمي لازم شد كر ندارد لبوى صندل اسپرم شد وهذا معيار صحيح في مورده

١٤

46

البهجة

في مخزن الحقائق والشبهات قال الفقهاء في باب الكفارة الاقرب للمولى في الا القصوى ينبغي للمؤذن
عدم الاكتفاء للمؤذن بقول انه حان الوقت مالم تعينه قلبه لان السؤال يوم القيمة لكل احد
عن راسه لا الراي غيره فلعل للمولوي تنبه بان الاصطلاح هند مدح سنده بان را
اصطلاح سند مدح وفي شرح الشرعة افتى الغزالي بانه لو صلى منفردا خشع
وفي الجماعة لا فالانفراد افضل انتهى وفي الحديث ان الله لا ينظر الى صوركم
بل ينظر الى قلوبكم وقرر في الاحياء ان الاصل هو الاستغراق من القلب والاشتغال
بمتكلم ابدا وهو اقرب من حبل الوريد فالاستماع والانصات المامور وعلمه الارادة
النقشبندية حبا لعشق الذات الاحدية والسماع القرآن افضل من التدريس كما في الاشباه
وسماع النفسي اعلى من سماع اللفظي لان الاصل هو السند [illegible] وماكنت من بني الله
بل ان تقوم [illegible] قال العلماء لا ينبغي كتابة الشيء مالم نفهم [illegible] الوحي هو الاذ [illegible]
فكل يعرف اذا الحجة لا تقوم على من عجز عنها فان الجاهل الشيء غير مكلف
وقال العلماء كل مكلف بما عنده لا بما عند الله فالناجي من عمل بما علم وغيره
محجوج بذلك العلم وهذا كتب في تفسير العلم الذي [illegible] والحجة [illegible] عند الله
مبعوث الى الناس كافة بل الى العالمين قاطبة حتى [illegible] الاستة [illegible] نظر

ومشرب الطالبين فانهم مكتفون بالمقاصد كيف ما حصلت فنظرهم الى قضاء الحوائج ولو من بيت الدير
قلت قد مر شرحه في اوائل الرسالة ان الايات حجب يسير بوادها حتى زوال الغايات ولحذف مبادئها
فانظر الى جانب الذوق لا الى الصور فان الحقيقة وراء الصور = الفقر هو المرض وما سوى 53
الفقر عرض وخلق الفقير الرد ولا كذلك الفقر الحقيقي تعلق القلب بالمنوم دون النوم فان
اجتمع الفقر الظاهر فهو الكمل كذا في مكاتيب الاحديث = الرسالة و النبوة قيد وتعين 54
والفقر ترك المراتب و القيود كلها وهو اولا اشد منه ظهورا وبشرا او الا خفاء وعسرا
وتعلقه بالقلب والعلم فقط تحم سخن كر مكند مستمع قوت طبع از متكلم محو = للامور 55
التي نهت القران عن كتابه في الله و نان ان لم تثبت والدعوة فهو مثل الاوثان قلت في الاولى
ان مفهوم الذم والعقوبة معتبر عند الكل = صدر از الا كيمي حق آفرين كيميائي بحر صبر كن نبيد 56
قلت قال الحضل الاولياء لمريد عند الارشاد روق قناعت كزين كرده عالم كيمياء باز قناعت
وقال العلماء الخضوع الرضاء بالرزق المقدر وقال الحافظ ما آبروى فقر و قناعت نمي بريم
با باد شه بكوى كه روزى مقدر شد = كفتكوى عاشقان دركار رب جوشش عشق شد بي ترك 57
ادب قلت قد رسخته ان السلوك هو الخوض في علم الكلام وان التقليد على السلوك عند المرشد
وهذا البيت يفسر ان النهي غير محمول على غير صاحب الحال قالبز الغارض.

وفی الحدیث لن یؤمن احدکم حتی یکون الناس کالاباعر وهذا هو الکون بالله الباعث علی اظهار الحق
غیر مبال بالمی لغیر فلو او کثروا وقال الله تعالی ولا یخافون لومة لائم ولذا سمی سیدنا الصدیق رضی الله عنه
لانه اظهر الحق ولم یخف الخلق ومن ثم قال یوم موته صلی الله تعالی علیه وسلم اما من کان یعبد الله
فان الله حی ومن کان یعبد محمدا صلی الله تعالی علیه فانه قد مات وهذا هو الوصل الوحدانی المفسر
بظهور المعبود الذی هو مظهره وهو عزیز نادر بعد الصحابة رضوان الله تعالی علیهم وعلامة التوکل قال الله تعالی
وعلی الله فتوکلوا ان کنتم مؤمنین قال فی المدارک التوکل قطع العلائق وترک التملق للخلائق
وشرط ترک الحظ النفسی للعبد وحسن ظنه بالله ومن یتوکل علی الله فهو حسبه یقول من وکل
امره الی الله عن طمع وتدبیر کفاه فی الدارین وقال بعض المحققین التوکل التمسک بالحق
والانقطاع عن الخلق وبهذا انهم معنی ابیات الجامی قدس سره ای کشیده عقل را پرده دری
کسب اسباب بود پرده گری شد که بر خرمی همه را یکسو شو واز سر ار حقوق زانکه تو بر داری هوای میکده
ترک سبب بگو راه طریق اهل ارادت توکل است و معنی ابیات المولوی شده است هستی نیست هر کو
صادقست عشق طوفان نیز باشد غذای عاشق است جمله قرآن است در قطع سبب عز درویشی
هلاک بود ای حیات عاشقان در مردگی دل نیابی جز که در دل بردگی جمله عالم
زین غلط کردند راه کز عدم ترسند و آن آمد پناه من نیم جز عون کایم سوی نیل سوی آتش می روم
همچو زخیل چیف زدرویشی کریز انند خلق تقوی حرص امل زانند خلق وهذا هو

و في الحديث الدين النصيحة و واعظ الله في قلب كل مؤمن والمؤمن من يحب لأخيه ما يحب لنفسه ٢

قال المولوي رحمه الله گر نگیرم فلی چشمی حق مردود نیست و في كتب الفقه لا حجر على العاقل البالغ لصحة

نظره حينئذ والسلطان وما من إله ويار قال تعالى وما كان لرسول او نبي او لا يأمرهم من انفسهم وفي الكتب

85 الاحاديث لكل طالب حقيقة مقصد لا حقيقة الحقائق حبيب توكل على الله ولو في قضاء والايمان والنفقات

عندك لان الايات آمرة بالتوكل مطلقة قلت ولأن ذلك ايضا من جواليك والتوكل من كل

86 امره كلما الحبيب حبيب انما حرم الكافي لان زكاة امسك الموت لسبب قلت فالموت بلا سبب ٢

ملاحظه [illegible]

كالدليل على ارادته المحل وخروجه عن القرب للحب وفي الحديث ان الله لا يقبل الا الطيب والروح

87 متعلق باخلاق الله لكونه مخلوق من امره لا نهيه كالجسم حب ما كان الطالب ما يقرب حاجته قلت •

88 فان ذلك يجوز مسالته ما ذا الكل وفي كتب الفقه الى جهة [illegible] من الاذان والعبادات ٣

89 وقت وموسم معين وحال مخصوص فالفاتحة في محل [illegible] مع كونه ام الكتاب [illegible]

الا المبتدي لانه محكوم الوقت وابنه الا المنتهي فابو الوقت وحاكمه فهو مختار حبيب الارادة وصف ٣

المريد لا المرشد فلا يرشد بورد المرشد ما لم يخرج منه بنفسه قلت شاهده واقعة كعب رضي الله عنه

حين هجره النبي صلعم ومنع الصحابة عن سلامه وكلامه وهو يقول مضمون هذا البيت شعر ٤

90 وصال تو نباشد بفراق خوش شوم هم فراق تو مرا به ز وصال دگران حبيب لا يعلم الطريق الا ٣

لمن ظهر انتقاد و ذلك كالمريض المحتاج الى الطبيب المسلم نفسه اليه قلت قال المولوي ٤

هیچ آب کم جو تشنگی آور بدست تا بجوشد آبت از بالا و پست لذت از جوع است

نی از نان نان وصل از شوق است نی از بر [illegible] تا نگردد کودک حلوا فروش بحر بخشایش [illegible]

103 = ينبغي للمحقق وغيره الجمع بين الفقه والحديث بأن يعطي لكل منهما النصيب لظاهر الحديث وباطنه

104 105 = لو بدا الطالب من أمور تشغله عنه والتفويض من مسلم بيده والرحم من المرشد فهما ينبغي الجلوس
بين أيدي القوم قلت في الحديث انما هلك من قبلكم باختلافهم على أنبيائهم ومن ترك المراد وحل هو

106 محق يعني ريب في [illegible] الجنة [illegible] قال انا عندي شرابا [illegible] والسكر واذا اسكر واطرب
وطلبوا فوجدوا فاتصلوا فلا فرق بيني وبينهم فالمطلوب من الساقي الرحيم هو هذه الشراب الذي
يجيء به البطل الرحيم ومن حمل كلام [illegible] كما الحافظ وغيره على الشراب [illegible] فقد خرج من زمرتهم
[illegible] بگوید وكسي كه حمل كلام عارفان [illegible] شراب [illegible] طاهر

107 وبينهم اذ لم ينظر في علمهم [illegible] أدام الفقر فهو الله قلت [illegible] المعبود قال [illegible] بيس [illegible]
شنيده [illegible] كرد [illegible] ازبي [illegible] خاك بر سر [illegible] وقال العارفون الرجل من لم [illegible]
[illegible]
چنين [illegible] وضعه [illegible] ولم [illegible] للمكاتب الاحدية [illegible] وزوال حب
[illegible]
الاشياء [illegible] وزوال [illegible] اليه فلو حصل الوصل بدون ان في كفى ذالك [illegible]
الصحابة فانهم [illegible] الوصل مع علمهم بالاشياء وتركت الصحبة انتهى [illegible] الله
الغني [illegible] الفؤاد فاذا زوال الفقر عن العبد وقع في الفنا وهو الوصول الى الله الغني ومن ثم
وقال المولوي اذا [illegible] الاشياء [illegible] ومن لم [illegible] الاشياء بالكلية لم يعرف الله وقال
[illegible] في [illegible] اذا حصل الفراغ [illegible] ولكن [illegible] ان المراد هو

[illegible]

[illegible]

المتلون بين الاطوار ههنا بصورة العلماء والتجار وفي حال الفقر بصورة

116 النار والجنة والحور والانهار ... عالم المثال عبارة عن عالم الخيال تملت والاحياء

الخيال في الانسان انموذج لوح الرحمن فالامور فيه كحروف الغرف في خيال الحافظ

والاعمال مكتوبة في لوحه انتهى وفي الكاتب الاحمدية عوالم الممكنات ... جسا

وامثال وروح ثم الوسط العلم بالاحوال والطرفان للاعيان فالا الصالحين ... ما تكلم

خيال بهارست ... وفصل بلبل بجز كل ... را وعلامت صحة الخيال

حكاية الاحوال كما هي بدون الالحراف والاختلال واذا تم الخيال فهو الوصال فالا الى

بي ترتيب بيرون شد ... درنسيم ... الوصال ... ان فقد علمت ان غير الخيال

امر عزيز ولذا قال الاكابر الخروج عن الخلوات ولو ساعة غنيمة قال الحافظ ... وصال دوست كرت

دست ... دهر ... مرادست ... رادي وكذا الظهور ... قولهم ... الله فالطريق

بالاخص اسقاط الاضافة المجازي ... دوست ... ازان ... كرانه ... وجود

ازدوست ... فالحجاب ... العلم الالهي ... المقصود والعلم الصحيح مجاهدة ... بالنفي

ومعنى ... بعض العارفين من طلب الذات دون الصفات ... رأى صورتهم ومراده الى

117 فقدم ... در ... العلم العرف ... ولعلم الله ... وانا للادري ما يجب الحذر

مقصود ... العلم العرف ... مانع ... من طلبه قلت قال الحافظ ... در ... درباب

والتحذير المذكور ليس ... كيف وقد جاء النهي بالادرة الطلب فقولنا ... الروح

118 الدبران ... قال ... خلقتكم ... قلت التناسخ الروحي ان يترك

119 الروح ... المرشد كالرسول ... الطاعة ...

[illegible]

عليه الباطل فهو عاوف بكل مذهب فاسد وبوجه فساده وبكل فرع وا قف
اصله وما لا يكون كذلك وبان مشا الاختلاف بين الاقوام المختلفين
انما يخالف الاهواء وبالا فالحق واحد منها المحبوب معفور لانه
121 صبور سكون منها الواصل الى الاعلى ساكت عن الحكمين ثلث وهو مقام
122 الجمع بين الحديثين وفي الحديث من حمت نجا منها القول الغير المعمول به
123 ضعف قلت ذالك لدفع الحرج والاصل قوله تعالى وامر بالعرف
وانظره استحال نعط غريب عند اهل البلاغة وفي المكاتيب الاحمدية
التعامل غير حجة الا ان يكون تعامل كل البلدان ليكون اجماعا عمليا او
تعامل عصر النبي صلى الله عليه وسلم ليكون تقريرا وفيها ايضا اذا حدث
البلوى نفتي بالا يسوى لم يكن مذهب لنا منا وفي الاشباه المذهب
عدم اعتبار العرف الخاص ومنهم من اعتبره والنص يسقط العرف
124 كذا في فتح القدير وغيره ... لا يطاع الا في الغلب قلت مقصوده هلا
ان البناء ... ابدل والزوائد مسقيه يعني اذا ريد القوا الى نعقيبه
يتعلق خدوا اما يمدكم وتركه ليصل ... حرام مقبل محلات واسمعت

غير مسدود فكل من العباد يوجد على قدر الاجتهاد ذكره العلي قاري
في شرح النخبة والمنكر محجوج بحديث النجدين م البليغ من لا يتكلم 126
بكلام مردود قلت وهو من يسمى بفصيلت ماب قال تعالى اذا مروا
باللغو مروا كراما وقبول الكلام مرتبة رفيعة م وصف المرشد 127
ان كلامه دواء ونظره شفاء قلت في كتب السلوك الواعظ بقوله
ضائع والواعظ بفعله نافذ سهامه والواعظ تحريك القلوب وتشو
يقها الى الله تعالى قبضا وبسطا بانذار وتبشير وفي الحديث احب العباد
الى الله من حببه اليهم م ان القائل لا يؤخذ ما لم ينطق على فان 128
كان محمله قرينته على النجاة فهو ناج عن الانكار ومن انكر عليه فقد
اخطأ قلت في الفقه الصلوة افعال والاقوال زينة لها م كان 129
الحبيب الكريم اذا اعطاه شخص شيئا يأخذه بيده كأنه محتاج
اليه قلت في الحديث من لم يشكر الناس لم يشكر الله ومن رد 130
الفتوح احتاجها ولم يجدها م البلاء للولاء كاللهب للذهب
قلت البلاء هنا القضاء المر للنفس فهو اعم من الاصطلاحي وهو
افراط الحب كما في المكاتيب الاحمدية ليتك تحلو والحياة مريرة
ليتك ترضى والانام غضاب وللمولوي ما التصوف غير وجدان الفرح

في الفؤاد عند اتيان الترح بنك هستي نيست بركو صادق ست
عشق نان بي نان نغز و عاشق ست وهذا القول كاف في معرفة الاولياء و
ومن اقوالهم الفاقات اعياد المريدين وفي الكشف الترح اندي نال وشدن
131 مس من طلب الاسرار جبر فليستعد للفتنة تكو معقول بغوما كل بي خاركجا
132 مس المقصود النجاة باي طريق حصل فلا تنظر ولا تلاحظ الا اياها
133 بيت كل علم ليس ينجي في المعاد فاغسلوا يا قوم من لوح الفؤاد من ان من البطن
ما الا علف للبقر تمت الاتراب قلت للنظامي تمبره جه برت زبر
134 135 خاكر بسي نيفكي مسي توا دلال كبس تن بار رضا تي د وس بايد ما هواى خويش
136 بيت يا بهائي من اتخذ قلبا سواه فهو ما معبوده الا هواه مس زينة
الثياب معلومة والمنطوى حسن اخر قلت قال المولوي ر و زمو كاي حسن
137 تن باطل شود حسن جان با يدكر يار دل مشود مص صاحب الحال لا يسمع
كل واحد بالتمام بل قدر ما به يفهم المقصود قلت في المكاتيب الاحمدية
تفسير الخلوة في الخلوة ان لا يتوجه بالروح الى احد ولا يلتفت وهو غير
138 لا غمض العين ولا تعطيل الحواس تكلفا لا تذ مينا في هذه الطريقة
139 حقيقة الذكر طاعة المذكور مس قال بعض الفقراء حين وجد في بيته
عنقود عنب بعد التفحص عن سبب قبضه كيف يحصل الجمعية لفقير

129

ار چه کردی تمام شرکردی و من فهم بهذا فلا شرار قبیل الوصال فلیفهم

هذا القدر من القول الفصل کاف للطالب الوصال گر بگویم شرح این بیحد شود

والله الموفق

تمت الکتاب بعون الملک الوهاب

بدستخط کثیر من الکاتبان [illegible] بتاریخ ست ماه ذی الحجه سنه ۱۲۰۲

مصنف هذا الکتاب مخدوم جامع العلوم واقف اسرار ربانی کاشف رموز حقانی

رهنمای شریعت صاحب طریقت [illegible] محقق حقیقت [illegible]

اساس صدق و سداد بانی معانی تحقیق و انکار مستغرق فی بحار [illegible]

الفضائل [illegible] مرشد صاحب الارشاد [illegible] السلیم مخدوم عبد الرحیم [illegible]

126

بيڪ ٽائيٽل

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو (جنم پهرين سيپٽمبر 1951) رٽائرڊ فيڊرل سيڪريٽري آهي، هو شاهه عبداللطيف ۽ مولانا جلال الدين روميءَ جي فڪري مطالعي جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ جي سَند رکي ٿو، 'سنڌ ۾ تصوف جا اهم فڪري ماخذ' سندس دلچسپيءَ جو خاص موضوع آهي ۽ انهيءَ سلسلي تحت سنڌ جي وڏن صوفين ۽ عالمن جا هيٺيان ڪتاب سندس وڏي محنت ۽ تحقيق سان شايع ٿي چڪا آهن.

(1) بيان العارفين: ملفوظات شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو

(2) منهاج المعرفت: شاهه لطف الله قادري

(3) مڪمل شرح ابيات سنڌي: شيخ عبدالرحيم گرهوڙي

(4) رساله فتحيه: مخدوم فتح محمد

(5) احوال و آثار عبدالقادر بيدل (فارسي)

(6) ينابيع الحياة الابديه- ابوالحسن ڏاهري- ٽي جلد

(7) شاهه جو رسالو- سمجهاڻي ۽ مفهوم سميت- مثنوي روميءَ جي روشنيءَ ۾

ڊاڪٽر صاحب جي انهن گرانقدر خدمتن جي اعتراف ۾ پاڪستان سرڪار کيس 2011ع ۾ 'ستاره امتياز' سان نوازيو آهي- سومري صاحب هينئر سنڌي ادبي بورڊ ۽ اقبال اڪيڊمي پاڪستان جو ميمبر آهي ۽ ان سان گڏ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ ورثي جي تحقيقاتي اداري (Institute of Heritage Research) جو اعزازي چيئرمين پڻ آهي.

موجوده ڪتاب ’سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ‘ جي اهم ڪڙي آهي، جنهن کي ڊاڪٽر صاحب وڏي محنت ۽ عرقريزيءَ سان روشناس ڪرايو آهي.
- ادارو (يعني: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو)

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Sufism/Book16/Book_page1.html

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Sufism/Book16/Book_page32.html

This page was prepared by Muhammad Umar Chand for the convenience of students and research scholars on August 22- September12, 2020.